
پوروچوٽ محبتون
نظام الدين لغاري
SAMBARA

# پُورَ وِچوت مُحبتُون

## (جيون ڪٿا، خط خاڪا ۽ يادگيريون)

نظام الدين لغاري

سمبارا پبليڪيشن حيدرآباد

ڊجيٽل ايڊيشن:

2019ع

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

## حق ۽ واسطا محفوظ

ڪتاب نمبر (83)

ڪتاب جو نالو: پوروچوٽ محبتون

موضوع: آتم ڪٿا

ليکڪ: نظام الدين لغاري

ڇاپو: پهريون ڊسمبر 2017ع

ڪمپوزنگ: نظام الدين لغاري

ٽائيٽل ڊزائين: شاهزيب ميمڻ

ڇپيندڙ: سمبارا پبليڪيشن

سيد آرڪيڊ آفيس نمبر 8 عبرت گهٽي گاڏي کاتو حيدرآباد

03003513966

ملهہ: 300 روپيا

## سنڌسلامت پاران :

سنڌ سلامت ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن سلسلي جو نئون ڪتاب **”پوروچوٽ محبتون“** اوهان اڳيان پيش آهي. هي ڪتاب محترم **نظام الدين لغاري** صاحب جي ساروڻين، جيون ڪٿا ۽ خاڪن ۽ يادگيرين جو مجموعو آهي. نصير ميمڻ لکي ٿو:

”نظام جي جيون ڪٿا ڪي پڙهندي سنڌي سماج ۾ ايندڙ هاڪاري توڙي ناڪاري تبديلين بابت سندس گهري مشاهدي جو به اندازو ٿئي ٿو. نظام جي جيون ڪٿا نئين نسل ڪي يقينن اتساهيندي. سندس جيون ڪٿا درحقيقت جاکوڙ ڪٿا آهي. هڪ اهڙي املهه ڪردار جي جاکوڙ جيڪو زندگيءَ ۾ ڏکين حالتن ڪي قدرت واري تي پاڙي هٿ تي هٿ رکي ويهڻ جي بدران انهن ڪي هلائڻ لاءِ جاکوڙي ٿو. بک، غربت جي رڪاوٽن هئڻ جي باوجود، هي انهن مان رستا ناهي ٿو.“

هي ڪتاب **سمبارا پبليڪيشن حيدرآباد** پاران 2017ع ۾ ڇپايو ويو. ٿورائتا آهيون محترم نظام الدين لغاري صاحب جا جن ڪتاب جي ڪمپوز ڪاپي موڪلي ۽ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ اپلوڊ ڪرڻ جي اجازت ڏني.

**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي )**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**
**books.sindhsalamat.com**

# فهرست



| | | |
|---|---|---|
| 1 | ارپنا | |
| 2 | ليکڪ جي زندگي جو عڪس | |
| 3 | نظام لغاري - اورچ انسان | فضل الله قريشي |
| 4 | جيون ڪٿا - جاکوڙ ڪٿا | نصير ميمڻ |
| 5 | اچوڙي سورن واريون | ڊاڪٽر امان ميمڻ |
| 6 | ڪجھ پنهنجي طرفان | نظام الدين لغاري |
| 7 | پُورَ وِچوٽ مُحبتُون | |
| 8 | ڄمڻ | |
| 9 | حاجي صادق ميمڻ جي لاري | |
| 10 | اگھاماٽي جون ميمڻيا ٽيون ۽ وتايو فقير (تاريخ) | |
| 11 | جاگرافي | |
| 12 | آگھاماٽي جو ميلو | |
| 13 | گلاب لغاري جا لوهاٽا | |
| 14 | ڏاڏا سائين جي ڊائري جو هڪ ورق | |
| 15 | اسان جي معاشي حالت ۽ بابا مرحوم جو هي جهان ڇڏڻ | |
| 16 | نواب حاجي محمد علي | |
| 17 | حاجي جيئند خان لغاري | |
| 18 | سيٺ الهہ بچايو خان لغاري | |
| 19 | ورهاڱي وقت استاد جي عظمت | |
| 20 | ديسي رانديون | |
| 21 | الهہ بخش عرف ڪرو ٽيپو | |
| 22 | غلام مصطفيٰ آريسر. | |
| 23 | لاڙ جي موسم ۽ لباس | |
| 24 | لاڙ جو اوطاقي ڪلچر | |
| 25 | پنجاب جو املھ ماڻڪ سنڌ ۾ | |
| 26 | اسان جي تر جا ڪامريڊ. مولوي محمد يعقوب حاجاڻو ”ساقي“ | |
| 27 | ڪامريڊ محمد عثمان لغاري ۽ ڪامريڊ علي محمد خاصخيلي | |
| 28 | تعليم | |
| 29 | مشڪور قلڪارو | |

| | |
|---|---|
| 30 | رپ هاءِ اسڪول |
| 31 | پير حسام الدين راشدي واري وڏيري جي وصف |
| 32 | مئٽرڪ پاس ڪري چٽان وڪڙ |
| 33 | ذوالفقار علي ڀٽي جي حڪومت جو مختصر جائزو. |
| 34 | پريم چند عرف K-2 مل لوهاڻو |
| 35 | سنڌي ماستر |
| 36 | سيد لياقت علي شاهه |
| 37 | گولاڙچي کان ماڙڪ لغاري بدلي |
| 38 | منياڻي جا ڏينهن |
| 39 | راشد مورائي سان ڏيٺ ويٺ |
| 40 | سنڌ جي وچائجي ويل نوجوان جي ڳولا (تاثر). |
| 41 | جنونيت |
| 42 | منياڻي مان واپسي |
| 43 | محمد ايوب لغاري |
| 44 | قومپرست تنظيم سان وابستگي |
| 45 | محمد اشرف لغاري |
| 46 | نوجوانن سان سڌو سنئون واسطو (مرحوم شيرل لغاري) |
| 47 | شادي |
| 48 | شيرل لغاري جا خط |
| 49 | لاهور ۾ عالمي بئنڪ طرفان ٽريننگ |
| 50 | محمد رمضان آرائين |
| 51 | اسلام آباد ۾ دربدري وارا ڏينهن |
| 52 | منظور احمد ملاڻو |
| 53 | اوجهڙي ڪئمپ وارو واقعو |
| 54 | ٽر جو سفر |
| 55 | ٽر جو ٻيو سفر |
| 56 | شيرل لغاري جا خط ۽ ملڪي معيشت |
| 57 | فنانس ڊويزن ۾ واپسي |
| 58 | سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن ۾ شموليت |
| 59 | فضل الله قُريشي |
| 60 | زندگي جو ڪجهه ڦڪو حال احوال. |
| 61 | علي مراد چاچڙ |

| | |
|---|---|
| 62 | بدين جا ڏينهن ۽ بدين جون راتيون |
| 63 | محمد علي نوناري |
| 64 | محمد ابراهيم نظاماڻي |
| 65 | سيد عبدالحق شاهه |
| 66 | سنگاپور روانگي |
| 67 | نصير ميمڻ |
| 68 | محمد عثمان غني |
| 69 | امر جليل سان متاچريون ملاقاتون. |
| 70 | زندگي جو ورهاڱو |
| 71 | ڊائريڪٽر ۽ ڊائريڪٽر جنرل طور مقرري |
| 72 | سوشل ميڊيا |
| 73 | چانڊيو انور عزيز |
| 74 | فراز علي شيخ |
| 75 | محمد سليمان وساڻ. |
| 76 | آزاد انور مهر |
| 77 | علي قريشي |
| 78 | گل فراز عرف ابَل ميمڻ |
| 79 | دوستن مون کي ڪيئن ڏٺو |
| 80 | ضميمون نمبر 1 |
| 81 | ضميمون نمبر 2 |

# ارپنا

**هيءَ پنهنجي ننڍڙي ڪاوش ارپيان ٿو :**

**پنهنجي بابا سائين مرحوم مظهرعلي لغاريءَ کي، جيڪو مون کي ٻالڪپڻ ۾ اڪيلو ڇڏي هليو ويو.**

**پنهنجي امڙ کي،جنهن مون کي ڪڏهن ٻـ ڏکيو ڏينهن ڏسڻ نـ ڏنو.**

**سائين راشد موراڻيءَ کي،جنهن جي پيار محبت ۽ همت افزائي جي ڪري آئون ترقي جون منزلون چڙهندو ويس.**

# اداري پاران

انساني حيات جي پل پل ۾ ايندڙ مسرتن، پيڙائن، پوڳنائن ۽ نه وسرندڙ واقعن کي قلمبند ڪرڻ جو ڏانءُ هر ڪنهن جو مقدر نه ٿو بڻجي سگهي ۽ سچ جو ڪڙو ڍُڪ پيئڻ جي سگهه سان سرشار وجود يقينن دنياوي ردعمل ۽ وقتي المين سبب تمام گهڻين ڏکاين ۽ تلخين کي برداشت ڪرڻ تي مجبور ٿين ٿا. پوري دنيا اندر ادب جي صنف ۾ سوانح عمري يا آتم ڪٿا جي اهميت ۽ افاديت کان ڪنهن به طرح انڪار نه ٿو ڪري سگهجي.

سنڌيءَ ۾ منظر عام تي آيل اهڙن ڪتابن مان خاص طور مرزا قليچ بيگ، محمد صديق مسافر، ڊاڪٽر دائود پوٽو سائين جي ايم سيد، شيخ اياز، پوپٽي هيراننداڻي سميت اهم ادبي شخصيتن جون ڪٿائون اڄ به پڙهندڙن جي ذهنن ۾ نقش ٿيل ۽ مطالعي هيٺ رهنديون اچن ٿيون. سائين نظام الدين لغاريءَ جي زندگيءَ جو وچور سندس هن ڪتاب "پور وڇوٽ محبتون" مان بخوبي جهلڪندي محسوس ٿيندو. جنهن ۾ ساڻس پيش ايندڙ وارتائن ۽ حسين لمحن جو سنگم جتي پنهنجي ڇهري تي حيرت جون ريکائون اپاري ٿو اتي سندس سبق آميز ڳالهيون پنهنجي وجود کي ڇهندڙيون پائينديون محسوس ٿين ٿيون.

جيتوڻيڪ سائين نظام الدين لغاري جو ادبي پورهيو يا سندس ادبي ۽ سماجي سرگرميون پنبڻين تي پٽارڻ جهڙيون رهيون آهن پر هن پهرين ادبي ڪاوش جي منظر عام تي اچڻ بعد يقينن پڙهندڙن کي سندس مختلف پهلوئن کي سمجهڻ ۽ پروڙڻ جو موقعو پڻ ملندو. جنهن ۾ هن پنهنجي اڪين

جو نور نچوڙي زندگيءَ جي تلخ تجربن کي پنهنجي ذات ۾ ڏانءَ آڏار قلمبند ڪندي نہ ڄاڻ ڪيترو پوڳيو ۽ پيڙيو بہ هوندو. نظام الدين لغاري اسان کي مسڪرائي زندگي گذارڻ جي فن کان روشناس ڪرائي جتي فراخدلي جو مظاهرو ڪيو آهي، اتي مشڪلاتن کي منهن ڏيڻ جو درس بہ ڏئي ٿو. اميد تہ سمبارا پبليڪيشن حيدرآباد پاران شايع ٿيل آتم ڪٿائن جي سلسلي جي هن ڪڙي "پور وچوت محبتون" کي پڻ ساڳي محبت ۽ قدر جي نگاھ سان ڏٺو ويندو.

**ساجد سنڌي**

سمبارا پبليڪيشن حيدرآباد

03003513966

# ليکڪ جي زندگي جو عڪس

| | |
|---|---|
| نالو | نظام الدين لغاري |
| پيءُ جو نالو | مظهر علي لغاري. ( اجان مس ڪينهوڙو ڪيڏڻ جهڙو ٿيس ته بابا لاڏاڻون ڪري ويو) |
| ماءُ جو نالو | صاحبزادي، (سندس دعائن سان آئون ترقي جون منزلون چڙهندو ويس. اها به 2007ع ۾ راهه رباني وٺي وئي. ) |
| شريڪ حيات | غلام فاطمه |
| ڄمڻ جي تاريخ | 15 جون 1955ع (اسڪول رجسٽر مطابق) |
| ڄمڻ جو هنڌ | ڳوٺ گلاب لغاري، تعلقو ماتلي، ضلعو بدين، سنڌ |
| حال رهندڙ | اسلام آباد |
| اولاد | ٽي پٽ ۽ هڪ نياڻي |
| تعليم | ايم اي ايڪانامڪس، ايم بي اي. بي،اي سيڪنڊ ڪلاس، انٽر ڏِڪي پاس، مئٽرڪ مڙئي پاس |
| ڏنڌو ڌاڙي | غربت ۽ مفلسي جي ڪري ٻه سال ڇٽان وڪيا ۽ درزڪو ڪم ڪيو |
| نوڪري (سنڌي ماستر) | 1974ع |
| مٺياڻي ۾ PTC ٽريننگ | 1976_77 ع ۾ ٽريننگ دوران راشد مورائيءَ سان ملاقات ٿي، جيڪا وڏي دوستيءَ جي حد تائين پهتي، جنهن زندگيءَ جا طور طريقا ئي بدلائي ڇڏيا. ڪتاب پڙهڻ جي اهڙي عادت پيئي جو ڏڪي پاس ۽ مڙئي پاس وارا خال سڀ پرجي ويا. آئون تحت الشعور ڪان به مٿي پهچي ويس. |
| ريسرچ آفيسر (گريڊ 17) | 1986ع (فيڊرل پبلڪ سروس ڪميشن جي سفارش تي) |
| اسسٽنٽ ايڪنامڪ ايڊوائزر (گريڊ 18) | 1992 ع ۾ پروموشن ذريعي، |
| ڊائريڪٽر (گريڊ 19) | 2007ع (فيڊرل پبلڪ سروس ڪميشن جي سفارش تي) |
| ڊائريڪٽر جنرل (گريڊ 20) | 2011ع ۾ پروموشن ذريعي |
| نوڪريءَ تان رٽائرمينٽ | جون 2015ع |
| جنون جي حد تائين پيار | بااخلاق، مخلص دوست ۽ سٺا ڪتاب |
| اڳرائي | غلطي تسليم ڪرڻ ۽ معافي وٺڻ |
| ڪمزوري | موسيقي |
| سڄي ڄمار جن جاندار ۽ بيجان شين سان دل نه لڳي | شباب، ڪواب ۽ دولت. Woman, Wine & Wealth |
| نفرت | پراڻن خيالن کان |
| خواهش | سنڌ جا سيئي نوجوان پڙهي وڏن عهدن تي پهچن ۽ سنڌ امڙ جي خدمت ڪن. |

**فضل الله قُريشي**

## نظام لغاري – اورچ انسان

نوڪريءَ سانگي سن 1966ع کان 1974ع تائين مهيني ماس اسلام آباد اچڻ پيو ٿيندو هو. شروع واري عرصي ۾ سنڌي خال خال نظر ايندا هئا. پر ذوالفقار علي ڀٽي صاحب جي حڪومت يعني پيپلز پارٽي جي پهرين دور جي شروع کان ئي سن 73_1972 ع کان آهستي آهستي سنڌي اسلام آباد ۾ نوڪري سانگي اچڻ ۽ رهڻ شروع ٿيا. خاص طور تعليم واري وزارت ۽ ان جي ڪيترن ئي ماتحت ادارن، بشمول نيشنل بڪ فائونڊيشن وغيره ۾ عبدالحفيظ پيرزادي صاحب ۽ ان کان پوءِ سائين غلام مصطفيٰ شاهه جي عرصي ۾ ڪافي سنڌي اسلام آباد آيا.

سنه 75_1974 ع ۾ جڏهن ڀٽي صاحب آفيسرن لاءِ گريڊ 19 ۽ 20 ۾ سڌي ڀرتي يعني Lateral Entry اسڪيم آندي ته سنڌ جي مختلف سرڪاري ۽ غير سرڪاري شعبن مان سنڌي آفيسر اچڻ لڳا ۽ پنهنجي لياقت آهر سٺيون نوڪريون حاصل ڪيائون. انهي عرصي دوران بنگالي آفيسرن جي وڃڻ بعد سرڪاري گهر خالي ٿيا. جيڪي سنڌين کي سولائي سان ملندا هئا. بعد ۾ پيپلز پارٽي سنڌين ۽ بلوچن کي اوليت جي بنياد تي گهرن جي الاٽمينٽ جي ڪا پاليسي ٺاهي نه سگهي. ان ڪري ڪيترائي "تن آسان" سنڌي نوڪريون ڇڏي واپس سنڌ ويندا رهيا، يا وري سنڌ بدلي ڪرائڻ لاءِ جتن ڪندا رهيا. ان وقت پرائيويٽ هاسٽلون، (مردن توڙي عورتن لاءِ) ڪو نه هونديون هيون. ان ڪري اسلام آباد ۾ رهائش هڪ ڏکيو مسئلو هو. ڪجهه دوستن "سَنتَ نگر" (ون يونٽ جي زماني ۾ لاهور ۾ وڏي تعداد ۾ سنڌي جنهن علائقي ۾ رهندا هئا ان جو نالو) لاهور ماڊل طور پنهنجن الاٽ شده گهرن ۾ ٻين سنڌين سان گڏ رهڻ شروع ڪيو. ان ڪري ڪمپني به ٺهندي هئي ۽ خرچ به بچندو هو. مون کي چڱي طرح ياد آهي ته ستر جي شروع واري ڏهاڪي ۾ هتي اسلام آباد ۾ لال مسجد جي پرسان G_6 سيڪٽر ۾ هڪ طرف اسلم سنجراڻي ۽ سليم گل وارا رهندا هئا (ٻئي ماشاالله فيڊرل سيڪريٽري ٿيا) ته ٻئي پاسي مگريا ڀائرن (نجم الدين ۽ شمس الدين) وٽ ته " مولو مسافر خانو" هوندو هو. اُتي هڪ ئي وقت ۾ ڊزنن جي تعداد ۾ دوست پڪا، توڙي ڪچا گڏجي رهندا هئا. ياڻپي واري ماحول ۾ سنڌين اسلام آباد ۾ پير جمائڻ شروع ڪيا. اڳتي هلي MNA هاسٽل ۾ ڪمرا هٿ ڪيا ويا. جتي گُهرج آهر، سينئر توڙي جونيئر هڪ ٻئي کي ڪشادي دل سان جايون ڏيندا هئا. جڏهن

سن 1975ع ۾ منهنجي پهرين پڪي پوسٽنگ اسلام آباد ۾ ٿي ته آئون به بدر شيخ (اصل شڪارپور هاڻي امريڪا) وٽ اچي لٿس. ان وقت MNA هاسٽل ۾ اسان ميس کولي هئي. سجاد علي شاه جوائنٽ سيڪريٽري ( چيف جسٽس آف پاڪستان) منظور شيخ صاحب (ايڊيشنل سيڪريٽري ۽ ميمبر پلاننگ ڪميشن) آصف شيخ جوائنٽ سيڪريٽري، ميمبر هئاسون. ان کان سواءِ MNA هاسٽل ۾ فضل مغل، مشتاق قاضي ۽ علي نواز ڪلهوڙو وغيره گڏ رهندا هئا.

بعد ۾ 1975ع ۾ سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن (سِگا) اسلام آباد جو بنياد پيو ته هڪ مرڪز ملي ويو. انهي دوران الاهي بخش سومرو صاحب هائوسنگ ۽ ورڪس جو وزير ٿيو ته سِگا اسلام آباد برانچ جي ڪوشش سان ڪافي گهر سنڌين کي الاٽ ٿيا. سِگا طرفان انهن گهرن کي اسلام آباد ۾ نوڪريءَ جي تلاش ۾ ايندڙ نوجوانن جي لاءِ Youth Hostel طور استعمال ڪيو ويو. پٽي صاحب جي وڃڻ کان پوءِ خاص ڪري ضياءُ الحق جي دور ۾ Lateral Entry تحت نوڪريون حاصل ڪندڙ آفيسرن خلاف ۽ ان سان گڏ پٽي صاحب جي دور حڪومت دوران، آيل سنڌي آفيسرن خلاف پڻ ڪات ڪهاڙا کنيا ويا، نتيجي طور ڪجھ ڇڏي ويا، ڪجھ ڪڍيا ويا. مطلب ته ڪافي Set Back ٿيو. ان کان سواءِ سنڌين جي نئين پِرتي به نه هئڻ جي برابر تي وڃي پهتي. بس FPSC معرفت آفيسرن جي اسلام آباد ۾ هلڪي ڦُلڪي پرتي ٿيندي رهي. انهن مان ڪجھ اسلام آباد ايندا هئا ته ڪجھ نه ايندا هئا. ڇاڪاڻ جو اسلام آباد مهانگو شهر تصور ڪيو ويندو آهي. ان وقت ٽرانسپورٽ (پبلڪ) ۽ رهائش جا به مسئلا هئا. اهڙي نامناسب ماحول ۾ حالات ۾ سن 1986ع ۾ نظام الدين لغاريFPSC جي معرفت فنانس منسٽري ۾ بطور ريسرچ آفيسر اچي ٿو ته اها خود هڪ همت ۽ ڪاميابي واري ڳالھ هئي. سنڌس سرڪاري ڪارڪردگيءَ بابت لکڻ کان اڳ ۾ اچو ته سندس ڪتاب ۾ جهاتي پايون.

جيئن پاڻ ٽائٽل پيج تي لکيو اٿائون ته هي ڪتاب صرف آتم ڪٿا نه آهي پر خطن، خاڪن ۽ يادگيرين جو مجموعو پڻ آهي. ان ڪري انهيءَ نظر سان ڪتاب کي پرکيو ۽ پڙهيو وڃي. نظام جو تعلق لاڙ سنڌ سان آهي. آئون اترادي آهيان، گهڻي ڀاڱي رهائش ۽ پڙهائيءَ اتر سنڌ ۾ ٿي. ها البت پڙهائيءَ جو ڪجھ حصو حيدر آباد ۽ ڄامشوري ۾ پڻ پورو ٿيو. ان ڪري لاڙ بابت سندس احوال اسان کي ڪافي ڄاڻ فراهم ڪري ٿو. نوڪريءَ واري زماني ۾ ان کان پوءِ به آئون بدين ۽ ٺٽي ويندو رهيو آهيان. جڏهن ته 90 ۽ ان کان پوءِ

وارن ڏهاڪن ۾ نيشنل رورل سپورٽ پروگرام (NRSP) جڏهن نئي، بدين ۾ ڊگهڙي ۾ شروع ڪيو ويو تہ سال ۾ ٻہ ٽي دفعا وچڻ ٿيندو هو ۾ ڪميونٽي سان گڏجاڻيون پڻ ٿينديون هيون. پر سنہ 50 ۾ 60 واري ڏهاڪي ۾ ان علائقي يعني لاڙ جي سماجي ۾ معاشي جوڙ جڪ، ريتون رسمون، اٿڻ ويهڻ، ڪانيءِ ڪچهريون، جنهن نموني نظام بيان ڪيون آهن سي اسان جي تصور کان گهڻيون مختلف آهن. اڳتي هلي پنهنجي نرالي انداز بيان سان، سادگيءَ ۾ سچائيءَ سان، ان وقت جي حالتن، لٽي، لباس،ماڻهن جي روزمرهہ جو وهنوار، عادتون، کاڌو پيتو، هڪ نرالي ڪلچر جي ڏيک ڏئي ٿو. پنهنجي پسماندگي، غربت ۾ بي وسيءَ جو بيان هن ضرورت کان وڌيڪ سچائيءَ سان ڪيو آهي. هونئن ماڻهو زماني خاطر چوندا آهن تہ "ڍڪي پلي". پر آئون سمجهان ٿو نظام جذبات ۾ اچي گهڻو سچ لکي ويو آهي. اها سندس سادگيءَ يا سچائيءَ آهي، سو پڙهندڙ پاڻ پروڙي سگهن ٿا.

والد جي دڪان ۾ نقصان ۾ جلدي وفات نظام کي بي وس ۾ لاچار ڪري ڇڏيو. پر سندس والده محترما جي همت ۾ والد جي دوستن ۾ معاشري جي چڱن مڙسن (جن ۾ چاچا،ماما بہ اچي وڃن ٿا) جي شفقت نظام کي اڪيلو نہ ڇڏيو ۾ سيني جي جدوجهد سان هن تعليم سان جند جان سلهاڙي رکي. بقول سندس لکڻ جي تہ هو تعليم ۾ بہ گهڻو هوشيار نہ هو تہ بہ ماءُ جي همت ۾ پنهنجي اورچ طبعيت ڪري پڙهائي نہ ڇڏيائين ۾ مئٽرڪ ننڍي عمر ۾ ڪري نوڪريءَ لاءِ ڪوشش ۾ رهيو. ننڍي عمر هئڻ سبب انهي ۾ ناڪام ٿو ٿئي. پر گهرو حالات ڪيس " ڇٽن وڪڻڻ" جي حد تائين ڪٽي ٿا وڃن ۾ اهي ڳالهيون لکندي آئون سمجهان ٿو تہ هو فخر محسوس ڪري ٿو. جيڪو حق بجانب آهي. "پورهئي ۾ ڪوئي عيب ڪونهي". اتي اهو بہ لکي ٿو تہ سندس رنگ صاف هوندو هو ۾ شوقين ماڻهو ڪيس ڳپرو (پورل) هئڻ ڪري ڇٽا هرو پرو هن کان اچي وٺندا هئا. يار نظام ڏاهو ٿي اهڙيون سچيون ڪتاب ۾ نہ ڪبيون آهن. پر شايد هو سڀ راز ٻڌائڻ تي بضد آهي. ان سان گڏ گهرو حالات ٻڌائيندي لکي ٿو تہ "پنج سال گهر ۾ ٻوڙ نہ کاڌو. پاڙي مان آيل لسيءَ لپ تي صبح شام گذارو ٿيندو هو. اصل نہ سلڻ جهڙيون ڳالهيون آهن پر" جتي باهہ ٻري اها جاءِ جلي".

منياڻي ۾ ٽيچرس ٽريننگ دوران نيون دوستيون ۾ علم جي تلاش نظام جي اندر " علم جي اجايل وجود جو ڏس ڏين ٿيون". جيڪو علم ۾ ڄاڻ لاءِ پياسو آهي. اُهو علم چاهي ڪتابن مان ملي، دوستن ۾ استادن وٽان ملي يا ڪچهرين وسيلي، ان سلسلي ۾ هُو هر حد تائين وڃڻ لاءِ تيار آهي. نوڪري

جي نون نون تجربن سان بشمول "بالغن لاءِ نابالغ استاد" بہ نہ وسرندڙ آهي. پاڻ اڳتي هلي ڪيترن "رچ چڱن مڙسن" سخي ماڻهن بشمول رئيس پيرو خان ٽيپو، راشد مورائي، ۽ سائين محبوب علي چني جو ذڪر بہ ڪن ٿا ۽ انهن جو ذڪر بار بار آيل آهي. راشد مورائيءَ سان منهنجو عام تعارف هو البتا چني صاحب سان 60 ۽ 70 واري ڏهاڪي ۾ منهنجا بہ قريبي ۽ قرب وارا رستا رهيا. تفصيل لاءِ گنجائش ڪونهي البتا نظام جي ڪتاب لاءِ آئون چني صاحب جو مون ڏي لکيل ڪيترن ئي خطن مان صرف هڪ خط ضميمي_1 طور رکڻ جي گذارش ڪندس. چاڪاڻ جو ڪتاب ۾ چني صاحب جو ڪو بہ خط يا لکٽي شامل نہ آهي. نظام لغاري ڪتاب ۾ گهڻن ئي محبتن جو ذڪر بي ريائي سان ڪيو آهي. اهو بس سندس ئي انداز آهي. آئون انهي تي وڌيڪ روشني نہ وجهندس.

نظام هڪ مايوس ڪُن ماحول مان FPSC جي معرفت ايڪانامسٽ ۽ پلانر گروپ ۾ 17 گريڊ ۾ چونڊ جي اچي ٿو. اها فخر جهڙي ڳالهہ آهي. اهو گروپ سن 1975 ع ۾ وجود ۾ آيو ۽ آئون انهن پهرين آفيسرن جي گروپ ۾ هوس، جيڪي انهيءَ گروپ ۾ شامل ٿياسين. ان ۾ ڪيترائي 17 کان 22 گريڊ تائين جا آفيسر بہ شامل ٿيا هئا ۽ ٿيندا رهن ٿا ۽ اڄ بہ مختلف وزارتن ۾ ڪم ڪري رهيا آهن. گروپ جو ڪنٽرول (مقرري، پروموشن ۽ بدليون) پلاننگ ڊويزن وٽ هوندو آهي. ڪامرس، فنانس، ايگريڪلچر، ايڪنامڪ افيئرس ۾ خصوصي طور هِن ئي گروپ جا آفيسر مقرر ٿيندا آهن. ان کان علاوهہ ڊيپوٽيشن تي CSS گروپن وانگر ٻين وزارتن ۽ ٻاهرين ملڪن جي نوڪرين Foreign Affairs ۾ پڻ هن گروپ جا آفيسر وڃي سگهن ٿا ۽ ويندا رهيا آهن.

جنهن زماني ۾ نظام اسلام آباد ۾ اچي ٿو. آئون بہ اُتي ئي هيس. پر آئون پلاننگ ڊويزن ۾ هوندو هوس ۽ جلدي سنڌ ۾ بطور ايڊيشنل چيف سيڪريٽري ٿي ڪراچي هليو آيس. ان دوران سِگا جي گڏجاڻين ۾ ڪافي سنڌين سان تعارف ٿيندو رهيو ۽ نظام سان بہ واسطو رهيو. مون انهن گڏجاڻين ۾ بہ نظام ڪي ڪجهہ مختلف ڏٺو. ضرورت کان وڌيڪ بيباڪ ۽ سچ منهن تي چوڻ واري جيڪا هن ۾ هڪ خوبي آهي. پر اڄ ڪلهہ "مصلحت ڪلچر" ۾ اهڙا ماڻهو گهٽ پسند ڪيا ويندا آهن. ساڻس سرڪاري واسطو بطور سيڪريٽري ۽ اسسٽنٽ چيف نوي واري ڏهاڪي جي پڇاڙڪن سالن ۾ ڪجهہ وقت رهيو. چاڪاڻ جو آئون بعد ۾ سيڪريٽري شماريات ڊويزن ۽ چيئرمين نيشنل ٽيرف ڪميشن ٿي ويس.

نظام جلدي پلاننگ گروپ ڇڏي سنڌي پرتي رستي 19 گريڊ ۾ وڃي اسٽيبلشمينٽ ڊويزن جوائن ڪيائين ۽ 20 گريڊ ۾ بطور ڊائريڪٽر جنرل، پاڪستان پبلڪ ايڊمنسٽريشن ريسرچ سينٽر ٿيو ۽ اتان ئي رٽائر ڪيائين. پنهنجي انهي اهم سرڪاري اداري جو سربراهہ رهيو. بدين کان آيل هڪ سنڌي نوجوان لاءِ ايتري عرصي ۾ اهڙي اهم پوسٽ تي رسڻ ڪا گهٽ ڳالهہ نہ هئي. نظام جيئن لکيو آهي تہ بطور ڊائريڪٽر جنرل DG (PPARC) هن اِن ڏس ۾ تمام گهڻو ڪم ڪيو ۽ نواڻ آندائين ۽ سندس انن سالن واري زماني ۾ 30 کان 35 جي وچ ۾ ريسرچ رپوٽون آيون ۽ ان کان اڳ وارن سالن ۾ ايتريون رپوٽون ڪو نہ آيون هيون. هُن صفحي 262 تي جيڪي نوڪرين جو تفصيل ڏنو آهي . ان سلسلي ۾ مون بہ هڪ وضاحتي نوٽ لکيو آهي جيڪو هن ڪتاب ۾ ضميمي_2 طور شامل آهي. هاڻي نظام جي رٽائرمينٽ کانپوءِ ٻن سالن ۾ ڪا بہ رپورٽ ڪو نہ آئي آهي ۽ آئون اهو پڙ چوڻ تي مجبور آهيان تہ اسان وٽ ادارا مفلوج ٿي ويا آهن ۽ ڪي فرد ئي آهن، جيڪي سسٽم کي انڌو منڊو هلائي رهيا آهن. اهائي حالت حڪومت جي آهي. بشمول يونيورسٽين جي، جتي ريسرچ ۽ علم کان سواءِ ٻيو سڀ ڪجهہ هلي ٿو.

نظام پنهنجن اسلام آباد جي دوستن ۾ ابراهيم نظاماڻي(مرحوم) عبدالحق شاهہ (مرحوم) ۽ علي مراد چاچڙ جو ذڪر ۽ فڪر ڪيو آهي. آئون انهن ٽنهي دوستن کي نظام کان اڳ سڃاڻندو هوس، چاڪاڻ جو هو بنيادي طور پلاننگ ڊويزن جا آفيسر هئا، منهنجواڻ سنڌي طرح پلاننگ ڊويزن سان سن 1974ع کان واسطو رهندو آيو آهي. ان کان پوءِ 1984ع کان آئون انهيءَ ڊويزن ۾ ڊگهو عرصو رهيس. اهي ٽئي دوست تمام ايماندار ۽ محنتي آفيسر هئا. هڪ ڳالهہ البت عام هُئن، تہ Flexibility گهٽ هئن ۽ پنهنجي دنيا ۾ مگن رهندا هئا. مون کين اسلام آباد ڪلب ۾ يا Jagging ٽريڪ تي گهٽ ڏٺو. قدرت کين وقت ڏئي ها (محمد ابراهيم نظاماڻي ۽ سيد عبدالحق شاهہ) تہ هو بہ آساني سان 20 گريڊ ۾ رٽائرٿين ها. رٽائرمينٽ بعد اسان جو نظام لغاري سان سِگا جي ڪري ۽ هونئن بہ وڌيڪ رستو گهرو ٿيو. چاڪاڻ جو مون کي ريسرچ ۽ آتم ڪهاڻي لکڻ لاءِ ڪافي شين جي ضرورت پوندي هئي. ان ڪري نظام جي نوڪريءَ جا پويان 15 سال اسان وڌيڪ قريب رهياسين.

هُن پنهنجي ڪتاب ۾ سِگا بابت پنهنجن خيالن جو اظهار ڪيو آهي. هو سِگا سان 30 سالن کان وٺي لاڳاپيل رهيو آهي تہ آئون 40 سالن کان . سِگا بابت منهنجا تجربا بہ ڪي سٺا نہ رهيا آهن. پر اوهان ادارن کان گهرڻ يا وٺڻ بدران ڏسو تہ اوهان ادارن کي ڇا ٿا ڏيو. فردن جي اٽڪٽ بہ ٿيندي آهي.

سِگا بہ فردن جو مجموعو آهي. وقت بوقت ان ۾ هر قسم جي عُهدن ۽ ذاتين جا عهديدار ايندا رهندا آهن. پر سڀ ووٽ ۽ هڪ آئين تحت ٿيندو آهي. پر جهموريت جي خرابي اها آهي تہ اُتي ماڻهو ڳڻيا ويندا آهن. ان جو عقل، علم يا لياقت سان ڪو بہ واسطو نہ آهي. ان ڪري انهن اليڪشنن ۾ بہ سڌي يا اڻ سڌي طرح Manipulation يا گروه بندي ٿيندي آهي ۽ هيڪر گروپ جڙيو وڃن تہ پوءِ هڪ قسم جي هڪ هٽي بہ ٿي سگهي ٿي. پر اهو سڀ ڪجهہ جڙندو ٽٽندو رهندو آهي ڪنهن گروپ يا گروه اليڪشن کٽڻ بعد ڪا پابندي نہ هنئي آهي تہ هارايل گروپ جا ماڻهو سِگا ۾ شريڪ نہ ٿين يا ڪم نہ ڪن. هي سڀ ڪجهہ رضاڪارانہ بنياد تي ٿيندو آهي، نہ پگهار نہ گاڏي، نہ پٽرول يا پئسا پوءِ جهيڙو ڇا تي؟ ها اسين سنڌي ضرورت کان وڌيڪ بطور فرد باغيرت ۽ انا پرست آهيون ۽ برداشت جي بہ اسان ۾ ڪمي آهي. ڪمزور سهپ جا رويا بہ ذرا زياده ٿي آهن. اجتماعي حيثيت کان وڌيڪ انفراديت پسند آهيون. جڏهن اوهان ڪنهن سبب جي ڪري اليڪشن هارايو ٿا تہ اداري کان دوري اختيار ڪريو ٿا . اها ڳالهہ صحيح نہ آهي، هارائڻ باوجود اوهان اداري ۾ ويهو، ميٽينگن ۾ حصو وٺو، فلاحي ڪم جا پروپوزل آڻيو ۽ ڪوئي سبب نہ آهي تہ اوهان کي موٽ نہ ملندي، اسلام آباد ۾ گهٽ ۾ گهٽ مختلف مرحلن ۾ 1000 کن سِگا جا ميمبر ٿيا هوندا. پر انهن مان گهٽي پاڳي ڇڏي ويا. باقي صحيح نموني سڌي يا اڻ سڌي طرح رفائي ڪم سان دلچسپي گهٽ ٿا رکن. بطور رضاڪار، ڪا جوابداري سنڀالڻ لاءِ تيار ڪو نہ آهن. سِگا اسلام آباد برانچ کي مرڪز توڙي اسلام آباد ۾ جڏهن ڪا وڌيڪ شناخت ملي ۽ اثاثا ٿيا تہ ماڻهن جون اميدون غير ضروري طور وڌي ويون. هڪ ڳالهہ واضع ڪندو هلان تہ اسان وٽ 90 سيڪڙو اثاثا سرڪاري امداد تي ٺهيا آهن، جنهن ۾ گهڻو تڻو سنڌ سرڪار جو حصو هو جنهن جو ذڪر (ڄام صادق علي بابت) نظام بہ ڪيو آهي. ان بعد اسلام آباد ۾ (سالڪ) Shah Abdul Latif Community Center لاءِ محمد ميان سومرو بطور گورنر سنڌ، وزير اعظم ۽ چيئرمين سينٽ جي حيثيت ۾ ڪافي ساري مالي امداد ڏني. ان امداد مان بہ ڪميونيٽي هال عام گڏجاڻين جي لاءِ، لائبريري ۽ 50 سنڌي نوجوانن جي رهڻ لاءِ هاسٽل ٺهرائي وئي آهي. ان کان اڳ 450 سيٽن وارو مڪمل سينگاريل، سنواريل، ايئرڪنڊيشنڊ آڊيٽوريم ۽ هڪ وڏو لان، عام گڏجاڻين لاءِ موجود آهي. اصل مسئلو شين کي سنڀالڻ ۽ انهن کي هلائڻ جو آهي. انهيءَ لاءِ هڪ فل ٽائيم منتظم پگهار دار ضروري آهي ۽ گڏو گڏ مالي وسيلا بہ پيدا ڪرڻا هوندا آهن. انهن سڀني شين کي هلائڻ لاءِ ايماندار ۽ اورچ ٽيم گهرجي.

پنهنجي آمدنيءَ کان علاوه اسان کي سِگا مرڪز طرفان ڪجهه امداد ساليانـي بنياد تي ملندي رهندي آهي. جتي ٿورو گهڻو پئسو هجي ٿو ۽ ان جي پرگهور يا ڪا اڪائونٽبلٽي نـ ٿي ٿئي تـ پوءِ هر قسم جون ڳالهيون ٻڌڻيون پون ٿيون. اسان جي سنڌي ماحول ۾ ٽنگون ڇڪڻ ۽ اڻ سهپ روز جو معمول بڻيل آهي، اتي پاند بچائي هلڻ ”پل صراط“ تي هلڻ برابر آهي.

برابر سِگا اسلام آباد ۾ بـ ٻين جمهوري ادارن وانگر گروپ آهن. آئون ڪوشش ڪري اڻ ڏريو رهڻ پسند ڪندو آهيان، چاڪاڻ جو عمر ۽ سينارٽي (سِگا ۾) جي اها تقاضا آهي. نظام جي ناراضگي اداري سان آهي، موجوده چونڊيل سٿ سان آهي يا ڪنهن فرد سان، اهو سڀ هن واضع نـ ڪيو آهي. بهر حال هو ڪالهه بـ سِگا جو ساٿي هو ۽ اڄ بـ اسان سان گڏ آهي. اهڙيون ناراضگيون ڪوڙ سنگت کي آهن. جن مان ڪن وچي ٻيا ادارا ۽ سنگتون ٺاهيون. پر سِگا جا دروازا ۾ سالڪ سيني لاءِ کليل آهن. جڏهن بـ ڪنهن ان جي مالڪي جتائي ۽ هڪ هٽي قائم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي تـ سنگت سان گڏ منهن ڏيو. باقي آئون هر و پرو ڪنهن جي محنت يا ڪم ڪرڻ ۾ هن مانداڻ جو انتظام هلائڻ وارن تي اعتراض ڪرڻ کان پرهيز ڪندس.

تقريبن گذريل 30 سالن کان اسلام آباد ۾ فيڊرل گورنمينٽ هر رٽائر ملازم کي عمر ۽ گريڊ آهر وڏا ننڍا پلاٽ هائوسنگ فائونڊيشن طرفان سرڪاري رعايتي اگهـن تي ملندا رهيا آهن. جيئن تـ نظام دير سان رٽائر ڪيو ان ڪري ڪيس تازو پلاٽ مليو آهي. پر هن شخص پنهنجي ميڙي چونڊي جنهن ۾ مختلف فنڊس ۽ پينشن جا پئسا اچي وڃن ٿا. انهن مان اسلام آباد ۾ نئين ايئرپورٽ وٽ هڪ ”سنڌي سوسائٽي، روشن پاڪستان“ ۾ پلاٽ وٺي مڙسان مڙسي ڪري پنهنجو گهر ٺهرائي ورتو آهي. حالانڪ اسلام آباد ۾ اسان جي 20 کان 22 گريڊ وارن چڱن ڀلن سنڌي آفيسرن سرڪار کان سستا پلاٽ وٺي ڪروڙن جي منافعي تي بازار ۾ وڪڻي ڇڏيا ۽ وڃي سنڌ جا وڻ وسايائون. آئون سمجهان ٿو 90 سيڪڙو سنڌي پلاٽ يا گهر وڪڻي هليا ويا آهن. ان مد ۾ بـ نظام گوءِ کٽي ويو ۽ اسلام آباد ۾ مستقل مسڪن بنائي ويٺو آهي. مون بـ سندس پاڙي ۾ ساڳئي سوسائٽي ۾ پنهنجي پٽ فهيم لاءِ پلاٽ ورتو آهي. ان لحاظ کان اسان هاڻي پاڙيسري بـ آهيون.

جيئن تـ ڪتاب ۾ ڪافي ريفرنس ڏنا ويا آهن، انهيءَ مان ظاهر ٿئي ٿو تـ نظام عام سنڌي آفيسرن کان وڌيڪ پڙهيل ڳڙهيل شخص آهي. رسالن ۽ اخبارن ۾ لکندو رهي ٿو ۽ ادبي گڏجاڻين ۾ جوش و خروش سان حصو وٺندو رهي ٿو. هن جا مختلف ڪتابن تي لکيل يا پڙهيل تبصرا ڪجهه ڏُکيرا، ٽُڙ ۽

ٽِڪا هوندا آهن. ان ڪري آئون ڪيس منهنجن ڪتابن تي ڪجهہ لکڻ يا ڳالهائڻ کان پهرين ڪيس پارت ڪندو آهيان تہ” ٻيلي هٿ هلڪو رکجانءِ”

نظام لغاري ءَ سندس ڪتاب تي گهڻو ڪجهہ لکي سگهجي ٿو پر هاڻي آئون پڙهندڙن تي ڇڏيندس تہ پاڻ پڙهي انصاف ڪن. هاڻي دعا آهي تہ نظام ٻيو بہ ڪجهہ لکي، ماشاالله ڪيس لکڻ جو ڏانءُ بہ آهي علم بہ آهي ءَ شوق بہ آهي ” يار زنده صحبت باقي“ سدائين گڏ.

اسلام آباد
آگسٽ 2017

**نصير ميمڻ**

## جيون ڪٿا –جاڪوڙ ڪٿا

نظام الدين لغاريءَ سان ڏيٺ ويٺ تہ اسلام آباد ۾ اچڻ کان پوءِ ٿي. سندس پنهنجائپ ۽ پاٻوهہ مان لڳندو آهي تہ جڻ جنمن کان ساڻس ڪو تعلق هجي. سندس اندر ۾ وڻڻل هڪ وطن پرست ۽ سنڌ دوست شخصيت جو پتو پهريون پيرو تڏهن پيو جڏهن هن ڪوٽا سسٽم ۾ ٿيندڙ ويڪڙين ۽ سنڌ سان ٿيندڙ نوڪرين ۾ نا انصافين بابت، انگن اکرن تي ٻڌل هڪ پريزنٽيشن ڏني. سرڪار جو حصو هوندي اڪثر ماڻهو سماج جي گڏيل مسئلن کان گهٽي پاڳي پاسيرا رهندا آهن. پر نظام لغاريءَ انهن ٿورن ماڻهن مان آهي. هن سرڪاري عهدي تي هوندي بہ پنهنجن ماڻهن سان ڳانڍاپو برقرار ڪيو ۽ سندن جائز حقن لاءِ ڪردار ادا ڪيو.

مون کي نهايت خوشي آهي تہ نظام پنهنجي جيون ڪٿا کي ڪتابي شڪل ڏني . هن کان اڳ ويجهي ماضيءَ ۾ سائين فضل الله قريشي ۽ شمس الدين جعفراڻيءَ جون جيون ڪٿائون ڪتابي شڪل ۾ نظر آيون. در حقيقت ڏهاڪن تائين سرڪاري نوڪرين ۾ رهڻ وارن فردن وٽ انيڪ تجربا ۽ ڄاڻ سان ٺمٽار خيال هوندا آهن. جيڪي رٽائرمينٽ کان پوءِ اهي اڪثر نجي ڪچهرين ۾ ونڊيندا رهندا آهن. پر انهن کي عام ماڻهن جي ڄاڻ لاءِ لکت ۾ نہ آڻيندا آهن هر سال سون جي ڳاڻيٽي ۾ نوڪرين تان رٽائرمينٽ وٺندڙ ڪامورا نهايت ڪارائتي ڄاڻ ۽ تجربا ويندي وقت پاڻ سان کڻي ويندا آهن. سندن يادون ۽ تجربا جيڪڏهن لکت ۾ گڏ ڪجن تہ اهي هڪ دور جي سياسي، معاشي، سماجي، اخلاقي ۽ مذهبي تاريخ جو باب ٿي پون سائين فضل الله قريشي جي جيون ڪٿا پڙهندي ڪٿي بہ اهو نہ ٿو لڳي تہ هن رڳو پنهنجي ذات کي بيان ڪيو آهي پر سندس لِکتن ۾ سنڌ ۽ پاڪستان جي هڪ دور جي تاريخ نظر ايندي آهي. ساڳي طرح نظام الدين لغاري جي جيون ڪٿا بہ سندس دور جي سنڌ ۽ اسلام آباد جي سياسي ۽ سماجي تاريخ جو دستاويز آهي.

نظام پنهنجي جيون ڪٿا ۾ منهنجي شخصيت بابت جيڪي مانائتا لفظ لکيا آهن، ان لاءِ آئون سندس ٿورائتو آهيان. منهنجي نينڍڙي ڪم ڪي جنهن محبت سان ماڻ ڏنو اٿائين اهو سندس پيار ڀري شخصيت جو اولڙو آهي. نظام ان دور ۾ سرڪاري نوڪريءَ ۾ پير رکيو هو جڏهن سنڌ ۾ سياسي اٿل پٿل پنهنجي عروج تي هئي. سنڌ جي ڀرانڙيءَ جي هڪ غريب گهراڻي ۾ هوش سنڀاليندڙ نظام اُن پيڙهيل طبقي جو حصو آهي، جنهن زندگيءَ جي جبر ۽ ڏمر جي هر روپ کي ڏٺو ۽ سٺو آهي. سالن تائين گهر ۾ ديڳڙي ٻه نه چڙهي ۽ لسيءَ لپ تي ويلا ڪاٽي وڏو ٿيندڙ نظام پنهنجي ڪيريئر ۾ اهم عهدي تائين پهتو. سچ ته سنڌ ۾ صلاحيت ۽ اهليت جي ڪا ٻه کوٽ نه آهي، رڳو سنڌواسين کي موقعا ملڻ جي ضرورت آهي. گذريل ٽن چئن ڏهاڪن دوران هيٺين طبقي سان تعلق رکندڙ هزارين ماڻهن پنهنجي جاکوڙ سان اهم عهدا ماڻيا آهن. پر انهن جي گهڻائي رڳو پنهنجون زندگيون آسوديون بنائڻ ۾ رڌل رهي ۽ پنهنجي سماج جو ڀرجهلو ٿيڻ پسند نه ڪيائون. ڪجهه ٿورا ماڻهو اهڙا ضرور هئا جن پنهنجي طبقي جي فائدي لاءِ ڪجهه ڪردار ادا ڪيو. نظام انهن ٿورن ماڻهن مان هڪ آهي، جن وڏن عهدن تي پهچي پنهنجي مسڪين ماڻهن کي نه وساريو ۽ وس آهر سندن واهر ڪندا رهيا.

نظام جي جيون ڪٿا کي پڙهندي سنڌي سماج ۾ ايندڙ هاڪاري توڙي ناڪاري تبديلين بابت سندس گهري مشاهدي جو ٻه اندازو ٿئي ٿو. جيون ڪٿا جي وچ ۾ هن هڪ تاثراتي نوٽ“ سنڌ جي وچايل نوجوان جي ڳولا” تي لکيو آهي. ان تاثراتي نوٽ جي نه رڳو ٻولي اندر جي احساسن کي جنجهوڙيندڙ آهي پر ان ۾ بيان ڪيل خيال سنڌي نوجوانن مان سندس آسن ۽ اميدن جي عڪاسي ٻه ڪن ٿا. سنڌي نوجوان مان سندس اميد دنيا جي گولي کي مذهبي انتهاپسندي کان آجو ڪرائڻ آهي. نظام ته پنهنجي سانپر ۾ مذهبي، فرقيواريت، تعصبي ويڇن کان متاهين سنڌ ڏٺي هئي. اڄ سنڌ جي شهرن ۽ ڳوٺن ۾ انتهاپسندي جو زهر پکڙجي رهيو آهي ۽ سنڌ جي رواداري ۽ انسانيت ۾ ايمان رکڻ وارو ڪلچر انتهاپسندي جي اڳرائيءَ جو شڪار آهي. سنڌ جا شاندار سماجي قدر زوال جو شڪار آهن. اڄ جو سنڌي نوجوان سنڌ جي شاندار سياسي،تاريخي،قلمي ۽ سياسي جدوجهد واري ورثي ۽ انسان دوستي وارن روين کان اڻ ڄاڻ هجڻ سبب سنڌي سماج ۾ اثرائتي ۽ هاڪاري ڪردار ادا ڪرڻ کان وانجهو ٿي رهيو آهي. هڪ پاسي ٽيڪنالاجي ۽ ٻين مهارتن ۾ نوجوان پٺتي پئجي رهيا آهن ته ٻئي طرف اهي پنهنجي تاريخي ورثي ۽

قدرن کان ڪٽجي رهيا آهن. نوجوان جي الميي بابت ليکڪ جو تاثراتي ليک ذهن ۾ ڪنئين سوال اُڀاري ٿو.

نظام پنهنجي يادن جو ذڪر ڪندي سياسي توڙي سماجي ادارن جي ڪردار تي ٻه ڪارائتي تيڪاٽپڙي ڪئي آهي. اسلام آباد جي يادن جو ذڪر ڪندي سنڌ جي هڪ اهم سماجي اداري سنڌ گريجوئيٽس ائسو سيئيشن (سِگا) اسلام آباد شاخ جا پڻ پنهنجا تجربا بيان ڪيا آهن. سنڌ جا اهي ادبي، سماجي ۽ سياسي ادارا، جن ڪيترن ئي ڏهاڪن تائين سنڌ ۾ سماجي تبديلي ۽ سياسي جاڳرتا ۾ شاندار ڪردار ادا ڪيو آهي، هاڻي زوال جو شڪار ٿي رهيا آهن. انهن ادارن جي ان صورتحال جي ذميواري قيادتن تي لاڳو ٿئي ٿي. جن ادارن جي قيادت جي نيت تي ڪو شڪ نه هجي، تڏهن به حڪمت عملي جي حوالي سان سندن ڪمزوريءَ کان انڪار ممڪن ناهي. ڏهاڪن تائين انهن ادارن تي آڱرين تي ڳڻڻ جيترا مخصوص عهديدار وارا بدلائيندا رهيا ۽ نئين قيادت کي اُسرڻ نه ڏنائون. وقت گذرڻ سان انهن فردن ۾ اهو احساس گهرو ٿيڻ لڳو ته سندن برابري، اهليت ۽ ايمانداري ڪنهن ٻئي ۾ ناهي. تنهنڪري انهن عهدن تي ڪين ئي رهڻ گهرجي. ائين لڳاتار ساڳين فردن جي قيادت موجود رهڻ سبب نه رڳو ادارا جمود جو شڪار ٿيا، پر ڪن حالتن ۾ انهن ادارن ۾ فيصلي سازي ۽ وسيلن جو استعمال به چند ذهنن ۽ هٿن تائين محدود ٿي ويو. ان قيادت جي هميشه کان خواهش ۽ ڪوشش رهندي آئي آهي ته اهم عهدا وٽن ئي رهن ۽ باقي عهدن تي ڪي تعبيدار قسم جا وفادار فرد مقرر ٿين. ائين انهن ادارن ۾ ايمانداري ۽ نيڪ نيتي سان رضاڪاراڻي طور ڪم ڪندڙ ڪيترائي مخلص فرد پاسيرا ٿي ويا. جڏهن ته ادارا هيٺ کان مٿي تائين جمود جو شڪار ٿي ويا ۽ ماضيءَ ۾ جيڪو شاندار ڪردار ادا ڪندا هئا. اهو هوريان هوريان ماضيءَ جو قصو بڻجي ويو. سنڌ ۾ هن وقت ڪجهه جمهوري ادارن جو خال شدت سان محسوس ٿي رهيو آهي. هاڻي جڏهن سنڌي سماج جاڳرتا جي مرحلي کان اڳتي وڌي عملي تبديلي جي مرحلي ۾ داخل ٿي چڪو آهي. جڏهن ته ٻئي طرف ان جي سرواڻي ڪندڙ ادارا پنهنجي صلاحيت وڃائي چڪا آهن بهرحال وقت جو ڦيٽو ڦري رهيو آهي ۽ سنڌي سماج ڪنهن وهندڙ وهڪري جيان پنهنجا رستا ناهي رهيو آهي، جتي ڪيترائي لقاءَ مايوس ڪندڙ آهن. اُتي ڪيترين ئي اميدون ڪر موڙي رهيون آهن. نئين دور ۾ سنڌ ۾ نت نوان مسئلا اُڀري رهيا آهن ۽ مسئلن

جا نوان حل بہ نڪري رهيا آهن. نظام لغاري جيان ڪيترائي سنجيده دوست پنهنجي حصي جو نياءُ ڪري رهيا آهن ۽ سنڌ وِڪ وِڪ اڳتي وڌي رهي آهي.

نظام جي جيون ڪٿا نئين نسل کي يقينن اتساهيندي . سندس جيون ڪٿا درحقيقت جاکوڙ ڪٿا آهي. هڪ اهڙي املهہ ڪردار جي جاکوڙ جيڪو زندگيءَ ۾ ڏکين حالتن کي قدرت واري تي ڀاڙي هٿ تي هٿ رکي ويهڻ جي بدران انهن کي هلائڻ لاءِ جاکوڙي ٿو. بک، غربت جي رڪاوٽن هئڻ جي باوجود. هي انهن مان رستا ناهي ٿو خدا شال کيس ڊگهي عمر ۽ سٺي صحت نصيب ڪري.

اسلام آباد

**آگسٽ، 2017**

## ڊاڪٽر امان ميمڻ

# اڇوڙي سورن واريون

انسان جي اها جبلت آهي تہ هو مختلف طريقن سان پنهنجي ذات جو اظهار ڪرڻ چاهيندو آهي. انسان تہ ڇا! هر جاندار ڪنهن نہ ڪنهن حيلي بهاني سان پنهنجي ذات جو اظهار ڪندو رهي ٿو. جڏهن ڪو راڳيءَ ڪَن تي هَٿ رکي "الوميان" آلاپي ٿو تہ اصل ۾ هو پنهنجي اندر جي احساسن کي الاپڻ جي صورت ڏي ٿو. اهڙيءَ طرح جڏهن ڪو شاعر، شعر قلم بند ڪري ٿو تہ اهو بہ پنهنجي اندر جي وارداتن جي صورتگري ڪري ٿو. جڏهن مور پنهنجا پرڙا کولي وايو منڊل ۾ ڪٿي اندلنون اُڀاري وجهي ٿو تہ اصل ۾ هو پنهنجي اندر جي حُسناڪين جو اظهار ڪرڻ چاهي ٿو. ساڳيءَ طرح جڏهن ڪا ڪوئل ڪوڪي ٿي تہ اها بہ ڪي من اندر جون ماجرائون بيان ڪرڻ چاهي ٿي. اسان جي صوفي بزرگن چواڻي، نہ رڳو جاندار، بلڪ الله سائين پاڻ پڻ پنهنجي ذات جو اظهار ڪرڻ پي چاهيو، تڏهن تہ هن پنهنجي صورت جهڙو انسان تخليق ڪيو. سچل سائين مطابق:

سڄڻ پاڻ سڃاڻڻ آيوڙي، سڄڻ پاڻ سڃاڻڻ آيو. . . . .

يا

صورت سڀ سلطان، پاڻ ڏسڻ آيو پنهنجو تماشو

صوفي سڀُورن مطابق، جيئن انسان، الله سائين جي تخليق آهي ۽ اها تخليق الله جي ذات ۽ صفات جو مظهر اهي. اهي ئي فنون لطيف جون مڙئي شاخون ۽ وصفون انسان جي ذات جو اظهار آهن. انهن وصفن مان آتم ڪٿا يا ساروڻيون هڪ آهڙي تخليق آهي جيڪا نہ رڳو ادب ۽ فن جو هڪ شاهڪار ٿي سگهي ٿي بلڪ اها پنهنجي دور جي هڪ سچي، عوام دوست تاريخ پڻ بڻجي سگهي ٿي. نظام لغاري جي هي ڪٿا پڙهڻ کان پوءِ ائين لڳي ٿو تہ اها هڪ دور جي عوامي تاريخ آهي، جيڪا وِٺندڙ ادبي پيرائين ۾ لکي وئي آهي. نظام جي لکيل هي تاريخ اها تاريخ ڪونہ آهي جنهن جو محور ۽ مرڪز محلاتون ۽ انهن ۾ رهندڙ راڻا ۽ راڻيون آهن. پر هيءَ تاريخ پيٽ بکين ۽ انگ اگهاڙن جي تاريخ آهي. هن تاريخ جو ڪردار ڪو بادشاهہ سلامت ڪونهي بلڪ هڪ آهڙو يتيم ۽ مسڪين ٻار آهي جنهن جي گهر ۾ مهينن تائين ڪُنو ڪونہ پي چڙهيو. نظام جي آتم ڪٿا پڙهندي مون کي گهڙيءَ گهڙيءَ اهو خيال پي آيو تہ خبر ناهي اهڙا ڪيترا ٻيا بہ نظام هوندا جن جي گهرن ۾ بک جي ڏائڻ جو واسو هوندو. پر نظام جيان پنهنجي ڪٿا دنيا کي ٻڌائي نہ سگهيا

هوندا. گلاب لغاري ڳوٺ کان سواءِ سنڌ جي انيڪ ڳوٺن ۾ اهڙا ڪيئي ٻار هوندا جن جا پيئر سماجي ۽ معاشي نا انصافين جي نتيجي ۾ ڦوهه جواني ۾ پنهنجي اولاد کي يتيم ۽ ونين کي بي واهو ڪري اجل جو شڪار ٿي ويا هوندا. جيڪڏهن نظام جيان، سنڌ جو مڙئي مسڪين ماڻهو پنهنجي ڏکن سکن جون کهاڻيون لکي ڇپرائي ته جيڪر سنڌ جي هڪ نرالي تاريخ مرتب ٿي سگهي ٿي. نظام جي هي تحرير پنهنجي معمولي ڪوتاهين جي باوجود سنڌي ادب ۾ هڪ سٺي ڪتاب جو اضافو آهي. هي ڪتاب پڙهي ان ڳالهه جو پڪو پختو احساس ٿيو ته نظام جو قلم سگهارو، سندس ٻولي جاندار ۽ سندس مشاهدا نهايت ئي گهرا آهن. نظام جو طرز بيان وڻندڙ آهي. جيڪڏهن ائين چئجي ته نظام ۾ قصي گو Storyteller واريون خوبيون موجود آهن ته ان ۾ ڪو وڌاءُ نه ٿيندو.

"پُورَ وچوٽ مُحبتون" جي ڪتا پڙهي معلوم ٿيو ته نظام ۽ مون ۾ ڪجهه هڪ جهڙايون آهن. مثال طور نظام جي ڄمڻ جو سال 1955 ع آهي . جيڪو منهنجو به ڄمڻ جو سال آهي. نظام 1986 ع ۾ سنڌ ڇڏي اسلام آباد ۾ 17 گريڊ جو ملازم ٿي آيو. آئون به ساڳئي سال لاڙڪاڻو ڇڏي اسلام آباد ۾ سترهين گريڊ ۾ ليڪچرر ٿي آيس.

سِگا اسلام آباد سان مان به شروع کان لاڳا پيل رهيس ۽ نظام به بنا وقفي جي ميٽنگس ۾ ايندو رهندو هو. انهيءَ همعصريءَ ۽ ويجهڙائي جي باوجود خبر ناهي ڇو اسان هڪ ٻئي جي گهڻو ويجهو نه اچي سگهياسين. انهيءَ حوالي سان جڏهن نظام مون کي پنهنجون سارو ٽيون نظر ثاني ۽ به اکر لکڻ لاءِ ڏنيون ته مون کي اچرج ٿيو. نظام ۽ منهنجو ڇڏيون ملاقاتون سِگا جي فورم تي ٿينديون رهنديون هيون. هن سِگا اسلام آباد بابت جيڪي پنهنجا رايا لکيا آهن انهن سان گهڻي قدر سهمت آهيان. (امان ميمڻ صاحب هن وقت سِگا اسلام آباد برانچ جو صدر آهي) مان به نظام وانگي، شڪايتن جي باوجود سِگا اسلام آباد سان لاڳاپيل رهيس. صرف انهيءَ ڪري ته اهو اسلام آباد جي سنڌين جو واحد ٿاڪ آهي. جنهن جي لاءِ دوست اڪثر اهو چوندا آهن ته "شاهه عبداللطيف ڪميونٽي سينٽر" جي صورت ۾ اسلام آباد ۾ هڪ "ننڍڙي سنڌ" آباد ٿيل آهي. سنڌ سان جيڪو روح جو رشتو ۽ دل جو ڳانڍاپو آهي اهو وري وري ڇڪي اچي سينٽر تي بيهاريندو آهي ۽ يارن دوستن جو ڪچايون ڦڪايون ۽ زور آوريون نظر انداز ڪرڻ لاءِ مجبور ڪندو آهي. انهيءَ سلسلي ۾ مان وڌيڪ ڪجهه نه چوندس جو سائين قريشي صاحب جن ان معاملي تي ڪافي تفصيل سان لکيو آهي.

آخر ۾ آئون نظام جي اسلام آباد بابت يادگيرين مان هڪ يادگيريءَ بابت هلڪي ڦلڪي انداز سان پنهنجي راءِ ڏيندي ڳالهه ڪي پڄاڻي تي پهچائيندس. نظام لکيو آهي ته اسلام آباد ۾ نوڪري ملڻ کان پوءِ کيس ميڊيڪل سرٽيفڪيٽ حاصل ڪرڻ لاءِ چيو ويو. جنهن لاءِ هو پولي ڪلينڪ پهتو. جيئن ته نظام ڊائبيٽڪ هو انهيءَ ڪري سندس اندر ۾ اهو خوف ويٺل هو ته اها بيماري ظاهر ٿيڻ جي نتيجي ۾ متان سندس نوڪري نه هلي وڃي. سو سندس چواڻيءَ، هن ڇا ڪيو جو پنهنجي پيشاب جو سيمپل ڪنهن ٻئي همراهه سان مٽي پنهنجي نالي تي جمع ڪرائي ڇڏيو. جنهن جو بعد ۾ کيس تمام گهڻو پڇتاءُ به ٿيو. نظام جي اها ڪهاڻي پڙهي مان انهيءَ ويچار ۾ رهيس ته شڪر آ جو نظام ڪنهن مرد ماڻهوءَ جي پيشاب جو سيمپل پنهنجي نالي تي جمع ڪرايو. جيڪڏهن هو ڀُل ۾ ڪنهن ڀِڳهاري عورت جو سيمپل پنهنجي نالي تي جمع ڪرائي ها ته نه رڳو نظام جي نوڪري داوُ تي لڳي وڃي ها پر کيس تمام وڏي شڪ ۽ بدناميءَ کي به منهن ڏيڻو پوي ها.

اسلام آباد
22 سيپٽمبر 2017

## نظام الدين لغاري

# ڪجھ پنهنجي طرفان

منهنجي گهڻي عرصي کان وٺي اها خواهش رهي آهي ته آئون پنهنجي زندگيءَ جو احوال لکان، جتي مون گلن جي سجايل سيج جا مزا ماڻيا آهن، اتي آئون ڪنڊن جي پيچرن تي پڻ هليو آهيان. مون چاهيو ٿي ته پنهنجي ڪا درد ڪٿا لکان، جنهن ۾ صرف منهنجو بيان هجي، پر قلم انهي ڳالھ کان انڪار ڪندي چيو ته " تون دوستن کان سواءِ ته اڌورو آهين. " منهنجي اها خواهِش هئي ته اهي" نه سلڻ جهڙيون ڳالهيون" به آئون پنهنجن پيارن دوستن سان سليان، جن جي لاءِ سائين فضل الله قريشي صاحب چيو آهي ته "اهڙيون ڳالهيون ڪتاب ۾ نه لکبيون آهن " نظام لغاري توهان کي هينئر جيڪو نظر اچي ٿو. ان ۾ ڪن مخلص دوستن جو پرجهلو ۽ ساٿ رهيو آهي. سچي زندگي ماڻهو سِکڻ جي عمل ۾ رهي ٿو. انهي سِکڻ ۽ سمجهڻ جي عمل ۾ ڪيترن ئي اهڙن ڪردارن جو احساساتي توڙي جذباتي ڪردار رهيو آهي، جن منهنجي زندگيءَ تي چٽا ۽ واضع اثر ڇڏيا آهن، جن منهنجي دنيا ئي بدلائي ڇڏي. مون کي اهو لکندي ڪنهن به قسم جو شرم محسوس نه ٿو ٿئي ته "جيڪڏهن منهنجي زندگي ۾ راشد مورائيءَ جو عمل دخل نه هجي ها ته آئون پرائمري ماستر مان ڊائريڪٽر جنرل ڪو نه ٿي سگهان ها. هن پنهنجن پاڪ ۽ پوتر احسانن ۽ جذبن سان منهنجي تربيت ڪئي ۽ آئون ترقيءَ جون منزلون چڙهندو ويس.

خبر نه آهي ته آئون ڪهڙي مٽيءَ جو ٺهيل آهيان جو پئسو عورت ۽ شربت منهنجي زندگيءَ جو ڪڏهن به حصو نه رهيا آهن. گاڏيءَ ۾ موسيقي جيستائين نه وڄندي، تيستائين گاڏي نه هلندي، جيڪڏهن ڪا منهنجي ڪمزوري رهي آهي ته اهي منهنجا دوست ئي آهن. آئون سمجهان ٿو ته آئون واحد شخص آهيان، جيڪو خراب دوست ثابت ٿيو آهيان. باقي منهنجا سڀ دوست بهترين آهن، جيڪي منهنجن ڪوتاهين کي برداشت ڪندا اچن ٿا. دوست جي دوستيءَ کي ماپڻ لاءِ مون اڄ ڏينهن تائين ڪو به ماڻ ۽ ماپو نه رکيو آهي. مذهب، فرقيواريت، ذات، پات، ننڍ وڏائيءَ کان منهنجي دوستيءَ جو دائرو هاڻي گهڻو مٿي چڙهي چڪو آهي.

مون چاهيو ٿي ته پنهنجي زندگيءَ جو سڄو سارو سربستو احوال لکان. پر بدقسمتيءَ سان آئون انهي ۾ ڪامياب نه ٿيو آهيان. ڇو جو سرڪاري نوڪريءَ دوران آئون سرڪاري ڪمن ڪارين ۾ غرق رهيس. وقت ئي نه مليو

جو ڪا ڊائري وغيره لکي سگهجي. هي سڀ ڪجهه مون پنهنجين يادگيرين جي بنياد تي لکيو آهي، جيڪا ڳالهه جتي ياد ايندي وئي آهي، اها اتي لکندو ويو آهيان. انهي ڪري ڪتاب ۾ ورجاءُ به توهان کي ڪافي نظر ايندو. جڏهن ته تسلسل جي به کوٽ نظر ايندي. انهي سبب جي ڪري ڪيترائي واقعا، حالات ۽ حادثا لکڻ کان رهجي ويا آهن. جن جو لکڻ ضروري هو. اهڙي طرح ڪجهه منهنجن پيارن دوستن جو ذڪر به هن ڪتاب ۾ نه اچي سگهيو آهي. ٻئي طرف جن دوستن جا مون ماضي ۾ لڙڪ اگهيا، حال ۾ انهن وٽ منهنجي پسيل نيڻن کي خشڪ ڪرڻ لاءِ ٽشو پيپر ڪو نه آهن، جو ڪٽي منهنجن ناسور ٿيل ڦٽن تي پها رکي سگهن. ڏک ضرور اٿم پر وقت جي دز يادن تي، خواهشن ۽ چاهتن تي، ماضي جي غلطين تي ايتريقدر جو نه وسرندڙ رشتن تي مٽي جا مڻ وجهي ڇڏيندي آهي. مون لکڻ مهل اهو فيصلو ڪيو هو ته ڪنهن به رت جي رشتي تي نه لکندس. باقي روحاني رشتن تي مون کي جيڪي ڪجهه وٽيو آهي، اهو مون لکيو آهي. اها پڪ اٿم ته مون جيڪي ڪجهه انهن بابت لکيو آهي منهنجا دوست انهي کي دل جي گهراين سان قبول ڪندا. خاميون ۽ خوبيون هر ڪنهن ۾ ٿينديون آهن، تنهنڪري خامين واري اک مون پوري ڇڏي هئي ته مون کي منهنجي دوستن ۾ خوبيون ئي خوبيون نظر آيون . جيڪي مون هتي لکيون آهن. ٿي سگهي ٿو ته قلم ڪٿي ڪڙوءَ ڪسارو ٿي ويو هجي، اهڙي حالت ۾ آئون انهن دوستن کان معافي ٿو ونڻ چاهيان.

ويجهي ماضيءَ ۾ به آتم ڪهاڻين جا ڪتاب منهنجي نظر مان گذريا آهن. انهن ۾ شامل آهن، شيخ اياز جي آتم ڪهاڻي"ڪٿي ته پيجبو ٽڪ مسافر" ۽ لڇمڻ ڪومل جي آتم ڪٿا "وهي ڪاتي جا پنا" اهي دنيا جي عظيم آتم ڪهاڻين ۾ ڳڻي سگجهن ٿيون. ان کان سواءِ ٻيون جيڪي لوڪل ريتن رسمن ۽ حالات ۽ واقعن تي مشتمل آتم ڪهاڻيون جيڪي مون تازو پڙهيون آهن، انهن ۾ اميربخش شر جي "رائي پير رت ڪيا"، ڊاڪٽر نور محمد لاڙڪ جي " منهنجي زندگي جو سفر"۽ غلام حسين رنگريز جي " خانه بدوش روح جي ڪٿا" وغيره شامل آهن. جيڪڏهن انهن پوين ٽن آتم ڪٿائن کي هن منهنجي ڪتاب سان ڀيٽ ڏجي ته تقريبن ڳالهه مڙئي ساڳي ٿيندي . يعني منهنجو هي ڪتاب پڻ لوڪل ڪانٽيسٽ ۾ لکيو ويو آهي.

جيئن مٿي محترم نصير ميمڻ صاحب لکيو آهي ته "هي جيون ڪٿا نئين نسل کي يقينن اتساهيندي، " اهو سچ آهي ته منهنجي هن جيون ڪٿا جو سڄو محور نوجوان رهيو آهي. منهنجو اهو ايمان آهي ته جيستائين اسان جو نوجوان نسل پڙهي لکي روشن خيال نه ٿيندو، تيستائين سنڌ جو منجهيل

مسئلن جي ڏيڻ مان نڪرڻ ممڪن ڪونهي. انهي نتيجي ۾ مون هن ڪتاب ۾ سنڌ جي نوجوان تي هڪ الڳ تاثر لکيو آهي جنهن ۾ هُن جي همت، جرئيت ۽ اخلاق کي نکاريو ويو آهي. اڳتي هلي جڏهن هوالوپ تي ٿو وڃي تہ قوم ڪهڙي پيڙا مان گذري هُن کي عقيدت ۽ احترام جي تصوراتي دنيا ۾ ڪيئن ٿي ڳولي. انهي تي نصير صاحب پڻ ٻہ اکر لکيا آهن جيڪي پڙهڻ جي لائق آهن. منهنجي خيال ۾ 70 واري ڏهاڪي ۾ نسلن جو ڳانڍاپو ڪافي مضبوط هو انهي ڳانڍاپي ۾ اسٽيڊي سينٽرن، مختلف قسمن جي ليڪچرن ۽ ذاتي ڪچهرين وڏو اهم ڪردار ادا ڪيو. انهي ڳانڍاپي جو هڪ ٻيو وڏو سبب انهن ماڻهن جو اعليٰ اخلاق پڻ هو جنهن انهي سڄي سلسلي کي پاڻ ۾ ڳنڍي رکيو. جيڪو هاڻي 21 صدي ۾ خال خال نظر ٿو اچي. اسان کي انهي نسلن جي گيپ کي سوڙهو ڪرڻو پوندو. جڏهن اسان انهي گيپ کي گهٽائڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا سون، تہ پوءِ مون کي روز روشن وانگر اهو يقين آهي تہ اسان جو ايندڙ نسل هن سڄي ڪوڙجي مانداڻ کي ڊاهي پٽ ڪري ڇڏيندو. جنهن اسان کي مذهب ۽ حبل الوطني جي چار ۾ اهڙو تہ ڦاسايو آهي جنهن کان ٻاهر نڪرڻ جو رستو يقينن اسان جو ايندڙ نسل ئي ڳولي لهندو.

هن ڪتاب ۾ منهنجن پڙهندڙن کي منهنجي اندر ۾ ليئو پائڻ جو موقعو ملندو ئي ملندو پر ان سان گڏ دوستن تي لکيل خاڪا، دوستن جا خط، مختلف دوستن جا مون تي لکيل رايا پڻ پڙهڻ لاءِ ملندا . منهنجي خيال ۾ آتم ڪٿا ۾ ائين ٿيندو ڪو نہ آهي. پر هي نئون تجربو آهي اميد تہ پڙهندڙن کي پسند ايندو. آئون خوشقسمت آهيان جو منهنجي هميشہ جي وچڙي وڃڻ کان اڳ ئي منهنجن دوستن مون تي پنهنجا رايا لکيا آهن. خاص ڪري هن ڪتاب ۾ چئن جڳهين جو ذڪر ڪجهہ زياده آيل آهي. پهريون منهنجو ڳوٺ "گلاب لغاري"، جتي جي مٽي منهنجي لاءِ خاڪ شفا ۽ جتي جو پاڻي منهنجي لاءِ آب زم زم کان گهٽ ڪونهي. ٻيو "منياڻي" جتي منهنجو ڪٽي ٿورو وقت گذريو. پر ان جون يادون مون کي هر وقت ستائيندڙيون رهنديون آهن. ٽيون بدين جتي جون راتيون ۽ ڏينهن آئون ڪڏهن بہ وساري نہ سگهندس. چوٿين اها جڳهہ جتي آئون هينئر رهان ٿو. بقول امر جليل جي تہ جوان ٽيس سنڌ ۾ ۽ پوڙهو ٿيس "اسلام آباد" ۾. تنهنڪري انهن چئني شهرن جو درجو منهنجي لاءِ مقدس مقام جو درجو رکي ٿو.

آئون سائين فضل الله قريشي صاحب جو ٿورائتو آهيان، جنهن هن ڪتاب کي پڙهيو ۽ تفصيل سان ان تي لکيو. نہ رڳو ايترو پر ڪتاب جي ڇپائي جي لاءِ مالي مدد ڪرڻ جي بہ آڇ ڪئي. سائين قريشي صاحب جي

احسانن جو بار ايترو تہ وڏي ويو آهي جو منهنجو ڪنڌ سدائين سائين جي اڳيان جهڪيو رهندو. آئون احسانمند آهيان محترم نصير ميمڻ صاحب جو جنهن پنهنجي گوناگون مصروفياتن مان ڪجهہ گهڙيون ڪڍي مون تي ۽ منهنجي ڪتاب تي لکيو. لک احسان منهنجي پياري دوست محمد اشرف لغاري جا، جنهن هن ڪتاب جا پهريان پروف پڙهيا. ان سان گڏ آئون ٿورائتو آهيان ڊاڪٽر امان ميمڻ صاحب جو جنهن هن ڪتاب جا پروف پڙهيا ۽ ان تي ٻہ اکر لکيا. اهڙي طرح آئون محترم مشڪور ڦلڪاري جو بہ ٿورائتو آهيان، جنهن جي ٽيليفونڪ صلاحن ۽ تاريخي انفارميشن ۽ سندس همت افزائي مون سان گڏ نہ هجي ها تہ شايد هي ڪتاب پنهنجي پڄاڻي تي نہ پهچي سگهي ها. آئون فيس بڪ جي منهنجن نوجوان دوستن آزاد انور مهر، علي قريشي، فراز علي شيخ ۽ ابَل ميمڻ جن جو بہ دل جي گهراين سان ٿورائتو آهيان، جن تي مون بغير ڪنهن ڏيٽ ويٽ ۽ ميل ملاقات جي جيڪي ڪجهہ لکيو آهي، انهن انهي کي ڇيڇڻ جي اجازت ڏني. ان کان سواءِ اسان جي لاهور سِگا جي ساٿي انور عزيز چانڊيو جو بہ احسانمند آهيان، جنهن مون تي بغير ڪنهن ڄاڻ سڃاڻ پنهنجا ٻہ اکر لکيا. آخر ۾ ظفر الحسن الماس جو ٿورائتو آهيان جنهن هر ڏکئي وقت ۾ منهنجو ساٿ ڏنو. آئون پڻ ٿورائتو آهيان محمد سليمان وساڻ جو جنهن ڪمپيوٽر تي سنڌي لکڻ لاءِ همٿايو.

جيئن تہ هي ڪتاب مون پاڻ ڪمپوز ڪيو آهي، تنهنڪري انهي ۾ انيڪ غلطيون ٿي سگهن ٿيون. پر وري بہ آئون ٿورائتو آهيان شوڪت چاچڙ صاحب جو جنهن پنهنجي تجربي آهر پروفيشنل طور هن ڪتاب جا پروف بہ پڙهيا. آخر ۾ آئون معافي ٿو وٺان انهن دوستن کان، جن جو ڪنهن نہ ڪنهن حوالي سان (خاص ڪري فيس بڪ جي اسڪرين تي يا جن دوستن مون سان گڏ وهہ جون وٿيون پيتيون ) مون سان پيار پريو تعلق رهيو آهي، پر آئون انهن جو هتي ذڪر ڪري نہ سگهيو آهيان. اميد تہ اڻ ڪُٿ سِڪ، مِٺين محبتن ۽ لکين چاهتن سان لکيل هي سوکڙي پڙهندڙن وٽ پنهنجو مان ماڻيندي.

اسلام آباد، آگسٽ 2017

## پُوَرَ وڇوڙ مُحبتون

هن دنيا جي گولي تي پالڻهار ڪيترائي سانگ ڇِتي ڇڏيا آهن. ان سڄي ماندڻ ۾ ڪيئي اربين جيو گهرڙا آهن. جيڪي پنهنجي پنهنجي ڏسيل واٽ ۽ رٿيل گس تي روان دوان آهن. اهو سلسلو ازل کان ابد تائين هلندو رهندو. پالڻهار پنهنجي رحم ۽ ڪرم سان انسان توڙي حيوان، جاندار توڙي بيجان سيني تي هڪ جهڙو شفقت جو هٿ رکي ٿو. جتي انسان نوان نوان علم سکيو اُتي انسان جي اندر ۾ وهمن ۽ وسوسن به جنم ورتو. سائنس جي حيران ڪندڙ ترقي انهن سيني وهمن ۽ وسوسن کي نيست ۽ نابود ڪري ڇڪي آهي. هن ڌرتيءَ جو انسان، دنيا جي گولي تي ڪنهن ابهم ٻار وانگر قلفي چوسڻ ۾ پورو آهي، کيس خبر ئي نه آهي ته سائنس جون روز بروز وڌندڙ نيون نيون ايجادون سندس لاءِ جتي آسائشون کڻي آيون آهن، اُتي اهي سائنسي ترقيءَ جا نوان راز ڪڏهن ڪڏهن نقصان ڪار ۽ هاڃيڪار به ثابت ٿي سگهن ٿا. اهي سائنس جي تيز ترين ترقي جا ٻئي رخ انسان کي لکين آسائشون به ڏئي سگهن ٿا ته ٻئي طرف انسان پنهنجن ئي هٿن سان ڪيئن نه هن سهڻي سنسار کي تباهي ڏانهن ڌڪي رهيو آهي. انساني زندگيءَ جو اصل مقصد هيءُ هئڻ گهرجي ته سنسار کي سنواري سينگاري ان ۾ حُسن ۽ دلچسپي پيدا ڪري، نه ڪي ان کي نيست ۽ نابود ڪرڻ جا سانباها ۽ جتن ڪري. هي سڌريل ملڪن جا انومان ته ائٽمي توانائي جي تپش، جيڪڏهن ڪنهن جنوني جي هٿ چڙهي ويئي ته هن دنيا جي گولي کي ڪير به تباهيءَ ۽ بربادي‌ءَ کان بچائي نه ٿو سگهي، ڪنهن حد تائين وسهڻ جوڳا آهن.

هر انسان جي دل ۾ ننڍي توڙي وڏي خواهش ضرور هوندي آهي. تڪليف، محنت، اورچائي، مقصد سان اُنس، جذبو ۽ اڻٿڪ جدوجهد خواهشن کي پوري ڪرڻ جا لازم ۽ ملزوم جُزا آهن. علم اقتصاديات جو هڪ سادو اصول آهي ته گهٽ ۽ محدود وسيلن جي پنيان لامحدود خواهشون هونديون آهن. ان کي پوري ڪرڻ جي لاءِ انسان وڏي ۾ وڏو جوکو کڻڻ لاءِ تيار ٿي وڃي ٿو. هاڻي جيترو وڏو جوکم، اوترو وڏو فائدو. سائنس جي اڻٽر ترقي پڻ انهن اصولن تي دارو مدار رکي ٿي.

سوين سال اڳ جڏهن عرب سڳورا سهڻيءَ سنڌ تي منجنيقون کڻي سنڌين کي مسلمان ڪرڻ يا عرب سامراج جي بينڪ بنائڻ آيا هئا ته کين اها خبر ئي نه هئي ته سنڌ ۾ اڳي اسلام جو پيغام پهچي چڪو هو. ڪنهن غير سنڌي صحافي پنهنجي اردو مضمون ۾ عراق تي صدر بش جي چڙهائي

وقت لکيو هو. تہ”صدر بش ۽ محمد بن قاسم ۾ ڪھڙو فرق آهي، بش عراق ۾ اينٽم بم ڳولڻ جي بهاني داخل ٿيو هو تہ محمد بن قاسم، سنڌ ۾ عربي قيدين جو جواز ناهي سنڌ تي ڪاھ ڪئي هئي. ”. هُئا تہ ٻئي ڌاڙيلَ ڪنڌ پر اسان جو اڌپڙهيل ۽ جاهل مُلو جيڪو پنهنجو پاڻ کي عالم دين ٿو سڏائي، جنهن نہ اقصاديات جو علم پڙهيو آهي، نہ وري علم عمرانيات کان واقف آهي. هڪ کي غاصب ۽ لٽيرو، جڏهن ٻئي کي مجاهد، ۽ غازي جهڙن لقبن سان ياد ڪري ٿو، انهن جي شان ۾ گلو ڦاڙي وڏا وڏا قصيدا ٿو پڙهي. ائين اسان جي ايندڙ نسل کي اصل حقيقت کان پري ٿو رکڻ چاهي. انهي کي اجان وڏيڪ هٿي تڏهن ملي ٿي، جڏهن سرڪاري نصاب پڻ انهيءَ جي حمايت ٿو ڪري، اهڙن جاهل مُلن متعلق مولانا غلام محمد گرامي صاحب پنهنجي مقالي ”مشرقي شاعريءَ جا فني قدر ۽ رجحانات“ ۾ لکي ٿو تہ ” افسوس اهو آهي تہ انهن اصل پيغام الاهي سان گڏ پنهنجا تاويلات بہ ملائي ڇڏيا آهن ۽ ان پوري ذخيري کي ”دين“ قرار ڏنو آهي. ” اجان اڳتي مولانا گرامي صاحب ساڳئي مضمون ۾ لکي ٿو تہ“ خود مسلم تاريخ ۾ امام غزالي، بوعلي سينا، ابن رُشد اندلسي، رازي، ابن تيميہ، امام رباني،شاھ ولي الله، جمال الدين افغاني، سر سيد احمد خان ۽ علامہ اقبال، جڏهن تہ مولانا عبيدالله سنڌي ۽ علامہ عنايت الله مشرقي وغيره بہ تہ ”مُلا“ جي ردعمل جي پيداوار هئا. انهن دين جي عالمن، شاعرن، بزرگن ”مُلا“ جي ظاهري تڪلف، چِڪ، مڪ، عبادت ۽ رياضت ۽ مسلڪ، عقائد ۽ دلائل جون ڏڄون اڏائي ڇڏيون آهن. انهن ”مُلان“ جي تاويلات اڳيان ڪڏهن بہ ڪنڌ نہ جهڪايو آهي. ” مولانا غلام محمد گرامي متعلق ڊاڪٽر غلام علي الانا لکي ٿو“ جناب مولانا غلام محمد گرامي ءَ جي علم، فلسفي، فڪر ۽ گهري مطالعي کان ڪو بہ سجاڻ سنڌي انڪار ڪري نہ سگهندو. هو نہ فقط اعليٰ پائي جو عالم فاضل، فلسفي، مفڪر ۽ مقرر هو، پر هو هڪ وڏو نقاد ۽ وسيع مطالعي جو مالڪ هو. گرامي صاحب جي ذات، شخصيت، ڪردار ۽ علم و فضل جي باري ۾ نہ فقط سندس همعصر واقف هئا پر موجوده دور جو پڙهيل اديب بہ مڪمل ڄاڻ رکي ٿو. ننڍي کنڊ هند و پاڪ ۾ هڪ ئي نالي سان بہ ديني ۽ سياسي پارٽيون ڪم ڪري رهيون اهن. جمعيتُ علماءُ هند ۽ جمعيتُ علماءُ پاڪستان ( جيڪا ڪافي ڌڙي بندي جو شڪار آهي. ) ٻئي ديني ۽ سياسي پارٽيون آهن پر ٻنهي جو سيڪيولرازم متعلق الڳ نظريو آهي. جمعيتُ علماءُ هند چوي تي تہ اسان هندوستان مان سيڪيولرازم ختم ٿيڻ نہ ڏينداسين. جڏهن تہ ساڳي پارٽي پاڪستان ۾ چوي تہ اسان سيڪيولرازم اچڻ نہ ڏينداسين. يعني هندوستان

جي مسلمانن جي نظريي تحت سيڪيولرازم انهن ڪي مناسب ٿو لڳي. جڏهن ته اسان جا عالم سڳورا انهي لفظ کي مرڳوئي ڪفر جي کاتي ۾ وجهيو ڇڏين .

هيءَ دنيا، جيڪا هر قسم جي تباهيءَ ڏانهن تيزيءَ سان وڌي رهي آهي، جنهن ۾ سائنس جي ضرورت کان وڌيڪ ترقي، مذهبي جنونيت، اقتصادي اڻ برابري، موسمي تبديليون، جيڪو ڏاڍو سو گابو وارو اصول، انسان مان انسانيت جي فراريت، نه قتل ٿيندڙ کي خبر ته ڇو ٿو قتل ڪيو وڃان، نه قاتل کي خبر ته ڇو ٿو قتل ڪريان. اهو انهي ڪري ٿي رهيو آهي جو هر طرف جنونيت ۽ جذباتيت، عقل ۽ فهم تي حاوي ٿي ويا آهن. صبر، تحمل، درگذر ۽ ٻئي کي برداشت ڪرڻ جهڙيون شيون ناپيد ٿي ويون آهن. نتيجتن دنيا هڪ اهڙي جنگ و جدل ۾ ڦاسي پئي آهي، جنهن جو ان ڏيڻ مان نڪرڻ في الحال نظر ڪو نه ٿو اچي.

جيڪڏهن ويجهي ماضي تي نظر ڊوڙائبي ته پاڪستان ۾ انهن قوتن وڏي سگهه حاصل ڪري ورتي آهي. جيئن 90 جي ڏهاڪي ۾ افغانستان ۾ ٿيو هو. هن ملڪ ۾ پڻ انهي خدشي کي رد ڪري نه ٿو سگهجي. ڇو جو گذريل 20 سالن ۾ ڪنهن غيبي هٿ جي مدد سان هنن پوري ملڪ ۾ مدرسن جو ڄار وڇائي ڇڏيو آهي. جڏهن ته سنڌ ۽ بلوچستان تي هنن خاص توجهه ڏني آهي. جيئن ئي اسلام آباد تي هنن هلان ڪئي ته سڄو ملڪ هنن جي هٿ ۾ هليو ويندو. ايندڙ وقت ۾ انهي جا چٽا امڪان نظر اچي رهيا آهن.

# ڄمڻ

آئون لاڙ جي هڪڙي ننڍڙي ڳوٺ،گلاب لغاري تعلقي ماتلي، اڳوڻو ضلعو حيدرآباد، هاڻي ضلعي بدين ۾ 10 ڊسمبر 1955 ع تي صبح جو 8 وڳين پيدا ٿيس. پر سرڪاري اسڪول جي جنرل رجسٽر ۾ منهنجي ڄمڻ جي تاريخ 15 جون 1955 ع لکيل آهي، جيڪا سرڪاري رڪارڊ ۾ لکيل آهي اهائي تاريخ پيدائش سمجهي ويندي آهي. ان وقت پاڪستان جو وجود اڃان پهرين ڏهاڪي ۾ هو ۽ جمهوريت اڃان بانبڙا پئي پاتا. ملڪ ۾ پهرين مارشل لا جا ڪارا ڪڪر ڇانئجي چڪا هئا. ون يونٽ بہ لاڳو ٿي چڪو هو سونهاري سنڌ پنهنجو الڳ وجود وڃائي چڪي هئي. قراداد مقاصد جي آڌار تي حڪمرانن کي جيئن ٿي وڻيو تيئن ٿي ڪيائون. مطلب تہ منهنجي هن دنيا ۾ اچڻ وقت ملڪ جا حالات ڪي سنا ڪونہ هئا، جيڪي اڄ تائين هيٺا ۽ ڪمزور پئي رهيا آهن. ورهاڱي جا وڻ اڃا تازا ئي هئا. اسان جا وڏا ملڪ جي آزادي وارو سال بجاءِ واڻين جي ڀاڄ وارو سال ڪري ياد ڪندا هئا. ايوب خان جي مارشل لا اڃا تازو ئي 1958ع لڳي هئي. تنهنڪري ماڻهن ۾ وڏو خوف ۽ هراس پکڙيل هو. ڇو جو سنڌ جي ماڻهن مارشل لا نہ ڪڏهن ٻڌي ۽ نہ وري ڪڏهن ڏٺي هئي. 1943ع ۾ جيڪا انگريزن سنڌ تي مارشل لا مڙهي هئي، اها صرف سانگهڙ جي ڪجهہ علائقن تائين محدود هئي. مقصد صرف هو حرن کي قابو ڪرڻ، جنهن متعلق محمد عثمان ڏيپلائي پنهنجي “سانگهڙ” ناول ۾ لکيو آهي تہ ”انهي ڀاهران آيل قورو ۽ لٽيرن جي طرفان مارشل لا جي نتيجي ۾ 1938 ع کان وٺي 1947 ع تائين سندن ڇاڙتن طرفان اٽڪل 20 هزار سنڌي مارجي ويا ۽ هڪ لک جي لڳ ڀڳ قيد ڪيا ويا. هي سڀ ماڻهو پير صاحب پاڳاري جي اڳواڻي ۾ انگريزن سان انهيءَ ڪري اٽڪيا هئا تہ جيئن هو برصغير خالي ڪن، انهيءَ جي نتيجي ۾ انگريزن انهن تي ظلم ڪيا . جڏهن گورن، پير صاحب کي ڦاسي ڏني، حرن کي شهيد يا قيد ڪيو ويو، تڏهن بہ انهن خلاف نفرت گهٽ نہ ٿي. انهي سياسي هلچل جي ڪري انگريزن هندستان کي ٽوڙي بہ ملڪ، هندستان ۽ پاڪستان ٺاهيا. انهي جي نتيجي ۾ وڏو انساني بحران پيدا ٿيو. انڊيا جا اردو ڳالهائيندڙ مسلمان پاڪستان، خاص ڪري سنڌ ۾ اچي آباد ٿيا. جڏهن تہ پنجاب ۾ پنجابين جي گهڻائي آباد ٿي. ان وقت پوري هندستان ۾ 83 جي لڳ ڀڳ انڊين مسلمان ICS (يعني انڊين سول سروس ) ڪري وڏن عهدن تي فائز هئا. انهن ورهاڱي وقت پاڪستان اچڻ جي خواهش ظاهر ڪئي هئي. جنهن ۾ صرف هڪ اعليٰ عملدار، جنهن جو تعلق سنڌ جي شهر پاٽ ضلعي دادو سان هو. مسٽر آفتاب غلام نبي

قاضي،جيڪو پنهنجو پاڻ کي AGN QAZI لکندو ۽ سڏائيندو هو. قاضي صاحب سرد جنگ (Cold War) دوران فيڊريشن ۾ اعليٰ عهدي تي سنڌ جي نمائندگي ڪندو رهيو. مون ڪيس فيڊرل سيڪريٽري، گورنر اسٽيٽ بئنڪ ۽ ڊپٽي چيئرمين پلاننگ ڪميشن ڏٺو . موجوده دور ۾ اهي ٽئي پوزيشنون پاڪستان ۾ وڏا عهدا سمجهيا وڃن ٿا. انهن ۾ صرف قاضي صاحب ئي سنڌي ڳالهائيندڙ هو. باقي سڀ اردو ڳالهائيندڙ مسلمان هئا. انهن مان ڪي ڪراچيءَ جا ڪمشنر ٿيا تہ ڪن وڇي اندروني سنڌ جي ضلعن جون واڳون سنڀاليون. جنهن تي امر جليل بي اختيار چئي ڏنو هو تہ " انگريز سوٽ لاهي شيرواني پائي آيو آهي. " انهن مان نواب شاهہ جو ڊپٽي ڪمشنر مسعود کدرپوش ( کاڏي جا ڪپڙا پهرڻ وارو) هو. هن صاحب لاهور مان پناهگيرن جون ٻہ ريل گاڏيون پرائي نوابشاهہ ۾ اچي آباد ڪرايون. سنڌي سکن جو قتل عام ڪرايو. هندن جا ڀريا پُڪنا گهر ۽ مختلف شين جي دڪانن جا تالا ٽوڙي پناهگيرن جي حوالي ڪيا ويا. ان وقت جي سنڌ جي وڏي وزير محمد ايوب کهڙي جڏهن اهڙي شڪايت وزير اعظم لياقت علي خان سان ڪئي تہ ان جواب ڏنو تہ "سنڌ فتح ٿيل علائقو آهي. " مطلب تہ هي آيل فاتح ٿيا ۽ اسان اصل باشندا مفتوح. ڳالهہ وري وڃي آريا ۽ اڻ آريا تي پهتي. آرين ئي اڻ آرين کي چيو هو تہ اسان ئي توهان کي سڀڪجهہ سيکاريو آهي. هنن اسان جي مسلمان پائرن پڻ اها ٻولي ڳالهائي. ايتريقدر جو ان وقت جي پناهگير وزيراعظم لياقت علي خان اهو چيو تہ " سنڌين جي ڪلچر آهي گڏهون هڪلڻ". انهي گڏهن واري ڳالهہ تي ڪامريڊ مير محمد تالپر واري ڳالهہ ياد اچي ٿي، هو پنهنجي ڪتاب "موچارا مُنهن ڪارا مُنهن" ۾ لکي ٿو تہ "آئون ميرپورخاص جيل ۾ هوس مون سان گڏ هڪ پناهگير قيدي بہ هوندو هو. هو هميشہ سنڌين کي گهٽ ڏيکارڻ لاءِ مختلف ڳالهيون ڪندو رهندو هو. هڪ ڏينهن مون کي چيائين تہ سنڌي گڏهن سان بدفعلي ڪندا آهن" ان تي مون جواب ڏنومانس تہ " جڏهن ڪان توهان هندستان مان آيا آهيو اسان اهو ڪم ڇڏي ڏنو آهي" خير ڳالهين ڳالهين ۾ ڪامريڊ جو ذڪر وچ ۾ اچي ويو. ڳالهہ پئي ڪئي سين مسعود کدر پوش جي. هُن صاحب نواب شاهہ ۾ هڪ بہ هارين جا جلسا ڪرايا تہ اسان جي هاري پارٽي جي اڳواڻن کٽي ڪلهن تي کنيس. ٻئي طرف سندن سنڌ دشمن ڪردار اهو هو جو جڏهن انڊيا کان هجرت ڪري اردو ڳالهائيندڙ بيوروڪريسي سنڌ ۾ پاڪستان پهتي تہ انهن پهرين پنهنجن ماڻهن کي آباد ڪرڻ شروع ڪيو. هتي اصل سنڌ جا رهواسي ائين دربدر ٿيندا رهيا. ايتريقدر جو جن حرن پاڪستان لاءِ وڏيون قربانيون ڏنيون ۽

انگريزن سان مهاڏو اٽڪايائون. نتيجي طور انهن کي لوڙهن ۾ جيلن ۾ واڙيو ويو. انهن جي ڪنهن ٻه سار نه لڌي. پاڪستان 1947ع ۾ قائم ٿي ويو پر ٻُر ستن سالن کان پوءِ آزاد ڪيا ويا. يعني 1954ع ۾ انهن کي آزادي ملي. ڇوجو اسان جي هندوستان مان آيل بيوروڪريسي پنهنجن کي ورسائڻ ۾ پوري هئي ۽ سنڌي انهن جي نظر ۾ مفتوح قوم هئي.

انهيءَ سلسلي جو هڪ ٻيو واقعو ٻه ٻڌندا هلو. شيخ اياز هڪ هنڌ لکيو آهي ته "آزادي کان ترت پوءِ حشوڪيولراماڻيءَ تي ڪراچيءَ ۾ ڪيس داخل ڪيو ويو. ان جو وڪيل آئون (شيخ اياز) هوس ۽ جج مسعود کدر پوش هو". هي هڪ ٻئي کي اڳئي سڃاڻندا هئا. جج حشو کي مخاطب ٿيندي چيو ته "حشو تون هندستان ڇو نه ٿو وڃين" حشو جواب ڏيندي چيو ته "هي سنڌ منهنجو ملڪ آهي آئون پنهنجي ماءُ کي ڇڏي نه ويندس" تنهن تي مسعود کدڙ پوش ڪاوڙمان لال ٿي چيو ته "اسان اوهان سنڌين کي ريڊ انڊين وانگر ڪري ڇڏينداسين" اهي هئا هڪ پناهگير بيوروڪريٽ جا سنڌين بابت جذبات ۽ ٻئي طرف اسان جا هاري پارٽي وارا دوست ڪڳيون ۽ ٻغليون هڻندي ڪونه ٿڪبا هئا ته کدر پوش هاري همدرد آفيسر آهي. مسلمان بيوروڪريسي بابت ڪجهه وقت اڳ "ڊان" اخبار ۾ هڪ فيچر ڇپيو هو جنهن ۾ ڏيکاريو ويو هو ته ڪيئن نه ورهاڱي وقت مسلمان آفيسر شاهي پنهنجي هر شيءَ داءَ تي لڳائي حب الوطني جي جذبي سان سرشار ٿي پاڪستان آئي هئي. مون انهي جي جواب ۾ ان وقت جي نوڪرشاهي بابت لکيو ته ڪيئن نه انهن پنهنجن کي ورسايو ۽ اصل سنڌين سان ماٽيلي ماءُ وارو سلوڪ ڪيو. اڪثر "ڊان" اخبار وارا منهنجون لکڻيون ڇاپيندا رهندا هئا پر انهي خط کان پوءِ انهن منهنجي اي ميل بلاڪ ڪري ڇڏي. لڳي ٿو ته اتي ڪو ساڙسڙيل رٽائر بيوروڪريٽ ويٺل هوندو. تنهن منهنجي ID بلاڪ ڪري ڇڏي. سو ڳالهه پئي هلي ايوب خان جي مارشل لا جي. هي ايوب جي مارشل لا سڀني پاڪستان جي وحدت ۾ شامل ننڍين قومن کي قابو ڪرڻ لاءِ هئي. جنهن ۾ بنگالي، سنڌي، پٺاڻ ۽ بلوچ اچي وڃن ٿا. تنهنڪري انهي کي ڪافي سخت نموني سان لاڳو ڪيو ويو هو. ايتريقدر جو ننڍين وڏن واپارين وٽ جيڪي کنڊ جون بوريون ذخيره ٿيل هيون، پوليس جي ڇاپن جي ڊپ کان راتو رات انهن واهن ۽ شاخن ۾ لوڙهي ڇڏيون. جڻ ائين ٿي لڳو ته حڪومت کير ۽ کنڊ جون نهرون وهائي ڇڏيون هيون. اهو هو ان وقت جو مختصر طور سياسي، سماجي ۽ اقتصادي پسمنظر. جنهن ۾ منهنجو جنم ٿيو.

## حاجي صادق ميمڻ جي لاري

تاريخي واقعن مان ظاهر ٿئي ٿو تہ سنڌ صدين کان سورن ۾ رهي آهي. اسان جي سانپر ۾ سنڌ ڪڏهن بہ سک جو ساهہ نہ کنيو آهي. ڪڏهن ڌارين جون يلغارون تہ ڪڏهن پنهنجن جا سور. ورهاڱي وقت جيڪا آبادي جي وڏي پيماني تي لڏ پلاڻ ٿي، جنهن ۾ اسانجو پڙهيل لکيل وچولو طبقو هجرت ڪري انديا هليو ويو. تنهن سنڌ کي وڏو نقصان ڏنو. سنڌ انهي عيوض ڇا پوڳيو اها هڪ الڳ ڪهاڻي آهي. ٻين لفظن ۾ ائين کڻي چئجي تہ سنڌ اقتصادي توڙي سماجي طور برصغير جي ٻين علائقن کان ڪافي پوئتي ڌڪجي وئي. سنڌي هندن جيڪو اقتصادي ۽ تعليمي مضبوط سرشتو ڇڏيو هو. اسان انهيءَ کي بچائي نہ سگهياسين.

پنجاهہ واري ڏهاڪي ۾ منهنجي ڳوٺ "گلاب لغاري" ۾ ڪو بہ پڪو روڊ رستو ڪونہ هوندو هو. هڪ بس، جنهن کي ان زماني ۾ "لاري" سڏبو هو حيدرآباد وايا شيخ پرڪيو ۽ ٻي بس ٽنڊو الهيار کان وايا چمبڙ اچي گلاب لغاري ۾ رات ٽڪنديون هيون. "عالم اينڊ" ڪو نالي بس، جيڪا حيدرآباد مان ايندي هئي، ان کي سوڍو زنئور ۽ حاجي صادق ميمڻ جي بس، جيڪا ٽنڊوالهيار کان ايندي هئي، تنهن کي پليو لغاري (مريداڻي) هلائيدا هئا. اها ٽنڊوالهيار واري بس هفتي جا ست ئي ڏينهن ايندي هئي، ڇو جو استاد پليو مرحوم هو ئي اسان جي ڳوٺ جو رهاڪو. انهي، بس تي علائقي جي شاعرن وڏي پيماني تي طبع آزمايون ڪيون. بابا مرحوم جو هڪڙو دوست هوندو هو جاڙو ماڇي، جيڪو نصير خان مدواڻي جي ڳوٺ جو رهاڪو هو. هو رازڪو ڪم اسان جي ڳوٺ گلاب لغاري ۾ ڪندو هو. تنهن کي هر ٻئي ٽي ڏينهن گلاب لغاري اچڻو پوندو هو. جڏهن بہ انهي حاجي صادق ميمڻ جي بس تي چڙهي گلاب لغاري اچي لهندو هو تہ مٽي، ڌوڙ ۽ ڪچي رستي هئڻ جي ڪري سندس شڪل سڃاڻپ کان ٻاهر هوندي هئي. ان لاريءَ تي جيڪو اردو ڳالهائڻ وارو ڪنڊيڪٽر هوندو هو انهي کي "ٻڙو ميان" ڪري ڇوندا هئا. جاڙي خان ماڇي انهي بس تي جيڪا شاعري ڪئي هئي اها پڙهندڙن جي دلچسپي جي لاءِ هيٺ ڏجي ٿي.

ڇڪي تاڻي تہ پئي آڻي لوڏا لک يار لاريءَ جا.
"ٻڙو ميان" تہ ڪيئن بيهان، اڳيان آهن ورڪ واريءَ جا.
ڪلينڊر ڪاهہ ڪئي ڪاهي، چاڙهيو هڪ ٻئي مٿان ٿاهي،
گرم گاڏي اجان آهي، ڏسو ڪم ڪار ڪاريءَ جا.

هارُون جي ٿي هَر هَر، چڙهڻ وارا اچي چڙهہ چڙهہ
لهي تنهنجي بہ ڪا ڪڙ ڪڙ وڏا وائيسر ويچاريءَ جا.
جڳ ۾ جاڙا جوڙ آ، لڪون جهولا تتا ڪاڙها،
سڀ معاف ڪندو مون تان ڀاڙا، حاجي صادق سواريءَ جا .
چڪي تاٽي تہ ڀئي آٽي، لوڏا لک يار لاريءَ جا.

اهو شعر جڏهن مشهور ٿي ۽ لاريءَ جي مالڪ جي ڪنن تي پيو تہ حاجي صادق ميمڻ مرحوم شاعر کي هميشہ جي لاءِ بس جو ڀاڙو معاف ڪري ڇڏيو. حاجي صادق ميمڻ مرحوم نصر پور جي ميمڻ خاندان جو چشم چراغ هو. جنهن بعد ۾ ٽنڊي الهيار کي پنهنجو مسڪن بنايو . سندس سماجي خدمتن تي سائين عبدلغفور ميمڻ ٻڌايو تہ جڏهن ٽنڊي الهيار ۾ اردو ڳالهائيندڙ سنڌي شاگردن کي ميونسپل هاءِ اسڪول ۾ پڙهڻ ۾ ڏکايون پيدا ڪرڻ لڳا تہ حاجي صادق ميمڻ “سنڌ ماڊل اسڪول” جي نالي سان هڪ اسڪول قائم ڪيو جنهن ۾ سنڌي شاگردن کي آڻڻ جي لاءِ سندس سڀ جون سڀ لاريون، جن جو تعداد 19 هو ڪچن روڊن تي هلايائين . اهي بسون رات جو جن ڳوٺن ۾ وڃي بيهنديون هيون . انهن ڳوٺن ۾ ٻکيرا شريف، پيارو لنڊ، چمبڙ، سنجر چانگ، گلاب لغاري ۽ ٻيا ڪيترائي ڳوٺ هوندا، جن جي مون کي خبر ڪونهي. اهي صبح جو انهن ڳوٺن مان شاگردن کي کڻي ٽنڊي الهيار هاءِ اسڪول پهچنديون هيون ۽ شام جو واپس انهن ڳوٺن ڏانهن هليون وينديون هيون. جيئن سنڌي شاگردن کي تعليم جي سهوليت ملي سگهي. حاجي صادق ذات جو ميمڻ ضرور هو پر سخي ميمڻ هو. هُن جي بسن جو وڏو تعداد ڪچن رستن تي هلندو هو. بسن جي باري ۾ ڪنهن کيس صلاح ڏني تہ “هاڻي روڊ رستا پڪا ٿي ويا آهن پنهنجو بسون ڪچن رستن جي بجاءِ پڪن روڊن تي هلايو جيئن نقصان گهٽ ٿي سگهي جنهن تي ”کيس جواب ڏنائين تہ “هي خلق خدا جي جيڪا پري پري ڳوٺن ۾ رهي ٿي انهن لاءِ سرڪار وٽ ڪا بہ سهوليت ڪونهي، تنهنڪري ڀلي نقصان پوي پر ماڻهن جي سهوليت آهي انهي ڪري انهن ڪچن رستن تي منهنجون بسون هلنديون ئي رهنديون. ” آئون نٿو ڀانيان تہ ان تي کيس ڪا خاص بچت ٿيندي هوندي. آخر ۾ سندس وصال جڏهن مديني ۾ ٿيو تہ اسان جي پاسي ڏک جي لهر ڊوڙي وئي ۽ هر اک آلي هئي. ڇو جو سنڌ سونهاري ۾ اهڙا ڪردار تمام گهٽ ۽ ڪڏهن ڪڏهن پيدا ٿيندا آهن.

## اگهامائي جو ميمڻياڻيون ۽ وتايو فقير (تاريخ)

منهنجي بابا جي عادت هوندي هئي تہ اسان جي تر جي شاعرن ۽ سگهڙن جي چيل شاعري يا ڪو ڏور، بيت قلم بند ڪري محفوظ ڪندو هو. پر سندس اوچتي وفات ۽ وقت جي اُٿلن پٿلن جي ڪري اهي ڪاپيون اسان سنڀالي نہ سگهياسين. ان ڪان سواءِ اسان جي ڳوٺ جو پيو ماڻهو هوندو هو ڏاڏو ڪامل مرحوم جيڪو انگريز جي زماني ۾ پوليس ۾ جمعدار هوندو هو ۽ پوءِ رٽائر ٿي ڳوٺ آيو هو. هو بہ ڏور بيت ۽ شاعري جو وڏو سگهڙ هوندو هو. ايترو ياد نہ اٿم تہ اها شاعري سندس هئي يا ٻئي ڪنهن جا ڏور بيت ۽ ڳجهارتون جيڪي بابا کي لکرائيندو هو. هن جي بہ هڪ ڪاپي پيريل هئي. ان زماني ۾ اسانجو ريزڪي دڪان هوندو هو. جنهن تي سڄو ڏينهن شاعري، ڏور بيت، ڳجهارتون يعني ادبي محفل لڳي پئي هوندي هئي.

ڳوٺ گلاب لغاري جي ڪا لکيل تاريخ تہ ڪا نہ ٿي ملي پر اگهم ڪوٽ جي حوالي سان اهو چئي سگهجي ٿو تہ هي علائقو تاريخي نوعيت جو آهي. ڳوٺ ۾ عام روايت اها آهي تہ اگهم ڪوٽ جي ڦِٽي ويڃڻ جي ڪري ڪافي ماڻهو دربدر ٿيا تہ ان علائقي جي پريي مڙس جنهن جو نالو هندن جي روايت مطابق گلاب راءِ هو. جڏهن تہ مسلمان ان کي لغاري قبيلي سان منسوب ڪن ٿا. تازو محترم عبدالستار لغاري هڪ ضخيم ڪاغذ ڏياري موڪليو آهي، جيڪو 1894ع ۾ جاري ٿيو هو. ان جي مٿان سنڌي ۾ نوٽ لکيل آهي تہ " ڳوٺ گلاب لغاري تعلقي ٽنڊي الهيار جا عملدار جيڪڏهن ڳوٺ ڏسڻ واسطي اچن، تہ پٽيل جو ڪم آهي انهن جي خدمت چاڪري ڪرڻ" اتي سوال اڀري ٿو تہ ڇا 1894 ع ۾ ٽنڊو الهيار تعلقو هو؟ انهيءَ جي تصديق وري محترم عبدالحفيظ لغاري، ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر، ٽنڊو الهيار ڪئي تہ انهيءَ ڄاڻايل سن ۾ ٽنڊي الهيار کي تعلقي جو درجو حاصل هو. " جڏهن تہ عبدالستار لغاري انهي پٽيل جو نالو حاجي فقير پٽيل ٻڌائي ٿو. انهيءَ مان ثابت ٿيو تہ ڳوٺ گلاب لغاري جا اصل اڏيندڙ مسلمان هئا، نہ ڪي هندو. جيئن هو اها دعويٰ ڪن ٿا تہ "گلاب راءِ مان ڦري گلاب لغاري ٿيو. جيئن تہ منهنجو هي ڪتاب ڪا ريسرچ رپورٽ ڪونهي تنهنڪري آئون ڪنهن بہ دعويٰ کي رد نہ ٿو ڪريان. ها البت مشڪور قلڪاري کي عرض ٿو ڪريان تہ هڪ محقق جي حيثيت سان انهي تي وڌيڪ کوجنا ڪري ڪو نتيجو ڪڍي، ڇو جو گلاب لغاري مشڪور جو بہ ڳوٺ آهي. يعني گلاب جي پنيان ڳوٺ جو نالو پيو گلاب لغاري ان سان گڏ اگهم ڪوٽ جي ڦِٽي ويڃڻ جون بہ ڪيترئون

ئي روايتون آهن. ڪن جو خيال آهي تہ مدد خان پناڻ جڏهن سنڌ ۾ ڳوٺن جا ڳوٺ ساڙي پسم ڪيا تہ اگهم ڪوٽ پڻ ان جي لپيٽ ۾ اچي ويو. ٻي جيڪا روايت آهي تہ قدرتي آفتن يعني زلزلي جي لپيٽ ۾ اچي هي شهر برباد ٿيو. اجان تائين ڪجهہ اهڙيون جايون آهن، جيڪي زمين ۾ دٻيل نظر اچن ٿيون. اها ڳالهہ بعيد ڪونهي، ڇو جو 2001 ع ۾ احمد آباد واري زلزلي اسان جي پاسي ڪي ڪافي ڏوڏيو هو. ٽين روايت اها آهي تہ درياه بادشاهہ پنهنجو رخ بدلايو تہ شهرن جا شهر غير آباد ٿي ويا. ان ڪان سواءِ لالچ ۽ لوڀ جي ڪري علائقي جي نا عاقب انديش حاڪمن جون پاڻ ۾ لڙايل لڙايون پڻ هن شهر جي تباهيءَ جو ڪارڻ بڻيون هونديون.

جئين تہ اها تاريخي حقيقت آهي تہ گلاب لغاري ۾ سنڌي هندن جي اڪثريت لوهاڻا برادري تي مشتمل آهي، جن جو تعلق آڳاٽي زماني جي قديم آثارن اگهم ڪوٽ سان آهي. جتي لوهاڻي بادشاهہ اگهم جي حڪومت هئي. انهي شهر ۾ راجا چچ ۽ اگهم لوهاڻي جي وچ ۾ هڪ سال تائين جنگ هلندي رهي. انهيءَ جي ڪري وڏي تباهي ٿي. ماڻهن لڏپلاڻ ڪرڻ شروع ڪئي. شهر خالي ٿيڻ لڳو ۽ ڀر پاسي وارا ڳوٺ آباد ٿيڻ لڳا اهو بہ هڪ گلاب لغاري جي ٺهڻ جو پسمنظر ٿي سگهي ٿو. ڇو جو بادشاهن جي لڙاين جي ڪري اتي اڪثريتي آبادي جيڪا لوهاڻا برادري تي مشتمل هئي اگهم ڪوٽ ڇڏي اچي ڀر پاسي وارن ڳوٺن ۾ آباد ٿي. جيڪي ورهاڱي وقت سنڌ ڇڏي هند هليا ويا ۽ اها لڏ پلاڻ اجان تائين جاري آهي. تنهن هوندي اڄ بہ لوهاڻا برادري وڏي تعداد ۾ گلاب لغاري ۾ رهن ٿا. لاڙ جي بدين ضلعي ۾ هڪ ڳوٺ آهي، جنهن جو نالو آهي راڄوخاناڻي ۽ ٽالپر خاندان جي ملڪيت سمجهيو ويندو آهي. انهي ڳوٺ ۾ بہ سنڌي هندن جو وڏو تعداد رهندو هو. 1947ع ۾ ان وقت جي مير صاحب سيني سنڌي هندن کي گهرائي کين يقين ڏياريو هو تہ " توهان ڳوٺ نہ ڇڏيو توهان جي حفاظت منهنجي ذميواري آهي. " ۽ ان جو جوڳو بندوبست پڻ ڪيائين، نتيجتن انهي ڳوٺ مان هڪ بہ سنڌي هندو هندستان نہ ويو. جيڪڏهن ٻين ڳوٺن جا مسلمان ائين هندو ڀائرن کي تحفظ جو يقين ڏيارين ها تہ ايڏي وڏي پيماني تي سنڌ خالي نہ ٿئي ها ۽ ائين اڄ اسان کي ماڻهن کي منٿون نہ ڪرڻيون پون ها تہ آدمشماري جي ٻولي واري خاني ۾ سنڌي لکرايو.

سنڌ جي لاڙ پٽ جي محقق ۽ مفڪر محترم مشڪور ڦلڪاري جي تحقيق مطابق گلاب لغاري اگهم ڪوٽ جو حصو هوندو هو. انهيءَ جي شاهدي انهي مان بہ ملي ٿي تہ گلاب لغاري ۾ اڄ تائين لوهاڻا برادري جي اڪثريت رهي ٿي، جڏهن تہ اگهم ڪوٽ جو بادشاهہ بہ لوهاڻو هوندو هو. سنڌ

جي تاريخي ڪتاب "چچ نامي" ۾ پڻ راجا اگهم جي باري ۾ گهڻو ڪجھ لکيل آهي. انهيءَ مان پڪي پختي شاهدي ملي ٿي ته گلاب لغاري جي لوهاڻن جي ٿوري گهڻي ڇاپ راجا اگهم جي خاندان سان ملي ٿي. چچ جڏهن اگهم ڪوٽ تي حملو ڪري ان کي فتح ڪيو هو ته اتي جا رهواسي جنگ کان بچڻ لاءِ پنهنجا اباڻا ڪک ڇڏي محفوظ مقام جي تلاش ۾ هيڏانهن هوڏانهن ضرور پتکيا هوندا. اگهاماڻي جي باري ۾ "تحفت الڪرام" ڪتاب ۾ لکيل آهي ته شهر تي اهو نالو اگهم لوهاڻي جي ڪري پيو. برصغير هند ۽ سنڌ ۾ هڪ ٻئي پنيان حڪومتون ڍهنديون ۽ ٺهنديو رهيون. ڪي ماڻهو خوشي سان ته ڪي وري زوري مذهب تبديل ڪندا رهيا. ظاهر آهي ته اگهم ڪوٽ تي پڻ انهي تبديليءَ جو اثر ضرور پيو هوندو. "تحفت الڪرام" جو صاحب لکي ٿو ته " هن جي (راجه اگهم) سرزمين خدا وارن جو سرچشمو آهي. " تحفت الڪرام ۾ اگهاماڻي جي ڪافي اوليائن جو ذڪر مختصر ڏنل آهي. مخدوم محمد اسماعيل سومري جي باري ۾ لکي ٿو" اهو وڏو ولي ۽ ناليوارو بزرگ ٿي گذريو آهي. چون ٿا ته ننڍپڻ کان وٺي آخري عمر تائين سڄي عمر رياضت ۾ گذاريائين. تمام شاهوڪار هوندو هو ۽ قسمين قسمين طعام ۽ نموني نموني جا شربت ناهي حقدارن ۽ طالب علمن ۽ مسافرن کي ڏيندو هو. سندس ڪرامتون حد کان وڌيڪ هيون. 998 هجريءَ ۾ وفات ڪيائين. " ايئن ته سندس ڪرامتن جو ذڪر تاريخ ۾ ڏنل آهي, هڪ عام روايت جيڪا اسان جي تر ۾ ڪافي مشهور آهي ته ان زماني ۾ اگهم ڪوٽ ۾ جيڪي ماڻهو رهندا هئا, اهي مٽيءَ جو ڪم ڪندا هئا. انهن وٽ مٽيءَ ڍوئڻ لاءِ وڏي تعداد ۾ گڏه هوندا هئا, جيڪي رات جو هينگون ڪري سڄي شهر جي سک ۽ آرام ۾ خلل وجهندا هئا. ان سان مخدوم صاحب جي عبادت ۾ پڻ رخنو پوندو هو. سو هڪ ڏينهن انهن کي گهرائي چيائين ته "بابا ڪو ٻيو ڪم ڪريو, اوهان جا گڏه اسان جي عبادت ۾ خلل ٿا وجهن ". انهن غريبن عرض ڪيو ته "سائين اسان ڪهڙو ڪم ڪريون". ڪين دعا به ڪندي چيائين ته " پٽ يعني ريشم جو ڪم وجي ڪريو. " انهن ماڻهن حڪم جي تعميل ڪئي ۽ بزرگ جي دعا دربار الاهي ۾ اگهاڻي ۽ اهي ماڻهو پٽ جي ڪم مان وڏا مالدار ٿي ويا. پٽ جي ڪم جي ڪري اهي اڄ ڏينهن تائين لاڙ سنڌ ۾ پاٽولي ميمڻ سڏجن ٿا. اهي تقريبن گهڻي تعداد ۾ اگهاماڻي واري بزرگ مخدوم محمد اسماعيل سومري جا مريد آهن. انهي متعلق اسان جي تر ۾ هڪ ٻئي روايت به مروج آهي. چون ٿا جڏهن هنن ماڻهن وٽ پئسو جهجهو ٿي ويو ته هي ڪافي مغرور ٿي ويا. جو هنن جون مايون پنهنجي ننڍڙن ٻارن

جي صفائي ڪپڙي جي اڳڙين بجاءِ ڪٽڪ جي ماني سان ڪنديون هنيون. وتايو فقير جڏهن اُتان اچي لانگهائو ٿيو ۽ اهو لڪاءَ ڏسي چيائين تہ " ڪن ٿيون اگهاماٽي جون ميمڻياڻيون. پريندا وتائي جهڙا فقير" اهي سڀ روايتون آهن، جيڪي اسان جي پٽ ۾ اڄ بہ مشهور آهن. آئون هزارين ڀيرا اگهاماٽي ويو آهيان. اتي اسان جي وڏڙن جون قبرون پڻ آهن، اهو تہ خدا ٿو ڄاڻي تہ راقم کي اتي ڪا جڳهہ نصيب ٿيندي بہ يا نہ. پر سوال هي آهي تہ ڇا اتي صرف ميمڻ برادري رهندي هئي. جن لاءِ وتائي فقير اهڙيون ڳالهيون ڪيون آهن. جڏهن تہ تاريخ لوهاڻن جو شهر ٿي بڌائي ۽ آسي پاسي ۾ لغاري برادري جو وڏو تعداد رهي ٿو. مشڪور قلڪاري جي ريسرچ مطابق لطيف سائين جنهن ڪنڌي جو ذڪر ڪيو آهي اهو ڪنڌو اگهاماٽي ۾ آهي. برابر ڪنڌو موجود آهي، مون پنهنجي گناه گار اکين سان ڪيترائي ڀيرا اهو ڪنڌو ڏٺو آهي. ڇا اهو ڪنڌو يا اگهاماٽي جا مور انهي حقيقت تان پردو ڪڻندا تہ اگهاماٽي جون ميمڻياڻيون ايتريون مغرور هيون جن کي وتائي فقير اچي پاراتو ڏنو. تاريخ کي ڳولڻ ۽ قولهڻ جو ڪم ڪير ڪندو. سنڌ جو محقق جنهن سدائين ٻڌل سڌل ڳالهين تي قلم ڪڻي پنهنجو پاڻ کي تاريخدانن جي فهرست ۾ نالو لکرايو اٿس. آئون تہ اها اميد رکان ٿو سنڌ جي محققن ۽ تاريخدانن کان، جن جو وڏي پيماني تي علم، تحقيق ۽ ادب سان تعلق آهي انهن کي اهڙي ريسرچ ڪرڻ گهرجي. ڇو جو انهي لاءِ پرڏيهہ جا اڙانگا سفر ڪاڻڻا پوندا. اگهم ڪوٽ جو علمي خزانو تہ مدد خان پناڻ شهر کي باهہ ڏيئي ساڙي ڇڏيو هو.

جيئن تہ مخدوم صاحب وڏو اولياءُ ۽ بزرگ هو سندس پرهيزگاري ۽ علم تي ڪنهن کي بہ شڪ نہ آهي. ها البت سندس حب الوطني تي ڪجهہ اختلاف موجود آهن. سائين عبد الواحد آريسر پنهنجي ڪتاب " سچ وڏو ڏوهاري آ" ۾ لکي ٿو تہ " منهنجي معلومات جيڪا محمد صالح عاجز جي ڪتاب سنڌ جا سورهيہ ۽ محترم ساٿي مشڪور قلڪاري جي ريسرچ ۽ ڪچهرين تي مبني آهي، ان مطابق مخدوم صاحب (مخدوم بلاول) کي گهاڻي ۾ پيڙهائي شهيد ڪرڻ وارو ظالماڻو ۽ سفاڪاڻو قدم شاهہ بيگ ارغون جي پٽ مرزا شاهہ حسن کنيو هو ۽ سڄو فيصلو ۽ فتويٰ نصرپور ۾ تيار ٿي هئي. جتي شاهہ حسن ارغون طرفان ميان اسماعيل سومرو اگهم ڪوٽي فتويٰ ڏيندڙن جو وڪيل هو. جڏهن تہ مخدوم بلاول طرفان ٻين سان گڏ شيخ پرڪيو ولد عيسو ڪاتيار بچاءُ جو وڪيل هو. شيخ پرڪيو تمام وڏو محب وطن بزرگ ٿي گذريو آهي. تاريخن ۾ ان کي شيخ ڪري لکيو ويو آهي سو هن کي سندس مرتبي جي ڪري سڏيو ويندو هو نہ تہ هو ذات جو ڪاتيار هو.

ڳوٺ شيخ پرڪيو گلاب لغاري کان 10 ڪلوميٽر اولهہ طرف واقع آهي. ماڻڪ ملاح پنهنجي هڪ مضمون جيڪو ڪتاب "هو جو سراپا عشق هو" ۾ ڇپيو آهي لکي ٿو تہ اگهم ڪوٽ ۾ مرزا شاهہ بيگ ارغون، مخدوم بلاول لاءِ فتويٰ ورتي هئي ۽ شيخ پرڪيي فتويٰ ڏيڻ کان انڪار ڪيو هو.

مشڪور ڦلڪاري جي تحقيق مطابق مغلن مخدوم اسماعيل سومري کي سندس خدمتن جي عيوض جاگير عطا ڪئي ۽ اگهم ڪوٽ ۾ وڏي مسجد جو ڪم بہ شروع ڪرايائون. جنهن جو ذڪر وتائي فقير بہ ڪيو آهي. مشڪور چواڻي تہ شاهہ حسن مخدوم صاحب وٽ اگهم ڪوٽ اڪثر ايندو هو. جڏهن شاهہ بيگ مري ويو تہ سندس پٽ شاهہ حسن اگهم ڪوٽ ۾ موجود هو. تاريخ شاهد آهي تہ شاهہ بيگ وڏو ظالم بادشاهہ هو. جڏهن اها خبر سنڌ جي ماڻهن کي پئي تہ سنڌ ۾ وڏا جشن ملهائجڻ لڳا. انهي سلسلي جو پهريون جشن ٻُڪيرا شريف ۾ ملهايو ويو ۽ اها خبر جڏهن شاهہ حسن کي اگهم ڪوٽ ۾ ڏني وئي تہ ان ٻُڪيرا شريف تي چڙهائي ڪري وڏو قتلام ڪيو ۽ نوجوان عورتن جون ڇاتيون چيري ڦاڙيون ويون. ان اهو سڄو ڪم اگهم ڪوٽ مان اٿي وڃي ڪيو. مشڪور جي تحقيق جي شاهدي "تحفت الڪرام" جو مصنف اجهو هيئن ٿو ڏئي" درويش دائود ۽ ميان همون هر هڪ مخدوم اسماعيل سومري جا همعصر هئا، هر هڪ جي مدرسي ۾ 500 ماڻهو قران شريف جي قرات ۾ مشغول رهندا هئا. جن جي خوراڪ ۽ پوشاڪ جو انتظام پنهنجي طرفان ڪندا هئا. مرزا باقي باوجود ڏاڍو بخيل هو، تاهم هيءَ بزرگ جيڪا بہ آبادي ڪندو هئا تنهن تان دل ۽ پيا انگ ابواب معاف ڪري ڇڏيائين . " انهيءَ مان صاف ظاهر آهي تہ اهي سيئي بزرگ مغلن سان اُٿي ويٺي ۾ پيا نيائيندا هئا. جڏهن تہ شيخ پرڪيو قومي غيرت جي ڪري مغلن کان پاسيرو رهيو. تاريخ ۾ مخدوم اسماعيل سومري جون ڪافي ڪرامتون تہ لکيل آهن، پر سندس سماجي ڪردار واضع طور اجاگر ٿيل نہ آهي، جهڙي طرح مذهبي ڪردار تي گهڻو ڪجهہ لکيو ويو آهي. جمال ابڙو پنهنجي "آتم ڪٿا " ۾ بيگلار نامي جي مصنف مرزا باقي بابت لکي ٿو تہ "هو ظالم، قاتل ۽ درندي صفت انسان هوندو هو" تنهن کي هڪ مسلمان تاريخدان مولانا غلام رسول مهر وڏو داناءُ ۽ انصاف وارو سڏيو آهي. " تاريخ ۾ اهڙيون ستم ظريفيون جابجا ملنديون. جڏهن تہ اسان جي نوجوان نسل کي سرڪاري اسڪولن ۾ اهائي تاريخ پڙهائي وڃي ٿي. پوءِ اڳتي هلي هو ڪا ڳالهہ نہ پڙهڻ لاءِ تيار آهي، ۽ نہ وري مڃڻ لاءِ.

# جاگرافي

ڳوٺ گلاب لغاري تعلقي ماتلي جي يونين ڪائونسل ماڙڪ لغاري جي هڪ ڳوٺ مان ڦري شهر ٿي پيو آهي. هي اهو شهر ڪونهي، جنهن ۾ زندگيءَ جون سڀ سهوليتون ميسر هجن. بقول سائين فضل الله قريشي جي تہ وڌندڙ آبادي ڳوٺن کي شهرن ۾ تبديل ڪري ڇڏيو آهي. پر اهڙن ڳوٺن جا رهواسي وقت جي حڪمرانن جي عدم دلچسپي، سنڌي حڪمراني جي اٽاٽ، ميرٽ جي لتاڙ ۾ ناهموار روين سبب بنيادي سهولتن جي اٽاٽ جو شڪار رهندا پئي آيا آهن . ڇو جو هن رياست ۾ سنڌي حڪمراني جو تصور (Concept) اڃان پنهنجن پيرن تي بيهڻ کان قاصر آهي. اهو ڳوٺ، جنهن تي يونين ڪائونسل ٽيڪس وغيرهہ مڙهي سگهي ٿي تہ ان کي ڳوٺ تہ نہ چئبو اهو تہ هڪڙو ننڍڙو شهر ٿيو. منهنجو ڳوٺ ضلعي بدين جي اوير طرف ضلعي هيڊ ڪوارٽر کان تقريبن 100 ڪلو ميٽرن جي فاصلي تي واقع آهي، جيئن بدين ضلعو ملڪ جو ڏکڻ طرف آخري ضلعو آهي، تيئن منهنجو ڳوٺ وري ضلعي هيڊ ڪوارٽر جي اُتر اوير ۾ آخري شهر آهي. بدين ضلعي جو آخري اسڪول ۾ ٽاٽو پڻ منهنجي ڳوٺ ۾ واقع آهن. ان کان پوءِ تعلقو ڇمبڙ ضلعو ٽنڊو الهيار شروع ٿئي ٿو. گلاب لغاري آڳاٽي سنڌو درياهہ جي ٻن ڦاڪن جي وچ ۾ واقع آهي، جنهن مان هڪ کي سرفراز ڍوروءِ ٻئي کي بهرام واهہ ڪوٺيو ويچي ٿو. اهي ٻئي واهہ سکر بئراج جي وهڻ کان اڳ آبڪلاٽي جي موسم ۾ ڇهہ مهينا ڀرپور پاڻيءَ ڏيندا هئا ۽ انهن جو اوج هوندو هو. انهي پاڻيءَ تي جوئر ۽ ٻاجهر جا فصل تمام سنا ٿيندا هئا. جيئن سکر بئراج وهڻ شروع ڪيو تہ انهن موسمي ۽ قدرتي پاڻيءَ جي نيڪالن جو اوج بہ ختم ٿي ويو. ان سان گڏ اهي برڪت ڀريا ڏينهن بہ موڪلائي ويا. ڊاڪٽر ايس پي ڇبلاڻي پنهنجي ڪتاب "سنڌ جي اقتصادي تاريخ" ۾ انهن برڪت ڀرين ڏينهن لاءِ لکي ٿو تہ " ڪاڏي ۽ زندگيءَ جي ٻين ضرورتن جي فراواني هئي ۽ قيمتون گهٽ هيون. چوپايو مال نهايت گهڻو هو عام رواجي ماڻهو وٽ بہ ٻہ چار وهٽ هوندا ئي هوندا هئا. حيدرآباد ۾ هڪ هاريءَ وٽ آسائشي حالتن ۾ اٺ جوڙا ڍڳن جا، هڪ گهوڙو، هڪ ڳئون ۽ هڪ گابو، هڪ مينهن ۽ 15 کان 20 تائين ٻڪريون هونديون هيون. " بس ائين ڪٽي چئجي تہ خواهشون گهٽ ۽ وسيلا گهڻا هوندا هئا. عام ماڻهو سال جا 6 مهينا ٻني ٻاري ۾ ڪم ڪندو هو تہ باقي وقت ڪڏهن هِن جي اوطاق تي ڪڏهن هُن جي اوطاق تي ڪچهرين جا ڪوٽ پيو اڏيندو هو. آمدرفت جا ذريعا محدود هئا . ريڊيو ۽ اخبار جو ننڍن ڳوٺن ۾ وجود نہ هئڻ

جي برابر هو. ٽپال ذريعي اٿن ڏينهن کان پوءِ ڪو خط پٽ پيو پهچندو هو. ائين انگريز فيل مست، ماڻهن مٿان حڪومت ڪندو رهيو. سڄي ساري هڪ صدي گورو صاحب ڪارن مٿان نفسياتي توڙي انتظامي طور حاوي رهيو. پوءِ جڏهن هتان ويو ته پنيان پنهنجو اهڙو جانشين ڇڏي ويو. جو سندس سيئي ڏنل اهنج، ڏک سور ڏوڃجي ويا. هي زمانو سکر بئراج کان اڳ جو وقت ٿو ڀڏائي.

ڳالهه پئي هلي گلاب لغاري جي انتظامي ۽ جاگرافيائي جوڙجڪ جي، جڏهن کان ماتلي تعلقو ٺهيو آهي تڏهن کان گلاب لغاري ان جو حصو رهندو پيو اچي. ها البتا 1974 ع کان پوءِ جڏهن بدين ضلعو ٺهيو ته اسان جو سڄو ماتلي تعلقو بدين جي حدن ۾ هليو ويو ۽ اجان تائين اسان ان جو حصو آهيون. سنڌ جي اقتدار جا لالچي وڏيرا پنهنجي سياسي فائدي جي لاءِ ضلعي، تعلقي ۽ يونين ڪائونسل جي حد بندين جي ڦير گهير ۾ دير ئي نه ڪندا آهن. جڏهن ته پڇ لٽڪائو بيوروڪريسي ڪڏهن به انهن جي اڳيان ڪو صحيح موقف، جيڪو عوامي اميدن وٽان هجي، نه رکيو آهي. پري ڇو ٿا وڃون ويجهي ماضي ۾ ڪن حڪومتن پنهنجي ڪرسي بچائڻ خاطر حيدر آباد ۽ ڪراچي ضلعن کي ٽوڙي،سنڌ جي تاريخ سان هڪ وڏي هٿ چراند ڪئي. ٿي سگهي ٿو ته ڪن فردن کي ان مان فائدو پهتو هجي پر مجموعي طرح سنڌ کي وڏو نقصان پهتو ڪنهن به سنڌي بيوروڪريٽ انهيءَ ڪڏي ڪم تي مزاحمت نه ڪئي.

هي ته مٿي مون هڪڙي تاريخدان جو حوالو ڏنو آهي، پر دنيا جي محققينن جي اڪثريت انهي تي متفق آهن، ته هن خطي جا ماڻهو امن پسند ۽ قناعت پسند پئي رهيا آهن. جيئن مٿين تاريخي حوالي مان ظاهر آهي ته سنڌ جي ماڻهن کي روزي روٽي جو فڪر مڙئي گهٽ هوندو آهي. ٿوري تي قناعت ڪرڻ ته ڪو هنن کان سکي. مجموعي طرح سنڌ جي ماڻهن جي اٿڻي ويهڻي ۽ طور طريقن جو اثر سڄي هن خطي تي پوي ٿو. تيئن منهنجي ڳوٺ جا ماڻهو به سست، ڪاهل، ڪم چور، سڄو ڏينهن هوٽلن تي ٻتاڪون هڻڻ، شغل ۽ شڪار جا شوقين، ٺٺري ۽ ڦشري تي ڪم ڪار ڇڏي ڳوڙهه ٿي ويندا. ڪا پسنديده شئي ملي ته گهر لٽائي ٺطهري ڪري ڇڏيندا. ڊاڪٽر ايس پي چبلاٽي سنڌي ماڻهن جي تفريح ۽ وندر بابت لکي ٿو ته “ سنڌي مسلمان جو آدمشماريءَ جي اڪثريت جي نمائندگي ڪري ٿو. لااُبالي قسم جو ماڻهو آهي، ڪل خوشيءَ جو ڪوڏيو آهي، ۽ سياڻي جو فڪر هن کي بنهه ڪين ٿو ستائي. فراوانيءَ جي هن زمين پيدا ٿيڻ ڪري، هڪ مثالي سنڌي کي ڪڏهن به محتاج ٿيڻو ڪونه پيو آهي ۽ پنهنجي جسم توڙي روح جي بقا لاءِ هن جو الله تي آسرو ۽ ڀروسو آهي. ”

جيئن سنڌ جي ماڻهن کي شڪار لاءِ هڪ فطري ذوق ۽ شوق آهي، تيئن منهنجي ڳوٺ جا ڪجهہ شهزادا بہ شڪار جا شوقين رهيا آهن. انهن ۾ تترن جو شڪار وڏي اهميت رکندو آهي. منهنجي ڏاڏي حاجي محمد بخش وٽ دونالي بيلجم جي بندوق هوندي هئي، خاص ڪري تترن جي شڪار جو وڏو شوقين هوندو هو. توبچي جي وصف ٻڌائيندي چوندو هو تہ توبچي ڪڏهن بہ ويٺل پکي کي ڏڪ نہ هڻندو هميشہ اُڏاري پوءِ ڏڪ هڻندو. ان کان سواءِ ڪجهہ راڻا، سوئر جو شڪار پڻ ڪندا هئا. سنڌ ۽ افغانستان جي ماڻهن جي اها خوبي آهي تہ هو ڪڪڙن ويڙهائڻ جا شوقين آهن. مون ڪڪڙ ڏاريا تہ ڪونہ باقي ڪڪڙن جي ميل تي آئون گهڻا دفعا ويس. خفتي پنهنجن ڪڪڙن تي وڏا پئسا بازي طور رکندا آهن. جڏهن تہ هو انهن تي خرچ بہ تمام گهڻو ڪندا آهن. ان کان سواءِ امير توڙي غريب، شاهہ توڙي هاري ٻنهي لاءِ گهڻو ڪري ساڳيون تفريحون هونديون آهن. ان زماني ۾ منهنجي ڳوٺ ۾ شڪار، پتنگ بازي يا لغڙ اڏائڻ، ڪُڪڙ ويڙهائڻ،گهوڙي ڊوڙ ڍارو، لونڻي، اٽي ڏڪر، ونجهہ وٽي، لڪ لڪوٽي، تاس ۽ والي بال کان سواءِ راڳ ۽ ناچ هر ڪو پيو پسند ڪندو هو. جڏهن تہ هن وقت اِنفارميشَن ٽيڪنالاجي جي تيز ترين ترقيءَ جي ڪري انهن راندين جي جاءِ انٽرنيٽ ۽ فيس بڪ اچي والاري آهي. مٿان وري مذهبي انتهاپسندي جي ڪري عام ماڻهو جو مذهب ڏانهن رجحان وڌي وڃڻ جي ڪري اهڙيون تفريحي سرگرميون ذري گهٽ ڳوٺن مان ختم ٿينديون پيون وڃن.

## آگهاماٽي جو ميلو

ميلو سنڌ جي ٻهراڙيءَ جو صحيح ۽ حقيقي ونڊر ۽ ورونهہ جو نمونو پيش ڪري ٿو. سنڌ سونهاري جي هر ضلعي ۾ ننڍا وڏا ميلا لڳندا رهن ٿا، جيڪا نمائش ميلن ۾ نظر اچي ٿي اها ڪنهن شهر يا ڳوٺ ۾ نطر نہ ايندي آهي. ميلن مان ننڍيون وڏيون ڪيترن ئي قسمن جون اقتصادي سرگرميون پڻ جنم وٺن ٿيون، جيڪي ان علائقي جي لاءِ ڏاڍيون سودمند هونديون آهن. ان کان سواءِ ٻهراڙيءَ جي ماڻهن جي لاءِ ٻارنهين مهيني تفريح جو سبب پڻ بڻجن ٿيون. لوڪورام ڏوڏيجا پنهنجي ڪتاب "منهنجو وطن منهنجا ماڻهو" ۾ سنڌ جي ميلن متعلق ڪجهہ هيئن خيال آرائي ٿو ڪري. " ميلن ۾ پير فقير، امير غريب، چورچڪار، بازيگر رانديگر، جوڳي ٽوڳي، لنگها،ڪدڙا، ڪچريون قوال، لليجا، جوئاري، شوقين ۽ شودا، دڙا دلال، مطلب تہ سڀ قسم جا سنڌي ڏسڻ ۾ ايندا. زالن ۾ بہ حسين، هر ناز واريون اچي ڳاهٽ ٿينديون هيون. انهن ڪي نهاري وڏيرا پنهنجن تلوار ڇاپ مڇن کي وٽ ڏيئي ذري ذري پيا کنکهنڪار ڪندا، لڱڻ پيا گهمائيندا ۽ پٽڪي کي پيا تاتائيون ڏياريندا. پر جاني نهارين بہ ڪين. پر ڪڏهن ڪڏهن ضرورتمندن جي مُشڪ ۽ نيڻن سان نينهن جي نياپن جي ڏي وٺ بہ ٿيندي هئي. "

سنڌ ۾ ميلا (ميڙا) جيڪي وڏي تعداد ۾ هر هنڌ لڳندا هئا. سي سماجي ڳانڍاپو ۽ سير تفريح جو وڏو ذريعو هوندا هئا. تقريبن هر ميلي ۾ مال جو وڏو واپار ٿيندو هو ۽ اهو سلسلو اڄان تائين جاري ساري آهي. اسان جي ڳوٺ جي پاسي ۾ اگهاماٽي ۾ پڻ ڪيتري عرصي کان مخدوم محمد اسماعيل سومري جو ميلو هر سال وڏي ڌام ڌوم سان لڳندو پيو اچي. انهي ميلي جو روح روان قريشي خاندان جو چشم چراغ ميان غلام نبي قريشي هوندو هو جيڪا روايت اڄ ڏينهن تائين سندس پويان قائم رکيو اچن. آئون ٻن سالن جو هوس تہ بابا سائين سان گڏجي ميلي تي گهمڻ ويندو هوس. جڏهن پنجن سالن جا ٿياسين تہ پاڻ مرادو سڄو ڏينهن پيا ميلي تي ڦيرا ڪندا هئاسين. مون اگهاماٽي جي ميلي مان جڏهن پنجين درجي ۾ پڙهندو هوس تہ هڪ تصوير ڪڍرائي هئي، اها اڄ ڏينهن تائين مون وٽ محفوظ آهي بليڪ اينڊ وائيٽ وڏيون ڪئميرائون هونديون هيون، جن ۾ ڪارو ڪپڙو ٻڌل هوندو هو. فوٽو ڏوئڻ مهل فوٽو گرافر انهي ڪاري ڪپڙي ۾ ٻانهن لنگهائي پوءِ ڪجهہ اندر ڪندو هو. ان کان پوءِ ان کي رسي ۾ ٻڌي سُڪائي ڇڏيندو هو. ڪلاڪ کان

پوءِ فوٽو تيار ۽ مالڪ جي حوالي. اگھاماٽي جو ميلو ايڏو وڏو تہ نہ هوندو هو پر ٿن ڏينهن لاءِ وڏو ڇهڇٽو لڳي ويندو هو. ٻہ وڏا هوٽل شيش محل هوٽل ڪري سڏبا هئا. ان ڪان سواءِ ڪشمش جا دڪان، مٺائي جا دڪان، رانديڪن جا دڪان، شربت وارا، ڳنڍي وارا، پينگهي وارو مطلب تہ ٽن ڏينهن جي لاءِ بر ۾ بازاريون لڳي ويندريون هيون. هر ننڍو وڏو غريب غربو ان ميلي جي لاءِ سڄو سال تياري پيو ڪندو هو. منهنجي بابا ۽ راٽي پائي (مينگهواڙ) گڏجي ڀائيواري تي 1962ع ۾ وڏي تاج محل هوٽل کولي هئي. آئون اجان ستن سالن جو هوس، ڇتي يادگيري تہ ڪونهي پانيان ٿو تہ بچت ڪا گھٽي ڪانہ ٿي هئي. باقي هوٽل لاءِ جيڪا تاج محل جي تصوير، جنهن جي ٺاهڻ لاءِ پورو مهينو لڳو هو اها اتان لاهي اسان جي گھر جي هڪ ديوار تي اڄي لڳائي هئي. اگھاماٽي جي ميلي ۾ ان وقت جا نالي وارا ملھ پهلوان پڻ ايندا هئا. جن ۾ غلام سرور جتوئي، سيد سمن شاهہ الهجڙيو سمون، خدو شيدي، دادلو شيدي، پير جي سامي ۽ اسان جي تر جي ملهن ۾ نعمت الله سريوال، عبدالرحمان لغاري، محمد لغاري وغيره قابل ذڪر آهن. رات جو ميلي ۾ ڳائڻ جون مختلف ٽوليون پڻ پنهنجي فن جو مظاهرو ڪنديون هيون. انهن ۾ هڪڙي ٽولي ڪولهي راڳيندڙن جي بہ هوندي هئي، جيڪي گاسليٽ جي مُٽي تي راڳ ڳائيندا هئا. ملاکڙي ڪان پهريان پلن گھوڙن جو ميل ٿيندو هو. ان ڪان پوءِ ملاکڙي جو شغل شروع ٿيندو هو. جيڪو هر ميلي جو مُکُ ائٽم سمجهيو ويندو آهي. هر ماڻهو ملهن کي واهہ واهہ سان گڏ انعام طور هڪ روپي ڪان ڏهن رپين تائين انعام پيو ڏيندو هو خاص انعام بوسڪي جا پٽڪا هوندا هئا، جيڪي خاص ڪري اسان جي تر جي معزز رئيس محمد حسن خان لغاري (سريوال) ۽ ٻين معزز ماڻهن طرفان هوندا هئا. ان ڪان سواءِ ٽن ڏينهن لاءِ ملهن جي رهڻ ۽ کائڻ پيئڻ جو بندوبست پڻ رئيس محمد حسن خان سريوال جي طرفان هوندو هو. انهي دوران هر ملھ پهلوان جي ضرورت آهر تيل مالش ۽ ماهي کير جو بندوبست پڻ رئيس صاحب جي حوالي هوندو هو. اها روايت سندس اولاد اڄ ڏينهن تائين قائم رکيو اچي ٿو. انهن مهمانن ۾ شامل هوندا هئا ملھ پهلوانن جا شاگرد، ملهن جو جمعدار، ملاکڙي جي ڪامينٽري ڪرڻ وارو مطلب تہ 50 ڪان 60 ماڻهن جو ٽولو هوندو هو جيڪو ٽن ڏينهن جي لاءِ رئيس محمد حسن خان سريوال جو مهمان هوندو هو.

ان زماني ۾ هر ميلي ۾ هڪ خاص مخصوص بازار هوندي هئي، جنهن کي ڳاڙهي بازار ڪري چوندا هئا. اسان جي ڳوٺ واري ميلي تي پڻ اها رونق افروز ٿيندي هئي. اها بازار ٿورو پري ميلي جي پاسي ۾ وڏا وڏا ڪرڙن جا

ٻوٽا هوندا هئا، انهي ۾ سجندي هئي. هڪ دفعي آئون ٻـ انهي بازار ۾ دل پشوري ڪرڻ ويو هوس، ڏاڍي رش لڳي پئي هئي. اسان جي ميلن مان رس ۽ چس تڏهن نڪتي، جڏهن ميلا ڦري عرس ٿيا ۽ هر ڳالهـ کي حرام ۽ حلال جي ساهمي ۾ توريو ۽ تڪيو ويو. هر وندر ۽ ورونهن کي فحاشي جي دوربني جي اک سان ڏٺو ويو. انهي، متعلق مولانا گرامي پنهنجي مقالي جي شروعات ئي هنن لفظن سان ڪري ٿو تـ " اسان جا اڄڪلهـ جا ڪي نقاد، ذوق جمال ۽ فحاشي ۾ ڪو ٻـ فرق ۽ امتياز نـ ڪري سگهيا آهن. هنن کي سائي جي مرض وانگر، هر هنڌ عريانيت ۽ جنسيات پئي نظر اچي. پوءِ پلي تـ ڪورنگين خيال هجي ۽ اهو شيرين ۽ روح پرور پيرايي بيان ۾ آيل هجي، پر ان کي هرو ڀرو اخلاقيات ۾ گهلي اچڻ ۽ مٿس فتويٰ ڏيڻ کان اسان جا نقاد مڙن ئي نـ ٿا. " مولانا گرامي صاحب ساڳئي مقالي ۾ انهي بابت ڪجهـ اجهو اهڙن خيالن جو اظهار ڪري ٿو. " هونئن بـ زندگي خشڪ ۽ مرده چيز آهي. ان جي بيحسيءَ ۽ مردگيءَ، جمود ۽ خشڪي کي ٽوڙڻ جي لاءِ ضروري آهي تـ منجهس احساس ۽ بصيرت ۽ شيريني بـ ڪنهن حد تائين پيدا ٿئي. ان ۾ سوز ۽ ساز، ڪيف ۽ ذوق وجدانيات ۽ جماليات جا ڪجهـ اثر ۽ نقش ڀريا وڃن. رڳو رهبانيت ۽ ٻڌ ازم واري ترڪ دنيا تي تـ پوري انسان ذات هلي ڪا نـ ٿي سگهي. "

# گلاب لغاري جا لوهاڻا

گلاب لغاري جي لوهاڻن جي کھڙي ڳالھ ڪجي. تقريبن ڳوٺ ۾ سنڌي سان گڏ سرائڪي بہ ڳالھائي وڃي ٿي.اسان جي ڳوٺ جو ديوان سرائڪي وينو ڳالھائيندو تہ خبر نہ پوندي تہ هندو آهي يا ڪو بروچ وينو ڳالھائي. مهل ۽ موقعي جا مڙس ماڻھو آئي ويل ڪم اچڻ وارا. آڌيءَ رات جو وڃي گھر تي سڏ ڪبو تہ همراهہ گھر مان نڪتو ايندو اهو نہ ڏسندو تہ ڪير ٿو سڏي, دوا درمل انهيءَ مهل مفت ۾ ڏيندو ان کان پوءِ ڏينهن جو دڪان تي چڙهي آيو تہ اڳيان پويان سڀ حساب ڪتاب چڪتو ڪبا. عاشوري جي ڏينهن ۾ گلاب لغاري جي لوهاڻن طرفان پت جون ديڳون لهي ويندي‌ون, مٺي پاڻي جون سبيلون لڳي وينديون. بسون روڪرائي هر ايندڙ ويندڙ کي ننگر پاڻي ڪرائي سبيل پياري پوءِ بس کي روانو ڪبو. ڪجھ سال اڳ مسلمانن طرفان پڻ ائين ڪيو ويندو هو پر جڏهن کان مذهب جو جوش ۽ جذبو وڌڻ لڳو آهي, تڏهن کان اسان جي پاسي جي مسلمانن اهو ڪم ڇڏي ڏنو آهي. اهو چئي تہ اسان سُني آهيون, اهو ڪم اهل تشيع وارن جو آهي ۽ اسان بهشت, دوزخ جي چڪر ۾ پئجي ويا آهيون. جنهن جو نتيجو اهو نڪتو جو اسان هڪ اهڙي نسل جي آبياري ڪرڻ شروع ڪئي, جيڪو ذهني اپاهج ٿي ويو. ڳالھ وڃي مرڻ مارڻ ۽ خود ڪش حملي آورن تي پهتي آهي. انهي تعليم 15 سالن کان گھٽ عمر جي ٻار تي اهڙو تہ اثر ڪري ڇڏيو آهي, جو هو پنهنجي حياتيءَ جي پرواهہ نہ ٿو ڪري. پاڻ تہ بغير روڪ ٽوڪ جي وڃو بهشت ۾ حورن حوالي ٿئي, پر پنيان بم جو ڌماڪو ڪري وڏي انگ ۾ ماڻھن کان وقت کان اڳ سندن جون زندگيون کسي ٿو وٺي ۽ پويان انهن جي خاندانن کي جيئري دوزخ ۾ وجهيو وڃي.

منهنجو تعلق شروع کان وٺي غريب خاندان سان رهيو آهي. بابا سائين جو نالو مظهر علي خان هوندو هو عُرف عام ۾ ڪيس مزار خان سڏيو ۽ سڃاتو ويندو هو. ان بہ غربت واري زندگي گذاري, جيڪا هن کي اسان جي ڏاڏي کان ورثي ۾ ملي هئي. منهنجو ڏاڏو حاجي محمد بخش, جنهن کي قاضي ڪري سڏيندا هئا انگريزن جي زماني جو پڙهيل, لکيل, چالاڪ ۽ سيلاني طبعيت جو مالڪ هوندو هو. ڍنڍ جي پکي وانگر ڪڏهن ڪٿي تہ ڪڏهن ڪٿي. اهڙن ماڻھن جي واقفيت تمام گھڻن ۽ وڏن ماڻھن سان هوندي آهي. پاڪستان ٺهڻ کان اڳ سيد ميران محمد شاهہ ٽکڙ وارو سنڌ اسيمبليءَ جو اسپيڪر هوندو هو تہ مون وارو ڏاڏو قاضي محمد بخش ساڻس گڏ هوندو هو.

سيد ميران محمد شاهه ڪيس قاضيءَ ڪري سڏيندو هو. اها خبر نہ آهي تہ پاڻ ميران محمد شاهه وٽ منشي هويا نوڪر. پر غالب گمان آهي تہ قاضي محمد بخش سندس خاص نوڪرن ۾ شمار ڪيو ويندو هو. شاهه صاحب جتي بہ ويندو هو تہ قاضيءَ کي پاڻ سان گڏ وٺي ويندو هو. پوءِ شملو هجي يا سيوهڻ قاضي صاحب گڏ. اهڙي طرح سيوهڻ جي هڪ دوري دوران محترم محبوب علي چنا سان ملاقات ٿي، جنهن کي ٻنهي ڏرين توڙ تائين نڀايو. 10 ۽ 16 سالن جي ڄمار کان شروع ٿي ۽ ساهه جي آخري گهڙي تائين قائم رهي. چنا صاحب جڏهن سيوهڻ کان نور محمد هاءِ اسڪول حيدرآباد ۾ پڙهڻ آيو تہ منهنجي ڏاڏا سائين، (جيڪو 6 سال هُن کان ڄمار ۾ وڏو هو) اسڪول ۽ بورڊنگ جي خرچ توڙي آئي ويل مدد ڪندو رهندو هو ڇو جو محبوب علي چنا صاحب جو والد صاحب ٽپال کاتي ۾ نوڪري ڪندو هو. پوري پُني آمدني هئڻ ڪري پنهنجي پٽ جي پڙهائي جي خرچ ۾ ڪڏهن ڪڏهن تنگي محسوس ڪندو هو. هونئن بہ سنڌ ۾ اها روايت رهي آهي تہ آئي ويل هڪ ٻئي جي مدد ئي ڪبي آهي. اها ورهاڱي کان اڳ جي ڳالهہ آهي. هڪ ٻئي جون شاديون بہ پاڻ ڪرايائون. محبوب علي چنا صاحب سرڪاريءَ نوڪري ۾ داخل ٿيو ۽ وڏن وڏن عهدن تي پهتو پاڻ اڳتي هلي پروفيسر ٿيا ۽ سنڌ جي مختلف ڪاليجن جا پرنسيپال رهيا. جن ۾ سچل سرمست ڪاليج حيدرآباد، هالا ڪاليج ۽ جيڪب آباد ڪاليج وغيره شامل آهن. سندن آخري پوسٽنگ اسلام آباد رهي. اتان حج تي ويا ۽ مديني ۾ وفات ڪيائون. پاڻ ڪيترن ئي ڪتابن جا مصنف رهيا آهن.

محبوب علي چنا صاحب هر سال جون، جولاءِ مهيني ۾ پندرهن ڏينهن جي لاءِ اسان جي ڳوٺ گلاب لغاري ۾ اچي رهندا هئا. اها Routien آخر تائين برقرار رکيائين. پاڻ جڏهن اسلام آباد نوڪريءَ سانگي هوندا هئا تڏهن بہ اهو سلسلو جاري رهيو پوءِ ٿورن ڏينهن لاءِ پر دوست تان پيرو ضرور ڀڄبو هو. اها انهي زماني جي ڳالهہ آهي جڏهن پاڻ سچل سرمست آرٽ ڪاليج حيدرآباد جا پرنسيپال هوندا هئا. هي اهو زمانو هو جڏهن ڪنهن استاد کي باقي ضلعي جي عملدارن کان وڌيڪ عزت جي نگاهہ سان ڏٺو ويندو هو. اها 50 واري ڏهاڪي جي ڳالهہ آهي، هي جيڪي هاڻي روڊ رستا نظر اچن ٿا، اهي ان زماني ۾ ڪو نہ هوندا هئا. ٽپال وسيلي چنا صاحب جي چٺي پهتي تہ جون جي فلاڻي تاريخ تي گلاب لغاري اچڻ گهري ٿو. جڏهن تہ ٽنڊو الهيار کان گلاب لغاري تائين سواري جو بندوبست ٽنڊو الهيار جي ميمڻ برادري ڪندي، جيڪي تقريبن چنا صاحب جا ڪنهن نہ ڪنهن طرح شاگرد هوندا

هئا. مقرر تاريخ تي محبوب علي چنا صاحب ريل رستي حيدرآباد کان ٽنڊي الهيار پهتا تہ اُتي جي ميمڻ برادري اڳي سندس آجيان لاءِ موجود هئي. جن ۾ شامل هئا، حاجي صادق ميمڻ، حاجي احمد ميمڻ ۽ حاجي يوسف ميمڻ چمبڙ وارو. اها تہ سڀ ڪنهن کي خبر هئي تہ چنا صاحب کي اڳهاماٽي يا گلاب لغاري ويجھو آهي پر ڪنهن وٽ ويجھو آهي اها ڪنهن کي بہ خبر ڪانہ هئي. خوش خير عافيت کان پوءِ ڪائنس پڇيو ويو تہ گلاب لغاري ڪنهن جا مهمان ٿيندا. پاڻ جواب ڏنائون، "منهنجو هڪ سادو سٻاجهو لغاري غريب دوست آهي، جنهن جو نالو آهي "محمد بخش" انهي جا مهمان آهيون. منهنجي ڏاڏي کي تہ اتي ڪوئي نہ سڃاڻندو هو. سو ٽنڊي الهيار جا ميزبان لڳا هڪ ٻئي جي مُنهن ڏانهن ڏسڻ. تنهن تي هڪ چيو تہ " ها آئون انهي ماڻهو کي سڃاڻان ٿو، اهو ڊِڪ منشي آهي. " تنهن تي انهن مان هڪ ماڻهو پٽڪو هنيو تہ "توهان ايڏا وڏا ماڻهو هڪ معمولي ماڻهو ڊِڪ منشي وٽ ڪيئن ويندا. " جيئن اهي لفظ چنا صاحب جي ڪنن تي پيا تہ هو صاحب ڪاوڙجي پيو. " چئي دوستيءَ ۾ ڪا ننڍ وڏائي ٿيندي آهي ڇا؟ دوستيءَ ۾ غريب غربو سڀ برابر هوندا آهن. آئون اوهان جي گاڏي استعمال نہ ڪندس. بس آئون واپس حيدرآباد ٿو وڃان. " انهيءَ تي چنا صاحب سخت ناراض ٿيا. ٽنڊي الهيار جي ميمڻ برادري وڏين منٿن ميڙن کان پوءِ چنا صاحب کي راضي ڪري گاڏي ڏئي گلاب لغاري موڪليو سو ان زماني جا اهڙا ماڻهو هوندا هئا، جيڪي دوستي جي هڪ اکر تي بہ سودي بازي جي لاءِ تيار نہ هوندا هئا. جيئن تہ چنا صاحب تقريبن پنهنجي سرڪاري نوڪريءَ دوران تعليم جي شعبي سان لاڳاپيل رهيو. تنهنڪري سڄي سنڌ جي هر ننڍي وڏي شهر ۾ سندس ٿورا ڪي گهڻا شاگرد ضرور هوندا هئا. ان کان سواءِ سندس سنڌي ادب سان وڏو گهرو لڳ لاڳاپو هوندو هو. تنهنڪري ادب جي دنيا ۾ پڻ چاتو سڃاتو ويندو هو. آئون جڏهن 1976_77ع ۾ ٽيچرس ٽريننگ ڪاليج منياٽي ويس تہ اُتي ان جو پرنسيپال جنهن جو نالو عبدالرحيم چنا صاحب هو ۽ هن جو تعلق نوشهري فيروز سان هوندو هو. مون کي خبر نہ آهي تہ هن صاحب کي ڪيئن خبر پئي، جنهن مون کي گهرايو ۽ پڇيائين تہ " توهان جو محبوب علي چنا صاحب سان تعلق آهي " مون جواب ۾ صرف اهو چيو تہ " هي جيڪو منهنجو نالو نظام الدين آهي، اهو بہ محبوب علي چنا صاحب جو رکيل آهي. " جنهن تي پرنسيپال عبدالرحيم چنا صاحب ڪرسي ڇڏي يڪدم اٿي بيهي رهيو ۽ چيائين تہ " آئون سائين وٽ هالا ڪاليج ۾ پڙهيو هوس. " مون ڏٺو تہ هڪ عظيم شخصيت ٻئي عظيم شخصيت کي عقيدت جا گل پيش ڪري رهي هئي. بس انهن ٿي

ڏينهن دوران آئون اجان منياٽي ڪاليج ۾ پڙهندو ئي هوس تہ محبوب علي چنا صاحب جو مديني ۾ انتقال ٿي ويو. تہ سائين عبدالرحيم چنا صاحب ڪافي ڏک جو اظهار ڪيو هو.

هاڻي وري موٽون ٿا، مون واري ڏاڏي تي، جيڪو سيلاني طبعيت جو مالڪ هوندو هو. تنهنڪري سندس سُهري فيصلو ڪيو تہ ان کي سڱ نہ ڏينداسين انهي جي تصديق خود هُن پنهنجي ڊائري جي هڪ ورق ۾ ڪئي آهي. جنهنجو هڪ ورق اڳتي ايندو. اها خبر جڏهن اسان جي مائٽن کي پئي تہ هن کي ڳولڻ شروع ڪيائون، هن همراهہ جو نڪاٽو هجي تہ هن کي ڳولي هٿ ڪجي. ائين آڏي مانجهي اسان وارن مائٽن جي ڊوڙ هوندي هئي چنا صاحب تي. انهي کي وچي اها ماجرا ٻڌايائون. جنهن صاحب هن کي وڏي ڳولا کان پوءِ وچي مٽيارين مان هٿ ڪيو.

گلاب لغاري جي پوسٽ آفيس پڻ قاضي محمد بخش 1943 ع ڌاري سائين ميران محمد شاهہ کي چئي کولرائي هئي، جيڪا اجا تائين هلي رهي آهي. پاڻ ان زماني ۾ سيلانيون چڏي ڳوٺ ۾ اچي ڪپڙي جو دڪان کوليو هئائين. محبوب علي چنا صاحب سان ملاقاتون بند ٿي ويون. خط کان سواءِ ميل ميلاپ جو ٻيو ڪو ذريعو ڪو نہ هوندو هو. سو همراهہ سنڌ اسيمبليءَ جي اسپيڪر کي چئي پوسٽ آفيس کولرائي. ان زماني ۾ انگريزن جي قانون مطابق پوسٽ آفيس ان شرط تي هڪ مهيني لاءِ کولي ويندي هئي تہ مهيني ۾ ڪيترا خط، پارسل ۽ مني آرڊر اچن ۽ وڃن ٿا. گلاب لغاري ۾ اڄ هن 21 هين صدي جي اِنفارميشن ٽيڪنالاجي جي دور ۾ بہ پڙهائي پوري ساري آهي تہ 100 سال اڳ ڇا حالت هوندي؟ پڙهندڙ پاڻ اندازو لڳائين. هاڻي پوسٽ آفيس بہ هلائڻي آهي. ڳوٺ جي ماڻهن جي ڪا ڄاڻ سڃاڻ هجي ۽ پڙهيل لکيل بہ هجن تہ ڪو خط پٽ بہ اچي وڃي. ان مسئلي جو حل بہ پاڻ ڪڍيائين. لفافا، پوسٽ ڪارڊ ۽ مني آرڊر فارم تہ سرڪار اڳي وڪڻڻ جي لاءِ ڏياري موڪليا هئا، سو اهي سڀ پاڻ خريد ڪيائين. جتي جتي هندستان ۾ واقفيت هوندي هيس انهن سيني ماڻهن کي هر روز خط لکندو هو. اها تہ ٿي ويندڙ ٽپال، جيڪي ٻاهران اچي ان لاءِ ائين ڪيائين جو ڳوٺ جي سيني ماڻهن کي خط لکيائين، ڪنهن کي لفافا تہ ڪنهن کي ڪارڊ، صبح جو جيڪا ٽنڊوالهيار يا حيدرآباد بس ويندي هئي ان جي ڊرائيور کي اها ٽپال ڏيئي ڇڏيندو هو تہ صرف اهي شهرن مان ٽپال جي ڳاڙهي دٻي ۾ وجهي ڇڏين. ٻئين ٽئين ڏينهن هر ماڻهو کي خط پيا پهچندا هئا. ائين هڪ مهينو خط پٽ ايندا ويندا رهيا ۽ پوسٽ آفيس پڪي ٿي وئي. مون واري ڏاڏي سيئي مزا ورتا، سرڪاري نوڪري بہ ڪيائين

جو ڪجھ وقت لاءِ ڏڪ منشي ٿي رهيو. زميندار ي بہ ڪيائين ۽ دڪانداري بہ هلايائين پر ڪٿي بہ جمي ويهي نہ سگهيو. پاڻ انهي زماني ۾ بہ روزانو باقائدگيءَ سان ڊائريءَ لکندو هو. سندس ڊائريءَ جي هڪ ورق مان سندس سيلاني طبعيت ۽ اسان جي مالي حالت جي پڙهندڙن کي پروڙ پئجي ويندي.

## ڏاڏا سائينءَ جي ڊائريءَ جو هڪ ورق

### ڏاڏا سائينءَ جو ننڍپڻ

منهنجي ڄمڻ جي تاريخ ۽ مهيني جي پوري پڪ ڪانهي، ڇو جو والدين ويچارا اڻ پڙهيل هئا. تنهنڪري ڄمڻ جي تاريخ قلم بند ڪانهي. مگر انومان آهي تہ آئون 1913ع يا 1914 ع ۾ ڄائو آهيان. جيئن تہ منهنجي والدين کي فقط آئون اڪيلو پٽ هوس، ٻيو ڪو بہ اولاد ڪو نہ هئن. تنهنڪري غريبي حالت هوندي بہ آئون سکيو پليس ۽ جيڪو بہ انگل آرو ڪندو هوس، سو يڪدم پورو ڪندا هئا. مگر اهو سکيو وقت ڪو گهڻو ڪونہ هليو. آئون ڇئن يا پنجن سالن کن جو هوس، تہ والده ماجده جو انتقال ٿيو ۽ والده صاحبا 1919 ع جي وڏي بيماريءَ ۾ وفات ڪئي. پوءِ منهنجي پرورش والد محترم جي زير نظر رهي. اسان گهر ۾ فقط ٽي ماڻهو هئاسون. هڪ والد صاحب، ٻيو آئون ۽ ٽيون منهنجي ناني. منهنجي نانيءَ ٻيو حق ڪيو هو. ان جو گهر وارو، جنهن جو نالو حسڻ هو ۽ آئون ان کي نانا ڪري سڏيندو هوس. قدرتي الاهي جو بابا جو پڻ 1924ع ۾ شفقت ڀريو هٿ کڄي ويو. منهنجو ويجهو عزيز ڪو بہ ڪونہ هو. تنهنڪري آئون ناني سان گڏ رهڻ لڳس، منهنجي ماني وغيره ناني تي هئي، باقي ڪپڙا آئون پنهنجا پاڻ ڪندو هوس. بابي سائين جي وفات وقت اسان وٽ هيٺين ملڪيت هئي، هڪ گهوڙي، هڪ ڏڳو 5 يا 6 ٻڪريون ۽ اٽڪل 50 روپيا روڪ هئا. مون گهوڙي 43 روپين ڪري وڪي ۽ ڏڳي 40 روپين ۾ وڪي. اهي 83 روپيا ۽ ٻيا پئسا امانت ڪري، رئيس حاجي شاهہ محمد خان وٽ رکيم. جنهن مان ڪپڙا وٺندو هوس. منهنجي والده صاحبا ننڍي هوندي منهنجو مڱڻو ڪري وئي هئي، تنهنڪري ساهُرن کي بہ ڪپڙا ڏيندو هوس، آخر چوٽي آهي تہ "ڪاڏي کوهہ بہ کٽيو وڃن". تنهن ڪان پوءِ آمدني نهي ڪا نہ رڳو کپت، سو پئسا ڇئن پنجن سالن ڪان پوءِ کٽي ويا. بابا سائين جنهن وقت وفات ڪئي هئي ان وقت آئون پنجون درجو سنڌي پڙهندو هوس، جو پاس ڪيم ۽ پوءِ اسڪول ڇڏي ڏنم ۽ مولوي پير محمد چانديي وٽ قرآن شريف پڙهڻ ويٺس جو پورو ڪيم. تنهن ڪانپوءِ گهڻو ڪري رئيس حاجي شاهہ محمد خان جن وٽ ڪمائيندو هوس، جي فقط ماني ڏيندا هئا. جڏهن تہ منهنجي ڪا ٻي بہ واهہ ڪا نہ هئي تنهنڪري لاچار اتي ئي پيو هوندو هوس. آخر منو پٽ سنجر، جو لغاري آهي، ان وٽ مهيني تي ٻينس ۽ ٻڪريون چاريندو هوس. پگهار ڀ روپيا مهينو مقرر ٿيو. ڪجهہ وقت اتي هوس، منهنجي

حالت اهڙي هئي، جو رڳو چم ۽ هڏيون باقي رت ماس ڪو نہ هو. حاجي سنجر خان مون کي چوندو هو تہ تنهنجو باقي مٿو اچي بچيو آهي. آخر اتان بہ موڪلائي آيس. ٻي ڪا واهہ ڪا نہ هئي، تنهنڪري رئيسن ۾ آيس. انهي ڪان پوءِ ٻاجهي پٽ حاجي فقير واري کي چيم تہ مون کي مهيني تي بيهار، جنهن ٻہ روپيا مهينو ڏيڻو ڪيو، مگر اهو شرط وڌائين تہ 12 مهينا پورا ڪندين. مون انهي تي بہ هائو ڪئي. مگر وچ ۾ ڪنهن ٻئي ماڻهو چيو تہ اهڙو ظلم نہ ڪر غريب جيڪي وقت ڪمائي سو ڏجانءِ. پوءِ ان بہ اها ڳالهہ قبول ڪئي ۽ آئون هن جو صبح جو ٻنيءَ جو ڪم ڪندو هوس، پوءِ ٻڪريون ڪاهي جهنگ ۾ ويندو هوس. انهيءَ سال مينهن جام پيا هئا ۽ ٻاجهي جي زمين هئي جنهن ۾ گاهہ تي" رک " هئي، آئون سڄو ڏينهن پرائو مال ڀوڙائيندو هوس ۽ شام جو پنجين بجي ڌاري موٽي ايندو هوس ۽ اتي ٻني تي پاڻ پکيڙيندو هوس يا ٻيو ڪم ڪندو هوس. جيئن تہ آئون ننڍو ۽ ڪمزور هوس، تنهنڪري چيلهہ ۾ سور ڏاڍو هوندو هوم ۽ هڪ چم جو ٽڪرو هو، جيڪو چيلهہ ۾ ٻڌي گهمندو هوس. ڪجهہ وقت کان پوءِ پگهار وڌائي ٽي روپيا ڪري ڏنائون ۽ چيائون تہ ٻن ٽن مهينن کان پوءِ توکي پنج روپيا ڪري ڏينداسين. انهيءَ تي آئون ڏاڍو خوش ٿيس. خير پنج روپيا تہ ڪو نہ مليا، باقي ٽي روپيہ يعني هڪ مهيني جو پگهار ڏنائين.

گلاب لغاري ٽاڻي تي 1930ع ڌاري دوست محمد خان نالي هڪ پناڻ پوليس ۾ سوار هو. جنهن سان بابي سائين جو دوستيءَ وارو رستو هو ۽ هو بہ مون کي پيار ڪندو هو. آخر ٻي واهہ نہ ڏسي دوست محمد خان وٽ ويس. جيڪو انهيءَ وقت اتي بدين ۾ جمعدار هو. ڪجهہ وقت اُتي رهيس، وري ان جو ننڍو ڀاءُ پير بخش خان سو بہ پوليس ۾ هو ۽ ان وقت پٽ شاهہ ٽاڻي تي هو. آئون وري ان وٽ ويس اٺ نو مهينا اتي هوس، اتي نوڪر وانگر ڪم ڪندو هوس، مگر ملندي رڳو ماني هئي . جُتي بہ پير ۾ ڪا نہ هئي. آئون پٽ شاهہ ۾ هوس تہ اتي هڪ سيد نالي گلو شاهہ جيڪو هتڙي جي پر ۾ ڪکي نگواٽي جي ڳوٺ ۾ ويٺل هو. اهو هڪ ٻانهن ڪٽي اتي آيو ۽ مائي کي اتي ڇڏي پاڻ ڳوٺ موٽي ويو. مگر اها مائي مون کي گهڻو پيار ڪندي هئي، جنهن کي آئون ادي ڪري سڏيندو هوس. وري جڏهن گلو شاهہ مائي کي وٺڻ آيو تہ مون مائي کي چيو تہ ادي آئون توهان سان هلندس جنهن چيو تہ ڀلي هل. آخر پيربخش خان کان موڪلائڻ کان سواءِ آئون، مائي ۽ سيد سان گڏجي سيدن جي ڳوٺ آيس. جتي سيدن جا بہ گهوڙا هئا، جن جي خدمت چاڪري ۽ گاهہ وغيره ڪندو هوس، ڇهن ستن مهينن کان پوءِ مون کي سيد چيو تہ تون اسان جون

ٻڪريون چار ته توکي پنج روپيا مهينو ڏينداسون. مون اها ڳالهه قبول ڪئي اٺ نو مهينا ٻڪريون چاريم مگر ملي پائي به ڪا نه.انهي وچ ۾ ٻيلي جو هڪ جمعدار نبي بخش چانڊيو هو. جو اڻ پڙهيل هو ان کي منشيءَ جي ضرورت هئي، آئون ان وٽ منشي بڻجي ويس ۽ اتي مون کي چار پئسا ملڻ لڳا. جيئن ته آئون غريب ماڻهو هوس ۽ منهنجو خرچ ڪجهه به ڪو نه هو. تنهنڪري چڱي رقم گڏ ٿي پئي. ڳوٺ آيس اتي معلوم ٿيو ته منهنجي سُهري ٻئي هڪ ماڻهو کي سڱ ڏيڻو ڪيو آهي، جيڪو شادي جي تيارين ۾ آهي. اها حالت ڏسي راڄ جو چڱو مڙس رئيس ڪمال خان سريوال هو. جيڪو هلندي وارو ۽ هڪ وڏو شريف انسان هو. ان وٽ دانهن ڪٽي ويس، جنهن منهنجي سهري ۽ ٻين ماڻهن کي گهرايو ڳالهيون ٻڌي فيصلو ڪيائين ته حق ڇوڪري جو آهي. تنهنڪري حق ان کي ملي، منهنجي سهري به اها ڳالهه قبول ڪئي ۽ منهنجي غريباڻي شادي ٿي. ڪجهه به ڪونه هو نه پٽ نه راڳ نه رنگ 5-8 ماڻهو هئا ۽ نڪاح پڙهيو ويو. ”

## اسان جي معاشي حالت ۽ بابا مرحوم جو هي جهان ڇڏڻ

هن ڊائريءَ جي ورق ۾ منهنجي ڏاڏي مرحوم ڪاب تاريخ نہ لڳائي آهي. البت چوي ٿو تہ هو 1914ع ڌاري پيدا ٿيو هو. ساڳئي وقت سکر بئراج جو ڪو بہ ذڪر نہ ڪيو اٿس. انهي مان اهو اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ 1920ع ۽ 1932ع جي وچ واري زمانو هو. سنڌي هندو جيڪي ورهاڱي وقت هندستان هليا ويا ۽ اسان جي ڳوٺ مان بہ وڏي تعداد ۾ لڏ پلاڻ ٿي هئي. انهن جي وڃڻ جي ڪري هڪ قسم جو خال پيدا ٿي پيو. چوجو اسان جي ڳوٺ جو ڪاروبار تقريبن انهن جي هٿ ۾ هو. جيئن تہ بابا ڪنهن هندو دڪاندار وٽ ڪمائيندو هو جنهن جو نالو سيٺ لالو مل هو. جڏهن تہ انهي خاندان هجرت نہ ڪئي هئي ۽ اڄ ڏينهن تائين انهن سان اسان جو قرب جو رستو هلندو ٿو اچي. سيٺ جي همٿائڻ ۽ ڪجهہ مالي مدد ڪرڻ تي بابا پنهنجو ريزڪي دڪان کوليو.

جيئن تہ منهنجو بابا مرحوم صرف پنج درجا سنڌي جا پڙهيل هو زمين وغيره تہ اسان جي هئي ڪانہ. جيئن مٿي ڊائريءَ جي هڪ ورق مان ظاهر آهي. پٽ سٽ ڪري هڪڙو ريزڪي دڪان کوليائين. تنهن تي سڄو ڏينهن سگهڙن جي ڪچهري لڳي پئي هوندي هئي. ڪڏهن شاعري پئي چٽبي هئي تہ ڪڏهن وري ڏور ۽ ڳجهارتون ڏبيون ۽ پڇبيون هيون . بابا جي دڪان تي هڪ پريو مڙس ايندو هو. جيڪو ذات جو خاصخيلي هو ۽ سندس نالو هو جاڙو اهو بہ بابا جي دڪان تي هر روز ايندو هو. ان جا ٻہ نوجوان مائٽ پڻ اسان جي دڪان تي ايندا هئا جن جا نالا هئا ڪريم بخش ۽ جُڙيو اهي ٻئي نوجوان راڳ ڏاڍو پلو ڳائيندا هئا. هرسال گرمين جي موڪلن ۾ پروفيسر محبوب علي چنا ڏهن پندرهن ڏينهن جي لاءِ اچي اسان جي ڳوٺ رهندو هو. چنا صاحب صوفي طبعيت جو مالڪ، راڳ رنگ جو شوقين، سنڌي ادب سان سندس گهرو گهاٽو لاڳاپو. تنهنڪري ان جي اچڻ تي اهڙي ڪچهريءَ جو اهتمام ڪيو ويندو هو. اها ڪچهريءَ رات جو اسڪول ۾ مچندي هئي. ڳوٺ جا سگهڙ شاعر ۽ اهي ٻئي پائر راڳي محفل مچي ويندي هئي. اسين بہ ننڍڙا ٻار هوندا هئاسين سو ڪنڌ پاسو وٺي ويهي ڪچهري ٻڌندا هئاسين. ان زماني ۾ اسان جي ڳوٺ ۾ بجلي اڃان ڪانہ آئي هئي. اها سڄي ڪچهري گاسليٽ جي گولن تي مچندي هئي. مهمانن جي اچڻ جي ڪري اسان جو دڪان جلدي بند ٿي ويندو هو. چوجو سڄ لٿي کان پوءِ گولو مهمانن جي حوالي هوندو هو. هر

ڪو ماني ٽڪي کائي ڪچهري ٻڌڻ لاءِ اچي گڏ ٿيندو هو. ڏاڏو ڪامل لغاري جيڪو اسان جي ڳوٺ جو وڏو سگهڙ هوندو هو. جنهن کي ڏور بيت جي وڏي ڄاڻ هوندي هئي. اهو ڏور بيت ٻڌائيندو هو ته دائم خان لغاري، جنهن کي ڏڳاٽي بوزدار مان خاص گهرايو ويندو هو. اهو شاعري ٻڌائيندو هو. پوءِ وارو ڏبو هو ڳائڻ کي، اهي هئا ڪريم بخش ۽ جڙيو خاصخيلي. ڪريم بخش خاصخيلي سُريلو راڳي هوندو هو. هونئن ته پاڻ پنهنجي مڇي ماني وارا هوندا هئا. هرويرو شادين مرادين تي پئسن جي لالچ ۾ راڳ ڪو نه ڳائيندا هئا. ها البت راڳ جي شوق جي ڪري پاڻ ٽنڊي آدم وڃي استاد منظور علي خان جي والد استاد جمالو خان کان 5 سال راڳ جي سکيا ورتائون. پاڻ هر صنف کان واقف هئا. پٽائي، بلي شاهه، سچل، مصري فقير، نواب ولي محمد خان لغاري، سائين طالب المولىٰ وغيره کي ڏاڍي سهڻي نموني ۽ مهارت سان ڳائيندو هو. ڪيس راڳ جي راڳڻين تي بہ خاصو عبور حاصل هوندو. رات جو آڌي کان پوءِ جڏهن راڳو ڇيڙيندو هو ته ويٺلن تي هڪ قسم جو وجد طاري ٿي ويندو هو. بابا مرحوم سان دوستي هوندي هئي، سو راڳ رنگ جو ساز، سامان اسان جي دڪان تي پيو هوندو هو. مون کي جيتري قدر ياد ٿو پوي ته سائين چنا صاحب هڪ دفعي پندرهن ڏينهن جي لاءِ اچي گلاب لغاري ۾ رهيا، اهي پندرهہ ئي راتيون ڏور بيت ۽ راڳ رنگ جي محفل جاري رهي. ڪريم بخش خاصخيلي هر رات نئون ائٽم پيش ڪندو رهيو. هن نوجوان راڳي چنا صاحب کي ڪافي متاثر ڪيو. مطلب ته اها روح رهاڻ جي محفل سڄي رات پئي هلندي هئي. چاچا ڪريم بخش خاصخيلي اجان حال حيات آهي. دعا آهي ته الله ڪيس وڏي ڄمار ڏئي. آئون جڏهن هن دفعي ڳوٺ ويو هوس ته ساڻس سٺي ڪچهري ٿي هئي. اسان جي دڪان جي پاسي ۾ هڪ پناهگير حاجي محمد دين جي اٽي جي چڪي هوندي هئي. حاجي صاحب اهو سڄو لڪاءُ ويٺو ڏسندو هو. جنهن کي اها محفل ڪو نه وڻندي هئي. هڪ دفعي سڙي سڙي نيٺ چيائين ته " فرعونن جي ڪچهري شروع آهي " تنهن تي اڳيان جواب مليو ته " هتي ابوجهل جي ڪا بہ جڳهہ ڪانهي " راڳي ڪريم بخش خاصخيلي جڏهن سائين طالب المولىٰ جو هڪڙو ڪلام ٻڌائيندو هو. اهو مون کي ڏاڍو وڻندو هو. جڏهن ته سائين محبوب علي چنا پڻ انهيءَ ڪلام جي بار بار فرمائش ڪندا هئا، جنهن جو هڪ بند هيٺ ڏجي ٿي.

.تو دلڙي يار ڏُتاري، پوءِ ير ! ڪا نہ ڪيئي پوئواري

تنهنجا ڪيس پيارل ! ڪارا، آهن پيچ انهن جا پيارا

ڪن ونگ وجهڻ لاءِ وارا، پائن ڳٺ ڳچيءَ ۾ ڳارا

ڪن قيد سياڻا سارا، مهميرن تي سي مارا
ٿين وير ٻـ اُت ويچارا، تا شاهـ پرين شوڪارا
منهنجي نرمل! آ نيزاري، تو دلڙي يار ڏُتاري

انهيءَ دڪان هوندي ٻـ بابا هڪ چوڪڙي (چار ايڪڙ) ڪڻڪ جي پوکيندو هو. جيئن 12 مهينن جو ان داڻو پنهنجو ٿئي. هر سال اها چوڪڙي ڪڻڪ لاءِ نانا حاجي شاهـ محمد ڏيندو هو. جنهن جي چڱي خاصي زمينداري هوندي هئي، جيڪا اڃان تائين هلندي ٿي اچي. پاڻ ايوب خان واري بنيادي جمهوريت (Basic (Democracy) ۾ ميمبر رهيا. ايوب خان جڏهن فاطمہ جناح سان اليڪشن ۾ بيٺو هو تہ مون وارو نانو ٻـ ٽنبدي محمد خان ۾ ووٽ ڏيڻ ويو هو. پاڻ جيئن تہ فاطمہ جناح جو وڏو حمايتي هو. تنهن ڪري ان جي اليڪشن هارائڻ جي ڪري ڪيس ڏاڍو ڏک پهتو هو. جيئن تہ اسان ننڍڙا هئاسين بابا مرحوم وفات ڪري ويو. ان ڪري اسان ڪي اخلاقي توڙي مالي مدد ڪرڻ ۾ منهنجي ناني جو وڏو ڪردار رهيو آهي. انهي هڪ چوڪڙي زمين جي، جنهن تي اسان ڪڻڪ پوکيندا هئاسين ان جي ڪيڙي ڍڳن تي ٿيندي هئي، جيڪا بابا يارن دوستن کان ڍڳا پن پري ڪري ڪيڙي ڪرائيندو هو. اڃان ٽريڪٽر وغيره عام جام ڪونہ هوندا هئا. آخر ۾ هَلَر ٻـ ڍڳن تي ڳاهبي هئي. ڪڻڪ جو لابارو ڪري ولهہ ڪٽي اچي کرو (ديرو) ٺاهبو هو. شروع ۾ کرو ائين ٺاهبو هو جو ڪڻڪ جي ولهہ جون پريون ڪٽي چوءُ طرف سٿيون ٺاهي رکبيون هيون ۽ وچ خالي ڇڏي ڏبو هو. وچ ۾ ڪاٺ جي ٿوٽي کوڙبي هئي، جنهن کي ميڙهہ چئبو هو. 8_9 ڍڳا هڪ وڏي رسي سان انهي ميڙهہ سان قابو ڪري ٻڌبا هئا ۽ اها "ولهہ" ڍڳن جي پيرن ۾ ائين ڏبي هئي، جيئن هر ڍڳي جو کُر ان ولهہ تي اچي. پوءِ هڪ ماڻهو ڍڳن کي پوياں هڪليندو هو. اهو ڪم اسين ٻار ڪندا هئاسين ۽ بابا ڏانداري سان انهيءَ ولهہ جي اوٿل پوٿل پيو ڪندو هو. انهن مان ٻـ شيون نڪرنديون هُيون. سِٽن مان داڻو ۽ باقي ڪڻڪ جي ڳاني مان ٻهہ نڪرندو هو. اها جيڪا ولهہ ڍڳن جي هيٺان پڪيڙبي هئي ان کي "پڳر" چئبو هو. سڄي ڏينهن ۾ وڏ ۾ وڏ ٻـ پڳر ڳاهي سگهبا هئا، جيڪا ڪڻڪ هڪ چوڪڙي 100 مڻ کان وڌيڪ لهندي هئي. ان جا 20 – 22 پڳر ٿيندا هئا يعني هڪ چوڪڙي ڏهن کان ٻارهن ڏينهن ۾ ڳاهبي هئي. شرط اهو هوندو هو تہ ڏينهن گرم هجي ۽ اتر جو واءُ لڳي، جيئن خشڪ تي ڪڻڪ يڪدم ڀُري وڃي. سخت گرميءَ ڪي سٽائو ڏينهن سمجهو ويندو هو. پر جيڪڏهن ان جي ابتڙ ڏکڻ جو واءُ لڳو تہ هلر ڇوڙي ڇڏبي هئي، ڇو جو اُن ۾ ڪڻڪ گهمجي ويندي ۽ ڳاهبي ڪونہ هئي.

جڏهن بابا مرحوم هيءُ جهان ڇڏيو هو تہ ان وقت آئون چمبڙ مڊل اسڪول ۾ ستين ڪلاس ۾ پڙهندو هوس. ان وقت اسان جي مالي حالت ڪا سٺي ڪونہ هئي. انڊو منڊو دڪان هوندو هو جنهن کي اوڌر وارن اڳي ڪائي ڪپائي خلاص ڪري ڇڏيو هو. بابا دڪان بند ڪري سيٺ حاجي ڦوٽو ميمڻ ڏندي واري جي اٽي جي مشين تي 40 روپيا مهيني جي حساب تي پگهار تي بيهي چڪو هو. حاجي ڦوٽو ميمڻ جي چار پنج مهينا نوڪري ڪرڻ جي باوجود هن ڪو بہ پگهار وغيره ڪونہ ڏنو. بابا جي مالي حالت ڪافي تنگ ٿي وئي. آئون مٿي لکي آيو آهيان تہ اسان کي نانا حاجي شاهہ محمد هر سال ڪٽڪ جي هڪ چوڪڙي پوکڻ لاءِ ڏيندو هو جيئن سال جو ان داڻو پنهنجو ٿي وڃي مٿان ڪٽڪن ۾ بہ لابارا شروع ٿي ويا. آئون جيئن چمبڙ مڊل اسڪول مان ايندو هوس تہ سڌو ڪري تي بابا سان هلر ڳاهڻ ۾ ڍڳا هڪلڻ تي مدد ڪندو هوس، جيئن تہ اجان مشيني پوک ايتري عام ڪونہ ٿي هئي. ڪٽڪ جي هلر وغيره ڍڳن تي ڳاهٽي پوندي هئي. اسان وٽ جوڙو وغيره هوندو ڪونہ هو. سو بابا مڙوئي يارن دوستن کان پن پري تي پيو ڪم هلائيندو هو. مون مٿي ميڙهہ واري هلر جو ذڪر ڪيو آهي، جيڪا اٺن يا نون ڍڳن سان ڳاهبي هئي. ڍڳن جي اٽاٽ جي ڪري اهو ڪٽڪ جي ڳاهي جو طريقو اڳتي هلي ختم ٿي ويو. ان جي جاءِ تي ڊينگر واري هلر وارو طريقو رائج ٿي چڪو هو. جنهن ۾ بہ ڍڳا اڳيان ٻڌبا هئا ۽ هڪ ڪنڊي جو وڏو ڊينگر پنيان ٻڌبو هو. هڪ ماڻهو انهن ڍڳن کي پنيان لٺ سان هڪليندو هو. هڪ ڏينهن جيئن مون ڍڳا پٺي هڪليا تہ هڪ ڍڳي نڪاءُ ڪٽي لت ڪرائي تہ آئون ڪري پيس ۽ ڪنڊي جو ڊينگر منهنجي مٿان چڙهي ويو. بابا مون کي ڇڪي ٻاهر ڪڍيو ۽ پنهنجن پيرن تي هلائڻ جي ڪوشش ڪيائين پر آئون هلي نہ سگهيس. ڇو جو منهنجي ساڄي ٽنگ ڀڄي پئي هئي. مون کي گهوڙيءَ تي چاڙهي گهر وٺي آيا. ان زماني ۾ اسان جي تر ۾ بہ ماڻهو هئا، جيڪي ديسي طريقي سان ڀڳل عضون جو علاج ڪندا هئا. اجان ڊاڪٽري طريقي موجب لوهہ جي راڊ نہ وڌي ويندي هئي. انهن مان هڪڙو هو اسان جي ڳوٺ جو محمد عثمان ڪنير، جنهن جو اهو خانداني ڌنڌو هو. جڏهن تہ ٻيو ماڻهو جنهن جو نالو هو محمد يوسف لغاري، سندن اوڙڪ هوندي هئي "ڪرڙائي". تنهنڪري يوسف ڪرڙائي ڪري سڏبو هو. صلاح بيٺي تہ يوسف ڪرڙائي کي سڏجي، ڇو جو تر ۾ عضون ٻڌڻ جو ماهر سمجهو ويندو هو. جنهن گهوڙيءَ تي مون کي کڻي آيا هئا انهي ساڳي وهٽ تي ان کي وٺي آيا. سندن ڳوٺ اسان جي ڳوٺ کان ٽي چار ميل ٻاهر هو. هُن ۾ اسان جي پاڙي جي پرئي مڙس حاجي الهہ جڙيو خان گڏجي منهنجي ٽنگ ٻڌي.

مون کي جيترو ياد پوي ٿو تہ بابا ان زماني ۾ ڏاڏي يوسف ڪرڙائي کي چار روپيا ڏنا هئا. اسان جي پاڙي واري هردل عزيز ڊاڪٽر احمد خان مون کي بہ سيون اچي هنيون هيون ۽ ٻڪ گورين جو پڙ ڏيئي ويو هو. ڊاڪٽر احمد خان ڳوٺ جي ڪنهن بہ ماڻهو کان دوا درمل لاءِ پئسو پائي نہ وٺندو هو. جنهن جو ذڪر اڳتي جا ٻجا ايندو رهندو. ان سال اسان جي ڪٽڪ تہ ڪافي ڀلي ٿي هئي، البتا ڪنهن مرض سبب داڻو نہ ڪيائين. مٿان جو منهنجي ننگ ڀڃي پئي تہ بابا کي پريشانيون ۾ ڳڻتيون ورائي ويون. آخر ۾ ائين ٿيو جو بابا بيماريءَ جي بستري تي ڪٽ تي ۽ آئون ٽنگ ڀڃي پوڻ جي ڪري انهي ساڳئي ڪمري ۾ پٽ تي پيو هوندو هوس. اڳتي هلي بابا جو انهي ڪٽ تي موت واقع ٿيو. بابا جي ان وقت ڄمار صرف 37 سال هئي. جڏهن تہ ٽنگ ڀڃي پوڻ جي ڪري آئون هلڻ ڦرڻ کان لاچار هوس. مون کي هاڻي جيڪا ڳالهہ سمجهہ ۾ اچي ٿي تہ بابا جو ڪُمهلي موت جو وڏو سبب اسان جي غربت هئي.

منهنجي جنهن ماڻهو ڀڳل ٽنگ جوڙي هئي، انهي جو نالو محمد يوسف هو. انهي جي سگهڙائپ جو هڪ ٻيو واقعو بہ ٻڌندا هلو. ساماري پاسي، ڪنهن عورت جي ٽنگ ڏڌ کان نڪري پئي، هن کي وٺي ويا، اڳيان ماڻهو پرديدار هئا عورت جي ڏڌ تي ڪيئن هٿ لڳائي. سو هڪ مينهن گهرايائين، جنهن کي ٽي چار ڏينهن اُجو ۾ بکيو رکيائون. ٽن چئن ڏينهن کان پوءِ انهي عورت کي ان تي چاڙهي وهاريائون ۽ مينهن کي پاڻي پيارڻ شروع ڪيائون، جيئن مينهن پاڻي پيئندي وئي ۽ ان جون ڪڪون پربيون ويون ۽ سندس پيٽ ڦوڪبو ويو تہ عورت جي ٽنگ نڪاءُ ڏئي چڙهي وئي. اهي هُئا ان زماني جي سگهڙن جا ڏاهپ جا ڏس، جيڪي هنڌين ماڳين مشهور هوندا هئا. اڄ جو ڊاڪٽر پروفيشنلي ڊس آنيسٽ ڪمپنيءَ جي مال کپائڻ لاءِ غريب مريض جو مال کپائي ڇڏيندا. پوءِ مريض کي فائدو ٿئي يا نہ ٿئي. مون هڪ ڳالهہ جيڪا نوٽ ڪئي آهي انهي ۾ آئون غلط بہ ٿي سگهان ٿو. سنڌ جي ڊاڪٽرن جي مقابلي ۾ اسلام آباد جا ڊاڪٽر مريض سان ايڏي زيادتي ڪو نہ ٿا ڪن. جڏهن تہ مهانگائيءَ جي لحاظ کان اسلام آباد دنيا جي مهانگن شهرن ۾ شمار ٿئي ٿو. سنڌ جي ماڻهو جي مقابلي ۾ اسلام آباد ۾ ماڻهن وٽ مال ملڪيت وڏيڪ آهي. انهي هوندي بہ ڊاڪٽر مون کي هتي اسلام آباد ۾ مناسب في وٺڻ وارا لڳا، نہ ڪمپني جي ونگار وهڻ وارا، نہ ليبارٽريءَ جي ڏنڏي ڪرائڻ وارا. مون کي اڄ ڏينهن تائين ڪنهن بہ ڊاڪٽر اهو نہ چيو آهي تہ فلاڻي ليبارٽريءَ تان رپوٽون ڪرائي اچ، پرائيويٽ ڊاڪٽر کي سرڪاري ليبارٽيءَ جي رپورٽ تي ڪو بہ اعتراض نہ هوندو آهي.

بابا سائينءَ جي جهان ڇڏڻ وقت اسين چار پائر ۽ هڪ اسان جي پيڻ هئي. بس اهوئي امان جو سڄو اثاثو هئو. چاچا شمس الدين کي جانورن جي ڪاتي ۾ اسٽاڪ اسسٽنٽ واري نوڪري ملي چڪي هئي. جيڪو اسان کي 20 روپيا مهينو گهر جي خرچ پکي لاءِ ڏيندو هو. سائين پروفيسر محبوب علي چنا جيڪو اسان جي ڏاڏيءَ جو دوست هو جنهن فيصلو ڪيو ته هنن ٻارن کي هر سال 20 مڻ ڪڻڪ حاجي شاهه محمد خان ڏيندو جيڪو اسان جو نانو هو ۽ هر مهيني گهر جي خرچ لاءِ حاجي محمد بخش، جيڪو اسان جو ڏاڏو هو ۽ شمس الدين جيڪو اسان جو چاچو هو هڪ مقرر رقم ڏيندا. نانا طرفان ۽ چاچا طرفان ته مقرر امداد ملندي رهي پر ڏاڏا طرفان اهو ڪجهه نه ملي سگهيو. جيڪو ملڻ گهربو هو. پائرن ۾ آئون ٻي نمبر تي هوس ۽ 7 ڪلاس ۾ پڙهندو هوس. جيئن ته تنگ پيچي پوڻ جي ڪري ڪافي وقت اسڪول نه وڃي سگهيو هوس. تنهنڪري چمبڙ مڊل اسڪول وارن منهنجو نالو اسڪول مان خارج ڪري ڇڏيو هو.

بابا جي وفات کان پوءِ اسان جي معاشي حالت اها هوندي هئي جو اسان جي گهر ۾ پورن پنجن سالن تائين رات يا ڏينهن جو ڪڏهن ٻوڙ لاءِ ڪُني ڪا نه چڙهي هئي. پاڙي مان لسي لپ ايندي هئي ۽ بصر جي ڳنڍ تي گذارو ڪبو هو. بابا کان پوءِ امان سڀ ڪجهه اسان کي سمجهو. اسان کي هڪ ڏينهن به اسڪول کان نه روڪيائين. اوڌر سوڌر ڪري پئي اسان جا ناز نخرا پورا ڪندي هئي. اڄ جڏهن اسان هنن وڏن عهدن تي پهتا آهيون انهيءَ جو سڄو ڪريڊٽ اسان جي امان کي وڃي ٿو. جيڪڏهن هوءَ ان وقت شادي ڪري ڇڏي ها. (جيڪو سندس قانوني، اخلاقي ۽ مذهبي حق به هو. ان وقت سندس عمر مشڪل سان 35 سال کن هئي). اسان جو هن وقت ڪهڙو حال هجي ها ! ڇو جو اسان وٽ ڪا موڙي پونجي ته هئي ڪا نه. جو اسان ان جي سهاري پڙهون ها يا ڪو بيو ڪاروبار ڪيون ها. اهو اسان سڀني پائرن جي اولاد کي به سمجهڻ کپي ته هنن جو ملڪ جي وڏن شهرن ۾ رهي سٺن تعليمي ادارن ۾ پڙهيو آهي. اسلام آباد ۽ ڪراچي جي وڏين ۽ مهانگي مارڪيٽن مان جين ۽ جوگر خريد ڪرڻ جا خواب ڏسن ٿا، اهو سڀ ڪجهه انهيءَ بيوهه ۽ بي سهارا عورت جي قربانين ۽ محنتن جو نتيجو آهي. اسان جي امان ڪنهن گهر ۾ نوڪرياڻي ٿي ڪم ڪو نه ڪيو. ها البت هٿ جي هنر ۾ امان سُگهڙ هوندي هئي، جهڙوڪ رليون ناهڻ، اڳٺ ناهڻ، عورتن جون سڀيون ناهڻ ۾ امان پڙ هوندي هئي.

آئون اهو اڳي لکي آيو آهيان ته چمبڙ مڊل اسڪول وارن منهنجو نالو خارج ڪري ڇڏيو هو. ان ڪري ان اسڪول مان سرٽيفڪيٽ وٺي صوفي آباد، جيڪو برانچ مڊل اسڪول هوندو هو ان ۾ پڙهڻ ويس جيڪو نواب محمد علي خان پنهنجي ٻني تي کولرايو هو. جتي ستون ۾ ائون ڪلاس پڙهيس. مون سان گڏ سنڌ جو ناميارو ليکڪ، محقق ۽ علم دوست شخصيت مشڪور ڦلڪارو پڻ پڙهندو هو جنهن سان قرب جو رستو اڄ تائين جاري آهي.

## نواب حاجي محمد علي لغاري

نواب حاجي محمد علي لغاري تاج پور جي نواب خاندان جو چشم چراغ هو. پاڻ صوفي طبعيت جا مالڪ هوندا هئا. مذهبي دائن پيچن کان گهڻو ٽڙو آزاد هوندا هئا. اهو بہ ضروري نہ هوندو هو تہ سندس خاص نوڪرن ۾ ڪو مسلمان نوڪر هجي. تعليم جي واڌاري ۽ سڌاري لاءِ سندس دل ۾ جيڪا چڻنگ دکندڙ هئي اها تڏهن پنيٽ تي پڙڪي، جڏهن هن پنهنجي اوطاق تي انگريزي اسڪول جو پايو وڌو. انهي تعليمي چڻنگ مان مون جهڙا هزارين نہ تہ بہ سوين تعليم جي اُڃ اجهائيندا رهيا. صوفي لاڪوفي طبعيت هئڻ سبب انهي اسڪول جو نالو رکيائين صوفي آباد. اهو اسڪول گلاب لغاري ۽ ان جي پسگردائيءَ جي ماڻهن لاءِ ڪنهن غنيمت کان گهٽ ڪو نہ هوندو هو. انهيءَ اسڪول ۾ اسان انگريزيءَ جا ابتدائي درجا پڙهيا سين. ڇو جو ان زماني ۾ اسان جي ڳوٺ ۽ ان سان لاڳاپيل ڳوٺن ۾ انگريزي تعليم جو ڪو بہ بندوبست ڪو نہ هوندو هو. صوفي راڳ سان چاهہ هئڻ سبب سندس صوفي آباد واري اوطاق تي مهيني ماس جمعي چنڊاٽي صوفي راڳ جي محفل ضرور مچندي هئي. ان زماني ۾ اسان جي ڳوٺ جي آس پاس عمر نانگو مشهور صوفي راڳيندڙ هوندو هو. جيڪو نواب صاحب جي اوطاق جو خاص راڳيندڙن ۾ شامل هوندو هو.

هي، اهو زمانو هو جڏهن سنڌ سراپا احتجاج هئي ۽ ون يونٽ جو پنجوڙ سنڌ جي ڳچيءَ ۾ چا پيو هو تہ پنهنجو وجود بہ وڃائي چڪي هئي. انهيءَ لاءِ سنڌ جي هر حلالي ٻچي پنهنجي ڌرتي ماءُ کي غلامي جي ڳٽ مان ڪڍڻ جا جتن پي ڪيا. سنڌ جي استادن، اديبن ۽ سڄاڻ ڌرين جيڪي انهي ڪم ۾ اڳيرا هئا. سندن احتجاجن جي ڪري شريف ڪميشن جي رپورٽ تي عمل نہ ٿي سگهيو هو. جنهن ۾ چيو ويو هو تہ رفتہ رفتہ اردو کان علاوہ ٻين علاقائي ٻولين کي اسڪولن مان خارج ڪيو ويندو. پر وڏي پيماني تي سنڌ جي استادن ۽ شاگردن جي احتجاج جي ڪري ايوب خان سرڪار ائين نہ ڪري سگهي هئي. اسان کي اسڪولن ۾ سنڌي پڙهائي ٿي وئي. انهن ڪتابن جي مٿان مونو گرام اولہ پاڪستان ٽيڪسٽ بورڊ جو لڳل هوندو هو. جنهن تي امانت، ديانت،شرافت ۽ صداقت لکيل هوندو هو جيڪو اڃان پنجاب ٽيڪسٽ بڪ بورڊ جي ڪتابن مٿان لڳل آهي. خبر نہ آهي ڇو انهن چئن لفظن کي بنگالي سمجهي نہ سگهيا ۽ الڳ ٿي ويا. سنڌين ۽ بلوچن کي پڻ اهي لفظ ڏاڍي دير سان هاڻ سمجهہ ۾ آيا آهن.

## حاجي جيئند خان لغاري

منهنجو ڳوٺ گلاب لغاري ٽن ڳالهين جي ڪري مشهور آهي. هڪ اڳهاڻي جي تاريخي ڪنڌرن جي ڪري، ٻيو سيٺ لوهاڻن جي پلان پلي جي ڪري، ٽيون لغاري ڊارائن يا نجومين جي ڪري. اڄ ته مختصر جائزو وٺون ته علم فلڪيات ڇا ٿيندو آهي. هي هڪ قدرتي سائنس (Natural Science) آهي، جيڪا چنڊ تارن ۽ ٻيا قدرتي سيارا، جيڪي هن ڌرتي جي گولي تي موجود آهن انهن متعلق ڄاڻ ڏي ٿي. مطلب ته ڌرتيءَ جي گولي مٿان هر شئي جو اڀياس ڪري ٿي. هي تمام پراڻي سائنس آهي. پراڻين سڀيتائين جهڙوڪ، سنڌو، يونانين، بابلين ۽ مصري تهذيبن جي رهاڪن هن سائنسي علم جي ذريعي رات جي آسمان جي کوجنا ڪئي. علم فلڪيات هڪ اهڙي سائنس آهي، جنهن جا نتيجا هر عام ماڻهو سولائيءَ سان ڪڍي سگهي ٿو. خاص ڪري ڳجهه جي علم ۾ هي سائنس وڏي مدد ڪري ٿي. هونئن ته هن سائنس جي تاريخ تمام پراڻي آهي پر تيرهين صدي عيسوي ۾ هي علم ٻي دنيا سان گڏ اسلامي دنيا ۾ به ڪافي تيزي سان پکڙيو. انهن ۾ عرب ۽ پرشن ماهر فلڪياتن جو وڏو ڪردار رهيو آهي. گلاب لغاري جو ذڪر اچي ۽ هن علم جي وڏي ڄاڻو فقير حاجي جيئند لغاري جو ذڪر نه اچي اهو ٿي نه ٿو سگهي. پاڻ درياه دل ماڻهو هو. ڳوٺ جي چئن چڱن ۾ شامل ٿيندو هو. هن علم جا ڪافي شاگرد پيدا ڪيا. انهن ۾ ڪي لائق ته ڪي وري نالائق شاگرد نڪتا. مون جڏهن ڏٺو ته سندس جواني موٽ کائي چڪي هئي، چاپائين اڇي ڏاڙهي، سنهيون تيز اکيون، پورو پنو قد، يارن جو يار، ڦڙت ڳالهائڻ ۾ چالاڪ، هر ايندڙ ويندڙ خوش، پهرين ريزڪي دڪان، پوءِ ڦيري پسارڪو ڪيائينس. سُتي ڦڪي وارا گراهڪ گهٽ البت محبوب پرچائي ڏيڻ، شاديءَ جو نه ٿيڻ، چوري چڪاري جو سامان نه ملڻ ۽ ٻين ڏاڳن ڦيٽن وارن جي اچ وڃ لڳي پئي هوندي هئي، ڪنهن ڪجهه ڏنو ڪو هٿين خالي اُٿي ويو سينيءَ ڪي هڪ جيتريون دُعائون. پئسن جي لالچ سندس من ۾ نه هوندي هئي. علم نجوم سندس شوق هوندو هو. هر سنڌ جي بيوروڪريٽ ۽ وڏي آفيسر جو مٿو ٽيڪيل. انهن لاءِ الڳ ڪمرو دڪان جي پنين حصي ۾ مخصوص هوندو هو. حد جي ڊي سي ۽ ايس پي تي اک ڪا نه ٻڏندي هئس. هر نئين ايندڙ کي اهڙي سنڌائتي هٽندو هو جو سڌو پيرن تي هٽ. ماڻهن جي جڏهن اچ وڃ وڏي ته ڪنڌائتي اوطاق ڳوٺ جي ٻاهران ٻني تي نهراياڻين. ڪير آيو ڪير ويو. ڪنهن کي ڪا خبر نه پوي. پاڻ (نظام لغاري) جڏهن ست دفعا سنڌ پبلڪ

سروس ڪميشن جي امتحان ۾ فيل ٿياسين تہ وچي حاجي صاحب جو پاسو ورتوسين، ائين هفتي ۾ هڪ ٻہ دفعا حاجي صاحب جي درگاهہ جو چڪر لڳائبو هو. مختلف قسمن جا ماڻهو پيا ايندا ويندا هئا. آئون وينو لقاءُ ڏسندو هوس. اڪثر ماڻهو خلاصو ڳالهائيندا هئا. چو جو محبوب پاران لفٽ نہ ڪرائڻ يا سُريت پرچائي ڏيڻ يا مرڳو گهرواري جو تعاون نہ ڪرڻ جهڙا انيڪ مسئلا هئا، جيڪي ٻين جي اڳيان ٻڌائڻ جهڙا ڪو نہ هئا. منهنجي وِيني هڪ همراهہ آيو خير عافيت ڪرڻ کان پوءِ ڪيس چيائين تہ "ابا رات تنهنجي خواهش باوجود تنهنجي گهرواري لفٽ نہ ڪرائي". همراهہ جا ترا نڪري ويا سڌو حاجي صاحب جي پيرن تي ڪري پيو. آئون جڏهن فيڊرل پبلڪ سروس ڪميشن جو امتحان ڏئي پنهنجن مُرادن پورين ڪرڻ لاءِ سڌو حاجي صاحب وٽ ويس، ڏسندي ئي چيائين تہ" بابا تون هاڻي داخل آهين". يعني توکي نوڪري ملي وئي. جڏهن تہ مون اجان صرف انٽرويو ڏنو هو پاس ۽ فيل جي ڪا خبر چار ڪا نہ هئي. مون کي اها بہ خبر ڪا نہ هئي تہ منهنجي نوڪري هوندي ڪٿي، مون کي چيائين تنهنجي نوڪري ٿيندي جتان پاڻي اچي ٿو. ٻن مهينن جي اندر اندر مون کي آفر ليٽر مليو تہ اچي اسلام آباد جوائن ڪر. سندس خوبين تي جيڪڏهن لکڻ ويهجي تہ هوند پورو ڪتاب لکي سگهجي ٿو. ايڏي وڏي پيماني تي اُٺي ويني هوندي بہ ڪڏهن ٻڌي چوڙي وارو ڪم نہ ڪيائين. پوليس جي اڳيان پنيان ٿيڻ کي سٺو نہ سمجهندو هو. بس پيِن سان پني تي ماڻهن جا زايئچا وينو ٺاهيندو هو نہ ڪنهن کي ڏنائين نہ ڪنهن کي ڏکوبائين. ائين چپ چپات ۾ راهہ عدم وٺي جوڳي رمندو رهيو.

ائين مهل ۽ موقعي جي مناسبت سان ٿورو ذڪر حاجي جيئند جي ڀاءُ ڪٻڙ خان جو ٿي وڃي تہ بهتر ٿيندو. اسان ڪيس مامو ڪٻڙ چوندا هئاسين پاڻ اسان جي تر جو جراهہ ڪاريگر، رازو، هوندو هو. ان ۾ ڪيترين ئي خصوصيتون هونديون هيون. هڪ تہ ڪم ايمانداريءَ سان، ٻيو ڪم ۾ صفائي ۽ تيزي. ڪوشش ڪندو هو تہ مالڪ جو نقصان نہ ٿئي. ڪم جي تمام وڏي چاڻ هوندي هئس. اڄ جو انجنيئر مامي ڪبڙ کي نہ پهچي. اڄ بہ گلاب لغاري ۽ ان جي آسپاس ۾ ڪجهہ پراڻيون جڳهيون انهيءَ ڳالهہ جي شاهدي لاءِ موجود آهن. ٻئي جيڪا مامي ۾ خوبي هوندي هئي تہ هو حاضر جواب ۽ واهہ جو ٽوڪر باز هوندو هو. ننڍو هجي، وڏو هجي، امير هجي توڙي غريب، مامي جي ٻُل تي چڙهي آيو. لائي ڏيندو هوس لطيف چٽي. ڪير بہ مامي سان ڪاوڙبو ڪو نہ هو. ڪليو خوش ٿيو هليو ويندو هو. هيءَ انهن ڏينهن جي ڳالهہ آهي جڏهن سنڌ سڄي ون يونٽ جي خلاف سراپا احتجاج هئي. گلاب لغاري ٽاڻي جي حد مان

جنڊاوڙن (خانبدوش قبيلي) جو گڏهه چوري ٿي ويو هو ۽ هو هر ڪنهن کي منٿون ڪندا ٿي وتيا تہ سندن گڏهه واپس ڪرائي ڏيو. ان زماني ۾ ريڊيو بہ ڪو ايڪڙ ٻيڪڙ هوندو هو. سو هر سڄاڻ ماڻهو رات واري ماني کائي اچي ٿاڪو واٽئي جي دوڪان تي بي بي سي ٻڌندو هو. بس هڪ رات خبر هلي وئي تہ صدر ايوب هليو ويو آهي . حڪومت جو واڳون هاڻي يحيٰ خان جي حوالي آهن. صدر صاحب ان رات انگريزي ۾ تقرير پڙهي ڪئي. تقرير تہ سيني ٻڌي پر انگريزي ڪنهن کي بہ سمجهہ ۾ ڪو نہ آئي. سيني مامي کٻڙ کان پڇيو تہ ماما صدر صاحب ڇا چيو آهي. مامو ڪورو اڻ پڙهيل پر ڦُڙتائي مان جواب ڏنائين تہ "صدر صاحب گلاب لغاري ٿاڻي جي صوبيدار کي حڪم ڪيو آهي تہ جنڊاوڙن جو گڏهه جلدي واپس ڪرايو وڃي". ماڻهن ۾ ٺهڪڙو مچي ويو ۽ هر ماڻهو کي هدايت ڪيائين تہ ابا پنهنجي نئين صدر جي نالي ۾ گار شامل آهي، تنهنڪري ان جو نالو گهر ۾ نياڻي سياڻي جي اڳيان نہ وٺندا.

## سيٺ الهہ بچايو خان لغاري

هونئن تہ لاڙ جي ڌرتيءَ ڪيئي اهڙا مڙس مٿير پيدا ڪيا آهن. جيڪي پنهنجي پنهنجي علائقي ۾ هڪ اداري جي حيثيت رکندا هئا، پوءِ ڪن تعليم جي ميدان ۾ پاڻ موکيو تہ ڪن وري انساني ڀلائي جا ڪم ڪيا. جيڪڏهن گلاب لغاري، جي همدرد ۽ هڏ ڏوکين ۾ حاجي الهہ بچايو خان لغاري جو نالو نہ اچي تہ اها خود تاريخ سان زيادتي ٿيندي. پاڻ غريب خاندان سان تعلق رکندا هئا. وٽج واپار، پنهنجي محنت اورچائي ۽ ايمانداريءَ جي ڪري ڪاروباري شخصيت مان ڦري زمينداري شروع ڪيائين، جنهن مان ڪيس چڱي خاصي آمدني ٿيڻ لڳي. اڳتي هلي پاڻ اسان جي تر جا وڏا زميندار ٿي ويا. جڏهن تہ هن نيڪ مرد سپ ڪجهہ پئسي کي نہ سمجهو. چو جو هن جو خيال هو تہ پئسو اچڻي وڃڻي شئي آهي. تنهنڪري ڪجهہ ڪجي تہ ڳوٺ جي ترقي جي لاءِ ڪجي. ورهاڱي جي ٽن ڏهاڪن کان پوءِ جڏهن گلاب لغاري سنڌ سرڪار کي ياد پيو تہ بنيادي صحت مرڪز جي منظوري ٿي تہ پاڻ ڳوٺ جي غريبن جي ڏکن ۽ اهنجن کي محسوس ڪندي، پنهنجي دوست حاجي الهہ جڙيو خان لغاري کان ان جو پلاٽ مفت ۾ وٺي ڏنائين. اها ٻنهي ڌُرين جي فراخدلي هئي، جو اڄ اها اسپتال گلاب لغاري ۽ ان جي آس پاس صحت جون بنيادي ضرورتون پوريون ڪري رهي آهي. آئون مرحوم کي تمام گهڻو عقيدت ۽ احترام سان پيش ايندو هوس. موٽ ۾ پاڻ بہ مون کي ڪافي عزت ڏيندا هئا. آئون جڏهن روزگار سانگي اسلام آباد اُسهيس پئي تہ پاڻ مون کي حڪم ڪيائين تہ "اسلام آباد مان جڏهن بہ اچڻ ٿئي تہ مڙئي پيو پيرو پيچجان" پوءِ منهنجو جڏهن بہ ڳوٺ اچڻ ٿيندو هو تہ هڪ رات جي ماني چاچي حاجي وٽ هوندي هئي. سندس بورچي غلام محمد خاصخيلي جي هٿ جي نهيل ماني هجي ۽ حاجي صاحب جي ڪل پوڳ سان ڀرپور نصيحتن ڀري ڪچهري هجي تہ محفل کي چار چنڊ لڳي ويندا هئا. گلاب لغاري جي لاءِ اسڪول ڪامپليڪس هجي يا واٽر سپلاءِ اسڪيم پنهنجي ڪروڙن رپين جي زرعي زمين مفت ۾ ڳوٺ وارن جي حوالي ڪيائين. اڄ هزارن جي تعداد ۾ پاڙي جا اڄايل ۽ تعليم جا پياسا ان مان لاڀ حاصل ڪري رهيا آهن. هي هڪ اهڙو صدقي جو ڪم آهي، جنهن جي ڪري حاجي صاحب کي هزارن سالن تائين گلاب لغاري جي هوائن ۾ ياد رکيو ويندو. مون جڏهن گلاب لغاري ۾ گهر جي جاءِ ٿي نهرائي تہ مون کي چيو هئائين تہ " اسان جي سنڌي سماج ۾ هر ماڻهو

جي اها عادت هوندي آهي تہ بئي تي پنهنجي مرضي ٿوپيندو آهي. تنهنڪري توهان ٻڌجو سيني جي، ان تي عمل ڪرڻ اوهان جي مرضي هوندي” پوءِ حاجي صاحب جي نصيحت مون هميشہ لاءِ ياد ڪري ڇڏي. نوڪريءَ جي آخري سالن ۾ آئون جڏهن ڊائريڪٽر جنرل جي عهدي تي پهتس تہ ڪافي ماڻهو منهنجي ماتحت ڪم ڪرڻ لڳا، تہ هر روز ڪو نہ ڪو ماڻهو نئين ڪهاڻي اچي ٻڌائيندو هو. ڪو ڪنهن جي خلاف،تہ ڪو ڪنهن جي خلاف. مون کي ائين لڳندو هو تہ چاچو حاجي الھ بچايو منهنجي سامهون اچي بيٺو آهي ۽ مون کي چئي رهيو آهي تہ ”ٻڌ سيني جي، عمل پنهنجي سوچ سمجھ تي ڪر” ائين آئون پنهنجن وڏڙن جي نصيحت تي نوڪريءَ جا ڏکيا ڏهاڙا بہ سولائيءَ سان پورا ڪري ويس. پاڻ مذهبي ضرور هئا پر اعتدال پسند هئا، انتهاپسنديءَ کي ڪڏهن بہ پسند نہ ڪيائون. چو جو ڪنهن کي بہ مذهب جي نالي تي مدرسي کولڻ لاءِ زمين نہ ڏنائين. ان جي برعڪس واٽر سپلاءِ ۽ اسڪول وغيره لاءِ دل کولي پنهنجي قيمتي زمين ڏيئي ڇڏيائين. افسوس انهي ڳالھ تي ٿئي ٿو تہ سندس اولاد انهي مقام تي نہ پهچي سگهيو آهي، جنهن تي هنن کي هئڻ گهربو هو. لڳي ٿو تہ حاجي صاحب مرحوم جنهن پنڌن ۾ پيچرن تي هلندو رهيو اهي گس ۽ گهيڙ سندس پوين کان وڃائجي ويا آهن

## ورهاڱي وقت استاد جي عظمت

سڄي سنڌ وانگر گلاب لغاري تعليم جي لحاظ کان پوئتي پيل علائقو ڇئجي ته وڏاءُ نه ٿيندو. مائٽن ۾ پڙهائيءَ جي لاءِ چاهه ڪونهي، شاگردن کي پڙهائي جو شوق ڪونهي. ورهاڱي وقت غربت عام ماڻهو جو مسئلو ڪونه هئي. پر اڄ اڌ آبادي کان وڌيڪ ماڻهو غربت جي لڪير کان هيٺ زندگي گذارڻ تي مجبور آهن، انهي سبب جي ڪري پڻ سنڌ جي تعليم کي ڪاپاري ڌڪ رسيو آهي. ون يونٽ مڙهجڻ کان پوءِ زوري تعليم وارو سلسلو ختم ٿي ويو ته سنڌ مان تعليم موڪلايو. هندو استادن جي هندستان وڃڻ، ان جي جاءِ تي مسلمان استاد ڀرتي ٿيا ۽ تعليم ۾ سياسي مداخلت، رشوت خوري ۽ نقل جي علت تعليم تي وڏو اثر وڌو. آئون فخر سان چئي سگهان ٿو ته مون مئٽرڪ بغير ڪنهن ڪاپي ڪرڻ يا اُتاري لکڻ کان سواءِ ڪئي. هاڻي ته جيترا ٻار اسڪول جي اندر امتحاني پيپر ڏيڻ ۾ رڌل اوترا وري ٻاهر ڪين ڪاپي ڪرائڻ ۾ رڌل، جنهن هٽي اسان جي تعليم جا ٻکيا اُڌيڙي ڇڏيا آهن. ورهاڱي کان اڳ يا پوءِ جيستائين تعليم ۾ سياسي مداخلت شروع ڪانه ٿي هئي. تعليم جو هڪ معيار هوندو هو. جيئن چوندا آهن ته اسان جي ادارن جڏهن پاڪستان ۾ مين پاور جي کوٽ هئي ته معياري تعليم تي ڌيان ڏنو. هاڻي جڏهن ڇتاڀيتي جو دور آهي ته غير معياري تعليم ڏيڻ شروع ڪئي اٿن.

اهي برداشت ۽ سهپ جا ڏينهن هئا، اڄ ڪالهه جهڙو رڻ ڪونه هوندو هو. ننڍي وڏي جي عزت هوندي هئي. اِنفَارميشن ٽيڪنالاجي جو ڀري ڀري تائين نالو نشان ڪونه هوندو هو. خبر کي حيدرآباد کان گلاب لغاري تائين پهچڻ ۾ ڏينهن، مهينا ۽ سال لڳي ويندا هئا. اڄان گهر گهر چغل خور پيدا ڪو نه ٿيا هئا. امن ۽ آشتيءَ جو دور هو. پيرن ۽ ميرن کي ادب ۽ احترام سان ڏٺو ويندو هو. مُلن جي اڄان ايتري ٻيگهي ڪو نه متي هئي. ڳوٺ جي ننڍي وڏي مسئلي ۾ مُلو اڄان ٽنگ ڪونه اڙائيندو هو. اسڪول ماستر يعني استاد جو مان مٿانهون هوندو هو. ٻُري ڀلي ۽ سڱن ٻندن جون صلاحون استاد سان ڪبيون هيون. ڇو جو اهي انهي جا لائق به هئا. ورهاڱي کان ڀهرئين اسان جي ڳوٺ جي اسڪول ۾ هندو استاد هوندا هئا. گهڻا ته هندستان هليا ويا. هڪ ميگهواڙ استاد هوندو هو سائين وشنداس، جيڪو پوءِ گلاب لغاري مان لڏي چمبڙ وڃي وينو. اسان جي سيني مائٽن جو اهو استاد هو. بابا ڳالهه ڪندو هو ته جيئن ئي سائين وشنداس سامهون ٿو اچي ته بدن مان ساهه نڪريو وڃي. ايترو داٻي وارو

۾ ڪڙڪ استاد هوندو هو. جنهن زماني ۾ اسان پرائمري درجن ۾ پڙهندا هئاسين تہ ڪورس جي ڪتابن ۾ بهترين قسم جا نصيحت آموز ۽ بهادري جا سبق ڏنل هوندا هئا. جيئن هڪ بيت هوندو هو منهنجي امڙ جنهن جي ڪري ماءُ جي مامتا جي لاءِ پيار ۽ اُتساهہ وڌندو هو. جيئن هر ڪنهن ماءُ لاءِ چيل هو:

مون کي ڪنهن ٿي کِير پياريو
پيارَ منجهان ٿي گود ويهاريو
خوش ٿي هر هر مون ڏي نهارييو
منهنجي امڙ

انهن سبقن ۾ هوشو شيدي، ڄام ٻاڀينو اَلهندو شاهہ وغيره جهڙا سبق هوندا هئا. پرائمري ۾ اسان کي سائين غلام حسين ڪوڪر پڙهايو. جيڪو انتهائي سلجهيل، دٻ دٻي واري استاد هوندو هو. هي بہ انهن سٺن استادن ۾ هوندو هو جن استادن اسان کي پڙهايو انهن مان ٻن جو ذڪر مناسب سمجهان ٿو تہ اچڻ گهرجي. هڪ هوندو هو سائين غلام حسين ڪوڪر ۽ ٻيو هو سائين ڪريم بخش لغاري. سائين غلام حُسين ڪوڪر جاتي، ٺٽي پاسي جو وينل هوندو هو. نوڪريءَ سانگي اچي نواب حاجي دائود خان جي اوطاق تي وينو. جيڪو گلاب لغاري کان چار ڪلو ميٽر جي فاصلي تي هوندي هئي. سائين ڪوکر وڏو محنتي، پڙهائي تي تمام گهڻي توجهہ ڏيندڙ استاد هوندو هو. ڪيس سياست سان گهرو لڳاءُ هوندو هو. ڪڏهن ڪڏهن اردو ڊائجسٽ بہ پڙهندو هو. پر ٻارن جي پڙهائي تي خاص ڌيان ڏيندو هو. چاچي دودي مرحوم سان دوستي هوندي هئس. اسان جي اوطاق ۾ رهندو هو. ٻئي "جنگ" اخبار پڙهي پيا سياست تي بحث مباحثو ڪندا هئا. نوڪري ڪا ٿورو وقت ڪري سگهيو سلهہ جي بيماري جي ڪري وقت کان اڳ ئي راهہ رباني ورتائين. پر مون کي جيڪا الف ب پڙهايائين اها اڄ بہ ياد آهي. ٻيو استاد هوندو هو سائين ڪريم بخش لغاري، اسان جي ڳوٺ کان هڪ ڪلوميٽر تي ڳوٺ شير محمد لغاري جو وينل هو. انهي ڪري ڪيس شيراٽي ڪري سڏيندا هئا. اسان کي پرائمري ٻي درجي کان پوءِ پنجين درجي تائين سائين ڪريم بخش پڙهايو. پڙهائيءَ ۾ تمام سخت، ڪنهن جي ٻڌڻ وارو ڪو نہ. شرارت تي يا سبق ڪچي هئڻ تي مولا بخش (ڪاٺ جي رول کي مولا بخش چئبو هو) گهرائي چڱي خاصي ڦيهہ ڪيندو هو. ڪڏهن بہ ڪچو سبق برداشت نہ ڪندو هو. پاڻ سنڌي فائنل پاس سان گڏ اديب فاضل جي ڊگري پڻ رکندا هئا. سنڌي اخبارون اڃان ايتريون مشهور ڪو نہ ٿيون هيون. عبرت اخبار حيدر آباد کان ٻاهر ڪن نصيب وارن کي نصيب ٿيندي هئي. ها البت جنگ اخبار ۽ اردو ڊائجسٽ سنڌ جي

ٻهراڙين ۾ ڏسڻ ۾ ايندا هئا. ڇو جو سنڌي ماڻهو ايتري وڏي انگ ۾ پڙهيل ڪون هوندا هئا. جيڪي سنڌي ماڻهو پڙهيل هئا اهي جنگ اخبار انهي ڪري پڙهڻ پسند ڪندا هئا جو هي اسان جا پائر هندستان مان لڏي اچي سنڌ ۾ آباد ٿيا. تہ هنن اردو اخبارون پڙهڻ شروع ڪيون. هنن کي ڏسي تہ اسان وارن سنڌي يارن بہ اردو پڙهڻ شروع ڪئي. انهيءَ ۾ ڪو بہ شڪ نہ آهي تہ هي اسان کان سوين سال گهڻو اڳتي هئا. ڇو جو هڪ اندازي مطابق مسلمانن 700 سال هندستان تي حڪومت ڪئي هئي. اقليت ۾ هوندي بہ هي اڪثريت تي حاوي رهندا آيا آهن. پاڪستان هجرت ڪرڻ کان پوءِ هي اچي ڪاري جا ڏٽي تي ويهي رهيا. قائد اعظم کي اوير پاڪستان وٺي وڃي اردو جا نعرا هڻايائون، هٽي ملڪ ٽوڙائي ويهي رهيا. سو ڳالهہ پئي هلي سائين ڪريم بخش جي، انهي لاءِ صرف ايترو چوندس اسان جي استادن جي اڄ جي ماسترن سان ڀيٽ نہ ٿي ڪري سگهجي. جنهن زماني ۾ اسان پرائمري يا انگريزي ۾ پڙهياسين تہ استاد محنتي، اخلاق جا پيڪر، پڙهائيءَ ۾ ڪنهن بہ قسم جي ڪوتاهي برداشت نہ ڪندا هئا. هي جيڪو 15 سالن کان پوءِ ون يونٽ جو ڳٽ سنڌ جي ڳچيءَ مان نڪتو اهو بہ سڄي جو سڄو ڪريڊٽ استاد طبقي کي وڃي ٿو. هنن جيڪا 50 جي پوئين ڏهاڪي ۾ ون يونٽ لڳڻ کان پوءِ سنڌ ۾ تعليم ۽ سڄاڳي ڏني ۽ جڏهن اها شاگردن جي کيپ يونيورسٽي ۾ پهتي تہ انهن انهي غلاميءَ کي قبول ڪرڻ کان انڪار ڪيو ۽ ان جي خلاف اٿي کڙا ٿيا. انهي جي نتيجي ۾ ون يونٽ ٽُٽي ويو. اهو ان وقت جي استادن جي محنت، سياسي فهم، پنهنجي ڌرتي سان لڳاءُ ۽ شاگردن کي صحيح رهنمائي جي ڪري ممڪن ٿيو. اڄ جي تيز ترين سائنسي ترقي ۾ نہ رهيا آهن اهي استاد، نہ رهيو آهي اهو ڪورس، نہ رهيا آهن اهي مائٽ ۽ نہ وري اهو شاگرد رهيو آهي. اسان جي زماني ۾ ڪنهن ڪتاب يا ڪاپي ۾ هڪ اڌ ڪنهن محبوب جي تصوير اٿين لڪائي رکبي هئي، جيئن اڄ جي دور ۾ سُوٽي جو موالي ڪا پُڙي لڪائي رکندو آهي. جيڪڏهن ڪنهن ڏسي ورتو تہ ممڻ مچي ويندو هو جنهن بہ گهٽي مان منهن ڪڍيو هو تہ هر ڪو ايندو ويندو پيو جٽ لعنت ڪندو هو. ان زماني جي مقابلي ۾ اڄ جو شاگرد نہ ڄاڻ نہ سڃاڻ جي باوجود هزارين تصويرون ڪٽي اسڪول ۽ ڪاليج وڃي ٿو. هو موبائل فون ۽ فيس بڪ جي هر پيچيده مسئلي کان تہ واقف آهي پر هن، شاهہ عبدالطيف ڀٽائي، سچل سرمست، شيخ اياز، تاجل بيوس ۽ راشد مورائي، ايترقدر جو هوشو هيمون، جي ايم سيد ۽ ذوالفقار علي ڀٽي جو نالو بہ نہ ٻڌو هوندو. ڇو جو اڄ جي جديد ڪورس ۾ ٻارن کان اهي شيون لڪايون وڃن ٿيون. ان جي مقابلي ۾ وقت جي حڪومت جي خواهش

تي ماضيءَ جي هيرن جي ڪردار ڪشي پڻ ڪئي وڃي ٿي. هتي اسلام آباد ۾ هڪ دفعي مون کان منهنجن ٻارن هڪ چرڪائيندڙ سوال ڪيو ته “ چا ذوالفقار علي ڀٽو پيئندو هو”. مون انهن کان پڇو ته “اهو توهان کي ڪنهن ٻڌايو آهي”. يڪدم جواب مليو ته اسان جي ڪتاب ۾ لکيو پيو آهي. مون جڏهن تصديق ڪئي ته برابر اها شئي لکي پئي هئي. مطلب ته اڄ جو ڪورس اسان جي ٻارن کي اهو ڪجهه پڙهائي ٿو. اڄ اسان جي سنڌ هر لحاظ کان پستي ۾ آهي، انهي جو ڪارڻ به اهو ئي آهي ته حقيقت کان هٽيل ڪورس استادن جي غلط تربيت، اقرباپروري، ڪرپشن، پنهنجا نوازڻ، اهي ڪجهه اهڙا سبب آهن جن سنڌ جي تعليم کي خاص ڪري پنجاب جي تعليم کان 100 سال پوئتي ڌڪي ڇڏيو آهي. اڄ جي استاد انقلاب جو لفظ وساري تبديلي کي پڙهائڻ شروع ڪيو آهي. مون محسوس ڪيو آهي ته سنڌ جا شهري علائقا يعني ڪراچي، حيدرآباد ۽ سکر کي ڇڏي ڪري باقي سنڌ جو سرڪاري ته ڇڏيو پر ڪو به پرائيويٽ اسڪول اسلام آباد جي ڪنهن به سرڪاري اسڪول سان مقابلو نه ٿو ڪري سگهي. فيڊرل بورڊ آف انٽرميڊيئٽ، اسلام آباد جو مئٽرڪ توڙي انٽر ميڊيئٽ جون پهريون ٽئي پوزيشنون سرڪاري اسڪول کڻندا آهن. ها اها ڳالهه ضرور آهي ته مائٽ ٻارن جي پڙهائيءَ تي دل کولي خرچ ڪندا آهن. آئون پنهنجن ٻن ٻارن کي ست درجا سنڌ ۾ پڙهائي پوءِ اسلام آباد وٺي آيس ته جيئن ٻارن کي سنڌي لکڻ پڙهڻ اچي. انهن ڪلاس ۾ داخلا وقت ٿوري تڪليف ٿي. اسڪول وارن جو شرط هو ته ٻار داخلا ٽيسٽ پاس ڪن. اهو ممڪن ڪو نه هو ته سنڌ جو پڙهيل ٻار ڪنهن اسلام آباد جي اسڪول جي داخلا ٽيسٽ پاس ڪري سگهي. مڙئي ڪجهه منٿ ميڙ، ڪجهه داٻا ساٻا، ڪجهه فنانس ڊويزن جي بليڪ ميلنگ تي بس منهنجن ٻن ٻارن جي داخلا ٿي وئي. انهيءَ داخلا تي هڪ دلچسپ واقعو به ٻڌندا هلو. عبدالطيف لغاري صاحب، ڊپٽي سيڪريٽري فنانس ڊويزن هجي، جنهن منهنجن ٻارن جي داخلا لاءِ مرحوم نجم الدين مگرئي صاحب کي چيو جيڪو تعليم جي وزارت ۾ 20 گريڊ جي ڪنهن پوسٽ تي هو جڏهن اڳيان مگرئي صاحب ٻارن جا نالا پڇا ته مون کان منهنجن ٻنهي ٻارن جا نالا وسري ويا، لغاري صاحب منهنجي پريشانيءَ کي محسوس ڪري ورتو اڳيان مگرئي صاحب کي چيائين ته ٻارن جا نالا اسان توهان کي پوءِ ٻڌايون ٿا. تعجب جي ڳالهه اها آهي جو اتي جيڪي انهيءَ اسڪول ۾ سنڌي استاد هئا. انهن مون کي اهڙيون کهاڻيون ٻڌايون جو “چون ته اڄ ڏينهن تائين سنڌ جو پڙهيل ٻار هتي هلي نه سگهيو آهي ” آئون ويتر نااميد ٿي ويس. مون سوچيو ته سنڌ ۾ ڪاپي وغيره ڪري ٻار پاس

تہ ٿي وڃن ها. هتي تہ پاس ٿيڻ ڪان بہ ويا. پر ٻارن همت ڪري پڙهيو ائين ڪلاس ۾ منهنجي هڪ ٻار ٽئين پوزيشن حاصل ڪئي. انهن ڪان پوءِ ٻيا منهنجا بہ ٻار ستون ڪلاس سنڌ مان پاس ڪري، اسلام آباد انهن ئي سرڪاري اسڪولن پڙهڻ آيا. سيئي سٺين پوزيشنن ۾ پاس ٿيا. اڄ اهي ٻار جوان آهن. انٽرويو ڏيندا ٿا وڃن ۽ نوڪريون ملنديون ٿيون وڃن. مون اڄ ڏينهن تائين ڪنهن بہ پنهنجي نوجوان جي نوڪري لاءِ ڪنهن بہ دوست يار کي فون نہ ڪئي آهي. ها البت مئٽرڪ ڪرڻ ڪان پوءِ مون هر ٻار کي اهو ذهن نشين ڪرائي ڇڏيو هو تہ "مون مان نوڪريءَ جي ڪا بہ اميد نہ رکو". آئون جڏهن اسٽيبلشمينٽ ڊويزن ۾ ڊائريڪٽر جنرل ٿي ويس منهنجن ٻارن اهو سوچيو هوندو تہ هاڻي اسان سرڪاري گاڏيون بہ استعمال ڪندا سين ۽ اسان ٻيون سهولتون پڻ حاصل ڪنداسين. مون ويتر سختيءَ سان آفيس ۾ آرڊر ڪري ڇڏيو تہ ڪا بہ سرڪاري گاڏي منهنجي گهر نہ ويندي. اڳتي هلي پيپلز پارٽي جي گورنمينٽ 20 اسڪيل جي مٿي وارن آفيسرن کي مالڪاڻن حقن تي گاڏيون بہ ڏيئي ڇڏيون، ان سان گڏ ڪنوينس الائونس جي مد ۾ چڱا خاصا پئسا بہ ڏنائون ائين سرڪاري گاڏين مان منهنجي جان ڇٽي وئي.

## ديسي رانديون

آئون جيئن پڙهائيءَ ۾ ڪمزور هوندو هوس،تيئن رانديڻ ۾ پڻ ڪمزور ثابت ٿيو هوس. ڪرڪيٽ تہ گهڻو وقت پوءِ مشهوري ماڻي. جڏهن ميڊيا جو دور آيو. اسان جي زماني ۾ تہ اتي ڏڪر، ونجهہ وٽي، لڪ لڪوٽي، ڪوڏي ڪوڏي، اڪر پوري وغيره رانديون عام جام ڪيڏيون ويندڀون هيون. جڏهن تہ سچي سنڌ ليول تي ملهہ مشهور راند هوندي هئي. اسان جي ڳوٺ ۾ محمد عيسيٰ پهلوان، محمد لغاري ۽ عبدالرحمان لغاري ٻئي جوڙ جي ملهن ۾ شمار ٿيندا هئا. جڏهن تہ پاسي واري ڳوٺ سارنگ خان لغاري جو نعمت الله سريوال پهرين جوڙ جو ملهہ هوندو هو. انهن مان ڪجهہ اڃان حال حيات آهن هڪ ٻہ راهہ رباني وٺي ويا آهن. حڪومت جي عدم دلچسپي ۽ بي توجهي جي ڪري هاڻي تہ سنڌ جي ڳوٺن مان ملهہ جو شوق ئي ختم ٿيندو ٿو وڃي. چاچو موسو سريوال جيڪو ڳوٺ ۾ واڍ ڪو ڪم ڪندو هو ۽ موسو واڍي جي نالي سان مشهور هوندو هو. اهو انهن سيني ملهن جو استاد هوندو هو. ملهن کي ملهہ جا انگ سيکاريندو هو. مون ان کي ملهن کي انگ سيکاريندي ڏٺو هو.

ديسي راندين جي رس ۽ چس وري پنهنجي هوندي آهي. ڪٽي ونجهہ وٽي تہ ڪٽي ڪوڏي ڪوڏي، تہ ڪٽي وري والي بال. اتي ڏڪر گهڻو گهڻو اڳ موڪلائي چڪي هئي، البتا مون راند ٿيندي ڏٺي بہ هئي تہ کيڏي بہ هئي. جيئن تہ آئون اهو مٿي ڪافي پيرا لکي چڪو آهيان تہ مون کنهن بہ عملي ميدان ۾ ڪا سٺي ڪارڪردگي نہ ڏيکاري هئي چاهي اهو تعليم جو ميدان هجي يا راند جو ميدان مطلب تہ سطحي شاگرد تہ سطحي رانديگر. اڳتي هلي پڙهيل ڳڙهيل دوستن سان اٿڻ ويهڻ جي ڪري زندگيءَ جو ڪاروٺهوار بدلجي ويو. والي بال ۾ منهنجو چاچو شمس الدين، مون کان ننڍو ڀاءُ قمر الدين مرحوم، ان کان سواءِ ڊاڪٽر اقبال، رمضان شيدي، غازي مريداڻي، ڪرشن واڻيو، اسماعيل لوهار، ابراهيم کٽي ۽ عمر سومرو، سٺن رانديگرن ۾ شمار ٿيندا هئا. انهن کان سواءِ گلاب لغاري ٽاٽي تي ڪڏهن ڪڏهن راند جو شوقين عملدار بہ اچي ويندو جيئن غلام رسول لاشاريءَ دادو سائيڊ جو هو، اسان جي ڳوٺ جي ٽاٽي تي صوبيدار ٿي آيو. راند جو تمام پلو هوندو هو. پي پي پي ڏانهن سياسي جهڪاءُ جي ڪري ضياءُ الحق جي چپيٽ ۾ اچي ويو. جيل جي هوا کائڻي پيس. بهترين ماڻهو ۽ بهترين رانديگر هوندو هو. انهن رانديگرن مان گهڻا تڻا راهہ رباني وٺي ويا آهن، باقي چند داڻا اڃان نوجوان رانديگرن کي سکيا ڏئي

رهيا آهن. آئون صرف ٻاهران بال ڪٽڻ ۾ خوش هوندو هوس. ان زماني ۾ ٻاهران ڪافي ٽيمون گلاب لغاري ميچ کيڏڻ ايندڀون هيون. اسان جي ڳوٺ جي ٽيم چمبڙ، ٽنڊوغلام علي جهڙن پڪين ٽيمن جي اڳيان پير ڪو نہ جهليندي هئي. ها البت ماڻڪ لغاري، صابن دستي جهڙين ٽيمن کان ڪٽيو وينا هوندا هئا.

ونجهہ وٽي خاص ڪري چنڊ جي جوڀن وارين راتين ۾ ٽيندي هئي. انهي ۾ حاجي نٿو اسماعيل جوڳي، محمد اشرف شيدي ۽ شاهہ محمد اترادي جنهن کي شاهن ڪري چوندا هئا سٺا رانديگر سمجهيا ويندا هئا. انهن مان ڪو بہ هڪ دري يا ٻاڙي تي جمي ويهي رهيو تہ اڳئين رانديگر کي اتان مٽڻ ڏکيو ٿي پوندو هو. هي راند والي بال وانگر باقاعدي راند تہ ڪا نہ ٽيندي هئي پر چنڊ جي سُهائي راتين ۾ ڳوٺ جا نوجوان ڪافي دير تائين پيا کيڏندا هئا. هن راند ۾ خرچ وغيره نہ ايندو هو. تنهنڪري بغير خرچ پڪي واري راند هئڻ ڪري ٻهراڙين ۾ ڪافي مقبول هئي. ڪڏهن ڪڏهن اوڙي پاڙي وارن ڳوٺن جون ٽيمون ميچ کيڏڻ ايندڀون هيون.

## الهہ بخش عرف ڪُرو ٽيپو

امن آشتي جو دور هو. ڳوٺ جي ملوڪڙن چوڪرن ڪي چوري سيڪارڻ جي بهاني ڪاٽڪو رات جو انهن کي وٺي وڃي ڪنهن جي ڪڪڙ چوري ڪئي تہ ڪنهن جي ٻڪري ڇيلي کي پاسو ڏنو. بس ائين ٿوري گهٽي ڏڳي ڍور جي چوري ڪڏهن ڪڏهن پئي ٻڌبي هئي. اجا وڏيون وارداتون شروع ڪو نہ ٿيون هيون. چورن جو بہ پنهنجو پنهنجو جهان آهي. اهي هڪڙي قسم جا سچا ۽ کرا ماڻهو آهن. اڪثر ڪري نالي وارا نامي گرامي چورن يا ڌاڙيلن جا ڪي اصول هوندا آهن. آڙي پاڙي ۾ واردات کان پاسو ڪندا, يار دوست جي ڳوٺ کي عزت جي نگاهہ سان ڏسندا, سيد ۽ بي پهچ تي هٿ نہ کڻندا. "چوندا تہ اک ڪاري ڪجي ڏس ڪاري نہ ڪجي". راڄ ڀاڳ اوڙي پاڙي سنگت ساٿ جو وڏو خيال ڪندا هئا. اتي هڪڙو قصو ٻڌائيندو هلان تہ اڄ کان چار ڏهاڪا پراڻي ڳالهہ آهي آئون اڃا اسلام آباد ڪو نہ اُسهيو هوس. البت قومي تحريڪ سان جڙجي چڪو هوس. قومي ڪارڪنن جو مون وٽ اچڻ وڃڻ پيو ٿيندو هو. هڪ شام جو ڪنهن هڪ ڇوڪري سان ملاقات ٿي جنهن پنهنجو نالو الهہ بخش ٽيپو ٻڌايو هو. هو ان زماني ۾ ڪنهن هاءِ اسڪول جي ستين ڪلاس ۾ پڙهندو هو. رات جو بس وغيره نہ ملڻ جي ڪري هو مون وٽ رات ٽڪي پيو هو. مون هن کي رات جو سنڌس پڙهائي ۽ قومي سياست تي وڏو ۽ ڊگهو ليڪچر ڏنو هو. مون واريون ڳالهيون هُن کي ڪيترو سمجهہ ۾ آيون هيون اها خبر نہ آهي ۽ ورندي ڏينهن صبح جو هو هليو ويو هو. ان کان پوءِ ٿورو وقت اسان جو پاڻ ۾ خطن جو سلسلو بہ جاري رهيو. پوءِ اهو بہ اڳتي هلي ختم ٿي ويو. آئون ڳوٺ ڇڏي اسلام آباد هليو آيس. ڪوبہ رابطو نہ رهيو. جيئن امير بخش شر پنهنجي ڪتاب ۾ لکيو آهي تہ "اسان جي نوجوانن جي لاءِ اهڙيون حالتون پيدا ڪيو ويون جو هو ڏوهن جي دنيا ۾ هليا ويا". اڳتي هلي اهو ساڳيو نوجوان پڻ سنڌ جو نالي وارو ڌاڙيل ٿي ويو. ڪُرو ٽيپو جي نالي سان لاڙ پٽ ۾ سندس چڱو خاصو ڏهڪاءُ ۽ دٻدٻو هوندو هو. هڪ ڏينهن آئون اسلام آباد مان ڳوٺ گلاب لغاري پهتس تہ اسان جا هڪڙا خانداني دوست (Family Friends) آهن, اهي مون وٽ آيا ۽ اچي چيائون تہ "فلاڻي ڌاڙيل جون اسان کي چٺيون آيون آهن. اهو اوهان کي سڃاڻي ٿو ان ڏي اسان کي چٺي لکي ڏيو تہ اسان کي تنگ نہ ڪري" مون انهن کي مٿين سڄي ڳالهہ ڪري ٻڌائي تہ هو جڏهن ٻار هو ۽ هاءِ اسڪول جي ڪنهن هيٺين ڪلاس ۾ پڙهندو تہ هڪ رات مون وٽ اچي

ترسيو هو. ان ڪان پوءِ ان سان منهنجو ڪو بہ رابطو ڪونهي. تنهن هوندي بہ مون انهن ماڻهن کي چٺي لکي ڏني. اها خبر نہ آهي تہ اها چٺي انهي تائين ڪيئن پهتي، منهنجي خط پهچڻ ڪان پوءِ ان ماڻهو منهنجن دوستن کي نياپو ڪيو تہ مون کي اها خبر ڪونہ هئي اڳتي لاءِ ڪو بہ توهان جو نالو نہ وٺندو. سو اهي هئا ان زماني جا سخنور ۽ اصول وارا چور ۽ ڌاڙيل. مون کي هُن جي مارجي وڃڻ ڪان پوءِ پتو پيو تہ هن ڏوهن جي دنيا ۾ قاتل نوجوان اسان جي ڳوٺ تي انهي ڪري هلان نہ ڪئي جو هڪ رات اتي ماني کائي ويو هو ۽ مون کي دوست سمجهي اسان جي ڳوٺ ڪان پاسو ڪندو رهيو.

## غلام مصطفيٰ آريسر

اهي چيٽ جا ڏينهن هئا، ڪڻڪن ۾ لابارا اچا گهٽ ٿي پيا ها. لاڙ پٽ ۾ ڏينهن جو گرمي ۽ رات جي ٿڌي هير ٿي گُهلي، انبن ۾ ٻور پنهنجن جوڀن تي هئا. هارين ڪتي جا سانباها پئي ڪيا. منهنجي بہ مست جواني هئي، منياٽي ۽ مورو مان قوم پرستي جي عشق جي لهر لڳي چڪي هئي. تنهنڪري انهي عشق ۾ اهڙا غلطان هئاسين جو ٻيو ڪجهہ اسان کي نظر ئي ڪو نہ ٿي آيو. جيڪو ڪجهہ نظر ٿي آيو تہ سنڌ جو جياپو ئي پسڻ ۾ ٿي آيو. جتي ٿوري گهڻي دوستي يا چاڻ سڃاڻ ٿي نہ آهي اسان اتي پهتا نہ آهيون. انهي قومي جذبي تحت 70 واري ڏهاڪي ۾ جيڪو جيئي سنڌ محاذ ڪم ڪيو انهي جو مثال ملڻ مشڪل آهي. ايندي ويندي ڪو دوست ٿي ويو تہ ٻئي ڏينهن ان جي ڳوٺ تي ڪچهري رکي ويندي هئي. هڪ ڏينهن جنهن نوجوان سان ملاقات ٿي جيڪو ان وقت ڪنهن هاءِ اسڪول جي مٿيئن ڪلاسن ۾ پڙهندو هو. قد بت ۾ پورو پنو، ڪڻڪ رنگو، سنهيون ۽ ڪاريون اکيون، ڪارا ۽ ڳنڀيا وار سندس شخصيت کي نکاري بيٺا هئا. ڏاڍو سهڻو ۽ دل کي ليائيندڙ نينگر ٿي لڳو. هن نوجوان مون کي ڪنهن بس جي سيٽ تي پير ۾ ويهڻ جي آڇ ڪئي هئي. هن پنهنجو نالو غلام مصطفيٰ ۽ ذات آريسر ٻڌائي هئي. اهو فاصلو تہ ڪو 15 ڪلو ميٽرن جو مس هو پر اسان واري بس ڪلاڪ ۾ پورو ڪيو هو. انهي وچ ۾ اسان خوب ڪچهري ڪئي هئي ائين لڳو تہ اسان سالن جا دوست هئاسين. ائين غلام مصطفيٰ آريسر سان اها منهنجي پهرين ملاقات هئي، جيڪا ڪنهن بس جي سيٽ تي ٿي هئي. ڪميونيڪيشن جي اٽاٽ جي ڪري اسان جي ملاقات گهٽ ئي ٿيندي هئي. پر هي نوجوان ايندي ويندي مون سان ملندو ئي رهندو هو. هڪ ڏينهن هن جي خواهش تي سندس ڳوٺ ۾ جيئي سنڌ محاذ جو يونٽ کوليو ويو. هاڻي اسان جي دوستي ذاتيات مان ڦري قومي ٿي پئي هئي. ايترقدر جو هڪ ڀن گڏجاڻين کي جيئي سنڌ محاذ جي چيئرمين محترم عبدالواحد آريسر کي خطاب ڪرڻو پيو هو. اهو سڄو منهنجي ننڍڙي ڀاءُ غلام مصطفيٰ جي محنتن ۽ محبتن جو نتيجو هو. جنهن هڪ بي لوث قومي ڪارڪن جي حيثيت سان ان علائقي ۾ ڪم ڪيو هو. اها قومي دوستي اڳتي هلي ذاتي دوستي ۾ تبديل ٿي وئي. هاڻي ڏک سک ۾ غلام مصطفيٰ اسان جي گهر جو ڀاتي ٿي ويو. آئون وطن ڇڏي جلا وطن ٿيس ۽ وڃي اسلام آباد جا وڻ وسايم. پر هن دوست هڪ منٽ لاءِ بہ مون کي وساريو ڪو نہ. هن اڳتي

هلي ماسترن جي سياست ۾ حصو ورتو ۽ ڪجهه وقت ڪنهن اخبار ۾ صحافي طور به ڪم ڪيائين. پر مون جڏهن انهن ڪمن تي پنهنجو ناراضپو ڏيکاريو ته منهنجي خوشيءَ خاطر انهي ڪمن کان ڪنارا ڪش ٿي ويو. بس هاڻي صبح جو نوڪري ۽ شام جو ذاتي ڌنڌو ڌاڙي، جنهن مان سندس وقت سٺو گذرندو رهيو. آئون جڏهن به اسلام آباد مان ڳوٺ ايندو هوس ته هڪ ڏينهن فيملي سميت هن دوست جي حوالي هوندو هوس. مون وٽ ڪو به دوست فيملي سميت اسلام آباد ڪو نه آيو پر غلام مصطفيٰ آريسر هڪ کان وڌيڪ دفعا مون وٽ اچي اسلام آباد رهيو هو. اهو سندس مون سان اڻ ميو ۽ اڻ توريو پيار هو جيڪو ڪيس مون وٽ ڇڪي ايندو هو. هن دوست جا مون تي ڪروڙين احسان آهن. جيڪڏهن لکڻ ويهجي ته پورو ڪتاب لکي سگهجي ٿو. مون جڏهن ذاتي ڪوشش ۽ سرڪاري جوابداري سمجهي هر رٽائر ٿيندڙ سرڪاري ملازم کي 180 ڏينهن جي بجاءِ 365 ڏينهن جي پگهار ڏيارڻ جي منظوري ورتي هئي. (اسٽيبلشمينٽ ڊويزن جي ڊائريڪٽر جنرل جي حيثيت ۾ اهو منهنجو ڪم هو). جيئن ئي اهڙو آرڊر جاري ٿيو ته پهريون ماڻهو غلام مصطفيٰ آريسر هو جنهن کي مون اها خبر ٻڌائي هئي. بس پوءِ هي دوستن جي ڪنهن به ڪچهري ۾ ويهندو هو ته سندس ڪچهري جو موضوع اهو ئي هوندو هو. " منهنجي وڏي ياءُ ڏسو توهان ملازمن لاءِ ڪيترو وڏو ڪم ڪيو آهي. " جتي ويهندو هو ته منهنجي ساراهه ڪرڻ لاءِ هن کي لفظ ڪو نه ملندا هئا. هن جڏهن پلي پار جو سفر ڪيو هو ته مون کان موڪلايو هئائين. پر جڏهن عدم جي سفر جو سانباهو ڪيائين ته ڪجهه ياد نه رهيس. ائين هي اسان جو منڙو ۽ پيارو دوست چپ چپات ڪري اوڏانهن هليو ويو جتان ڪو به واپس نه موٽيو آهي.

## لاڙ جي موسم ۽ لباس

جيڪڏهن موسم جو حال احوال ڏبو وڃبو تہ لاڙ پٽ جي موسم جي پيٽ پاڪستان جي ڪنهن بہ علائقي سان ڪري نہ ٿي سگهجي. فيبروري جي اڌ کان جون جي پهرين ڏهاڪي تائين ڏکڻ جي هير اهڙي گهلندي آهي جو نند محبوب جي ماٺن وانگر پاڪرن ۾ پري ڇڏيندي آهي. ڇپن تي رکيل ڇپ ۽ ٻلن تي رکيل ٻل پنهنجو وجود وڃائي ڇڪا هوندا آهن. انهي وچ ۾ اپريل ۽ مئي ۾ بي انتها جهڪون لڳنديون آهن ۽ اهو هوائن جو سلسلو اڃان جاري آهي. ايتريقدر جو هوا جي سامهون هلندڙ بس جي رفتار گهٽجي ويندي هئي. مون پنهنجي نوڪريءَ جي ايامن ۾ انهي تي هڪ انگريزي ۾ مضمون بہ لکيو هو جيڪو The News اخبار ۾ ڇپيو هو. مون انهي ۾ دليلن سان اهو واضع ڪيو هو تہ انهي تيز هوا تي تمام گهڻي چرخي واري بجلي پيدا ڪري سگهجي ٿي. جيئن تہ اسان جي ڳوٺ ۾ 1973ع جي پڇاڙڪن ڏينهن ۾ بجلي اچڻ شروع ٿي هئي. پر اسان جي گهر ۾ ڏهن سالن کان پوءِ وڃي هوا ڏيڻ وارا پکا لڳا هئا اها بہ هڪڙي قسم جي اسان جي عياشي ڇئبي باقي ضرورت ڪونہ هئي. جنهن ڏينهن اسان جي گهر ۾ پکا پئي لڳا اسان جي ناني اڇي امان تي ڪاوڙي تہ "هي ڦرٽيو پئي هٽائين ٻارن جون شاديون نہ ٿي ڪرين." مطلب تہ انهي شيءَ جي ضرورت ڪونہ هئي. سياري جي موسم ۾ هڪڙي اجرڪ مان گذارو ٿي ويندو هو. ايئرڪنڊيشنڊ تہ ڪافي وقت پوءِ آيا. جڏهن واپڊا وارن ماڻهن کي سيڪاريو تہ ڪُنڊا هٽو ۽ ايئرڪنڊيشنڊ هلايو. اسان کي 20 روپيا ڏيو. هڪ دفعي جي ڳالهہ آهي آئون اسلام آباد مان ڳوٺ آيس امان مون کي چڱي خاصي دٻ ڪيدي، "ڳوٺ ۾ فلاڻن فلاڻن ماڻهن جي گهر ۾ AC ٿا هلن انهن جا بل اچن 35 رپيا منهنجا صرف 3 بلب ٿا ٻرن بل اچي ٿو 300 روپيا، تون ڪهڙي قسم جو آفيسر آهين." هاڻي امان کي ڪيئن سمجهايان تہ اهو واپڊا وارن جو ڪمال آهي. اتي مون واري آفيسري کي لوڙهو اچي ويو آهي. اُنهي تي ٻيو واقعو بہ ٻڌندا هلو اها اسلام آباد اسهڻ کان اڳ جي ڳالهہ آهي. آئون اڃان ماستر هوس واپڊا وارا آيا ميٽر ڏسڻ، اهو ڪجهہ وڏيڪ هليل هو. مون کي چيائون تہ هيترا پئسا ڏي ميٽر پوئتي ٿا ڪريون پوءِ تنهنجو بل گهٽ ايندو. واقعي پهرين مهيني جو بل تہ ڪجهہ گهٽ آيو. پوءِ هر مهيني 200 يونٽن جو بل وڏيڪ اچڻ لڳو. هاڻي مون وارو ماستري جو پگهار بجلي جي بل ۾ وڃڻ لڳو امان کنيو ڏنڊو تہ هي ڇا پيو ٿئي. نيٺ لاڳاپيل آفيس مان پتو پيو تہ توهان ميٽر ۾ هٿ ڇُراند

ڪئي آهي. هاڻي اهو ڏنڊ توهان هر مهيني ڀريندا رهندا. انهي جو حل اهو ٻڌايائون ته ميٽر بدلي ڪريو. نيٽ ميٽر ٻيو لڳوان ڪان پوءِ وڃي منهنجي جان آزاد ٿي. انهي ڪان گهڻا گهڻا سال پوءِ جي ڳالهه آهي، آئون اسلام آباد مان ڳوٺ ويس، گهر وينو هوس ته ٻاهر سڏ ٿيو. جان ڪٿي ڏسان ته بجلي وارو همراهه بغل ۾ بندي ڪنيو بيٺو آهي. مون کي چيائين ته " توهان جو ميٽر ڪافي هلي ويو آهي. مون کي هيترا پئسا ڏيو ته آئون ميٽر نيڪ ٿو ڪريان پوءِ توهان جو بل گهٽ ايندو. " مون واري ڇهين حس ڪم ڪري وئي" ڇو جو آئون انهن جو اڳئي ڏڪيل هئس. ڪيس ڇيم ته اسان بجلي ٻاري آهي ته بل به ڏينداسين پر توکي پئسا نه ڏينداسين" مون کان پڇيائين ته "توهان ڪٿي ڪم ڪندا آهيو" مون جواب ڏنو ته " آئون اسلام آباد ۾ ڪم ڪندو آهيان" مون ڏٺو ته همراهه جا پير نڪري ويا. آئون ته هفتو ڳوٺ رهي اسلام آباد هليو آيس ڪيترو بل آيو انهي جي خبر نه آهي. پويان امان پئي بل ڏنا. سو سائين ڳالهه نڪتي موسم جي ۽ وڃي نڪتاسين بجلي وارن تي. بهرحال موسم جو پاور سان گهرو تعلق آهي، انهن کي هڪ ٻئي کان الڳ نه ٿو ڪري سگهجي.

امان ڳالهه ڪندي هئي ته سندس شادي واڻين جي پاڃ واري سال ٿي هئي. اسان جي ڳوٺ ۾ واڻيا جهجهي تعداد ۾ رهندا هئا. منگهن مل پنهنجو ٻن ڪمرن وارو نئون ٺهيل گهر اسان کي انهي وعدي تي ڏيئي ويو هو ته هو واپس ايندو ته ڪيس اهو گهر واپس ڪيو ويندو. هڪ ڪمري سان گڏ هڪ ننڍڙي ڪوٺي به هئي ان ۾ ڪجهه پنهنجو سامان رکي ان کي تالو لڳائي چاٻيون پاڻ سان گڏ کڻي ويا هئا. اهو ڪمرو ڪو پنجن سالن تائين بند رهيو جڏهن پڪ ٿي ته هي هاڻي واپس نه ايندا ته پوءِ ان مان هڪ پلنگ ۽ هڪ پينگهو تالو کولي ڪڍيو ويو هو.

ان زماني ۾ گلاب لغاري ايڏو وڏو شهر ڪو نه هو. بس هڪ اڌ ٻيڙي ماچيس جي ڪئبن، ٻه چار سيٺين جا دڪان، ٻه مريداڻين جون هوٽلون، روڊ ڪچو هوندو هو. جنهن تي حاجي صادق ميمڻ جي لاري هلندي هئي، جنهن جو ذڪر آئون اڳي ڪري آيو آهيان. ورهاڱي کان اڳ ديوانن جي پيل پلان هوندي هئي. هر جڳهه تي هندو پاڻي مسلمان پاڻي الڳ الڳ هوندو هو. مامو دائم ڳالهه ڪندو هو ته ڳوٺ ۾ هڪ حجام هوندو هو جنهن جو نالو هو منو ۽ هو مسلمان هو. منو ڏاڍو پوڳائي ۽ چرچائي هوندو هو. سڄو ڏينهن هن جي دوڪان تي واندن جي محفل لڳي پئي هوندي هئي. جڏهن ته ان زماني جا حجام ريڏارا به ڏاڍا سنا هوندا هئا. ڳوٺ جون ننڍيون وڏيون شادين جو ڀيت به منو ئي رڌيندو هو. اها ته هر ڪنهن کي خبر آهي ته سنڌ جو هندو حرام شئي ڪڏهن به نه

ڪائيندو آهي. سو اڪثر سيٺين جون پٽ جون ڏيگهون منو حجام ئي لاهيندو هو. جيئن تہ منو جي دڪان تي واندن جي ڪچهري سڄو ڏينهن لڳل هوندي هئي. هڪ ڏينهن منو ڪنهن سيٺ جي ديڳ پچائڻ ويو ۽ دوستن کي چئي ويو تہ اڄ آئون سڄي ديڳ ڪٽي ايندس دڪان تان ڪير بہ نہ وڃي. هر ديڳ پچائڻ تي گلاب لغاري جا سيٺ منو کي پٽ جو ٿالهہ پري ڏيندا هئا. سو منو جڏهن ديڳ پچائي تيار ڪئي ۽ ٿالهہ جهليائين ديڳ جي اڳيان تہ سيٺ ان ۾ هڪڙو ڪپ ڪير وڌو تہ منو چيس سيٺ مهمان آهن اڃان ڪجهہ ڏي سيٺ وري ٻيو وڌو ائين منو بس ائي نہ ڪري. سيٺ چيو منو بس هاڻي گهر مهمان آهن انهن کي بہ ڪاراڻو آهي. منو چا ڪيو جو ڪاوڙ مان پٽ جو سڄو ٿالهہ ڪٽي ديڳ ۾ لاٿائين. سيٺ کان رڙنڪري وئي منو هي چا ٿو ڪرين. هاڻي ديڳ سڄي جي سڄي پليت ٿي وئي. منو ڪڻ هي ديڳ، منو اها سڄي ديڳ ڪٽي دڪان تي آيو ۽ اچي يارن کي کارايائين.

مون اهو زمانو بہ ڏٺو جڏهن مرد ڏهن ڪان ٻارهن والن جون سلوارون پائيندا هئا. وڏي پهراڻ ٽائيپ قميص پاتي ويندي هئي. جيڪڏهن ڪنهن جي گهر وچٽوپئجي وڃي يا ڪا عورت واٽ تي ڏسي وٺي تہ ڪتي اُگهاڙپ جو تاثر پيدا نہ ٿئي. جڏهن تہ عورتون هالن جي اڏاٽن جون ٿهيل گربي جي سٿڻون ۽ ڇيٽ جو پرت پريل چولو پائينديون هيون. مٿي ڍڪڻ لاءِ چڪني جي وڏي پوتي استعمال ڪئي ويندي هئي، جنهن سان عورت جو سڄو بدن ڍڪجي ويندو هو. ٻهراڙي جون عورتون خاص ڪري ٽن ٽونٽرن واريون هٿ جون ٿهيل جتيون پائينديون هيون. ها البت شهرن ۾ هندو توڙي مسلمان عورتون ساڙهي بہ پائينديون هيون. مطلب تہ عورت جي پوشاڪ مان حياءُ نظر پيو ايندو هو. واٽ ويندي ڪا عورت سامهون نظر ايندي هئي تہ مرد جي لاءِ لازمي هوندو هو تہ اهو رستو ڇڏي ڏئي. يعني عورت کي عزت جي نگاهہ سان ڏٺو ويندو هو. منهنجي امان ڪڏهن بہ ڪاگهري ۽ ريشمي سلوار ڪو نہ پاتي. هميشہ گربي ۽ هٿ سان پرت پريل چولو پائيندي هئي. زمانو ڦريو مردن مان بافتي نما سدري وئي، موچي جي ٺهيل سنڌي جتي جي جاءِ تي سينڊل اچي ويو ٻارهن والن مان سٿڻ گهٽجي اچي ٽن والن تي پهتي. ٽوپي ۽ پٽڪي جي جاءِ تي مٿو اگهاڙو ڪري ڪٻي پاسي ڪان سينڌ شروع ٿي. مردن جي دنيا بدلي تہ عورتن ۾ پوشاڪ جي تبديلي جو سفر شروع ٿيو. مائين کي قناويزن، گربين ۽ سوسين جون سٿڻيون هيٺ تائين پهريل هونديون هيون، پرت پريل گج، مٿي تي وڏيون وڏيون پوتيون، نئين فيشن گربين کي ڦيري ريشمي ڪري ڇڏيو. عورت جيڪا انن والن جي سٿڻ پائيندي هئي اها ڏيڍ وال جي پاجامي تي اچي پهتي. سنڌ

جي تبديل ٿيل ڪلچر جي ڪري لاڙ پٽ جو ڪلچر پڻ تبديل ٿي ويو. ٽائيم ڏسڻ لاءِ سج جي پاڇي جو سهارو ورتو ويندو هو. ان جي جاءِ تي واچ اچي وئي. مطلب تہ سائنس جي ترقيءَ مختلف ڪلچرن جو پاڻ ۾ ميلاپ جي ڪري مردن توڙي عورتن جي دنيا ئي بدلجي وئي. اجا اڳتي هلي انٽرنيٽ ۽ پوءِ موبائل فون زندگي جو سڄو نظام ئي ڏاوا ڏول ڪري ڇڏيو.

## لاڙ جو اوطاقي ڪلچر

سنڌ جو پلوڙ ڪلچر هو اوطاق سان. هاڻي تہ اهي اوطاقون ئي ويون. اهي مڙس ئي مري ويا جيڪي يڪي سر پنهنجن اوطاقن تي لنگهي آيل لاتعداد مهمانن کي منهن ڏيندا هئا. اهو زمانو هو جڏهن ڪچا رستا هوندا هئا. اڪثر ماڻهو گهوڙن تي يا پيرين پنڌ سفر ڪندا هئا. لاريون موٽرون ايڏي وڏي تعداد ۾ ڪو نہ هونديون هيون. بس پوءِ جتي ڏينهن تتو اتي ماجهاندو ڪبو. هر ننڍي وڏي ڳوٺ ۾ ڪو نہ ڪو سخي مرد ضرور هوندو هو جو وس آهر آيلن جو آڌر ڀاءُ ڀيو ڪندو هو. اسان جي ڳوٺ گلاب لغاري ۾ حاجي الهہ جڙيو لغاري( ڀاڙو شهاڻي) جي پلا پلي هوندي هئي. سندس اوطاق جي هنڌين ماڳين هاڪ هوندي هئي. اسان جي لاڙ پٽ ۾ ماءُ اهڙو پٽ وري نہ ڄڻيندي جو ايڏي وڏي پيماني تي آيلن جي آڌرڀاءُ ڪري. مهمانن سان گڏ سندن وهٽن جي پڻ ايتري خاطر چاڪري ٿيندي هئي جو وچي ٿيا خير. مون پنهنجن گنهگار اکين سان ڪئي ورهاڱا پنهنجن وهٽن سميت رات ترسندي ڏٺا. ڇا تہ مڙس جو شان هو. هر آئي وئي واقف توڙي اڻ واقف کي هڪ جيترو مان ملندو هو. آئون حاجي الهہ جڙيو خان کي مامو ۽ سندن گهر واري کي ماميءَ سڏيندو هوس. ڇو جو امان سان هن جو ويجهو مائٽي جو رشتو هو. هر روز ڏهن کان ويهن تائين مهمان تہ خير جي ڳالهہ هوندي هئي. الله جنت نصيب ڪري اسان جي ماميءَ کي، جيڪا انهن نہ ڪٿندڙ ۽ لا تعداد مهمانن جي اڪيلي سر ماني ٺاهيندي هئي. ان زماني ۾ نوڪر يا بورچي جو تصور ڪونہ هوندو هو. گهر ۾ ڪيترا مهمان اچي وڃن زائفائون پنهنجو پاڻ رڌ پچاءُ جو ڪم ڪنديون هيون. ڪڏهن ڪڏهن تہ 50 مهمان بہ اوطاق تي اچي ويندا هئا. اڪثر ائين ٿيندو هو تہ هڪ ڪان وڏيڪ ورهاڱا گڏجي پوندا هئا. هڪ عورت ڪان ڪم مٿي چڙهي ويندو هو تہ منهنجي امان کي سڏ ڪبو هو تہ هو وچي هٿ ونڊرائيندي هئي، پر اڪثر ماميءَ، ڪنهن کي تڪليف ڏيڻ پسند نہ ڪندي هئي. ڪڏهن ڪڏهن چور ۽ ڪاتڪو ٽائيپ مهمان بہ اچي ويندا هئا. ڇو جو مامو حاجي الهہ جڙيو ڪڏهن بہ ڪنهن مهمان کان اهو نہ پڇندو هو تہ هو ڪير آهي؟ ڪٿان آيو آهي؟ ڪيڏانهن ٿو وڃي؟. مطلب تہ "خانن جي خاني، مانيءَ مان معلوم" مهمان بس مڙوئي مهمان آهي، ان کي مانيءَ کارائبي رات جو ان جي رهڻ جو بندوبست ڪبو. ڇو جو اها سنڌ ۽ سنڌين جي روايت ئي ڪونهي، جو ماني کان سواءِ ڪنهن مهمان کي ائين بکئي پيٽ ڇڏي ڏجي. انهي اوطاق جي ڪري ڪيس

پوڳڻو ڀ گھڻو ڪجھ پيو هو. هڪ رات ڪو واٽهڙو اچي ترسيو. دستور مطابق ان کي ماني بسترو مليو. رات جو لوڪ لڪا سمهڻ کان پوءِ همراهه حاجي صاحب جون ٻڪريون ڀ ڪاهيون. بسترو ڀ ڪٽي ڪلهي تي رکيائين ۽ روانو ٿي ويو. چور جي ڪا ڦتي، آڌيءَ رات جو ڪي مهمان اچي ويا، حاجي صاحب کي انهن مهمانن کي ماني کارائڻ لاءِ اُٿڻو پيو. جان ڪٽي ڏسي ت ن ٻڪريون ن همراهه. اچي مچي ڪري ڳوٺ جي ٻاهران وڃي همراهه کي ٻڪرين سوڌو جهليائون. ڪن جو خيال هو ت هن کي پوليس جي حوالي ڪجي پر حاجي صاحب ڪيس ڇڏي ڏنو. اهو چئي ت "هن پنهنجو ڪم ڪيو. اسان کي پنهنجو ڪم ڪرڻ ڏيو". سندس ڪنهن ويجهي مائٽ جو پلو ڊڳن جو جوڙو چوري ٿي ويو. پاڻ وڏي ڪوشش ڪري اهو بغير ڍُنگ جي واپس ڪرايائين. چور ڪڏهن ڀ ڍُنگ ونڻ کان سواءِ چوري واپس ن ڪندا آهن. پر حاجي صاحب جي اُتي وڃڻي جي ڪري چوري واپس ٿي. نظير احمد جيڪو منهنجو ماروٽ ٿئي، سو ڪن دوستن سان گڏ پٽ شاهه تي ويو. اُتي انهن کي هڪ ماڻهو مليو. خير عافيت ۽ واقفيت کان پوءِ يڪدم چيائين ت "توهان انهي گلاب لغاري جي ڳوٺ جا آهيو جتي حاجي الهه جڙيو خان جي اوطاق آهي ۽ هر ايندڙ ويندڙ کي ماني کارائيندو آهي. " چا ت ماني ۽ خيرات جي برڪت هئي، حاجي صاحب کي اڌ سنڌ ۾ جاتو سڃاتو ويندو هو. پيار ۽ خلوص جو زمانو هوندو هو. هي ڳالهه آئون 40 سال اڳ جي ٿو ڪريان ۽ اهو سلسلو منهنجي جمڻ کان اڳ جو هلندڙ هو. ائين ڪٽي چئجي ت اهو خير جو ڪم انگريزن جي دور کان شروع هو. ايتري خرچ ڪرڻ جي باوجود سندس هٿ ڪڏهن ڀ تنگ ن ٿيو. هي اهو زمانو هو جو فيلڊ مارشل محمد ايوب خان جو 10 سالا ترقياتي پروگرام اڃان شروع ن ٿيو هو. هر پاسي ڪچا رستا هوندا هئا. ماڻهو پنهنجي منزل تي پهچڻ جي لاءِ ڊڳي گاڏي يا گهوڙن جو استعمال ڪندا هئا. پوءِ جتي رات پئي اتي ٽڪي پئبو هو. گلاب لغاري ۾ حاجي الهه جڙيو خان جي اوطاق، اهڙن مهمانن جي انتظار ۾ هوندي هئي. هر مهمان جو بندوبست هڪيو ٽڪيو هوندو هو.

حقيقت ۾ ڏٺو وڃي ت اهي سنڌ جي خوشحالي ۽ سندس پريا پڪنا ڏينهن هئا. اها ڀ سيني کي پلي پٽ خبر آهي ت سنڌ صدين کان ونئي، ٻاهران ايندڙ حملي آورن جي گهوڙن جي سنبن جو شڪار رهي آهي. هر ڪنهن فاتح پنهنجي پنهنجي نظر ۽ هٿ سان سنڌ کي ڦُريو ۽ لٽيو آهي. ڊاڪٽر ايس پي چبلاڻي پنهنجي ڪتاب " سنڌ جي اقتصادي تاريخ" ۾ ڪنهن غير ملڪي جو حوالو ڏيندي لکي ٿو ت " سنڌ ملڪ ۾ اناج تمام گهڻو پيدا ٿئي ٿو ۽ مکڻ نهايت جهجهو پيدا ڪيو وڃي ٿو جنهن مان گهڻو حصو مسقط ڏانهن برآمد

ڪيو وڃي ٿو. ”هاڻي اڃو مختصر طور اهو ڏسون ته هيءَ “سنڌ” جيڪا مکڻ برآمد ڪندي هئي، منجهس وڏي مقدار ۾ اناج پيداڪرڻ جي صلاحيت موجود هئي. ماڻهو مهمان نواز هوندا هئا. واپاري توازن (Terms of Trade) هميشه سنڌ ملڪ جي حق هوندو هو. وڏي پيماني تي ٻاهريون ناڻو (Remittances) سنڌ ۾ ايندو هو. اڄ سنڌ ڪٿي بيٺي آهي، سنڌي ماڻهن مان اها مهمان نوازي ڪيڏانهن وئي. پاڪستان جي وحدت ۾ ڏنو وڃي ته سنڌ جا سيئي ڏسڻا عدد (Index Numbers) سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن جي فائدي ۾ نه آهن. اڌ کان وڌيڪ سنڌي غربت جي لڪير کان فقيرن واري زندگي گذارڻ تي مجبور آهن. ڄمڻ ۽ مرڻ جي ريٽ ۾ ڪو به مڃيل اصولن مطابق ڳانڍاپو نظر نه ٿو اچي. هي اقتصادي ڊيوالپڻو يا ماضيءَ جي امير سنڌ ۽ حال جي فقير سنڌ، منهنجي هن مضمون جي دائري کان ٻاهر آهن. هتي صرف رچرڊ ايف برٽن جي ڪتاب جو حوالو ڏئي هن بحث کي ختم ڪرڻ ٿي مناسب ٿيندو. هو لکي ٿو ته“ مون کي پوري طرح يقين آهي ته جيستائين سنڌي مسلمانن کي هندن کان بچائڻ واسطي ڪو قانون نه جوڙيو ويندو، تيستائين اهو ويا جي هندو کان بچي ڪو نه سگهندو. جيڪڏهن هنن جي تحفظ لاءِ (Encumbered Estate Bill) نه آندو ويو ته سنڌي مسلمانن کي تباهيءَ کان ڪير به بچائي نه سگهندو. ” هندو ته 70 سال اڳ هتان هليا ويا. سوال هي آهي ڇا اسين سنڌي مسلمان تباهيءَ کان بچي ويا آهيون. اسان جو حال ورهاڱي جي وقت کان به برو آهي. جيڪڏهن سنڌ ۾ پينو فقيرن تي ڪا سروي ڪئي وڃي ته سنڌ جو هر ڇوٿون ماڻهو فقير نڪرندو. جنهن ۾ ڪو توهان کي ظاهري طور پنندي ڏسڻ ۾ ايندو ته ڪو خيرات جي رقم جي لاءِ ڪنهن ATM مشين جي سامهون نظر ايندو. پلاننگ ڪميشن جي دعوي آهي ته سنڌ ۾ 0.5 سيڪڙو غربت گهٽ ٿي آهي. پر زميني حقيقتون انهي دعوي سان ٺهڪي نه ٿيون اچن.

اهو 70 جو ڏهاڪو هو. هڪ چواڻي مطابق“ سنڌ اڃان گدڙن ڪو نه کاڌي هئي”. مهمان مڙي جو آڌر ڀاءُ پيو ٿيندو هو. ننڍي وڏي ڏينهن تي قرب ڪچهريون پيون ٿينديون هيون. ها البت ڀهراڙين ۾ شادين جي موقع تي ڇنن جي جاءِ تي شاميانن جو رواج پئجي چڪو هو. شادي هالن جو ڀهراڙي ۾ ڪنهن نالو نشان به نه ٻڌو هو. مطلب ته امن ۽ شانتي جو زمانو هو. راڳ جي ميدان ۾ اسان جي لاڙيت ۾ حيدر ڪوسي ۽ مُنو ڪڇي جي هاڪ هوندي هئي. فوزيا سومرو گهٽو گهٽو پوءِ ميدان ۾ لٿي. هر ڪو ماڻهو پنهنجي ۾ خوش هوندو هو. ڪيڙي کي ڪڻ ته هاٿي کي مڻ. هر ڪنهن کي پنهنجي وت ۽ وس آهر روزگار ملي ويندو هو. راقم کي به انهي زماني ۾ سنڌي ماستري ملي وئي هئي.

اهو ماستري ۾ نوڪري جو ذڪر ڳاهي بڳاهي ايندو رهندو. خبر نه آهي جو سنڌ کي ڪنهن جي نظر لڳي جو 70 جي پوئين ڏهاڪي ۾ ملڪ مٿان ڪاري آنڌي اچي نازل ٿي. ملڪ جي مولوين اليڪشن جي نتيجن ۾ پي پي پي جي ڪاميابي کي مڃڻ کا انڪار ڪيو. نون پارٽين جو هڪ اتحاد ٺاهي جنهن کي پاڪستان نيشنل الائينس (PNA) جو نالو ڏنئي، ذوالفقار علي ڀٽو جي پارٽي جي خلاف تحريڪ هلائي، جنهن ۾ هو ڪامياب ٿيا. فوج حڪومت جو تختو اونڌي ڪري پاڻ اقتدار تي قبضو ڪري ورتو. انهي سڄي معاملي ۾ مذهبي جماعتن وڏو ڪردار ادا ڪيو. انهي جي عيوض ضياءُالحق انهن کي حڪومت ۾ ڀاڱي ڀائيوار ڪيو. ڀٽي کي ڦاهڻ جي لاءِ مارشل لا حڪومت سنڌ ۽ سنڌين تي سختي شروع ڪئي. ڌوهارين کي وڏيڪ ڌوهن ۾ ملوث ڪري کين هٿيارن پنهوارن سان ليس ڪري خاص ڪري سنڌ جي ٻهراڙين ۾ بدامني پيدا ڪئي وئي. چڱا خاصا ڏسٽا وائسٽا پڙهيل ڳڙهيل ماڻهو ڌوهن جي دنيا ۾ لهي پيا، جن جو اثر اوس سنڌ جي ڪلچر تي پوڻو هو. هڪ اهڙو ڏهڪاءُ ۽ ڊپ جو ماحول پيدا ڪيو ويو. جو ماڻهو ماڻهو کان ڊڄڻ ۽ خوف کائڻ لڳو. تعليم ۾ ڪاپي جو ڪلچر اڳئي ڀٽي جي زماني ۾ پئجي چڪو هو. باقي امن امان جي رهي سهي ڪثر مارشل لا سرڪار ڪڍي ڇڏي. رات جو جيڪڏهن اوطاق تي ڪا ڪچهري منعقد ٿيندي هئي يا ڪنهن مهمان کي ماني کارائي ويندي هئي ته ورندي ڏينهن پوليس مٿان اچي ٻيهندي هئي ته توهان چورن کي ماني ٿا کارايو. ائين ڪيئي بي گناهه پوليس جي ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسي ويا. پرين ڀُڪنن اوطاقن جا ڪليل دروازا بند ٿي ويا. سنڌ جو بهترين ڪلچر ڏماڪي سان اچي پٽ پيو. بنيادي ڍانچي جي ترقيءَ جي ڪري روڊ رستا وڌيڪ ٺهي ويا، سفر ۾ آسانيون پيدا ٿيون، ماڻهو ٻئي هنڌ ترسڻ جي بجاءِ پنهنجي گهر پهچڻ کي ترجيح ڏيڻ لڳا، انهيءَ جو به اثر سنڌ جي اوطاقي ڪلچر تي پيو.

اسان وٽ سنڌ ۾ جتي نوجوان گهوٽن جون شاديون ڪيون وينديو هيون اُتي ننڍڙن گهوٽن جي طهرن تي پڻ وڏا جشن ڪيا ويندا هئا. سنڌ ۾ جيتري شادي جي اهميت هوندي هئي، اوتري ئي طهرن جي پڻ. سرندي وارا توڙي غريب غربو انهن ٻنهي موقعن تي گهر ٻاري ڏياري ڪندو هو. جڏهن ته نياڻين جي شادين تي هروڀرو ايترو ڊنڊاسرو ڪو نه ڦيرائبو هو سڄو زور پٽ جي طهر ۽ شادي تي ڏبو هو. سنڌ ۾ جيڪڏهن هڪ ئي ڳوٺ ۾ مختلف ذاتين جا ماڻهو رهن ٿا ته سڀ ڪنهن وٽ طهر ۽ شاديءَ جون الڳ الڳ ريتون، رسمون ۽ طور طريقا آهن. ڪجهه مخصوص سنڌي مهينا هوندا هئا جن ۾ شاديون يا طهر نه ڪيا ويندا هئا. هاڻي ته طهر جو ڀت ڪٽي نالي ماتر وڃي رهيو آهي.

موتمار مهانگائي، وقت جو نہ هئڻ، دنيا جو سڪڙجي وڃڻ هن رسم کي ڪاپاري ڌڪ هنيو آهي. شهرن ۾ تہ جابجا پارڪ يا ٻيون گهمڻ جو جايون آهن، جتي شهرين جو وقت سٺو پاس ٿيو وڃي، ان جي مقابلي ۾ ٻهراڙي ۾ طهرن، شادين ۾ ميلي ملاکڙي کان سواءِ ٻئي ڪاب اهڙي گهمڻ ڦرڻ يا تفريح جي جڳهہ ڪانهي جنهن ۾ ڪو سورن جو ماريل ۽ غربت جو ستايل چار گهڙيون وڃي ڪنهن سان دل جا سور سلي.

مون پنهنجي سانڍير ۾ اسان جي ڳوٺ ۾ ڪيتريون ئي اهڙيون طهرون ۽ شاديون ڏٺيون، جيڪي انتهائي يادگار سمجهيون وڃن ٿيون. هي اهو زمانو هو جڏهن تنبوءَ تولان، شاميانا ۽ ڪناتن جو اجان رواج ۾ ڪو نہ پيو هو. هر ڪو پنهنجي وٽ ۽ وس آهر ڇنا ٺاهي پيو شادين ۽ طهرن جون خوشيون ملهائيندو هو. اهڙيون تقريبون سنڌ ۾ منعقد ٿيندڙ ڪنهن بہ ميلي کان گهٽ ڪين هونديون هيون. طهر يا شادي جي تاريخ مقرر ٿيڻ کان پوءِ يڪدم سڄي راڄ کي ڪائين ڪرڻ جي ڪوٺ ڏني ويندي هئي، اهو سلسلو ڪافي ڏينهن تاءِ هلندو رهندو هو. پٽ جي ديڱين جا دس لهندا رهندا هئا، هر آيو ويو اوڙو پاڙو انهيءَ مان ڪائي خوش ٿي مالڪن کي دُعائون ڏيندو ويندو هو. اجان طهر يا شادي مهينو کن پري هوندي هئي تہ راڄ کي ڇني ٺاهڻ جي ڪوٺ اچي پهچندي هئي. هر ڪو پنهنجي راڄ پاڳ ۾ ڏيٺ ويٺ جي بنياد تي تور تڪ ڪندو هو. سو طهر يا شادي جي تقريب لاءِ ڇنو پڻ اهڙي حساب سان ٺاهڻو پوندو هو. ڪڏهن ڪڏهن اهڙا ڇنا ڇئين ايڪڙن ۾ پکڙيل بہ مون پنهنجن اکين سان ڏٺا. انهيءَ لاءِ الڳ ڪاٺ جون ٽوڪيون، سَر ۽ ٻيو سامان، سڀ ڪو پنهنجي زمينداري يا سنگت ساٿ مان وڌرائي پيو ڪم هلائيندو هو. اهو تہ شادي واري جي اُٺي ويٺي تي منحصر هوندو هو تہ ٻين راڄن سان سندس ڪيترا پير پريل هوندا هئا. انهي حساب سان ٻين راڄن پاڳن جا ماڻهو اچي انهي ڪم ۾ هٿ ونڊرائيندا هئا. مقرر تاريخ تہ اجان ڪافي پري هوندي هئي پر انهيءَ جو ڇهچٽو گهڻو وقت اڳي شروع ٿي چڪو هوندو هو. جيئن جيئن ٻاهر مرد پنهنجو ڪم تيز ڪندا هئا تہ وري هوڏانهن گهوٽ گهر ۾ ماين اچڻ شروع ڪيو اوڙي، پاڙي، راڄ پاڳ پنهنجو پرايو رات جو سومهاڻين جي نماز کان پوءِ اچي گهوٽ گهر پر گهٽ ٿينديون هيون. ڳيچ ۽ سهرا تہ سنڌ جي اهم ريتن ۽ رسمن ۾ شامل آهن. ڳوٺ جي مڱڻهار فقيرن جي روزي روٽي پڻ انهن شادين مرادين تي مدار رکندي آهي، جيڪڏهن ڪا وڏي شادي يا طهر اچي وئي تہ سڄي سال جو خرچو پاڻي ٻاهر. اڳيان بہ رئيس يا وڏيري جي پٽ جي طهر يا شادي آهي، سو انهن بہ وسان ڪين گهٽايو. جيئن مون مٿي ذڪر ڪيو

آهي تہ اهڙن موقعن لاءِ چئين ايڪڙن ۾ چنو ناهيو ويندو هو. انهي لاءِ ايتري ايراضي ۾ گهوڙن ٻڌڻ جي لاءِ ڪِلا هنيا ويندا هئا. جيئن تہ روڊ ۽ رستا اجان ڪچا هئا. تنهنڪري وڏا وڏا ماڻهو پنهنجي سواري واسطي پلا پلا گهوڙا ڏاريندا هئا. ننڍي وڏي ڏينهن تي يا شادي مراديءَ تي انهن تي چڙهي وجبو هو. اڳيان شادي وارن پاران خاص ڪري وڏو تعداد ماڻهو ٻيهاريا ويندا هئا جي رڳو گهوڙا جهلڻ ۽ انهن کي ڪلي تي ٻڌڻ لاءِ هوندا هئا. جڏهن وڏي تعداد ۾ ماڻهن وانگر وهٽ اچي گڏبا هئا تہ انهن جي هِڻڪار جو آواز هڪ قسم جو اهڙو سريلو ۽ سنو وايو منڊل پيدا ڪري ڇڏيندو هو جو دل چوندي هئي تہ اهڙيون تقريبون سدائين ٿينديون رهن. اهڙين شادين يا طهرن ۾ وڏي انگ ۾ ڦندرون ڪٺيون ۽ لا تعداد پٽ جون ديڳيون لاٿيون وينديون هيون. آيو ويو غريب غربو پرائي مال تي مفت ۾ پيو خوشيون ملهائيندو هو.

هاڻي تہ اهڙو ڦِرڪو ڦريو آهي جو نہ اڄ اهڙيون شاديون ٿين ٿيون نہ ئي وري اهڙيون گڏجاڻيون مطلب تہ اهي ريتون رسمون، اهي خوشيون غميون، هاڻي ماضيءَ جا قصا ٿي ويون آهن. اسان جي راڄ جا پيءُ ۽ پٽ مڱڻهار اسماعيل فقير ۽ بهار فقير، جڏهن گڏجي ڏُهل وڄائيندا هئا تہ اهڙو سُر ۽ لئي ٻيهاريندا هئا جو ڄاڃين تي هڪ قسم جو وجد طاري ٿي ويندو هو. اڄ جي بينڊ باجن کان رس مڙوئي چڙهيل هوندو هو. ڳوٺ ۾ ڪا شادي ٿيندي هئي تہ هوتلن وارن ۽ مانڊڻي وارن جي چاندي ٿي ويندي هئي. هر آيل دعوتو ايندي ويندي چانهہ جو ڪوپ پاڻ بہ پيئيندو هو تہ يارن دوستن تي پڻ پيو خرچ ڪندو هو. چانهہ کان پوءِ پان جو چاٻو ۽ سگريٽ جو سوٽو پڻ لازمي هوندو هو. مطلب تہ هڪ شادي جي ڪري ۽ ننڍن وڏن ڳوٺن ۾ پئسي جي ريل پيل جي ڪري چڱي خاصي معاشي سرگرمي جنم وٺندي هئي. معاشي طرح ملڪ جي لاءِ بہ سنو سوڻ هوندو هو. هاڻي نہ رهيون آهن اهي ريتون ۽ رسمون، ڳوٺن جي شادين وڃي شهر وسايا، نہ ناچو نہ ڳاٽا، نہ فقير نہ فقراءُ. مطلب تہ سنڌ جي پري پُڪني رسم اسان جي هٿن مان واريءَ وانگر نڪري وئي. سنڌ جي ٻهراڙيءَ کي انهيءَ جو معاشي توڙي اخلاقي طور وڏو نقصان ٿيو آهي. وري جو اهڙو واءُ وريو. جو اهي زمانائي تبديل ٿي ويا. " نہ رهي برهہ نہ رهي باهڙي"، اهي مڇ ئي موڪلائي ويا. جنهن تي ويهي ڳوٺن جا وڏڙا، سياڻا، سڀاڄها ۽ ابوجهہ ماڻهو ڪانيون ڪيڏي دل جون اورون اوريندا هئا. سندن گفتار پڙهيل لکيل عالمن کان وڌيڪ نصيحت ڀريل هوندي هئي. سچي گيهہ جي جاءِ هٿرادو گيهہ ڊالڊا اچي والاري، جنهن مان انيڪ قسم جون بيماريون پيدا ٿيون. نہ انهن تي قابو پائڻ لاءِ سرڪاروٽ ڪي دوائون آهن ۽ نہ وري ڊاڪٽرن وٽ ڪو ٽائيم. ديسي ٽوٽڪا

۾ ڏاهپ جا ڏس گهٽوا اڳ اها جوءِ ڇڏي ويا. مٿان غربت هٽي غريبن جا لاهه ئي
ڪيڏي ڇڏيا آهن. ڳاٽي ڀڳا اسپتالن جا خرچ ۽ هر وقت وڏندڙ ڊاڪٽرن جون
فيون، هر ڪنهن جي وس جي ڳالهه نه آهي. انسان ته آهي پر انسانيت
موڪلائي وئي. اڳي وارا استادانسان ۾ انسانيت جي خدمت جي تعليم ڏيندا
هئا، هاڻي جا مدرسا ڇيرو نوجوانن کي انسان ۾ انسانيت جي تباهي جو سبق
ڏين ٿا. هر شيءَ نيست نابود ٿيندي پئي وڃي. خاص ڪري، پٽي جي ڦاسي
ڪانپوءِ سنڌ ۾ هڪ اهڙو ڪلچر متعارف ڪرايو ويو جنهن هٽي پيننگ ڪري
ڇڏي آهي. هٿرادو پيدا ڪيل ڏاڙيل ڪلچر ڀرين ڀُڪنين اوطاقن جا ڪليل
دروازا بند ڪرائي ڇڏيا آهن. مطلب ته سنڌ جي هر شيءَ تيزي سان تباهي
ڏانهن وڌي رهي آهي.

## پنجاب جو املهہ ماڻڪ سنڌ ۾

سنڌي ۾ چوڻي آهي تہ "مڙس ڊپ نہ آهن جو وري موربا" اسان جي سونهاري سنڌ بہ ڪيئي اهڙا مٿير مڙس پيدا ٿيا آهن . انهن ڌرتي جي ٿڃ ضرور ملهائي آهي. پوءِ ڪنهن اتر ۾ تہ ڪنهن ڏکڻ ۾، ڪڏهن ڪڏهن لِڏ مان بہ لال نڪري نروار ٿيندا آهن. جيئن سنڌ هر شعبي ۾ داناءُ ۽ سياڻا پيدا ڪيا. ائين اسان جي ڳوٺ گلاب لغاري ۾ پڻ لاتعداد سياڻا ۽ سخنور پيدا ٿيا، انهن مان ڪن جو هتي آئون ذڪر ڪندس. گلاب لغاري ۾ جيڪي املهہ ماڻڪ ڪردار هئا. انهن ۾ ڊاڪٽر احمد خان جو ڪردار بہ پنهنجو مٽ پاڻ هو. غالبن ورهاڱي کان اڳ 1919ع ۾ سوڀو خان لغاري جي گهر ۾ ديري غازي خان (پنجاب) جي ڪنهن بستي ۾ جنم ورتائون. پاڪستان ٺهڻ کان اڳ پنهنجا اباڻا ڪک ڇڏي، سنڌ جي لاڙ واري پاڱي تعلقي ٽنڊي الهيار جي هڪڙي ننڍي ڳوٺ مسو بوزدار ۾ پنهنجن مائٽن وٽ اچي رهيا. مائٽن جي ڏڍ ۽ آسري تي پنجاب مان ٻن ڪپڙن ۾ نڪتو، نہ ڪنهن پڇايو، نہ ڪنهن ورغلايو. سنڌيءَ جا ابتدائي ڪتاب بہ مسو بوزدار ۾ پڙهيائين ۽ پنهنجي ناني وٽ حڪمت جو ڪم سکڻ لڳو. جيڪو ڏاهپ جي ڏسن ۾ ڄاڻو حڪيم هو. جڙي ٻوٽين سان ماڻهن جو علاج پيو ڪندو هو. انهي جي صحبت ۾ رهي پاڻ سنو حڪيم ٿي ويو. ڳوٺ جي ڪنهن پرئي مڙس پنهنجي نياڻيءَ جو بار لاهڻ لاءِ هن رول ڇوڪري کي پنهنجي نياڻي ڏئي شادي ڪرائي ڇڏي، ائين اڄ جو نڌڻڪو ٻار سياڻ جو ڪامياب شخص شاديءَ جي ٻنڌڻن ۾ ٻڌجي ويو. ائين شاديءَ کان پوءِ ترت مسو بوزدار مان لڏو پٽي اچي گلاب لغاري ۾ ٽپڙ رکيائين. مٿان ملڪ جو ورهاڱو ٿيو تہ ڪو سائين سڏايو واٽيو ان کي اسان جي پاڙي ۾ پنهنجو گهر ڏئي ويو. جيئن تہ اسان جو سڄو پاڙو لڏي ويندڙ هندن خالي ڪيو هو، سو منهنجي ڏاڏي کي بہ مگهن واٽئي گهر ڏنو هو. تہ اسان جا وڏا پڻ ٻهراڙين مان مڏيون گول ڪري "مفت جي مال تي توپي نراڙ تي" رکي شهرن ۾ اچي رهيا. اڄان بہ ڪافي تعداد ۾ اسان جي پاڙي ۾ واٽين جا گهر آهن، جيڪي بغير ڪنهن خوف خطري ۽ ڊپ ڊاءَ جي رهيا پيا آهن. هتي دنيا جهان جا لوفر لنب گهرن کان تڙيل، آريا، عرب، ارغون، ترخان، مغل (ڪن ڪاهون ڪيون ڪن پناهہ ورتي) اچي سنڌ ۾ آباد ٿيا. اها ئي تہ صوفي سنڌ جي خوبي آهي جو هر ايندڙ ويندڙ هندو توڙي مسلمان کي پنهنجي ڪوسي ڪک ۾ جاءِ ڏيندي آئي آهي. خبر نہ آهي جو هن خوش بخت ڌرتي ڪيترن ٻاهران ايندڙن کي پنهنجو

ڪيو. جيئن تاريخ جي ورقن ۾ چٽي طرح ڏسڻ ۾ اچي ٿو تہ ڪنهن زماني ۾ سنڌ جو حدون تمام گهڻو پکڙيل هيون ۽ سنڌس ڄمار بہ تمام وڏي ڄاڻائي وئي آهي. تازو هندستان جي ڪنهن ريسرچ جنرل ۾ آيو آهي تہ موهن جو دڙو ۽ هڙپا انڊس سولائيزيشن جون تهذيبون 5500 سال نہ پر 9500 سال پراڻيون آهن. ماضي قريب ۾ لڏپلاڻ جا بہ دورٿيا. جيڪي 1947ع کان اڳ ۽ پوءِ جا دور چئي سگهجن ٿا. اڳ ايندڙ ماڻهن پنهنجو الڳ تشخص ختم ڪري سنڌ ۾ سنڌي ٿي ويا. جڏهن تہ پوءِ ايندڙن اجان تائين پنهنجي الڳ سڃاڻپ قائم رکندا پيا اچن. سائين جي ايم سيد پناهگيرن متعلق چيو آهي تہ " اهي ٽن حصن ۾ ورهائجي ويندا. انهن جو هڪ طبقو سنڌي ٿي ويندو، ٻيو حصو ملڪ ڇڏي هميشہ لاءِ ٻاهر ڪنهن ملڪ ۾ وڃي وسندو. جڏهن تہ ٽيون طبقو وڙهي پنهنجو وجود ختم ڪري ڇڏيندو". جيڪڏهن باريڪ بينيءَ سان ڏسبو تہ اهو سلسلو شروع ٿي چڪو آهي. انهن جو وڏو حصو جيڪو اندروني سنڌ ۾ اچي آباد ٿيو انهي جو وڏو تعداد سنڌي ٿي چڪو آهي. ڪراچي، حيدرآباد يا سنڌ جي ٻين وڏن شهرن ۾ رهندڙ انهيءَ مرحلن مان گذرن پيا . ٽيون طبقو پنهنجي ئي اردو ڳالهائيندڙن جي هٿان مارجي پيو. باقي اسان سمجهون تہ اهي هينئر جو هينئر سنڌي ٿي وڃن، اهو ممڪن ئي ڪونهي. قومن ڪي ٺهڻ ۾ صديون لڳنديون آهن، اجان تہ 70 سال مس گذريا آهن. يهودين ڪي گڏجڻ ۾ 800 سال لڳي ويا آهن. خود سائين جي ايم سيد انهن لاءِ نرم گوشو رکندا هئا. انهي ڪري ڪيس سوسائٽي جي ڪجهہ طبقن طرفان تنقيد جو بہ نشانو بنايو ويو. سندس خيال مطابق سنڌ ۽ سنڌين هزارن سالن کان وٺي هر آيل جو آڌرڀاءُ ڪيو آهي. ان جي مقابلي ۾ هر فاتح قوم هميشہ جي لاءِ پنهنجو وجود وڃائي هتي جي ٿي ويئي آهي.

هي اهو زمانو هو جو سنڌي مسلمان پڙهيل هوندو ئي ڪونہ هو. پڙهيا لکيا هندو سنڌ ڇڏي هليا ويا. آخرڪار انهن جي جاءِ ڪن ڪي تہ ڀرڻي هئي. احمد خان جيڪو مسو بوزدار ۾ حڪمت جو ڪم سکندو هو اهو هتي ڊاڪٽر بڻجي ويو. ڳوٺ وارن لاءِ جڻ تہ هڪ مسيحا ٿي آيو. گلاب لغاري اجان ڪنهن پڪي روڊ سان سلهاڙيل ڪونہ هو. بس اهي ئي بہ لاريون شام جو اينديون هيون ۽ صبح جو ٽنڊو الهيار ۽ حيدرآباد روانيون ٿي وينديون هيون. اهڙي حالت ۾ ڳوٺ ۾ ڪنهن ڊاڪٽر جو هئڻ غنيمت کان گهٽ ڪو نہ هو. پاڻ باقاعدي حڪمت جو آغاز 1947 ع کان پوءِ ڪيائين. مذهب ۾ هميشہ اعتدال پسنديءَ کان ڪم ورتائين، ها البت صوفي مذهب ڪي وڏيڪ ويجها هوندا هئا. سندس اسپتال ۾ هر وقت "حق موجود" جي تنوار پئي ٻڌڻ ۾ ايندي هئي. هندو مسلمان،

ڪولهي پيل پيو مفت ۾ اسپتال مان لاڀ حاصل ڪندو هو. پاڻ پنهنجي سِر ڪنهن بہ مريض کان گُهري پئسو نہ ورتائين، جنهن جيڪي ڪجهہ ڏنو بغير ڏسڻ ۽ ڳڻڻ جي رکي ڇڏيندو هو. ائين چوڻ ۾ ڪو وڌاءُ نہ ٿيندو تہ وڏو حصو مفت وارا مريض هوندا هئا. ڪنهن بہ پاڙي واري يا ڳوٺ واري لاءِ دوا درمل مفت هوندي هئي. سندس اسپتال هميشہ ماڻهن سان پري پئي هوندي هئي. جيترا مريض اوترا ڪچهري ڪرڻ وارا، چانهہ جو دور بہ پيو هلندو هو تہ زماني جا قصا بہ پيا ڪُٽبا هئا. سنڌ هميشہ نڌڪي رهي آهي. هر وقت ڪي نہ ڪي وبائي مرض ايندا ئي رهيا آهن. آئون اجان ٻئي يا ٽئي درجي ۾ هوس جو سنڌ ۾ گُهگُهن سجڻ جي وبا شروع ٿي هئي. جنهن جي ڪري تيز بخار ۽ گلو ٻنهي طرفن کان سُڄي پوندو هو. ڊاڪٽر احمد خان پورا 15 ڏينهن علاج ڪيو. صبح شام پينسلين جون سيون لڳنديون هيون، نہ پئسو نہ پائي. هي تہ مون پنهنجو مثال ڏنو آهي پر پاڻ ڪنهن بہ غريب غربي کان پئسو نہ وٺندا هئا.

ڊاڪٽر احمد خان صاحب خوش طبع ۽ يوڳائي ماڻهو هوندو هو. خاص ڪري مريض کي دوا درمل کان سواءِ ئي کلائي خوش ڪري روانو ڪري ڇڏيندو هو. يوڳ چرچو هلڪي سلڪي ٺوڪر بازي لڳي پئي هوندي هئي. پاڻ ڊاڪٽر چڱو خاصو ٺوڪر باز پڻ هوندو هو. جيڪڏهن ڪو چڙهي آيس تہ رومال ۾ ويڙهي اهڙي هٽندو هوس، جو گهر تائين ٺهڪ ڏيندو ويندو هو. ڊاڪٽر صاحب ۽ سندس ويجها ساٿي هر علت کان آجا هئا. پر هن درگاهہ تي هر ڪنهن جي لاءِ فطرت ۽ عادت آهر مال مسالو موجود هوندو هو. شوقينن لاءِ گرمين ۾ سنڌي ٿاڌل گلاسن جي بجاءِ محمد عثمان ڪنيار جي ٺهيل چلن ۾ موالين کي اڻ پيتي جا نشا ڏئي ڇڏيندي هئي. ڪڏهن ڪڏهن ٽانڊو ٽوپي مان نڪتل دونهون اوڙي پاڙي جي ايندڙن ويندڙن کي معطر ڪري ڇڏيندو هو. ڳوٺ جا واندا سجو ڏينهن ٽِنري تي ڊاڪٽر جي اسپتال ۾ لٿا پيا هوندا هئا. ان زماني ۾ ننڍي وڏي جي عزت ۽ برداشت جو مادو هر ماڻهو ۾ تمام گهڻو هوندو هو. ٿوري گهڻي تي نہ ڪاوڙ نہ ڪشومت، هر ڪو کليو خوش ٿيو ٺهڪ ڏيو ويندو هو. سندس چوياري ۾ محمد عثمان ڪنيار، مون وارو ڏاڏو حاجي محمد بخش، رئيس حُسين بخش لغاري (ڪرڙائي) ۽ مون وارو نانو حاجي شاهہ محمد مرحوم. انهن ۾ خاص ڪردار هو محمد عثمان ڪنيار جو جنهن کي عوٿو ڪنيار ڪري چوندا هئا، جنهن کي سڄو ڏينهن ڊاڪٽر وٽ لڳي ويندو هو. ماني جيڪا ڊاڪٽر لاءِ گهران ايندي هئي انهي مان عوٿو بہ چار گرهہ هنيا تہ واهہ واهہ نہ تہ رات جو گهر ماني وڃي کائيبي. جڏهن تہ هر ايندڙ ويندڙ رولاڪ جي ماني بہ ڊاڪٽر جي مٿي تي. مطلب تہ دليون وڏيون هيون تہ

روزيءَ جا دروازا بـ رازق خلاصا ڪري ڇڏيا هئا. مون ڪڏهن بـ ڪيس پئسي ڏوڪڙ ۾ تنگي محسوس ٿيندي نـ ڏٺي. منهن تي پاڪي ڦيريندو هو. مولوي مرڙي ڪان ٺهندڙ صوفي ڪچهريءَ جو ڪوڏيو. علي خان لغاري ۽ شادمان لغاري جي ڳوٺن جا لغاري جيڪي پاڻ کي نانگو سڏائيندا آهن، سي يڪتارا، چپڙيون کڻي چير ٻڌي اچي ڊاڪٽر جي اسپتال ۾ صوفياڻو راڳ مچائيندا هئا. سندن پويان اچان تائين اهو صوفياڻو رنگ رکيو اچن. آئون هينئر بـ جڏهن اسلام آباد مان ڳوٺ ويندو آهيان تـ هڪ رات اها محفل ضرور رچائيبي آهي. هاڻي تـ ڳوٺ جي ننڍين ننڍين شادين تي نانگا واهـ جي محفل مچايو ڇڏين. ٿوري گهڻي تي خوش، نـ وڏي تمنا نـ گهڻي لالچ. صوفين کي جيڪو مليو انهي ۾ خوش، راڳ تي ڇڙي واهـ واهـ ملي تـ بـ نانگا خوش. خوش بـ چو نـ ٿين. هي فقير نـ گاڏين تي گهمڻ وارا، نـ محلن ۾ سمهڻ وارا ۽ نـ وري ايئرڪنڊيشنڊ جا هيراڪ.

سو ڳالهـ پئي ٿي ڊاڪٽر احمد خان جي، وچي نڪتاسين نانگن فقيرن تي. ماني جي پور تي ڊاڪٽر وٽ ڪيئن اُڙيا ٿڙيا لٿا پيا هوندا هئا. ڪو اسپتال جي صفائي پيو ڪندو هو تـ ڪو وري گهر جو ننڍو وڏي ڪم ڪار پيو ڪندو هو. ڊاڪٽر وٽ هڪ همراهـ رهندو هو جنهن جو نالو هوندو هو مجاهد اهو ٻنپهرن جو ڊاڪٽر جي گهران ماني کڻي ايندو هو. ان زماني ۾ گهرن جي درن تي گهنٽيون وغيره ڪو نـ هونديون هيون يا در تي ڪڙو کڙڪائبو هو يا سڏ ڪبو هو. اسان جي پاڙي وارن هنن ڊاڪٽرن جي عادت هوندي هئي تـ ماڻهن جي سڏن تي اوڙي پاڙي وارا نڪري ايندا هئا پر هي ڪو نـ نڪرندا هئا. هڪ دفعي ڊاڪٽر مجاهد کي خالي ٿانوَ ڏنا تـ گهر پهچائي اچ، جون، جولاءِ جون گرميون هجن، مجاهد در تي سڏي سڏي بيزار ٿي پيو ڪو نڪري ئي ڪو نـ پيو. گرمي اچي هن کي چتو ڪيو ۽ ٻي واهـ نـ ڏسي مجاهد گهر ۾ ڍري پيو. اڳيان جو ماسي بيٺي هئي جنهن جو رس ڊاڪٽر کان بـ چڙهيل هو. سا سونٽي کڻي ٿي پنيان پئيس. خير ٿانوَ ڇڏي مجاهد ڊڪندو سهڪندو اچي اسپتال تي پهتو. ڊاڪٽر پڇيس تـ مجاهد خير تـ آهي سهڪندو پيو اچين، هاڻي هو ڪيس پيرائتي واردات ٿو ٻڌائي تـ " سائين هوءَ نـ جيڪا توهان جي نوڪرياڻي آهي، انهي مون کي ڊوڙايو آهي. "ڊاڪٽر کلي جواب ڏنس تـ " ابا اها مون کي روز ٿي ڊوڙائي، توکي تـ اڄ ڊوڙايو اٿس" سو سائين اهڙن سخنور انسانن جا قصا ڪيترا لکي ڪيترا لکجن. قلم کي طاقت ڪونهي جو خدا ترس، سخي ۽ هر دل عزيز ماڻهن جو خوبيون لکي سگهي. هونئن بـ اسان جي ڳوٺ جي مذهبي رواداري بي مثال رهي آهي.

جيڪڏهن ان سڄي ماجرا ۾ محمد عثمان ڪنڀار جو ذڪر نہ اچي تہ ڳالهہ پئي ٻسي لڳندي. عوثو ڪنڀار جهڙا ڪردار ٻہ ڪن نصيب وارن ڳوٺن ۾ صدين کان پوءِ پيدا ٿيندا آهن. مرحوم جي ياري منهنجي ننڍي ڀاءُ قمرالدين سان ۽ ڊاڪٽر احمد خان سان هوندي هئي. ڪنڀار وٽ جيڪڏهن گڏه نہ هجي تہ اهو ڪنڀار ئي اڌورو. مون جڏهن عوثو مرحوم کي ڏٺو تہ جواني مڙي چڪي هئس، ڏند ڪاٽي ڏاڙهي کي اچي لڳو هو. پر سندس جواني جا قصا ۽ ڪهاڻيون ويهي ڪير هن کان ٻڌي. مرحوم ٻڌائيندو هو تہ ڪنهن زماني ۾ وٽس ڀلا گڏه هوندا هئا. جو ذات لاڙ پٽ جو شوقين وٽس سلامي هوندو هو. پر هن جي ڪنهن تي اک ئي ڪا نہ ٻڌندي هئي. ڇو جو اهڙا ڀلا گڏه هن کان سواءِ ڪنهن وٽ هئا ئي ڪو نہ. سندس جوانيءَ واري زماني ۾ هر نسل وارو ڀلو گڏه سندس ڪلي تي ٻڌل هوندو هو. گڏهن جون اهڙيون خوبيون بيان ڪندي وچي ڀار پوندو هو جو هر ماڻهو هن جي سگهڙائپ مان پيو متاثر ٿيندو هو. مرحوم پيو هڪڙو قصو ٻڌائيندو هو تہ " اسين پهرين جهرڪن جي ڳوٺ ۾ رهندا هئاسين جتي قائد اعظم محمد علي جناح مون سان گڏ بلورن (Marble) راند ڪندو هو. " ڳوٺ جا ماڻهو سڀ هن تي کلندا هئا ۽ واقعي اڳتي هلي اها ڳالهہ تڪراري ٿي وئي تہ قائد اعظم جهرڪن ۾ ڄائو هو. سو مرحوم اهڙيون خبرون ٻڌائيندو هو. جو ان وقت نہ انهن ڳالهين جو نہ ڪن نہ پيچ. جڏهن تہ اڳتي هلي اهي ڳالهيون سچ ثابت ٿينديون هيون. مرحوم ڪڏهن ڪڏهن ڊاڪٽر احمد خان سان يا قمرالدين سان ڪاوڙبو هو تہ ٿلڪارن پاسي سندس ڀائر رهندا هئا اتي وڃي ڪاوڙجي ويهي رهندو هو. اولاد ڪو نہ ٿيس آخر تائين ٻي شاديءَ جي خواهش دل ئي دل ۾ رهجي ويس ۽ هڪ ڏينهن سيني يارن دوستن کي خوش خوش ڇڏي راهہ عدم ڏانهن راهي ٿي ويو.

## اسان جي تر جا ڪامريڊ
## مولوي محمد يعقوب حاجاڻو " ساقي"

مولوي محمد يعقوب حاجاڻو تخلص ساقي، جي والد جو نالو سونهارو خان حاجاڻو هو. هن عمرڪوٽ ويجهو جنم ورتو. سندس پيءُ هڪ غريب پورهيت هو. هن صوفي فقير لڳ پلي خاندان جي ديني مدرسي، جيڪو چٺونري وارن ڀليَن جو مدرسو سڏبو هو، مان مولانا قراني ۽ ٻين مشهور ديوبندي عالمن کان ديني تعليم حاصل ڪري مولوي بڻيو. ان بعد هن برصغير ۾ هلندڙ تحريڪن مولانا امروٽي ۽ مولانا عبيدالله سنڌي جي " تحريڪ ريشمي رومال" مولانا عطا الله شاه بخاري جي "مجلس احرار اسلامي" ۽ علامه عنايت الله مشرقي جي "خاڪسار تحريڪ" ۾ هڪ سرگرم ڪارڪن جو ڪردار ادا ڪيو. انهي سلسلي ۾ خاڪسار تحريڪ جي قافلي سان ريل رستي دهلي روانو ٿيو. خانيوال جنڪشن تي انگريز فوج طرفان کين روڪڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي. جنهن تي هنن جو فوج سان جهيڙو ٿي پيو، جنهن دوران خاڪسار رُڪن الدين قريشي ڪوٽڙي وارو شهيد ٿي ويو. باقي هڪ سئو جي لڳ ڀڳ سمورن قافلي ۾ شريڪ خاڪسارن کي گرفتار ڪري ملتان جيل ۾ رکيو. جنهن ۾ هن کي ٻه سال سزا ڏيئي جيل ۾ رکيو ويو. ان بعد آزاد ٿيو. جيل ۾ هي برصغير ۾ انگريزن خلاف هلندڙ تحريڪن بابت مڪمل ڄاڻ حاصل ڪندو رهيو. هن جي ذهن ۾ انقلابي نظريا پرجي ويا ۽ هي مولوي مان ڪامريڊ ٿي ٻاهر نڪتو. هي پوري زندگي مختلف تحريڪن سان واڳيل رهيو. حيدر بخش جتوئي جي "هاري حقدار پارٽي" جو تمام اهم رڪن هو. سائين جي ايم سيد سان به سندس ويجهو تعلق رهيو. آخري عمر ۾ به هن پنهنجي گهر کي هڪ سکيا آشرم بڻائي ڇڏيو. جتي نوجوانن ۾ سياسي بصيرت پيدا ڪندو رهيو. جنهن آشرم ۾ آئون ۽ مشڪور ڦلڪارو به شامل ٿياسين ۽ شروعاتي سياسي سکيا ورتي سين. مولوي صاحب شاعر به هو. سندس تخلص ساقي هو. سندس گهر اسان جي ڳوٺ کان ڪجهه فاصلي تي هوندو هو. جڏهن به گلاب لغاري ايندو هو ته منهنجو مهمان هوندو هو. مون ۽ مشڪور ڦلڪاري سندس هڪ انٽريو به ڪيو پر بدقسمتي سان اها ڪيسٽ مون کان گم ٿي وئي.

مولوي صاحب عمر جي آخري ساهه تائين انقلاب لاءِ سوچيندو ۽ وس آهر جدوجهد ڪندو رهيو. هي خوددار ايترو هو جو جڏهن سندس ماضيءَ جو ساٿي مير علي احمد ٽالپر، ضياءُ الحق جي حڪومت ۾ وزير دفاع ٿيو ته هن

جي پيريءَ جسماني بيمارين ۽ غربت کي ڏسندي، کيس مدد ڪرڻ جي سلسلي ۾ هڪ ماڻهو هٿان پئسن جو لفافو موڪليو. مولوي صاحب اهو لفافو کولڻ کانسواءِ ئي کيس واپس ڪندي چيو تہ مير صاحب جي مهرباني پر منهنجي نظر ۾ هو مري ويو آهي ۽ مون ڪڏهن بہ مزارن تي وڃي پنهنجي مراد حاصل ڪرڻ لاءِ دعا ناهي گهري. انهي لاءِ مون کي سندس ڪنهن بہ مدد جي ضرورت ناهي . حالانڪ انهي وقت مولوي صاحب جو وقت فاقہ ڪشي ۾ گذرندو هو.

## ڪامريڊ محمد عثمان لغاري ۽ ڪامريڊ علي محمد خاصخيلي

هونئن تہ سنڌ اهڙي ڌرتي رهندي آئي آهي، جنهن ۾ هزارن سالن کان وٺي فاتح ۽ لٽيرا ايندا رهيا آهن تہ ڪڏهن وري ديسي دلالن بہ ڌرتي ماءُ جو دامن داغدار پئي ڪيو آهي. تاريخ اهڙن ڪردارن سان ڀري پئي آهي . عربن کان وٺي، مغلن تائين، لياقت علي خان کان وٺي موجوده سياسي وڏيرن تائين سنڌ سان ڪنهن بہ گهٽ نہ ڪئي آهي. انهي زبردستي ۽ ڌبڙ دونئس جي دور ۾ ڪي مانجهي مڙس هر علائقي ۾ پيدا ٿيندا رهيا آهن ۽ ٿيندا رهندا. جيستائين سائين جي ايم سيد جو پيغام سنڌ جي مائرن جي ڪنن ۾ ٻُرندو رهندو هي باغي مائرون سرموڙ ۽ سرويچ ڏنگا ٻار ڄڻينديون رهنديون. اها پَڪ آهي تہ سنڌ جو وڏيرو سنڌ وڪڻي ڇڏيندو يا ڌاريو سنڌ کائي ويندو. سنڌ جي هڪ هڪ انچ جو دفاع هي اسان جا ڏنگا ٻار ڪري ڄاڻن ٿا.

هي انهن ڏينهن جي ڳالهہ آهي، جڏهن اسان جي پاسي جنهن شيءَ جو نالو سهوليت آهي، اهڙي نالي ڪا شئي اسان وارن ماڻهن ٻڌي بہ ڪو نہ هوندي. ٽنڊي الهيار کان ويندي ٽنڊي غلام علي تائين. خلق خدا جي ڪي ڪنهن بہ قسم جي سهوليت ميسر نہ هوندي هئي. ايوب خان جو ڏهہ سال ترقياتي منصوبو (Development of Decade) اجان پلاننگ ڪميشن جي تنجڻ ۾ هو. هر پاسي ڪاري وارا ڪک لڳا پيا هئا. انهي سمجهہ ۽ سوچ جي ڏڪار جي دور ۾ اسان جي لاڙ پٽ ۾ هڪ اميد جي چٽنگ دُکي هئي. جنهن هن پوئتي پيل علائقي ۾ هر پتنگي کي پاڻ ڏانهن ڇڪيو. انهي زماني جا کهڙا ڪامريڊ هئا، جن سائين محمد عثمان لغاري جي ڳوٺ سڪندر لغاري جي ياترا نہ ڪئي هجي. جنهن ۾ شهيد نظير عباسي ۽ جام ساقي ڪنڌائتيون ياترائون پڻ ڳوٺ سڪندر لغاري ۾ ئي ڪندا رهيا. مطلب تہ سائين محمد عثمان لغاري جن اهڙن ڪامريڊن جي لاءِ ڇپر ۽ ڇانو هوندا هئا. جن تي وقت جي حاڪمن جو ڏمر هوندو هو. سائين عملي دنيا جو سچو ۽ کرو ماڻهو هو جنهن چمبڙ جي علائقي ۾ هارين ۾ وڏو ڪم ڪيو. منهنجي ساڻس هڪ اڌ ملاقات هئي سا بہ رڳو راهہ ويندي، ڪٿي وبهي گهٽي ڪچهري ڪا نہ ٿي سگهي. انهيءَ جو شايد سبب اهو ٿي سگهي ٿو تہ اسان جيئن ئي "جيئي سنڌ محاذ" ۾ شامل ٿياسين تہ اسان بہ ڳوٺن ۾ ئي ڪم ڪرڻ شروع ڪيو. انهي ڪري ايتري واندڪائي بہ ڪو نہ ملي جو ڪٿي ويهي سياسي ڪچهري ڪجي. تان جو روزگار سانگي وطن جا وڻ ڇڏي ڪنهن ڌارين ديس کي پنهنجو ڪرڻو پئجي ويو. انهي کان اڳ سائين جن جي هڪ ٻئي ساٿي

ڪامريڊ علي محمد خاصخيلي سان بہ چار سياسي بحث مباحثا ضرور ٿيا هئا. اسان جي سُئي آخر ۾ اتي اچي اٽڪي پوندي هئي، جتي ڪامريڊ خاصخيلي سائين جي ايم سيد کي وڏيرو ڪوٺيندو هو ۽ ان کي ڪڏهن بہ قوم پرست اڳواڻ تسليم نہ ڪيائين. منهنجي خيال ۾ اها هاري ڪميٽي جي لائين هئي تہ هر انهيءَ ماڻهو جي مخالفت ڪرڻي هئي جيڪو ننڍو وڏو زميندار هو. هر ڌاريي کي پنهنجو ڪرڻو آهي، جيڪو هارين جو حمايتي هجي. ڪامريڊ علي محمد خاصخيلي سائين جي ايم سيد کي ايتري اهميت ڪو نہ ڏيندو هو جيتري هڪڙي مهاجر ڪاموري مسعود کدرپوش جي ڳالهہ ڪندو هو. ڇو جو هن نواب شاهہ ۾ هارين جا هڪ بہ جلسا ڪرايا هئا. مسعود کدر پوش جو آئون اڳئي ذڪر ڪري آيو آهيان. هي اهو ماڻهو هو، جنهن لاهور مان بہ مهاجرن جون ريل گاڏيون پرائي نواب شاهہ ۾ اچي آباد ڪرايون هيون. حشو ڪيولراماڻي جي مشهور ڪيس ۾ مسعود کدڙ پوش هڪ جج جي حيثيت ۾ حشو کي مخاطب ٿي چيو هو " اسان اوهان سنڌين کي ريڊ انڊين ۾ تبديل ڪري ڇڏينداسين" ۽ اهو ساڳيو مهاجر ڪامورو اسان جي هاري ڪميٽي وارن جو اک جو تارو هو. جنهن جي ڪامريڊ خاصخيلي تعريفون ڪندي ٿڪبو ئي نہ هو. باقي ڪامريڊ قرب ڏيڻ ۽ قرب وٺڻ وارو ماڻهو آهي. غريبي حال سارو اڄ بہ ڪامريڊ خاصخيلي پنهنجي مقصد سان سچو ۽ نڀائيندو اچي ٿو.

سائين ڪامريڊ محمد عثمان لغاري پاڻ ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي، قاضي فيض محمد جن جو ساٿاري ٿي ڪم ڪيو. پاڻ سدائين هارين، مزدورن ۽ مظلومن جي لاءِ پاڻ پتوڙيندا رهيا. ڪو وقت اهو بہ آيو جو سائين جي جدوجهد رنگ لاتو ۽ ملڪ جي سرمائيدارن ۾ هڪ قسم جي مايوسي پکڙجي وئي. ڇمبڙ ۾ هاري ڪورٽون قائم ٿيون. وقت جي وڏيرن کي انهن عدالتن جي ڪٽهڙي ۾ آڻي بيهاريو ويو. هارين کي پنهنجا حق ڏيارايا ويا. اهو هاري تحريڪ جي اوج جو زمانو هو. انهي جي پاداش ۾ ڪيس گهڙڻ ساڻين سان گڏ جيل ياترا بہ ڪرڻي پئي. پر ڪامريڊ محمد عثمان لغاري نہ جُهريو نہ جهڪيو. هميشہ اميدن جي بلندين جا سير ڪندو رهيو. مطلب تہ ڪا بہ طاقت ڪامريڊ لغاري کي جهڪائي ڪا نہ سگهي. منهنجي خيال ۾ انهي سچي تحريڪ کي پٺي جي جادوئي شخصيت ڏاڍو ڏڪ رسايو. جنهن هارين ۽ مزدورن جي ڳالهہ ڪري انهن کان ووٽ ورتا. انهن جي ئي ٻارن جي اسڪولن ۾ ڪاپي ڪلچر متعارف ڪرايو. انهن کي هميشہ لاءِ انهن وڏيرن جو محتاج ڪري ڇڏيو. جن جي خلاف سچي چمار ڪامريڊ محمد عثمان لغاري هاري تحريڪ جي پليٽ فارم تان جدو جهد ڪندو رهيو.

## تعليم

غالبن آئون 1960ع ڏاري پرائمري اسڪول ۾ داخل ٿيس. منهنجي خيال ۾ ان زماني ۾ سائين غلام حُسين ڪوڪر اڪيلو استاد هوندو هو ۽ بعد ۾ سائين ڪريم بخش لغاري جي مقرري ٿي. ان زماني ۾ اسان پاڻ ۾ جيڪي اسڪول ميٽ هوندا هئاسين. انهن ۾ ڊاڪٽر احمد خان جو پٽ پيار علي، خالد پرويز نعمت الله سريوال جيڪو اڳتي هلي پهرين جوڙ جو ملهه ٿيو ان ۾ شامل هئا . ان کان سواءِ ڪجهه هندن جا ٻار پڻ اسان سان گڏ پڙهندا هئا. ائين پنج سال ڪل خوشي ۾ گذري ويا، خبر ئي نه پئي. منهنجي خيال ۾ آئون ڪنهن به درجي ۾ پاڻ مرادو پاس ڪونه ٿيو هوس، پر پاس ڪرايو ويندو هوس. ٻهراڙي جي ڪلچر جي ڪري پڙهائي ڏانهن ڪو خاص ڌيان ڪونه هوندو هو. بابا به روزي جي تنگي جي ڪري ڳڻتين ڳاراڻن ۾ رهندو هو. ڪنهن زماني ۾ اسان جو ريزڪي دڪان به هوندو هو. انهي ۾ هميشه نقصان پوندو رهيو. ڳوٺ جو ماحول هو اڌ کان وڌيڪ اوڌر جو ڏنڊو ٿيندو هو ۽ اوڌر ڪڏهن به واپس ڪانه ملي. ها البت اهو اڳي چئي چڪو آهيان ته اسان جي دڪان تي، شاعرن ۽ سگهڙن جون ڪچهريون لڳيون پيون هونديو هيون. مون جيئن ئي پنجون درجو پاس ڪيو ته مون کي چمبڙ مڊل اسڪول ۾ پڙهڻ لاءِ داخل ڪرايو ويو. اسان جو ڇهين ڪلاس ۾ سائين، سائين بخش ڳُرڪلي (لغاري ذات جو پاڙو)، ڪلاس ٽيچر هوندو هو. جيئن ته ون يونٽ قائم ٿي چڪو هو، تنهنڪري اسان کي ويسٽ پاڪستان ٽيڪسٽ بڪ بورڊ لاهور جا ڪتاب پڙهايا ويندا هئا. جيئن پهرين درجي انگريزي کان علي ۽ نسيما وارو سبق شروع ٿيندو هو ته ائين ڪلاس تائين اهو پيو هلندو هو.

اهي مارچ ۽ اپريل جا مهينا هئا. جڏهن ته اسڪولن جا امتحان پڻ انهن ئي مهينن ۾ ٿيندا هئا. ان وقت ايوب خان جي 10 ساله ترقياتي پروگرام (Development of Decades) تحت ٽنڊي الهيار کان ٽنڊو غلاي علي روڊ,وايا چمبڙ ۽ گلاب لغاري، جو ڪم شروع ٿي چڪو هو. هڪ اڌ بس ڪا انعام ميمڻ (شرجيل ميمڻ جو پيءُ) جي هلندي هئي. انعام ميمڻ سڄو ڏينهن ويسپا اسڪوٽر تي انهن جي پٺيان پيو ڦرندو هو. امتحانن جي ٽائيم ۾ اهي بسون اڪثر ڪري خراب هونديو هيون ۽ اسان اٺ ڪلو ميٽر پيرين پنڌ ڪري چمبڙ مڊل اسڪول ويندا هئاسون ته جيئن امتحان جو ڪو پيپر رهجي نه وڃي. مون ڇهون ڪلاس چمبڙ مڊل اسڪول ۾ پڙهيو ان وقت اسان ڇهين ڪلاس ۾ 20 کن شاگرد هوندا هئاسين، جن ۾ ڪن جا نالا ياد آهن ۽

کن جا وسري ويا آهن. جن ۾ احمد ۽ جبار سولنگي، حاجي محمد اسماعيل ميواٽي، محمد اشرف شيراٽي، علي محمد ڪالرو ۽ ٻ ڀائر مظفر ۽ عمر لغاري، جيڪي پير سائين جا مريد هوندا هئا. سڄي ڪلاس ۾ آئون ڏڏ شاگرد هوندو هوس. جڏهن ته هوشيار ۾ هوشيار شاگرد حاجي اسماعيل ميواٽي هوندو هو. خبر نه آهي ته، سندس تعليم ڪٿي پهتي، مون سندس نوڪري وغيره به نه ٻڌي آهي. ان کان سواءِ هڪ ٻيو شاگرد اسان سان گڏ پڙهندو هو جنهن جو نالو هو نور علي لغاري، وڏيرو ۽ سنجيده قسم جو ماٺهو هوندو هو. 50 سال ٿيا آهن، انهن دوستن مان ڪنهن سان به ملاقات نه ٿي آهي. سواءِ هڪ ٻن جي، جن ۾ علي محمد ڪالرو، جيڪو منسٽري آف ايگريڪلچر ۾ هوندو هو ۽ ان مان ئي 20 اسڪيل مان رٽائر ڪيائين. جيئن ته هن جي پوسٽنگ ته سنڌ ۾ رهي پر فيڊرل گورنمينٽ جي نوڪريءَ جي ڪري اسلام آباد پيو ايندو ويندو هو ته ڪڏهن ڪڏهن ملاقات جو شرف بخشيندو هو. هوندئن به ڪلاس ۾ پنهنجو نمبر سيني ۾ آخر ۾ هوندو هو. قد بت ۾ به ننڍو هوندو هوس، صفائي سُترائي جو به ڪو خاص خيال نه رکندو هوس. مون کان هر ڪو پيو پري پڃڻ جي ڪوشش ڪندو هو. اها ته خدا کي خبر آهي ته آئون 20 گريڊ ۾ ڪيئن پهتس. بس ائين ڪٿي چئجي جو ڪجھ امڙ جون دعائون، ڪجھ پنهنجي محنت ۽ ذوالفقار علي ڀٽو جي نوڪرين ۾ ڪوٽا پاليسي اسان سنڌين کي سنڌ مان اسلام آباد ڪٺي آئي، نه ته هنن سان اسان ڪنهن به ميدان ۾ مقابلو ڪري نه ٿي سگهياسين. مون نوڪرين جي باري ۾ ٿوري گهڻي تحقيق ڪئي آهي ته هي نوڪريون ڪيئن ٿا ڦباڻي وڃن. آئون انهي نتيجي تي پهتو آهيان ته جيڪڏهن ڪوٽا سسٽم نه هجي ته هي اسان جا مسلمان ڀائر وڏو حصو نوڪرين جو پاڻ ڪٺي وڃن ها. ٻين صوبن جي اميدوارن جي تسلي ۽ ميرٽ جو مان مٿانهون رکڻ لاءِ لکت ۾ ٽيسٽ ڪندا، انٽرويو وري به انهن جي هٿ ۾، جنهن کي مرضي پاس ڪن يا فيل ڪن. نوڪرين ۾ ڪوٽا جو هڪ فارمولو آهي، جنهن تي هي عمل ڪرڻ کان لنوائيندا رهيا آهن.

چمبڙ مڊل اسڪول جي ڳالھ آهي اسان ڇهين ڪلاس جو امتحان ڏنو هو. حسابن جي پيپر ۾ منهنجون 34 مارڪون اچي ويون، جيڪو تمام هوشيار شاگرد هوندو هو حاجي محمد اسماعيل ميواٽي اُن جون 33 مارڪون آيون. همراھ ڪٺي سڄو اسڪول مٿي تي کنيو. چئي ته "هن کي ڪجھ اچي ڪونه ٿو هن جون به مون کان وڌيڪ مارڪون" چوڻ جو مطلب ته اسڪول ۾ مثال ٻڌجندا رهياسين. مون کي اچي پنهنجي لڳي ته ڪٿي مون کي فيل نه ڪري ڇڏين. پيپر وري چيڪ ڪري ان کي 80 مارڪون ڏنائون ۽ منهنجون

اهي ئي مارڪون برقرار رهيون، تڏهن وڃي پيٽ ۾ ساهه پيو. ائين ڇهين ڪلاس جو امتحان ڏئي ستين درجي ۾ آياسين ته هلر ڳاهيندي ٽنگ ڀڄي پئي ۽ ان ڪان ڏهن يا ٻارهن ڏينهن ڪان پوءِ بابا به هي جهان ڇڏي ويو. جنهن جو ذڪر ڪجهه اڳي ڪري آيو آهيان. ادا وڏو روشن الدين لغاري اٺين ڪلاس ۾ ۽ آئون ستين ڪلاس ۾، بس ڪمائڻ وارو ڪير به نه رهيو. ها البت نانا حاجي شاهه محمد، جيڪا هر سال هڪ چوڪڙي ڪٽڪ جي پوکائيءَ لاءِ بابا کي ڏيندو هو اها پاڻ اسان جي نالي پوکائي 20 مڻ ان ڏيندو رهيو. اهو فيصلو بابا جي ٽيجهي تي پروفيسر محبوب علي چنا صاحب جن ڪيو هو ته هنن چوڪرن کي سندن نانو هر سال 20 مڻ ڪٽڪ ڏيندو ۽ سندن ڏاڏو حاجي محمد بخش هر مهيني 30 روپيا گهر جي خرچ لاءِ ڏيندو ۽ چاچا شمس الدين 20 روپيا مهينو ڏيندو. جيستائين هي يتيم ٻار پنهنجن پيرن تي بيهن. جيڪو ڏاڏا سائين جو گهرو دوست هو. انهي خاندان سان گَهري لڳ لڳاپي کي هاڻي 90 سال کن ٿيڻ وارا آهن. جنهن جو ذڪر هر هنڌ موقعي جي مناسبت سان ايندو رهندو.

## مشڪور قلڪارو

اهي 20 هين صدي جي ڇهين ڏهاڪي جا پڇاڙڪا سال هئا. آئون صوفي آباد برانچ مڊل اسڪول ۾ ستين درجي ۾ داخل ٿيو هوس. جيتريقدر ياد پويم ٿو تہ تقريبن 20، 25 شاگرد هئاسين. جيڪي اسين صوفي آباد اسڪول ۾ پڙهندا هئاسين. اهو تہ آئون اڳي لکي آيو آهيان تہ چمبڙ مڊل اسڪول وارن منهنجو نالو ڪڍي ڇڏيو هو. ڇو جو منهنجي ٽنگ ڀڄي پوڻ جي ڪري اسڪول کان ڪافي عرصو غير حاضر رهيس. صوفي آباد ۾ جيڪي اسان دوست گڏ پڙهندا هئاسين، انهن جو مختصر ذڪر ٿيڻ گهرجي. محمد عارف آرائين، جيڪو صوفي آباد ڳوٺ جي پاسي ۾ پنجابين جي هڪ ڳوٺ جو رهاڪو هو. انتهائي هوشيار، ذهين ۽ اعليٰ اخلاق وارن شاگردن مان هو. اڳتي هلي ڊاڪٽر ٿيو. هاڻي حيدرآباد ۾ آباد آهي. ان کان سواءِ شفيع محمد عرف غازي خان لغاري، مشڪور قلڪارو، خان محمد لغاري ۽ ٻہ لُنڊ ڇوڪرا نواب شاهہ جي پاسي جا هوندا هئا. الهہ رکيو ۽ محمد رمضان. انهن ٻنهي دوستن سان 50 سالن کان وٺي ملاقات نہ ٿي آهي. باقي غازي خان يارن جو يار، جڏهن بہ ڳوٺ ويجهو آهي تہ ملاقات ٿيو وڃي. پنهنجي زميندارياڻيس انهي ڪري وقت سنو پيو گذريس. خان محمد لغاري ڊاڪٽر ٿيڻ کان اڳي ئي، تبليغي جماعت جي ور چڙهي ويو. سو ڊاڪٽري بہ ڪندو رهيو ۽ مُلن سان گڏ سڄي ملڪ جا سير سپاٽا پڻ ڪندو رهيو. هاڻي رٽائر ٿي الله الله ڪرڻ ۾ مشغول آهي. باقي رهيو مشڪور قلڪارو سو انهي زماني ۾ ستين ڪلاس کان وٺي شاعري ڏانهن لاڙو هوندو هوس. ان زماني ۾ مذهبي شاعري ڪندو هو. حمد ۽ نعتون چوندو هو. اڳتي هلي باريش بہ ٿي ويو. ڪڏهن ڪڏهن گلاب لغاري جي مسجد ۾ جمعي جو خطبو بہ ڏيڻ فرمائيندو هو. نظم سان گڏ نثر بہ سنو هوندو هوس. ان زماني ۾ اڄ جي فيس بڪ وانگر مختلف اردو توڙي سنڌي رسالن ۾ قلمي دوستي جو صفحو هوندو هو. جنهن ۾ سڄي ملڪ مان قلمي دوستي لاءِ ايڊريسون ڏنل هونديون هيون. انهي ذريعي ڪنهن ڇوڪريءَ سان خطن ذريعي جُڙجي ويو. بس پوءِ ڏگهن ڏگهن خطن جو هڪ نہ ڪٽندڙ سلسلو شروع ٿي ويو. انهن خطن ۾ شاعري، فلسفو مذهب، سياست مطلب تہ دنيا جهان جون خبرون چارون هونديون هيون. سو اهي خط وري مون کي پڙهڻ لاءِ ڏيندو هو. انهي جي نتيجي ۾ منهنجو هي دوست عشق جي گندي ڏٻڻ ۾ ڦاسي پيو. بس عشق جي لپيٽ اهڙي لڳس جو روزا نمازون

سپ وسري ويس. انهي عشق جو مقابلو سونهاري شريف بہ نہ ڪري سگهي. جڏهن تہ سندس عشق جو راز دان صرف آئون هوندو هوس. اهو راز آئون اڄ 45 سالن کان پوءِ فاش ڪري رهيو آهيان. مون کي اڄ بہ پڪ نہ آهي تہ انهي خط لکندڙ جي جنس ڪهڙي هئي، جيئن فيس بڪ تي اڪثر ادا، اديون ٿي پونديون آهن، تيئن ان زماني ۾ بہ ائين ٿيندو هوندو. هاڻي مذهبي شاعريءَ مان ڦري عشقيہ شاعري شروع ٿي وئي. همراهہ کي عشق جي چپيٽ ذرا زياده لڳي وئي، سو يڪتاري ۽ چپڙي ۾ ڪٽي هٿ وڌائين. بس ڪن تي هٿ رکي الوميان ڪٽي شروع ڪيائين عشق جي ٻاڦ نڪرندي نڪرندي، هڪ ڏينهن مشڪور وارو کوکو خالي ٿي ويو. جڏهن عشق جو نشو لٿو تہ يڪتاري ۽ چپڙين کي ڇڏي قلم هٿ ۾ کنيائين، جنهن کي اڄ ڏينهن تائين مضبوطيءَ سان سنڀاليو اچي. اهو تہ خدا ڀلو ڪري سائين راشد مورائيءَ جو اڄ آئون ۽ مشڪور ڪنهن مقام تي پهتا آهيون ٻي حالت ۾ اسان ماستر ئي رهون ها. اسان سڀ هم عمر هوندا هئاسين، تنهنڪري خير سان هينئر سڀ جا سڀ رٽائر ٿي چڪا آهيون. مشڪور هن وقت سنڌ جي تاريخ کي ڳولڻ ۾ پورو آهي. ڪڏهن ڪوهستان تہ ڪڏهن ٿر. انهي متعلق سندس بہ چار ڪتاب بہ ڇپجي چڪا آهن. انهي سان گڏ مشڪور قلڪارو شاعر بہ سٺو آهي. شاعري جي نون نون صنفن تي طبع آزمائي ڪندو رهي ٿو. مون سان قرب جو ڳانڍاپو جيئن جو تيئن ٻڌيل آهي.

## رپ هاءِ اسڪول

جيئن تہ ان زماني ۾ اٺين ڪلاس جو امتحان ڊائريڪٽوريٽ آف ايجوڪيشن حيدرآباد وارا وٺندا هئا,تنهن ڪري اسان اٺين ڪلاس جو امتحان ماتلي سينٽر ۾ ڏيڻ ويا هئاسين. انهي ڪان اڳ مون ماتلي جو شهر ڪونہ ڏٺو هو. اسان جي رهڻ جو بندوبست هاءِ اسڪول جي هاسٽل ۾ ڪيو ويو هو. ان زماني ۾ اڄ ڪاپي جو رواج ڪونہ پيو هو. پڙهيو سين امتحان ڏنوسين ۽ پاس ٿي وياسين. هاڻي اسان اٺ درجا پاس ڪيا تہ صوفي آباد واري تعليم ڪٽي وئي. امان جو ماسات هوندو هو. جنهن جو نالو هوندو هو محمد بخش, جنهن اڇي امان کي اوپاريون لهواريون ٻڌايون تہ هتي ڪو ويجهو اسڪول آهي ڪو نہ. هنن ڇوڪرن کي ڊي سي هاءِ اسڪول رپ ۾ پڙهڻ لاءِ ڇڏيون ٿا. پڙهائي بہ سٺي, ماني بہ مفت جي آهي. انهي ۾ ڪو بہ شڪ نہ هو تہ اسان ۾ ڪنهن وڏي شهر ۾ پڙهڻ جي طاقت بہ ڪونہ هئي. ڇو جو بابا کي جهان ڇڏي اڃان ٿورو عرصو ئي گذريو هو. گهر جو گاڏو بہ پاڙي پتي مان لسي لپ تي پئي هليو. اسان جي غريبي حال مان هوشيار ماڻهن خوب فائدو ورتو. ڪنهن پلاٽ لکرايا تہ ڪنهن ڪجهہ وٺڻ جي ڪوشش ڪئي. عام چوڻي آهي تہ "بک بچڙو ٿول". جيڪو انهي مان گذريو هوندو ان کي ئي قدر هوندو. "جتي باهہ ٻري اها جاءِ جلي", ڊاءِ کي کهڙي خبر تہ غريب جي رات ڪيئن ٿي گذري, الله جنت نصيب ڪري اسان جي ماميءَ کي (حاجي الهجڙيو جي گهر واري) جيڪا هر روز لسي جي دکي ڀري اسان لاءِ خاص الڳ ڪري رکندي هئي, ڪڏهن ڪڏهن انهيءَ ۾ مکڻ جو چاڙو پڻ وجهي ڇڏيندي هئي. اٺين اسان ڏينهن رات اها لسي کائي گذارو ڪندا هئاسين.

ان زماني ۾ اسان جي پاسي ڪي ڳاڻ ڳٽيا اسڪول هوندا هئا. بدين ضلعو اڃان نہ ٺهيو هو. اهو سڄو پٽ حيدرآباد ضلعي ۾ هوندو هو. ان زماني ۾ حيدرآباد ضلعي جا ست تعلقا هوندا هئا, جن ۾ حيدرآباد, ٽنڊو محمد خان, ٽنڊو الهيار, هالا, ماتلي, بدين ۽ ٽنڊو باگو تعلقا شامل هئا. گلاب لغاري تعلقہ ماتلي جي اتر اوپر ڪنڊ ۾ اڃان تائين آهي. سو ڳالهہ پئي هلي منهنجيءَ پڙهائي جي تہ مون کي ڪٿي پڙهايو وڃي. ويجهي ۾ ويجهو هاءِ اسڪول هو ٽنڊوغلام علي, جنهن ۾ بہ ٽرانسپورٽ جو ڪو سٺو سسٽم ڪونہ هوندو هو. شرجيل ميمڻ جي پيءُ انعام ميمڻ جون بہ جڏيون بسون هلنديون هيون, ڪڏهن ڪٿي تہ ڪڏهن ڪٿي بيٺيون هونديون هيون. تنهنڪري امان کي

سائين محمد بخش جي صلاح وٺي ۽ اسان ٽن ڇوڪرن کي وٺي رپ ڇڏي آيو.جن ۾ خان محمد لغاري، مشڪور قلڪارو ۽ راقم شامل هئاسين. آئون سيني ۾ ننڍي ۾ ننڍو هوندو هوس، اُتي رپ ۾ ڪو بہ اعتبار نہ ڪري تہ آئون ڪو نائين ڪلاس ۾ آهيان. مون کي ڇون تون ڇهين ڪلاس ۾ آهين. آخر جڏهن رزلٽ آئي پوءِ وڃي ماڻهن کي اعتبار ٿيو تہ واقعي آئون نائين ڪلاس ۾ آهيان. آئون اڳ ڪڏهن ڳوٺان نڪتل ڪونہ هوس. سو مون کي اڇي ڳوٺ جي سڪ لڳي اچو رُئان ۽ رڙيون ڪيان. آئون شايد ايترو بابا جي وفات تي بہ ڪونہ رنو هوس، جيترو آئون رپ ۾ رنو هوس. ڳوٺ جي سڪ اچي ستايو ٽن يا چئن ڏينهن ڪان پوءِ بغير ڪنهن ڪان موڪلائڻ جي پنهنجي لوهہ جي پيتي ڪٽي ڳوٺ روانو ٿيس. ڳوٺ ۾ مشهور ٿي ويو تہ آئون رپ اسڪول مان ڀڄي آيو آهيان. جتان منهن ڪيڏان اتان هوڪرا ٿيو وڃن. اتلندو مون امان کي چيو تہ آئون پڙهندس ئي ڪونہ. بابا تہ اڳي جهان ڇڏي چڪو هو باقي امان ويچاري منٿون ڪري، پر آئون مڃان ئي ڪونہ. منهنجو اهو ضد تہ آئون هاٽي مرڳو پڙهندس ئي ڪونہ. خير اها خبر جڏهن منهنجي نانا حاجي شاهہ محمد کي پئي، جيڪو همت ۽ حشمت وارو ماڻهو هوندو هو. جيئن گهر آيو تہ ڪاوڙيو آيو اچي وڏو گوڙ ڪيائين تہ“ ڪٿي آهي تہ ڪيڏانس مار”. مون کي ڪا ٻي لِڪڻ جي جڳهہ ڪا نہ ملي، سو ڪٽ هيٺان ڍري ويس. امان چيو نڪر ٻاهر، مون اچي امان کي منٿون ڪيون تہ رڳو اچ جان ڇڏائي، آئون پڙهڻ وڃان ٿو. ٻئي ڏينهن وري مون کُهپي ڪئي تہ مون کي ڪو اسڪول ڇڏي اچي، ڇو جو ماستر مون کي ماريندا. وري امان ويچاري پٽ سٽ يا اوڏر وٺي مون کي ڪنهن ماڻهو سان رپ موڪليو. پوءِ ائين مهيني ڪان پوءِ سيني سان گڏ ڳوٺ آيس. جيئن ننڍي لاڪون ڳوٺان تڙجي نڪتو آهيان وري گهٽ ئي ڳوٺ نصيب ٿيو آهي. تعجب جي ڳالهہ اها تي جو اُتي رپ هاءِ اسڪول ۾ مون کي ڪنهن بہ ڪونہ چيو تہ ڪو تون ڀڄي ويو هُئين. شايد اهڙا واقعا اتي عام ٿيندا هوندا، تنهنڪري انهي ڳالهہ جو ڪنهن نوٽيس ئي نہ ورتو.

اهو تہ آئون اڳي لکي آيو آهيان تہ اسان ڊي سي هاءِ اسڪول رپ شريف ۾ نائين ڪلاس ۾ داخل ٿياسين. سنڌ ۾ سخي انسان جُڳن ڪان پيدا ٿيندا آيا آهن. تڏهن تہ سنڌ جيئي پئي. انهن مان ڪن اوطاقون اجاريون تہ ڪن وري تعليم جي ميدان ۾ اڳتي قدم رکي مفت لاجنگ ۽ بورڊنگ قائم ڪري اسڪول هلائڻ شروع ڪيا. ويجهي ماضيءَ ۾ اسان جي لاڙ پٽ ۾ تي اهڙيون شخصيتون ٿي گذريون آهن جن تي وڏو ڪم ڪرڻ جي ضرورت آهي. پهريون مير غلام محمد تالپر، ٽنڊو باگو ٻيو محمد يعقوب ٿيٻو سعيد پور

وارو ۽ ٽيون محترم سائين مرحوم محمد اشرف ٽيٻو ۽ سندس فرزند محمد رحيم ٽيٻو عرف رئيس ٻڍو خان ٽيٻو رپ شريف وارو. اهي ٽئي جڳهيون هاٽوڪي بدين ضلع ۾ واقع آهن. آئون هتي صرف رئيس ٻڍي خان ٽيٻي جو ذڪر ڪندس سندس والد صاحب محمد اشرف ٽيٻو گهڻو وقت اڳي هي جهان ڇڏي چڪو هو. ان جي زماني ۾ چوٿون ٽا تہ اسڪول جو اوج هوندو هو. جيئن تہ هو صاحب 1955ع جي آخري مهينن ۾ وفات ڪري ويو. انهي مان ثابت ٿئي ٿو تہ رپ شريف جو اسڪول انگريزن جي دور کان هلندڙ هو. ان جي رحلت کان پوءِ سندس لائق ۽ فائق فرزند رئيس ٻڍي خان ٽيٻي اسڪول کي هلائڻ شروع ڪيو. اسان انهي اسڪول ۾ 1970 ع ۾ داخل ٿياسين. هاسٽل ڪچين اوڏڪين ديوارن جي ٺهيل هئي، جنهن جا ڏهہ ڪمرا هڪ ٿي لائين ۾ هوندا هئا ۽ هڪڙو ڪمرو وري پنيان هوندو هو. هر ڪمري ۾ تقريبن ڇهہ کان ست شاگرد رهندا هئاسين. اسين ڇهين نمبر ڪمري ۾ ڇهہ کن شاگرد رهندا هئاسين،جنهن ۾ بہ پتي ياٿر تنڊي محمد خان جا، مظفر ۽ زاهد،نور محمد چانگ، مشڪور قلڪارو، خان محمد لغاري ۽ راقم. اسان مان نور محمد چانگ نماز مانيٽر هوندو هو. جيڪو اسان کي نماز نہ پڙهڻ يا دير ٿيڻ تي هاسٽل انچارج سائين محمد اسماعيل چانديو کان مار کارائيندو هو. ان کان سواءِ اسان سان جيڪي ٻيا شاگرد پڙهندا هئا ۽ انهن مان ڪجهہ اڳتي هلي وڏن عهدن تي پهتا. انهن ۾ نور محمد لغاري جيڪو واٽڪي وسي پاسي جو هوندو هو. اهو اڄ ڪلهہ سنڌ سرڪار ۾ سيڪريٽري جي عهدي تي ڪم ڪري رهيو آهي. عبدلعزيز ٽيٻو جيڪو اتي جو لوڪل هو. اهو هينئر ڊاڪٽر آهي. عبدالقيوم چانگ، جيڪو سائين عبدلخالق چانگ جو پٽ آهي. اهو ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر طور بدين ۾ نوڪري ڪندو رهيو. ڪجهہ ٽر جي پاسي جا ميگهواڙ شاگرد هوندا هئا، انهن سان وري رابطو نہ ٿيو آهي. سڄي اسڪول جي هاسٽل ۾ اسان 120 کن شاگرد رهندا هئاسين. ان کان سواءِ 15 کان 20 تائين استاد بہ رهندا هئا. انهن سيني کي مفت ۾ ٽي وقت ماني ملندي هئي. جيڪا رئيس ٻڍي خان ٽيٻي جي طرفان ڪچي سيڏي جي صورت ۾ ملندي هئي، باقي بورچي جو ڪم اسان جي اسڪول جا پٽيوالا ۽ ٻيا ملازم ڪندا هئا. صبح جو ناشتي تي چانهہ جو ڪوپ ۽ چانورن جي ماني، منجهند جو ٻوڙ ۽ چانورن جي ماني ۽ رات جو پٽ ۽ دال. اهو هر روز جو روٽين هوندو هو. اڪثر ڪري رات جو بہ وڏيون ڪير جو چروڙيون بہ پرجي ايندڻون هيون، جنهن مان هڪ هڪ گلاس کير جو پڻ اسان شاگردن کي ملندو هو. مهيني ماس ٻاڪرو گوشت پڻ ملندو هو. ان لاءِ ڇيلو وغيره رئيس ٻڍي خان ٽيٻي جي

ٻڪرين جي ڏٽن مان ايندو هو. رئيس صاحب جا ڪيترائي ٻڪرين جا ڌڻ هوندا هئا، جيڪي مختلف جاگيرن تي سندس هاري ناري سنڀاليندا هئا. انبن جي موسم ۾ انبن جون چليون اسان شاگردن لاءِ پرجي ايندیون هيون.

رپ شريف ۾ پڙهڻ دوران جن شاگردن سان دوستيءَ جو رشتو جڙيو اهو هو عبدالعزيز ٽيٻو جيڪو رپ شريف جو رهاڪو يعني اُتي جو لوڪل هو. ان وقت آئون مئٽرڪ ۾ هوندو هوس ته هي انين ڪلاس ۾ هوندو هو. رمضان جي مهيني ۾ هاسٽل ۾ رهڳويت ٿيندو هو. تنهنڪري روزي رکڻ جي لاءِ اسان کي لسي جي ضرورت پوندي هئي. هر ڪمري مان هڪ ڇوڪرو ٿِڪر جي دکي کڻي قطار ناهي پاڙي مان لسي وٺڻ ويندا هئاسين. منهنجو قد بت ننڍو هئڻ ڪري مشڪور قلڪاري وارا مون کي چوندا هئا ته لسي وٺڻ تون ويندين . جڏهن ته پت هو وني رکندا هئا. عبدالعزيز ٽيٻي (ان زماني ۾ اجان هي ڊاڪٽر نه ٿيو هو ۽ انين ڪلاس ۾ هوندو هو. ) جو گهر ٻئين يا ٽئين نمبر تي ايندو هو. هر گهر مان لپ لپ لسي جو ملندي هئي 15 گهرن کان پوءِ وڃي دکي پربي هئي. آئون جڏهن عزيز جي گهر پهچندو هوس ته هي مون واري ٿيي گهر کڻي ويندو هو ۽ فل پريو کٽيو ايندو هو. مون کي چوندو هو ته تون هاڻي سڌو هاسٽل تي هل. جڏهن ته آئون سيني کان اڳ هاسٽل تي لسي جي ٿيي پرائي پهچي ويندو هوس ته هي مون وارا يار روم ميٽ مون تي ڪاوڙيا وينا هوندا هئا. چون ته ٻيا ڇوڪرا اجان آيا ئي ڪونه آهن، تو اڳي اچي ويو آهين، پڪ لسي ۾ پاڻي وجهي پري آيو آهين. آئون سڄو سارو قران مٿي تي کڻي ويندو هوس ته مون کي عزيز لسي جي دکي پري ٿو ڏي. تنهنڪري آئون سيني کان اڳ اچي ٿو وڃان. پر هنن کي منهنجي قسم تي ڪو به اعتبار ڪو نه هوندو هو. ٻين روم وارن کان لسي جو ذرو کڻي اچي ٽيسٽ ڪندا هئا پوءِ وڃي منهنجي ڳالهه کي مڃيندا هئا. منهنجي خيال ۾ هي لاڙ پٽ ۾ محمد اشرف ٽيٻو ان جي سپوٽ پٽ،جيڪا تعليم جي ميدان ۾ Contribution ڪئي آهي. انهي هزارين مون جهڙن غريبن کي غربت جي کوري کان ٻاهر ڪڍيو آهي. اها تعليم کنهن خاص مقصد کي سامهون رکي نه ڏني ويندي هئي. نه ئي ڪنهن مخصوص گروپ لاءِ هوندي هئي. امير ۽ غريب کي ساڳي ماني ملندي هئي. هي جيڪواڃ رڻ ٻريو پيو آهي. ماني ڪارائي ۽ خودڪش حملي آور ناهڻ. اها منافقت ڪانه هوندي هئي. انهي خيرات ۾ رڳو شاگرد شامل ڪونه هوندا هئا. پر اڌ رپ جو ڳوٺ پيو رئيس جي بنگلي تان پلبو هو. ڪاڏي ڪائڻ ۽ کٽڻ جي کنهن کي ڪا جهل پل ڪانه هوندي هئي. اهڙا سخي مرد سنڌ ۾ هاڻي توهان کي ڪونه ملندا. هاڻي سخاوت ۽ چئريٽي جي معنيٰ ئي تبديل ٿي وئي آهي.

هاٽي چئريتي جي سهوليت توهان کي پئسن سان ونٽي پوي ٿي، سخاوت جي عيوض زندگي جو نذرانو ڏيڻو پوي ٿو. اسان جي سنڌ جي سخين جي سخاوت جو رنگ ۽ ڍنگ ئي نرالو هوندو هو. ائين نہ آهي تہ رئيس ٻڍو خان رڳو غريبن کي ماني کارائيدو هو هو تہ هر ڪنهن لاءِ مسيحا هوندو هو. زڪوات ڏيندو هوتہ هر شئي جي الڳ الڳ، جانورن جي الڳ، جنهن ۾ ٻڪرين، مينهن، ڍڳين ۽ رڍن جي الڳ الڳ هوندي هئي. هر سال ڊي سي هاءِ اسڪول رپ شريف جي هيڊ ماستر کي حڪم ٿيندو هو تہ غريب شاگردن کي زڪوات ڏيڻ لاءِ سفارش (Recommendation) موڪلي وڃي. اها خبر نہ آهي تہ اڳيان ڪيترن نالن جي ڊمانڊ ايندي هئي. هڪڙي سال منهنجو نالو پڻ زڪوات جي ونڻ وارن ۾ هليو ويو. بهرحال رئيس ٻڍو خان جيڪا زڪوات ڏيندو هو اها صرف هيڊ ماستر جي سفارش تي ڪا نہ هوندي هئي. پر هو صاحب خود انهي جي چڱي طرح ڇنڊڇاڻ پڻ ڪندو هو. هر شاگرد کي الڳ الڳ گهرائي چڱي طرح پڇا ڳاڇا ڪري پوءِ ڏيندو هو. مون کي زڪوات ۾ جانورن مان مينهن ملي. مون کي پنهنجن هٿن سان پنهنجي ڪنهن ڏنار ڏي چٺي لکي ڏني هئائين، جنهن ۾ لکيل هو:

"ڏنار هبو شاگرد نظام الدين لغاري کي "واڏائي" مينهن ڏجي ٿي."

اهي لفظ پاڻ ننيڙي چٺي تي مون کي پنهنجن هٿن سان لکي ڏني هئائين. ڪافي وقت اها چٺي مون سنڀالي رکي هئي. پر روائتي سنڌي سستي لاغرضائي اڳتي هلي اها مون کان گم ٿي وئي. اڄ آئون انهي پنهنجي غلطي تي نادم آهيان، ڇو جو اها چٺي رئيس ٻڍي خان جي پنهنجن هٿ اکرن سان لکيل هئي، هن ڪتاب ۾ شامل هئڻ گهربي هئي. ان زماني ۾ اسڪول ۾ ٽن قسمن جي في وصول ڪئي ويندي هئي. هڪ فُل معاف، ٻئي اڌ معاف ۽ ٽي هوندي هئي، فل في، يعني پوري في پرڻي پوندي هئي. پهرين سال منهنجي اڌ في معاف ٿي يعني 2 روپيہ مهينو ڏيڻي پوندي هئي. غربت جي ڪري گهران امان مون کي هر مهيني هڪ روپيو سڄي مهيني جي خرچ لاءِ ڏيندي هئي. تنهنڪري اسڪول في ڏيڻ منهنجي لاءِ وڏو مسئلو ٿي پيو. ايتري ۾ رئيس ٻڍي خان جي طرفان هيڊ ماستر کي آرڊر آيو جيڪي شاگرد في نہ ٿا ڀري سگهن، انهن جا نالا موڪليو. ائين پهرين سال جي اسڪول في بہ رئيس طرفان ڏني وئي. جڏهن تہ ٻئي سال جي في اسڪول وارن ازخود معاف ڪري ڇڏي. هر مهيني پروجيڪٽر تي ٻئٽرين جي مدد سان سندس بنگلي تي خاص شاگردن کي انڊين فلم بہ ڏيکاري ويندي هئي. ائين اسان بہ سال رپ شريف ۾ گذاري 1972ع ۾ مئٽرڪ ڪري آياسين.

## پير حسام الدين راشدي واري وڏيري جي وصف

سوسائين ڳالهه پئي ڪئي سين سنڌ جي وڏيرن جي، اڄ کان 50 سال اڳ جن لاڙ جي ڪجهه ماڻهن جو مون مٿي ذڪر ڪيو آهي. انهن جو نالو سونهري اکرن ۾ لکيو ويندو. هر معاشري ۾ اهڙا لازوال ڪردار اتي ۾ لوڻ برابر هوندا آهن. باقي ملڪ مڙوئي منصور لڳو پيو آهي. مجموعي طرح سنڌ جي محقق پير حسام الدين راشدي سنڌ جي وڏيري جي حالت بابت پنهنجي ڪتاب "هوڏوتي هوڏينهن" ۾ ڪجهه هن طرح لکيو آهي. "ٻهراڙي جي وڏيري جا شوق ۽ شغل ئي الڳ هئا. سنگتياٽيون رکڻ، ڪنهن سهڻي ڇوڪر کي ڪار جي اڳئين سيٽ تي ويهارڻ، ڪنهن هٿ نه ڏنو ته ان جي عزيزن کي پوليس کي چُرچ ڏئي ڦاسائڻ، ڪاتڪُن کي پالي، انهن ذريعي جنهن تي ڪاوڙ ايندي، انهن جون چوريون ڪرائڻ، اڪثر چوريون پينگ تي واپس وٺي ڏيڻ، پوليس سان ياري ۾ فخر محسوس ڪندا. وڏن عملدارن کي دعوتون ڏئي گهرائي اوڙي پاڙي وارن تي رعب ڄمائڻ. پوليس جو سپاهي هوندو ته ان جي اڳيان پنيان پيا ڦيندا. ڳوٺ جي سيٺين کان قرض کڻي، پهرين پٽ جي طهر ۽ پوءِ شادي ڪندا. نتيجي ۾ زمين جي سڄي پيداوار سيٺ کڻي ويندو"

گهڻي وقت جي ڳالهه آهي، ائين کڻي چئجي ته اها ورهاڱي جي زماني جي ڳالهه آهي. اسان جي پاسي هڪڙو زميندار هوندو هو. چڱي خاصي زمين هوندي هئس. همراهه کي اچي پاڻ پڏائڻ جو شوق جاڳيو ته آئون اهڙو ٿيان جو ماڻهو مون کي ڏسي حيران ٿي وڃن ۽ واهه واهه ڪن. مطلب ته ٻڪريون ڪُسن ۽ رنڊيون نچن. ان زماني ۾ روڊ رستا اجان ڪونه هئا. بجلي جو ته تصور ئي ڪونه هوندو هو. همراهه گهر ٻاري ڏياري ڪرڻ ٿي چاهي. سو ڇا ڪيائين جو زمين کڻي وڪيائين. واه واه سائين، پئسا ڪوڙ ٿي ويا. گهر جي مٿان خلاصو ڪمرو نهرايائين، ڪارن موٽرن جو اجان رواج ڪونه هوندو هو سو ٻگي خريد ڪيائين. شباب ۽ ڪباب جون محفلون شروع ٿي ويون. رئيس جي سائين، پل پلان ٿي وئي. مون ٻه سندس ٻانهن ۾ ٻه ٻه واچون ٻڌل ڏٺيون. ڏهن ئي آڱرين ۾ سون جون منڊيون. چڙهڻ جي لاءِ ٽانگو در تي بيٺل. سنڌي ۾ چوندا آهن ته زمين جو پئسو ڪڏهن ٻه ٽڪندو نه آهي. جڏهن ته اقتصاديات جو ٻه اصول اهو آهي ته پئسو گهٽو ٿيندو ته خرچ ٻه گهٽو ٿيندو. آمدني ته وڃي رئيس جي زيرو تي بيٺي. عياشي تي خرچو بي تحاشا ٿيڻ لڳو. اڄ نه سڀاڻي پئسي کي ته ختم ٿيڻو هو. سوائين ئي ٿيو. ڪيڏانهن ويا ٻه ڦيٿا ته ڪيڏانهن ويا شوق شغل. بس

همراهه ڏسندي ڏسندي پَٽ پئجي ويو. آخر ۾ اسان انهي ماڻهو کي کسم پرستي واري حالت ۾ ڏٺو. سو سائين سنڌ جي وڏيري جا حال اهڙا آهن. ان جي مقابلي ۾ رپ شريف جي وڏيري ٻڍي خان ٽيٻي جي کهڙي ڳالهه ڪجي، جنهن هزارين مون جهڙن کي فرش تان ڪٽي عرش تي پهچائي ڇڏيو. ٽئين سنڌ جي وڏيرن جي وصف وري سائين جي ايم سيد ڏني آهي. " ته سنڌ جو وڏيرو پونئري مثل آهي"پونئرو به جيڪا اُپي کاتي ڏسندو آهي ان تي وجي ويهندو آهي. "

## مئٽرڪ پاس ڪري چٽان وڪڻڻ

مون جڏهن مئٽرڪ پاس ڪئي تہ ان وقت منهنجي ڄمار مشڪل سان 16 سال هئي. آئون ڪنهن بہ سرڪاري نوڪري لاءِ اهل نہ هوس. گهر ۾ غربت جي ڪري گهر جي گاڏي کي هلائڻ ۾ امان کي ڪافي مشڪلاتون درپيش اچي رهيون هيون. پاڙي جو هڪڙو مهاجر ڇوڪرو چٽا وڪڻندو هو. مون ان کي چيو تہ مون کي بہ چٽا وڪڻڻ سيکار. بس ائين مون چٽا وڪڻڻ شروع ڪيا. هو مهاجر ڇوڪرو هڪ ٿالهہ مان 4 روپيہ ناهيندو هو ۽ آئون مشڪل سان ٻہ روپيا ناهي سگهندو هوس. آئون شڪل شبيهہ جو ٿورو ملوڪڙو(پورل) هوندو هوس، سو ڳوٺ جا عاشق جيوڙا مون کان اچي چٽا وٺندا هئا. پر هڪڙي بدمعاشي اها ڪندا هئا جو " اجان ڏي اجان ڏي" ڪري هڪ آني جي چٽن جي بجاءِ چئن آنن جا چٽا کڻي ويندا هئا. چٽن جي هڪ ٿالهہ تي مشڪل سان ڇهہ آنا خرچ ايندو هو جڏهن تہ آمدني بہ روپيا جي لڳ ڀڳ هوندي هئي. گهر جو گاڏو مڙوئي ڇڱو هلڻ لڳو. چٽا وڪڻي محنت ڪرڻ جي ڪري ڪجهہ پئسا گڏ ٿي ويا. جيئن تہ منهنجي وڏي ڀاءُ روشن الدين لغاري کي پڙهڻ ۽ نوڪري ڪرڻ جو شوق هوندو هو. باقي پنهنجو پڙهڻ جو حال بہ پورو سارو. تنهن پڙهائي تان ارواح ئي کڻائي ڇڏيو. بس ائين سال کن گلاب لغاري جي گهٽين ۾ چٽا وڪڻندو رهيس ۽ گهر جي بورچي خاني جي چلهہ ٻرندي رهي. انهيءَ وچ ۾ مون کي ڪنهن مشورو ڏنو تہ تون درزڪو ڪم سک. جيئن تہ چٽن وڪڻڻ جي ڪري ڳوٺ جي دڪاندارن توڙي درزين سان منهنجا سٺا تعلقات قائم ٿي چڪا هئا. سو مون کي هر ڪو درزڪو ڪم سيکارڻ لاءِ تيار هو. پر امان مون کي هر ڪنهن وٽ ڇڏڻ لاءِ تيار نہ هئي. هڪڙو مينگهواڙ درزي هوندو هو. جنهن کي منهنجي ڏاڏي ڪٽان وٺي اچي پنهنجي ڪپڙي جي دڪان تي درزي ڪري ويهاريو هو. ان جو نالو هوندو هو پاتيو مل. مون کي انهيءَ پاتئي مل وٽ درزڪي ڪم سيکارڻ لاءِ ويهاريو ويو. ائين آئون درزڪو ڪم سکڻ لڳس. انهي وچ ۾ هڪ ٻيو واقعو پيش آيو. ٿيو ائين جو منهنجي وڏي ڀاءُ کي نوڪري ڪرڻ جو شوق اڳي هو ۽ هو نوڪريءَ جي ڄمار تي بہ پهچي چڪو هو. اسان کي بہ گهر ۾ ڪنهن هڪ ماڻهو جي نوڪري جي سخت ضرورت هئي. ڇو جو درزڪي ڪم سکڻ تان ڪڏهن 8 آنا تہ ڪڏهن هڪ روپيو ملندو هو. سو بورچي خاني جو خرچو بہ مشڪل سان نڪرڻ لڳو. ادا کي حيدرآباد پاسي جي ڪنهن ماڻهو چيو تہ آئون توهان کي فاريسٽ ڊپاٽمينٽ ۾

نوڪري وٺي ٿو ڏيان. توهان مون کي رڳو درخواستو لکي ڏيو. انهي نوڪري لاءِ ٻہ اميدوار هئا. هڪڙو منهنجو وڏو ڀاءُ ۽ ٻيو ماتلي جي پاسي جو ڪو لغاري همراهہ هو. اسان مان ان کي ڪوئي ڪونہ سڃاڻندو هو. سو انهي همراهہ هنن کي ٻہ ٽي پنڌ ڪرائي، هنن کي چيائين تہ توهان جي نوڪرين جا آرڊر ڪراچي ۾ ٿي ويا آهن. پر پئسن کان سواءِ نہ ٿا ملن. توهان مان هر هڪ الڳ الڳ ساڍا چار سو روپيا کڻي ٺٽي فلاڻي هوٽل تي اچو تہ آئون توهان جا ڪراچيءَ مان نوڪرين جا آرڊر کڻي اچي توهان کي ڏيان. هو همراهہ جيئن ڪراچي ويو تہ موٽيو ئي ڪو نہ. هنن کي ٺٽي جي هوٽل وارن هڪ ٻن ڏينهن کان پوءِ پئسن ڪتڻ تي هوٽل مان ڪڍي چڏيو نہ نوڪري ملي نہ همراهہ هٿ آيو. اهي ٻہ چار سئو روپيا جيڪي مون چٽا وڪڻي گڏ ڪيا هئا. اهي بہ هليا ويا. امان پوءِ ٻہ ٽي مهينا انهن پئسن لاءِ رئندي رهي. پر ٺڳن جي ور چڙهيل پئسا نہ واپس ٿيڻا هئا نہ ٿيا.

## ذوالفقار علي ڀٽي جي حڪومت جو مختصر جائزو

اهي 70 واري ڏهاڪي جا پهريان سال هئا. ذوالفقار علي ڀٽي جي حڪومت جو زمانو هو جيڏانهن ڪر نگاهہ جيئي ڀٽو جي صدا پئي ڪنن ۾ پُرندي هئي. جيالن جون چارئي آڱريون گيهہ ۾ هونديون هيون. جيالن جو حڪومت جي زور تي ڏنڊو پيو ڦرندو هو. اسان جي لاڙ پٽ ۾ جيڪي بسون هلنديون هيون، انهن ۾ اسٽوڊنٽ چوڻ تي ڀاڙو معاف هوندو هو. انهي ۾ ڇا پوڙهو ڇا جوان سڀ اسٽوڊنٽ، اهو ڀهاڪو مشهور ٿي ويو تہ "جيئي ڀٽو ڀاڙو ڇٽو". ڪجهہ اهڙا بہ واقعا پيش آيا جو ڪن سادن سودن ماڻهن کي اسٽوڊنٽ چوڻ نہ آيو تہ انهن چيو "اسڪوٽر". انهي ڪري بسن ۾ مار ڪٽائي، جهيڙا جهڳڙا روز جو معمول ٿي ويا. ڪنهن جو متو ڦاٽو پيو آهي تہ ڪو ڪٽان رت ڳاڙيندو پيو اچي. اها هئي عوامي حڪومت، ڪير ڪنهن کي چوڻ آکڻ وارو ڪونہ هوندو هو. بس سنڌ جو زوال اتان شروع ٿيو جيڪو اڃان تائين جاري ۽ ساري آهي. اسان جي اسڪولن ۾ ڪاپي ڪلچر پڻ انهي حڪومت کان پوءِ شروع ٿيو جنهن اسان جي تعليم جي انجڻ ئي ويهاري ڇڏي آهي.

اهو سال 1974 يا 1975 جو زمانو هو. ذوالفقار علي ڀٽو صاحب حيدرآباد کان هيليڪاپٽر جي ذريعي بدين ٿي ويو. ماتلي ۾ سندس ٽورو ترسڻ جو پروگرام هو. ماتلي ريلوي اسٽيشن کان ڏکڻ طرف هيلي پيڊ ٺاهيو ويو هو. ماڻهن جو هڪڙو وڏو هجوم هو جو کيس ڏسڻ لاءِ آتو هو. اسان بہ رڙهي سڙهي وڃي هيلي پيڊ جو پاسو ورتو جيئن ڀٽو صاحب جي ڪا جهلڪ نظر اچي وڃي. جيئن ئي هيليڪاپٽر لٿو تہ ماڻهن جو هڪ وڏو ريلو ڀٽو صاحب کي ڏسڻ لاءِ هن ڏانهن وڌڻ لڳو پوليس لٺ بازي ڪري ماڻهن کي پوئتي هٽايو. جيئن تہ هيليڪاپٽر زمين کان ٿورو مٿي بيٺل هو تنهنڪري مون کي هن جي هڪ جهلڪ ڏسڻ نصيب ٿي. اترادي لهجي ۾ اردو گاڏڙ سنڌي ۾ پنج منٽ تقرير ڪري بدين روانو ٿي ويو.

جيئن تہ ذوالفقار علي ڀٽو غير معمولي هوشيار ۽ طلسماتي شخصيت جو مالڪ هوندو هو. جنهن پاڪستان جي ايڪانامي کي هٿي وٺرائڻ لاءِ گهڻو ڪجهہ ڪيو. نتيجي ۾ باهر جو ناڻو پاڪستان ۾ اچڻ لڳو. پئسي جي گهڻي ريل ڇيل جي ڪري روپئي جي ملهہ ۾ انتهائي وڏي پيماني تي گهٽتائي رڪارڊ ڪئي ويئي. ايتريقدر جو انهن سالن مان ڪنهن هڪ سال ۾ ناڻي جي واڌ (Inflation) 29 سيڪڙو رڪارڊ ڪئي وئي. انهي سان گڏ ڪيترائي

ترقياتي ڪم ۾ پروگرام شروع ٿي ويا. انهن ۾ هڪڙو پروگرام هو بالغن جي تعليم. جيڪو مختلف اسڪولن ۾ رات جو شروع ڪيو ويو هو. ان زماني پاڪستان ۾ تعليم جي شرح مشڪل سان 25 يا 26 سيڪڙو هوندي هئي. خاص انهي تعليمي شرح کي وڌائڻ جي لاءِ "بالغن جي تعليم جو پروگرام" شروع ڪيو ويو هو.

پاڪستان ۾ اقتصادي اڻ برابري، غلط فيصلا، پنهنجا نوازڻ، ميرٽ جي لتاڙ ڪجهه اهڙن قسم جي فيصلن پاڪستان کي ٻه اڌ ڪري ڇڏيو. اڄان تائين اسان جي واڳ ڌڻين انهي مان سبق نه سکيو آهي. اها روش جيئن جو تيئن جاري ساري آهي. جڏهن 1971ع جي جنگ لڳي ته آئون ان وقت رپ هاءِ اسڪول ۾ پڙهندو هوس. مون کي چٽي طرح ياد آهي ته اسان شاگردن کان اسڪول جي ميدان تي به ٽي مورچا کوٽرائي اسان کي موڪل ڏئي ڇڏي هئائون. آئون جڏهن ڳوٺ گلاب لغاري پهتس ته اتي به بازار جي چوڪ ۾ ٽي مورچا کوٽيا پيا هئا. ان وقت اسان جي ڳوٺ جي بازار وچ شهر ۾ هوندي هئي ۽ ٻنهي طرفن کان گهر هوندا هئا. اهو اسان جي ڳوٺ جي بازار جي اوج جو زمانو هوندو هو. جڏهن ته ٽنڊي الهيار کان ٽنڊي غلام علي تائين روڊ نهي چڪو هو پر ٻاهر روڊ تي ڪي ايڪڙ ٻيڪڙ دوڪان هوندا هئا. اهو سڄو مزو ٻاهر روڊ تي جيڪو هينئر ڏسڻ ۾ اچي ٿو، اهو رئيس احمد خان جي اسپتال شهر کان نڪري ٻاهر وڃڻ کان پوءِ شروع ٿيو. جيئن ته 1971ع جي جنگ لڳي چڪي هئي، اسين به نوجوان هوندا هئاسين. رت ۾ هڪڙي قسم جو انڌو جوش هوندو هو. سو مون هڪ سڄي رات ويهي ننڍا ننڍا هٿ سان ڪاغذ تي بينر لکي سيني اچڻ وڃڻ جي جڳهين تي ڪٽڪ جي اٽي جي لئي سان چهٽائي ڇڏيا. جنهن تي لکيل هو (Cursh India ) ۽ پنهنجو نالو به هيٺان لکي ڇڏيو. جيڪو پيو ڏسي مون کي شاباس پيو ڏي، ائين جيئن جو تيئن آئون ڦونڊبو پيو وڃان. اسان ايترا ٻار هوندا هئاسين جو اسان کي خبر ئي نه هوندي هئي ته دنيا ڪيئن ٿي هلي. ان جي مقابلي ۾ اڄ جو ٻار سئو دفعا وڌيڪ سمجهدار آهي. ڇو جو اڄ سڄي دنيا هُن جي هٿ ۾ آهي. جڏهن ته اها رات به مون کي چٽي طرح ياد آهي، جنهن رات يحيٰ خان ريڊئي تي تقرير ڪندي چيو هو ته " اسان هزار سالن تائين جنگ جاري رکنداسين" ۽ ٻئي ڏينهن چار فوٽ قد وارن بنگالين بانس جي لٺ ۾ ناريل ٻڌي ڇهه فوٽ پنجابي فوجي کي ڍيري ڪري ڇڏيو ۽ پڳڙو پڇي به ڦارون ٿي پيو. اسين انهي ٽُور (Genration) وارا انهن ڳالهين جا اکين ڏٺا شاهد آهيون. اهو راز اڄ تائين فاش نه ٿي سگهيو آهي ته اوير پاڪستان ۾ ڇا ٿيو. پر هن اِنفَارميشن ٽيڪنالاجي جي جديد دور ۾ اسان

جا ڪونڊر ڪيئن ڏينهن ڏٺي جو بي رحم ۽ بي دردي سان ڪٺا ويا ۽ ساڙيا ويا پر قاتل هٿن جي خبر پئجي نہ سگهي. جيئن هي ملڪ ڳجهي نموني ٺاهيو ويو هو.تيئن وقتن بوقتن هن ملڪ جي شهرين تي ڳجهي نموني راتاها بہ لڳندا رهيا آهن پر راز هميشہ راز ئي رهيو آهي.

آئون اهو اڳي لکي آيو آهيان تہ مئٽرڪ ڪرڻ کان پوءِ مون چٽا وڪيا ۽ درزڪو ڪم سکيو. جيئن تہ مٿي آئون ٻن لفظن ۾ بالغن جي تعليم جو ذڪر ڪري آيو آهيان. اهو بہ ٻڌايو اٿم تہ اهو پروگرام ڀٽي صاحب پنهنجي حڪومت جي ايامڪاري دوران شروع ڪيو. اهو ٽن مهينن جو پروگرام هو جيڪو نومبر 1973ع کان شروع ٿي ۽ فيبروري 1974ع تائين هليو. اجان تائين منهنجي ڄمار 18 سالن مان هڪ بہ مهينا ڪٽل هئي. پر اسان جا هڪڙا مائٽ آهن انهن جو آفيسن ۾ اچڻ وڃڻ پيو ٿيندو هو. انهن مون کي بالغن جي ماستري جو آرڊر وٺي ڏنو. آئون اڄ ڏينهن تائين انهن جو ٿورائتو آهيان. جن مون کي ٽن مهينن جي لاءِ ڪٽي پر نوڪري تہ وٺي ڏني. جڏهن تہ آئون پاڻ ئي اجان بالغ ڪونہ ٿيو هوس. مون کي نوڪري جو آرڊر تعلقي ماتلي جي ڪنهن ٻي ڳوٺ ۾ ڏنو ويو هو. جيڪو اسان جي ڳوٺ کان پري هوندو هو . هن پروگرام جا ڪلاس رات جو هلڻا هئا، آئون نابالغ هوندو هوس،تنهنڪري آئون اتي وڃڻ لاءِ تيار ڪونہ هوس. هي اهو زمانو هو جڏهن بدين ضلعو اجان ڪونہ ٺهيو هو. اهو سڄو پٽ حيدرآباد ضلعي ۾ هوندو هو. سو مون چا ڪيو جو اهو نوڪري وارو آرڊر ڪٽي حيدر آباد ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر وٽ هليو ويس. انهي زماني ۾ حيدرآباد جو DEO عبدلقيوم صاحب هوندو هو ۽ اردو ڳالهائيندڙ پناهگير هو. تنهن کي عرض ڪيم تہ "مون کي هن ڳوٺ مان بدلي ڪري پنهنجي ڳوٺ ۾ رکو. " تنهن مون کي ڏسي پڇيو تہ "توکي ڪنهن آرڊر ڏنو آهي. "؟ اتي جيڪي ماڻهو ويٺل هئا، انهن کي مخاطب ٿي چيائين تہ " هي پاڻ بالغ ڪونهي تہ هي ڪيئن ٻين بالغن کي پڙهائيندو"؟ منهنجو آرڊر پاڻ وٽ رکي مون کي چيائين تہ "تون هليو وڃ" مون سان اهو ڪم ٿيو جو "آئي سون پائڻ ڪن ڪپائي ويٺي. " بدلي تہ ڪا نہ ٿي نوڪري بہ ڦرجي وئي. پوءِ ٻئي ڏينهن سائين محبوب علي چنا صاحب جي گهر ويس، ان جي وڏي فرزند شفيق الرحمان چنا DEO آفيس مان آرڊر ڪٽي ڏنو. ائين سپ آها پلي اچي رئيس مير محمد خان نظاماڻي جي ڳوٺ ٺري ۾ ڊيوٽي رپوٽ ڏنم. اسڪولن جو بندوبست ائين ڪيو ويو هو تہ هر اسڪول ۾ بہ استاد رکڻا هئا، انهن مان هڪ پراڻو پرائمري استاد ۽ هڪ نئين مقرري، جنهن تي مون کي مقرر ڪيو ويو هو. اُتي خبر پئي تہ جيڪو منهنجو هيڊ ماستر آهي

اهو اتان ڪان ٽي يا چار ڪلوميٽر پري ڪنهن ٻئي ڳوٺ جي اسڪول ۾ آهي. نيٺ پنڌ ڪري ڳوٺ حاجي خميسو باگراڻي جي پرائمري اسڪول پهتس. اتي جو هيڊ ماستر سائين محمد يوسف هو جيڪو ماتلي شهر جو شيدي هو. جنهن مون کي چيو ته "آئون نري ڪونه هلندس، پاڻ هتي ٿا اسڪول کوليون" آئون تڏهن نئون هوندو هوس مون کي ڪاٻ خبر ڪانه هئي ته سرڪار جو ڪارونهوار ڪيئن ٿو هلي. سائين محمد يوسف شيدي جي شخصيت ڪنهن درويش کان گهٽ ڪانه هئي. با اخلاق، سلڇڻو ڏاڙهي ڪوڙ پر سوم صلوات جو پابند صفا سڌو محنتي، پڙهائي جي هر طريقيڪار کان واقف، مون مس هڪ مهينو کن ان سان گڏ نوڪري ڪئي هوندي. ائين لڳو ته اسين ته ڪي سالن جا دوست آهيون. دعا سلام ۾ دوستي جو رستو جيڪو ان وقت ڳنڍيو سو اڄ ڏينهن تائين قائم ۽ دائم آهي. سائين محمد يوسف ماتلي شهر جو نمبر ون درزي هو جيڪو ڪيس ورثي ۾ مليو هو. ان زماني ۾ ماتلي ۾ ڪپڙن جي هڪ وڳي جي سلائي مشڪل سان 10 روپيا هوندي هئي، پر سائين يوسف 60 روپيا وٺندو هو. تڏهن به گراهڪن جي رش، جو ڪاريگر پورائي ڪونه پوندا هئا. وقت کان اڳ نوڪري تان رٽائر ڪيائين. هاڻي پنهنجو ذاتي اسڪول ۾ تبليغين سان نڀائيندو ٿو اچي. باگراڻين جي ڳوٺ ۾ مون کي ڪنهن به قسم جي تڪليف ڪانه ٿي. اها حقيقت هئي ته آئون ننڍو هوندو هوس، ڏاڙهي مڇ اجان خير ڪو آيا هئا، سو پڙهڻ وارا گهٽ ۽ مون کي ڏسڻ وارا گهڻا هوندا هئا. انهن ۾ ڪجهه ته واقعي اڻ پڙهيل هوندا هئا، انهن کي اسان رات جو سبق پڙهائيندا هئاسين . انهن بالغن ۾ هڪڙو شاگرد هوندو هو محمد ايوب، جنهن کي ايوب کهڙي جي نسبت سان کهڙو ڪري سڏيندا هئا. انهي جون مينهون وغيره هونديون هيون، اهو روز اسڪول اچڻ مهل ڪڙهيل کير، جنهن ۾ بادام پشتا پيل هوندا هئا، انهي جو لوٽو ڀريو کڻيو ايندو هو. سائين يوسف هوندو هو ته گڏجي پيئندا هئاسين، نه ته آئون اڪيلو سڄو لوٽو ڏوگهي چڙهيندو هوس. انهي ڳالهه کي هاڻي 42 سالن کان مٿي جو عرصو گذري چڪو آهي، پر اڄ ڏينهن تائين کهڙي جو خلوص ۽ سندس قرب مان آندل بادامن ڀريو کير نه وساري سگهيو آهيان. ان کان سواءِ ٻيو چوڪرو هوندو هو چاچي پير بخش باگراڻي جو ننڍو فرزند محمد ابراهيم باگراڻي. غالبن اسان هڪ ئي سال مئٽرڪ پاس ڪئي هئي. اسڪول الڳ الڳ شهرن ۾ هئڻ جي ڪري ڀهريان ڪنهن به قسم جي واقفيت ڪونه هوندي هئي. هو ماتلي ۾ پڙهندو هو ۽ آئون رپ شريف ۾. هو رئيساڻو ۽ وڏيرڪو ٻار هئڻ جي ڪري مون کان وڏو لڳندو هو. آئون ڇٽي کان ڇورو ٻار سو قد بت ۾ هلڪو هوندو هوس. هن ڇوڪري

منهنجو هر طرح سان خيال رکيو. ائين تہ ماستر جي ماني چاچي حاجي خميسو باگراڻي جي گهران ايندي هئي. پر چانهہ چڪو لسي لپ ابراهيم ڪٽيو پيو ايندو هو. مطلب تہ هاڻي اسان جو اُٿڻ ويهڻ, کائڻ پيئڻ گڏ ٿيڻ لڳو. منهنجي مٿان هڪ قسم جو ڇپر ڇانوَ هوندو هو. هن جي ڳوٺ جو وڏيرو هئڻ جي حيثيت ۾ هر ڪو پيو اسان کان پوءَ ڪائيندو هو. مون کي جيتريقدر ياد پوي ٿو تہ ابراهيم وٽ هڪڙي موٽر سائيڪل هوندي هئي. جنهن تي اسين سڄو ڏينهن پيا گهمندا هئاسين. ڇو جو منهنجي رات جو ڊيوٽي هوندي هئي. اڪثر ڏينهن جو ابراهيم جي ٻني تي يا پر واري ڪنهن شهر ۾ يا سائين محمد يوسف سان پرائمري اسڪول ۾ پيو ٻارن کي پڙهائيندو هوس. ائين منهنجي پڙهائڻ جي سکيا اتان شروع ٿي. محمد ابراهيم باگراڻي جو ڏنل پيار آئون اڄ ڏينهن تائين وساري نہ سگهيو آهيان. اڄ جڏهن اهي ڳالهيون ياد پون ٿيون تہ بي اختيار ڳلن تي ڳوڙهن جو نہ ڪٽندڙ لارون وهي ٿيون اچن. ڇو جو منهنجي دوست تي ڪنهن موالي ٽائيپ نشي ۾ اچي پستول جا فائر ڪري ڪيس قتل ڪري ڇڏيو. مون جڏهن هن کي اسلام آباد مان سندس خير عافيت جو خط لکيو تہ موٽ ۾ سندس وڏي ڀاءُ ولي محمد باگراڻي مون کي اها ڏکوئيندڙ خبر اسلام آباد ۾ ٻڌائي هئي, تہ منهنجا ڇيهہ ڇجي پيا هئا ۽ ڪيترا ڏينهن آئون پنهنجو پاڻ کي اسلام آباد جي روڊن تي اباڻڪو ۽ اڪيلو محسوس ڪندو هوس. جڏهن تہ اسان جي ملاقات کي ڪيترن سالن کان وڏيڪ عرصو گذري چڪو هو. سندس ڏنل قرب آئون اڄ تائين وساري نہ سگهيو آهيان. انهي ڳوٺ جي ٽئين شخصيت, جنهن جو آئون ذڪر ڪرڻ وڃي رهيو آهيان. جنهن جو آئون هر ايندڙ ويندڙ کان پڇندو بہ رهندو آهيان تہ مون کي خبر پوندي آهي تہ هو خوش آهي. بس دل مان دعا نڪرندي آهي تہ الله ڪري جتي هجي خوش هجي. يقينن هو مون کي نہ سڃاڻندو هوندو, نہ ياد ڪندو هوندو. ڇو جو پنجن سالن جي ڪنهن بہ ٻار کي ڪجهہ بہ ياد نہ هوندو آهي. آئون جڏهن باگراڻين جي ڳوٺ ۾ بالغن جي تعليم ۾ ماستر هوندو هوس, هي ٻارڙو اڄان ڇڙي ڇولي ۾ هلندو هو. هٿ ۾ ڪاٺ جي ڦرهي ڪٽي الف انب پڙهڻ ايندو هو. هي ننڍڙو نينگر چاچا حاجي خميسو باگراڻي جو پوٽو هو. جيڪو ڳوٺ جو مالڪ بہ هوندو هو ۽ ماستر کي ماني بہ کارائيندو هو. هو جڏهن ماني گهران ڪٽي ايندو هو تہ مون سان گڏجي ماني کائيندو هو. سندس ٻاراڻيون ٻوليون مون کي ڏاڍيون وڻنديون هيون. سندس نالو هو ذوالفقار, هو رات جو ڪافي دير تائين مون وٽ وينو رهندو هو. پوءِ سندس والد صاحب احمد خان گهر وٺي ويندو هوس. آئون هڪ دفعي ڳوٺ وڃڻ لاءِ تيار ٿيس تہ ذوالفقار ضد ڪيو تہ هو بہ مون سان ڳوٺ

هلندو. بهرحال هي ٻار مون کي اڄ ڏينهن تائين نہ وسريو آهي. هونئن ٻہ ٻاگراڻين جا ڏنل قرب مون کي اڄ ڏينهن تائين ياد آهن. هڪ مهيني کان پوءِ جيئن ئي پروگرام جو معائنو ٿيو تہ اسڪول ٻئي جڳهہ تي هئڻ جي ڪري مون کي زبردستي ٺري موڪلي ڇڏيائون ۽ سائين محمد يوسف شيدي اُتي ڪونہ هليو. اُتي مون کي بلڪل مزو ڪونہ آيو. باقي رهيل ٻن مهينن ۾ ڪجھہ وقت گسائي ڪجھہ وقت ڊيوٽي ڪري ڳوٺ اچي ويهي رهيس.

## پريم چند عرف K-2 مل لوهاڻو

هي انهن ڏينهن جي ڳالهہ آهي جڏهن آئون اجان ستين ڪلاس ۾ پڙهندو هوس. گلاب لغاري جون گهٽيون ۽ پاڙا گندي پاڻي سان ڀريا پيا هوندا هئا. جنهن جو اثر ڳوٺ جي ماحول تي اوس پوڻو ئي هو. انهي ناموافق ۽ آلوده ماحول جي هوندي ڪجهہ پاڙا يا گهٽيون ڪن ماڻهن جي ڪري صاف سٿريون نظر ايندڀون هيون. اهڙي ماحول ۾ اسان جي پاڙي جو هڪڙو صاف سٿرو ٻار هٿ ۾ ڪتابن جو ٿيلهو کڻي اسڪول ويندي ڏسندو هوس. اهي هن جا پرائمري اسڪول جا ڏينهن هوندا هئا. ٻروچن جو ٻار نہ هئڻ جي ڪري ڏاڍو دل کي ليائيندڙ ٻار لڳندو هو. اڪثر لغارين جا ٻار پنجين ڪلاس تائين منهن بہ ڪونہ ڌوئيندا هئا. منهنجي پنهنجي اها حالت هوندي هئي جو وڏي وڏو ٿي ڏاگهہ تي ويو هوس پر منهنجو صفائي سُٿرائي ڏانهن ڪنهن بہ قسم جو ڪو بہ ڌيان نہ هوندو هو. اسان جي مقابلي ۾ سيٺين جا ٻار تيل ڦليل ڪري گهران نڪرندا هئا تہ حقيقي شهزادا لڳندا هئا. ائين لڳندو هو تہ خود خدا انهن کي پنهنجن هٿن سان سيڙجي ويهي ناهيو آهي. اسان جي گهرن جي وچ ۾ صرف ٻہ ٻيا گهر هئا. سماجي طرح اسان پاڙيسري هئاسين. اسان جي عمرن ۾ بہ چڱو خاصو فرق هوندو هو. آئون ستين ڪلاس ۾ هوندو هوس تہ هو ٻئين يا ٽئين ڪلاس جو شاگرد هوندو هو. ورهاڱي کان پهريائين منهنجو بابا هنن جي دڪان تي نوڪر ٿي ڪم ڪندو هو. ائين ورهاڱي کان پوءِ بابا الڳ پنهنجو دڪان کوليو جو اوڌر وارن ڪائي کپائي ڇڏيو هو. مٿان جو وري بابا سائين جو ڪمهلو موت ٿيو تہ سيٺن جو اسان تي شفقت جو هٿ وڏي ويو. جڏهن تہ هن سنڌي هندو خاندان سان اسان جا هزارين لڳ لڳاپا هئا ۽ اجان تائين آهن. ساڳي ڌرتيءَ تي جنم وٺندڙ ساڳي ٻولي ڳالهائيندڙ چاهي دنيا جي ڪنهن بہ ڪنڊ ڪڙڇ ۾ هجي ان سان نہ ڇجندڙ ناتا جڙي سگهجن ٿا. هي تہ اسان هڪڙي ئي ڳوٺ ۽ ساڳي پاڙي ۾ رهندا هئاسين هونئن بہ سنڌ جو هندو تمام سخي مرد رهيو آهي. بس ايندي ويندي اهو ننڍڙو نينگر مون کي گهٽي ۾ پيو ٽڪرائبو هو. هڪ دفعي جي ڳالهہ تہ مون هن کي چيو هو تہ ” اج تون منهنجي اسڪول هل“ هي بہ بغير سوچڻ سمجهڻ جي مون سان گڏ بس ۾ چڙهي اسان جي صوفي آباد واري مدل اسڪول هليو هليو هو. انهي ڏينهن هي اسان جي ڪلاس جو رانديڪو ٿي پيو. هن کان جڏهن نالو پڇيو ويو تہ هن پنهنجو حقيقي نالو ٻڌايو هو. هونئن بہ سنڌ ۾ هر ماڻهو جا ٻہ نالا هوندا آهن. پر هن جو

نالو تہ هڪڙو ئي هو جيڪو شايد هندن جي ريتن رسمن مطابق ڪنهن ٻائيءَ پوٿي پٽي هن جو نالو پريم رکيو هو. پر هن جي چنچل طبعيت ۾ شرارتي سياءَ جي ڪري اسان ان وقت جي اسڪول جي دوستن هن جو ٻائيءَ جي پوٿي مان نڪتل پاڪ ۽ پوتر نالي کي بدلي ڪري, هن جو نالو هميشہ لاءِ K_2 رکي ڇڏيو. بس انهي ڏينهن کان پوءِ هي پنهنجو تعارف بہ k_2 جي نالي سان ڪرائيندو هو. اڄ بہ جڏهن ڳوٺ ۾ هن جي پڇا ڳاڇا ڪو اصل نالي سان ڪندو تہ هن کي ڳولي نہ سگهندو. هڪ دفعي هن ڏاڍي مزيدار ڳالهہ ٻڌائي. چيائين تہ آئون هڪ دفعي دڪان تي ويٺو هوس تہ ڪنهن ماڻهو مون کان پريم واڻئي جو پڇيو تہ مون هن کي چيو تہ انهي نالي سان اسان جي ڳوٺ ۾ ڪو بہ ماڻهو ڪونهي. پوءِ مون کي اوچتو ياد آيو تہ اهو تہ آئون پاڻ آهيان. سو ڪڏهن ڪڏهن نقل اصليت تي حاوي ٿي ويندو آهي. اسان جي ائين ئي پاڙي ۾ ايندي ويندي پئي ملاقات ٿيندي هئي. اها خبر نہ هئي تہ هن سان ڪو نينهن جو اهڙو ناتو جڙندو جو موت ئي انهي کي توڙي سگهي ٿو. اسان جي گهر ۾ غربت هئڻ جي ڪري گهر جو خرچو پورو نہ هئڻ جي ڪري مون مئٽرڪ پاس ڪري گلاب لغاري جي گهٽين ۾ چٽا وڪڻڻ شروع ڪيا. هي سيناٽو ٻار پڙهندو رهيو هوڏانهن هن جي مائٽن جو زور هوندو هو تہ هي ڪاروبار ۾ دلچسپي وٺي. ان جي برعڪس هن جي ڪارو بار ۾ ڪنهن بہ قسم جي ڪا بہ دلچسپي نہ هوندي هئي. ائين اسان جي دوستي وڌندي وئي. هن کي جيڪا گهران خرچي ملندي هئي اها اسان چانهہ پاٽي ڪري ڦوڪي ڇڏيندا هئاسين. هو مون کي چوندو هو تہ " آئون اسڪول مان اچان تہ تنهنجي مٽي تي چٽن جو ٿالهہ نہ هجي. " چوجو هر روز شام جو اٽڻ ويهڻ گڏ ٿي ويو. هن جا مائٽ هن جي ڪاروبار ۾ دلچسپي نہ وٺڻ جو سبب مون کي قرار ڏئي رهيا هئا تہ مون سندن ٻار کي ڪاري خراب ڪري ڇڏيو آهي. انهي زماني ۾ گلاب لغاري جي بازار اندر گهرن جي وچ ۾ هوندي هئي. جنهن ۾ مِٺي مريداڻي ۽ عثمان مريداڻي جون هوٽلون هونديو هيون. انهن تي بہ آنا هڪ ڪوپ چانهہ جو ملندو هو. آئون جيڪي چٽن مان روپيہ اڌ ڪمائي ايندو هوس اهو گهر جي خرچ ۾ پورو هوندو هو. شام جو چانهہ جو ڪپ ۽ نانخطائي K–2 جي مٽي تي. اهو بہ ڳوٺ جي گهٽن ماڻهن کان برداشت ڪو نہ ٿيندو هو. پيا هن جي مائٽن کي گهاٽيون واڌيون ڪري ٻڌائيندا هئا. مون کي تہ چوڻ آڪڻ وارو ڪير بہ ڪو نہ هوندو هو پيو تہ آئون هن کان ڇمار ۾ ٿورو وڏو هوندو هوس. باقي قد بت اسان جا هڪ جيترا ئي هوندا هئا. منهنجي حصي پٽيءَ جي جُٽ ڦٽ بہ K–2 جي مٽي تي. ائين آئون سڄو ۽ هو شاهوڪار اسان جي دوستي ۾ پيار ويو وڌندو. هاڻي هن مون کي پنهنجي

ڪيسي جي خرچي ۾ پڻ پاڳي پائيوار ڪري ڇڏيو جيڪا ڪنهن بني بشر کي اڄ ڏينهن تائين خبر نہ آهي. اڪثر مون اهو محسوس ڪيو آهي تہ "ناموافق حالتن ۽ بي رحم وقت جي لوڏن لمن ۾ اڇي ماڻهو بدلجي ويندا آهن" پر هن ڪيئي صعوبتون برداشت ڪيون پر دوستي ۾ داغ اچڻ نہ ڏنائين. ظاهر آهي تہ وقت کي پنهنجي رفتار سان تہ هلڻو ئي هو. اسان ڇوڪرن مان ڦري جوان ٿي وياسين. نوڪريون مليون وطن ڇڏي جلا وطن ٿياسين. پر اسان جي پيار ۽ محبت ۾ ڪنهن بہ قسم جي ڪمي ڪو نہ آئي. آئون جڏهن روزگار سانگي ڳوٺ مان اسلام آباد هليو آيس تہ هن ڏنڏي ڏاڙي ۽ ڪاروبار ۾ دلچسپي وٺڻ شروع ڪئي. مون کي اهو ٻڌي ۽ ڏسي خوشي جو شدت سان احساس ٿيو تہ منهنجي نوڪريءَ اسان ٻنهي کي سنئين راهہ تي چاڙهي ڇڏيو آهي. مون کي ياد آهي تہ آئون جڏهن بہ اسلام آباد مان ڪجهہ ڏينهن لاءِ موڪل تي ڳوٺ ايندو هوس تہ منهنجو گهڻو تڻو وقت هن سان ئي گذرندو هو. اسلام آباد واپسي جو ڪٿو ٽُٽو پاڙو ڪرايو بہ K_2 پيو ڀريندو هو.

هي ماڻهو گهڻ رخي شخصيت جو مالڪ هئڻ سان گڏ يارن جو يار بہ تہ سماجي ڪمن ۾ پڻ وڏي سرگرميءَ سان حصو وٺندو آهي. ڳوٺ ۾ خوشي غمي ٿئي تہ k_2 اڳيان، ڳوٺ ۾ چوري چڪاري ٿئي تہ پيش پيش، ڳوٺ جي ڪنهن ڏنگي ٻار ڏنگائي ڪئي تہ k_2 ٽاٽي تي. مذهب ۾ صوفي لاڪوفي هن وٽ هندو مسلمان جو فرق مون ڪڏهن بہ محسوس نہ ڪيو. ڳوٺ جو بہ ايترو اونو جو رات جو پيو گهٽين ۾ ڦيرا ڏيندو تہ ڪو لوفر لنب يا چور چڪار ڪا حرڪت تہ نہ ٿو ڪري. سڄي بدين ضلعي جون واٽر سپلاءِ اسڪيمون فيل ٿي ويون. پر گلاب لغاري جي اسڪيم ڪامياب صرف ان ڪري جو K_2 انهي جو ڏٽي وينو آهي. محترمہ بينظير ڀٽو جي قتل جي واقعي واري ڏينهن جتي سنڌ سڄي ٻري اٿي، اتي اسان جو ڳوٺ گلاب لغاري پڻ ڪافي متاثر ٿيو. جتي بئنڪن کي باهيون ڏيئي ساڙيو ويو اتي يوٽليٽي اسٽور ۽ اسڪولن جا فرنيچر پڻ سڙيا ۽ خاڪ ٿيا. هن ڇا ڪيو جو ڳوٺ جا ٻہ چار جاننا جوان هٿ ڪري اوڙي پاڙي مان ڪا پراڻي سراٽي ڇيرن واري بندوق هٿ ڪري اٿندي ئي وڃي اسڪول ۽ واٽر سپلاءِ وارو مورچو سنڀاليو. جڏهن بي قابو هجوم بئنڪ ساڙي اسڪول ڪامپليڪس ڏانهن وڌيو تہ هن پري کان ڪين هڪل ڪئي تہ هيڏانهن ڪو بہ نہ وڌي نہ تہ خون خرابو ٿيندو. هڪ ڳوٺ جو معزز ماڻهو پيو بندوق هٿ ۾ ڪنيو بيٺو هجي. سو هجوم بيهي رهيو. ائين آسي پاسي وارن سيني اسڪولن جو فرنيچر سڙي ويو پر گلاب لغاري جو اسڪول ڪامپليڪس محفوظ رهيو.

سندس ڳالهه ڪرڻ جو انداز بہ دل کي ڏاڍو لياڻيندڙ ۽ سُريلو هوندو آهي. هڪ ڏينهن مون کي اسلام آباد فون ڪري چيائين تہ ” رات مون سان جٽ ٿي آهي. ” مون پڇيو ڇا ٿيو آهي چيائين تہ ” رات ڪي مهمان آيا سو ڪائين جي باهہ ٻري ڪا نہ. بورچي خاني ۾ دونهون پرجي ويو. آئون جيئن ئي مهمانن جي ماني ڪڻڻ ويس اڳيان ڪنهن هڪل ڪئي تہ “هُش ٻلا”. دونهي ۾ خبر ئي نہ پوي تہ ماڻهو يا ٻلو سو مون رڙ ڪئي تہ آءُ ماڻهو آهيان نہ تہ ٻي حالت ۾ ڪاٺ جي بندي اچي منهنجي مٿي ۾ نڪاءُ ڪري ها. ” آئون هاڻي هن جي ٽپيڪل انداز ۾ ڳالهہ ٻڌان يا ڪلان. “سو توهان ڪوشش ڪريو تہ گلاب لغاري کي ڪا گئس ملي”. اهو هڪ قسم جو هن جي طرفان مون کي حڪم هو. هتي مون منسٽري آف پيٽروليم وارن سان ڳوٺ جي گئس جي لاءِ ڳالهايو پر هنن اسان کي گاهہ ئي ڪو نہ وڌو. چون تہ اوهان جو ڳوٺ گلاب لغاري Feasible ڪونهي. جڏهن تہ اسان جي يونين ڪائونسل مان گئس نڪري ٿي، اسان کي ڳوٺ مان گئس جا شعلا نظر اچن. سڄي بدين ضلعي مان پٽرول ۽ گئس نڪري. پر اسان جو ڳوٺ “پريءَ پيڙي ۾ واٽيو ياري” جا اجان تائين اسان جي ڳوٺ ۾ نہ آئي آهي. جيئن سئي مان گئس نڪتي تہ بلوچستان جو ڪو بہ شهر هنن جي نظر ۾ گئس جي لاءِ موزون ڪو نہ هو. جڏهن هنن جا مري ۽ گُليات سڀ موزون هئا. اتي گئس پهچائي پوءِ هنن ڪوئٽا کي گئس ڏني هئي. هاڻي اسان جي ڳوٺ ۾ ڪمرشل بئنڪ، هاءِ اسڪول، ٻيون سڀ سهولتون موجود پر گئس موزون ڪونهي ۽ جڏهن تہ گئس نڪري بہ اسان جي ضلعي بدين مان. بقول پٺائي جي تہ ” پاڻي مٿي جهوپڙا، مورک اُڃ مرن”

هڪ ڏينهن ائين اوچتو امان جي ڳوٺان فون آئي تہ K_2 ڳوٺ ڇڏي سرحد جي هُن پار هليو ويو آهي. واٽر سپلاءِ جو ڇا ٿيندو ۽ ڳوٺ جو ڇا ٿيندو. ڪنهن حد تائين امان جا اهي خدشا بلڪل صحيح هئا. جيترو ڳوٺ جو اونو ۽ الڪو هن کي هوندو هو. ايترو اج ڪنهن کي بہ ڪونهي. هر ٻئي ٽي مهيني ڳوٺ جي ڪمن ڪارين جي لاءِ هن جا فون ايندا ئي رهندا هئا. آئون جو اسلام آباد مان حيدرآباد ۾ ڪنهن آفيسر کي ذاتي نہ پر اجتماعي ڪم چوندو هوس تہ اڳيو ٿورو خيال ڪندو هو. پوءِ ڪي ڪم ٿيندا هئا تہ ڪي ڪو نہ ٿيندا هئا. پر K_2 سماجي ڀلائي جي ڪمن ۾ لڳو پيو هوندو هو. K_2 هُن پار وڃي خوني رشتن کان سواءِ روحاني رشتا ۽ لڱ لاڳاپا ٽوڙي ڇڏيا هئا. ظاهر آهي تہ سنڌ جي ڇيڪي مٿي ۽ لاڙ پٽ جي هيرن جهڙين هوائن هن کي جهوري وڌو هوندو. هن گلاب لغاري جي گهٽين جا اهڙا تہ خواب ڏٺا هوندا، جيڪي هن جي ويڳاڻي من کي بغير ويزا جي ڳوٺ جي

اُپسرائن ۾ ڪٽي آيا هوندا. هن جو جڏهن من ماندو ٿيو هوندو، ساهه ٻوساٽجڻ لڳو هوندو ته هن پنهنجي ڳوٺ، پنهنجي گهر ۽ پنهنجي سنڌ ڪي آخري نمسڪار چيو هوندو. هن جي هُن ڏيهه اُسهڻ کان پوءِ مون کي هن جو رابطي جو نمبر مليو هو پر مون صبر کان ڪم وٺي هن سان ڳالهائڻ کان لنوايو هو. ٻيو ته هاڻي آئون اهڙي عهدي تي هوس، جتي منڪر ۽ نڪير جو پاڇو پوڻ اوس هو. بس هڪ ڏينهن من ۾ مانڌاڻ متو ته مون هن کي فون ملايو هو ۽ اسان جا روحاني رشتا وري بحال ٿيا هئا.

## سنڌي ماستر

آئون بالغن جي تعليم ختم ڪري اپريل 1974ع ۾ پرائمري ماستر ٿي ويس تہ مون کي، گولاڙچي طرف آرڊر مليو. بغير ڪنهن هٻ ڪاهٺ جي، پنجابين جي ڳوٺ چڪ نمبر 58 ۾ وڃي ماستري شروع ڪيم. هي پنجابين جو ڳوٺ 1962 ع ۾ غلام محمد بئراج جي وهي اچڻ کان پوءِ آباد ٿيو. سنڌو ندي تي 80 ڪروڙ رپين سان ٺهيل ڪوٽڙي بئراج، جنهن جو نالو بعد ۾ تبديل ڪري غلام محمد بئراج رکيو ويو هو. بقول سنڌ جي هڪ ڏاهي علي احمد بروهي جي تہ هي صاحب بيمار قوم جو غليظ گاريال گورنر جنرل هوندو هو. اهڙن ماڻهن جا اسان جي بئراجن تي نالا رکيا ويا. اسان جهڙا 1947 ع وقت تہ تهڙا 1960ع ۾. اهو غلامي جو طوق اڄ ڏينهن تائين اسان جي ڳچين مان نہ نڪتو آهي. غلام محمد بئراج جي زمينن جي الاٽمينٽ لاهور ۾ اچي ٿي،ڇو جو هي شهر ون يونٽ هئڻ جي ڪري مغربي پاڪستان جو گادي جو هنڌ هو. جڏهن تہ غلام محمد بئراج جي ڪيچمينٽ ايريا لاڙ سنڌ هئي. سنڌ جي وڏي بجيٽ ون يونٽ سرڪار پنهنجي قبضي ۾ ڪري سنڌ جون ترقياتي اسڪيمون رد ڪيون. ڪيترن ئي سنڌي آفيسرن کي سندن جونئيرن جي ماتحت ڪيو ويو. سنڌ جي هر عوامي جڳهہ تي سنڌي ۾ لکيل نالا مٽائي اردو ۾ لکيا ويا. ننڍن صوبن جي اٿاريل آواز کي ملڪ دشمن، اسلام دشمن، انتشار پسند، غدار ڪوٺي رد ڪيو ويو. مغربي پاڪستان جي وڏين وڏين ڪارپوريشنس ۾ سنڌين جي داخلا بند ڪئي وئي. مطلب تہ هر طرف سنڌ ۽ ٻين ننڍن صوبن سان ناانصافيون ڪيون ويو. پنجاب جي واڌو آبادي کي سنڌ ۽ ٻين صوبن ۾ آباد ڪرڻ جي لاءِ ڪيترائي ترقياتي منصوبا شروع ڪيا ويا. جنهن جو وڏي ۾ وڏو لاڀ مليو. گجرانوالا کان وٺندي ساهيوال تائين جي ماڻهن کي. مغربي پاڪستان سرڪار سنڌ ۾ ڳوٺن جي شڪل ۾ چڪ ٺاهي ۽ اتي اسڪول کولي ڏنا. انهي جا پڻ گهڻ رُخي مقصد هئا،جيئن پنجاب جي واڌو پاپوليشن کي ٻين صوبن ڏانهن منتقل ڪيو وڃي، جيئن صوبي تان آبادي جو وڌيل دٻاءُ گهٽائي سگهجي، دفاعي مقصدن لاءِ پنجابين کي سرحدي علائقن ۾ آباد ڪري پاڪستان جون سرحدون محفوظ ڪيون وڃن. ڇو جو سنڌي ون يونٽ جي خلاف تحريڪ هلائي مرڪزي سرڪار وٽ پنهنجو اعتماد وڃائي چُڪا هئا. جيڪڏهن ڏسجي تہ ون يونٽ جي هڪ ڏکي تاريخ آهي. ورهاڱي کان اڳ پنجاب اهڙي ڪوشش ڪندو رهيو تہ سنڌ ڪنهن طرح پنجاب سان

ملائي وجي پر انگريز سرڪار سنڌ کي بمبئي کان جدا ڪرڻ لاءِ تيار ڪو نہ هوندي هئي. ڇو جو پنجاب جي مخالف لابي سنڌي هندن تي مشتمل هئي ۽ انهن جي انگريزن سان ويجهڙائي هئڻ جي ڪري اهو عمل پنجاب جي خواهش مطابق پورو نہ ٿي سگهيو. انهي جي وڌيڪ معلومات يا ڄاڻ حاصل ڪرڻ لاءِ پروفيسر اعجاز قريشي جو ڪتاب "ون يونٽ ۽ سنڌ" پڑهڻ گهرجي.

گورنمينٽ اردو پرائمري اسڪول چڪ نمبر 58 اولهہ گولاڙچي، جنهن ۾ منهنجي پهرين مقرري ٿي هئي. انهي اسڪول ۾ 70 کن ٻار هوندا هئا، اتي بہ ماني وغيره جو ڪو بہ مسئلو نہ هو. سائين محمد خان خاصخيلي جيڪو بدين پاسي جو هو، اهو منهنجو پهريون هيڊ ماستر ٿيو. جيئن تہ آئون نئون هوس تنهنڪري پنجابي گاڏڙ اردو ڪجهہ سمجهہ ۾ گهٽ ايندي هئي. اتي مزو ڪجهہ گهٽ آيو. بہ راتيون اتي تہ هڪ رات بدين جي ميمڻ وٽ. آئون جڏهن ڪنڌ ورائي پوئتي ٿو ڏسان تہ سنڌ ۾ منهنجا تمام گهڻا دوست هوندا هئا. جيئن وطن مان جلاوطن ٿي اسلام آباد آيو آهيان تہ دوستيءَ جو دائرو محدود ٿي ويو آهي. انهيءَ جا ڪجهہ سبب آهن. جيئن تہ سنڌ ۾ آئون قومي تحريڪ سان واڳيل هوندو هوس. ستر واري ڏهاڪي جي پڇاڙڪن سالن ۾ جيئن ئي سائين جي ايم سيد سان سن ۾ ملاقات نصيب ٿي ۽ سائين عبدالواحد آريسر جيئي سنڌ محاذ کي نئين سر ٺاهڻ شروع ڪيو. ان جي سربراهي ۾ اسان بدين ضلعي جي باڊي ۾ شامل ٿي وياسين. انهي زماني ۾ اسان جن بدين ضلعي ۾ ڪم ڪيو انهن ۾ شامل هئا. محمد راهمون، غلام رسول نظاماڻي، لال چانڊيو، محمد عثمان بجير، مولانا عبدالستار چاوڙو، شوڪت رند، مشڪور ڦلڪارو ۽ راقم. ائين ڪجهہ اڳتي نڪري ويو آهيان. ٻڌائڻ هيءَ ڪپندو هو تہ مون کي قوم پرستي جي سُتي ڪتان پئي. اهو اڳئي لکي آيو آهيان تہ سنڌي ماستر تہ ٿي ويو هوس. نوڪريءَ جي ٻن سالن کان پوءِ PTC جي ٽرينگ لاءِ ايليمينٽري ٽرينگ ڪاليج منياڻي لاءِ آرڊر ٿي ويو. منهنجو اڳ تہ منياڻي جو نالو بہ ٻڌل ڪونہ هو. سو ٻوڙي وجي اسڪول ۾ لڳل سنڌ جي نقشي ۾ منياڻيءَ کي ڳولڻ لڳس. ان زماني ۾ اسڪولن کي ڪافي چارٽ ۽ نقشا وغيره ڏنا ويندا هئا.

## سيد لياقت علي شاهہ

آئون اڳئي اهو ذڪر ڪري آيو آهيان تہ دوستيءَ جون سرحدون ۽ حد بنديون تمام پري پري تائين پکڙيل هونديون آهن. اهو ضروري ڪونهي تہ دوست رڳو ڪو ڳوٺ يا ساڳئي شهر ۾ رهندڙ هجي يا هم ڪلاسي هجي صرف ان سان ئي دوستي ٿي سگهي ٿي. گهڻ ۾ گهڻ مون سان ائين نہ ٿيو آهي. زندگيءَ جي ڪنهن بہ موڙ تي جيڪڏهن ڪو پيار ڪندڙ انسان ملي ٿو وڃي تہ اهو بہ دوست ٿي وڃي ٿو. جيئن مولانا جلاالدين رومي جو قول اهي تہ " پيار توهان ۽ هر شيءَ جي وچ ۾ هڪ پل جو ڪم ڏئي ٿو. " سو ڪڏهن ڪڏهن ڪي اهڙا ماڻهو مليا جو انهن جو ڏنل پيار ۽ قرب دل تي ائين نقش ٿي چڪجي ويو جو انهيءَ جو متجڻ ناممڪن آهي. اهڙن ماڻهن ۾ منهنجي نند پڻ جو دوست جنهن جو تعلق خيرپور ضلعي جي ٻيرلوءِ سان آهي. منهنجي خيال ۾ اهي سال 1973ع جا شروعاتي مهينا هئا. منهنجو ڏاڏا سائين بيمار ٿيو هو جنهن کي شگر جي بيماريءَ هئي ۽ انهي بيماري جو ان زماني ۾ خاص ڪري پاڪستان ۾ خاطر خواهہ علاج اجان ڪونہ آيو هو. مون کي ياد ڪونهي تہ ڪو انسولين ان زماني ۾ موجود هئي. اسان جي مريض کي سول اسپتال حيدر آباد ۾ ڊاڪٽر ارشاد موورياڻي جي وارڊ ۾ داخل ڪيو ويو هو. هڪ ڏينهن صبح جو سوير پاسي واري بيڊ تي هڪ نوجوان نينگر کي ڪٽي آيا. اهو مون کي ياد ڪونهي تہ ان کي بيماري ڪهڙي هئي. البت نوجوان جي حالت ڳڻتي جوڳي هئي. ان سان ڪيترا ماڻهو گڏ هئا اها بہ يادگيري نہ اٿم. ها البت انهيءَ سان گڏ منهنجي هم عمر جيترو نوجوان پڻ گڏ هو. ان جو نالو سيد لياقت علي شاهہ هو. پاڻ ٻڌايائون تہ هو ٻيرلوءِ سان تعلق رکن ٿا. انهي سنڌ جي شهر جو نالو منهنجو پهريون دفعو ٻڌو هو. غالبن اهو مريض جو وڏو ڀاءُ هو. انساني ۽ اخلاقي طور منهنجو بہ فرض هو تہ آئون انهن نون آيلن جي مدد ڪريان. انهن مون کان پاڻي پيئڻ جي لاءِ گلاس گهريو جيڪو مون هنن کي ڏنو هو. ان کان پوءِ جيترو وقت اسان اسپتال ۾ رهياسين تہ اسان گڏ رهياسين. هڪ ٻن ڏينهن کان پوءِ اسان کي اسپتال مان موڪل ٿي تہ اسين ڳوٺ هليا وياسين. شاهہ صاحب وارا اجان اسپتال ۾ هئا. اسپتال مان موڪلائڻ وقت اسان هڪ ٻئي کان خط جون ايڊريسون ڏنيون ۽ ورتيون هيون. ائين اسپتال جي ٻن ٽن ڏينهن جي ملاقات اسان جي دوستي ۾ تبديل ٿي وئي هئي. اها تہ سڀ ڪنهن کي خبر آهي تہ شگر جو مريض هرويرو سيرئس نہ هوندو آهي ۽ وڃڻ وقت رات جو سڪون سان الله

توهار ڪندو آهي. آئون بہ 32 سالن کان شگر جو مريض آهيان، مون سان بہ ائين ٿي سگهي ٿو. خير ڳالهہ پئي ڪئيسين سيد لياقت علي شاهہ جي. هي ڪهاڻي اج کان 40 سال اڳ جي آهي. ان زماني ۾ بهترين ملاقات جو ذريعو خط هوندو هو. سو اسان جو بہ هڪ قسم جو باقائدگي سان خطن جو سلسلو شروع ٿي ويو. شاهہ صاحب جا مون وٽ هن وقت 28 خط موجود آهن، جيڪي 35 کان 40 سال پراڻا آهن. اهو بہ ممڪن آهي تہ ڪجهہ خط مون کان هيٺ مٿي ٿي ويا هجن. ان وقت لفافي جي قيمت 80 پئسا هوندي هئي. انهي وچ ۾ شاهہ صاحب هڪ دفعي مون وٽ ڳوٺ بہ آيا هئا. گلاب لغاري واري بس تہ انگريزن جي زماني کان مشهور هئي تہ ڪڏهن بہ وفا نہ ٿي ڪري، هو اتر سنڌ جو ماڻهو لاڙ سنڌ ۾ منهنجي محبت ۽ پيار ۾ ڇڪجي سوين ڪلوميٽر پنڌ ڪري رات جو 11 بجي مون وٽ اچي پهتو هو انهي ڪي ئي تہ سڪ ۽ پيار چئبو آهي. ورنہ ڪير ڪنهن جي لاءِ رات جو لُنڍيون لتاڙي ٿو اچي. جڏهن تہ هڪ رات لاءِ آئون بہ وٽس مهمان ٿيو هوس ۽ جيڪا حسرت کڻي ويو هوس اها پوري نہ ٿي هئي. جنهن جو اج ڏينهن تائين ارمان اٿم. اڳتي هلي جڏهن ايڪنامڪس ۾ پڙهيو هوم تہ سيني خواهشن جو پورو ٿيڻ ممڪن ڪونهي، ڇو جو خواهشون لامحدود هونديون آهن . ان جي مقابلي ۾ وسيلا محدود هوندا آهن. انهي تي اقتصادي ماهرن جون مون تي ضرور آڱريون کڄڻ گهرجن، ڇو جو اقتصاديات ئي ناڻي جو علم آهي. مطلب تہ آئون لياقت علي شاهہ کان ڪي پئسا وٺڻ ويو هوس. نہ نہ ائين ڪونهي. اقتصاديات جي هڪڙي ٻي وصف اها بہ آهي تہ هر اهي خارجي توڙي داخلي عمل، جنهن سان روح کي راحت نصيب ٿئي. انهي کي بہ اقتصادي عمل چئي سگهجي ٿو. سائين جي ايم سيد ۽ گانڌي جيڪي وطن جي آزاديءَ لاءِ ڪشالا ڪٽيا، ڏک ۽ ڏاڪڙا ڏٺا. ان کي پڻ اقتصاديات جي دائري ۾ آڻي سگهجي ٿو تہ پوءِ مون جيڪا لياقت علي شاهہ مان تمنا ۽ آرزو رکي هئي ۽ اها پوري نہ ٿي تہ اهو بہ اقتصادي عمل ٿي سگهي ٿو. مون هينئر جڏهن سائين لياقت علي شاهہ جا خط کڻي پڙهيا آهن تہ خوشي بہ ٿي آهي تہ افسوس پڻ. خوشي ان ڪري جو مون پنهنجي دوست جا خط وڏي عرصي تائين سنڀالي رکيا آهن. جڏهن تہ افسوس ان ڪري جو منهنجي نالائقي جي ڪري اهو خطن جو سلسلو خبر نہ آهي تہ ڪڏهن کان ٽٽي ويو. انهن خطن ۾ هر حال احوال پيو ڏبو ونبو هو. ان وقت مذهبي رواداري تمام گهڻي هوندي هئي، هنن هيڏن سارن خطن ۾ اسان ڪڏهن بہ مذهب تي هڪ ٻئي سان خيالن جي ڏي وٺ نہ ڪئي. زماني جا ٻيا موضوع زير بحث ضرور رهيا آهن. جهڙوڪ پڙهائي، نوڪري، بيروزگاري، جيل ۽ هڙتالون وغيره

جهڙا موضوع بحث هيٺ ايندا رهندا هئا. مون مذهب جي بنياد تي ڪڏهن بہ دوستن کي الڳ الڳ خانن ۾ نہ رکيو آهي. هندو، مسلمان، شيعا، سني سڀ منهنجا هڪ جهڙا دوست آهن. هاڻي فيس بڪ جي اچڻ کان پوءِ اها حالت وڃي ٿي آهي جو نہ عورت جي خبر نہ مرد جي خبر، نہ ٻار جي خبر نہ جوان جي خبر. تنهن ڪري آئون اهو چئي سگهان ٿو تہ منهنجو ڪو ننڍي ۾ ننڍو دوست بہ ٿي سگهي ٿو تہ ڪو جهوني ۾ جهونو دوست بہ ٿي سگهي ٿو. ها البت ڪٽرپڻي کان ٿورو پاسيرو رهندو آيو آهيان. اتو ٻڌي تبليغين وانگر ڪنهن جي پنيان نہ لڳندو آهيان. هتي شاهہ صاحب جا سڀ خط شايع ڪرڻ کان تہ آئون قاصر آهيان پر نموني خاطر سندس هڪ خط هيٺ ڏجي ٿو. هي جيڪو هيٺ خط ڏجي ٿو غالبن سائين جو اهو پهريون خط آهي، جيڪو هن منهنجي خط جي جواب ۾ لکيو آهي. شاهہ صاحب جي اڪثر خطن تي ڪا تاريخ وغيره لڳل نہ هوندي هئي. گهڻو عرصو گذري وڃڻ جي ڪري اهو چئي نہ ٿو سگهجي پهريان ڪهڙو خط آيو ۽ پوءِ ڪهڙو آيو.

پيارا ڀاءُ مسٽر نظام الدين، خوش هجو شال تا قيامت.

اسلام اعليڪم، جي عرض تہ هت سڀ خير اهي ۽ مولا پاڪ جي فضل و ڪرم سان اوهان ڀائرن ڏانهن بہ سڀ خير هوندو.

المطلب تہ مون کي ادا نوڪري ملي وئي آهي. سو حال في الحال اسان کي ٺري مير واهہ رکيو اٿن. پيارا ڀاءُ مون کي عوامي ڳوٺاڻي ترقياتي پروگرام ۾ مارڪيٽ اسسٽنٽ ڪري رکيو اٿن. پيارا ڀاءُ اوهان کي تمام گهڻي خوشي ٿي هوندي. ادا آهيون تہ هڪ ٻئي کان تمام پري جو هڪ ٻئي کي دل جا احوال ڪيون. پيارا ڀاءُ اوهان ڪڏهن اسان جي ڳوٺ قرب جا پير پري ايندا. سو پيارا ڀاءُ مان سمجهان ٿو تہ اوهان سنت اسان وٽ ايندا، ادا سائين اميد تہ اها ئي آهي. ٻيو احوال تہ اوهان جا ڪافي ڪجهہ خط مليا آهن. سو سيني کي پڙهيو آهي. سيني ۾ ائين لکيل آهي تہ جيڪڏهن ننڍي ڀاءُ تي ڪا ڪاوڙ هجي تہ معاف ڪندا. ادا اسان پرديسي غريبن جي اوهان تي ڪهڙي ڪاوڙ هوندي. پيارا ڀاءُ اوهان تہ تمام گهڻا ڪاوڙيا هوندا. پر مان اميد ٿو ڪريان تہ اوهان مون تي انشاالله پنهنجي ڪاوڙ هن خط پهچڻ شرط لاهي ڇڏيندا. ادا اسان بہ ٿي ڏينهن نوڪري جي پيچ ٻڪ ۾ هئاسين جو اوهان ڏي خط نہ لکي سگهياسين. سو هاڻي ٻن ٽن ڏينهن ۾ انشاالله اوهان وٽ خط اچي نڪاءُ ڪندو. انشاالله اوهان خطن کان بيزار ٿي ويندا. خط جي جواب جي ڪجهہ عنايت ڪندا. هاڻ اسان هڪ پارٽي ٽا ڪريون، جنهن ۾ سيني دوستن کي شريڪ ٿيڻ جي دعوت ڏني بہ آهي ۽ اوهان کي بہ ڪوٺ ڏجي ٿي تہ 1974-2-16 تي ٻن چئن ڏينهن لاءِ سڏو

ٻيرلوءِ اچو. اسان جي اچڻ جو پتو هي آهي. پهريان حيدرآباد مان ٽڪيٽ وٺو سکر جي لاءِ اتان پڇا ڪندا ته خيرپور بس ڪهڙي تي وڃي. پوءِ خيرپور واري بس ۾ چڙهي، ڪنڊيڪٽر کان پڇا ڪندا ته ٻيرلوءِ هلي لاهه. پوءِ اتان منهنجو جنهن کان پڇندا ته ٻڌائيندو.

ايڊريس. سيد لياقت علي شاهه مارڪيٽ اسسٽنٽ معرفت ڊاڪٽر مرتضيٰ ضلع خيرپور ميرس تعلقو ٺري مير واهه. پوسٽ آفيس ٺري ميرواهه. عوامي ڳوناٺو ترقياتي پروگرام.

فقط سيد لياقت علي شاهه .

هن خط ۾ ڏنل پارٽي جي دعوت واري تاريخ مان پتو پوي ٿو ته آئون اجان نوڪري ۾ ڪو نه آيو هوس. ڇو جو منهنجي نوڪري تي چڙهڻ جي تاريخ 1974_4_11 آهي. ساڳئي طرح منهنجي جسماني ۽ منهنجي دوست جي ذهني بلوغت جو اندازو به هن خط مان پلي پت لڳائي سگهجي ٿو. اسان ديس ۾ هوندي به پنهنجو پاڻ کي پرديسي پيا چوندا هئاسين. پر اهو سچ آهي ته پيار محبت ۽ دوستي، ياري جي ڪا حد مقرر نه هوندي آهي. انهي جي پڪيڙ ۽ هڳاءُ پري پري تائين پسيو ۽ محسوس ڪيو ويندو آهي. هن خط جي تجزيئي مان اسان ٻنهي جي ذهني هم آهنگي ظاهر ٿئي ٿي. انهن خطن جي اها خوبي آهي جو اسان دوستن کي تقريبن ڏهن سالن تائين ڳنڍي رکيو. هاڻي جڏهن 35سالن کان پوءِ خطن جو فائيل ڪڍي پڙهڻ وينس ته ائين لڳو ته هي ڪو قصو اج جو آهي. ان جي مقابلي ۾ اج جي جديد دور ۾ انهي کان وڌيڪ تڪڙا ۽ سنا پيغام رسائڻ جا ذريعا ۽ وسيلا موجود آهن پر اهي انهي لکپڙهه واري طريقي کي ايترو وڏو عرصو محفوظ ڪري نه ٿا سگهن. مون کي ياد نه آهي ته مون پنهنجن خطن ۾ ڇا لکيو هوندو. وقت جي وڇوٽي جي ڪري هر شئي ميٽجي وئي آهي. صرف نه مٽيو آهي ته اهو پيار، جيڪو اسان هڪ ٻئي کي ڏنو هوءِ اجان به آهي. جڏهن ته اسان جي ملاقات کي لڳ ڀڳ 35 سال ٿيڻ وارا آهن.

## گولاڙچي کان ماٺڪ لغاري بدلي

جيئن تہ منهنجو تعليمي رڪارڊ ڪو سٺو نہ رهيو آهي. مئٽرڪ ٿرڊ ڪلاس (جنهن ڪي اقبال خان لغاري، ”بلوچ“ ڊويزن چوندو آهي) انٽر ميڊيئيٽ بار بار فيل ٿي پوءِ ٿرڊ ڪلاس ۾ پاس، بي اي سيڪنڊ ڪلاس، ايم اي (ايڪنامڪس) سيڪنڊ ڪلاس، ايم بي اي. سواءِ پهرين ۽ آخري امتحان جي باقي سڀ تعليم پرائيويٽ، لک احسان سنڌ يونيورسٽي جا، جنهن پرائيويٽ ڪلاس متعارف ڪرائي اسان جهڙن غريبن کي وڏيڪ پڙهڻ جو موقعو ڏنو. ٻي حالت ۾ اسان جتي جا هئاسين اتي ئي هجون ها. مون مئٽرڪ 1972ع ۾ پاس ڪئي. ننڍي ڄمار هئڻ ڪري ڪنهن بہ نوڪري لاءِ اهل نہ هوس. تنهنڪري ڇولا، ڇٽا وڪيا ۽ درزڪو ڪم ڪيو. جيئن ئي بالغن جي تعليم وارو پروگرام ختم ٿيو تہ مون کي پرائمري ماستري ملي وئي. جنهن جو مٿي ذڪر ڪري آيو آهيان. وري هتي ڏيڻ ورجاءُ ٿيندو. گولاڙچي ۾ اٺ مهينا نوڪري ڪري جيئن تيئن ڪري بدلي ڪرائي. گلاب لغاري جي پاسي ۾ ڳوٺ ماٺڪ لغاري ۾ اچي دخلڪار ٿيس. جتي جو هيڊ ماستر سائين عبدالڪريم لغاري هو. جيڪو انهي ڳوٺ جو رهاڪو هوندو هو. سائين شريف انسان، نيڪ نمازي، فائينل پاس، انهي سان گڏ اديب فاضل جا امتحان پڻ سائين جا پاس ڪيل هئا. اسڪول ۾ ڪنهن بہ قسم جي رعايت ڏيڻ جو لفظ هن جي لغت ۾ لکيل ڪونہ هوندو هو. مون کي جنهن استاد جي جاءِ تي موڪليو ويو هو اهو بہ لغاري هو. پر گوسڙو استاد هئڻ جي ڪري سائين عبدالڪريم ان کي برداشت نہ ڪندو هو. آفيس وارن کي ايترو لکي مجبور ڪيائين جو انهن کي ڪا خاص فضيلت واري ٻولي نہ ملي سگهي، جو منهنجي بدلي جي آرڊر تي لکيائون تہ ” منشي (ان زماني ۾ ماستر کي منشي چوندا هئا) نظام الدين لغاري کي منشيXXXX ڀڄي ويل جي جاءِ تي مقرر ڪجي ٿو. “ اهي انهي آرڊر جا لفظ هئا، جيڪي آفيس وارن منهنجي بدليءَ جي آرڊر تي لکيا هئا. جيئن تہ اسڪول ۾ ٻارن جو وڏو تعداد سرائڪي ڳالهائيندڙن جو هو باقي سيد، ڀيل ۽ مينگهواڙ ٻار هئا. اهي بہ لغارين جي ڳوٺ ۾ رهي ڪري سرائڪي ڳالهائيندا ۽ سمجهندا هئا. اسين ان زماني ۾ بہ استاد هڪڙي اسڪول ۾ هوندا هئاسين. جڏهن تہ اسڪول ۾ ٻارن جو تعداد تمام گهڻو هوندو هو. هڪ هيڊ ماستر ٻيو مون کان ڄمار ۾ وڏو تنهنڪري آئون سندس وڏو احترام ڪندو هوس. جيئن تہ آئون ڪلاس ۾ ٻارن سان سرائڪي

ٻڌائيندو هوس ته مون کي هڪ دفعي وارننگ ڏنائين ته اسڪول ۾ ٻارن سان صرف سنڌي ۾ ڳالهايو. ڇوڙ جو مقصد ته پراڻا استاد اسڪول ۾ ڪنهن به قسم جي ڪوتاهي برداشت نه ڪندا هئا. آئون گورنمينٽ پرائمري اسڪول ماڻڪ لغاري ۾ تقريبن 10 سال ڪن ماستر رهيس. منهنجي ٽوٽل سنڌ گورنمينٽ ۾ نوڪري رهي 11 سال، جنهن مان 10 سال هڪڙي ئي اسڪول ۾ گذاري ڇڏيا. جيئن ته ڳوٺ جو مالڪ رئيس حاجي نجم الدين خان سريوال هو ۽ سياسي طور وڏي اثر رسوخ رکندڙ ماڻهو هو. پر آئون پڪ سان چوان ٿو ته رئيس جي اسڪول جي معاملن ۾ مداخلت بلڪل نه هوندي هئي. وڏن ماڻهن جي اسڪول جي هئڻ جي ڪري هرو ڀرو آفيس وارا به اسان تي اجائي سجائي آڪڙ خاني ڪون ڪندا هئا. مون سان هڪ اهڙو ئي معاملو ٿيو هو جيڪڏهن آئون ڪنهن ٻئي اسڪول تي هجان ها ته جيل جي هوا کائي وڃان ها. پر انهي اسڪول ۾ هئڻ ڪري منهنجي جان بچي وئي. ٿيو ائين جو جنهن وقت اسان جا بدلين جا آرڊر ٿيا ته ان سان گڏ ڪافي ٻين بدلين جا آرڊر به ٿيا. انهي وچ ۾ ڪن ساڙ سڙين ٽپال رستي آفيس وارن کي درخواست موڪلي، جنهن تي تعليم واري صوبائي وزير جناب پيار علي الانا جا آرڊر ٿيل هئا ته " فلاڻي استاد جي بدلي فلاڻي اسڪول کان فلاڻي جاءِ تي ڪيو" آفيس وارن کي شڪ پيو ته هڪ پرائمري اسڪول جي ماستر جي بدلي لاءِ منسٽر ڪيئن لکندو. انهن اها درخواست تصديق جي لاءِ ڪراچي منسٽر آفيس ڏياري موڪلي. هنن انهي تي لکيو ته هي ڪوڙي درخواست آهي. تنهنڪري جاچ ڪري ڪيس پوليس کي موڪليو وڃي. ماتلي آفيس وارن اهي سيئي آرڊر لڳائي ڪيس پوليس کي ڏياري موڪليو. ڪيس سچو نهي جڙي،مون تي اچي بيٺو. جڏهن ته مون ان زماني ۾ اجان ڪراچي ڏٺي به نه هئي. بهرحال وڏن ماڻهن جي اسڪول ۾ هئڻ جي ڪري منهنجي جان بچي وئي. ائين جيئن آئون مٿي ذڪر ڪري آيو آهيان ته سائين عبدالڪريم ڪنهن به قسم جي رعايت ڏيڻ لاءِ تيار نه هوندو هو. اڌ ڪلاڪ ليٽ ٿي ته وضاحت، هڪ ڏينهن موڪل ته وضاحت، بغير ٻڌائڻ جي موڪل ڪرڻ تي وضاحت،ان وقت ته اهي ڳالهيون ڏاڍيون ڏکيون لڳنديون هيون، پر اها وقت جي پابندي، جيڪا سائين سيڪاري مون کي اسلام آباد ۾ ڏاڍو ڪم آئي. انهي جي ڪري ئي منهنجا آفيسر مون مان خوش هوندا هئا ۽ آئون ترقيءَ جون منزلون چڙهندو ويس. اتي پهتس جنهن جو مون ڪڏهن خواب ئي ڪون ڏٺو هو. ائين وقت گذرندو ويو. شاگرن جو تعداد وڌيڪ هئڻ جي ڪري آفيس وارن ٽيون استاد به اسان کي ڏنو. جنهن جو نالو هو الله بخش، اهو اسان جو ٽيون ساٿي هو. جنهن مون کان پوءِ اسڪول

جوائن ڪيو. ماستريءَ جي نوڪري ملڻ ڪان پوءِ مون روائتي سنڌي سستي جي ڪري پڙهڻ ڇڏي ڏنو هو. انهي وچ ۾ مون کي سائين الهه بخش لغاري مٿي پڙهڻ جو شوق ڏياريو. مئٽرڪ پاس ڪرڻ ڪان پوءِ ٽن سالن جو گيپ اچي چڪو هو. تنهنڪري فرسٽ ييئرءِ سيڪنڊ ييئر جا گڏي فارم ڀرڻ جو اهل هوس پر پئسا پورا ڪو نه هئا. شابس هجي سائين الهه بخش کي جنهن منهنجو فارم سچل سرمست آرٽ ڪاليج حيدرآباد ۾ ڀريو ۽ فارم جي في يعني پئسا ٻه پاڻ ڏنائين. مون کي هاڻي اهو به ياد ڪونهي ته مون اهي پئسا سائين کي واپس ڪيا هئا يا نه. ائين وري ڇئن سالن جي وٿيءَ ڪان پوءِ پڙهائيءَ جو سلسلو شروع ٿيو جيڪو اڃ ڏينهن تائين ختم ناهي ٿيو. ان سال اسان جو امتحاني سينٽر رکيو ويو هو سٽي ڪاليج حيدر آباد. ان زماني جو سنڌ ۾ پهرين جوڙ جو ملهه دادلو شيدي جيڪو ٽنڊي قيصر جو رهاڪو هو اسان ٻنهي امتحان گڏ ڏنو هو ۽ خير سان ٻئي پهرين دفعي امتحان ۾ فيل ٿي پيا هئاسين. پوءِ سومنات تي بار بار چڙهايون ٿيون، پوءِ وڃي پاس ٿياسين. حيدرآباد بورڊ وارن منهنجي انٽر جي سرٽيفڪيٽ تي لکي ڇڏيو ته هي همراهه انٽر ميڊيئٽ جي امتحان ۾ ڏکي تي پاس ٿيو آهي. ان زماني ۾ اسان جو اهو خيال هوندو هو ته مڙئي پاس ٿيڻو آهي. انهي جو اڳتي هلي نقصان اهو ٿيو جو منهنجي ٽن مهينن جي لاءِ واشنگٽن ڊي سي ۾ ٽريننگ ٿي نه سگهي. ڇو جو IMF وارن مون کي انهي ڪري مالي فنڊ ڏيڻ کان انڪار ڪيو جو آئون تعليم جي هڪ امتحان ۾ ڏکي پاس هوس. بس ائين آمريڪا ڏسڻ ڪان رهجي ويس. منهنجو هتي نوجوان دوستن کي عرض آهي ته رڳو پاس ٿيڻو ناهي پر فرسٽ ڪلاس ۾ پاس ٿيڻو آهي. ڇو جو هاڻي هتي فيڊرل گورنمينٽ ۾ مئٽرڪ کان وٺندي آخري ڊگري تائين سيڪنڊ ڪلاس واري کي ڪا به نوڪري نه ملندي. خبر نه آهي جو ڪٿان جو ڪٿان وڃي نڪتاسين. بس ماستري ۾ ائين وقت گذرندو ويو. تان جو PTC (پرائمري ٽيچرس ٽريننگ) جي ٽريننگ جا آرڊر اچي ويا. ڪن کي لاڙڪاڻي ته ڪن کي مٺياڻي، جنهن جو ٿورو ذڪر آئون اڳي ڪري آيو آهيان.

## منياٽيءَ جا ڏينهن

اهو مٿي ذڪر ڪري چڪو آهان تہ مون منياٽيءَ نقشي ۾ ڳولي لڌي هئي. تاريخ تہ ياد نہ آهي پر اهو 1976 ع جو زمانو هو، ٿهي جُڙي آئون ۽ مشڪور ڦلڪارو حيدرآباد جي ريلوي اسٽيشن واري علائقي وٽان صبح جو سکر واري بس ۾ سوار ٿي وڃي نوشهروفيروز لٿا هئاسين. اُتان منياٽيءَ ويا هئاسين وات تي نوشهروفيروز ۽ منياٽيءَ جي وچ ۾ ڪهڙا وڏا وڏا ڳوٺ آيا هئا، اهو مون کي هاڻي ياد ڪونهي. ايترو ياد اٿم ڪاليج جي هاسٽل اسان کان اڳ ئي ڀرجي وچڻ جي ڪري، اسان پهرين رات ڪاليج جي مسجد ۾ وڃي ستا هئاسين. ٻئي ڏينهن ڪاليج وارن اسان جو "ابجي" واري علائقي جي ڪنهن اسڪول ۾ رهائش جو بندو بست ڪيو هو. بدين ضلعي ۾ ٽيچرس ٽريننگ ڪاليج نہ هئڻ جي ڪري ان سال اسان مان ڪن کي منياٽي تہ ڪن کي لاڙڪاڻي ٽريننگ لاءِ موڪليو ويو هو. جيتريقدر ياد پوي ٿو تہ اسان 80 کن استاد هئاسين، جن منياٽيءَ ۾ 1976_77 ع ۾ استادن واري ٽريننگ ورتي هئي. ان زماني ۾ جن استادن اسان کي پڙهايو ان ۾ شامل هئا. مسٽر گل حسن تيوٽو مسٽر تاج محمد شاهہ مسٽر روشن علي پنهور، مسٽر غلام سرور ڳوراهو، مسٽر حاجي خان مشوري، مسٽر محمد عثمان سومرو، مسٽر مير محمد چانڊيو ۽ مسٽر محمد انور مستوئي، جنهن اسان کي ڊرائنگ جي امتحان جي تياري ڪرائي. جڏهن تہ پرنسيپال جون ذميواريون مسٽر عبدالرحيم چنا صاحب ادا ڪري رهيو هو. استاد تہ سڀئي سٺا هئا، ڪنهن جي ڪنهن سان پيٽ ڪرڻ سٺو نہ ٿو لڳي. پر داٽن ۾ هڪ موتي داٽو هو سائين گل حسن تيوٽو. جنهن ۾ هڪ باصلاحيت استاد جا سڀئي رنگ موجود هئا. خوش اخلاق، طبعيتن نرم، گفتگو جو هڪ مخصوص انداز هن استاد کي سڀني استادن کان ممتاز ڪري ڇڏيو هو. منياٽي جي استادن مان صرف اهو ئي استاد آهي، جنهن جو مون سان اسلام آباد تائين رابطو رهيو. هئا تہ سڀئي لائق ۽ سهڪاري استاد پر تيوٽي صاحب جو هڪ الڳ مقام هو. ان زماني ۾ ٽيچرس ٽريننگ ڪاليج منياٽي طرفان سال ۾ هڪ دفعو مئگزين نڪرندو هو. غالبن سائين تيوٽي صاحب انهي متعلق ڪا ڳالهہ ڪئي آهي، انهي خط ۾ منهنجي طرفان ڪجهہ ڪاغذن موڪلڻ تي پڻ شڪريو ادا ڪيو آهي، مون کي ياد نہ آهي تہ اهي ڪاغذ ڇا بابت هئا. جيڪي مون سائين جن کي موڪليا هئا. سندس لکيل خط جيئن جو تيئن هيٺ ڏجي ٿو.

Gul Hassan Tiwano
M. A (Eco), M. Ed, LLB H. S. T Grade_16, Govt. Teachers Training
.School, MITHANI

10/1/78

پيارا ياءُ
اسلام عليڪم

1. اميد تہ جملي متعلقين سميت بلڪل خوشباش هوندا.
2. توهان جو 31/12 وارو خط وصول ٿيو ۽ اجهو جوابن عرض.
3. 31/1 تي مئگزين ملي رهيو آهي ۽ اسان متعلقين ڏانهن ايڊريسن پٺاندڙ موڪليندا سين. توهان جي راءِ ڪي آئون خيال ۾ رکان ٿو ۽ انشاالله حسب خواهش شامل ڪندس. بهرحال ڪوتاهيءَ جي صورت ۾ عفو و درگذر کان ڪم وٺندا. انفرادي طور اميد تہ توهان ڪي 25/2 ڏارا وصول ٿي ويندا (انشاالله)
4. ادا جيئن ۽ جنهن حال ۾ توهان اسان ڪي 1976ع ۾ ڏسي ۽ 1977ع ۾ ڇڏي ويا آهيو 1978ع دوران پڻ انهيءَ طور ۽ طريقن سان "تخريبي قوتن" سان طبع آزما آهيون. متوقع نتائج بہ محسوس پيا ٿين پر "مايوسي" ڪفر جي مترادف سمجهي سلسلي ڪي منقطع نہ ڪيو آهي. شال، الله تعاليٰ توهان ڪي ڪامياب ڪري ۽ اسان ڪي پڻ.
5. باقي سڀ خير جي قابل
6. ٻي ڪا ڪار خدمت
7. توهان جو پيپرن مهيا ڪرڻ وارو احسان ياد آهي
8. منهنجون دعائون ۽ نيڪ خواهشون توهان جي جملي سڄڻن ڪي
9.

دعاگو
گ_ح_ت
(گل حسن تيوٽو)

منياٽين ۾ جڏهن آئون ويو هوس تہ منهنجي رنگين ۽ مست جواني هوندي هئي. منهنجي ان وقت ڄمار مشڪل سان 20 سال کن هوندي. انهي شهر ۾ گذاريل هڪ سال منهنجن بهترين ۽ اڻ متنجندڙيادن تي مشتمل آهي. انهي جي وسيلي مون کي راشد مورائي جهڙا عظيم انسان مليا، جن منهنجي زندگيءَ ۾ نئون موڙ آڻي ڇڏيو. جيئن مٿي اهڙو ذڪر اچي چڪو آهي تہ اسان 80 جي لڳ ڀڳ استاد هئاسين، جن ۾ سيني کان ننڍي ڄمار منهنجي هوندي

هئي. اجان ڏاڙهي مڇ خير ڪو آئي هئي. هتان ڳوٺ ڇڏڻ کان اڳئي ماڻهن مون کي پري تيار ڪري ڇڏيو هو تہ ”خيال ڪجانءِ اتر جا ماڻهو ڏاڍا ڏنگا اٿئي“. پر ان جي ابتڙ هتي جا ماڻهو جهڙوڪ مستوئي، سهتا، چانڊيا، ملڪ، مشوري، شيخ ۽ سولنگي مون کي ڏاڍا پيلا لڳا. لک ٿورا الهہ ورائي سهتي جا جنهن دوستيءَ جو پورو پورو حق نڀايو جنهن جي دوستيءَ جي ڪري منياٽيءَ ۾ پنهنجائپ جو احساس پيدا ٿيو. ائين لڳو تہ آئون پنهنجي ئي ڪنهن ڳوٺ ۾ پيو گهمان ڦران. الهورايو سهتو دلبر ماڻهو هو الله ڪيس وڏي ڄمار ڏي هاڻي هو تبليغي ٿي ويو آهي. خير انهي نظريي سان تہ منهنجا هن سان لک اختلاف ٿي سگهن ٿا پر سندس اخلاق، سچائي، يارن جو يار، هن جهڙو مون نہ ڏٺو. هن جي محبت ۽ ساٿ جي ڪري، آئون منياٽي مان پنهنجي ٽريننگ پوري ڪري سگهيس. الهورايو سهتو ان زماني ۾ منياٽي هاءِ اسڪول ۾ مئٽرڪ ۾ پڙهندو هو ۽ شام جو ڪئبن ٽائپ ڪتابن جي دڪان تي اچي ويهندو هو. جيڪو ڏينهن جو سندس والد صاحب هلائيندو هو. الهورايو جيئن اسڪول مان دڪان تي ايندو هو تہ آئون بہ ڪاليج ختم ڪري هن جي دڪان تي پهچي ويندو هوس. هفتي ۾ هڪ دفعو هن جي گهران منهنجي لاءِ خاص ماني بہ نهي ايندي هئي. هن دوست جون مانيون ۽ منياٽي جي ڪنڊر ٽيل پراڻي بازار ياد ٿي پوي تہ دل چوي ٿي تہ اسلام آباد ڇڏي منياٽي هليو وڃجي. پر وقت جي وير هاڻي لهي چڪي آهي، انهي جو وري چڙهڻ ممڪن ڪونهي. منياٽي ڇڏڻ کان پوءِ ڪجهہ وقت لاءِ هن سان خطن جو سلسلو جاري رهيو پر اهو گهڻو وقت جتاءُ نہ ڪري سگهيو. الهورايي سهتي جي دڪان جي سامهون هڪ ريزڪي دڪان هوندو هو. جنهن تي غلام مصطفيٰ چانڊيو نالي نوجوان ويهندو هو. انهي سان رڳو پري پري کان دعا سلام رهي. ڪنهن بہ قسم جي ويجهڙائپ ٿي نہ سگهي. شايد هو بہ بروچ ۽ آئون بہ بروچ تنهنڪري ٻئي نيگيٽو پوائنٽس، پاڻ ۾ ملڻ ممڪن ڪو نہ هو. سائنس جا اصول بہ ڪجهہ اهو ٿا ٻڌائين. پيارا ڀاءُ غلام مصطفيٰ معاف ڪجان آئون توهان جي باري ۾ ڪجهہ زياده ئي لکي ويو آهيان. استادن جن مون سان گڏ ٽريننگ ڪئي، انهي ۾ شامل هئا. مشڪور قلڪارو، عبدالرسول چانگ، محمود بوهڙ، محمد رفيق ڪوسو، محمد حنيف چانديو، محمد اسلم چانڊيو، غلام علي سومرو وغيره وغيره. انهي سڀني ۾ دلچسپ شخصيت جو مالڪ هوندو هو محمود بوهڙ. هي جيڪڏهن ڪنهن استاد جي صحيح ٽيل ڏسندو هو تہ انهيءَ جو نقل اهڙو ڪندو هو جو مالڪ پاڻ بہ نہ سڃاڻندو هو ۽ ٻئنڪ وارا بہ چيڪ کي چئليج ڪونہ ڪري سگهندا هئا. ان زماني ۾ هر هڪ استاد کي ڪجهہ پريڪٽيڪل ليسن هلائڻا پوندا هئا. هر

ليسن جي پنيان واسطيدار استاد جي صحيح سان گڏ نوٽ هوندو هو جيڪي اسان اڏ هلايا ۽ اڏ محمود ڪان نوٽ ۽ صحيح هٽائي جمع ڪرائي ڇڏيا. اهو تہ اسان جي مٿين استادن جو ظرف هويا هو پنهنجي صحيح نہ سڃاڻي سگهيا يا وري انهن انهي غلط ڪم تي ڪنهن بہ قسم جو ڪو ردعمل ظاهر نہ ڪيو. منياڻي ٽيچرس ٽريننگ ڪاليج ۾ جيڪا خاص مشهور ڳالهہ هوندي هئي. اهو هو ڪاليج جو Demonstrating Hall جنهن کي ننڍين لفظن ۾ ڊي هال چيو ويندو هو. ان هال ۾ ڪنهن زماني ۾ سکيا وٺندڙ استاد ليسن وغيره هلائيندا هئا يا ڪا راڳ رنگ جي محفل منعقد ٿيندي هوندي. پر اسان جي زماني ۾ ان جي حالت اهڙي ڪا نہ هئي، جو ان ۾ ڪا ڍنگ جي محفل مچائي سگهجي. منياڻي ڪاليج جا استاد ڳالهہ ڪندا هئا تہ هڪ دفعي لاڙڪاڻي پاسي جا شاگرد ٽريننگ لاءِ آيا. ان وقت ڊي هال ۾ فنڪشن ٿيندا هئا. جڏهن تہ ڊي هال جي پنهنجي هڪ دهشت بہ هوندي هئي. هڪ شاگرد پنهنجن مائٽن کي خط لکيو تہ ” مون کي فلاڻي تاريخ تي ڊي هال لڳو آهي. ” مائٽن کي ڪهڙي خبر تہ ڊي هال ڇا ٿيندو آهي. سو هو روئيندا پٽيندا ڳوٺان نڪتا تہ اسان جي ٻچي کي ڪٿي ڊي هال لڳو آهي. مطلب تہ همراهہ ڪو زخمي تي پيو آهي. مون کي منياڻي جو ڊي هال وري تڏهن ياد آيو، جڏهن وري Senior Management Course جي لاءِ لاهور ويو هوس. جتي پهرين دفعي منهنجون بہ وڏي پيماني تي ٽنگون رقيون هيون. باقي رڳو ڪرڻ ڪان بچي ويو هوس. انهي لاهور واري هال جو نالو بہ ڊي هال هو. دل ۾ آيو تہ جيڪڏهن منياڻي ۾ اها ٽريننگ ٿي وڃي ها تہ هتي لاهور ۾ اهڙا ڏينهن ڏسڻا نہ پون ها.

شهر جي ماڻهن سان گهڻي عليڪ سليڪ ڪا نہ هوندي هئي. سواءِ چند ماڻهن سان دعا سلام ۽ هٿ جوڙ رهي، ٿي سگهي ٿو تہ گهڻو عرصو گذري وڃڻ جي ڪري آئون انهن کي ياد نہ هجان پر مون کي سندن چِٽا عڪس اڄ بہ ذهن جي هارڊ ويئر ۾ محفوظ آهن. اڪثر ڪري ڪاليج جي دوستن سان گڏ اٿڻ ويهڻ پيو ٿيندو هو. ان ڪان سواءِ ڳوٺ “ابجي” جي غلام مصطفيٰ سولنگي سان قرب واريون ڪچهريون الڳ ٿلڳ نوبڪلائي ۾ پيون ٿينديون هيون. هو انهي زماني ۾ جيتريقدر مون کي ياد پوي ٿو تہ منياڻي هاءِ اسڪول ۾ نائين ڪلاس ۾ پڙهندو هو. انهي دوست سان گڏ بہ ڪنداٿتو ڪنهن هوٽل جي ڪنڊ ۾ ويهي ڪنهن ڪير پتي چانهہ جي ڪپ تي قرب ڪچهريون اڄ بہ ذهن جي ڪنهن ميموري جي خاني ۾ سندس ياد کي تازو ڪنديون رهن ٿيون. هن قرب ڏيڻ ۽ قرب وٺڻ واري انسان سان وري ملاقات نہ ٿي آهي ۽ شايد اهڙي ملاقات وري نہ ٿئي. پر سندس اترادي لهجي ۾ ڪلڻ ۽ ڳالهائڻ مون کي اڄ ڏينهن تائين

نہ وسريو آهي. هاڻي تازو ڪاشف شيخ صاحب جي مهربانين سان الهورايو سهتي سان وري ناتا ۽ رشتا بحال ٿيا آهن. جنهن انتهائي درد ڀري خبر ٻڌائي تہ غلام مصطفيٰ سولنگي هاڻي هن دنيا ۾ نہ رهيو آهي. اهو ٻڌي منهنجي پيرن هيٺان زمين نڪري وئي. مون تہ غلام مصطفيٰ جي جواني ڏٺي ئي ڪا نہ هئي. ڪڏهن ڪڏهن تہ هو اسڪول مان ڪتاب ڪڇ ۾ ڪنيو سڌو مون وٽ هاسٽل هليو ايندو هو. پوءِ اسان ڪچهري ۾ اهڙا محو ٿي ويندا هئاسين جو وقت جي اسان کي خبر ئي نہ پوندي هئي. حقيقت ۾ ان وقت اسان اڃان ٻار هئاسين عشق ۽ مشڪ جي اسان کي ڪا بہ خبر ڪا نہ هوندي هئي، تنهنڪري اهڙي موضوع تي اسان ڪڏهن بہ نہ ڳالهائيندا هئاسين. آئون ڪيئن مڃان تہ هن جي ساهہ جو پکيئڙو پرواز ڪري ويو ۽ وري پنهنجن آکيرن تي نہ موٽندو. ڪاش هُن جي ڏوراهين ڏيهہ وڃڻ کان پهرين منهنجي هُن سان هڪ ملاقات ٿي وڃي ها تہ اسان ننڍي هوندي وارين ڳالهين کي وري ياد ڪيون ها. پر وقت ۽ حالتن اسان کي اها اجازت نہ ڏني. منياٽيءَ جي جن ٻين دوستن سان دعا سلام رهي، انهن ۾ مستوئن جا ڇوڪرا شامل هوندا هئا، جن جا نالا هاڻي ياد نہ آهن. مون هي ڪجهہ لکڻ کان پهريان ڪوشش ڪئي تہ ڪن دوستن جو حال احوال ملي سگهي پر انهي ۾ مون کي ڪاميابي نصيب نہ ٿي. ها البت مشتاق مستوئي سان آسلام آباد ۾ هڪ بہ ملاقاتون ضرور ٿيون هيون. اسلام اباد ۾ منياٽين جو محمد صادق ملڪ، جيڪو اسلام آباد پوليس ۾ آهي، انهي سان منياٽيءَ بابت ڪافي ڪچهريون ٿيون آهن. تمام ڀلو ماڻهو آهي، مون سان وڏي اخلاق ۽ ادب سان پيش اچي ٿو.

جنهن بلڊنگ ۾ اسان پڙهياسين اها منياٽي ڪاليج جي پراڻي بلڊنگ هئي. ڪاليج بلڊنگ جي اڳيان هڪ بهترين قسم جو باغيچو هوندو هو. انهي نون نڪور گُلن ۽ مکڙين جي سار سنڀار چاچي رسول بخش سهتي جي ذمي هوندي هئي، جيڪو ڪاليج جو مالهي هوندو هو. انهي باغيچي جي لاءِ پاڻيءَ جو بندوبست هڪ نار جي ذريعي کوهہ مان ڏاند ٻڌي ڪيو ويندو هو. انهي باغ جي وچ ۾ هڪ وڏو بليڪ بورڊ لڳل هوندو هو جنهن تي سائين حاجي خان مشوري هر روز صبح جو ڪنهن سنڌي اخبار جون خاص خاص سرخيون چاڪ سان اچي لکندو هو. هڪ اڌ خبر لاڙ پاسي جي بہ لکي ڇڏيندو هو جيڪا اسان جي دلچسپي جو سبب بڻجندي هئي. خاص ڪري هر ماڻهو پيو موڪل واري خبر ڳوليندو هو. هاسٽل، ڪاليج جي پنيان هوندي هئي پر اسان پي سي اسڪول ۾ رهندا هئاسين، جتي هينئر نئين بلڊنگ ٺهيل آهي اتي وڏو خالي ميدان پيل هوندو هو. جنهن تي اسان شام جو والي بال راند ڪندا

هئاسين. ڪاليج جي اڳيان روڊ هوندو هو. جيڪو پي سي اسڪول ۽ پوليس ٿاڻي جي اڳيان ٿيندو، هيلٿ سينٽر جي ديوار سان پاسو ملائيندو، نوشهرو فيروز ڏانهن نڪري ويندو هو. ڪاليج جي ديوار جي پاسي ۾ چنا صاحب (هاڻي نالو ياد ڪونهي) جي چانهه جي هوٽل هوندي هئي. جنهن تي اڪثر اسان ٽريننگ اسڪول جا استاد اچي وهندا هئاسين. پر ائين به ڪونه هو. هن سدا بهار ۽ هر وقت رونق سان ڀرپور سياحتي ماڳ تي منياٽيءَ شهر جا ماڻهو به شام جو انهي هوٽل تي اچي ڳاهٽ ٿيندا هئا. چوجو ٻاهر روڊ تي اها هڪڙي ئي هوٽل هوندي هئي هر ڪو پنهنجي وت ۽ وس آهر پيو دل پشوري ڪندو هو. ڪن مقامي ماڻهن جون اسان جي استادن سان دوستيون ياريون ٿي ويون هيون، انهن جي ملاقات جي جڳهه به اهائي هوندي هئي. مٿان اُتر سنڌ جي گرمي ماڻهن کي ڪنهن کليل پُر فضا مقام تي ويهڻ جي لاءِ مجبور ڪندي هئي. ان زماني ۾ پبلڪ ٽرانسپورٽ جو به ڪو خاص بندوبست ڪو نه هوندو هو. هڪ اڌ بس مورو، وايا نوان جتوئي، منياٽيءَ پهچندي هئي، باقي نوشهروفيروز کان منياٽي تائين سوزڪيون هلنديون هيون. مون کي جيترقدر ياد پوي ٿو ته SRTC جي هڪ بس به رات جو منياٽيءَ ۾ نائٽ ڪري صبح جو سوير حيدر آباد لاءِ رواني ٿيندي هئي. سو هر آئي وئي تي نظر به انهي هوٽل تان رکبي هئي. ظاهر آهي ته هر ماڻهو جو پنهنجو پنهنجو ذوق ۽ شوق هوندو آهي. خلقڻهار هن کوپڙي ۾ خبر نه آهي ته ڇا ڇا ڀري ڇڏيو آهي. ڪي خالي ڏسڻ جا شوقين ته ڪي وري کائڻ ۽ پيئڻ جا شوقين، اسان ته هوندا هئاسين صوفي ماڻهو بس چانهه جي ڪوپ تي موج ٿي ويندي هئي. هوٽل جي اندر ڪنڌائتو ڪمرو پڻ هوندو هو. جنهن ۾ ڪڏهن ڪڏهن سُلفي سُوٽو به پيو ٿيندو هو ته ڪڏهن وري سنڌي ٿاڌل جا جام به پيا پربا هئا. هڪ شام مون کي به هنن چاڙها ڏيئي هڪ گلاس پياري ڇڏيو. آئون صوفي ماڻهو ڪڏهن سگريٽ ڇپن تي نه رکيو هجي تنهن کي جيڪڏهن ڀنگ جو گلاس پيئارجي ته ڳالهه ڪٿي وڃي بيهندي. اهو شام جو وقت هو. ڇُڪو چاڙهي ۽ والي بال جي راند جي ميدان تي اچي ٻيٺس. هڪ بال مان مون کي ٻه، ٽي بال پيا نظر اچن. حالت غير ٿي ڪن گهٽگُهرن تاڙي ورتو ته هن سان ڪو معاملو ٿيو آهي. مون کي ايترو هوش هو جو مون انهن دوستن کي چيو ته مون کي ڀنگ پياري وئي آهي. هاڻي مون کي ياد ڪونهي ته اهو ڪير دوست هو. جنهن مون کي زور سان ڳلن تي هڪ ٻه چماٽون وهائي ڪيون هيون ته مون کي لڳو ته 80 سيڪڙو نشو لهي ويو آهي. انهن لپاٽن جا نشان منهنجن ڳاڙهن ڳٽول ڳلن تي ڪافي ڏينهن نمايان رهيا، جن تي ڪنهن به قسم جي پورن وارن جي ريکا به اجان ظاهر ڪا نه ٿي هئي.

اسان جنهن پي سي اسڪول ۾ رهندا هئاسين، انهي جي پاسي ۾ پوليس ٿاڻو هوندو هو، عين انهي جي سامهون باغ هوندو هو انهي ۾ ليمن جا وڻ بہ هوندا هئا. اتان ليمان پٽي مون کي اچي ڪاريائون تہ منهنجا نشا لهي ويا. انهي ۾ جن دوستن منهنجي درد کي پنهنجو درد سمجهو اهي هئا، رفيق ڪوسو، مشڪور ڦلڪارو ۽ "ابجي" جو دوست غلام مصطفيٰ سولنگي. جيڪو اسان سان والي بال راند گڏ کيڏندو هو. مون کي لڳو تہ غلام مصطفيٰ سڄي رات ننڊ ڪا نہ ڪئي هئي. ڇو جو صبح جو سوير مون کان پڇڻ آيو تہ "توهان جي طبعيت ڪيئن آهي. " هن جي نشيلن نيڻن ۾ مون کي پيار جي پالوت نظر آئي هئي. جڏهن تہ هو ڄمار ۾ مون کان ننڍو هو. اجان نائين ڪلاس ۾ پڙهندو هو. مطلب تہ رات جو دير تائين چنني جي هوٽل تي ۽ جلال چانڊيي جي ڪيسٽ تي لاڙ ۽ اتر جي ماڻهن جو ميلو متو پيو هوندو هو. ذات شوقين ڪنهن نہ ڪنهن حيلي بهاني چنا صاحب جي هوٽل جي حاضري پئي پربي هئي. اسان جا ڪجهہ استاد پتڪن جا بہ شوقين هئا. شام جو ڊبل گهوڙو بوسڪي مٿي تي ٻن ٽُرن سان ٻَڌل ڪو ٻڌي استاد جنهن مهل منياٽيءَ جي روڊ تي نڪرندا هئا. واهہ سائين واهہ، لئي لڳي ويندي هئي. اهو پتڪن جو رواج تڏهن ختم ٿيو جڏهن هاسٽل مان اسان جي هڪ استاد جو پٽڪو چوري ٿي ويو. انهي پٽڪي جو چرچو نہ رڳو هاسٽل تائين رهيو. پر انهي جون وڙولون شهر تائين وڃي پهتيون. ڏڙڪا دهمان ٿيا، منٿون ميڙون ٿيون، راڄن پاڳن تي بار وڌا ويا، پر اڄ 40 سال گذري وڃڻ کان پوءِ بہ پٽڪي جو ڪو پيرو ۽ کُرُ نہ لڳو آهي.

مون پنهنجي زندگيءَ ۾ ڪڏهن بہ ڪڇو ڪو نہ ڏٺو هو. منياٽيءَ ۾ اچڻ کان پوءِ خبر پئي تہ ڪڇي جو علائقو هتان بلڪل ويجهو آهي. شهر ۾ منهنجا بہ دوست هوندا هئا (اجان بہ آهن) هڪ الهہ ورايو سهتو ٻيو غلام مصطفيٰ سولنگي.(مرحوم) باقي اسان سڀ ترينني استاد هئاسين، جنهن ۾ مشڪور ۽ آئون ستين ڪلاس کان وٺي گڏ پڙهيا هئاسين ۽ رفيق ڪوسو سو بہ اسان جو ساٿي هو. مون اچي هنن کي تنگ ڪرڻ شروع ڪيو تہ مون کي ڪڇو گهمايو. ان زماني ۾ جمعي تي هفتيوار موڪل ٿيندي هئي. سو اهو ڏينهن ڪپڙا ڌوئڻ ۽ نماز پڙهڻ ۾ پورو. سو منهنجو شوق پورو ئي نہ ٿئي. نيٺ هڪ ڏينهن شهر ۾ پڙهو گهمايو ويو تہ فلاڻي ڏينهن بڇاءَ بند تي ڏاندن (ڍڳن) جي ڊوڙ جو مقابلو (گوءِ) ٿيندو. منهنجو شوق ويتر وڌي ويو تہ ميل بہ ڏسبو ۽ ڪڇو بہ گهمبو. خير سائين مقرر ڏينهن تي بڇاءَ بند تي خلق ئي خلق، وڏي رش ماڻهن جي لڳي وئي. جيڏانهن ڪر نگاهہ ماڻهوئي ماڻهو. مون کي تعجب تڏهن ٿيو جڏهن ڏاندن کي سينگاري سنواري مقابلي جي لاءِ بيل گاڏين ۾ ٻڌائون.

جڏهن ته اسان وٽ لاڙ سنڌ ۾ ڍڳن (ڏاندن) کي هرن ۾ ٻڌي پوءِ مقابلو ڪيو ويندو آهي. هڪ هنڌ انبوهه ماڻهن جا نظر آيا، پتو لڳو ته تر جي وڏيري جي ڏاندن جي جوڙي مقابلي لاءِ ميدان ۾ لهي ويئي آهي. وڏيري وانگر ڏاند ب مون کي ٿلها ٿمنبرا ۽ متارا مواڙ نظر آيا. هر ماڻهو جو اهو رايو هو ته وڏيري جا ڏاند ميدان ماري ويندا. مقابلو شروع ٿيو ڏاندن ڊوڙڻ شروع ڪيو. خلق سڄي ڏاندن جي پنيان، ڪارون (مون کي جيتريقدر ياد پوي ٿو ته ڪارون ڪي ايتريون گهٽيون ڪو نه هيون) موٽر سائيڪل، سائيڪل، پيادل، مطلب ته هر ماڻهو جو رخ اوڏانهن، رزلٽ آئي، پتو لڳو ته وڏيري جا ڏاند هارائي ويا. هڪ غريب هاري جا ڏاند کٽي ويا. انعام اڪرام ٿيا، ناچ گانا، هر ماڻهو پيو غريب هاري کي مبارڪون ڏي. برمبازارون لڳي ويون. هاڻي چِميگويون شروع ٿي ويون ته اهو معجزو ڪيئن ٿيو. وڏيري جا ڏاند ڪيئن هارائي ويا. پتو لڳو ته ڪڇي ۾ ڪو بزرگ آهي، جنهن جو نالو پير علي گوهر شاهه آهي. ان انهن ڏاندن کي دعا ڪئي هئي، اهي ئي ڏاند مقابلو کٽي ويا آهن ۽ اهو بزرگ ان وقت اڃان حال حيات هو. مون کي هاڻي اها ڳالهه سمجهه ۾ آئي آهي ته ان وقت جي پيرن جو ڪو اصول هوندو هو. هر اليڪشني وڏيري کي دعا ڪو نه ڪندا هئا. هاڻي ته نه اهي پير رهيا آهن نه وري اهي وڏيرا. ناٽو سيني جي مٿان حاوي ٿي ويو آهي. ناٽي وڏيرن ۽ پيرن جا شوق ۽ شغل ئي ڦيري ڇڏيا آهن. هن موضوع تي جيڪڏهن ريسرچ ڪجي ته گهڻو ڪجهه لکي سگهجي ٿو. پر جيئن ته اهو سڀ ڪجهه منهنجي هن ڪتاب کي دائري ۾ نه ٿو اچي. آئون وري اڃان ٿو مٿياڻي جي ڪڇي ۾ پير علي گوهر شاهه تي. هاڻي شوق اچي جاڳيو ته پير صاحب سان ملاقات ڪجي. تنهنڪري هڪ ڏينهن مشڪور قلڪارو، آئون ۽ ٽيون شخص هڪ اسان جو ساٿي استاد هو پر مُلو هو. اسان ٽيئي ڪڇي ۾ لهي پياسين. هاڻي مون کي ياد ڪونهي ته اسان ڪيترو پنڌ ڪيو هو. پر ايترو ياد آهي ته اسان ٻيڙي ۾ ب چڙهيا هئاسين. پير صاحب اسان سان وڏي حب ۽ اُڪير سان مليا، هي مون کي روائتي پير نظر ڪو نه آيو. پير صاحب سان ڏاڍي سٺي ڪچهري ٿي. انهي سڄي گفتگو جا مشڪور نوٽس پڻ ورتا پي. مون کي صرف ايترو ياد آهي ته پير صاحب جي گفتگو جو محور روحانيت ۽ سياست هو. هُن ان متعلق ڇا ڳالهايو اهو مون کي بلڪل ياد ڪونهي. ها البت مشڪور چواڻي ته پير صاحب اسان ٻنهي (مشڪور قلڪارو ۽ نظام لغاري) ڏانهن اشارو ڪري چيائين ته توهان سنهڙي سائين سان وڃي ملو. باقي ٽئين اسان جي ساٿي ڏانهن ڪو خاص توجهه نه ڏنائين. پير صاحب جا چيل اهي لفظ مون کي بلڪل ياد ڪو نه آهن. اهي مون مشڪور جي حوالي سان هتي لکيا آهن، ڇو

جو هُن نوٽس ورتا پئي. بقول مشڪور جي، اهو اسان کي سائين جي ايم سيد سان ملاقات ڏانهن اشارو هو. پر آئون انهي ڳالهه تي ڪا به پنهنجي راءِ نه ڏيندس، ڇو جو مون کي اهو ياد ئي ڪونهي ته ڪو پير صاحب اهي لفظ چيا به هئا. ها البت سائين جي ايم سيد سان اسان ٻنهي جي گڏ ملاقات ٿي هئي. انهي مُلاقات جا خمار اجان تائين نيڻن مان لهي نه سگهيا آهن.

منياٽيءَ ۾ ٻيو جيڪو شخص هو ظاهري طرح ته مولوي هو پر روائتي مولوي ڪو نه هوندو هو. هو هڪ سنڌ جو وڏو شاعر هو سندس نالو مولوي قادربخش پرت هو. جڏهن ته سندس تخلص "محزون" هوندو هوس. پاڻ تمام سنو شاعر هوندو هو. آئون ۽ مشڪور وٽس اڪثر پيا ويندا هئاسين. سندس مدرسو منياٽي جي بازار جتي ختم ٿيندي هئي اتي هوندو هو. جهڙو دماغ جو ڪليل هوندو هو. اهڙي دل به ڪشادي هوندي هئس. جڏهن به محزون صاحب وٽ ڪچهري تي ويندا هئاسين ته شاعري ٻڌائڻ ۽ سنڌي ادب تي گفتگو اسان جو موضوع هوندو هو. هن شخص سان پڻ اسان جون ڪوڙ ساريون ڪچهريون رهيون. پاڻ ديوبندي طبعيت جا مالڪ هئا. مذهب ۾ هميشه اعتدال پسند نظر آيا، انتها پسندي ڪيس پسند نه هوندي هئي. منياٽي ڇڏڻ کان پوءِ ساڻس ملاقات نصيب نه ٿي آهي.

ڪڏهن ڪڏهن ڪنگهه ڪڙڪو يا دُشمنن جي طبعيت خراب ٿيندي هئي ته رخ ڪبو هو سرڪاري اسپتال ڏانهن. اسپتال ته تيار ٿي وئي هئي. البت اجان ڊاڪٽر وغيره مقرر ڪو نه ٿيا هئا. منياٽي هيلٿ سينٽر ۾ هڪ ماڻهو هو قمر الدين سهتو خبر نه آهي ته ڊاڪٽر هو يا ڪمپائونڊر، الله وڏي ڄمار ڏيس ڏاڍو پلو ماڻهو هوندو هو. با اخلاق باڪردار، مون جڏهن به ڏٺو ته ڪپڙن لٽن ۾ تيار، ڳالهائڻ ۾ فهميدو، مون کي هميشه ٻڪ گورين جو پري ڏيندو هو. ساڻس ڪنهن قسم جي دوستي ياري قائم نه ٿي سگهي. هو خبر نه آهي ته ڪهڙن چڪرن ۾ هوندو هو، سو اتي اسان کي لفٽ ڪا نه ملي. باقي ايترو ضرور چوندس قمرالدين سهتو فضيلت ڀريو انسان هو. يقينن آئون هن کي ياد نه هوندس، پر سندس خوبصورت اخلاق ۽ سهڻي سياءَ جا ڏنڊلا عڪس اڄ به ذهن جي ڪنهن ڪنڊ پاسي ۾ سندس ياد ڏياريندا رهن ٿا.

هي قصو انهي وقت جو آهي جڏهن نه آئون منياٽي ۾ هوس نه وري ماستر، تقريبن سنڌ ڇڏي چڪو هوس. ها باقي اسلام آباد مان هر ٻئي ٽئي مهيني ڳوٺ اچڻ وڃڻ پيو ٿيندو هو. هڪ ڏينهن ڪنهن ڪم سانگي حيدرآباد کان ڪراچي وڃڻ جو پروگرام ٿي ويو. ان زماني ۾ اجان سپر هاءِ وي تي ايئر ڪنڊيشنڊ بس سروس شروع نه ٿي هئي. ڪراچي جي لاءِ بدين بس

اسٽينڊ تان بس ۾ سوار ٿيو هو. اها بس سڄو شهر گهمائي ڦيرائي ڏيڍ ڪلاڪ کان پوءِ وڃي حيدرآباد شهر کي ڇڏيندي هئي. ائين بس ۾ ڪراچي وڃڻ لاءِ ويٺو هوس ته ڪنهن پوئين سيٽ تان ٻارن وانگر اکين تي ڪٽي هٿ رکيو. حيران پريشان ٿي ويس ته هي ڪير ماڻهو ٿي سگهي ٿو جنهن اهڙي حجت ڪئي آهي. پاڻ ڳالهايائين پر آئون سندس آواز سڃاڻي نه سگهيس. نيٺ تعارف ڪرائيندي چيائين ته "آئون آصف منياڻوي آهيان، توهان نظام لغاري آهيو" منياڻي جو نالو ٻڌي منهنجا ڪن ڪڙا ٿي ويا هئا. آئون پنهنجي بس جي سيٽ ڇڏي اچي هن سان گڏ ويهي رهيو هوس. مون هن کان پڇو ته " توهان مون کي ڪيئن سڃاتو آهي" هن جواب ڏنو هو ته " منياڻي ۾ جنهن اسڪول ۾ توهان رهندا هئا، (پي سي اسڪول) آئون انهيءَ اسڪول ۾ پنجين درجي ۾ پڙهندو هوس. وري جڏهن توهان اسان جي اسڪول ۾ ليسن هلائڻ ايندا هئا ته آئون توهان کي ڏسندو رهندو هوس. اجان اڳتي جڏهن مون شاعري شروع ڪئي ۽ راشد مورائي سان ڏيٺ ويٺ ٿي ته سائين راشد هر ڪچهري ۾ اوهان جوئي ذڪر ڪندو هو. ته آئون دل ئي دل ۾ چوندو هوس ته نظام ته منهنجو ب دوست آهي. هينئر جڏهن توهان بس ۾ چڙهيا ته مون توهان کي سڃاڻڻ ۾ ڪا ب غلطي نه ڪئي. " هن اهو سڀ ڪجهه وڏي پيار، پاٻوهه ۽ محبت مان مون کي ٻڌايو هو. پوءِ اسان دلين جا دفتر کولي ڇڏيا ۽ ڪچهرين جا ڪوٺ اڏي ڇڏيا. اسان ڪچهري ب ڪندا وياسين ۽ رکي رکي هي مون کي پنهنجي شاعري ب ٻڌائيندو رهيو. بعد ۾ آئون مختلف رسالن ۽ اخبارن ۾ هن جي شاعري پڙهندو رهيس. آصف منياڻوي شاعر هئڻ سان گڏ پلوڙ ماڻهو ب هوندو هو. اسان انهي ٽن ڪلاڪن جي ڪچهري ۾ سنڌي ادب تي چڱو خاصو ڳالهايو هو. پر بدقسمتي سان ان کان پوءِ اسان جو ڪنهن ب قسم جو پاڻ ۾ رابطو ٿي نه سگهيو. بس ائين هڪ ڏينهن خبر آئي ته آصف جو پکيئڙو پرواز ڪري ويو. اها خبر ٻڌي منهنجا ڇيهه ڇڄي پيا هئا. مون کي اها ٽن ڪلاڪن جي بس واري ملاقات ياد آئي هئي، جنهن ۾ اسان يادن جا ڏيئا روشن ڪيا هئا. ڇوجو آصف جي اجان وڃڻ جي ويل ڪا نه هئي. ائين اسان جو هي دلبر دوست ۽ سنڌ جو بهترين شاعر اوڏانهن هليو ويو جتان ڪو واپس نه آيو آهي.

دل چوي ٿي ته مختصرن ٿورو ذڪر ريل جي سفر جو ب ٿي وڃي، جيڪا پبلڪ سيڪٽر ۾ هوندي ب پرائيويٽ سيڪٽر روڊ ٽرانسپورٽ جو مقابلو نه ڪري سگهي آهي. هڪ رات سائين راشد مورائي وٽ ڪچهري ڪندي ۽ رات جي ماني کائيندي موري ۾ اسان کي دير ٿي وئي. ان زماني ۾ نماشام کان پوءِ منياڻي لاءِ سواري ملڻ ڪو سولو ڪم ڪو نه هوندو هو. ايترا

وري اسان وٽ ڏوڪڙ بہ ڪو نہ هئا جو ڪا ٽيڪسي وغيره ڪٽي ڪجي. ٻئي ڏينهن ڪلاس هئا ڪاليج پهچڻ بہ ضروري هو. سواءِ ريل گاڏي جي اسان وٽ ڪو ٻيو چارو ڪو نہ هو. منهنجي خيال ۾ اسان چار ماڻهو گڏ هئاسين. مشڪور قلڪارو جو هئڻ تہ مون کي ياد آهي باقي ٻيا ڪهڙا دوست گڏ هئا اهو ياد نہ اٿم. مون کي جيترو ياد پوي ٿو تہ رات جو 9 ڪان پوءِ ريل مورو مان نڪتي هئي، جيڪا تقريبن 11 بجي ڏاري اچي منياڻي پهتي هئي. واٽ تي هڪ ٻن اسٽيشنن تي بيٺي هئي پر انهن جا هاڻي نالا ياد ڪو نہ آهن. نہ ريل جي ڪنهن دٻي ۾ بلب ٻرندڙ هو نہ ئي وري مون کي ڪنهن اسٽيشن تي ڪو بجلي جو چمڪو نظر آيو. جنهن اسٽيشن تي ريل بيٺي ٿي، اسان رڙيون ڪري ٻاهر بيٺل ڪنهن ماڻهو کان پڇيو ٿي تہ هي ڪهڙي اسٽيشن آهي. ائين الله ڪري اسان اچي منياڻي پهتا هئاسين. شڪر آهي جو ٻاهر ٽانگو بيٺو هو جنهن اسان کي ڪٽي اچي ڪاليج ڇڏيو هو.

هي ريل ٽنڊو آدم جنڪشن تان هلندي هئي. جيڪا ملان مکڻ، پٽ شاهہ هالا، نيو سعيد آباد، سڪرنڊ، قاضي احمد، دولتپور صفن، مورو، نوان جتوئي، منياڻي، ٺارو شاهہ مان نڪري، نوشهرو فيروز مان ٿيندي پڊعيدن تي وڃي مين لائين سان ملندي هئي. جڏهن تہ ٻئي پنڙي ٺارو شاهہ مان سڏو محراب پور ۾ وڃي مين لائين ۾ پوندي هئي. انهي وچ ۾ ٻيون بہ ڪيتريون ئي ننڍيون وڏيون اسٽيشنس هونديون پر طوالت جي ڪري هتي ڏئي نہ ٿيون سگهجن. ريلوي اختيارن جي مطابق اها ريل 1985ع تائين هلندي رهي، ان کان پوءِ بند ٿي ويئي. انگريز سرڪار ننڍي کنڊ ۾ ڪيئن ريلوي جو بهترين سسٽم جوڙيو هو. مين لائين سان گڏو گڏ سروس لائينون پڻ هلنديون هيون. پر اسان جي يارن اهڙي بهترين سسٽم کي تباهہ ۽ برباد ڪري ڇڏيو. سبب وري اهو ٿو ڏنو وڃي تہ پرائيويٽ سيڪٽر جي ڪري ريل ۾ ماڻهو ڪو نہ ٿا چڙهن. فلم انڊسٽري کي VCR ۽ ڪيبل تباهہ ڪيو. سوال آهي تہ بجليءَ جو اجان ڪو متبادل ڪونهي انهي کي تہ تباهي کان بچايو. آئون پنهنجي اخباري مضمونن ۾ انهي ڳالهہ تي زور ڏيندو رهيو آهيان تہ ريل، جهاز ۽ بجلي کي هلائڻ سرڪار جي وس جي ڳالهہ نہ آهي. تنهنڪري سرڪار جيستائين انهن شين مان هٿ ڍرو نہ ڪندي، تيستائين عام ماڻهو کي انهن جو لاڀ نہ ملي سگهندو. جيڪڏهن اڄ ٽيليڪام سيڪٽر سرڪار جي هٿ ۾ هجي ها تہ ائين هر ماڻهو موبائل فون ڪيسي ۾ کڻي ڪو نہ هلي ها ۽ نہ ئي وري نوجوان سوڙين ۽ رلين ۾ فون جون ٻيليون لڪائي

رات جي پيڪيج تحت ڪنهن اڻ ڏٺل محبوب سان ڏڳهيون ۽ نـ ڪٿنڌڙ ڳالهيون ڪري سگهن ها.

## راشد مورائي سان ڏيٺ ويٺ

آئون پنهنجي پاڻ کي ڏاڍو خوش نصيب سمجهندو آهيان جو آئون کنهن ٿوري عرصي لاءِ کٽي منياٽي ويس. جنهن منهنجي دماغ جون سيئي بند ٿيل ڳڙکيون کولي ڇڏيون. حالات ڪجهه ائين ٿيا جو مشڪور کي شاعري جو شوق ۽ منهنجو ڪتابن سان هلڪو ڦلڪو لڳاءُ. هڪ رات اسان موري وجي سائين راشد مورائي وٽ رات ٽڪياسين. ان زماني ۾ سائين درس روڊ واري جاءِ ۾ رهندو هو. انهي هڪ رات جي قرب ڪچهري ۽ قوم پرستي تي ڏنل ڏکوءِ دل لياڻيندڙ ليڪچر منهنجي زندگي جا طور طريقا بدلائي ڇڏيا. هڪ اهڙي ماڻهو جي صحبت نصيب ٿي جو آئون فرش تان عرش تي پهچي ويس. مون وٽ اهڙا لفظ ڪونهن جو انهي عظيم شخصيت جي شان ۾ هتي لکي سگهان. هڪ سال ۾ اسان جون ڪيتريون ملاقاتون ٿيون هونديون. ؟ يقينن ڏهن کان پنڌرهن تائين. پر هر ملاقات ۾ هڪ نئون اتساهه هڪ نئون سبق, جيڪو دل جي ڦرهي تي ائين ياد ٿي ويو جو اڄ ڏينهن تائين نـ وسري سگهيو آهي. بس ائين موري واريون ڪچهريون ۽ قومپرستي تي وڏا وڏا ليڪچر, جنهن ۾ اتساهه هو ڌرتي لاءِ ڪجهه ڪرڻ جو. جنهن ۾ اتساهه هوندو هو پنهنجي پاڻ لاءِ ڪجهه ڪرڻ جو. راشد مورائي دلبر ماڻهو دوستن جو دوست, دل جو صاف, محبت ڏيڻ ۽ پيار وٺڻ وارو, خلوص پريو, بُردبار, برباد دليون آباد ڪرڻ وارو, مطلب تـ هو شاعر تـ وڏو هوئي هو. پر ان تي هن ڪڏهن بـ فخر محسوس نـ ڪيو. هن شخص ۾ حد درجي جي نوڙت ۽ نهٺائي هوندي هئي. هڪ دفعي هن مون کي وڏي حب ۽ قرب مان چيو هو تـ "**نظام تون سدائين پرائمري ٽيچر رهندين؟**" انهي ڪچهري ۾ ٻيا بـ ڪافي سارا دوست ويٺل هئا پر سائين راشد مورائي اهي لفظ مون کي مخاطب ٿي چيا هئا. گهڻا گهڻا سال اڳ اهي لفظ جڏهن منهنجن ڪنن ۾ ٻُريا هئا تـ مون کي ڪجهه ڪرڻ جو جذبو جاڳيو هو. پوءِ سندس ئي همٿائڻ سان دنيا ڏٺو تـ آئون پرائمري ٽيچر مان ڊائريڪٽر جنرل ٿي ويس. آئون تازو جڏهن 5 مارچ 2017 ع تي سائينءَ جي ورسي ۾ مورو ويو هوس تـ ڪنهن دوست ڳولي مون کي اچي چيو هو تـ "سائين راشد جڏهن بـ ڪچهري ۾ ويهندو هو تـ گهڻي ۾ گهڻو ذڪر توهان جو ئي ڪندو هو. "اها هڪ قسم جي منهنجي خوش نصيبي هئي جو ايڏي وڏي قد ڪاٺ وارو ماڻهو مون ادنيٰ کي هر وقت ياد ڪندو رهي"

آئون سمجهان ٿو تہ هن جو شاعرن ۽ اديبن کان سواءِ هڪ عام ماڻهو سان وڏو لڳ لاڳاپو ۽ ڳانڍاپو هوندو هو. تنهنڪري ئي سندس دوستيءَ جي دائري ۾ مون جهڙا گهٽ پڙهيل ۽ جاهل ماڻهو بہ ايندا رهيا. هن وڏي ڪوشش ڪئي تہ آئون شاعر يا ڪهاڻيڪار ٿيان، پر بدقسمتي سبب آئون ڪجهہ بہ ٿي نہ سگهيس. مون انهي وچ ۾ بہ چار ڪچيون ڦڪيون ڪهاڻيون پڻ لکيون هيون. پر اهي ڪنهن در قبول نہ پيون. چو جو انهن منهنجن ڪهاڻين ۾ نہ دم هو نہ خم هو. انهي جا ڪهڙا سبب هئا راشد مورائي جهڙا پڙهيل لکيل ۽ سچا دوست مون کي نصيب ٿيا، جيڪي هر ڪنهن کي نہ ملي سگهندا آهن. پڙهڻ جي لاءِ ڪتابن جي بہ ڪا کوٽ ڪونہ هئي، پر آئون ڪجهہ بہ ٿي نہ سگهيس. گهڻن سالن کان پوءِ جڏهن اسلام آباد مان، سنڌي رسالي ”افيئر“ لاءِ ۽ انگريزي ۾ ”ڊان“ ۽ ”دي نيوز“ اخبارن لاءِ لکڻ لڳس تہ مونکان وڌيڪ انهي جي خوشي راشد مورائيءَ کي ٿي هئي. جڏهن تہ اهي نہ ڪهاڻيون هيون نہ وري ڪا شاعري، بس جيئرن جاڳندن ڪردارن تي ڪيڏارو هو جيڪو آئون ڪڏهن سنڌي ۾ تہ ڪڏهن انگريزي ۾ پيو لکندو هوس. مون کي هر وقت اها هدايت پيو ڪندو هو تہ لکندو رهہ پوءِ جنهن ٻولي ۾ وڻئي پر لِک ضرور. انهيءَ مان مون کي اهڙو فائدو ٿيو جو آئون سنڌي ماستر مان ڊائريڪٽر جنرل جي عهدي تي پهچي ويس. هي جيڪڏهن راشد مورائي مون کي پڙهڻ لکڻ ڏانهن نہ اُتساهي ها تہ آئون ڇهين گريڊ مان 20 گريڊ ۾ ڪڏهن بہ ڪونہ پهچي سگهان ها.

راشد مورائي گهڻ رخي شخصيت جو مالڪ هوندو هو. ساڳئي وقت استاد، شاعر، سياستدان، مخلص دوست، ترتيب صحيح آهي يا غلط اهو تہ هن جي دوستن تي منحصر آهي تہ هو ان کي ڪهڙي حوالي سان سڃاڻن ۽ ڏسن ٿا. مون ڪيس مٿين مان سواءِ هڪ جي باقي سڀني پهلوئن کان ويجهو ڏٺو. سائين جي ايم سيد جي ويجهو هئڻ جي ڪري هو سنو جيئي سنڌ جو مخلص ورڪر هو. پاتال ۾ پيهي ويندڙ شاعري هوندي هئس. دوستن جو بہ هڪ وڏو وسيع دائرو هوندو هوس. ڪڏهن بہ حالتن سان سوديبازي نہ ڪيائين، پنهنجي نظريي تي آخري دم تائين اڏول بيٺو رهيو. منهنجي ڪنن تي سائينءَ جي شاعريءَ جي جيڪا پهرين سٽ پئي هئي، اچو تہ ان نظم جو هڪ بند توهان کي بہ پڙهائيندو هلان.

هي مفت جون مانيون ملان جون، جي اوڙو پاڙو آٽي ٿو
سا ڪائي ڪائي خوش ٿئي ٿو ۽ مفت ۾ موجون ماڻي ٿو
پوءِ ٺڻ مڻ، ٺڻ مڻ تسبيح تي، ٻي ڪار نہ ڪائي جاڻي ٿو
هي ڪافر آ، هو ڪافر آ، تند اهائي تاڻي ٿو

## مان باغي هان، مان باغي هان

آئون جيترو بہ وقت ڳوٺ رهيس (اسلا آباد کان پهريائين ۽ منياٽيءَ کان پوءِ) اسان جو پاڻ ۾ خطن جي ذريعي رابطو رهيو. پر اتفاق سان آئون جڏهن ڳوٺ ڇڏي اسلام آباد هليو آيس تہ خطن واري سلسلي ۾ ڪجھ خلل پئجي ويو. تنهن هوندي بہ اسان هڪ ٻئي کي هڪ پل لاءِ وساريو ڪو نہ. مون کي اسلام آباد ۾ جيڪو موري جو ماڻهو ملندو هو تہ پهريائين راشد مورائي جو پڇندو هوس. جڏهن تہ سائين جو آئون مٿي ذڪر ڪري آيو آهيان جڏهن بہ ڪن دوستن سان ڪچهري ۾ ويهندو هو تہ منهنجو ذڪر ضرور ڪندو هو. اهو سندس مون ناچيز سان پيار ۽ خلوص هو. منهنجي عادت رهي آهي تہ آئون دوستن جا خط سنڀالي رکندو آهيان. جڏهن ڳوٺ هوندو هوس تڏهن بہ ائين ڪندو هوس ۽ هاڻي اسلام آباد ۾ پڻ ائين ئي ڪندو آهيان. منهنجي خيال ۾ خط اهو مقدس دستاويز آهي جيڪو ٻن دلين کي پاڻ ۾ ڳنڍي ٿو ۽ ان زماني جي تاريخ پڻ ٻڌائي ٿو. سائين راشد مورائيءَ جيڪي مون کي ڳوٺ خط لکيا هئا، ان سان تاج جويو جا خط گڏي مون هڪ الڳ فائيل ٺاهي رکي ڇڏيو هو. جڏهن تہ باقي دوستن جي خطن جو فائيل الڳ هو. جيڪي امان ويهن سالن تائين ڳوٺ سنڀالي رکيا هئا. امان جو هي جهان ڇڏڻ کان پوءِ اهي خطن جا فائيل آئون اسلام آباد کڻي آيو هوس. منهنجي اها بدقسمتي آهي جو سائين راشد مورائيءَ ۽ تاج جويي جي خطن وارو فائيل ڪٿي مون کان گم ٿي ويو آهي. باقي دوستن جا خط سڀ پيا آهن. انهي سلسلي ۾ تازو آئون جڏهن ڳوٺ ويو هوس تہ هڪ نجومي کان فال ڪيرائي هئم. ڪنهن محبوب جي ملڻ لاءِ نہ پر گم ٿيل خطن جي فائيل لاءِ. هُن مون کي ٻڌايو هو تہ اهو فائيل فلاڻي جاءِ تي پيو آهي. انهي ساڳئي جڳهہ تي ڪيترا دفعا اڳ ڳولي چڪو هوس پر فائيل ڪو نہ مليو. نجومي جي چوڻ کان پوءِ ڪاغذ ڪاغذ ڪري وري ڳوليم پر ڪو نہ مليو. آئون انهي نتيجي تي پهتو آهيان تہ هن ڪتاب ۾ مون جيڪي محمد ايوب لغاري جي لڳ لاڳاپن متعلق جيڪي خيال پيش ڪيا آهن اهي بلڪل ٺيڪ آهن. اڄ ئي ڪنهن دوست(نالو ظاهر نہ ٿو ڪريان ۽ ان کان هن ڳالهہ لکڻ جي معافي بہ وٺان ٿو ) فيس بڪ تي پنهنجي اسٽيٽس ۾ لکيو آهي تہ " نجومي منهنجو هٿ ڏسي مون کي چيو آهي تہ تون ڪنهن جي ياد ۾ مري ويندين" مون انهي تي لکيو هو "متان پليو آهين. هي نجومي ڪوڙا آهن. انهي جي پنيان جيڪو لڳو انهي جا اسان ترا نڪرندي ڏٺا". ها بقول شيخ اياز جي "پاڻ هيئن نہ مرنداسين ساٿي، ڪا آگ لڳائي ويندا سين ڪو ٻارڻ ٻاري ويندا سين" سو ڳالهہ پئي ڪئي سين راشد مورائيءَ جي خطن جي وڃي

نڪتايسن نجومين ڪان. سائين راشد 2005 ع جي آخري مهيني ۾ مون کي اسلام آباد هڪ خط لکيو هو خط تہ مختصر ۽ سادو لکيل آهي پر ان ۾ سندس دلي جذبا چٽا نظر اچن ٿا. جيڪو هيٺ ڏجي ٿو.

Dated: 11_12_2005

ڏني ڏينهن ٿيامِ، ڪهہ ڇاٽان ڪهڙا پرين،
سهسين سج اُبري، واجهائيندي ويام،
تن ريءَ سال پيامِ، جن ريءَ ساعت نہ سري. (شاهہ)

پيارا ياءُ نظام الدين. سدا سُکيا ستابا هجو.

حق موجود! ادا سائين، جيئن تہ مون ڏانهن دوستن جا آيل خط ڇپائڻ پيو چاهيان ۽ هر دوست جو هڪ خط کڻي، اٽڪل پنج سئو کن خطن جو مجموعو ترتيب ڏنو اٿم. هن مجموعي ۾ توهان ۽ مشڪور قلڪاري جو بہ هڪ هڪ خط شامل آهي. اچ خط لکڻ جو مقصد هي آهي تہ خطن کي ترتيب ڏيڻ لاءِ جڏهن ماضيءَ جا ڪاڳر اُٿلايم تہ ڪيئي يادون تصور ۾ تري آيون. دل چيو تہ اوهان جو سڌُ سماءُ لهجي تہ اج ڪلهہ ڪهڙي حال ۾ آهيو.

مون 2004ع ۾ رٽائر ڪيو آهي. رٽائر ٿيڻ کان پوءِ پنهنجي ادبي پورهئي کي ڇپائڻ طرف توجهہ ڏنو اٿم. تنهن ڪري هر وقت ڪتابن کي ترتيب ڏيڻ ۾ گذاريان ٿو. اهو ئي سبب آهي جو خانگي اسڪولن جي نوڪري واري آڇ کي ٺُڪرائي ڇڏيم. منهنجا چار ڪتاب ڇپجي مارڪيٽ ۾ اچي چڪا آهن. پنجون ڪتاب پريس ۾ آهي. جيڪو نئين سال 2006ع جي پهرين مهيني ۾ اچي ويندو. هن وقت ٻن ڪتابن کي ترتيب ڏيئي رهيو آهيان. جيڪي بہ 2006ع ۾ ڇپجي ويندا. توهان پاڻ بابت مڪمل احوال ڏيندا ۽ مشڪور بابت بہ معلومات هجي تہ لکندا ۽ اگر ملي وڃيو تہ ڪيس سلام چوندا. هن گڏ ايڊريس ۽ فون نمبر جو ڪارڊ موڪليان پيو. پنهنجي ايڊريس کان واقف ڪندا.

اوهان جو پنهنجو راشد مورائيءَ.

انهي سائين جي خط جي جواب ۾ مون سائين راشد مورائي کي هيٺيون خط لکيو. جيڪو سائين پنهنجي ڪتاب " خط خوشي مان کول " ۾ ڇپيو آهي. آئون اهو ساڳيو خط سائين جي پٽن جي اجازت سان هتي وري پنهنجي ڪتاب ۾ ڇپي رهيو آهيان.

اسلام آباد

3 جنووري 2006ع

سائين راشد صاحب. سدا خوش هجو.

توهان جي 11 ڊسمبر 2005 ع واري خط جو جواب اچ ڪافي دير ڪان پوءِ ڏيئي رهيو آهيان، ڇو جو ڪجهه وقت جي لاءِ دشمنن جي طبعيت ٺيڪ نه هئي. تنهن ڪري جواب ۾ دير ٿي ويئي.

خبر نه آهي اها ڪهڙي گهڙي هئي جو توهان ۽ اسان جي وچ ۾ خطن جو نه ٽٽندڙ سلسلو ٽُٽو هو. توهان جا مون وٽ ڪوڙ سارا خط محفوظ هئا، پر وقت جي اٿل پٿل جي ڪري ڇئي نه ٿو سگهجي ته اهو خزانو اجان موجود آهي يا نه. ڇو جو ڳوٺ کي ڇڏي 20 ڪن سال ٿيا آهن. خبر نه آهي ته خطن جا فائيل امان سانڍي رکيا آهن يا ضايع ٿي ويا آهن. هاڻي جيئن ته هي خط اوهان جو منهنجي ڳوٺ پهتو ته امڙ آرڊر ڪيو ته خط نظام کي اسلام آباد پهچايو. انهيءَ مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته شايد خطن جا فائيل ڳوٺ سانڍيل هجن.

ادل وقت وڏو بي رحم بادشاهه آهي. زندگي هڪ وهندڙ درياهه وانگر آهي جنهن ۾ هر چيز وهي وڃي ٿي. توهان ته هر وقت مون کي ياد آهيو. ڪڏهن شاعريءَ جي حوالي سان ته ڪڏهن موري جي حوالي سان. منهنجي جڏهن اوهان سان پهرين ملاقات ٿي هئي ان وقت آئون ڪچڙو جوان هيس ۽ اڄ زندگي جا 5 ڏهاڪا گذري ويا آهن. هر شئي بدلجي وئي آهي نه بدليو آهي ته توهان جو نظام.

توهان جا ڪتاب ڇپجي ويا آهن ۽ اجان ڪجهه پريس ۾ آهن. هاڻي اهي ڪتاب مون تائين ڪيئن پهچن؟ علم ادب سان اجان به اها نِسبَت آهي جيڪا توهان جي معرفت نصيب ٿي. البت راهون ۽ رستا بدلجي چُڪا آهن. اڳي عشق پڙهبو ۽ لکبو هو ۽ ان جي عيوض هاڻي پيرن اگهاڙن ۽ بکايل انسانن جي نشاندهي ڪجي ٿي. مطلب ته جيئرن جاڳندن ڪردارن جون ڪهاڻيون ٿيون لکجن. دولت جو وهڪرو هميشه دولت ڏانهن هوندو آهي. دولت غريب وٽ ڇو نه ٿي وڃي. اها هڪ اهڙي ٿيوري آهي جنهن کي ڪو به سمجهي نه سگهيو آهي. اڄ جي دنيا جنهن جنگ ۽ جدال ۾ ڦاٿل آهي. اهو سڄو اقتصادي اڻ برابريءَ جو نتيجو آهي. اقتصادي بم گولي جي اڳيان بارود وارو ائٽم بم ڪا حيثيت نه ٿو رکي.

مشڪور سان ملاقات گهٽ ٿيندي آهي. هر انسان جي ڊوڙ دولت پويان آهي. مشڪور به انهي ڪم ۾ رڌل آهي. وڌيڪ ٻئي دفعي ملاقات ٿيندي. ڇڱو خدا حافظ.

صرف اوهان جو پنهنجو

**نظام الدين لغاري**
**فنانس ڊويزن، اسلام آباد**

**مون مٿي بار بار امان جو ذڪر ڪيو آهي. جيستائين امان زنده هئي تہ منهجن دوستن جا خط محفوظ هئا. جيئن ئي امان هي جهان ڇڏيو آئون پنهنجن پيارن جا خط نہ سنڀالي سگهيس. اها آهي ماءُ جي مامتا، جنهن منهنجي هر شئي سنڀالي رکي هئي.**

## سنڌ جي وچائجي ويل نوجوان جي ڳولا (تاثر)

انسان ترقي تہ وڏي ڪئي آهي، پر سهپ، رواداري ۽ درگذر دنيا مان موڪلائي ويا آهن. خاص ڪري سنڌ ۾ انهي ڳالهہ جو ڏڪار آهي. اڄ ڪلهہ انفارميشن ٽيڪنالاجي جي ترقيءَ جي ڪري دنيا هڪ ڳوٺ مثل بڻجي وئي آهي هِتان جون خبرون، هُتي ۽ هُتي جون خبرون، هِتي سيڪنڊن ۾ پهچن ٿيون. هن دور ۾ ڪير سمجهي، تہ آئون اڳيئين کي بيوقوف ٿو بڻايان، تہ اهو پاڻ عقل کان وانجهيل انسان آهي. آئون فيس بوڪ جي ذريعي آڱرين تي ڳڻڻ جيترن سنڌي ماڻهن سان ڳنڍيل ۽ لاڳاپيل آهيان. پوءِ جهڙو ديس تهڙو ويس، ڪو شاعر آهي، تہ ان جي شاعري تي واهہ واهہ ڪجي ٿي ۽ جيڪڏهن ڪو اديب آهي، تہ حال سارو ادب تي بحث مباحثو ٿيو وڃي. جڏهن تہ فيس بڪ هڪ وڏي عالمي اوطاق آهي، جنهن تي پانت پانت جا ماڻهو پنهنجن پنهنجن هاڪاري ۽ ناڪاري روين سان خيال پيش ڪن ٿا. هن عالمي اوطاق تي ڪنهن کي ڪنهن تي ڪا خاص اهميت حاصل ڪونهي. مطلب تہ ننڍ وڏائي يا مالدار ۽ غريب غربا سڀئي هڪ ئي ماڻ ۾ ماپيا وڃن ٿا. ڇا جوان، ڇا اڌڙوٽ ۽ عمر رسيده سڀني سان هڪ جهڙي هٿ جوڙ پئي هلندي آهي. ڪشمور کان وٺي ڪيٽي بندر تائين، ڪراچي کان ڪارونجهر تائين، هر عمر وارو منهنجو دوست آهي. ڪو هاءِ اسڪول ۾ پڙهندڙ نوجوان نينگر بہ مون سان ايتري محبت ۽ حجت ڪندو آهي، جيتري 80 سالن وارو پيرسنيءَ جي باوجود دل جي جذبن جي پري مٿي تي ڪٽي، مون سان ساڳئي قسم جي محبت ۽ حجت ڪندو رهندو آهي. منهنجي فيس بڪ جي ڪنهن بہ دوست سان ڪنهن بہ قسم جي منهن مقابل ملاقات ڪونهي، نہ ئي ڪا اهڙي خواهش آهي. ڇو جو اهڙن دوستن جو وڏو تعداد آهي ۽ ٽيڪنالاجي جون حدون شعور ۽ لا شعور جي سوچ ۽ سمجهہ کان بہ پري پري تائين پکڙيل آهن. تنهنڪري هر ڪنهن سان مُڪا ميلو ناممڪن نہ بہ ڪٽي، پر مشڪل ضرور آهي. پر اڄ ڏينهن تائين ڪنهن بہ اخلاق جو دامن نہ ڇڏيو آهي. شابس هجي انهي سنڌ جي نوجوان کي، جنهن اڃان زندگيءَ جون تمام ٿوريون بهارون ڏٺيون آهن. يقينن هو جين سان گڏ جوگر بہ پائيندو هوندو، ايندي ويندي ڪنهن نئين ڏٺل گل جي واس وٺڻ جي تمنا بہ سندس دل ۾ ڪيڏي ڪيڏي مهل ڪر موڙيندي هوندي. ڪچڙي جواني ۾ رنگ برنگي تصويرون سندس اکڙين جي پنبڙين ۽ ڇپرن ۾ اٽڪيل هونديون. ڇو جو الهڙ جواني ئي الهڙ خواب ڏسندي آهي. انهي جي باوجود هو

مون سان وڏي حب، اُڪير ۽ اخلاق سان پيش اچي ٿو ته يقينن سندس سٺي تربيت تي دل خوش ٿيندي آهي. منهنجي هن سان پهرين ملاقات فيس بوڪ تي ڪڏهن ۽ ڪيئن ٿي اهو ياد نه اٿم. ان وقت سندس وال تي جيڪا تصوير آئي پئي اها ڏسي چرڪي ويو هوس. عين انهيءَ وقت منهنجي سامهون افلاطون جو ڪتاب "Republic" کليو پيو هو. ان جا مون اجان چند ئي صفحا پڙهيا هئا. ان ۾ انسانيت تي بحث ٿيل هو ته انسان ڇا آهي؟ جيڪي پنا هُن گهٽو آڳاٽا 386 ق. م ڌاري لکيا هئا. منهنجي ذهن ۾ انسان جو افلاطون وارو خاڪو موجود هو ته هن نوجوان جي وال تي لڳل تصوير سامهون آئي، ته افلاطون وارو انسان پڇي پري ريزا ريزا ٿي ويو. آئون قبل مسيح مان موٽ ڪائي 2017 ع ۾ اچي ويو هوس. اها تصوير ڪنهن ڏاڙيل جو ڏيک ڏيئي رهي هئي. منهنجي ذهن ۾ ميري ڏاڙيل جو خاڪو اچي ويو هو جنهن جي تصوير مون ڪي گهٽوا اڳ طارق اشرف جي ڪتاب ۾ نظر آئي هئي. پر نه هي ميرو ڏاڙيل ته ڪو نه هو. ته پوءِ هي سالو ٻُڏدي هو جنهن اَپر سنڌ ۾ انگريزن جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو هو. مون ڪي خبر ڪا نه هئي ته هي سنڌ جو نوجوان ڪير آهي ۽ ڪٿي جو آهي. مون هن ڪي چيو هو ته پهرين اها تصوير هٽائي ته پوءِ ڳالهه ٿي سگهي ٿي. هن منهنجي چوڻ تي هڪ منٽ ۾ اها تصوير هٽائي ڇڏي هئي. (جنهن جي مون ڪي اميد گهٽ هئي. ) آئون وري 386 ق. م ۾ موٽي ويس. افلاطون جو انسان منهنجي سامهون اچي بيٺو هو ۽ مون ڪي چٿي رهيو هو ته آئون حميد سنڌي جي رسالي "روح رهاڻ" جو هڪ ورق آهيان. آئون نارائڻ شيام جي سُرن جي صدا آهيان، آئون راشد مورائي جي گيتن جي گونج آهيان. مون ڪي ائين لڳو هو ته مون سنڌ جي واريءَسن ۽ سڌن پوڻن مان بولاٿيون ڪائي پوٺوهار جي پٿريلي ۽ ناهموار ڌرتي تي اچي ڦهڪو ڪيو هجي. انهي هڪڙي نقطي تي منهنجي قلم ڪي فُل اسٽاپ اچي ويو هو. سندس فيس بڪ جي وال تي آڏيون، ترڇيون، ابتيون، سبتون تصويرون ضرور ايندڀون رهن ٿيون،پر اخلاق کان ڪريل تصوير يا ڪو لفظ مون ڪي نظر نه آيو آهي. تنهنڪري ئي آئون سندس اخلاق جو ايترو ته قائل ٿي ويو آهيان جو بي اختيار هن جي لاءِ منهنجو قلم ڪجهه لکي ويٺو آهي. جڏهن ته هن کان پهريائين منهنجي هڪ ٻئي فيس بڪ جي سياٽي ۽ سلجهيل دوست پنهنجي وال تي ڪجهه غير پارليامينٽري لفظ لکيا هئا. مون هُن ڪي عرض ڪيو هو ته "اهڙن غير اخلاقي لفظن کان پاسو ڪيو وڃي". هُن جو جواب آيو هو ته "اهي لفظ منهنجي وال تي آهن توهان ڪي پسند نه آهن، ته اسان مان جان ڇڏايو". نتيجي طور مون ڪي ان دوست ڪي Un friend ڪرڻو پيو هو. ان جي مقابلي ۾ هن سنڌ جي نوجوان

منهنجي چوڻ تي هڪ ٽڙيل ٽاٻڙيل اٽپوري خيالي انسان جي تصوير يڪدم هٽائي ڇڏي هئي ۽ پنهنجو صحيح ۽ حقيقي تعارف ڪرايو هو. جڏهن هن پنهنجو نالو ٻڌايو ته مون کيس اڳتي وڌڻ کان روڪي ڇڏيو هو. باقي هن جي اخلاق ۽ ڪردار، مهارت ۽ صداقت کي ته آئون صدين کان ڄاڻندو ۽ سڃاڻندو هوس. ڇو جو مون کي خبر هئي ته موهن جي دڙي جي انسان وٽ ڪڏهن به لٺ ٻاڻو يا ڪلاشنڪوف نه هئي. هُن ڪڏهن به هٿيارن سان رت جي راند نه کئي هئي. جڏهن ته مون پنهنجي سڃاڻپ ڪرائيندي روايتي انداز ۾ هن کي چيو هو ته آئون قبل مسيح جي ڪا مخلوق آهيان. پوءِ هن هڪ منٽ ۾ منهنجو فيس بڪ تي پيل تفصيل ڪڍي اڇي چٽي وانگر ظاهر ڪري ڇڏيو هو. جنهن جي مون کي اڳ خبر نه هئي، ته ائين به ڪو ٿيندو آهي ۽ آئون دل ئي دل ۾ شرمندو ٿيو هوس ته مون جنهن سان غلط بياني ڪئي، انهي ته مون کي ضمير جي عدالت جي ڪٽهڙي ۾ ڏوهارين جيان آڻي بيهاري ڇڏيو آهي. هن سنڌ جي نوجوان جي بهادري ته اها آهي جو هن اڄ ڏينهن تائين مون کان اهو نه پڇيو ته آئون ڪير آهيان ۽ ڇا ڪندو آهيان. جڏهن ته هو بخوبي اهو به ڄاڻي ٿو ته فيس بڪ تي اڪثريت فنڪارن جي هوندي آهي. هن کي اها به خبر آهي ته آئون هن جو هم عمر به نه آهيان پر هو مون سان ڪڏهن ڪڏهن فيس بڪ تي آن لائن ٿي وڏي ادب ۽ احترام سان مون کي "توهان" لفظ سان مخاطب ٿي دنيا جون اوپاريون ۽ لهواريون ڳالهيون ٻڌي ۽ ٻڌائي وٺندو آهي. مون وٽ هن جي خلوص ۽ اخلاق جي عيوض ۾ ڏيڻ لاءِ ڪجهه به باقي نه رهيو آهي. ها البت منهنجي اها خواهش آهي ته سنڌ جو هر نوجوان ملڪ جي ڪنهن وڏي عهدي تي پهچي ملڪ ۽ پنهنجي ڌرتي ماءُ سنڌ جي خدمت ڪندو رهي. اهو سڀ ڪجهه محنت، اورچائي، ڪتابن سان اڻ ميي پيار ۽ سٺي صحبت جي ڪري ئي ممڪن ٿي سگهي ٿو. پر بد قسمتي سان هي اسان جي آئيندي جا اڏيندڙ ته اڃان فيس بڪ جي "ف" ۾ ڦاٿا پيا آهن. ٻڌي ڇڏيو! ته "اي سنڌ جا ارڏا ۽ البيلا نوجوانئو ذاتي خواهشن کي مقصد تي قربان ڪرڻو ئي پوندو، عشق جي حاصلات ڪا ايڏي سولي ناهي"

اڪثر فيس بڪ تي منهنجي سنڌ جي نوجوانن سان ملاقات ٿيندي رهندي آهي. ته آئون انهن کان سندس پڙهائي جي باري ۾ پڇندو رهندو آهيان ۽ کين صلاح ڏيندو آهيان ته فيس بڪ گهٽ استعمال ڪن. مون هڪ دفعي ڪنهن هڪ نوجوان کي لکيو هو ته " هي توهان جا فيس بڪ وارا دوست ڪِلڻ مهل توهان سان گڏ هوندا ۽ روئڻ مهل توهان کي اڪيلو ئي روئڻو پوندو" يقينن اها ڳالهه هن کي ڏُکي ضرور لڳي هوندي. آئون به جڏهن اهڙي الهڙ

جواني ۾ هوندو هئس، ته ڪو گهٽگهرو يا همدرد انسان پڙهائي لاءِ چوندو هو ته ان جي سامهون وڃڻ ئي ڇڏي ڏيندو هئس. امان مرحوم چوندي هئي ته ” ابا پڙهڻ آهي رُڪ جا چڻا چٻاڙڻ برابر آهي. ”

پوءِ هڪ ڏينهن اوچتو اوچتو سنڌ جو هي نوجوان الوپ ٿي ويو. مون فيس بڪ جي ڪنڌ ڪڙڇ ۾ هن کي ڳوليو پر هو مون کي ڪو نه مليو. مون هيڏي وڏي ماڻهن جي انبوهه ۾ کيس ڳوليو پر هو نه مليو. سنڌ جي ٿر ۽ رڻ ڪڇ جي صحرا ۾ به هو ڪو نه مليو. يورپ جي رنگين راتين ۾ هو ڪو نه مليو. بنگال جي سندربن جي گجگاهه گهاٽن ٻيلن ۾ هو ڪو نه مليو. آفريڪا جي گهاٽن جهنگلن ۾ هو ڪو نه مليو ۽ ننڍي ڪنڌ جي هر وڏي ۾ وڏي انساني بستي ۾ مون کيس ڳوليو پر هو مون کي ڪٿي به نه مليو هو. پوءِ مون دنيا جي يونيورسٽين جي چانودار راهن تي هن کي تڪڻ شروع ڪيو. جتي مستي ۾ نوجوان ڪو قيمتي موبائل فون هٿ ۾ ڪٽي ڪنهن وينگس جو انتظار ڪندا آهن. هو مون کي اُتي به ڪو نه مليو. ڌرتيءَ جي گولي تي هو مون کي ڪٿي به ڪو نه مليو مون چنڊ تي ان ٻيڙيءَ کان پڇيو جيڪا ماٽي مان مَهي ڪڍي رهي هئي، پر هو مون کي اتي به ڪو نه مليو. اي سنڌ جا نوجوان اڄ جڏهن تون مون کان وڃائجي ويو آهين ته مون توکي ڳوليو هو منهنجي شهر جي وڏن ويڪرن ۽ نه ڪتندڙ روڊن تي، مون توکي ڳوليو هو منهنجي ڳوٺ جي سوڙهين ۽ گُهٽيل گهٽين ۾، تون مون کي ڪارونجهر جي ڪور تي به نه مليو هئين. ها برابر مون تنهنجي مُورتي ڏٺي هئي ڪاسبي جي مندر ۾، جنهن کي مون هڪ وار جُهڪي نمسڪار ڪيو هو ۽ تنهنجن چرنن کي چُهيو هو.

مون کي خبر نه آهي ته تون ڪير آهين، تون چنڊ آهين، جيڪو اُڀرڻ کان اڳ ئي لهي وئين، تون چمڪندڙ تارو آهين، جيڪو اڃ تائين ڪڙيو نه آهين، تون گل آهين، جيڪو ٽڙڻ جي انتظار ۾ آهين، تون اهو ناول آهين جيڪو اڌُورو رهجي ويو، تون اهو افسانو آهين، جيڪو اڄ تائين لکجي نه سگهيو آهي، تون اهو خواب آهين جنهن جي اڄ ڏينهن تائين تعبير نه ٿي سگهي آهي، تون اهو قلم آهين، جنهن جو نب ڀڃي پيو، تون اها محبت آهين، جنهن جي ڪا پڄاڻي ڪانهي، اي سنڌ جا نوجوان مون کي خبر نه آهي ته تون ڪير آهين. پر مون کي يقين آهي، ته جڏهن هي ڌرتيءَ جو گولو مذهبي انتهاپسندن کان پنهنجو پلئه آجو ڪرائيندو جنهن ۾ تنهنجو به اهم ڪردار هوندو، يقينن تون انهن غدار ڪردارن لاءِ موت جي صبح جو پهريون ڪرڻو ثابت ٿيندين. چاڪاڻ جو ٻاهرين يلغارن کان سنڌ کي توکي ئي ته بچائڻو آهي.

## جنونيت

انهي جي مقابلي ۾ مذهبي سوچ رکندڙن نوجوانن جو هيئنيون قصو ٻـ پڙهي ۽ ٻڌي سندن اهڙي تربيت تي افسوس ئي ڪري سگهجي ٿو. اڄ صبح جو ڪنهن دوست فيس بڪ تي هيئنيون سٽون لکيون.

"طالبان ۽ دائش اسلامي نظام اپنائڻ لاءِ اڄڪلهـ ڪتن جيان انساني قتلام ڪري رهيا آهن تـ ٿورو تصور ڪيو تـ عالمي اسلام جا جيڪي هيرو آهن مطلب تـ محمود غزنوي، محمد بن قاسم ۽ ٻيا ڪيترائي چور هيرو، انهن ڪيترو قتل عام ڪيو هوندو اقتدار ۽ طاقت جي نشي ۾. "

انهي اسٽيٽس تي مون هيئنين سٽ لکي هئي.

"بلڪل (نالو) ائين ٿيو آهي، تاريخ جا ورق انهي جا شاهد آهن"

پوءِ ڇا ٿيو. نـ ڪٺندڙ گارين جو سلسلو پلي گهوڙي وانگر. جيڪي جتان ٿي آيا اتان ٿي ويا. ڇڻ اخلاق لفظ انهن ڪڏهن ٻڌو ئي نـ هجي. هتي سنڌ جي هڪ مفڪر محترم نصير ميمڻ جون سٽون ان جي فيس بوڪ جي وال تان ڪٽي جيئن جو تيئن توهان جي آڏو پيش ڪريان ٿو جيڪي حقيقت جي ڪيڏو نـ ويجهو آهن. " سنڌ ۾ سهپ ۽ رواداري وارن روين جو جنازو نڪري ويو آهي. پڙهيا لکيا ماڻهو اختلاف راءِ تـ ڇڏيو رڳو مختلف راءِ ڪي ٻـ سهڻ لاءِ تيار نـ آهن. سوشل ميڊيا ۾ استعمال ٿيندڙ ٻولي، لهجو ۽ رويا سنڌي سماج جي اندروني گهوٽالي تي پي ايڇ ڊي ڪرڻ جيترو مواد فراهم ڪن ٿا. خيالن جي انتها پسندي رڳو مدرسن جو مسئلو نـ آهي. فيس بوڪ تي لکندڙ ڪيترن ئي سياسي ڪارڪنن ۾ ليڪڪن جو رويو انتها پسندي جا ڏکوئيندڙ ڏيک ڏئي ٿو. دليل بجاءِ دڙڪي جو استعمال سماجي شعور جي زوال جو وڏو اهڃاڻ آهي. جنهن سماج ۾ راءِ رکڻ ۽ ان جو اظهار ڪرڻ ڏکيو ٿي پئي، اتي سوچ ۽ سمجهـ روز آپگهات ڪندي آهي. اهو لاڙو خطرناڪ آهي. هر اهڙي رويي ڪي روڪڻ ۽ رد ڪرڻ گهرجي. اختلاف راءِ جا در بند نـ ڪيو ۽ تنقيد ۽ اختلاف راءِ وقت شخصي احترام جو حدون نـ اورانگهيو. سنڌ تي مهرباني ڪريو ۽ سوچ ڪي ساهـ ڪڻڻ ڏيو. " اهي آهن سنڌ جي ڏاهي نصير ميمڻ جا خيال جيڪي اسان جي سنڌي سماج جي ڀرپور عڪاسي ڪن ٿا. منهنجو مطلب تـ ڪنهن وٽ ٻـ ڪو دليل ڪونـ هو سواءِ گارين ڏيڻ ۽ گندا لفظ ڇوڙڻ جي. هئڻ تـ ائين کپندو هو تـ هر لکت جو جواب دليل سان ڏجي ان لاءِ ضروري آهي

تہ پنھنجي علم ۽ فھم کي ايترو وڌائجي جو اڳيون توھان جي دليلن ۽ علم مان متاثر ٿئي. پر ھتي تہ قصو ئي ابتو لڳو پيو آھي. ٽيڪنالاجي جو فائدو ضرور وٺڻ گھرجي پر ان جو غلط استعمال ڪري ڪنھن جي دل آزاري نہ ڪرڻ گھرجي. منھنجي نظر مان فيس بڪ تي ڪيترائي بھترين قسم جا مُدبرانہ دليل ڏنل ۽ عقل ۽ فھم سان ڀرپور بحث مباحثا گذريا آھن, جو انھن کي پڙھي انھن جي علم ۽ فھم تي داد ڏيڻ کان سواءِ رھي نہ ٿو سگھجي. مذھب ضرور پڙھڻ گھرجي. اُن کي ائين پڙھجي جيئن مولانا ابوالڪلام آزاد پڙھيو ھو ان کي جيئن علامہ مشرقي ڏٺو ھو. ان کي جيئن مولانا غلام محمد گراميءَ پڙھيو ھو. ان کي جيئن مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي پڙھيو ھو. ھنن عالمن کي دين اسلام تي وڏو عبور حاصل ھوندو ھو. ان سان گڏ ھنن عالمن ٻين مذھبن جو بہ وسيع ۽ گھرو مطالعو ڪيل ھوندو ھو. مون جڏھن مولانا غلام محمد گراميءَ جو لکيل مقالو" مشرقي شاعريءَ جا فني قدر ۽ رجحانات" وري ھينئر ٻيھر پڙھيو آھي تہ سندس علم ۽ ڄاڻ تي دنگ رھجي ويو آھيان. جڏھن تہ اھو ساڳيو مقالو مون ھن کان پھرين 70 واري ڏھاڪي ۾ پڙھيو ھو جو ان وقت مون کي سمجھہ ۾ ئي ڪو نہ آيو ھو. اھڙن عالمن کي پڙھڻ جي لاءِ بہ گھڻو ڪجھہ پڙھڻ جي ضرورت ھوندي آھي. ھر سنڌي جا بہ درجا پڙھيل يا ڪنھن مدرسي مان فارغ ٿيل شاگرد ڀلي ان جي دستاربند ڇو نہ ٿيل ھجي, انھن عالمن کي سمجڻ کان قاصر ھوندو آھي.

ھي انھي وقت جي ڳالھہ آھي جڏھن اجان مذھبي انتھاپسندي وارو دور ڪونہ آيو ھو. ھر ماڻھو مذھب جي باري ۾ صحيح رايو رکندڙ ھوندو ھو. اڄڪلھہ تہ اھڙي حالت آھي جو ٻار يا ڪو نوجوان مسجد ۾ قرآن شريف يا نماز پڙھڻ مس پھچي ٿو تہ مذڪوره مسجد ۾ اڳي ڪم ڪندڙ ديني جماعتون, جن جو ڪنھن نہ ڪنھن سياسي پارٽي سان ئي تعلق ھوندو آھي. ان کي تاڙي ٽا وٺن. منھنجي خيال ۾ سڀ کان وڌيڪ خطرناڪ تبليغي جماعت وارا آھن, جيڪي ذھني طور ان کي مڪمل مذھبي بنائي ٽا ڇڏين. انھي پوائنٽ تي والدين جو فرض ٿئي ٿو تہ پنھنجن ٻارن تي نظر رکن, ٻي حالت ۾ اھو ٻار يا تہ تبليغي جماعت يا ڪنھن جھادي تنظيم ۾ شامل ٿي ويندو. اھي اھڙن ٻار کي اھڙي ٽريننگ ٽا ڏين جو ھو پنھنجي زندگيءَ جي پرواھہ نہ ٿو ڪري. ائين بھشت ۽ دوزخ جي چڪر ۾ پاڻ سان بم ٻڌيو ڪيترن ئي بيگناھن جي حياتي کسي ٿو وٺي, ڀريا ڀُڪنا گھر دوزخ ۾ تبديل ڪري ٿو ڇڏي. ان زماني ۾ مولوي صاحب اھڙي تعليم ڪونہ ڏيندا ھئا. مذھب کي سڀ ڪنھن جو ذاتي مسئلو سمجھو ويندو ھو. واھہ! اڄ بہ ٽنڊي الھيار جي ماڻھن کي مولانا عبدالحق رباني

جون نصرپور ۾ ڪيل تقريرون يقينن ياد هونديون، جيڪي هو هر جمعي جي خطبي ۾ ڪندو هو. جنهن ۾ ڪمال جي فصاحت ۽ بلاغت هوندي هئي. انسانيت، قومپرستي ۽ سيڪيولرازم جي صدا نصرپور جي مسجد جي منارن مان پري پري تائين گونجڻ لڳي. پري پري کان ماڻهو ڪهي اچي نصر پور ۾ سندس تقرير ٻڌندا هئا.

## منياڻي مان واپسي

منياڻي ۽ مورو کي خير آباد چئي اسان پنهنجي ضلعي ۾ پنهنجن پنهنجن اسڪولن ۾ اچي نوڪري ڪرڻ لڳي وياسين. راشد سائين سان هڪ نہ ڪٽندڙ خطن جو سلسلو شروع ٿيو. پر بدقسمتيءَ سان وقت جي چولين هٽندڙ ساگر ۾ سڀ ڪجهہ لڙهي ويو. ايتريقدر جو آئون خود ڪڏهن ڪڏهن اهڙين چولين ۾ ڇُلڪي پوندو هوس. باقي راشد جي ڏنل محبت ۽ خلوص هر وقت مون سان گڏ هوندا هئا. خير وري موٽون ٿا سنڌي ماستريءَ جي ڏينهن ڏانهن، جيڪي منهنجي زندگيءَ جا سونهري ڏينهن چئي سگهجن ٿا.

جيئن اسين منياڻيءَ مان ٽيچرس ٽريننگ پوري ڪري واپس آياسين تہ هڪ نئون جذبو هڪ نئون نظريو ۽ هڪ نئين سوچ کڻي آياسين. ڇو جو سائين راشد مورائيءَ پاڻ سان گڏ وٺي وڃي سن جي زيارت ڪرائي هئي. سائين جي ايم سيد هڪ اهڙي شخصيت هو جنهن سان جيڪو هڪ دفعو ملندو هو تہ ان جو گرويده ٿي ويندو هو. ائين اسين جيئي سنڌ محاذ جي پليٽ فارم تي، سائين عبدالواحد آريسر جي اڳواڻي ۾ ڳوٺ ڳوٺ جهرجهنگ قومي تحريڪ جي سرجڻهار جو پيغام عام ماڻهن تائين پهچائڻ لڳاسين. ان زماني ۾ سنڌ جي ٻهراڙين ۾ توهان جيڪي ڳاڙها ڳُهاڙي وارا جهنڊا ڦڙڪندي ڏسندا هئا ۽ سنڌ جي نوجوان ۾ جيڪو ان زماني ۾ جوش ۽ ولولو هو. اهو انهي جهرجهنگ ۾ رات جو لنديون لتاڙي هڪ متحد ۽ هڪ ئي پليٽ فارم تي گڏ ٿيل بي لوث ۽ بغير ڪنهن لالچ ۾ ايندڙ قومي ڪارڪنن، جي سنڌ سان محبت جو نتيجو هو. ان پروگرام جي عام ماڻهن وڏي موٽ ڏني. اسان رات جو ٻن ڳوٺن ۾ وڃي ماڻهن سان ڪچهريون ڪندا هئاسين، ماڻهو اسان جو انتظار ڪندا هئا. بدين ضلعي ۾ خاص تقرير ۽ ڳالهائڻ وارن ۾ مشڪور ڦلڪارو ۽ محمد راهمون هوندا هئا. آئون ۽ عثمان ٻجير پهرين ڳالهائيندا هئاسين. ٻجير مون کان سٺو ڳالهائيندو هو. انهي پاسي راڳيندڙن ۾ اڪثر ٻيجل سنڌي هوندو هو. انهي تي هڪڙو واقعو ياد ٿو اچي. ان زماني ۾ عابده پروين بہ نئون نئون ڳائڻ شروع ڪيو هو ۽ هوءَ هر پروگرام ۾ اجرڪ اوڍيندي هئي. اسان بہ جتي قومي ڪم سانگي ويندا هئاسين تہ اجرڪ اوڍيل هوندا هئا. هڪ رات ٽنڊي محمد خان جي پاسي ڪو پروگرام هو. ان زماني ۾ نئون جوش ۽ جذبو هو سو مون تقرير پئي ڪئي تہ پنيان ڳوٺاڻن مان ڪنهن پڙڪو ڪيو تہ " هي تہ صفا عابده پروين ٿي لڳي." ٻيو واقعو جيڪو ڪامريڊن مون

سان ڪيو اهو ٻـ ٻڌندا هلو. بدين پاسي ڪا ڪچهري رکيل هئي. مهينو رمضان جو هو. مون کي روزو هو. روزو کولي پوءِ ان ڳوٺ ۾ ڪچهري لاءِ وڃڻو هو. پروگرام اهو بيٺو تـ شهر ۾ روزو کولي پوءِ هلبو. مشڪور ٿيءُ عثمان بجير مون کي هوٽل تي ويهاري، منهنجي لاءِ فروٽ ۽ ان سان گڏ ڪافي ڪجھ پيون شيون بـ وٺي آيا. هر شئي تيار ٿي ٽيبل تي آئي، روزي کولڻ ۾ اجان ڪجھ وقت باقي هو. هنن مون تي زور رکيو تـ شروع ٿي، آئون بـ پڪو مسلمان ٻانگ جي انتظار ۾. جيستائين ٻانگ اچي تيستائين هي سڀ ڪجھ کائي ويا. روزي کولڻ تي مون کي صرف چانھ جو هڪ ڪوپ نصيب ٿيو. انهي روزي کولڻ کي اڄ 35 سالن کان مٿي جو عرصو گذري چڪو آهن پر مون کي اڄ تائين نـ وسريو آهي.

## محمد ايوب لغاري

ان زماني ۾ اسان جو ٻيو ڪم اهو هوتہ اسان پنهنجن شاگردن ۾ مطالعي جو شوق پيدا ڪندا هئاسين. آئون اسڪول ۾ سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو طرفان ٻارن جي لاءِ شايع ٿيندڙ "گل ڦل" رسالي جون 10 ڪاپيون گهرائيندو هوس. جيڪي ٻار خوشي سان مون کان وٺندا هئا ۽ ان کي پڙهندا بہ هئا. محمد ايوب لغاري جيڪو ان زماني ۾ 7 ڪلاس ۾ پڙهندو هو. هو اهو رسالو وڏي شوق سان پڙهندو هو. ان وقت سندن مالي حالت اهڙي ڪا نہ هوندي هئي، جيڪا هينئر نظر ٿي اچي ٿي تنهن هوندي بہ ڪتاب ضرور وٺي پڙهندو هو. اسڪول ۾ ڪنهن استاد رول اچلي ڪنهن ٻئي شاگرد کي ٿي هنيو. تہ اتفاق سان اهو رول کسڪي وڃي ايوب جي مٿي ۾ لڳو. رت مغز مان لارون ڪري وهڻ لڳو هو. ڪير ويجهو اچڻ لاءِ تيار ڪو نہ هو مون ڊوڙي وڃي هن جي رت بيهارڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. اهي ڏينهن اجوڪا ڏينهن ايوب سان اهڙي دل لڳي جو هاڻي انهي کي موت ئي توڙي سگهي ٿو. ماشاالله اڄ محمد ايوب لغاري اسان جي تر جو مثالي زميندار آهي. نہ آئون هاڻي ماستر رهيو آهيان نہ هو شاگرد پر اسان جي پريت ڪڏهن بہ پراڻي ٿيڻ واري ڪانهي. اسان جي گلاب لغاري ۽ ان جي پسگردائي ۾ هميشہ زرعي پاڻي جي کوٽ ئي رهندي آئي آهي. زميندار طبقو ايريگيشن وارن جو محتاج رهندو آيو آهي. آئون جڏهن ڊائريڪٽر جنرل ٿيس تہ ڪجھ هنن دوستن جي ڪم اچڻ لڳس. هنن جا ننڍا وڏا ڪم حيدرآباد ۾ ڦاسندا هئا تہ مون کي فون ڪندا هئا. ائين ايوب صاحب جا بہ ڪڏهن ڪڏهن فون ايندا رهندا هئا تہ " ايريگيشن جي فلاڻي آفيسر کي چوڻو آهي، اسان وٽ پاڻي جي کوٽ آهي" ۽ جڏهن اهو ايوب صاحب جو چيل آفيسر منهنجو واقف نہ هجي تہ ائين آئون ان سان ڪيئن ڳالهايان. پوءِ آئون پنهنجي هن ننڍي لاڪون جي دوست جي خوشيءَ خاطر فون ڪري ئي ڏيندو هوس. مون وارو فون ائين هوندو هو جيئن ٽنڊڻ پير وارو تعويذ ڪڏهن لڳندو هو تہ ڪڏهن ڪو نہ لڳندو هو. هڪ بہ فضيلت پريا آفيسر بہ آيا جن منهنجي فونن کي مان بہ ڏنو. جن جو آئون اڄ ڏينهن تائين ٿورائتو آهيان. جڏهن تہ اهو سچ آهي تہ "جتي ڊاٽو پاڻي هلندو هجي اُتي بارداني جي هميشہ کوٽ ئي رهندي آئي آهي". آئون جڏهن بہ اسلام آباد مان ڳوٺ ايندو هوس منهنجون سيئي ضرورتون جهڙوڪ پئسي ڏوڪڙ جي کوٽ ٿوٽ، ٽرانسپورٽ جو بندوبست، ڪڏهن ايوب جي ذمي تہ ڪڏهن K_2 جي

حوالي. سچ پچ ته هنن ٻن دوستن مون کي ڪنهن به معاملي ۾ اڪيلو نه ڇڏيو. هينئر جڏهن رٽائرمينٽ کان پوءِ ڪجھ وقت ڳوٺ رهڻ جو موقعو مليو آهي ته ايوب صاحب جي زندگيءَ ۾ مون نئون موڙ ڏٺو آهي. سندس آسي پاسي ڪمدارن ڪڙن، جي حضوري ڪندڙن، پيرن فقيرن جو هڪ هجوم آهي. اهڙن ڪاني ڪرامتن جي ڪوڙڻ نڳي جي ٺاهه متعلق، سنڌ جي مهان ڏاهي امر جليل انهن ماڻهن لاءِ ڪيڏو نه ڪڙو سچ چيو آهي ته " سنڌ ۾ ڪاني ڪرامت جو ڏٽي ٽجي يا رهزن ڏاڙيل، ٻنهي جي ڪمائي هڪ جيتري آهي. " لڳي ٿو ته ايوب صاحب تي انهن فقيرن جا ٽوٽان ڦيٽان ڪافي اثر ڪري ويا آهن. هنن فقيرن جا به پاڳ ڪليا آهن جو چڱي خاصي وڏي آسامي هٿ لڳي اٿن. ٻنهي پارٽين کي منهنجي دعا آهي ته الله کين خوش رکي. تنهن هوندي به محمد ايوب لغاري جو مون ڏانهن اتساهه ۽ پيار ۾ مون ڪا ڪمي محسوس نه ڪئي آهي. منهنجو چانهه جو ڪوپ ۽ ڪيڏانهن وڃڻ لاءِ گاڏي ڪير به ڪو نه روڪيندو.

اسلام آباد جي نوڪريءَ دوران هن منهنجي دوست جا مون وٽ مسلسل خط ايندا ئي رهيا. هن مون کي هڪ اهڙو خط لکيو هو جنهن مان پتو پوي ٿو ته آئون ڳوٺان ڪنهن ڳالهه ( امان ان وقت حياتي هئي) تان ڪاوڙجي بغير ڪنهن کان موڪلائڻ جي اسلام آباد هليو آيو هوس. انهي جي نتيجي ۾ هن منهنجي دوست محمد ايوب لغاري کي ڪيترو افسوس ٿيو هو جو هو بار بار اها ڳالهه لکي ٿو. انهي کي آئون سندس طرفان اڻ توريو ۽ اڻ ميو پيار ئي چئي سگهان ٿو. اهو خط هيٺ پڙهندڙن جي دلچسپي لاءِ پيش ڪجي ٿو.

3-8-1993

پيارا ڀاءُ نظام سدا خوش هجين.

ڀاءُ سمجھ ۾ نه ٿو اچي ته ڇا لکان. تنهنجو ائين بي رخي سان اچڻ ( دوڪان تي) مون کي سمجھ ۾ ڪو نه آيو. آخر اهڙي ڪهڙي اٽتر مجبوري تي پئي هئي جو توهان مون سان آخر ۾ ملي به نه ويا. نظام تنهنجو ائين وڃڻ ڏاڍو دل ۾ ڌڪ تي پيو اٿم. ها تنهنجي 26-7-1993 جي تحرير به پڙهي اٿم. انهي ۾ توهان معافي گُهري آهي. نظام دل ۾ ضرور ٿيو اٿم پر توهان کي معافي وٺڻ جي ڪهڙي ضرورت هئي. آئون ته توهان کان ننڍو آهيان ۽ ڀائرن کان معافي نه وٺبي آهي. مون کي ٻيو ڪجھ به دل ۾ ڪو نه ٿيو هو بس اهو سمجهيم ته شايد نظام کي مون سان ڪا شڪايت آهي، جو مون سان ملي به نه ويو. آئون توهان جو پنهنجو ڀائرن جهڙو آهيان. بس ٻيو ڪو به ڪتڪو نه ڪريو جڪي ٿيو اهو سنو ٿيو هاڻي ڪاوڙ نه آهي.

ها آئون، ڀاءُ (اسلام آباد) ايندس پر ڀهريان ٻصرن جا ٻج تيار ٿيڻ وارا آهن انهن کي وِهَرائي (پوکائي) پوءِ ايندس. انشاالله سيپٽمبر جي ڀهرين هفتي ۾ ايندا‌سين دعا ڪجان تہ سڀ خير هجي ۽ پوءِ انشاالله پنهنجي پياري ڀاءُ جي ضرور حاضري ڀريندس. ها توهان ٽرڪ جي ڪاغذن جو لکيو آهي تہ موڪلي ڇڏيا اٿم. اها توهان جي مهرباني. هاڻي جيئن ئي ڪاغذ اچن تہ انهن کي چاچي شمس الدين جي ايڊريس تي ٽنڊو غلام علي ڏياري موڪليندا. ٺيڪ ! چڱو خوش رهو. پر توهان جو ائين هليو وڃڻ سمجهہ ۾ نہ پيو اچي، ڳالهہ واضع لکي موڪليو آخر توهان کي ڪهڙي مجبوري هئي جو توهان ائين هليا ويو. بس وري بہ توهان جي مرضي آهي. چڱو مُرڪندي موڪلاڻي. سلام سڀني سنگت کي.

فقط توهان جو محمد ايوب لغاري.
گلاب لغاري

## قومپرست تنظيم سان وابستگي

سو ڳالهہ پئي ٿي ڪتابن پڙهڻ واري. مقصد، اهو تہ قوم پرستي ۽ سنڌ سان محبت ڪيئن پيدا ڪجي. اسان اهو پرگرام لڪي ڇپي ڪندا هئاسين. ڇو جو اهو ضيا ۽ الحق جي مارشل لا جو زمانو هو. هر شئي مذهب جي ماڻ ۽ ماپي ۾ توربي ۽ تڪبي هئي. حڪمرانن جي خلاف معنيٰ اسلام جي خلاف. اها روايت اڄ ڏينهن تائين هلندي پئي اچي. جڏهن تہ اهو ساڳيو پروگرام مذهب جي نالي تي تبليغي جماعت وارا اڄ بہ ڪري رهيا آهن ۽ ملڪ کي اڻ کٽندڙ خانا جنگي طرف ڌڪي ڇڏيو اٿن. اڄ سڄي دنيا ۾ پاڪستاني مُنهن ڏيکارڻ جهڙا نہ رهيا آهن. تازي رپورٽ مطابق دنيا جي 199 ملڪن جي پاسپورٽن مان پاڪستان جي پاسپورٽ جو نمبر 196 تي اڻ وڻندڙ پاسپورٽن ۾ اچي بيٺو آهي. انهي مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ دنيا ۾ اسان جي ڪٿي جڳهہ نهي ٿي.

جتي اسان بين ۾ مطالعي جو شوق پيدا ڪندا هئاسين، اتي آئون پاڻ پڻ گهڻو ڪجهہ پڙهندو هوس. جيڪا عادت اڄ تائين موجود آهي. سائين جي ايم سيد جو ڪتاب "جيئن ڏٺو آ مون"، "سنڌو ديش ڇو ۽ ڇا لاءِ" ۽ بيا ڪتاب جيڪي ان وقت مارڪيٽ ۾ موجود هئا. اهي سڀ مون ان زماني ۾ پڙهي ڇڏيا هئا. ان کان سواءِ سراج الحق ميمڻ، قاضي فيض محمد، امر جليل، نسيم احمد کرل، امرتا پريتم، ڪشن چندر، اياز قادري، موهن ڪلپنا، شيخ اياز، استاد بخاري، راشد مورائي، احمد خان مدهوش، تاجل بيوس، امداد حسيني، شمشير الحيدري، حميد سنڌي، طارق اشرف، مولانا غلام محمد گرامي، مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي، ان کان سواءِ اڻ ڳڻيل مصنفن جا ڪتاب جن جا نالا هاڻي ياد نہ آهن. ان کان سواءِ تاجل بيوس جو مشهور نظم " وڄن وار ڇوڙيا تہ وسڪار ڪيئن هئا." جيڪو هن ٽوڪيو جاپان مان لکيو هو ۽ ان جي ورندي وري هدايت بلوچ " وڄن وار ڇوڙيا تہ برسات پئي هئي " ڏني هئي ۽ راشد مورائي جو نظم " مان باغي هان، مان باغي ها" پڻ مون ان زماني ۾ پڙهيو هو. مون کي انهن ڪتابن پڙهڻ مان گهڻو ڪجهہ حاصل ٿيو. پنهنجي پرائي کي سڃاڻڻ جي تميز سکيس. سياسي ۽ سماجي مسئلن کي سمجهڻ جو ڏانءُ پيدا ٿيو. ننڍي سان ڪيئن ڳالهائجي ۽ وڏي سان ڪيئن پيش اچجي. مطلب تہ زندگيءَ جي ڊوڙ ۾ آئون سنئين ۽ سڌي واٽ تي هلي پيس.

## محمد اشرف لغاري

جيئن شيرل لغاري مون سان قوم پرستي سان گڏ ذاتي دوست طور بہ گهرو گهاٽو رهيو. اهڙي طرح ٻيا منهنجا مٽ مائٽ يا ڳوٺ جا دوست گهرا گهاٽا نہ رهيا. ها البت انهن جو ڪنهن نہ ڪنهن طرح لکڻ پڙهڻ ۽ ڪتابن سان واسطو ضرور رهندو آيو آهي. پنهنجي وِت ۽ وس آهر ڪتابن جي خريد ڪرڻ تي خرچ بہ ڪندا آهن تہ ننڍي وڏي قومي ڪاج ۾ پڻ شامل پيا ٿيندا آهن. هي ان زماني جي ڳالهہ آهي جڏهن عوامي آواز اخبار سنڌ ۾ پنهنجا پير ڄمائڻ ۾ ڪوشان هئي، تہ هي اسان جي ڳوٺ جو نوجوان ان اخبار ۾ سنڌ جي مسئلن تي ڏاڍي ڀرپور انداز سان ڪالم لکندو رهيو. پاڻ آزاد نظم پڻ لکندو آهي. مثال طور سندس هڪ نظم هيٺ ڏجي ٿو.

تو مون کي بہ هٽ جو وکر سمجهو آ،
۽ خريدڻ ٿو چاهين پنهنجي گنل سکن سان
اها تنهنجي ڀل آ،
تون مون کي جيلن ۾ واڙي سگهين ٿو،
تيل ڪڙهاين ۾ ڪاڙهي سگهين ٿو،
منهنجن سنڌن مان سر موبہ ناهي سگهين ٿو،
۽ اهو سمورو ڏاڍ جو تنهنجي وس آ،
. مون تي آزمائي سگهين ٿو
پر پنهنجي سوچن جو گند، منهنجي ذهن ۾ سمائي نہ سگهندين
منهنجو هي اوچو ڪنڌ جهڪائي نہ سگهندين

محمد اشرف لغاري جو جنم هڪ غريب گهراڻي ۾ اسان جي ڳوٺ جي پرسان ڳوٺ شير محمد لغاري ۾ ٿيو. مون کي خبر نہ آهي تہ سندس تعليم ڪيتري آهي. پر چاڻ ۽ سوچ جي لحاظ کان آئون ڪيس غريب مجڻ جي لاءِ تيار نہ آهيان. هڪ سلجهليل سمجهيل، سني سوچ رکندڙ انسان محمد اشرف لغاري هميشہ ادب ۽ سياست تي وزن دار ۽ دليلن سان ڀرپور بحث مباحثا ڪندي نظر ايندو. مون تي ڏهاڪا اڳ جڏهن هن کي ڏٺو هو تہ جواني اجان ڏاريئي ڪيديا. پر ان زماني ۾ پڻ پاڻ سياسي طور مون کي بالغ نظر آيا. اڄ جڏهن گهٽو پاٽي پل هينان گذري چڪو آهي. سڄي سنڌ جمود جو شڪار

آهي. تنڌهن ٻـ اشرف لغاري جي نظريي توڙي سوچ ۾ ڪنهن ٻـ قسم جو ڦيرو نـ آيو آهي. پاڻ انتها پسندانـ سوچ جي سخت خلاف، صوفي منش ماڻهو آهي. سندس سوچ آهي تـ محبوب جي ماڻن ايترا گهر پڙپانگ نـ ڪيا آهن، جيترا انتها پسندانـ سوچ گهر برباد ڪيا آهن.

## نوجوانن سان سڌو سنئون واسطو (مرحوم شيرل لغاري)

اهو ذوالفقار علي ڀٽي جو دور هو. آئون سمجهان ٿو تہ سنڌ جي اديبن، شاعرن، ليڪن جيڪي ان زماني ۾ تڪليفون ۽ ڏک ڏاڪڙا ڏٺا انهي تي صرف اهي ئي لکي سگهن ٿا، جن جي مٿان اهي مصيبتون گذريون هوندو. سوين سنڌي رسالا بندش هيٺ آيا. قومي ڪارڪن جيلن ۾ واڙيا ويا. سائين عبدالواحد آريسر پنهنجو هڪ جيل جو واقعو ٻڌايو تہ "ڀٽي صاحب جا آخري ڏينهن هجن، مُلن هُن جي خلاف وڏي پيماني تي هلچل شروع ڪري ڇڏي هئي. اسين سڀ قوم پرست جيلن ۾ بند هئاسين. جيل ۾ پيغام آيو تہ ڀٽو صاحب اسان سان ملڻ ٿو چاهي. سيئي دوست خوش ٿيا تہ اڄ جيل مان آزادي ملي ويندي ۽ هو اسان کي ڇڏڻ ٿو اچي. ان جي برخلاف مون (آريسر) انهن کي چيو تہ هي اسان کي نہ ڇڏيندو. خير اهو وقت آيو ڀٽي صاحب سان ملاقات ٿي. هو دراصل اسان کان مدد گهرڻ آيو هو مُلن جي خلاف. هُن پنهنجي حق ۾ گهڻو ڪجھ ڳالهايو. مون (آريسر) هُن (ڀٽي) کي آخر ۾ چيو تہ "تون جنهن ڪرسي تي ويٺو آهين. ان جي هيٺان هڪ فوجي جي سنگين ٽنبي پئي آهي. هو ان سان ڪيڏي مهل بہ تنهنجو تختو اونڌو ڪري سگهي ٿو." جواب ۾ ڀٽي صاحب هن (آريسر) کي مرڪندي چيو هو "تون اڃان ٻار آهين سياست کي نہ ٿو سمجهين" آخر ۾ ائين ئي ٿيو ضياءُ الحق، ڀٽي جو تختو اونڌو ڪري ڪيس ڦاهي تي چاڙهي ڇڏيو. ٻڌائڻ جو مقصد هي هو تہ منهنجي ٿوري گهڻي تربيت انهن ماڻهن جي اثر هيٺ ٿي. انهي ڪري ئي ٿوري گهڻي سمجھ رکون ٿا.

سنڌي ماستريءَ جا شروع وارا 4 يا 5 سال، روڊ رستي نہ هئڻ جي ڪري، آئون پنهنجي ڳوٺ گلاب لغاري مان اسڪول ماڻڪ لغاري پنڌ ايندو ويندو هوس. منهنجي مامي جي پٽ نظير احمد وٽ هڪ سائيڪل هوندي هئي، جنهن کي هو پنهنجي ڳوٺان اچي اسان جي گهر ڇڏيندو هو ۽ پاڻ ٽنڊو غلام علي اسڪول هليو ويندو هو تہ انهي سائيڪل کي وري آئون ڪڻندو هوس ۽ ماڻڪ لغاري اسڪول هليو ويندو هوس. اسڪول کان واپسي تي وري هو سائيڪل کڻي ڳوٺ هليو ويندو هو. ائين اسان 3 يا 4 سال ڪم کي ڏڪيو. وري جڏهن حيدرآباد، شيخ ڀرڪيو، گلاب لغاري پڪو روڊ نهيو تہ پوءِ ڪڏهن بس تي ڪڏهن پيرين پنڌ اسڪول پيو اچبو وڃبو هو. ائين صبح جو مختلف اسڪولن وڃڻ وارا استاد توڙي شاگرد اچي ڳوٺ واري بس اسٽينڊ تي گڏ ٿيندا هئاسين. چڱو خاصو ڇهڇٽو لڳو پيو هوندو هو. مون کي وري قوم پرستي جو

ڪن ۾ ڪيڙو چوان تہ جيڪي بہ چار پڙهيل ڳڙهيل شاگرد ٽائيپ نوجوان ملن تہ انهن کي ڪتابن پڙهڻ ڏانهن راغب ڪجي. ان زماني ۾ اسان جا خيال اهي هوندا هئا تہ انقلاب اجهو اسان جي در تي بيٺو آهي. اها خبر ڪانہ هئي تہ انقلاب رت جون نديون وهائي پوءِ ايندا آهن. جنهن کي نيلسن منديلا، فيدل ڪاسترو، هوچي منهہ، مائوزي تُنگ ۽ سائين جي ايم سيد جهڙن صبر آموز ۽ انقلابي نظريا ڏيندڙ ماڻهو ڪپن.

ان زماني ۾ گلاب لغاري ۾ صرف پرائمري اسڪول هوندو هو سو اوسي پاسي جي ڳوٺن جا شاگرد چمبڙ هاءِ اسڪول ۾ پڙهڻ ويندا هئا. هڪ ڏينهن ڏسان تہ هڪڙو شاگرد هو ڪٽڪ رنگو اٽيا ۽ وڪريل وار، پيرن ۾ پشاوري چمپل، تن تي اڏوراٽا ڪپڙا، هٿ ۾ مهراڻ رسالو ان تي انڊپين سان ڪجهہ لکي رهيو هو. بي اختيار نہ چاهندي بہ منهنجا قدم اوڏانهن کڄي ويا. مون هن سان هٿ ملايو تہ هي اٿي بيهي ادب ۽ احترام سان مون سان مليو هو. مون کيس سمجهايو تہ ڪتاب تي لکبو ڪونهي، هو مون کي ڀڏي چپ ٿي ويو هو. جيئن تہ اهو مهراڻ جو نمبر منهنجو اڳئي پڙهيل هو. مون هن کان سوال ڪيو هو تہ تو هان هن ۾ ڇا پڙهيو آهي. هن مون کي سڄي سربستي ڪهاڻي ٻڌائي هئي تہ هن ان ڪتاب ۾ ڇا ڇا پڙهيو آهي. اسان جي گفتگو مان مون محسوس ڪيو تہ هو مون کي اڳي ڪنهن نہ ڪنهن حوالي سان سڃاڻندو هو پر آئون هن کي نہ سڃاڻندو هوس. هن مون کي چيو تہ "توهان وٽ ڪتاب آهن مون کي پڙهايو". مون هن کي چيو تہ " تون شام جو منهنجي گهر اچ ۽ ڪتاب کڻي وڃ. " هو ان زماني ۾ انين ڪلاس ۾ پڙهندو هو ۽ آئون پرائمري ماستر هوس. مون سوچيو تہ هي شام جو مون وٽ ڪو نہ ايندو. ڇو جو اسان جي ڄمارن ۾ 10 سالن جو فرق هو. منهنجا انومان ڪنهن حد تائين صحيح بہ هئا. ان زماني ۾ آئون 23 سالن ڪن جو هوندو هوس ۽ هو 13 سالن جو. پر منهنجا وهم ۽ وسوسا سپ غلط ثابت ٿيا. شام جو هو منهنجي گهر آيو. اسان جي اوطاق هوندي هئي. ان ۾ مون پنهنجي حال سارو لسي لپ سان هن کي ماني بہ کارائي. جنهن جو هو اڳتي هلي پنهنجن خطن ۾ پاڻ ذڪر بہ ڪري ٿو. مون هن کان سندس نالو پڇيو تہ هن پنهنجو نالو شير محمد لغاري ٻڌايو هو. تنهن تي مون هن کي چيو هو تہ " تنهنجو نالو هاڻي شيرل لغاري ٺا رکون " بس انهي ڏينهن کان پوءِ هي شير محمد لغاري مان ڦري شيرل لغاري ٿي پيو هو ۽ منهنجي ننڍڙي لائبرري ۾ جيڪي بہ تي سئو ڪتاب هئا اهي هن منهنجي ننڍڙي دوست تمام ٿورن ڏينهن ۾ پڙهي ڇڏيا هئا. هاڻي منجهند جي ماني اسان ڪڏهن ڇٽي واٽئي جي پٽ لونگ واٽئي جي پڪوڙن سان تہ ڪڏهن لسي لپ سان گڏ کائڻ

لڳاسين. اڳئي آئون ۽ مشڪور ٻئي ادب تي ڪچهري ڪندا هئاسين، هاڻي هي ننڍڙو اسان جو دوست اسان سان جڙجي ويو. اجا شيرل شاعري ڪرڻ شروع نہ ڪئي هئي. مشڪور قلڪاري جي شاعري حمد ۽ نعتن مان ڦري قومي تي پئي هئي، تنهنڪري مون ۽ مشڪور جهڙا دوست هن کي ملڻ جي ڪري شيرل ڪڏهن بہ مذهبي شاعري نہ ڪئي. ان زماني ۾ ماستري جو پگهار هوندو هو 120 رپيا. آئون 20 روپيا خرچي جي لاءِ رکندو هوس ۽ 100 روپيا امان کي گهر جي خرچ لاءِ ڏيندو هوس. انهن 20 روپين مان آئون ۽ شيرل ڪتاب وٺندا هئاسين. حيدرآباد وڃبو هو تہ ماني ڪانہ ڪائبي هئي. انهن پئسن مان ڪتاب وٺبا هئا. هاڻي اسان ادبي دوست تہ اڳئي هئاسين پر اسان جي هڪ ٻئي سان محبت ۽ پيار وارو جذبو بہ پيدا ٿي ويو. اسڪول جي پڑهائي جي ڪم ۾ تہ هو اڳي هوشيار هوندو هو. جيئن ئي مئٽرڪ ڪيائين تہ هن کي بہ ماستري واري نوڪري ملي وئي. ٻہ چار سال مختلف اسڪولن ۾ نوڪري ڪري اسان وري ساڳئي اسڪول تي گڏجي وياسين.

شيرل نہ انجنيئر، نہ ڊاڪٽر ۽ نہ وري وڪيل ٿي سگهيو. تنهنڪري هن جي شاعري کي اها مڃتا نہ ملي سگهي جيڪا ملڻ گهربي هئي. حقيقت ۾ شيرل لغاري پنهنجي وقت جو وڏو شاعر هو. هن شاعري جي سڀني صنفن تي طبعي آزمائي ڪئي، ، جهڙوڪ غزل، نظم، ٽيڙو، آزاد نظم وغيره. شيرل کي واقعاتي شاعري تي وڏو عبور حاصل هوندو هو. واقعو ڏسي يڪدم شاعري ڪري وٺندو هو. سندس ڪتاب " توبن ڪهڙو جيون" جيڪو هن جي وڃڻ کان پوءِ ڇپيو، انهي مان نموني طور سندس شاعري پيش ڪجي ٿي.

اها شام بن ۾ گذاري ڇڏيسون
گهڙي توسان گهاري وساري ڇڏيسون
ڪڏهن تو سان ملبو پرين تو سان ڪلبو
اها آس دل ۾ سُمهاري ڇڏيسون
اوهان ئي ڇيو خط نہ لکجو تڏهن کان
پنهنجي قلم مان مس بہ هاري ڇڏيسون
پڇو ڪنهن تہ ڪٿي آهي جاني
اها ڳالهہ هر وار ٽاري ڇڏيسين
"شيرل" جا سپنا بہ ساڙي هليو وئين
بچي رک باقي اُڏاري ڇڏيسون

تُر خانن جو تور نہ بچيو

مغلن مان ڪو مور نہ بچيو
گورن جو دستور نہ بچيو
ظالم توتي ٻوڙ ڪنداسين
ڏرتي توسان توڙ ڪنداسين
موهن کي ٻہ جيارينداسين
اگهم ڪوٽ اجارينداسين
سنڌ جو سينو ٺارينداسين
زندهہ نيٺ اروڙ ڪنداسين
ڌرتي توسان توڙ ڪنداسين.

هاڻي اسان جا ڏينهن جا ڏينهن اسڪول ۾ گڏ گذرڻ لڳا. ادبي ڪچهريون زور تي ويون. سائين عبدالڪريم لغاري جيڪو اڳئي اديب، فاضل هو ۽ ادب سان اڻ سڌي طرح لاڳاپيل هو ۽ اسان ٻنهي جو هيڊ ماستر هوندو هو. انهي کي اها اسان واري ادبي ڪچهري پسند تہ هوندي هئي. پر اسان کي هدايت ڪندو هو تہ ٻارن جي پڙهائي تي وڌيڪ ڌيان ڏيو. ادب پوءِ ٻہ بحث هيٺ ايندو ئي رهندو. انهي معاملي ۾ هو ٺيڪ رستي تي هوندو هو. اسان کي ادبي بحث مباحثي ۾ سڄو سڄو ڏينهن لڳي ويندو هو. پوءِ بہ اسڪول ڪافي متاثر ٿيندو هو. مون ڪٿي اڳي لکيو آهي تہ پراڻا استاد تعليم جي معاملي ۾ ڪنهن بہ قسم جي رعايت ڏيڻ لاءِ تيار نہ هوندا هئا، نہ رڳو سندن نائب ماسترن تي نظر هوندي هئي پر انهي سختي جو تئو شاگردن ڪان ٿيندو انهن جي مائٽن تائين پهچي ويندو هو. ان زماني ۾ ٻار اسڪول ڪان گسايو تہ سندس مائٽ ٻئي ڏينهن ڪيئن ان جو سبب ڏيندا هئا. هيٺ هڪ شاگرد جي مائٽ جو خط نموني خاطر پيش ڪجي ٿو.

786

22_4_82

بخدمت ۾ جناب استاد نظام الدين خان سدا خوش هجو

اسلام اعليڪم

احوال عرض تہ غلام حسين اچي ٿو. هن کي ڪجهہ نہ چوندا، چاڪاڻ تہ هن جي طبيعت خوش نہ هئي. انهي ڪري غير حاضر رهيو. باقي ڪجهہ تيز ڪندا، چاڪاڻ تہ اڳتي نہ نٽائي.

وڌيڪ خير آفيت اوهان جو

قابل چانديو
22_4_82

اسان جو هيڊ ماستر اسان سڀني استادن جي تمام گهڻي عزت ڪندو هو. ڇو جو قوم پرست هئڻ جي ناتي اسان اسڪول تي ڪافي توجهه ڏيندا هئاسين، تنهنڪري هو صاحب اسان جي ڪافي عزت ڪندو هو. بس ائين وقت گذرندو رهيو. آئون پرائيويٽ طور پڙهندو رهيس، تان جو 1982ع ۾ مون ايم اي ايڪنامڪس ۾ ڪري ورتي. هاڻي مون کي شوق جاڳيو ته آئون آفيسر ٿيان. هڪ ٻن وڏيرن جي پٺيان به لڳس پر ڪٿان به چاڙهو نظر ڪو نه آيو. سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جا امتحان انٽرويو ڏيڻ لڳس، پر هر وقت فيل. هاڻي ادبي ڪتابن کي ڇڏي آئون ايڪنامڪس کي پڙهڻ لڳي ويس. مئٽرڪ جي ايڪنامڪس جي عبدالرحمان پهوڙ جي ڪتاب کان شروع ٿي سراج الحق ميمڻ جي انٽر جي ڪتابن تائين. سنڌي توڙي انگريزي جا مون خوب ڪتاب پڙهيا. هاڻي مون کي ايڪنامڪس جو بيسڪ Concept ۽ ان جون Theories سمجهه ۾ اچڻ لڳيو هيون. انهي وچ ۾ تعليم کاتي ۾ ڪيترائي نوان نوان پروگرام شروع ٿيا. جيئن ته آئون پوسٽ گريجوئيٽ هوس تنهنڪري مون کي پنهنجي کاتي ۾ ئي آفر آئي ته 16 گريڊ ۾ نوڪري ڏيون ٿا، اچو جوائن ڪريو. پر منهنجو ضد هو ته 17 گريڊ جي نوڪري ڏيو 16 جي آئون نه ڪندس. هاڻي گهر ۾ اچي ٻڙڌڪ متو ته "تون متي نوڪري نه ٿو ڪرين". مون کي ڪجهه ائين سمجهه ۾ اچي رهيو هو ته جيڪڏهن مون 16 گريڊ ۾ نوڪري ڪئي ته سڄي ڄمار انهي هڪڙي گريڊ ۾ گذري ويندي. تنهنڪري نوڪري ڪبي ته 17 گريڊ جي باقي ماستري ته اڳي ئي آهي. تنهنڪري 16 گريڊ جي نوڪري کان ٽپ نابري واري ويهي رهيس.

## شادي

هاڻي مون امان کي اڄي تنگ ڪرڻ شروع ڪيو ته منهنجي شادي ڪراءِ. بابا ته اڳي ئي جهان ڇڏي چڪو هو سو تنگ ڪرڻ لاءِ باقي وڃي امان رهي هئي. سو ان جي پنيان منهنجي روز جي پنبڪي هوندي هئي ته منهنجي شادي ڪراءِ. امان جو منهنجي جلدي شادي ڪرڻ جو ڪو به ارادو ڪونه هو. امان انهي ۾ صحيح هئي مون کي نوڪري ضرور ملي وئي هئي پر آئون اڃان شادي جي اهل ڪونه ٿيو هوس. هڪ ڏينهن مون امان کي ڌمڪي ڏني ته جيڪڏهن منهنجي شادي نه ٿي ڪرائين ته آئون پنهنجي پاڻ کي ڦاسي ٿو ڏيان. منهنجي خيال ۾ هر نوجوان ائين پنهنجن امڙين کي ڪنهن نه ڪنهن ڳالهه تي ڌمڪيون ڏيندو آهي. خاص ڪري پنهنجي مرضي ۽ مائٽن جي مرضي جي خلاف شادي تي هر نوجوان ائين ڪندو آهي. خير منهنجي چوائس ته ڪا به نه هئي سڄو زور هو شادي تي. سو ڳالهه پئي هلي شادي نه ڪرائڻ تان خودڪشي جي، مون مرڻ جو هڪ عجيب نمونو ايجاد ڪيو. اسان جي گهر ۾ هڪ پينگهو هوندو هو (جنهن جا نصير مرزا اڃان تائين مزا وٺندو آهي) ڪي ماڻهو ان کي هندورو به چوندا آهن. مون ڇا ڪيو جو ان جي وچ واري ڪاٺي ۾ رسو ٻڌم، سيني گهر جي ٻاتين کي سڏي آيس. ڏسو ته آئون ڪيئن ٿو ڦاسي کاوان، رسو جيڪو ڪاٺي ۾ ڦابو ٻڌل هو انهي ۾ پنهنجي ٽنگ ڦابو ٻڌي رسي کي ڇڪيم. هاڻي پڙهندڙ پاڻ فيصلو ڪن ته ٽنگ جي ڦاسي وارو ڪڏهن مرندو! ماڻهو ڪائين ڳچي ۾ ڦاسي ۽ مون ڪاڏي ٽنگ ۾ ڦاسي. انهي ٽنگ ۾ ڦاسي واري رسي اهڙا ته ڏاوڻ وجهي ڇڏيا آهن جو سڄي زندگي آزادي سان هلڻ ڦرڻ کان لاچار ٿي ويو آهيان. انهن نوجوان دوستن کي گذارش آهي جن جي اڃا شادي نه ٿي آهي ته شادي لاءِ ٽنگ ۾ ڦاسي وارو نسخو ڪڏهن به استعمال نه ڪن، نه ته مون وارو حال ٿيندو. نيٺ ٽنگ جي ڦاسي وارو نسخو ڪامياب ٿيو ۽ آئون جيئن ئي منياٽي مان ٽريننگ ختم ڪري واپس آيس ته 1977ع ۾ منهنجي شادي ٿي وئي. جڏهن ته ٻائرن ۾ آئون ٻئي نمبر تي هوس پر منهنجي شادي سڀ کان پهرين ٿي. وڏيڪ شادي جي باري ۾ ڪونه ٿو لکان "ڊڪي پلي شادي پلي" ڇو جو ان ۾ خوني رشتا شامل آهن. مون لکڻ کان پهرين اهو طئه ڪيو هو ته خوني رشتن تي گهٽ لکندس. باقي روحاني رشتن تي دل کولي لکبو. مون کي يقين آهي ته ڪنهن به دوست جي باري ۾ آئون ڪجهه به لکي ڇڏيندس اهو منهنجي لکئي کي پنهنجو ڪندو. باقي رت کي ته باهه لڳيو

وڃي، تنهنڪري خوني رشتن لکڻ وقت احتياط کان ڪم ورتو. هڪڙو هو ٻروچ سو جڏهن گهر ۾ داخل ٿيندو هو ته گهرواري ڪنهن نه ڪنهن شئي جي ڪُٽي وڃڻ جي خوشخبري ٻڌائيندي هئي. سو تنگ ٿي هڪ ڏينهن چيائين "ماڻهيان ڪون ماڻهيان دي رنان ڪون داڻيان دي"

## شيرل لغاري جا خط

سو ڳالهه پئي هلي شيرل لغاري جي، مون ماسٽرس ڪري ورتي، تہ هي اجان بي اي جي ڪلاسن ۾ هوندو هو. منهنجو خيال هو تہ هي اقتصاديات ۾ ماسٽرس ڪري، پر هن جو چوڻ هوندو هو تہ "اهو تور ماپ وارو حساب پاڻ کان ڪونہ ٿيندو" ۽ هن سنڌي ۾ ماسٽرس ڪئي. ڇو جو سنڌي سندس محبوب سبجيڪٽ هوندو هو. مون کي چوندو هو تہ آئون ٻن شين سان پيار ڪيان ٿو. هڪ متحرڪ ۽ ٻئي غير متحرڪ. هڪ سنڌي ادب جنهن ۾ شاعري ۽ ٻيو ادب اچي وڃي ٿو ۽ ٻئي متحرڪ شئي، هو مون ڏانهن منسوب ڪندو هو. اسان ڪٿي رات جو گڏ هوندا هئاسين تہ هو سڄي رات مون کي شاعري پيو ٻڌائيندو هو ۽ خبر نہ پوندي هئي تہ ننڊ اسان کي ڪيڏي مهل پنهنجي آغوش ۾ وٺي ڇڏيندي هئي. اڄ بہ جڏهن ڪا سٺي شاعري نظر مان گذرندي آهي تہ شيرل ياد ايندو آهي تہ بي اختيار روئي ويهندو آهيان. هي اهو زمانو هو جڏهن موبائل نياڳي اجان ايجاد ڪانہ ٿي هئي. اسان هڪ ٻئي کي ڊگها ڊگها خط لکندا هئاسين. سندس اهي خط منهنجي لاءِ ايتري حيثيت ٿا رکن، جيترو منهنجو وجود. شيرل لغاري جا جيڪي بہ مون وٽ خط آهن اهي آئون هن ڪتاب جو حصو بڻائيندس. ان زماني ۾ سٺن ۽ پڙهائڻ وارن استادن کي هوشيار ۽ بااخلاق شاگرد پسند ڪندا هئا. ڪافي عزت بہ ڪندا هئا. جڏهن تہ استادن جو اخلاق هماليہ جي چوٽي کان وڌيڪ بلند ۽ اعليٰ هوندو هو. مجال آهي جو ڪو استاد پنهنجي يا پرائي شاگرد ڏانهن ميري اک کڻي ڏسي. ڇو جو اسان جي زماني ۾ اڌو اڌ استاد سنڌي فائنل امتحان پاس هوندا هئا. جن انگريزن جو زمانو بہ ڏٺو هو. تنهنڪري هو صاحب اخلاق ۽ پڙهائي جي معاملي ۾ ڪنهن بہ قسم جي رعايت ڏيڻ لاءِ تيار نہ هوندا هئا. اسان کي اهڙن استادن جي تربيت نصيب ٿي. جيڪا اڄ ڏينهن تائين هيڏانهن هوڏانهن ٿيڙ ڪائڻ نہ ٿي ڏئي. جيئن تہ اسان جي اسڪول ۾ برانچ مڊل اسڪول قائم هوندو هو پر ان جي لاءِ بلڊنگ يا اسٽاف وغيره ڪجهہ بہ نہ هوندو هو. اسين پرائمري جا استاد انگريزي جا ڪلاس بہ وٺندا هئاسين. اسان مان هڪ استاد ڪل وقتي انگريزي ڪلاسن وٺڻ لاءِ هوندو هو. جڏهن تہ مون وٽ هميشہ پرائمري جا مٿيان ڪلاس رهيا آهن. مون کي هڪ ڏينهن آرڊر ٿيو تہ ڇهين ۽ ستين ڪلاس جي رياضي وٺان. مون کي صرف پنجين ڪلاس تائين رياضي پڙهائڻ ايندي هئي. منهنجي لاءِ ڏاڍو ڏکيو ٿي پيو تہ مٿين ڪلاسن جي آئون رياضي ڪيئن پڙهايان. مون انهي

آرڊر کي چئلينج سمجهي قبول ڪيو. مون ڇا ڪيو جو بازار مان ٻنهي ڪلاسن جا ميٿاميٽڪس جا ڪتاب وٺي آيس،جيڪو ٻئي ڏينهن ڪلاس ۾ پڙهائڻو هوندو هو اهو پهرين آئون پاڻ پڙهي تيار ٿي ويندو هوس. ڇو جو مون کي اهو سنئو نہ ٿي لڳو تہ آئون شاگردن جي اڳيان ڪتاب کولي کين پڙهايان، انهي مان مون کي زبردست فائدو ٿيو. ان زماني ۾ اجان مون ايم اي ايڪنامڪس ۾ ڪئي پئي. هڪ 100 مارڪن جو سڄو سارو پيپر مئٿ هوندو هو. ٿيوري تہ ڪتاب تان نقل ڪري لکي وڃبو هو پر ميٿ ۾ اڪثر ڇوڪرا فيل ٿي پوندا هئا. جڏهن تہ مون اهو پيپر 100 مان 92 مارڪون کڻي پاس ڪيو هو. اجان ان جو وڏيڪ فائدو اهو ٿيو جو اسان جڏهن اسلام آباد آفيسر ٿي آياسين تہ ڪو بہ پنجابي آفيسر اسان کي وٺڻ لاءِ تيار ڪو نہ هو. جيئن تہ منهنجي فنانس ڊويزن ۾ پوسٽنگ ٿي. ڇون تہ هن ڊويزن ۾ هلي مئٿ ٿي، سنڌين کي مئٿ اچي ڪا نہ، تنهنڪري هن کي نہ وٺنداسين. خير مون مارڪ شيٽ ڏيکاري کين مطمئين ڪيو تہ مون کي مئٿ اچي ٿي. ان کان پوءِ تقريبن 22 سال آئون فنانس ڊويزن ۾ رهيس مون ڪڏهن بہ ميٿاميٽڪس ۾ مار نہ کاڌي. پويان اٺ سال آئون مٿين گريڊن ۾ هليو ويس اتي بہ هاءِ ليول جي مئٿاميٽڪس مون کان ڪرائيندا هئا. خاص ڪري نوڪرين ۾ ڪوٽا سسٽم ڪيڻ جو هڪ خاص فارمولا آهي. اهو اڪثر ڪنهن کي ڪو نہ ايندو هو. مون انهي تي ڪافي محنت ڪري سکي ورتو هو. هوئڻ بہ بلوچستان جي اسيمبلي جا ميمبر اسمبلي اندر توڙي ٻاهر پنهنجن نوڪرين جي ڳالهہ ڪندا آهن تہ هي پنجابي اسان جون فيڊرل گورنمينٽ واريون نوڪريون کائي ٿا وڃن. پر بدقسمتي سان اسان جي سنڌ جي ڪنهن بہ ميمبر اسيمبلي ۾ سنجيده ٿي نوڪرين جي باري ۾ نہ ڳالهايو. ائين هي اسان جا ياٿر غلط ڪوٽا ڪلڪيوليٽ ڪري سنڌين ۽ بلوچن جون نوڪريون کائيندا رهندا آهن. جيڪي مون پنهنجي آرگنائيزيشن ۾ اچڻ کان پوءِ روڪي ڇڏيون تہ منهنجي هيٺان ڪم ڪندڙ آفيسر جيڪي پنجابي ۽ پٺاڻ هئا اهي سڀ جا سڀ منهنجي خلاف ٿي ويا. خير اهو ذڪر آئون اسلام آباد واري باب ۾ ڪندس.

منهنجي هميشہ اها خواهش رهي آهي تہ منهنجو هر دوست زندگيءَ جي هر مقابلي ۾ سُرخرو هجي. ڪنهن نامعلوم جو قول آهي تہ ” انقلابي عاشق مزاج ۽ سونهن تي فدا ٿيندا آهن، ڪڏهن ڪڏهن سونهن مٿن پاڻ موهت ٿي پوندي آهي. ” مون سان بہ ڪجهہ اهو ئي ٿي رهيو آهي. منهنجي ياري دوستي ۾ ذات پات، نند وڏائي يا مذهب جي ڪا بہ دخل اندازي نہ رهي آهي. آئون فقير ۽ صوفي طبعيت جو ماڻهو آهيان. مون ڪنهن شخص سان پيار نہ ڪيو آهي،

پر مون انسان ذات سان پيار ڪيو آهي. مون ڪڏهن بہ ڪنهن عورت ذات سان عشق نہ ڪيو آهي. عشق ۽ پيار جا لفظ مون رڳو ڪتابن ۾ پڙهيا آهن. ها باقي بااخلاق ۽ سچا دوست مون کي پيار ۽ عزت ڏيندا ئي رهيا آهن. جڏهن تہ آئون انهن جي خاص ڪري تعليمي ميدان ۾ رهنمائي ڪندو رهيو آهيان. ماشاالله اهي اڄ سڀ سٺن عهدن تي آهن. هن جاءِ تي ڪي نقاد مون تي تنقيد ڪرڻ ۾ حق بجانب آهن تہ مون مڙ جي مٿ مان هڪ چسڪي بہ نہ پري، ٻين لفظن ۾ آئون زندگي ۾ ناڪام شخص رهيو آهيان. انهن دوستن لاءِ عرض آهي تہ مون امانت ۾ خيانت ڪڏهن بہ نہ ڪئي آهي. مون موڪي جا مٽ مٽي تي ضرور ڪنيا آهن پر انهن مان چسڪي نہ پري اٿم. ان سان گڏ مون شرابن طهورا جي ساگر ۾ غوطا ڪاڏا آهن، پر انهي پاڪ ۽ پوتر پاڻي جو ڍڪ ڪڏهن بہ نڙي ڪان هيٺ نہ لٿو آهي.

هي 1984ع جو زمانو هو. ان کان اڳ مون سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جا ست انٽرويو ڏنا هئا پر هر ڀيري فيل ٿيو هوس. انهن ۾ آخري بہ انٽرويو جيڪي مون ڏنا اهي سنا ٿيا هئا. چوجو ٽن سالن کان مٿي عرصي لاءِ مون ايڪنامڪس ۾ تمام گهڻي محنت ڪئي هئي. ٿي سگهي ٿو تہ ڪميشن کي مون کان وڌيڪ ڀيا سنا اميدوار ملي ويا هجن، جنهنڪري سنڌ گورنمينٽ ۾ آئون آفيسر نہ ٿي سگهيس. فيڊرل پبلڪ سروس ڪميشن اسلام آباد 1984 ع ۾ ريسرچ آفيسر 17 گريڊ ۾ ايڪنامڪس ۽ پلينر گروپ لاءِ ايڊورٽائيز مينٽ ڏني هئي. ان زماني ۾ هر آچر تي هلال پاڪستان اخبار ۾ FPSC جي ايڊ ايندي هئي. ڪميشن صرف ايم اي ايڪنامڪس سيڪنڊ ڪلاس ۾ گهري هئي. اها تعليمي قابليت مون وٽ هئي. جيئن تہ آئون اڳي ئي سرڪاري نوڪري ۾ هوس. تنهنڪري مون کي کاتي جي معرفت ئي درخواست موڪلڻي هئي، جيئن تہ اسان جو تعلقو ماتلي هو ۽ سب ڊويزنل ايجوڪيشن آفيسر اُتي ويهندو هو. ان زماني ۾ ڪميشن جو فارم هر ڊي سي آفيس مان ملندو هو. اسان جو ضلعو تہ بدين هو پر آئون فارم حيدرآباد مان وٺي آيو هوس، ان سان گڏ 7.50 روپين جو چالان بہ نيشنل بئنڪ رسالا روڊ برانچ ۾ جمع ڪرائي آيو هوس. اها اخبار ۽ انهي چالان جي ڪاپي مون وٽ اڄ تائين محفوظ آهي. سو فارم پري ماتلي ڪٽي ويس پر اتفاق سان SDEO آفيس ۾ موجود ڪونہ هو. هڪڙو ڪلارڪ هوندو هو دودو خان ڪيريو. شهر کان ٿورو ٻاهر ڪنهن ڳوٺ جو وينل هوندو هو. اسان تقريبن گڏ ماستر پرتي ٿيا هئاسين. ڏاڍو سهڻو جوان هوندو هو. قد بت ۾ قد آور، وڏيون ۽ گول گول اکيون، ڳٽا ڀريل، منهنجي وارن وانگر گهنڊيدار وار، دلبر دوست هوندو هو. هُن

پار جي اهڙي چڪ ٽيس جو ٽڪڙ ۾ موڪلايائين ٻـ ڪو نـ. نوڪري تـ اجان ڪافي باقي رهندي هيس. اهڙي دنيا ۾ هليو ويو جتان ڪو ٻـ اچ ڏينهن تائين واپس نـ آيو آهي. آئون 11 سال ڪن سنڌي ماستر رهيس پر آفيس ۾ منهنجا ڪم ڪار سڀ دودو ڪيريو ڪري ڇڏيندو هو. سو اهو FPSC وارو درخواست فارم پري دودي ڪيريي کي ڏئي آيس تـ آفيسر کان صحيح ڪرائي اسلام آباد موڪلي ڇڏجان. مون کان وري اها فارم واري ڳالهـ ئي وسري وئي تـ ڪو مون ڪا درخواست موڪلي آهي. ساڳيون پوسٽون FPSC وري 1985 ع ۾ ٻيهر ايڊورٽائيز ڪيون. انهيءَ ۾ اهو لکيو ويو هو تـ جن ماڻهن ساڳين پوسٽن لاءِ اڳي ئي درخواست ڏني آهي، اهي ٻيهر نـ ڏين. پر منهنجي انهي نڪتي تي نظر ئي ڪا نـ پئي. سو فارم پري ٻيهر ڪميشن کي اسلام آباد ڏياري موڪليم. مون سمجهيو تـ هي ائين دوکوٽا ڪن. تنهنڪري آفيس جي معرفت ڪو نـ موڪليم ائين سڌو سنئون ڏياري موڪليم. آڪٽوبر يا نومبر 1985 ع ۾ ڪميشن جي طرفان لکت ۾ ٽيسٽ جي لاءِ ڪراچي سڏايو ويو. مون کي ٽيسٽ صفا سولي لڳي. ڇو جو آئون لاڳيتو 5 سال ايڪنامڪس پڑهندو رهيس. ان کان پوءِ ڊسمبر ڏهين تي ڪراچي ۾ انٽرويو لاءِ سڏايو ويو. جيئن تـ FPSC جو منهنجو پهريون تجربو هو. هتي سنڌ ۾ سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن وارا اٺين بجي انٽرويو لاءِ گهرائيندا هئا تـ 12 بجي انٽرويو شروع ڪندا هئا. مون سمجهيو تـ هي بـ ائين ئي ڪندا. جيئن تـ انٽرويو باٽ آئيلينڊ ۾ 9 بجي شروع ٿيڻا هئا. مون سمجهيو تـ اهي 11 بجي کان اڳ شروع ئي نـ ڪندا. سو ڪراچي جي صدر ۾ ناشتو وغيره ڪري ڊان اخبار پڙهي پوءِ آرام سان ڏهين بجي وڃي ڪميشن جي آفيس پهتس تـ ڪميشن جا ملازم مون کي ڳوليندا وتن. ڇوِن تـ تنهنجو هاڻي انٽرويو جو نمبر آهي تون ڪٿي ويٺين ڪونـ ٿو. مون کي انتظار ڪرڻ واري ڪمري ۾ ڇڏيائون ئي ڪو نـ . منهنجي خيال ۾ پنجن منٽن جي اندر اندر مون کي هنن ڪميشن جي ميمبرن جي اڳيان پيش ڪري ڇڏيو. مون اڳي مٿي لکيو آهي تـ مون جيڪا آفيس جي معرفت درخواست موڪلي هئي. اها مون کان وسري وئي هئي، ٻئي جيڪا مون سڌي سنئين ڪميشن کي موڪلي هئي اها مون کي ياد هئي. سو مون دل ئي دل ۾ سوچيو تـ ڪنهن ميمبر جيڪڏهن مون کان پڇيو تـ تون ڇا ڪندو آهين تـ آئون ڪميشن جون همدرديون حاصل ڪرڻ لاءِ جواب ڏيندس تـ آئون بيروزگار آهيان. جيئن ڪميشن مون کي نوڪري ڏئي ڇڏي اها ڳالهـ دل ئي دل ۾ آئون پڪي ڪري ويو هوس. FPSC ۾ 17 گريڊ کان19 گريڊ جي پوسٽ جي انٽرويو جي لاءِ ٽي ماڻهو ويهندا آهن ٻـ ڪميشن جا ميمبر ۽ ٽيون

لاڳاپيل ڪاتي جو ماڻهو. فيل پاس ڪرڻ ڪميشن جي ميمبرن جو اختيار آهي. ڪاتي واري نمائندي ڪان رڳو سندس رايو وٺندا آهن. ڪميشن جي هر ميمبر اڳيان هر اميدوار جا مڪمل تفصيل اڳئي پيل هوندا آهن. جيڪا مون کي خبر ئي ڪا نه هئي. ڪجهه گهڙين ڪان پوءِ بورڊ جي انچارج جيڪو ٻنهي ميمبرن جي وچ ۾ ويٺو هو. ان منهنجو نالو ورتو ۽ مون کي چيائين ته تون پرائمري ماستر آهين. اتي منهنجا ڪن وڃي ويا ۽ مون يڪدم ها ڪئي ته آئون پرائمري ماستر آهيان. ان ڪان پوءِ پڇيائين ته اخبار ڪهڙي پڙهندو آهين. ان زماني ۾ ڪاوش اخبار يا جاري ئي ڪا نه ٿي هئي يا اچا ايترو اوج کو نه هوندو هوس. مون جواب ڏنو ته جڏهن شهر وڃڻ ٿيندو آهي ته انگريزي اخبار ڊان وٺي پڙهندو آهيان. باقي ٻهراڙي ۾ ڊان نه ٿي اچي. وري مون کي چيائين ته اج ته تون ڪراچي ۾ آهين اج ته پڙهي هوندءِ. مون جواب ڏنو ته ها اج مون ڊان اخبار پڙهي آهي. مون ڪان پهريون سوال ڪيائين ته "پنهنجو صدر صاحب اجڪلهه ڪيڏانهن ويل آهي". اهو ضياءُ الحق جو زمانو هو. صدر صاحب سارڪ سربراهي ڪانفرنس ۾ بنگلاديش ڍاڪا ويل هو. مون اهو ٻڌايومانس. وري ٻيو سوال ڪيائين سارڪ جا ڳهڻا ۽ ڪهڙا ميمبر آهن. ڇهن ميمبر ملڪن جا نالا ٻڌائي ويومانس 7 جو نالو وسري ويو. پاڻ ئي اشارو ڏنائين ته "هڪڙو ننڍڙو جزيرو" انهيءَ تي مون کي ياد اچي ويو "مالديپ" پوءِ ڪاتي واري همراهه کي سوال پڇڻ لاءِ چيائين. هن مون ڪان جيڪا ايڪنامڪس پڇي،انهي جا سيئيConsept منهنجا ڪليئر هئا. ڇو جو لاڳيتو پنج سال مون ايڪانامڪس کي چڱي طرح پڙهيو هو. انهيءَ کي مون ايڪنامڪس ۾ وٺ ئي ڪا نه ڏني . ضياءُالحق جي زماني ۾ مذهب تي وڏو زور هوندو هو. هڪڙو خاص ميمبر رڳو مذهب تي سوال ڪندو هو. انهي مون ڪان پڇيو ته مذهب تي سنو ڪتاب ڪهڙو آهي. مون جواب ڏنو قران شريف، چيائين اهو ته آهي. انهيءَ ڪان سواءِ ٻيو ڪو ٻڌاءِ. مون چيو امير علي جو ڪتاب Spirts of Islam انهيءَ تي منهنجو انٽريو ختم ٿيو. اهو FPSC جو منهنجو پهريون انٽرويو هو. شام جو ڳوٺ اچي چاچي حاجي جيئند ڪان ڊارو وجهرايم هن مون کي چيو ته منائي ڪارائي تون گورنمينٽ ۾ داخل آهين. مون کي اها خبر نه هجي ته منهنجي مقرري ڪٽي ٿيندي. چاچا مون کي چيو ته جتان پاڻي اچي ٿو توکي اوڏانهن موڪليندا. تقريبن 20 ڏينهن جي اندر ڪميشن جو خط اچي ويو ته تون پاس ٿيو آهين. بس منهنجي خوشي منجهان حالت ڏسڻ جهڙي هئي. پهرين منائي وٺي وڃي چاچي حاجي جيئند کي ڏنم. جنهن جو تفصيل سان ذڪر آئون اڳي ڪري چڪو آهيان. آئون اهڙو خوش هجان جو چوان ته مون

سان ڪير گڏ ئي نہ هلي. جيئن ڪُئي کي هريڙ ملندي آهي تہ حڪيم ٿي پوندو آهي تيئن آئون بہ سنڌي ماستر مان 17 گريڊ جو آفيسر ٿي پيس. مون سمجهيو تہ مون ڪو وڏو مارڪو ماري وڌو آهي. خير الله جا وڏا احسان هئا جو مون جهڙي جاهل ماڻهو کي 15 رپين ۾ آفيسري ڏني هئائين، نہ تہ "چا ٻلي چا جلاب". هڪ تہ منهنجو غريب خاندان سان تعلق ٻيو پوئتي پيل علائقي سان تعلق، جتي صرف پرائمري اسڪول هوندو هو. بس ائين پوڳن پوڳن ۾ آئون فيڊرل گورنمينٽ ۾ آفيسر ٿي ويس. هي سجو ڪريڊٽ راشد مورائي کي وڃي ٿو. اها ٻئي ڳالھ هئي تہ هو صاحب موري ۾ ۽ آئون گلاب لغاري ۾، منياٽي چڙھ کان پوءِ اسان جي ملاقات بہ ڪڏهن ڪڏهن ٿيڻ لڳي. هُن جا چيل لفظ تہ "**نظام تون سدائين ماستر رهندين**" منهنجي ذهن ۾ اهڙا ويهي ويا، جيڪي مون کي هر وقت سٽيندا رهندا هئا. ان کان بہ وڌيڪ سائين راشد جيڪو مون کي ڪتابن تي هيرايو ۽ پڙهڻ جي عادت وڌي، انهن ڪتابن مون کي فرش تان کڻي عرش تي پهچائي ڇڏيو. منهنجي جڏهن سائين سان پهرين ملاقات ٿي هئي تہ آئون ڪچڙو جوان هوس. مون کي ڏاڙهي مڇ اڃان ڪا نہ آئي هئي. انهي ڳالھ جو مون سائين راشد مورائي سان ڪنهن خط ۾ ذڪر بہ ڪيو هو ۽ اهو خط سائين ڇاپيو هو ۽ سندس ڪتاب ۾ موجود آهي. خير انهي پاسي جا ماڻهو هونئن ئي پلا آهن، جنهن جو مون اڳي هن ڪتاب ۾ ذڪر ڪيو آهي وري وري لکڻ بوريت جو سبب بڻجندي. هاڻي مون کي ڪا خبر نہ هئي تہ اڳتي ڪرڻو ڇا آهي. الله جنت نصيب ڪري ادا وڏي کي، جيڪو مون کان اڳي 16 گريڊ ۾ بدين ۾ اسٽيٽسٽيڪل آفيسر ٿي چڪو هو. هن مون کي خط ناهي ڏنو تہ هي وڃي SDEO ماتلي وارن کي ڏي تہ "آئون فيڊرل پبلڪ سروس ڪميشن پاس ڪري چڪو آهيان. جيئن ئي اتان آفر ليٽر آيو تہ مون کي رليو( ان زماني ۾ سنڌي ۾ لفظ بي دخل استعمال ٿيندو هو) ڪندا". مون کي تہ انگريزي لکڻ ئي ڪا نہ ايندي هئي اهڙو خط بہ ادا وڏي ناهي ڏنو هو. تقريبن هڪ مهيني جي اندر پلاننگ ڊويزن مان آفر ليٽر اچي ويو. آئون منجهي پيس ڇو جو سنڌ گورنمينٽ ۾ پهرين ميڊيڪل وغيره ٿيندو آهي پوءِ رُلائي رُلائي چار ڏوڪڙ وٺي پوءِ آفر ليٽر ڪيندا آهن. جڏهن تہ هنن بغير ڪنهن اسلام آباد جي چڪر ۽ بغير منٿن سماجتن کان سواءِ ائين مفت ۾ آفر ليٽر ڪيڏي ڇڏيو انهي مون کي پريشان ڪري وڌو. ان زماني ۾ انفارميشن ٽيڪنالاجي ايتري ترقي نہ ڪئي هئي. حيدرآباد مان اسلام آباد لاءِ 60 روپيا في منٽ ٽيليفون جو ريٽ هوندو هو. ائين 200 روپيا خرچ ڪري مون اسلام آباد ڳالهايو هو. پلاننگ ڊويزن جي سيڪشن آفيسر مون کي چيو تہ تون رڳو رليو ٿي هتي پهچ باقي

ڪم هتي ٿيندو. جنهن ڏينهن آئون ايجوڪيشن ڊپارٽمينٽ سنڌ گورنمينٽ مان رليو ٿي رهيو هوس تہ اهو 20 مارچ 1986ع جمعي جو ڏينهن هو. تبديءَ باگي جو SDEO قمرالدين قاضي (ميمڻ) هو. منهنجي رليونگ جا ڪاغذ تہ ڏهين بجي ٿي ويا هئا پر هُن صاحب مون کي هڪ بجي تائين آفيس ۾ ويهاري ڇڏيو هو. ڇيائين تہ اسان توهان کي اڄ جي تاريخ ۾ رليو ڪيو آهي. تنهنڪري ڏينهن پورو ڪري پوءِ وڃ. ائين پوري ڏينهن جي ڊيوٽي ڪري پوءِ ڳوٺ آيو هوس. ائين ٻئي ڏينهن ڇنڇر تي عوام ايڪسپريس تي حيدر آباد مان سوار ٿي لاهور وڃي لٿو هوس. ان زماني ۾ لاهور حيدر آباد ريل جو ڀاڙو 160 روپيا هوندو هو. جڏهن تہ لاهور کان راولپنڊي 55 روپيا بس جو ڀاڙو هوندو هو. پهرين رات فاروق هوٽل ڪميٽي چوڪ راولپنڊي ۾ 40 روپيا ڪمرو وٺي اچي رهيو هوس. اندازو لڳايو تہ ريل ۽ بس جي ڀاڙي ۽ هوٽل جي ڪمري جي مسواڙ کان ٽيليفون مهانگي هوندي هئي. جڏهن تہ اڄ ان جي بلڪل ابتڙ آهي. اهو سڄو سارو ڪمال ٽيلي ڪام سيڪٽر کي کولڻ ۽ خانگائڻ جو آهي. توهان پاور سيڪٽر کي اڄ پرائيويٽ ڪريو. بجليءَ جو بحران ختم، بجليءَ سستي. پاڪستان جو عوام پريشاني کان ٻاهر.

اسلام آباد اچڻ کان پوءِ 24 مارچ 1986 تي مون ريسرچ آفيسر جي لاءِ پلاننگ ڊويزن ۾ رپورٽ ڪئي. هنن مون کي ميڊيڪل جي لاءِ پولي ڪلينڪ موڪلي ڇڏيو. جيڪو غلط هو. ڇو جو آئون اڳي ئي سرڪاري ملازم هوس. ميڊيڪل منهنجو ٿيل هو. جڏهن تہ مون کي سروس جي قاعدن قانونن جي ڪا بہ خبر نہ هئي. پولي ڪلينڪ وارن اٺ ڏينهن ميڊيڪل ڪرڻ ۾ لڳائي ڇڏيا. انهي کان اڳ آئون اجان جڏهن ڳوٺ ئي هوس ۽ ڪميشن پاس ڪري چڪو هوس. مون کي ڪنهن صلاح ڏني تہ شگر ٽيسٽ ڪرائي ڇڏ، متان اتي ڪو مسئلو نہ ٿي پوي. منهنجو دوست ڊاڪٽر عبدالعزيز ٿيٻو جيڪو رپ شريف جو هو. اسان هڪ ئي اسڪول ۾ پڙهيا هئاسين. هو ان زماني ۾ اسان کان هيٺين ڪلاسن ۾ هوندو هو. اهو LMC ۾ ڊاڪٽري جي آخري سال ۾ هوندو هو. مون هن کي چيو تہ مونکي شگر ٽيسٽ ڪرائڻي آهي. هن مون کي چيو تہ شگر ٽيندي نيراني هانوَ تنهنڪري رات مون وٽ ترسي پئو صبح جو شگر ٽيسٽ ڪرائينداسين. آئون اها رات هن جي ڪمري ۾ هاسٽل تي رهي پيس. اسان جو بہ رات جو سمهڻ جو ڪو ارادو ڪو نہ هو. تنهنڪري اها سڄي رات اسان ڪچهري ڪندي گذاري ڇڏي هئي. انهي رات اسان سياست، سماجيات، عشق، محبت، پيار، ساز ۽ آواز، امر جليل جي ڪهاڻين کان وٺندي شيخ آياز جي شاعري تائين، مئڪده کان مئخاني تائين، محبوب جي گلابي

ٻلن کان ڇاتي تي اپريل ڪنداري ڏاڙهُن تائين. آخر ۾ راڳ رنگ جي محفل ٿي تہ ان وقت انڊيا جا جيڪي مشهور گانا هوندا هئا. اهي سيئي مون ڪي هن سُر ۾ ڳائي ٻڌايائين. انهن ۾ جيڪو پيار ۽ محبت هو ان ڪي اڄ ڏينهن تائين وسارڻ منهنجي لاءِ ڪافي ڏکيو آهي. ٻئي ڏينهن منهنجي شگر ٽيسٽ ڪرائي رپوٽ هٿ ۾ ڪٽي ڪلندو آيو ۽ مون ڪي اچي خوشخبري ڏنائين تہ توکي شگر آهي. منهنجون“ ڀ ڀ ويون تہ ڇهہ ڀ ويون”. مون سمجهيو تہ مون واري ڪميشن هاڻي پوري ٿي وئي. هي فيڊرل گورنمينٽ وارا مون کي وٺندا ئي ڪونہ . جڏهن تہ شگر يا نظر جو گهٽ هجڻ يا ڪجهہ ٻيون بيماريون نوڪريءَ تان خارج نہ ٿيون ڪن. آئون هاڻي پرائمري ماستر. مون کي قاعدن قانونن جي خبر نہ هجي. مٿان پلاننگ ڊويزن جو آفيس ميمورينڊم (OM) اچي پهتو تہ 24 مارچ کان اڳ اڳ هتي اچي جوائن ڪر. خدا ڀلو ڪري قاضي قمرالدين جو جيڪو ٽنڊي باگي جو ميمڻ هو. هوئن ڀ سنڌ جي ميمڻن جا مون سان وڏا قرب رهيا آهن. انهي مون کي ماستري تان رليو ڪرڻ مهل 3 سالن جو واپسي جو حق ڏئي ڇڏيو هو (Right of Return) اهو قانون مطابق هو. سائين قاضي صاحب پراڻو ماڻهو هو انهي کي قاعدن جي خبر هوندي هئي. اها پڪ هئي تہ اسلام آباد وارن واپس ڪيو تہ وري اچي ماستري ڪبي. ٻئي جيڪا مون وڏي غلطي ڪئي، جنهن جي مون کي سزا ملڻ گهربي هئي پر امڙ جي دعائن ڪو اثر ڏيکاريو جو آئون بچي ويس. اسان ڊرامو اهو ڪيو جو جڏهن پولي ڪلينڪ وارن پيشاب ٽيسٽ ڪرڻ لاءِ سيمپل گهريو تہ آئون ٻئي همراهہ جو پيشاب پنهنجي پرچي تي رکي آيس. شام جو خيال آيو تہ اگر انهيءَ همراهہ کي شگر هجي تہ پوءِ ڇا ٿيندو. انهي جاءِ تي آئون پنهنجو سيمپل ڏئي ڇڏيان ها تہ ڪوئي مسئلو نہ ٿئي ها. اهو صرف اڻ ڄاڻائي ۽ لاعلمي جي ڪري ٿيو. انهي غلط ڪم جو سڄي ڄمار آئون پنهنجي پاڻ تي ملامت ڪندو رهيو آهيان. منهنجو ضمير مون کي بخش ڪرڻ لاءِ تيار ئي ڪونهي. هيءَ ڪهاڻي صرف انهي لاءِ لکي رهيو آهيان تہ دوستن کي خبر پوي تہ لاعلمي ۾ ڪهڙيون ڪهڙيون غلطيون سر زد ٿيو وڃن. اڳتي هلي مون شگر جي بيماري تي ايترو پڙهيو ۽ ريسرچ ڪئي جو مون کي هر ننڍي وڏي ڳالهہ جي خبر پئجي وئي. هڪ وقت اهو ڀ آيو جو ڊاڪٽر منهنجي شگر جي دوا بند ڪري ڇڏي. اڄ منهنجي شگر کي 35 سال ٿي ويا آهن. انهي جي ڪري مون کي ڪڏهن بخار ڀ نہ آيو آهي. لاڳيتو 30 سالن کان وٺي هر روز هڪ ڪلاڪ پنڌ ڪندو آهيان. هينئر آئون ڪنهن کي ٻڌايان ٿو تہ آئون رٽائر ٿي ويو آهيان تہ ڪير مڃڻ لاءِ تيار ڪونهي. آئون انهي نتيجي تي پهتو آهيان تہ شگر ڪا بيماري

ڪانهي. صرف اندر جا عضوا ڊس آرڊر ٿي ٿا وڃن. تنهنڪري انسولين گهربل مقدار مطابق نہ ٿي ٺهي. مون ڪڏهن بہ شگر کي پنهنجي سِر تي سوار ناهي ڪيو.

پلاننگ ڊويزن جي خط مطابق مون کي 24 مارچ تي اسلام آباد پهچڻو هوءِ ڊويزن ۾ رپورٽ ڪرڻي هئي. سو انهن جي ڏنل آخري تاريخ تي يعني 24 مارچ 1986 ع تي اچي هنن وٽ رپورٽ ڪيم. هنن بغير ڪنهن سوچڻ سمجهڻ ۽ ڪنهن بئي ڪاروائي ڪرڻ جي مون کي ليٽر ڏئي پولي ڪلينڪ موڪلي چڏيو تہ وڃي ميڊيڪل ڪرائي اچ. اسپتال وارن 8 ڏينهن کان پوءِ 2 لائنن جو خط اسان جي هٿ جي تري تي رکي چيو تہ اوهين نوڪري لاءِ فٽ آهيو. هي چوٽ پني جو ڪٽي وڃي جوائن ڪريو. تفصيلي رپورٽ اسان اوهان جي آفيس کي ڏياري موڪليندا سين. ائين پهرين اپريل 1986 ع تي آئون پرائمري ماستر مان فري فيڊرل گورنمينٽ جو آفيسر ٿي ويس. اسان ۾ ڪجهہ ماڻهو اهڙا هئا, جيڪي اڳي ئي هتي مرڪزي سرڪار ۾ نوڪرين ۾ هئا, انهن کي سسٽم جي اڳي ئي خبر هئي. آئون تازو پرائمري ماستر مان پروموٽ ٿي گلاب لغاري مان سڌو اسلام آباد آيو هوس, ائين ٿي لڳو تہ "جهنگ جي ٻڪري شهر ۾" شروع وارن ڏهاڙن ۾ آفيس هڪڙي پاسي تہ آئون بئي بس ۾ چڙهي ڪيڏانهن تئين پاسي وڃي نڪرندو هوس. چوندا آهن تہ تجربو ءِ زماني جون ٺوڪرون هر شئي سيکاري ڇيون ڇڏين. سو آئون بہ وقت سان گڏ هر شئي سکي ويس. هيڏانهن پلاننگ ڊويزن وارن منهنجي جوائننگ جو جيڪو نوٽيفيڪيشن ڪڍيو ان ۾ لکي ڇڏيائون تہ تون وڃي فنانس ڊويزن جوائن ڪر. ياد رهي تہ هتي فيڊرل گورنمينٽ ۾ ڊپارٽمينٽ نہ ٿيندا آهن. انهي جي جاءِ تي هتي ڊويزون هونديون آهن. هڪ ڊويزن تقريبن ٻن ٽن ڊپارٽمينٽن جيتري ٿيندي آهي. ناٽي واري ڊويزن وارن اجان منهنجي اڳتي پوسٽنگ ڪري ڇڏي (Industrial Incintive Reforms cell) ۾ جنهن کي اسان شارٽ لفظن IIRC ڪري چوندا هئاسين. انهيءَ مرحلي تي IIRC وارا مون کي وٺڻ لاءِ تيار نہ هجن. چون تہ هتي فنانس ڊويزن ۾ هاءِ ليول جي مئٿاميٽڪس ٿي هلي, سنڌين کي مئٿاميٽڪس اچي ڪا نہ, تنهنڪري توکي نہ وٺندا سين. مون کي هتي ڪير نہ ڄاڻي نہ سڃاڻي. هاڻي آئون ڪنهن کي دانهن ڏيان چوان تہ ڪنهن کي چوان, سفارش ڪرايان تہ ڪنهن کان ڪرايان. مون هنن کي چيو تہ مون کي مئٿاميٽڪس اچي ٿي. منهنجون ماسٽرس جي Quantitative Ecomomics جي پيپر ۾ 100 مان 92 مارڪون آهن. نيٺ هنن مون کي چيو تہ سڀاڻي مارڪ شيٽ کڻي اچجان. ٻئي ڏينهن مون

مارڪ شيٽ ڪٽي وجي ڏيکاري جنهن ۾ مون جيڪي چيو اهو بلڪل صحيح هو. انهي ڪان پوءِ هنن کي پڪ ٿي ته همراهه ڪم وارو آهي ۽ هنن مون کي فنانس ڊويزن ۾ جوائن ڪرڻ ڏنو. انهي زماني ۾ نون توڙي پراڻن ڪارخانن جا سڀ پروجيڪٽ ڪنهن نه ڪنهن حيلي بهاني فنانس ڊويزن ۾ ايندا هئا. انهي ۾ ميٿميٽڪس به ڪا خاص ڪا نه هوندي هئي. انهي ۾ به شيون ڪيڊٽيون پونديون هيون. انهن کي ترتيبوار Effctive Rate of Protection (EPR) ۽ Domestic Resource Cost (DRC) چئبو هو. انهي ۾ ڪجهه شيون ڏسٽيون پونديون هيون جيڪي اسان اڳئي M. A, Economics ۾ پڙهي آيا هئاسين. ائين هڪ مهينو ميڊيڪل ۽ جوائننگ ۾ لڳي ويو. مهيني کن ڪان وڏيڪ عرصو گذري وڃڻ ڪان پوءِ مون کي اسلام آباد سان گڏ آفيس جو ڪم ڪجهه ڪجهه سمجهه ۾ اچڻ لڳو. پوپان امان کي هر ايندڙ ويندڙ مٿ مائٽ اهو اچي چوندا هئا ته ماستري سٺي نوڪري هئس گهر جي ماني هئي، هي اُتي رهي ڪو نه سگهندو پڇي ايندو وغيره وغيره امان اهڙيو خبرون ٻڌي پريشان به ٿيندي هئي. مواصلات جو نظام صرف خط ئي هوندو هو. ڳوٺ ڇڏڻ وقت امان مون کي تاڪيد ڪئي هئي ته خط جلدي لکجان. هتي اسلام آباد ۾ خبر نه هئي ته ڪٿي پوسٽ آفيس آهي لفافا ڪٿان ملندا. هڪ مهيني جي اندر اندر ڳوٺ ڏانهن، گهر توڙي دوستن سان خاص ڪري شيرل لغاري سان خطن جو سلسلو بحال ٿي ويو ۽ خط اچڻ وڃڻ شروع ٿي ويا، هر روز به ٿي خط اچڻ ۽ وڃڻ لڳا. مون وٽ گهڻا خط ايندي ويندي ڏسندا هئا ته آفيس وارا مون کي چوندا هئا ته پوسٽ آفيس هلي ئي تو تي ٿي،تنهنجا خط نه اچن وچن ته پوسٽ آفيس ئي بند ٿي ويندي. ان وقت مون کي احساس ڪونه هو بعد ۾ مون کي احساس ٿيو ته مون کي دلي طرح پيار ڪرڻ وارا بلڪل ٿورا ماڻهو آهن. ڇو جو مٿن مائٽن دوست يارن جي خبر وڃڙڻ کان پوءِ پوندي آهي. خير جيڪي گهران خط ايندا هئا انهن ۾ ته صرف حال احوال هوندو هو. پر جيڪي شيرل لغاري دل جي گهراين مان مون کي خط لکندو هو انهن ۾ هڪ قسم جو اڻ ميو پيار سمايل هوندو هو گلا هوندي هئي، شڪايتون هونديون هيون، اندر جا اورڻا هوندا هئا، هو هميشه نه سلڻ جهڙا سور مون سان سليندو هو. شيرل جو هڪ هڪ خط آئون 8 ڏينهن پيو پڙهندو هوس. ان ڪان سواءِ انهن خطن جي هڪڙي قسم جي ادبي اهميت به هوندي هئي. جڏهن ائين اوچتو وطن کان جلا وطن ٿي اسلام آباد پهتو هوس ته پهريون خط مون کي جيڪو شيرل لغاري جو مليو اهو نيڪ هڪ مهينو منهنجي سنڌ ڇڏڻ کان پوءِ لکيو ويو هو. جيئن ته

مون 20 مارچ 1986 ع تي سنڌ ڇڏي هئي ۽ هن منهنجي دوست مون کي 20 اپريل 1986 تي پهريون خط لکيو هو جيڪو هيٺ ڏجي ٿو.
ماڻڪ لغاري
20_4_86

ڏني ڏياري سامونڊين سڙهه سنياهيا
وجهو ور ونجهه کي، روئي وڻجاري
مارينديءَ ماري، پرهه سور پرين جا. (شاهه)

هوائن جي شهر جا واسي شال سني سوسائٽي ماڻين. بغير ڪنهن رسمي جملي جي عرض آهي تہ توهان جو خط مليو پڙهي وري پڙهيم ۽ پوءِ رکي ڇڏيم ۽ جواب اڄ لکڻ وينو آهيان. توهان جي ئي ڪلاس ۾ هينئر ڇوٽون ڪلاس ٿو پڙهايان، مامي جي اچڻ کان پوءِ، هتي تہ " نہ محبتون آهن نہ نفرتون، نہ دوستيون نہ دشمنيون. بس طويل بيزار ڪندڙ سانت آهي جا ساهہ کي اڌوهي جيان ڏيري ڏيري کائيندي وڃي. "اسان جيڪي صبح جي ڳولا ڪندي ڪنهن اونداهي رات ۾ مارجي وينداسين" اوهان اقتصادي ماهر معاشي طور مستحڪم ماڻهو کي خوش سمجهو ٿا، مگر معاشي پاڻ پرائي ذهني پيڙائن ۽ ازلي رولاڪن جي روح کي ڪا بہ راحت ڪا نہ ٿي ڏي. ڇو تہ ذهن جون ڪي اونهيون ڳڙڪيون جن ۾ صرف انسان جا داخلي جذبا هوندا آهن اهي صرف ۽ صرف فطري خوشين سان ڪُلن ٿا. جيڪي شايد اسان جي مقدر ۾ ناهن. " اڄ اوهين سنڌ جي سرحدن کان پري آهيو، سنڌ لاءِ الائي اوهين ڇا سوچيندا هوندا.

اڄ دل چوي ٿي تہ اوهان کي اهو ڪجهہ لکان جو ڪڏهن بہ نہ لکيو اٿم پر آئون انهي ۾ ڪامياب نہ ويندس. ڇو تہ اڻ لکيا لفظ ۽ ڪنوارا جملا منهنجي وس ۾ ناهن. مان اڪيلو آهيان تنها، بنا ڪنهن حال محرم جي زندگي جو فاصلو تيزي سان طئہ ڪري رهيو آهيان ۽ هڪ ڏينهن گم ٿيويندس گهراين ۾ ۽ ياد ڪرڻ وارو ڪو ڪو نہ هوندو.

هئہ هارياس جو بج ڪلر ۾ ڇٽيو
ڪر پڻ ڪارياس، ور پڻ وساریاس
جنين لئہ مياس،سي ڪانڌي ڪو نہ ٿيا. (شاهہ)

ڪنهن ڪنهن مهل ساهہ گهٽجڻ لڳندو آهي ۽ دل اڏامڻ تي ٿيندي آهي، پر اسان جا پر گهٽوا ڳ ڪتجي ويا آهن، بنا پرن ڪيئن اڏامون. مهرباني ڪري مون کي نصيحتون نہ ڪجو. الائي ڇو نصيحتن کان مون کي چڙ آهي. ( هينئر سائين عبدالڪريم ڪلاس ۾ آيو آهي ۽ خط پڙهيو اٿس)

منظور احمد ملاڻي جي سيزن آف ٿي وئي آهي، غلام رسول منشي گهٽ ٿو گڏجي. بس خط جو سائين تسلسل ٽوڙي ڇڏيو هاڻي مڙئي اوندهه ۾ هٿوراڙيون ٿو هڻان. اسلام آباد ۾ امر جليل کي سلام چوندا. سائين کي خط لکي ڏنو هوم انهي ۾ به لکيو اٿم وري به لکان ٿو. مون کي پٽ چائو آهي نالو مقصود رکيو اٿم. ضياءُ الدين جو آرڊر حسين بخش ڪرڙائي جي ڳوٺ ٿيو انهي لاءِ به جس لهڻو ۽ مٺائي پارسل ڪري موڪليندا. لکڻ ته گهڻو ڪجهه پئي چاهيم پر موڊ بدلجي ويو آهي، وري ٻئي دفعي تفصيل سان گفتگو ڪنداسين. خط رمضان جي ايڊريس تي لکندا. پلا اسان وئڪيشن ۾ ست ـ اٺ سئو روپيه ڪٽي اسلام آباد گهمڻ جي لاءِ اچي سگهون ٿا يا نه . مهرباني ڪري اسان جي سهوليت لاءِ لکي موڪليندا. اوهان ڪڏهن ايندا. سلام غلام قادر ۽ الهه بخش جا قبول ڪندا.

قُتڻ لڳي آ ميندي منڙا نمن جهليو آ ٻور
ڪيسين رهندين ڏور (آياز)

Those were the days my friend we were thought they will never end.
.From the unknown we came to the unknown we go
The mountains of Islambad can fly, oceans of world can dry, you can forget me but never can I.

جڏهانڪر جاني سڄڻ سانگ سڌاريا
راتيان راحت ناهه ڪا ڏينهان حيراني
آءُ پنهنجي پرين تان ڪوڙين قرباني
رضا رباني نه ته ڪريان وس وصال کي. (شاهه)

سڄڻ ۽ ساٿيهه ڪنهن اٽاسي وسري
حيف تنين کي هوءِ، وطن جن وساريو

مون اپي وٽ سڄڻ سفر هليا
ڪانڌ مون هي گهٽ، نه ته سڄڻ سباجها گهڻا

هلڻ هارا سپرين روئان تان نه رهن،
آئون جهليندي ڪيترو آيل سامونڊين
پگهه ڇوڙي جن وڏا ٻيڙا بار ۾

اوهان اسلام آباد ۾ شاهه جو مطالعو ڪريو سنڌ کان پري اهو شاهه جو مطالعو اوهان کي مزو ڏيندو. وڏيڪ خير
توهان جو شيرل لغاري، گلاب لغاري

ائين مون پاڪستان جي وڏين منسٽرين مان هڪ فنانس منسٽري ۾ اچي باقاعدگي سان نوڪري جوائن ڪئي. اسان هن فنانس ڊويزن جي اداري ۾ 3 نوان آفيسر آياهئاسين. هڪ جو تعلق AJK سان هو هڪ KPK ۾ آئون سنڌ ڀهراڙي مان هوس. جڏهن ته پير جو ڳوٺ سان تعلق رکندڙ علي شير ڪانهر صاحب اسان کان اڳ اتي موجود هو. ڪم اهڙو ڪو خاص ڏکيو ڪو نه هو آئون هڪ مهيني ۾ ڪم سکي ويو هوس. اسان ٻئي سنڌي آفيسر هڪ اردو ڳالهائيندڙ آفيسر کي رپورٽ ڪندا هئاسين. هاڻي نوڪري ته مون کي ملي وئي هئي. آئون ڪافي ينگ ۽ هينڊسم هوندو هوس ان ڪري ڇوڪري ءَ جي آچ ٿيڻ لڳي. ڇو جو اسلام آباد ۾ ٻئي مسئلا آهن نوڪري ۽ ڇوڪري. جيئن ته آئون اڳئي ڦاهي جو رسو پنهنجي ننگ ۾ ٻڌي چڪو هوس. تنهنڪري ٻي ڦاهي ڪائڻ جو مون ارادو ئي ترڪ ڪري ڇڏيو. انهي وچ ۾ شيرل لغاري جو ٻيو خط پهتو جيڪو پاڻ ٻئي ڪنهن کي لکي ڏنو هئائين پر آخر ۾ لکي ڇڏيائين ته هن خط جو ڪاتب شيرل لغاري آهي.

Manik Laghari

21_4_1986

لڏي ويا ڇڏي ويا منهنجا ڪاهي ڏڻ ڏنار

نڪا ڪوڪ ڪنڌين نڪا تاڙي جي تنوار

ويچارا پنهوار ڏني مون ڏينهن ٿيا.

پيارا نظام الدين ڏکيو ڪري اسان کي وچي سکيو ٿئين پاڻ.

اسلام عليڪم جي عرض ته هتي خير آهي اميد توهان آفيسرن ڏانهن بہ رب تعاليٰ خير ڪيو هوندو. آمين. احوال عرض ته توهان جو خط پهتو پڙهي روح کي راحت آئي. اميد ته اهڙي يادگيري کان محروم نہ ڪندا.

بس ڏنو سين اوهان اسلام آباد ۾ آهيو. پر يار اسلام آباد کان اسان جو گلاب لغاري ويهہ دفعا وڌيڪ آهي. ڇو ته هتي اهڙا ماڻهو آهن جهڙا روءِ زمين تي ڪو نہ آهن. پيارا اسان جا ڪهڙا ٿو حال پڇين. اتي ئي آهن جتي اوهان ڇڏيو. اسين هتي رولاڪن وانگر رئيسن جي شهر ۾ ڪنهن مهل روئون ٿا ته ڪنهن مهل کلون ٿا. مڙئي وقت آهي جو ڪنهن بهاني سان گذاريون پيا. اهڙو خاص احوال ڪونهي. اوهان ڪڏهن ايندا اهو لکي موڪليندا. جيئن اسين اوهان کي ونڻ لاءِ هوائي اڏي. مطلب ته بس اسٽينڊ گلاب لغاري تي حاضر ۽ ناظر هجون. پيارا توهان جي وڃڻ کان پوءِ شهر گلاب لغاري ويران ٿي ويو آهي. ڇو ته اسان کي ماني ڪارائڻ واري پهر ڪانهي.

هينئر هي خط اسين اوهان واري ڪلاس ۾ لکي رهيا آهيون. غلام رسول ۽ شيرل ٻئي ڄڻا وٺ وٺان ۾ آهن. دنيا وارا هاڻي يار بي وفا نڪري پيا آهن. پيارا ! ماڻڪ لغاري تمام سهڻو شهر آهي، هتي رئيسن جا بنگلا آهن، ڪالونيون آهن، واٽر سپلاءِ آهي، ديوين ۾ اسڪول آهي. مطلب ته هي شهر ڏسڻ وٽان آهي ۽ هن شهر جي مين روڊ تي ٽنڊڻ جي هوٽل آهي، جيڪا خاص طور تي سياحن جو مرڪز آهي. عظيم شهر ماڻڪ لغاري ڏسي ويجهو جتي اسان جو مان ڪُتي جيترو آهي. خير ڪل يوڳ پنهنجي جاءِ تي مهرباني ڪري اسان لاءِ چند مضبوط قسم جا ريڙها نهرائي رکجو اسين فروٽ جو Import, Export ڪرڻ چاهيون ٿا.

پيارا هتي جا ماڻهو اسان سان ڪنهن به قسم جو تعاون نٿا ڪن، اسان کي سور ڏيئي ماريا اٿن، اسين هاڻي بَر منهن ڪرڻ جي موڊ ۾ آهيون. توهان مهرباني ڪري ڪو مفت مشورو ارسال ڪندا ته عين نوازش ٿيندي.

يار اهي ڏينهن ياد هنئي جڏهن ماستر هوندا اوهين
چوڪري تيڪون ڏڪي ڏي چوڙيندي آهن تون ول ول پيرين پوندا اوهين
انهان ڏينهان تيڪون ويچ چوڙون ها تون سادي تاءِ سئو لهندا اوهين.

سلام سائين عبدالڪريم، شمشاد، منظور حاضري واري، شيرل ۽ ٻين جا قبول ڪندا. يار هتي هاڻي عشق ڪرڻ جي ڪا به ويليو نه آهي باقي ڪو نئون نمونو لکندا. پيارا وڏيڪ عشق جي نئين ترڪيب جيڪا اوهان اسلام آباد مان هٿ ڪئي هجي سا اسان ڏي لکي موڪليندا. وڏيڪ گهڻي ۾ گهڻا سلام قبول ڪندا. پيارا ٿورو خط لکڻ ۾ دير ٿي وئي آهي. اها غلطي معاف ڪندا . توهان جي بورچي خاني جا ڪهڙا حال آهن، سيري ۽ ٻوڙ رڌڻ جي ترڪيب لکي موڪليندا، هاڻي ته ماهر ٿي ويا هوندا. توهان جي پٽيوالي کي اسان جا خاص سلام، اوهان جي 17 گريڊ واري ڪرسي کي ادب جا هٿ. پيارا اسان هن ننڍڙي ليٽر ۾ جيڪي ڪجهه لکيو آهي سو سڀ سچ آهي، انهي ۾ ٽڪي جو به فرق نه آهي. انهي لکئي تي خاص غور ڪندا، مهرباني.

لکندڙ توهان جو پياءُ غلام رسول دستي. ڪاتب شيرل لغاري.

## لاهور ۾ عالمي بينڪ طرفان ٽريننگ

ان زماني ۾ اسان جو ماستري جو پگهار 350 روپيہ هوندو هو جنهن جو شيرل مٿي حوالو ڏنو آهي. هتي اسلام آباد ۾ جڏهن بہ ڪو نئون ماڻهو ايندو آهي تہ جلدي ڪوهہ مري گهمڻ ويندو آهي. اسان جو حال هي هوندو هو جو موڪل واري ڏينهن تي ڪپڙا ڌوئيندا هئاسين. ڳوٺان جيڪو خط اچي انهي ۾ ڪوهہ مري گهمڻ بابت پڇيو ويندو هو. آئون وري احوال لکي ڇڏيندو هوس تہ اسين هر آچر تي مري ۾ هوندا آهيون. جڏهن تہ مون مري اسلام آباد اچڻ جي ڪيترن سال کان پوءِ ڏٺي هئي، اها بہ تڏهن جڏهن ڳوٺان ڪي مهمان آيا هئا تہ انهن کي مري گهمائڻ لاءِ وٺي وڃڻو پيو. جيڪڏهن هتي نوڪري خاطر اچڻو پوي ٿو تہ ايترو ٽائيم ئي ڪو نہ ٿو ملي جو ماڻهو ڪيڏانهن گهمڻ ڦرڻ لاءِ نڪري وڃي. انهي وچ ۾ 1987ع ۾ گورنمينٽ آف پاڪستان جو انڊسٽريل افيشنسي کي وڌائڻ جي لاءِ عالمي بئنڪ سان ڪو پراجيڪٽ جو معاهدو ٿيو. انهي ايگريمينٽ ۾ اهو هو تہ IIRC جا جونيئر آفيسر انهن سان گڏ ڪم ڪندا. انهن پروجيڪٽ وارن جي آفيس لاهور ۾ هوندي هئي. جيئن پروجيڪٽ شروع ٿيو فنانس ڊويزن اسان کي چيو تہ توهان لاهور وڃي پروجيڪٽ وارن کي رپورٽ ڪيو. ائين اسان لاهور روانا ٿي وياسين. انهي پورجيڪٽ ۾ ورلڊ بئنڪ جيڪي ڪنسلٽنٽ رکيا هئا انهن جو تعلق آسٽريليا سان هو. هو نہ ڪم ۾ ڪو خاص دلچسپي وٺندا هئا نہ ئي وري اسان ئي ڪم ڪندا هئاسين. وڏو پروجيڪٽ هو انهي ۾ اسان کان سواءِ لاهور ۽ ڪراچي جا ماڻهو بہ ڪم ڪندا هئا. انهي وچ ۾ مون وٽ ڳوٺ جا ماڻهو جيڪي پنهنجن ڪمن ڪارين ڪاڻ لاهور ايندا هئا، اهي بہ ايندا رهندا هئا. محمد سليم آرائين (سائين محمد نعيم جو ننڍو ڀاءُ) جيئن لاهور آيو تہ هر روز شام جو مون وٽ هوٽل تي اچي ويندو هو. آئون جيئن آفيس مان هوٽل تي ايندو هوس تہ هي بہ اچي ويندو هو. اسان رات جو دير تائين لاهور جي مختلف علائقن ۾ پيا گهمندا هئاسين، تقريبن مون سڄو لاهور سليم مرحوم سان گڏ گهميو. هو اڄ هن دنيا ۾ ڪونهي پر ساڻس لاهور ۾ گذاريل يادگار گهڙيون اڄ بہ مون کي نہ ٿيون وسرن. لاهور ۾ اسان سان ڪجهہ واقعا بہ پيش آيا، پر جواني ديواني ٿيندي آهي. اسان ڪنهن کي ليکيندا ئي ڪو هئاسين. هو مرحوم ايتري تہ صاف سنڌي ڳالهائيندو هو جو پنجابي تہ لڳندو ئي ڪو نہ هو. انهي ۾ ماحول جو وڏو هٿ آهي. هو ڄائو اسان جي پاڙي ۾ جتي رڳو ٻروچن، شيدين ۽

واٽين جا گهر هئا. پڙهيو اسان سان گڏ سنڌي اسڪول ۾، پائر پاڻ ۾ ڳالهائيندا ئي سنڌي ۾ هئا. منهنجي خيال ۾ صرف ماءُ سان ئي پنجابي يا اردو ڳالهائيند هوندا. هنن ماڻهن جو سچو واسطو سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن سان آهي. سائين جي ايم سيد اهڙن ماڻهن لاءِ ته چيو هو ته اهي اڳتي هلي سنڌي ٿي ويندا. عبدالواحد آريسر مرڻ گهڙي تائين 90 سان ناتا ڳنڍيو آيو. انهي جي ڪري پاڻ هميشه تنقيد جو نشانو بڻجندو رهيو. مون کي سليم پاڻ ٻڌايو هئائين ته هڪ هنڌان سندس شادي صرف انهي ڪري نه ٿي جو اڳئين پارٽي کي اعتبار ڪو نه پئي آيو ته هي ڪو پنجابي آهي. تنهنڪري ماحول ۽ روين جو وڏو اثر ٿئي ٿو. منهنجو مثال ئي ڪٿي وڃو اسان کي 35 سال ٿي ويا آهن اسلام آباد ۾ رهندي ٻار گهر ۾ ڳالهائين سرائيڪي ٻاهر اسڪولن ۾ ڳالهائين اردو ۽ وري سنڌي ٻولي سان هي جيڪو سلوڪ ڪن ٿا اهو ساراهه جوڳو آهي. جڏهن ته هي سڀ منهنجا پٽ، پائيتيا پنج يا ست ڪلاس ڳوٺان پڙهي آيا آهن. آئون پنهنجي پاڻ کي قوم پرست سمجهندو آهيان، جيئي سنڌ محاذ جي اوائلي ميمبرن مان آهيان، اسان پاڻ سان ئي ساڳي اها حالت آهي ته سليم تي ڪهڙي ميار. هڪڙي ڏينهن هوٽل تي آيو ته ڪلندو آيو. چيائين ته اڄ منهنجي گهر ۾ چڱي خاصي بيعزتي ٿي آهي. پڇيو مانس ڇا ٿيو؟ "چيائين ته گهر ۾ مون کي ڪنهن چيو ته "بوٹا کھول دو" اهي لفظ آئون سمجهي ڪو نه سگهيس سو سڀ گهر وارا مون تي کلڻ لڳا. سو قصا ۽ ڪهاڻيون اچي مون کي ٻڌائيندو هو. منهنجي خيال ۾ جنهن زماني ۾ آئون لاهور ۾ هوس ۽ هو جيترو وقت لاهور ۾ رهيو گهڻو وقت هن جو مون سان ئي گذريو. اسان ٻه لاهور کي خوب پيليو. افسوس جو زندگي ساڻس وفا نه ڪئي، اسان جو يار ائين هليو ويو جهڙو آيو ئي ڪو نه هو سندس وڃڻ جو اجان وقت ۽ ويلو ڪو نه هو.

بس ائين اسان 6 يا 7 مهينا لاهور ۾ سرڪار جي خرچ تي گهمي ڦري، رُلي پني واپس اسلام آباد موٽي آياسين. جيتريقدر مون کي ياد پوي ٿو ته ورلڊ بئنڪ جو اهو ٻه هڪڙو شرط هو ته Industrial Incentive Reforms cell کي بند ڪري هڪ خود مختيار National Tariff Commission ٺاهيو ۽ انهي کي ڪامرس ڊويزن جي ماتحت ڪريو. ڇو جو IIRC خود مختيار ادارو ڪو نه هوندو هو،منسٽري آف فنانس جي ماتحت ڪم ڪندو هو. آئون ان وقت جونيئر آفيسر هوندو هوس. اها خبر نه آهي ته اڳتي هلي هن جي منظوري ڪئبينيٽ کان ورتي وئي هئي يا اسيمبلي مان بل پاس ڪرايو ويو هو. بهرحال اسان IIRC ۾ هوندي ئي NTC کي ٺاهڻ جو ڪم شروع ڪري ڏنو هو. انهن جي موجوده آفيس ٻه اسان ڳولي مسواڙ تي ورتي هئي،

پوسٽن جو اشتهار ٻـ اسان ڏنو هو. محترم دين محمد اُڍيجو ان وقت نوڪري جي تلاش ۾ هوندو هو مون کي اوچتو مليو ويو مون هن کي انهن نوڪرين جي بابت ٻڌايو. هن همراهہ وڃي ڪوشش ڪئي تـ هن کي نوڪري ملي وئي. جيئن ئي منسٽري آف ڪامرس جا ماڻهو پرتي ٿي آيا تـ هنن اسان کان پڇيو تـ NTC ۾ رهڻ ٿا چاهيو يا واپس فنانس ڊويزن ۾ وڃڻ ٿا چاهيو؟. مون واپس وڃڻ تي گهريو ائين مون واپس وڃي فنانس ڊويزن رپورٽ ڪئي.

## محمد رمضان آرائين

اسلام آباد ۾ نوڪري آئون ضرور ڪندو هوس پر منهنجي دل ڳوٺ ۽ شيرل سان لڳل هئي. اهو سچ آهي تہ خط اڌ ملاقات آهي، جيڪڏهن ڳوٺ وارن جا ۽ شيرل جا خط مون وٽ نہ اچن ها تہ آئون شايد ئي اسلام آباد ۾ رهي سگهان ها. هاڻي شيرل جي خطن سان گڏ مون وٽ سائين نعيم جي ننڍي ڀاءُ محمد رمضان جا خط بہ اچڻ لڳا. رمضان سان بہ ننڍي لاڪئون دوستي ياري رهي آهي، اها دوستي ڪيئن ٿي اهو سوال اجايو آهي. اسان جو ڳوٺ ساڳيو، ساڳئي پاڙي ۾ گهٽي ۾ اسان جا گهر اجا تائين آهن. رمضان کي اسان پيار مان "جانو" سڏيندا هئاسين. جڏهن تہ هي جنهن اسڪول ۾ پڙهيو هو آئون ان ۾ ماستر هوندو هوس. تازو ٿورا ڏينهن ٿيا آهن ڪنهن دوست فيس بڪ تي ڏاڍو سنو جملو لکيو هو. لکيو هئائين تہ" يار چوڪرين وغيره جي ڳالهہ ڇڏي ڏيو، مون کي تہ ٽيچر بہ چوندا آهن تہ هلي آ اڳئين سيٽ تي اچي ويهہ"! اهو هڪڙو ئي جملو هو جو اُن وقت رمضان تي لاڳو ٿي سگهيو پئي. ڇو جو جنهن زماني ۾ هو اسان جي اسڪول ۾ پڙهندو هو. اُن وقت تہ ڪا پراڻي سُراڻي سائيڪل بہ نصيبن سان ملندي هئي جنهن تي چڙهي آئون اسڪول ويندو هو هوس، جيڪڏهن ڪا چار ڦيٿي هجي ها تہ سچ پچ رمضان اڳئين سيٽ تي ويهارڻ جهڙو هوندو هو. ان کان سواءِ اسان ۾ ڪافي ڳالهيون مشترڪ بہ هونديون هيون. اسان جي پاڙي ۾ اسان جا ٽي گهر هوندا هئا جن جو غريب خاندان سان تعلق هو. انهن ۾ هڪ اسان جو گهر، ٻيو رمضان وارن جو گهر ۽ ٽيون شيدين جو گهر، اسان جي ٽئين پاڙيسري جو نالو بہ رمضان هوندو هو. باقي سڀ، ڊاڪٽرن جا گهر، سيٺين جا گهر هوندا هئا. اهي پنهنجي ماني مڃي وارا هوندا هئا. هي آئون اڄ جي ڳالهہ نہ ٿو ڪريان پر 40 سال اڳ جي ڳالهہ ٿو ڪريان. اسان ٻنهي جا پيئر بہ ڪهڙ سالن جي فرق سان هي جهان ڇڏي ويا، ائين ڪٽي سمجهو تہ اسان ڇني کان ئي ڇورا ٻار هئاسين. ڇوڙ آڪڙ وارو ڪير ڪو نہ هوندو هو پوءِ"انڌي گهوڙي ڪل ۾" جتان ايندا هئاسين پيا ويندا هئاسين. خير ڳالهہ پي هلي رمضان جي، هن جي وڏن پائرن پان ٻيڙي جي ڪئبن کولي، انهن جو گذر سفر سنو ٿيڻ لڳو. اڳتي هلي مون کي بہ رمضان ساڳئي نموني جي ڪئبن کولي ڏني، پر آئون نہ هلائي سگهيس. اهي ڪم صرف واڻيا، ميمڻ، مهاجر ۽ کوجا ئي ڪري سگهن ٿا. ٻروچ واپار مان ڇا ڄاڻن. (هي صرف آئون پنهنجي ڳالهہ ٿو ڪريان). ان زماني ۾ منهنجي جيڪڏهن ڪاٽڙين يا ڪنهن

چور چڪار سان دوستي ٿي وڃي ها تہ اهي ڪم آئون شايد سکي وڃان ها. پر انهن ڪان اڳئي آئون جيئي سنڌ وارن جي هٿ چڙهي ويس، جن منهنجي زندگي بدلائي ڇڏي. ائين وقت گذرندو رهيو تان جو آئون وطن جا وڻ ڇڏي جلاوطن ٿي، ڳوٺ مان اسلام آباد پهچي ويس. هاڻي اسان جو روبرو گهٽي ۾ بيهي جيڪي ڪلاڪن جا ڪلاڪ ڪچهري ڪندا هئاسين اهي اسان واريون ڪچهريون ختم ٿي ويون. قومي ڪم بہ مون جيڪو ڳوٺ ڪيو سو ڪيو. حالات بدلجي ويا، رويا بدلجي ويا، ماڻهن جي دلين ۾ محبت ۽ پيار جي بجاءِ ساڙ ۽ ڪينو اچي ويو. سائين جي ايم سيد جي وڃڻ ڪان پوءِ جيئي سنڌ محاذ پنهنجي پاڻ کي بچائي نہ سگهيو. قومي دوستي مان ڦري ذاتي دوستيون ٿي پيون، انهن دوستين ۾ بہ لالچ ۽ لوڀ جو عنصر وڌي ويو، ماڻهو ماڻهو ڪان ڊپ کائڻ لڳو، هاڻ تہ سچو مانڊاڻ ئي اچي پٽ تي پيو آهي. ڇا تہ اهي ڏينهن هئا !اسچائي پري ڪان پئي بکندي هئي، ڪنهن بہ يار دوست ۾ ڪنهن قسم جي ڪا لالچ ۽ لوڀ نہ هوندي هئي، ڪنهن وٽ لنگهي وڃبو هو تہ سئو عزتون ماڻي پوءِ موٽبو هو. مون هن ڪتاب ۾ مٿي سنڌ جي هڪ بهادر ڌاڙيل جو ذڪر بہ ڪيو آهي، جيڪو صرف سندس شاگردي واري زماني ۾ هڪ رات مون وٽ اچي رهيو هو. ان ڪان پوءِ هو هڪ اهڙي دنيا ۾ هليو ويو جتي اسان جي ملاقات ناممڪن هئي. هن کي ايترو تہ حيا ۽ شرم هوندو هو جو هن ڪڏهن بہ اسان جي ڳوٺ تي هلان نہ ڪئي. جيئن مون اڳ لکيو آهي تہ شيرل جي خطن سان گڏ رمضان جا خط پڻ مون وٽ اچڻ شروع ٿي ويا هئا، رمضان جا خط ڪو نہ هوندا پر جيئي سنڌ جو پمفليٽ هوندو هو. لفافي جي مٿان اڳيان پٺيان رڳو جيئي سنڌ لفظ ئي لکيل هوندو هو. هاڻي هو ڪنهن سنڌي ماستر سان نہ بلڪ ڪنهن فيڊرل گورنمينٽ جي آفيسر سان خطن جي ذريعي ڳنڍيل هو. ضياءُالحق جو زمانو هوندو هو. ڪڏهن ڪڏهن ائين ٿيندو هو جو رمضان جو رڳو لفافو اچي ملندو هو خط گم ٿي ويندو هو يا خط ڪليل ملندو هو. اهو ڏسي مون کي اچي ڊپ ٿيو تہ ڪٿي ياجوج ۽ ماجوج منهنجي خطن جي پٺيان تہ نہ آهن. حقيقت ۾ آئون بہ آفيسر ٿيڻ ڪان پوءِ، ياڙيو گيدي، ڊڄڻو ٿي پيو هوس ۽ تعجب جي ڳالهہ آهي جو رمضان جو مون وٽ هينئر ڪو بہ خط موجود ڪونهي، جيئن هتي نموني خاطر ڏئي سگهان. سمجهہ ۾ نہ ٿو اچي تہ اهي خط ويا ڪيڏانهن، ڪٿي خدائي خدمتگارن جي ور تہ نہ چڙهي ويا. انهي تي مون رمضان کي ڪافي سخت خط لکيو تہ تون منهنجي نوڪري جي پٺيان آهين. بس ان ڪان پوءِ جيئن رمضان جا خط بند ٿيا وري نہ آيا، ها البت رمضان بہ چار دوست وٺي گهمڻ آيو هو. هاڻي انهن مان هڪ ملان ٿي ويو آهي تہ هڪ اڌ

مجذوب ٿي ويو آهي. ملان، مجذوب ۽ مذهب هن ڪتاب جي دائري ۾ نہ ٿا اچن، تنهنڪري انهن تي نہ لکندس. ان وچ ۾ شيرل جا خط دير سوير ايندا رهيا.سندس 26 ڊسمبر 1986 ع وارو خط هيٺ ڏجي ٿو.

26-12-1986

پال جا پيرا پيچي وينين پلا ڪهڙي سبب
تنهنجو شيرل، تو نہ شيرل جو الا! ڪهڙي سبب

جابلو ملڪ جا رهاڪو پٽر جهڙا پيارا پاءُ نظام شال ترقيون ڪندو رهين، ايستائين جو اسان جهڙا جيتامڙا توکي بلڪل وسري وڃن.

پاءُ توهان جو خط مليو جواب طلب ڳالهين جا جواب حاضر آهن. ايوب ورياهہ ماتلي ۾ مليو هو مگر ڪانئس گرم جوشي بلڪل موڪلائي وئي آهي، مون سان رسمي نموني مليو ۽ هليو ويو بنا موڪلائڻ جي، اهڙي حالت ۾ شايد هو توکي خط نہ لکي. منهنجو دڪان صحيح هلي رهيو آهي، 300 يا 400 روپين جو روز جو ڌنڌو آهي. پر شايد آئون دڪان نہ هلائي سگهندس، اهو ڪم مون کي بلڪل پسند نہ آهي. انهي ڪان پينگ پلي آهي. ڇو تہ منهنجي اندر جي انسان کي يڪسانيت پسند نہ آهي. آئون ٻوڪيل انبن جي چانو ۾ گهارڻ ٿو چاهيان. آئون شامون ڪٽڪن جي کيتن ۾ گهمندي گذارڻ چاهيان ٿو اهي شامون ڳڙ ۽ ڪنڊ توريندي گذرن تہ هنينءَ ۾ گهاءُ ٿيو پون.

ڪا گهڙي گل سان ڪئي مون گفتگو گلزار وٽ
باغ جون باتيون اجان بلبل بيمار وٽ.

پاءُ منهنجو يار منهنجو نہ آهي، "يار اسان کون يار نہ ڪريندي، اسان زوري يار بڻيندي " منهنجي نصيب ۾ لکجي ويو آهي، ڪامڻ، پچڻ، پڃرڻ، ٻرڻ، ٻڙڪڻ، جهڄڻ، جهرڻ، لُڇڻ ۽ لوچڻ. توهان لکيوآهي تہ تو آدم کي سجدو نہ ڪيو آهي، پر ائين نہ هو مون ٻين ملائڪن سان گڏ آدم کي سجدو ڪيو هو ۽ اڃان تائين سجدي ۾ آهيان، مون رب پاڪ کي سجدي ڪرڻ لاءِ ڪنڌ مٿي نہ ڪنيو آهي. منهنجي سزا شيطان جي سزا کان ويهوڻي آهي. منهنجي تڙجڻ جو سلسلو ڊگهو ۽ طويل آهي. اسان جي اسڪول جا امتحان ٿي ويا آهن. منهنجا امتحان پنجين مارچ کان آهن. مون کي صرف عشق جي امتحان جي اون آهي، ڇو تہ عشق جي امتحان ۾ ڪاپي ڪرڻ جو تصورئي نہ آهي. رمضان اوهان کان منهنجي باري ۾ ڪي ذاتي سوال پڇندو اميد تہ هن کي نہ ٻڌائيندا. پيارا پاءُ توهان خوش آهيو ؟ خدا ڪري آباد هجو. مون کي منهنجا غم مبارڪ هجن. هتي تہ ڪو دلاسي ڏيڻ لاءِ بہ ڪونهي سڀ ماڻهو مطلبي مڪار ۽ فريبي آهن. بس پاءُ،

جيڪي ڏنائين سو سر ڏيئي سھ جندڙي
م چئو چنائون اي پڻ ڳنڍيو سڄين.

زندگي جي ويڙهه ۾ مون کي مسلسل شڪستون پلئ پيون آهن. مون سوچيو آهي. منھنجو سر اوھان وچايو آهي، ڪاش منھنجي تربيت ڪنھن بئي نموني ٿئي ها. بس هاڻي ڪجھ لکجي نہ ٿو خط لکڻ ۾ دير ٿي وئي آهي، اميد تہ معاف ڪري ڇڏيندا.

گل در کنار لينگي مت بول مار دينگي
مر مر ڪي يار لينگي مرنا هي ڪام ميرا

مون کان سر سنگيت کسي وڃ هاڻي ڪوئي گيت نہ چوندس
هڪڙو پيرو کلي وڃ وري نہ کلندس وري نہ روئندس

دل وس نہ دلبر وس ٻئي زور آور ذات
اُڻ ٽُڻ اور عجيب جي وائي گهٽيري وات
رئندي رئندي رات، مون گذاري دوست کان.

سڄڻ ۽ ساٿيھ ڪنھن اٽاسي وسري
حيف تني کي هوءِ وطن جن وساريو

ڏني ڏينھن ٽيام ڪوه چاٽان ڪھڙا پرين
سھسين سج نہ لھي، واجھائيندي ويام
تن ري سال ٽيام جن ري ساعت نہ سھان.

ڏنا ڏنا ڪنھن ڏنا ڏنا ڪنھن، منا منا چپ
ڪيچي هٽي ويا ڪپ اسان کي ڪيچي هٽي ويا ڪپ

تھن درد مندن سان دم ڪھڙا ڪھڙا
ڪجن غير محرم سان غم ڪھڙا ڪھڙا
نہ جن جي ڪڏهن درد دلڙي دکائي
انھن ساڻ اوريون الم ڪھڙا ڪھڙا

ٻرڪي لوڻ کي زخم تي مرڪي مٺي چيو
غمگين نہ ٿي توکي اسين شاد ٿا ڪريون

مون ڪئي ڪوشش گهڻي ٻاهر نہ نڪري ٻاڦ ڪا
عشق منهنجو ويو مگر رسوا سر بازار ٿي
اسلام آباد کي سلام چوندا، توهان پاڻ بہ سلام قبول ڪندا
لکندڙ توهان جو ياءُ شيرل لغاري.

انهي وچ ۾ شيرل سان خطن جو سلسلو جاري ۽ ساري رهيو. اها حقيقت آهي تہ اسان هڪ ٻئي جي جدائي گهڻي دير کان پوءِ وڃي برداشت ڪئي هئي. انهي وچ ۾ جيڪڏهن منهنجو ڳوٺ وڃڻ ٿيندو هو تہ ملاقات ۽ قرب ڪچهريون بہ ٿي ويندڙيون هيون. اهي اسان جون ڪچهريون بہ تاريخي هونديون هنيون. انهن جي معيار ۽ مواد کي هتي بيان نہ ٿو ڪري سگهجي. تاريخ، ادب، عالمي ادب، شاعري، سنڌ جا نوان ۽ پراڻا شاعر، افسانا ۽ ڪهاڻيون، سنڌ جا سياسي توڙي سماجي مسئلا، مطلب تہ هڪ سلجهيل ماڻهن جي گفتگو لڳندي هئي. جڏهن تہ ٻئي پاسي خطن جو نہ ڪٽندڙ سلسلو بہ جاري رهيو. انهي ساڳئي سال هن جو مون کي جيڪو خط مليو اهو هيٺ ڏجي ٿو.

27_7_1986

لڏي ويا چڏي ويا، ڪاهي ڏڻ ڏنار،
نڪا ڪوڪ ڪندين، نڪا تاڙي جي تنوار،
ويچارا پنهوار، ڏني مون ڏينهن ٿيا. (شاهه)

اسلام آباد جي پٿريلي ڌرتيءَ جا رهواسي شال توکي پالڻهار پناهه ۾ رکي. توهان جو لکيل خط ڪجهہ عرصو اڳ ياءُ رمضان کان مليو. پهرين ڳالهہ تہ توهان جيڪي شعر لکيا آهن اهي عبدالحڪيم ارشد جا آهن مگر اوهان انهن جي هيٺان لفظ شاهه لکيو آهي. اوهان ائين نہ ڪريو. اسلام آباد وڃي اوهان ننڍن شاعرن جا شعر وڏي شاعر جي کاتي ۾ جمع ڪرڻ شروع ڪيا تہ پوءِ اسان جو الله واهي آهي. پيارا توهان جڏهن کان هتان ويا آهيو اسان وٽ واري وسڻ لڳي آهي. توهان خط ڏاڍو جذباتي لکيو آهي. مون کي خوشي آهي توهان کي توهان جو دل گهريو دوست ملي ويو آهي. خدا توهان جي دوستي جي حفاظت ڪري. باقي ٻيلي جتي بہ جنهن دور ۾ ڪنهن مجني ڪنهن ليلا سان عشق ڪيو آهي تہ وقت جو ولين قمر قاضي نروار ٿيندو آهي ۽ مجنون صاحب کي ڪتن کان ٻچ ڪرائي مارائيندو آهي. يسوع مسيح اوهان جي حفاظت ڪندو.

هتي هينئر سنڌ ۾ بلڪ گلاب لغاري ۾ هن وقت ڏاڍا مزا لڳا پيا آهن. جڏهن کان اوهان جلاوطن ٿيا آهيو. هتي وطن ۾ موج مچي وئي آهي. اوهان

يقينن حج واري عيد تي ايندا ڪجھ جانورن جو گوشت اوهان جي نالي لڪجي چڪو آهي اميد تہ پنهنجو رزق اچي ڪائيندا. باقي منهنجو حال اڳي ڪان بہ بيحال آهي. منهنجي عشق جو پوٽ هينئر پوري جوڀن تي آهي. مون پيار ڪرڻ گهريو تہ مون ڪي غمن جا پهاڙ پلئہ پيا آهن. منهنجي نصيب مون ڪي در در ڀٽڪايو آهي، مون عذابن جا ڏگها سفر طئہ ڪيا آهن. مان ڄاڻان ٿو تہ منهنجي مذهب ۾ خوشيون حرام آهن. منهنجن مُرڪن تي پابندي وڌي وئي آهي تہ منهنجي چپن جي علائقي ڏانهن نہ وڃن، مان گُلن ڏانهن ڏسان ٿو تہ اهي ڪومائجي وڃن ٿا. منهنجي دل مان خوشين کي ڪَرڙي ڪڍيو ويو آهي. منهنجي شاعري اڪيلائيءِ مون کي لپاٽون هڻندي آهي. لکندي لکندي ڪاغذ بہ ڦاٽي ويو آهي، ڪا ڳالھ ڪانهي، پيارا ! اوهان منهنجن عيبن ڏانهن نہ ڏسوءِ پنهنجي 17 گريڊ جي پگهار مان 80 پئسا ڪڍي خط و ڪتابت جاري رکو. ڇگُو جو ياد آيو ڏي خبر پاءُ خان محمد خان جا کهڙا حال آهن؟ ۽ منهنجي پاران کيس 5 ڪلو سلامن جا چوندا. اج لکڻ جو موڊ بہ نہ اٿم پر زوري خط پيو لکان، الائي پوءِ ٽائيم ملي يا نہ ملي.

يار هڪڙي ڳالھ تہ ٻڌ مون کي لڳي ٿو تہ (تي سگهي ٿو منهنجو وهم هجي) اسلام آباد جهڙي شهر ۾ تون سڪون جي سُرڪي لاءِ تڙپي رهيو آهين. سڪون سڀ ڪنهن جي اندر ۾ هوندو آهي، پنهنجو پاڻ کي ڪجھ سڌارڻ جي ڪوشش ڪر، اجايا ۽ فضول قسم جا خيال ڪرڻ تنهنجي صحت لاءِ ناساز گار ٿيندا. هڪڙي هندستاني شاعر تلسيداس انهي تي لکيو آهي.

تلسي ايسي پريت نہ ڪر، جيسي لمبي کهجور
دهوپ لگي تو ڇهائون نهين بهوک لگي تو پهل دور.

وڏيڪ توهين پاڻ سمجهو آهيو. مون کي لڳي ٿو تہ هينئر توهان تي مايوسين جا مينهن وسي رهيا آهن. اُداسين جو گهيرو اوهان تي رفتہ رفتہ تنگ ٿيندو وڃي ۽ اوهان کي ڪا وڏي پريشاني آهي، جيڪا توهان جي لفظن مان عيان آهي. مون اوهان لاءِ اوهان جي دوست لاءِ هتي شاھ باجي(شاھ عبدالمجيد) جي قبر تي وڃي دعا گهري اٿم اميد تہ دعا قبول ٿيندي ۽ توهان جا دشمن دفع ٿيندا. (هينئر خط پئي لکيم تہ ڪجھ بهشت ۾ خچر اچي ويا تنهنڪري ٿورو رخنو پيو)

ادا توهان مهرباني ڪري مون کي پنهنجو حال احوال مڪمل طور موڪليو تہ جيئن اوهان کي آئون ڪجھ مفيد مشورن سان نوازي سگهان. مون کي توهان جي ڏکن جو شديد احساس آهي ڇو تہ عشق آهي نانگ خبر ڪاڏن کي پوي. مهرباني ڪري پنهنجي دل جو مڪمل حال احوال تحرير ڪريو.

خاص ۾ خاص ۽ خصوصي ۽ اسپيشل سلام خان محمد ۽ ٻين دوستن کي چوندا. سلام سائين وڏي، الھ بخش، غلام قادر ۽ رمضان جا قبول پون.
لکندڙ توھان جو دوست شيرل لغاري.

مٿي جيڪو بھترين خط شيرل مون کي لکيو آھي. انھي ۾ ڪنھن ٻـ قسم جو وڌاءُ ڪونھي. ان زماني ۾ منھنجي مٿان اھڙي ڪيفيت طاري ھئي. اھا خبر صرف اسان ٻن ماڻھن کي ھئي، تنھنڪري آئون اھا ڏنگي ڪولڻ نـ ٿو چاھيان، اھا ھڪ ٻئي جي اسان وٽ امانت ھئي ۽ آھي. شيرل دنيا ڇڏي ويو آھي، آئون بـ زندگي جي آخري ڏاڪن تي اچي پھتو آھيان، تنھنڪري امانت ۾ خيانت نـ ڪبي. اوھان صرف انھي مان اندازو لڳايو تـ اسان جو پاڻ ۾ ڪيترو پيار ۽ قرب ھو. ھڪ ھزار ڪلو ميٽر پري ويھي بـ اسان ھڪ ٻئي جو دلين جو راز سمجھي ويندا ھئاسين. ان ڪان پوءِ ساڳئي سال شيرل جو مون کي ھي خط مليو. جيڪو پڙھندڙن لاءِ حاضر آھي.

18_11_86

ڏور ڪٿي پرڏيھ ۾ تون بـ تڙپيو ھوندين يار ضرور
ھاءِ مون ڪيڏي درد منجھان اڄ شاھ جي وائي ڳائي آ.

پيارن ڪان پيارا ۽ ڏور بـ اوڏا نظام، شال سدائين ترقي جا ڏاڪا چڙھندو رھين. تنھنجو خط جيڪو مليو سو خط گھٽ ۽ الزام نامو وڌيڪ ھو. چو تـ ڏاڏي آدم ڪان وٺي راجا ڏاھر تائين ۽ موھن جي دڙي ڪان وٺي ميرپور بٺوري تائين ۽ حضرت ابراھيم عليـ سلام ڪان وٺي قابل (چانڊيو) ھوٽل واري تائين جيڪي ڏوھ ٿيا آھن، اُن سيني جا الزام اوھان سڏو سنئون منھنجي سر مڙھيا آھن. خير توھان جي اطلاع لاءِ عرض آھي تـ اھي الزام بلڪل سچا آھن. پر مون تـ اجا گھڻو ڪجھ ڪيو آھي. تاريخ جا ورق انھي جا شاھد آھن. پيارا انسان الائجي ڇو ھاڻي ھڪ ٻئي ڪان پري ٿيندا وڃن، ڏيري ڏيري ھر ڪو ڏڪجي رھيو آھي. توھان ۽ سائين عبدالڪريم کي خدا وند قدوس فرزند عطا ڪيا آھن. جيئن تـ توھان پاڪستان جي آبادي ۾ اضافو ڪيو آھي. انھي لاءِ آئون ۽ سرڪار توھان ٻنھي ڏرين جا ٿورائتا آھيون. آئون پاڻ آبادي ۾ اضافي واري عمل تي سختي سان ڪار بند آھيان، اميد تـ ايندڙ ٽيھن سالن ۾ ويھ ڪن ٻار پيدا ڪري سگھندس. آئون ٻنين لاءِ ھاري، ڪارخانن لاءِ مزدور ۽ مال لاءِ ڌراڙ پيدا ڪندس.

مون کي خط لکڻ ۾ دير لڳي وئي آھي انھي جو ڪارڻ توھان کي ڪنھن ٻئي خط ۾ ٻڌائندس. توھان جي بقول آئون SDEO کي ٽپڙ ٻڌائي ڇڪو آھيان ۽ ٻيو ڪل خير آھي. رئيسن جي بورچيخاني جو ڦڪويٽ ڪائي

ڪائي منهنجي صحت هاڻي بحال ٿي رهي آهي. ماستر اشرف پنهنجي غير حاضري ۾ رڪارڊ قائم ڪري چڪو آهي، سگهوئي سنڌ سرڪار ڪيس گولڊ ميڊل عطا ڪندي. سنڌ ۾ سيءُ جي رفتار رفته رفته وڌي رهي آهي.

اتر ڏني اوت، نه مون سوڙ نه گبرو

ڇُني چارئي پوت، ريڙهيندي رات گئي.

وڏيڪ هينئر ذهن جائيتو ڪو نه اٿم، تنهنڪري رهڙا هٽي پنو پورو ڪرڻ جا جتن ٿو ڪريان. غلام قادر ولد حاجي محمد آف گريڊ سترهن جي شادي خانه آبادي ٿي چڪي آهي، انهي لاءِ اوهان کي مبارڪون هجن. ماموالهه بخش هينئر حيدرآباد جي مينارام هاسٽل جوان ڪتائڻ ۾ مصروف آهي. ٻيو احوال اميد ته ٺيڪ ڪنهن خط ۾ لکندس. يار نظام واقع تون جديد آهين بلڪ جديد ترين آهين. آمريڪي خلائي شٽل کي به تو تباهه ڪيو هو ۽ روسي ايٽمي ڪارخانا به تو برباد ڪيا آهن. بلڪ مون کي شڪ آهي ته تازو حيدر آباد ۽ ڪراچي ۾ ڪرفيو به تو هٽايو هو.

خط جو جواب جلدي ۽ سنجيدگي سان عطا ڪندا ته شڪر گذار رهندس. خير. سلام سائين عبدالڪريم، مسٽر محمد نعيم، مسٽر محمد اشرف، منشي غلام رسول، منظور احمد ملاٽي جا قبول ڪندا.

فقط توهان جو شيرل لغاري.

## اسلام آباد ۾ دربدري وارا ڏينهن

هاڻي سال 1988ع چڙهي چڪو هو. اسلام آباد سان ٻـ واقفيت گهڻي قدر ٿي چڪي هئي، پر اجا هتي ڪو گهر گهاٽ ڪو نـ هوندو هو. ٻـ چار چڙا ڇانڊا گڏجي هڪ گهر ۾ رهندا هئاسين. نيرن ۽ رات جي ماني هٿ سان ٺاهبي هئي، منجهند جي ماني سڀ ڪو پنهنجي پنهنجي آفيس ۾ ڪائيندو هو. نتيجي ۾ اسان بورچي ٻـ پلا ٿي پيا هئاسين. جنهن جو مٿي ڪنهن خط ۾ شيرل لغاري ذڪر بـ ڪيو آهي. اهڙو رهڻ ڪو گهڻو ڪري جٽادار نـ هوندو هو. جيڪڏهن ڪنهن ٻئي مسواڙ واري 50 روپيہ وڏيڪ آڇ ڪئي تـ پراڻي ڪي ڇئبو تـ اسان جا ٻار ٽا اچن اوهان پنهنجو بندو بست ڪريو. اج ڪلهہ پئسي جي اڳيان دوستي ياري جي ڪا بـ حيثيت ڪا نـ ٿي رهي. انهي دربدري واري زماني ۾ جن دوستن سان گڏ رهڻ ٿيو انهن ۾ غلام سرور مگريو شڪارپور، وزير علي تنيو لاڙڪاڻو، پيو چوڪرو هوندو هو پلاننگ ڊويزن ۾ ڪم ڪندو هو اهو بـ تنيو هو پر ان جو تعلق بلوچستان سان هوندو هو ان جو نالو هوندو هو گل حسن تنيو. ڪائڻ پيئڻ ۾ اسان ڪڏهن بـ هڪ ٻئي سان حساب ڪتاب ڪو نـ ڪندا هئاسين. انهن سڀني ۾ دلچسپ شخصيت وزير علي تنيو جي هوندي هئي. وزارت داخلا ۾ ڪلارڪ هوندو هو سندس ڊيوٽي اڪثر ڪري پاڪستان سيڪريٽريٽ جي ڪنهن بلاڪ جي رسيپشن تي هوندي هئي. اها بـ وضاحت ڪندو هلان تـ سيڪريٽريٽ جي بلاڪ ۾ ڪٽي ڪهڙي بـ منسٽري هجي پر رسيپشن ۽ سيڪيورٽي جو سسٽم وزارت داخلا وٽ هوندو. انهي تي انهن جو هڪ ڪلارڪ ۽ ٻـ چار پوليس وارا موجود هوندا هئا. ڪلارڪ جو ڪم هوندو هو شناختي ڪارڊ وٺي پرچي ڪٽڻ، ان ڪان پوءِ وزيٽر ڪي اندر بلاڪ ۾ داخل ٿيڻ ڏنو ويندو هو. اڪثر جيڪي صوبن مان وڏا آفيسر ايندا هئا، اهي پرچي وٺڻ ۾ پنهنجي بيعزتي سمجهندا هئا. جنهن بلاڪ تي وزير تنيو هوندو هو هن ڪي لڳندو هو شغل پرچي ڪان سواءِ ماڻهو اندر نـ ڇڏيندو هو. ماڻهن جي رش لڳي ويندي هئي ڪي سوٽن بوٽن وارا تـ ڪي واسڪوٽين ۽ صدرين وارا هن وٽ هر روز جو ميلو لڳو پيو هوندو هو. مون ڪي چوندو هو تـ ميلو ڏسڻو هجئي تـ مون واري بلاڪ هليو اچ. ڪڏهن ڪڏهن ائين بـ ٿيندو هو تـ منسٽر آفيس وارا منع ڪندا هئا تـ منسٽر صاحب واندو ڪونهي تنهنڪري وزيٽر مٿي نـ موڪليو. هي ماڻهن جو ميلو مچايو وينو هوندو هو هن وٽ رسيپشن تي صرف بلاڪ جي اندر ڪم ڪرڻ واري فون هوندي هئي.

ڪڏهن ڪو وڏو آفيسر اچي ويندو ۽ پرچي نہ وٺڻ چاهيندو هو تہ هُن کي فون ڪٽي ڏيندو هو تہ توهان جنهن سان ملڻ چاهيو ٿا انهي کي فون ڪريو ۽ هو مون کي چوندو تہ پوءِ آئون اوهان کي ڇڏي ڏيندس. مثان ان صاحب کي جواب ملندو هو تہ جيئن رسيپشن وارا چون ٿا ائين ڪريو. نيٺ همراهہ کي پرچي وٺڻي پوندي هئي. انهي وٽ وٺان ۾ هن کي ٻہ سندس آفيس وارا مهيني ماس ڪو پڇاڙي جو خط ڏئي وجهندا هئا. آئون هن کي چوندو هوس تہ هي توهان جو فائيل پيو پرجي اهو توهان لاءِ نقصان ڪار آهي. هي مون کي چوندو هو تہ نوڪري جو مزو تڏهن آهي جو مهيني ۾ هڪڙو پڇاڙي جو خط ملي، خبر تہ پوي تہ نوڪري پيا ڪريون. شام جو اسين سڀ گهر اچي گڏ ٿيندا هئاسين تہ ڪوڙ ساريون خبرون اچي ٻڌائيندو هو.

## منظور احمد ملاڻو

مٿي ڪنهن خط ۾ شيرل لغاري منظور احمد ملاڻي جو ذڪر ڪيو آهي، چيو اٿس تہ "ان جي سيزن ختم ٿي ويئي آهي". هي دوست بہ ننڍي لاڪون کان وٺي اسان جي دوستي جي تسبيح جو هڪ داڻو رهيو آهي. جيئن تسبيح جي داڻن ۾ ڪو بہ فرق نہ هوندو آهي تيئن هن دوست ڪي مون ڪڏهن بہ گهٽ وڌ محسوس نہ ڪيو. هن دوست بہ مون وانگر غربت جي زندگي گذاري، پر ٻہ چار ايڪڙ زرعي زمين تي انبن جي باغ هئڻ جي ڪري هن جو وقت سٺو پيو گذرندو هو. بيروزگاري واري زماني ۾ هن ڪنهن شگر مل ۾ فيلڊ جي نوڪري بہ ڪئي پر اها اسان ٻنهي کي پسند ڪو نہ هوندي هئي. ائين پنهنجي ذاتي ڪوشش سان ڪجهہ دوستن يارن جي مدد سان منظور احمد ملاڻو سنڌ سرڪار جي نوڪري ۾ لڳي ويو. سندس نوڪري هتي منهنجو موضوع ڪونهي. هي جڏهن بيروزگار هوندو هو تہ هن جو گهڻو وقت مون سان ئي گذرندو هو. جڏهن تہ اسان جا ڳوٺ ڪجهہ فاصلي تي هوندا هئا پر ساڳئي روڊ تي هئڻ جي ڪري ساڳئي بس ۾ چڙهڻو پوندو هو. تنهنڪري اسان جي ملاقات جلدي جلدي پيئي ٿيندي هئي. بقول ڀٽائي جي " سنهي سئي سبيو منهنجو ماروئڙن سان ماه" اهو ماروئڙن سان سبيل ماهہ شايد ساهہ جي آخري هڏڪي سان ئي ٽٽندو. منظور کي سنڌ سرڪار ۾ نوڪري منهنجي اسلام آباد اُسهڻ کان پوءِ ملي. جتي منظور ملاڻي جو ذڪر اچي ان سان گڏ انبن جو ذڪر نہ اچي تہ اتي انهن ٻنهي محبوب ۽ مٺين شين جي رس ۽ چس ۾ مزو ڪجهہ گهٽ ايندو. آئون جڏهن ڳوٺ هوندو هوس، ڪنهن اسڪول ۾ ماستر هوندو هوس تڏهن شيرل بہ مون سان گڏ هوندو هو. منظور جڏهن واندو هوندو تہ اسان وٽ اڪثر اسڪول پيو ايندو هو. وري جڏهن انبن جي سيزن ايندي هئي تہ منظور جي باغ جا انب پيا ايندا هئا. انهن انبن ۾ سنڌڙي، گلاب خاسا، سرولي، الماس، انور رتول، بيگم ڀاليي، رتام، لنگهڙو ۽ دسهڙي وغيرهہ شامل هوندا ها. انهن انبن ۾ رس ۽ چس تہ هوندو ئي هو پر جيڪڏهن ڪنهن پياري ماڻهو جي هٿان اهو دل جي گهراين مان اهو تحفو ملي جنهن جي ظاهري شڪل ۽ شبيهہ ئي انب جي ڏنل نئين شاخ وانگر ڳاڙهي رت رتول هجي تہ ان جو مزو اڃا ئي وڌيڪ هوندو آهي.

اها انهن ڏينهن جي ڳالهہ آهي جڏهن منهنجو ۽ شيرل جو گهڻو وقت گڏ گذرندو هو ۽ منظور ملاڻو اڃا بيروزگار هوندو هو. تنهنڪري وقت پاس

ڪرڻ لاءِ تقريبن هي هر روز اسان وٽ ايندو هو. اوچتو ايندي ويندي هن ڦُل نگر ۾ هڪ گل ڳولي لڌو هو. هن اسان کي اچي ٻڌايو ته جنهن جنس جي هن کي تلاش آهي اهو گل ڦُل نگر ۾ موجود آهي، جنهن جي خوشبو ٻين گلن کان مڙئي سرس آهي. جنهن کي سُنگهڻ سان انسان ته ڇا پر روءِ زمين تي چرندڙ پُرندڙ مخلوق بہ مدهوش ٿي سگهي ٿي. مون ڪٿي پڙهيو آهي ته " ڇا مان تو سان محبت ئي محبت ڪندو رهان، ڪڏهن تون وصل جي معاملي ۾ بخل کان ڪم ٿو وٺين؟ ماڻهو سچ ٿا چون ته ڪو بہ بخيل شل معشوق نہ بنجي. " هي ڪنهن عالم مفڪر جا چيل لفظ مون هتي هو بهو نقل ڪيا آهن، اسان جو دوست منظور بہ اهڙي ڪنهن ڪيفيت مان گذري رهيو هو ۽ ڦُل نگر جي گل جي ڪنهن نئين جنس جي واس وٺڻ لاءِ آتو هو. پر افسوس جو اهڙيون سياڻيون گهڙيون گهٽ ئي نصيب ٿين ٿيون. بس اهي ئي ڏينهن هئا جو مون کي اسلام آباد پهچڻ جو حڪم صادر ٿي چڪو هو. مون جڏهن اسلام آباد اُسهڻ کان پهريائين هن کان موڪلايو پئي ته هن جي گول گول ۽ وڏين اکين مان ٻتا ٻتا لڙڪ لارون ڪري وهي رهيا هئا. سندس پريل ڳتا جنهن تي اجان ڪي چند وار مبارڪ مس آيا هئا جن تان وهندڙ لڙڪ ائين وهي رهيا هئا جيئن پهاڙي علائقي مان پاڪ ۽ پوتر پاڻي جو آبشار وهندو آهي. اها ته ڪيس ئي خبر هوندي ته منهنجي عارضي وڇوڙي تي هي لڙڪ لاڙي رهيو هو يا ڦل نگر جي پاليل گل کي نہ حاصل ڪرڻ جو ڪيس افسوس ٿي رهيو هو. ڪاش اڄ شيرل لغاري زنده هجي ها ته هن موضوع تي هو جيڪو ڪجهہ لکي هئا، اهو سنڌي ادب جو هڪ شاهڪار نثري ٽڪرو هجي ها. جڏهن انهي ڦُل نگر ۾ بيداد نگري (پاڻي جي شديد کوٽ) شروع ٿي ۽ اهو گل سُڪي سڙي ڪنڊا ٿي ويو ته شيرل بي اختيار لکي ڏنو ته "منظور ملاڻي جي سيزن آف ٿي ويئي آهي. " مون کي هاڻي اسلام آباد ۾ 35 سال کن ٿي ويا آهن. پر منظور کي جڏهن بہ ڪو ماڻهو ملي ٿو وڃي ته ٻہ چار انبن جون پيٽيون اسلام آباد اچو نڪاءُ ڪن. انهن انبن ۾ جيڪو خلوص ۽ پيار هوندو آهي، انهي جو بيان ڪرڻ منهنجي قلم جي وس ۾ نہ آهي. اڳئي سدائين بغير چوڻ جي منظور وٽان انب ايندا رهندا هئا. پر هن سال چوڻ جي باوجود سندس انبن جي ميناس کان محروم رهيس. ڪيس ضرور ڪا مجبوري ٿي وئي هوندي نہ ته منظور محبت جو اهو تحفو هر سال ياد رکندو آهي. اهو سندس مون سان قرب آهي جو هُن مون کي اڃا تائين نہ وساريو آهي. ڀلي منظور ملاڻي جي سيزن ختم ٿي ويئي هجي پر نظام لغاري وٽ سندس سيزن اڃان ختم نہ ٿي آهي.

## اوجھڙي ڪئمپ وارو واقعو

اهو 10 اپريل 1988 ع جو ڏينهن هو جڏهن راولپنڊي ۽ اسلام آباد ۾ هڪ تمام وڏو سانحو پيش آيو جنهن هنن جاڙن شهرن جا بنياد لوڏي ڇڏيا. اوجهڙي ڪئمپ اهڙي ڦاٽي جنهن ڪئين سئو ماڻهن کي برباد ڪري ڇڏيو. ماڻهو مئا، ڀار وڃائجي ويا، گهر تباهه ٿيا، مطلب ته هڪ ڪلاڪ جي اندر اندر اسلام آباد جي مٿان هڪ ننڍڙي قيامت هئي جيڪا گذري وئي. مون کي ياد آهي ته اسان ڊوڙي وڃي روڊ جي ڪنهن ڪنڊ ۾ ويهون ته ميزائل اچي اسان جي اڳيان ڪري. هن ناگهاني آفت جو هر ماڻهو شڪار ٿيو. خاقان عباسي جيڪو محمد خان جوڻيجو حڪومت ۾ وزير هوندو هو، اهو به انهي حادثي ۾ پنهنجي جان وڃائي ويٺو. پوءِ جيترا وات اوتريون ڳالهيون. ڪن جو خيال هو ته عسڪري قيادت جي ڪٽن ڪمن کي لڪائڻ لاءِ اهو ڊرامو ڪيو ويو هو. ڪن جو چوڻ هو ته جوڻيجو صاحب جي حڪومت کي هٽائڻ لاءِ اهو سڀ ڪجهه ڪيو ويو هو. پوءِ جيترا وات اوترو ڳالهيو. ڪيترن ئي قسمن جا افواهه ملڪ ۾ گردش ڪرڻ لڳا. ڪن جو خيال هو ته انڊيا حملو ڪري ڏنو آهي، ڪي پيا چون ته ڪهوٽا ائٽمي پلانٽ ۾ ڪو ڌماڪو ٿيو آهي. پر ڪو به سرڪار جو نمائندو موجود ڪو نه هو جو پريشان حال ماڻهن کي ڪجهه ٻڌائي ته ڇا ٿيو آهي. جنرل ضياءُ الحق جيڪو ان وقت ملڪ جو صدر هو اهو اسلامي ملڪن جي ڪنهن ڪانفرنس ۾ ڪويت ويل هو. وزير اعظم محمد خان جوڻيجو سنڌ جي مختصر دوري تي هو. انهي سلسلي ۾ ايترا افواه گردش ڪرڻ لڳا جو ڪو به ماڻهو سرڪاري وضاحت تي اعتبار ڪرڻ کي لاءِ تيار ڪو نه هو. اوجهڙي ۾ ڇا پيل هو، اها پراڻي طرز جي هڪ بارودي ڪئمپ هئي، جهڙي طرح ٻي مهاڀاري لڙائي جي وقت انگريز فوجون بارود زخيرو ڪنديون هيون. اهڙي طرح اوجهڙي ڪئمپ ۾ هڪ آرمي جو يونٽ رهندو هو. جڏهن روس افغانستان تي حملو ڪري ڏنو ته انهي يونٽ کي عارضي طرح بارود رکڻ لاءِ استعمال ڪيو ويو. سرڪاري پڌرائي مطابق 100 ماڻهو اجل جو شڪار ٿيا. پر ان وقت ڪو به ماڻهو اهو انگ مڃڻ لاءِ تيار ڪو نه هو. اپريل 12 تي وزير اعظم ٻه جانچ ڪميٽيون ٺاهيون. هڪ فوج تي مشتمل هئي، جنهن جو سربراهه ڪور ڪمانڊر راولپنڊي هو. جڏهن ته ٻئي ڪميٽي ۾ فيڊرل منسٽر شامل هئا، جن ۾ قاضي عبدالمجيد عابد، ملڪ نعيم احمد خان ۽ مير ابراهيم بلوچ، جڏهن ته ان ڪميٽي جو سربراهه اسلم خٽڪ هو. وزير اعظم جيڪي به قدم کنيا صدر

جنرل ضياءُالحق کي اهڙي قسم جي ڪا بہ آگاهي نہ ڏني ويئي. انهي ڪري انهن جي وچ ۾ بدگماني پيدا ٿي پيئي ۽ اهوئي سبب هو جو صدر وزير اعظم کي گهر روانو ڪري ڇڏيو. جڏهن تہ جنرل ضياءُ چاهيو ٿي تہ اها سچي انڪوائري صدر جي پسنديدہ ماڻهن کان ڪرائي وڃي، ڇو جو هُن ڪجهہ ماڻهن کي بچائڻ پئي چاهيو. ان وقت جي وزير دفاع رانا نعيم انهي جو ذميوار ISI کي قرار ڏنو. هُن جو چوڻ هو تہ "ڪئمپ ISI جي ڪنٽرول ۾ هئي، تنهنڪري انهي اداري جي اڳوڻي ڊاريڪٽر جنرل اختر عبدالرحمان ۽ موجوده (جيڪو ان وقت هو) ڊاريڪٽر جنرل حميد گُل، انهن ٻنهي جي خلاف ڪاروائي ڪئي وڃي. ضياءُ الحق ائين ڪرڻ نہ پئي چاهيو. تنهنڪري اوجهڙي ڪئمپ جي اصل ۽ صحيح حقيقت تان پردو ڪڇي نہ سگهيو. اسان جو واحد ملڪ آهي جتي اهڙن واقعن جي اصل حقيقت معلوم نہ ٿيندي آهي. انهي اوجهڙي ڪئمپ جو خوف اسلام آباد جا ماڻهو سالن تائين وساري نہ سگهيا آهن.

## ٿر جو سفر

جيئن تہ مون 1986ع ۾ اچي اسلام آباد ۾ نوڪري Join ڪئي هئي. انهي وچ ۾ 1987 ع جا ڇهہ مهينا ڪن لاهور رهيس. پر مٺن مائٽن ۽ دوستن يارن جي ياد اچا بہ پئي ستائيندي هئي. جيئن بہ يا ٽي مهينا گذرندا هئا تہ موڪل لاءِ ڪوشش ڪبي هئي. پوءِ ڪڏهن ملندي هئي تہ ڪڏهن ڪا نہ ملندي هئي. فنانس ڊويزن ۾ هئڻ جي ڪري بجيٽ جي ڪري هر سال جون مهيني تائين موڪل نہ ملندي هئي. سو آگسٽ 1988 ع ۾ ڳوٺ جو پوروگرام ٺهي ويو. تاريخ تہ ياد ڪانهي پر لڳي ٿو تہ هونديون پهريون تاريخون، ڇو جو مهيني جو پڳهار ڪٽي پوءِ ئي ڳوٺ وڃبو هو. جيئن ئي ڳوٺ پهتس تہ هتي منهنجا بہ نظرياتي دوست نواز لغاري ۽ اشرف لغاري اڳي ئي ٿر گهمڻ جو پروگرام ٺاهيو ويٺا هئا. ائين هڪ بہ ڏينهن ڳوٺ رهي اسان ٿر لاءِ روانا ٿياسين. ان زماني ۾ اسان مان ڪنهن وٽ بہ ڪا گاڏي وغيره ڪا نہ هوندي هئي. ان زماني ۾ هوئڻ بہ قوم پرستن وٽ گاڏي جو ڪو تصور ڪو نہ هوندو هو. تنهنڪري اسان ٽئي سجا، پڙپانگ هوندا هئاسين. مون کي آفيسري تہ ملي چڪي هُئي، پر آئون ڪو مختيارڪار يا تپيدار تہ ڪو نہ هوس جو مٿين ڪمائي هجي. تنهڪري ائين ئي عام بسن ۾ چڙهي وڃي نئين ڪوٽ لٿاسين. نئين ڪوٽ جو قلعو گهمياسين جيڪو مير ڪرم علي خان ٽالپر 1814 ع ۾ ٺهرايو هو. هي ننڍو پر تمام سهڻو قلعو آهي.

اسان ڪارونجهر کي ڏسڻ لاءِ ننگر پارڪر لاءِ نڪتاسين، جيڪو صديون پراڻيون يادون ٿر ۽ پارڪر جي شڪل ۾ سانيڍي اڄ بہ روپلي جون نہ وسرندڙ يادون پنهنجي سيني ۾ سانڍيو اچي ٿو. مٺي شهر ۾ اسان جو نظرياتي دوست ڪرشن شرما اڳي ئي اسان جي انتظار ۾ هو. جنهن ڪليل دل ۽ وسيع دسترخوان سان اسان جو آڌرڀاءُ ڪيو. ان وقت مٺي شهر ۾ هڪ ئي ڏسڻ ۽ گهمڻ جهڙي جڳهہ هئي اها هئي "گڏي ڀِٽ" جنهن تان مٺي شهر جو نظارو ائين ٿي نظر آيو جيئن "مونال ريسٽورانٽ" تان اسلام آباد جو نظارو.

ائين اسان مٺي شهر جو سير ڪري( جيڪو ان وقت مون کي هڪ وڏو ڳوٺ لڳو هو). ڪرشن شرما سان گڏجي رات جي ماني کائي، رات جو 10 بجي ڌاري GMC ۾ سوار ٿيا هئاسين، جنهن کي ٿر جا ماڻهو "ڪيڪڙو" سڏيندا آهن. ان ۾ اسان ننگر پارڪر جي لاءِ سفر شروع ڪيو هو. اسان جي مٺي جي ميزبان محترم ڪرشن شرما ٻڌايو تہ ننگر پارڪر ۾ سياحن جي رهڻ جي لاءِ

ڪو بہ بندوبست ڪو نہ آهي. هُن اسان کي جيئي سنڌ جي دوستن جو ڏس پتو ڏيئي چڏيو هو مطلب تہ وري بہ اسان کي پنهنجي ئي قومي سٿ جا ساٿي ئي ڪم آيا.

اهو منهنجو ڪيڪڙي جو پهريون ۽ آخري سفر هو. اها چنڊ جي 14 جي رات هئي، آسمان تي چنڊ ۽ ڪڪرن جي پاڻ ۾ لڪ لڪوٽي لڳي پئي هئي. رکي رکي هلڪي هلڪي بوندا باندي بہ ٿي رهي هئي، ٿڌڙي ۽ منڙي هير اکين ۾ خمار ٿي آٽي چڏيا. آسمان تي سنهڙين ۽ ٽڙيل پکڙيل ڪڪرين ۾ چنڊ جو نظارو ڪنهن نئين نويلي ساماٽل نوجوان نينگري جي منهن تي موهيڙن جي نشان جيان نظر اچي رهيو هو. چانڊوڪي رات ۾ ٽر ٻهڪي رهيو هو. ٽر جي ان زماني جي لاري جنهن کي ڪيڪڙو چئبو هو هيٺ سامان ۽ ان جي مٿان ماڻهن لاءِ ڪم ايندي هئي، لاري جي مٿان مرد توڙي عورتن کي ٻڪرين وانگر سٿيو پي ويو. مون کي ائين لڳي رهيو هو تہ ڪنهن ماڊرن يونيورسٽي جو ڪلاس آهي جنهن ۾ ٻئي انساني جنسون گڏ پڙهي رهيون آهن. انهي رات جيڪو مون قدرتي ۽ انساني رومانس جوگڏيل ميلاپ ڏٺو تنهن اڄ پيتي جا نشا چاڙهي چڏيا هئا. مون اجان تازو زبير لغاري ۽ ساجد ڀُٽي سان اهو ساڳيو سفر ڪيو آهي. پر هِن سفر ۾ اهو مزو ڪٿي جيڪو 3 ڏهاڪا اڳ اسان ڪيڪڙي ۾ ڪيو هو. جيڪو اڄ ڏينهن تائين دل جي ڪنهن ڪنڊ مان رومانس جون نہ وسرندڙ يادون تازيون ڪندو رهي ٿو. ان وقت جي ڪيڪڙي ۾ زالين مڙسين گڏ سوڙ سنگوڙ ۾ گوڏو گوڏي تي ڏيئي ويهڻ، ڪيڪڙي جو واري جي روڊن تي لڏڻ، انهي لوڏي تي انسانن جو انسانن سان ٽڪرائجڻ، خماريل اکين ۽ پُسيل گهگهن ۽ قميصن ۾ ڪيڪڙي جو جهومڻ ۽ لڏڻ ان جي نتيجي ۾ جسمن جو پاڻ ۾ گسڻ واري لذت صدين تائين ياد رهندي. (هتي جيڪي ڪجهہ مون لکيو آهي انهي مان ڪجهہ لفظ جنسيات سان تعلق رکن ٿا، جنسيات ادب جي صنف آهي. عمر قاضي،خوشونت سنگهہ جي ڪتاب "منهنجو نينهن نارين سان" جي سنڌي ترجمي ۾ لکي ٿو تہ "هن جو ادب عورت جي وجود جي چوڌاري گردش ڪري ٿو. عورت سان پيار جو اقرارخوشونت ايتري تہ ڀرپور انداز سان ڪري ٿو جو هن مٿان فوري طور تي فحاشيءَ جي تهمت لڳي ٿي. )( بهر حال مون مشرقي روايتن کي سامهون رکندي اهڙن لفظن کان پرهيز ڪيو آهي. پر ٿي سگهي ٿو تہ منهنجا اهي لفظ ڪنهن کي نا گوارهہ لڳن، انهن پڙهندڙن کان اڳ وات معافي. ) مٿان وري اسان جي مست جواني انهي اجا بہ سون تي سهاڳي جو ڪم پي ڪيو. انهي سفر جون نہ وسرندڙيادون جڏهن نواز لغاري کي اوچين ۽ اُپين ديوارن پٺيان ياد آيون هونديون تہ هو رُنو ضرور هوندو. جڏهن تہ هاڻي

انهي جو مزو صرف منهنجا نوجوان دوست تصوراتي دنيا ۾ ئي وٺي سگهن ٿا. جيڪي هن ڪتاب کي پڙهندا. اسان وٽ ته صرف هاڻي يادون وڃي رهيون آهن. ائين اسان جو هي رومانس سان ڀرپور سفر صبح جو پنجين لڳين ننگر پارڪر ۾ اچي ختم ٿيو.

اسان جي ننگر پارڪر ۾ ٻي ڪا به واقفيت ڪا نه هئي صرف هڪ ٻه قومي سٿ جا دوست هئا جن جو ڏس پتو مليو هو. انهن کي به اسُر ويل ڪٺان ڳوليون. ائين ڪيڪڙي مان خماريل اکين سان ٿڙندا ٿاٻڙندا هڪڙي ڇپر نما هوٽل تي خالي ڪٽون ڏسي اچي انهن تي ليٽي پياسين. پر لاري ۾ جيڪي نينهن جا نشا لڳا انهن ننڊ حرام ڪري ڇڏي هئي. ائين پاسا وارائيندي هوٽل جي مالڪ اچي اسان کي اٿاري چانهه پياري. اهو ٽر جو نوجوان ڇوڪرو شيرل ڪوسو هو جيڪو اسان جي قومي سٿ جو ساٿي پڻ هو. جنهن جي ان وقت 18 يا 19 سال ڄمار هوندي. جنهن اسان کي وڏي قرب ۽ چاهت سان ناشتو به ڪرايو. هن دوست کي اها جڳهه نه لڳي جتي اسان کي ڪٽي ويهاري, شيرل ڪوسي سچو خلوص ۽ پيار اسان تي اوتي ڇڏيو. ايتري ۾ اسان جا ٻيا ساٿي محترم غلام حسين چاڪي ۽ سندس ڀاءَ محترم محمد حسين چاڪي به اچي ويا. هاڻي اسان سنڌ جي ڪنهن ڏوراهين علائقي ۾ ننڌڪا نه هئاسين. انهن اسان کي "جين مندر" ۽ ڪارونجهر گهمايو. اسان اها جاءِ به ڏٺي جتي سنڌ جو بهادر پٽ روپلو ڪولهي سنڌ جي دشمنن سان وڙهندي شهيد ٿيو هو. اهو سچو ڏينهن اسان ڪارونجهر ۾ هلڪي ڦلڪي بوندار ۾ گذاريو هو. ڪٿان پري کان ڪنهن چونئري مان سرمد سنڌي جو مڌر آواز ڪنن تي پيو هو ته " هي جهوپا جهوپا ڪينجهر تي شل مينهن وسن ڪارونجهر تي" انهي آواز سڄي ڪارونجهر جي ماحول کي خوشگوار ڪري ڇڏيو هو. منهنجي ذهن ۾ وري گذريل رات جي لاري وارا منظر لهندڙ سج جي ڇٽيل ۽ گلابي ڪرڻ وانگر ڦرڻ لڳا ته آئون وري خيالن جي دنيا ۾ گم ٿي ويس. اها رات اسان ڪوسن ۽ چاڪين سان هڪ ڊگهي قومي ڪچهري ڪئي هئي. ٻئي ڏينهن اسان وري ڪيڪڙي تي سوار ٿي مٺي ڏانهن واپسي جو سفر شروع ڪيو هو.

ڪيڪڙو جڏهن رينجرس جي چوڪي تي ڪافي دير لاءِ ننگر پارڪر ۾ بيهي رهيو ته اسان جا دوست منهنجو فيڊرل گورنمينٽ جو سرڪاري ڪارڊ کڻي رينجرس جي ڪنهن آفيسر سان ملڻ لاءِ ويا. اهو ڪو شريف ماڻهو هو ۽ اٿي اچي مون سان مليو. جيستائين ڪيڪڙو هلي تيستائين مون کي ڪرسي تي آڻي وهاريائين. انهي ۾ منهنجو ڪو به ڪمال ڪو نه هو. هڪ طاقت هئي منهنجي ڪارڊ جي ۽ ٻيو ڪمال هو اسان جي ساٿي نواز لغاري جو جنهن

منهنجي اهڙي تعريف ڪئي، جيئن ڪو ڪاسائي ٻڪر جي تعريف ڪندو آهي. چئي " اسلام آباد ۾ جيڪو لهندو اڀرندو آهي سو هن اسان جي دوست جي اشاري تي. " واهه سائين واهه رينجرس وارا اهڙا متاثر ٿيا جو پنهنجي اڳئين چوڪي جيڪا "ويرا واهه" تي هئي انهن کي چيائون ته "هي مهمان اچن ٿا انهن جي چڱي طرح خدمت چاڪري ڪجو. " لفظ "خدمت چاڪري" ٻڌي مون کي اچي ڏپ ٿيو ته هي چورو ڪٿي مارائيندو. خبر نه آهي ته ڪهڙي قسم جي "خدمت چاڪري" ڪندا. خير جيڏي مهل اسان ويرا واهه رينجرس چوڪي تي پهتاسين ته انهن جا ٻه چار سپاهي اسان کي وٺي انهن جي ميس تي آيا ۽ اسان جي خوب خاطر تواضع ڪيائون. ائين اسان رينجرس وارن جو ڪائي پي شام جو دير سان اچي مٺي پهتاسين. هاڻي اسان اهو مناسب نه سمجهيو ته ڪرشن شرما کي ڪا تڪليف ڏيون. تنهنڪري هوٽل تي ڪمرو وٺي سمهي رهياسين. رات جو 10 بجي هوٽل واري اچي در کڙڪايو. ساڻس هڪ غير ملڪي به گڏ هو اچي اسان کي چيائين ته "هي ڪنهن ٻاهرين ملڪ جو مهمان آهي هوٽل ۾ ڪٿي ڪا جڳهه خالي ڪونهي، هن کي اوهان پاڻ سان رهايو". اسان چوٿين ڪٽ لڳرائي، هن کي پاڻ سان رهائي ڇڏيو. ائين هڪ فرينچ سياح اسان کي نئون رانديڪو ملي ويو. هن همراهه کي انگريزي پوري سوري ٿي آئي، پر هڪ ٻئي جي ڳالهائڻ مان مطلب سمجهه ۾ پي آيو. مون هن کان پڇيو ته "تون هتي ڪيئن آئين؟" هن ڪتاب ڪڍي ڏيکاريو. جنهن ۾ ٿر متعلق ڪافي ڪجهه لکيو پيو هو. ٻئي ڏينهن نواز لغاري ريپڙيون وٺي آيو ۽ اچي هن کي کارايائين. اسان چيو ته هي ٿر جو فروٽ آهي. ڪٽيون مٺيون ريپڙيون هن کي ڪافي پسند آيون. آخر ۾ اسان هن کان موڪلائي شام جو اچي ڳوٺ گلاب لغاري پهتاسين. ائين اسان جو هي ٿر جو ڦيريون سفر پورو ٿيو.

## ٿر جو پيو سفر

مناسب اهو ٿيندو ته ٿر جي ٻئي سفر متعلق به اختصار سان ڪجهه يادون قلمبند ڪجن ته جيئن حال جا ڪي يادگار لمحا ماضي جي ڪا وڪريل تاريخ تي پون. هي منهنجو ٿر جو پيو سفر هو جيڪو 29 سالن جي وڏي عرصي کان پوءِ ڪري رهيو هوس. پهرين سفر بابت چند يادگيريون مٿي لکي آيو آهيان. جيئن مٿي ڏيکاريو ويو آهي ته ٿر جو پهريون سفر اسان ڪيئن بسن ۽ ڪيڪڙي جي ڇتين تي ويهي پورو ڪيو هو. انهي پهرين سفر ۾ مون جيئن ٿر کي ڏٺو سو هن دفعي ڏسڻ ۾ نه آيو. ٿر جي روڊن رستن ترقي ته ڪئي آهي. پر ٿر جا در ديوارون مذهب جا نوان ويس وڳا پائي ڪنهن اڻ ڏٺل پيانڪ خواب جي نشاندهي ڪري رهيون هيون. بدين کان ننگرپارڪر تائين مون کي لڳو ته ڪار اسلام آباد جي ڪنهن اڻ وساريل سيڪٽر جي روڊ تي هلي رهي آهي. وات تي رينجرس جون ٻه چار چوڪيون آيون. جيئن ته هاڻي آئون نوڪري تان رٽائر ٿي چڪو هوس پر آفيسرن واري واسڪوٽ جيڪا مون کي پيل هئي ۽ آئون گاڏي جي پوئين سيٽ تي براجمان هوس ائين ٿي لڳو ته پوئين سيٽ تي ويٺل صاحب اجا ڪنهن وڏي عهدي تي آهي. مٿان وري زبير صاحب ڪار جي ڊرائيونگ سيٽ تان لهي پنهنجو 17 گريڊ جو ڪارڊ ٿي ڏيکاريو ته رينجرس وارا اجا وڌيڪ متاثر ٿي ٿيا. شام جو اسان نگرپارڪر پهچي ٿر ميلو گهميو هو. جيڪو سنڌ سرڪار جي مذهبي انتها پسندي کي روڪڻ واري مهم جو حصو هو. جڏهن ته هن سفر ۾ مون دل ئي دل ۾ سوچيو هو ته هر شيءِ بدلجي ويئي آهي پر ٿر ۾ رهندڙ انسانن جي حالت نه بدلي آهي. موت جو راڪاس جڏهن گهمي ٿو ته مورن ۽ انسانن ۾ ڪا تميز نه ٿو ڪري، سرڪار جي ڪرتن ڌرتن کي سونا تاج پائڻ جو ته وڏو شوق آهي، پر ٿر جي ٻارن ۽ مورن جي سار سنڀال هڪ انتها پسند تنظيم جي حوالي ڪري ٿر جي امن ۽ آشتي جي ڌرتي کي ڪنهن اڻ ڏٺل باهه ۾ اڇلائڻ جون تياريون ٿي رهيون آهن ته پوءِ اهڙن ميلن ملاکڙن مچائڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي

ڪجهه وقت اڳ "هڪ چوري ٻيو سينا زوري،" جهڙيون چوٽيون ٻڌيون هيون. هاڻي ٿر ۾ مال متاع جي چوري کان معاملو مٿي چڙهي ويو آهي. هاڻي ته ٿر جا هٿ نوڪيا پير هندو صغير نياڻين کي زوري زبردستي اغوا ڪرائي انهن جا مسلماني جا سرٽيفڪيٽ جاري ڪري پنهنجن ڪمدارن ڪڙن سان پرڻائي ٿا ڇڏين. سوال اهو آهي ته انهن جعلي پيرن کي اهو اختيار

ڪنهن ڏنو آهي جو مسلماني جا سرٽيفڪيٽ جاري ڪندا وتن. اتي هڪ ٻيو سوال بہ بحث طلب آهي تہ اسان کي جيڪڏهن مسلمانن جو انگ ئي وڌائڻو ئي آهي تہ هندو ڇوڪرا انتهائي خوبصورت ٿين ٿا اسان انهن کي اغوا ڪري مسلمان ڪري پنهنجن نياڻين جون شاديون ڇو نہ ٿا ڪرايون. ؟ اهڙا پير جيڪي ٻيروني خيرات تي پنهنجي مرشدي چمڪائن ٿا محترم محمد عثمان ڏيپلائي پنهنجو ڪتاب "شيخ المشائخ" اهڙن ئي پيرن ۾ ڪاني ڪرامتن جي ڏٽين جي مان ۾ شان وٽان لکيو آهي. اهو آهي اڄ اسان جي ٿر جو حال، جتي نہ صحت سلامت آهي نہ عزت سلامت آهي.

ننگرپارڪر ۾ اسان جو ٻيو ڏينهن، اسان پنهنجي ميزبان دوست ڊاڪٽر اورنگزيب ساند سان گڏجي ٿر جو لٽل ماسڪو گهمڻ وياسين. انهي ڳوٺ کي ننڍو ماسڪو انهي ڪري چيو ويندو هو. جو آڳاٽي زماني کان وٺي هتي پڙهيل ڳڙهيل ماڻهن جو ريشو وڌيڪ رهيو آهي. اها تہ سڀ ڪنهن کي بہ خبر آهي تہ ٿر ۾ ڏڪار ايندا ئي رهن ٿا. پر ڪنهن بہ دور ۾ ڪاسبي جي ماڻهن قدرتي آفتن يعني ڏڪار وغيره نہ ڏٺو. تيون هتي ڪنهن بہ قسم جومذهبي مَت ڀيد اڃا تائين نظر ڪو نہ ٿو اچي. ها البت هاڻي مذهبي هم آهنگي ۾ سيرون پوڻ جو خدشو وڌي ويو آهي، ڇو جو 95 سيڪڙو هندو پاپوليشن جي وچ ۾ هڪ مدرسي جي کلڻ کان پوءِ اهو سڀ ڪجهہ ممڪن نہ رهندو. ڪاسبو جنهن جي پنهنجي هڪڙي تاريخ ۾ سونهن آهي. ڪاسبي جي سونهن تہ تڏهن کان مشهور هئي جڏهن ننڍيون نيٽيون نينگريون مٿي تي سينهون رکي ٿي تي دلا ڪٽي ٻنهي ٻانهن ۾ هاٿي جي ڏندن مان ٺهيل چوڙا پائي، جنهن کي "آڄ" جا چوڙا چيو ويندو هو ڪوهن تي پاڻي ڀرڻ لاءِ گڏ ٿينديو هيون تہ حُسن جا جلوا ڏسڻ وٽان هوندا هئا. عمر بادشاه بہ تہ مارئي کي کوهہ تان کنيو هو. انهي حُسن تي سنڌ جي شاعرن پنهنجي شاعري جا گنج ڀري ڇڏيا آهن. سنڌ جي قومي شاعر سريچ سجاولي شايد اهڙين حسينن لاءِ ڪجهہ هن طرح شاعري ڪئي آهي.

سُرما وجهي،ڏيئي ڦٽيون، پاڻي ڀرڻ لاءِ پدمڻيون،
گڏجو هلن پنج ست ڄڻيون،هيڏن ڪنڌن سان ڪامڻيون،
ڪِن کي نٿون، ڪِن کي ويڻڙا، سِر تي سمورين سينهڙا،
گُجرن ڀريا پاڻيءَ گهڙا، ڪن ڪڇ تي ڪن ٻيلهڙا،
هو لاڏ مان لڏنديون اچن، ڏس لاڏيون مهراڻ جون،
جنت الفردوس آهن، ٻئي ڪنڌيون مهراڻ جون.

هاڻي جڏهن ٿر ۾ مذهبي انتهاپسندي وڌي آهي. هندو نياڻين جو اغوا عام جام ٿي ويو آهي. يعني جڏهن کان بندوقچي ٿر ۾ انسانن جي شڪار

لاءِ لٿا آهن تہ انهن نوجوان نينگرين مٿي تي دلا رکي نڪرڻ ڇڏي ڏنو آهي. شابس هجي عمر بادشاهہ کي جنهن مارئي سان زوري زبردستي نہ ڪئي، پر اڄ جا منصف ڪنهن غيبي پريشر ۾ اچي هڪ منٽ ۾ فيصلو ٻڌائي ٿا ڇڏين. قانون جي رکوالن جي سامهون هندو نياڻي نہ پر ڪا ٻڪري نظر ايندي آهي. اخباري اطلاعن مطابق جيڪڏهن ڪو قانون جو رکوالو فيصلي ۾ دير ٿو ڪري تہ ان جي خلاف ڪافر جي فتوا صادرُ ٿيو وڃي.

اسان جڏهن ڪاسبي جي مندر ۾ پهتاسين تہ اتي يوسف فقير نابينا راڳ رنگ جا سُر ڇيڙيا. اسان مان ڪنهن دوست فرمائش ڪئي تہ فقير راڻو ٿي وڃي، پر ٿر جي ماڻهو کي سارنگ ڪان وڌيڪ ٻيو ڪجهہ پسند ڪيئن ايندو. ڇو جو ان ۾ برسات جو ذڪر آهي. فقير ٻڌايو تہ آئون جيڏي مهل سُر سارنگ ڇيڙيندس تہ مور پاڻهي اچي ويندا. واهہ فقير واهہ هن اڃا شاهہ جي سُر سارنگ مان پهريون ڏوهيڙو مڪمل ئي نہ ڪيو هوندو تہ مورن جا ٿهوڪا پڪواز ۽ باجي تي هڪ عجيب قسم جو روح کي راحت ڏيندڙ سُر ملائڻ لڳا. ان کان پوءِ ڊاڪٽر تُلسي جي اوطاق تي ٿڌي لسي جو دور هليو. جنهن نينهن وارن کي اڻ پيتي جا نشا ڏيئي ڇڏيا. اُتي ڪاسبي ۾ مون کي ٻہ عورتو ڏيکاريون ويون جن کي ڪارا لباس پيل هئا. ٻڌايو ويو تہ انهن کي ريباري چئبو آهي. اهي ماڻهو دودو سومرو جي خاص خدمتگارن ۾ شامل هئا. جڏهن دودو سومرو شهيد ٿي ويو تہ انهن ماڻهن اصل ويس وڳا لاهي ڦٽا ڪيا ۽ ڪارا ڪپڙا پائڻ شروع ڪيائون، جيڪي اڄ ڏينهن تائين نہ لاٿا اٿن. وري جڏهن موجودهہ دور ۾ محمد ميان سومرو صدر ٿيو ۽ انهن ماڻهن وٽ آيو ۽ چيائين تہ " هاڻي سومرن کي بادشاهي ملي ويئي آهي. اوهان هاڻي ڪارا ڪپڙا لاهيو. " پر ڪاسبي جي ريبارين چيو تہ " سومرن کي بادشاهي تہ ملي ويئي آهي، پر سنڌ اڃا آزاد نہ ٿي آهي، اسان ڪارا ڪپڙا انهي ڏينهن لاهينداسين جڏهن سنڌ آزاد ٿيندي، "

ان کان پهرين "جين" مندر ٻہ ڏٺو سين، جنهن جا عبادتگذار هاڻي سنڌ جي علائقي ننگر پارڪر ۾ موجود ڪونہ آهن. اسان جي ميزبان ڊاڪٽر اورنگزيب ساند چواڻي تہ اهي 16 ۽ 17 عيسوي صدي ۾ هتان هجرت ڪري ويا هئا. ان باري ۾ ڊاڪٽر امان ميمڻ جو چوڻ آهي تہ "جين" مذهب جا پوئلڳ احمد آباد انڊيا ۾ موجود آهن. ڪجهہ سال اڳ اسلام جي مجاهدن افغانستان ۾ وڏي پيماني تي جين مندر ڊاهي پٽ ڪيا هئا. جڏهن افغانستان ۾ طالبانن انهن جا مندر مسمار پي ڪيا تہ دنيا جي ڪنهن بہ ڪنڊ مان انهن جي پوئلڳن جو احتجاجي آواز ٻڌڻ ۾ ڪونہ آيو. بقول مشڪور ڦلڪاري جي تہ هن مذهب جا پوئلڳ رت وهائڻ کي حرام سمجهندا آهن.

اسان جي ميزبان ڊاڪٽر اورنگزيب ساند ۽ ڊاڪٽر ٽُلسي اسان جي خدمت ۾ ڪنهن بہ قسم جي ڪسر نہ ڇڏي، آئون انهن جو شڪر گذار آهيان. جيڪڏهن منهنجو نوجوان دوست زبير لغاري 700 ڪلو ميٽر گاڏي نہ هلائي ها تہ اهو سفر ڪيئن پورو ٿئي ها، ان سان گڏ ساجد پٽي جي ڪمپني پڻ سفر ۾ منهنجي لاءِ ڪيئي سهولتون پيدا ڪيون. ان ڪان سواءِ بہ نوجوان دوست شڪارپور مان، آزاد انور مهر ۽ حيدر آباد مان فرازعلي شيخ فيس بڪ ۽ نيٽ جي ذريعي مون سان گڏ رهيا. سندن تند بنا تنوار گڏ نہ هجي ها تہ سفر ذرا ٻسو ٻسو پيو لڳي ها. منهنجو پٽ افراز نظام لغاري پڻ سڄي سفر ۾ دلداريون ڏيندو رهيو. واپسي تي ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر بدين ڊاڪٽر علي نواز پوٽ جو ڪلوئي ۾ ماجهاندو، ڊاڪٽر عبدالله سومري جي بدين ۾ دل جي گهراين مان چانهہ نوجوان دوست ابراهيم اوٺو وٽ ماتلي ۾ ماهي ڪير جا گلاس سڄي سفر جا ٿڪ لاهي ڇڏيا. ائين هي اسان جو تاريخي سفر واپسي ۾ حيدرآباد ۾ اچي ختم ٿيو

## شيرل لغاري جا خط ۽ ملڪي معيشت

هن سال دوران بہ شيرل لغاري ۽ منهنجي وچ ۾ خطن جو سلسلو جاري رهيو. ظاهر آهي انهي وچ ۾ آئون ڳوٺ بہ ويو هوندس ۽ روبرو ملاقاتون بہ ٿيون هونديون. اندر جا حال احوال بہ اوريا هوندا. هڪڙي ڳالهہ جيڪا مون کي ياد پوي ٿي تہ اسان جڏهن بہ روبرو ملندا هئاسين,تہ اسان پاڻ ۾ ڪڏهن بہ هڪ ٻئي جي عشق وغيرهہ کي بحث هيٺ نہ آڻيندا هئاسين. منهنجو ادب سان تعلق ۽ هو شاعر, سو هڪ ٻئي کي اهڙا خط لکندا هئاسين. اسان هميشہ سنڌي ادب ۽ ان جي هيناهين, مٿاهين ۽ لاهين چاڙهين تي ڳالهائيندا هئاسين. جيڪڏهن امر جليل جي ڪا سٺي ڪهاڻي اچي ويندي هئي تہ اسان جو سڄو ڏينهن ان تي لڳي ويندو هو. مون کي جيتري قدر ياد پوي ٿو تہ امر جليل انهي زماني ۾ ٻہ ڪهاڻيون "سنڌي گدڙا ِن اسلام آباد" ۽ " ڪپيل ٻانهن جو وارث" لکيون هيون. آئون جڏهن ڳوٺ ويو هوس تہ اسان انهن ٻئي ڪهاڻين بابت ڳالهايو هو. ها البت اها ڳالهہ صحيح آهي ان زماني ۾ خط لکڻ جو وڏو رواج هوندو هو. جڏهن تہ ادب سان تعلق رکندڙ ماڻهو هڪ ٻئي کي ڊگها ڊگها ۽ سٺا خط لکندا هئا. جڏهن تہ شيرل جي اها ڦوهہ جواني هئي, دوستن ۾ شايد ئي مون کان وڌيڪ ڪو هُن کي پيارو هجي. جڏهن تہ آئون ڳوٺ ڇڏي ڇڪو هوس تہ پوءِ هُن مون کي ڪڏهن ڪهڙا تہ ڪڏهن ڪهڙا خط لکيا. هن ئي سال هن جو جيڪو مون کي خط مليو اهوحاضر آهي. هن خط ۾ شيرل پيار جي پالوٽ ڪري ڇڏي آهي, ساڳئي وقت هڪ شاعر ڪهڙي ڪيفيت مان گذرندو آهي, هو مخلوق ۽ مولا سان ڪيئن شڪايتون ٿو ڪري, اهو سڀ ڪجهہ هن خط ۾ پڙهو.

Manilk Laghari
14_9_1988

مون کان سُر سنگيت ڪسي وچ هاڻي ڪوئي گيت نہ لکندس,
هڪڙو پيرو روئي ڪلي وچ وري نہ ڪلندس وري نہ رئندس.

پيارا نظام شال مارگلا جي ٽڪرين ۾ موج ڪرين. توهان جو خط مليو پڙهيم ۽ ماضي جي ڪوهيڙي ۾ گم ٿي ويس. توهان سڀ ڪجهہ سچ لکيو آهي. مون ڪالهہ بہ عذاب پوڳيا هئا اڄ بہ سور سهان پيو. سپاٽي جي زندهہ رهيس تہ سور سهندُس. دوڪان منهنجي کي ڪاٽ لڳي ويو آهي. باهہ مان دڪان بند ڪري ڇڏيم, هاڻي اڌ روزگار(ماستري) آهي ۽ بس. هن دفعي بہ ياءُ

مون کي محبت جي بدلي سور پلئہ پيا آهن. منهنجو پيار نفرتن جي پنيٽ ۾ سڙي ويو آهي، سماج کَتي ويو. آئون زندگي جي هڪ بي بازي بہ هاري چڪو آهيان. جيئن مون چاهيو ٿي ائين محبوبن نہ ڪيو ۽ جيئن هنن چاهيو ٿي ائين آئون ڪري نہ سگهيس. اسين هڪ ٻئي جو ضد ٿي پيا آهيون. اسان جو فيصلو تاريخ جي صفحن ۾ بہ نہ ٿي سگهيو. مون انيڪ دفعا مرڻ جي تمنا ڪئي آهي پر مري نہ سگهيو آهيان، الائي ڇو؟ مون پريت ڪري منهن ۾ ڏوڙ پاتي آهي، منهنجي هن نياڳي طبعيت مون کي رٽن ۾ رلائي ڇڏيو آهي. نصيبن جي ٿالھ مان مون اياڳ جا گرھ ڪاڏا آهن. مون کي ڪتي بہ هاٽي سک نہ ٿو اچي، منهنجي اندر واري انسان مون سان ظلم ڪيا آهن. مون دعائون گهريون پر قبول نہ ٿيون. تون اعتبار ڪر آئون اڇڪلھ روئيندو آهيان ۽ سنڌ ڌرتي کي لڙڪن جو نظرانو ڏيندو آهيان.

پيڙائون سيئي تڪليف ڏيندڙ آهن، پر ڪجھ اهڙيون پيڙائون بہ آهن جيڪي مون کي واڇي وانگر وڄائين ٿيون. ٽن ٻارن جو پيءُ ٿي ويو آهيان پر سمجھ نہ اٿم. آئون اڄ بہ واري جا گهر ٺاهيندو آهيان، ٻيرن جي ڇانو ۾ ڌرتي تي آڏا آبتا ليڪا ڪيندو آهيان. حال ڪان بي حال آهيان، ائين الاءِ ڇو آهي؟ اسين جن کي گل ارپيندا آهيون اهي موٽ ۾ اسان جي پنبڻين ۾ عذاب جا ڪنڊا ٽنبيندا آهن، اسان جن کي خوبصورت گيتن جو نذرانو ڏنو انهن موٽ ۾ اسان کي نفرتن سان نوازيو اسان جو مذاق اُڏايو. انساني جذبن ۽ احساسن جي هتي ڪا بہ قيمت نہ اٿئي. پاڻ مان ڏاڍو ڏڪارو ٿي ويو آهيان. زندگي ڪڏهن سانوڻ جي مينهن جيان وسندي هئي ۽ وقت جي پيرن ۾ زنجير وجهندا هئاسين، اهو وقت گذري ويو. اسان جن لاءِ هي دنيا ۽ آخرت قربان ڪئي، انهن اسان کي نظرانداز ڪري ڇڏيو. وقت جي ويڙھ ۾ شڪستون منهنجو مقدر بنجي ويون، جن جي اکين ۾ مون کي ڪينجهر جي گهرائي لڳندي هئي، انهن اکين ۾ شعلا ڏٺم. دل بہ جوالامکي جيان ٻري رهي آهي، آئون پڇي پري پيو آهيان ڏيري ڏيري خاڪ ٿيندو وڃان، منهنجو قدر نہ ٿيو.

سڙياسون پر چانڊوڪي رات جي ڏيئن وانگر اجايا پئي سڙياسون. مون سڙيل نوڙي مان وٽ ڪيڻ جي ڪوشش ڪئي پر رک جي ڍير ڌاران ڪجھ بہ پلئہ نہ پيو. اربين آدمشماري جي هن دنيا ۾ منهنجي لاءِ ڪوئي نہ آهي. ڪنهن سان روح نٿو ريجهي. بس تون آهين اڪيلو سو بہ ايڏو پري آهين جو سڏ بہ نٿو ٻڌين. مون کي خدا سان زبردست شڪايت آهي، مون "رسول" وارن ۽ "امام" وارن کي ستايو پر ڪنهن بہ منهنجي هڪ بہ نہ ٻڌي. اهي بہ مطلب جا يار آهن. مُلن جون دعائون ٻڌندا آهن. پاڳل ۽ روڳي شاعر جي عزت ڪنهن بہ

مذهب ۾ نہ آهي. چڱو ڪَتي قسمت. سلام قبول ڪندا. مامون الهہ بخش HST
ٿي ويو آهي. سائين وڏي جا سلام قبول ڪندا. ايدريس توهان نہ لکي هئي، تڪ
تي لکان پيو. توهان جو شيرل سنڌ جي رڻ پٽن مان مخاطب آهي.
توهان جو شيرل.

يقينن سال 1988 ع ۾ ڪوڙ سارا سماجي توڙي اقتصادي لاها چاڙها آيا هوندا، اوجهڙي ڪئمپ وارو واقعو تہ مٿي لکي چڪو آهيان. انهي سلسلي جون مون وٽ تہ نہ ڪي اخباري تراشا آهن ۽ نہ ئي ڪا وري مون ڊائري لکي آهي. جيئن تہ آئون اقتصاديات جو طالب العلم آهيان تنهنڪري انهي سال اقتصادي طور پاڪستان سان ڇا وهيو واپريو جيڪڏهن اسان انهي داستان کي لکڻ ۾ لڳي وياسين تہ هي ڪتاب سڄو انهي مان پرجي ويندو. صرف هڪڙو جملو لکان ٿو جنهن مان پڙهندڙ کي معلوم ٿي ويندو تہ اسان جي ملڪ جي اقتصادي صحت ڪهڙي حال ۾ آهي. جيئن تہ 1947 ع کان وٺي 2016 تائين ڪو بہ هڪ سال اسان کي اهڙو نظر نہ ٿو اچي جنهن ۾ پاڪستان جي بچت واري بجيٽ پيش ڪئي وئي هجي، لاڳيتو 70 سالن تائين هميشہ کوٽ واري بجيٽ پيش ٿيندي رهي آهي. مطلب تہ قرض کڻو ۽ ملڪ هلايو پوءِ ترقياتي ڪم بہ اهڙي حساب سان ٿيندا ۽ غربت ۾ ڪمي بہ ڪيئن ايندي. سنڌ ۾ 1947ع ۾ غربت ايتري نہ هئي. پر هينئر سنڌ ۾ غربت سڄي پاڪستان کان وڌيڪ آهي. اچوڪي اخباري رپوٽ مطابق سنڌ کي هلندڙ سال 16_2015 دوران 500 بلين روپيہ وفاق کان نيشنل فنانس ڪميشن جي وعدي مطابق مليا آهن. اهي پئسا ڪٿي خرچ ٿيا ۽ انهي جو عام ماڻهو تي ڪيترو اثر پيو. انهي کي اقتصادي ٻولي ۾ Trickle Down Affect چئبو. انهن پئسن جو هيٺين سطح تائين اثر نظر نہ ٿو اچي. اڄ جي اخبار جي ٻي خبر هي آهي تہ Central Development Working Party (CDWO) سڄي ملڪ جي لاءِ 140, بلين روپيہ جا 14 ترقياتي پروجيڪٽ منظور ڪيا آهن، انهي ۾ سنڌ جو هڪ بہ پروجيڪٽ ڪونهي. اهي ڳالهيون منهنجي هن ڪتاب جي دائري ۾ نہ ٿيون اچن پر جيئن تہ منهنجو ماضي ۾ سڌو يا اڻسڌو ملڪ جي اقتصادي معاملن سان واسطو رهيو آهي تنهنڪري اهو ضروري آهي تہ ڪيڏي مهل ڪتاب ۾ تلخ ۽ حقيقي ڳالهيون لکي پڙهندڙن جي ذهن کي ڏونڌاڙجي. انهي وچ ۾ منهنجون ۽ شيرل لغاري جون ملاقاتون بہ ٿينديون رهيون ۽ خطن جو سلسلو بہ جاري رهيو. منهنجي رڪارڊ مطابق 1989 ۾ شيرل جو مون کي هڪ ئي خط مليو هو.

19_4_1989

**ماڻڪ لغاري اسڪول**

سڪي هواءُ ۾ هڳاءُ آهي گلي گلي گيت ٿي وئي آ
پيا، بنا ڪيئن ايندي، بسنتي رُت بي چئي آ.

اسان ڪان پري ڪٿي دور وسندڙ نظام شال سک شانت ۾ هجين. ادل پهرين اوهان کي هڪ خط لکيو اٿم جنهن ۾ ٽڪيٽن جي ڪوٺ هئي. هاڻي وري ٽڪلين جي واڌ وارو خط حاضر آهي. پيارا هتي منهنجا حال هيٺان آهن. هتي جا ماڻهو منهنجي امنگن ۽ آرزوئن جي بلڪل ابتڙ ثابت ٿيا آهن. ماڻهو چون ٿا رات کي ڏينهن چئو آئون نه ٿو چوان، تنهنڪري انهن کي اکين ۾ ڪنڊو بنجي چڀندو رهندو آهيان. محبتن کي مون لاءِ حرام ڪيو ويو آهي، خوشين تي پابندي آهي ته اهي منهنجي ويجهو به نه پٽڪن. نفرتون وڌي وڻ ٿيون آهن، چاهتن کي چوري جي الزام ۾ قيد ڪيو ويو آهي، پر پوءِ آئون جيئان پيو هڪ آس جي سهاري.

دور ٿيندا وڃن روز جوڳيئڙا
تون اجان ٿو جيئن هاءِ ڙي جيئڙا.

چوويهه سال گذري ويا آهن مون کي زنده (زنده رهڻ جي آس) مگر اڄ تائين ڪا به شئي مون لاءِ مشعل راهه ثابت نه ٿي آهي، يا ته مان پاڳل آهيان يا هي سارو ماندڙ ڪوڙ آهي ۽ وقت بنيو ڏوڙ آهي. مون محبت جي انتخاب ۾ هر دور ۾ غلطيون ڪيون آهن ۽ پوڳيو به گهڻو ئي اٿم مگر پوءِ به دل چري آهي نٿي مڃي بغاوت ڪئي اٿس دماغ سان.

ڪنهن چيو محفل ۾ ڪيئن آهين؟
چيم دوست مڙئي، وتون پٽڪندا ۽ لتڪندا.

هڪ دوست مون سان بنا سبب جي ڪري قطع تعلق ڪري ويو آهي. سوچيان ٿو اسان کي آخر ڇا ڪرڻ گهرجي جيڪي ڪجهه اسين سوچيون ٿا، ڪريون ٿا اهو آخر اسان لاءِ هاڃيڪار ڇو ثابت ٿئي ٿو. جذبن جي سچائي ۽ خلوص جو به قدر نه آهي، درد جو صحرا آهي جنهن ۾ رڳو رڃ آهي.

سامهون رڳي سُڃ آهي ۽ رُڃ آهي
شيرل اڪيلو ناهي ساڻس اُڃ آهي.

پيارا ياءُ دل چوي ٿي تہ جيڪر روڊن تي رڙيون ڪجن. پنهنجا مٺا پٽين سان پيجن يا الائي ڇا ڪجي؟ هتي حاجي الهڏني سريوال جي پاسي ويٺل هارين(ڪولهين) جي هڪ جوان جماڻ ڇوڪريءَ پاڻ کي ڦاهي تي چاڙهيو آهي. ڪيتري دلير هئي اها ڇوڪري جنهن بغاوت جو علم بلند ڪيو آهي. جڏهن ڏنائين تہ درد جو صحرا عبور نہ ڪري سگهندي، پين جي مرضي جي اڳيان ڪنڌ جهڪائي جيءَ نہ سگهي، تڏهن پنهنجو پاڻ ٽياس تي ٽنگيائين. منهنجو انهي ڪولهڻ کي سرخ سلام آهي.

يار نظام! آزادي هر انسان جو پيدائشي حق آهي جڏهن انهي حق تي ڏاڙو لڳندو آهي تہ قومن جو قومون تڙپي اٿنديون آهن. هڪ فرد ڇا ٿو ڪري سگهي. سيني مذهبن آپ گهات کي ننديو آهي. مگر آئون چوان ٿو تہ دنيا جو سڀ کان بهادر انسان اهو آهي جو پنهنجو پاڻ ماري ڇڏي. چو تہ خدا خود چيو آهي تہ زندگي امانت آهي پوءِ امانت ڏٽي کي وقت کان پهرين واپس ڪرڻ کهڙو ڏوهہ آهي.

ادا پيا کهڙا حال آهن. دوستي ۽ عشق مان هٿ ناهن ڪڍيا. چاهي سڄي زندگي ئي ناڪام ڇو نہ رهڻو پوي. پاڻ کي اهوئي ڪجهہ ڪرڻو آهي. سلام هتان جي ماڻهن جا قبول ڪندا ۽ ايڏانهن جي ماڻهن کي منهنجا سلام چوندا. نوٽ خط جو جواب جلد ڏيندا.

تنهنجو شيرل لغاري

## فنانس ڊويزن ۾ واپسي

جيئن آئون اڳئي اهو لکي آيو آهيان تہ تقريبن 1990ع ڌاري مون وري واپس فنانس ڊويزن اچي جوائن ڪئي. انهي سال ۾ اسان اجا 17 گريڊ ۾ هوندا هئاسين . فنانس ڊويزن ۾ مون کي ايڪنامڪ ايڊوائزر ونگ ۾ پوسٽنگ ملي. هي اها ونگ آهي جيڪا وقت جي حڪومت کي ضرورت پٽاندڙ اقتصادي معاملن بابت صلاح مشورا ڏيندي رهي ٿي. انهي ونگ جو مکي ڪم سال جي آخر ۾ بجيٽ کان هڪ ڏينهن اڳ، ملڪ جو اقتصادي سروي جاري ڪرڻ آهي. انهي ۾ گڏيل طور سماجي توڙي اقتصادي معاملن متعلق انگ اکر ۽ اقتصادي حال احوال ڏنل هوندو آهي. آئون اجان ان زماني ۾ ريسرچ آفيسر هوندو هوس. ايڪنامڪ ايڊوائزر ونگ ۾ مون کي Prices يعني قيمتن واري سيڪشن ۾ رکيو ويو. منهنجو جيڪو باس هو انهي جي عادت هوندي هئي تہ صبح جو آفيس اچي ڪلاڪ کن ويهي پوءِ هليو ويندو هو ۽ واپس وري موڪل جي ٽائم کان ٿورو اڳ ايندو هو. جڏهن تہ مون تي سختي ڪندو هو تہ آئون ڪمرو نہ ڇڏيان. آئون رڳو ڪنهن ٻئي ڪمري ۾ پنهنجي دوست محمد ابراهيم نظاماڻي وٽ چانهہ چڪو پيئڻ ويندو هوس تہ منهنجي شام جو شامت اچي ويندي هئي. جڏهن تہ قيمتن وارو سيڪشن اهڙو حساس هوندو هو جو هر وقت ڪو نہ ڪو مسئلو موجود هوندو هو. دنيا ۾ OPEC وارا تيل جون قيمتون هيٺ مٿي ڪندا هئا تہ باهہ منهنجي سيڪشن ۾ لڳي ويندي هئي. مطلب تہ اهو ڏسڻو پوندو هو تہ OPEC جي قيمتن جي ردوبدل جي ڪري پاڪستان ۾ تيل جي قيمتن تي ڪيترو اثر پوندو ۽ ان سان مهانگائي ڪيتري وڌندي. ان زماني ۾ تيل جي قيمتن ۾ ڦير گهير صرف بجيٽ ۾ ٿيندي هئي. اهو سڀ ڪجهہ فنانس ڊويزن ۾ ٿيندو هو. مون کي هر هفتي فيڊرل بيورو آف اسٽيٽسٽڪس مان ملڪ جي قيمتن جي تازه ترين رپورٽ ملندي رهندي هئي. ان کان سواءِ هندستان وارو پاڪستان جو سفارتخانو هر هفتي دهلي جي خاص رڌ پچاءُ جي شين (kitchen items) جو قيمتون موڪليندو رهندو هو. ائين پرائس سيڪشن ۾ مون چڱو خاصو رڳڙو ڪاڏو ۽ ڪافي سکيا بہ ٿي. هوڏانهن منهنجا دوست، جنهن ۾ ابراهيم نظاماڻي مرحوم مون کي هر وقت چيڙائيندو رهندو هو. تہ تون باس کان ٻئي نمبر تي آفيسر آهين، هو توکي اسان سان ملڻ کان ڇو ٿو روڪي. ان وقت آئون چڙندو هوس تہ انهن کي مزو ايندو هو. اڳتي هلي ڪجهہ وقت کان پوءِ اسان جي ايڪانامسٽ ۽ پلينر گروپ ۾

وڏي پيماني تي ترقيون ٿيون. اسين سڀ 17 گريڊ وارا 18 گريڊ ۾ پروموٽ ٿي وياسين. مون وارو باس بہ 19 گريڊ ۾ پروموٽ ٿي ويو. فنانس ڊويزن ۾ ايتريون جڳهيون ڪو نہ هيون, سواءِ منهنجي باقي سيني جي پوسٽنگ ٻاهر ٿي. آئون انهن جي مجبوري ٿي پيس جو price سيڪشن ڪو هلائڻ لاءِ تيار ئي ڪو نہ هوندو هو. هي سڀ هليا ويا ٻين منسٽرين ۾, آئون پرائس سيڪشن جو انچارج يا ائين ڪٺي چئجي تہ چڳو مڙس ٿي ويهي رهيس. انهي تي هڪڙو واقعو ٻڌندا هلو تہ ايڪنامڪ سروي ۾ ڪجهہ اهڙا انگ اکر هوندا آهن جنهن تي پريس جي خاص نظر هوندي آهي. جهڙوڪ انفليشن, جي ڊي پي گروٿ, پاپوليشن, انويسٽمينٽ وغيرهہ. جيئن تہ قيمتن جو سيڪشن مون وٽ هوندو هو سو انفليشن آئون ڪيڊندو هوس. نوي جي ڏهاڪي جا پهريان سال هئا. ان سال مهانگائي گهٽي هئڻ جي ڪري اهو انگ ڊبل ڊجٽ ۾ پئي ويو. جيڏي مهل قيمتن جو چيپٽر ايڪنامڪ ايڊوائزر وٽ پهتو تہ هن مون کي سڏائي چيو تہ "انفليشن جو انگ مٿي پيو وڃي, انهي تي گورنمينٽ جا لاهہ نڪري ويندا, انهي کي ڪجهہ گهٽ ڪر." مون عرض ڪيو تہ ڊيٽا سڄي ساري FBS موڪلي آهي, آئون ڇا ٿو ڪري سگهان, هُن مون کي چيو تہ ڊيٽا برابر انهن موڪلي آهي پر فارمولو تہ تون لڳائيندو آهين. پوءِ مون اهڙي هٿ جي صفائي ڏيکاري هئي جو ان سال انفليشن اڌو اڌ گهٽجي يعني ڊبل ڊجٽ مان ڦري سنگل ڊجٽ ۾ اچي ويو هو. (10 کان جيڪي بہ مٿي انگ آهن, اهي ڊبل ڊجٽ چئبو آهن. مثال 12,14,26,77 وغيره, پر جيڪي 10 کان گهٽ انگ آهن اهي سنگل ڊجٽ آهن مثال 1,4,6,7,9 وغيره) سرڪار جي واهہ واهہ ٿي وئي. ائين وقت گذرندو رهيو اسان بہ نيون نيون شيون سکندا رهياسين. اهو ياد رکڻ گهرجي تہ سڄي دنيا ۾ انگن اکرن جي هيرا ڦيري ٿيندي رهندي آهي, جنهن کي انگريزي ۾ Fudging of Figures چئبو آهي يا پنهنجي پاڻ کي سچو ثابت ڪرڻ لاءِ Revised Figures بہ جاري ڪيا ويندا آهن .

## سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن ۾ شموليت (سِگا)

جيئن سائين فضل الله قريشي صاحب پنهنجي ڪتاب ”ڪجھ ڳالهيون ڪجھ يادون“ ۾ لکيو آهي تہ پي پي پي حڪومت سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن ۾ سرڪاري ملازمن تي ميمبرشپ واري پابندي هٽائي ڇڏي هئي. جيئن ئي سگا تان اها پابندي هٽي تہ اسان سگا اسلام آباد شاخ جا نوان ميمبر ٿي وياسون. اهو سال 1989 هو. هاڻي اسان کي سماجي ڪمن ڪارين ۽ سنڌ جي معاملن تي ڳالھ ٻولھ ڪرڻ جي لاءِ هڪ الڳ پليٽفارم ملي ويو. اڪثر اهو ڏٺو ويو آهي تہ سياسي طور سجاڻ ماڻهو وقت بہ ڪجھ ڪندو ئي رهندو آهي. ڪتابن سان عشق جي حد تائين پيار اڳئي سجاڻ دوستن پيدا ڪري ڇڏيو هو. ڇو جو سائين جي ايم سيد سان ٿن ڏينهن جي هڪ ئي ملاقات ذهن جا طاق کولي ڇڏيا, من ۾ سنڌ جي لاءِ ڇڙنگ تہ اڳئي سائين جي ملاقات کان پوءِ ڏُکي چڪي ڪئي. انهي تي تيل جو ڪم وري راشد مورائي جي دوستي ۽ ملاقاتن ۽ عبدالواحد آريسر سان بدين ضلعي جي مختلف ڳوٺن ۾ سياسي ڪچهرين ويتر ئي پنيٺ ٻاري ڇڏيو. ان زماني ۾ ڪنهن دوست جي شادي وغيره ٿيندي هئي تہ ان جا دعوت ناما بہ جيئي سنڌ جي پمفليٽ جو ڏيک ڏيندا هئا. جڏهن تہ اها شادي اڌوري سمجهي ويندي هئي جنهن ۾ ڪو قومي راڳيندڙ نہ هجي. ٻيجل سنڌي ۽ سجڻ سنڌي اڪثر ڪري اهڙين شادين ۽ قومي ڪچهرين ۾ شامل هوندا هئا. سنڌ جو مُهان راڳي سرمد سنڌي پڻ اهڙين ئي ڪچهرين ۽ شادين جي پيداوار هو.

ائين جو اوچتو هنن قومي دوستن کان ڇڇي ڏار ٿيس تہ شروع وارا ٻہ چار سال اسلام آباد ۾ ڪافي پنهنجي پاڻ کي اڪيلو محسوس ڪيم, تان جو سِگا جو هڪڙو سهارو ملي ويو. چوندا آهن تہ ٻڏندڙ کي ڪک جو سهارو, سو سِگا سان اڳ ڪڏهن بہ گڏ ڪم ڪرڻ جو موقعو نہ مليو هو. سماجي تنظيم جي حيثيت سان نالو تہ تمام گهڻو ٻڌل هو. تنهنڪري الھ توهار ڪري سِگا اسلام آباد شاخ جا ميمبر ٿي وياسين. آئون جڏهن ميمبر ٿيو هوس تہ مون دل ئي دل ۾ پڪو پھ ڪيو تہ هاڻي سِگا کي کهڙي بہ حالت ۾ ڇڏڻو نہ آهي. مجموعي طور ڏٺو وڃي تہ سِگا جو سنڌ ۾ هڪ شاندار رول رهيو آهي. ڪجھ سال اڳ آئون جڏهن ڪوئيٽا ويو هوس تہ بلوچستان سان تعلق رکندڙ دوستن کي سِگا جي تعريف ڪندي ٻڌو هوم. اُتي مون محسوس ڪيو هو تہ منهنجو

جنهن تنظيم سان تعلق آهي اها سنڌ کان ٻاهر پڻ سٺن لفظن ۾ ڄاتي سڃاتي وڃي ٿي. سِڳا اسلام آباد جو پڻ شاندار ماضي رهيو آهي.

اها انهي زماني جي ڳالهه آهي جڏهن محمد هاشم لغاري سِڳا اسلام آباد جو صدر ۽ غلام علي شيخ صاحب ان جا جنرل سيڪريٽري هوندا هئا ۽ اسين لغاري صاحب جي گهر هر آچر تي ويهي مفت جي چانهه جي ڪوپ تي ڪچهري به پيا ڪندا هئاسين ۽ ڪيڏي ڪيڏي مهل سِڳا اسلام آباد به پئي اسان جي گفتگو جو موضوع بڻجندي هئي. انهن ئي ڏينهن ۾ سِڳا اسلام آباد طرفان شاهه عبدالطيف ڀٽائي جو ڏينهن ملهايو ويو هو. جنهن ۾ سِڳا اهو پروگرام ڏنو هو ته اسلام آباد جي سنڌي ڪميونيٽي جي لاءِ هڪ اهڙو سينٽر هئڻ گهرجي جنهن ۾ هڪ هنڌ گڏ ٿي پنهنجا ڏک سور ونڊي سگهجن. زور انهي ڳالهه تي هوندو هو ته سِڳا اسلام آباد کي پنهنجو ڪو ٺڪاڻو هئڻ گهرجي، پر اسلام آباد جهڙي مهانگي شهر ۾ اهو ڪيئن ٿي ممڪن ٿي سگهيو. اسان سڀ پئسن ڏوڪڙن ۾ هڪ ٻئي کان وڌيڪ ڪمزور هوندا هئاسين. تنهنڪري انهي وقت اهو معاملو اسان جي سمجهه کان ٻاهر هو. ان وقت سنڌ ۾ حڪومت ڄام صادق علي صاحب جي هئي، جيڪو سخت ۽ سخي وزير اعلي سمجهو ويندو هو. جنهن جا قصا ڪهاڻيون هرڪو پيو پنهنجي تجربي آهر ٻڌائيندو هو. هڪ ڏينهن سائين لغاري صاحب کي خبر پئي ته ڄام صاحب سنڌ هائوس اسلام آباد ۾ آيل آهي. دستور جي مطابق آچر تي اچي سائين لغاري جي گهر گڏ ٿياسين. تنهن تي سائين محمد هاشم لغاري صاحب چيو ته " ڄام صادق علي صاحب اڄ سنڌ هائوس ۾ آهي هلو ته سِڳا اسلام آباد جي لاءِ ڪجهه عرض ڪيونس. " بس ائين ئي سائين جي FX سوزڪي گاڏي ۾ ان وقت جو سِڳا اسلام آباد جو صدر محمد هاشم لغاري صاحب ۽ جنرل سيڪريٽري غلام علي شيخ صاحب سنڌ هائوس روانا ٿي ويا. اسان ڪچهري ختم ڪري واپس گهرن ڏانهن موٽي آياسين. شام جو اسان کي ٻڌايو ويو ته ڄام صادق علي صاحب سِڳا اسلام آباد جي لاءِ هڪ ڪروڙ روپيه منظور ڪيا آهن. پوءِ اها درخواست به ڏٺي جنهن تي ڄام صاحب هي لفظ لکيا هئا. One Cror sanctioned subject to availablty of plot انهي لفظن کان پوءِ سڄو ڪم شروع ٿيو هو. اهو سڄو ڪريڊٽ ان وقت جي ٻاڊي کي وڃي ٿو جنهن انهي ڪم جي شروعات ڪئي. هاڻي ڪاغذ ته اسان جي هٿ ۾ اچي ويو پلاٽ ڪٿان اچي. مون کي عين انوقت جون اهي تقريرون ياد آيون جيڪي اسين جيئي سنڌ محاذ جي پليٽفارم تان سنڌ جي ڳوٺن ۾ وڃي ڪندا هئاسين ۽ ماڻهن کي ٻڌائيندا هئاسين ته " سنڌ توهان جي پيرن هيٺان

نڪرندي پئي وڃي تنهنڪري زمين بنا توهان ڪجھ بہ ڪري نہ سگھندا. ”
هينئر اسلام آباد ۾ اسان سان اها ساڳي حالت هئي. اسان وٽ چار صاحب جو ڏنل هڪ ڪروڙ تہ هو پر پلاٽ ڪو نہ هو جنهن تي ڪا شئي جوڙائي سگهجي. هي اهو زمانو هو جنهن وقت هائوسنگ ۽ ورڪس جو فيڊرل منسٽر مسٽر هزار خان بجاراڻي صاحب هوندو هو. ظاهر آهي تہ مُلي جي ٻوڙ مسيت تائين. اسان جي ٻوڙ سنڌي وزيرن ۽ ڪامورن تائين. سِگا اسلام آباد طرفان انهي کي عرض ڪيو ويو تہ چار صاحب هڪ ڪروڙ روپيا ڏنا آهن. پلاٽ لاءِ Capital Development Authority وٽ اسان جي مدد ڪريو. اهو پلاٽ بجاراڻي صاحب وڏي ڪوشش ڪري CDA کان منظور ڪرائي ڏنو اتي وري ٻيو تڪرار شروع ٿي ويو. CDA اسان جو پلاٽ مارڪيٽ ريٽ تي منظور ڪري 22 لک روپين جو ليٽر ڏياري موڪليو. حقيقت هي هئي تہ اسان سيني وٽ ان وقت 22 روپيا بہ ڪو نہ هئا, 22 لک روپيا تہ وڏي رقم هئي. اهڙو اطلاع سِگا مرڪز ڪراچي کي پڻ ڪيو ويو. جن وعدو ڪيو تہ اسان توهان کي پئسا ڏيون ٿا. انهي وچ ۾ اسان کي خبر پئي تہ اسان جي پاسي ۾ CDA ايڌي فائونڊيشن کي گھٽ ريٽ تي پلاٽ ڏنو آهي, ڇو جو ايڌي سوشل ويلفئر ادارو آهي. تنهنڪري ان جو ريٽ گھٽ ڪيو ويو هو. اسان اهو موقف وٺي CDA ۾ درخواست داخل ڪئي تہ اسان جو بہ ويلفيئر ادارو آهي اسان جو بہ ريٽ گھٽ ڪريو. جڏهن تہ سِگا مرڪز انهي تي بضد هو تہ توهان پلاٽ وڃائيندؤ پئسا اسان توهان کي ڏيون ٿا. جڏهن تہ لغاري صاحب جو موقف هو تہ اسان پئسا نہ ڏيندا سين. انهي تي ڊاڪٽر سليمان شيخ ۽ محمد هاشم لغاري جي وچ ۾ ٽيليفون تي سردي گرمي ٿي پئي. نيٺ لغاري صاحب بروچ ماڻھو پنهنجي ضد تي قائم رهيو. اهو معاملو ڪجھ وقت تڪراري رهيو. تان جو CDA اسان جو موقف تسليم ڪندي پلاٽ جو ريٽ 22 لکن مان گھٽائي 9 لک روپيا ڪري ڇڏيو. اها سِگا جي پليٽ فارم تي ان وقت جي باڊي جي ہي ڪاميابي هئي.

جيئن ئي CDA طرفان اسان کي پلاٽ جي قبضي جو ليٽر مليو تہ اسان سنڌ سرڪار ڏانهن پئسن جي لاءِ رجوع ڪيو. اسان کي ڪنهن ٻڌايو تہ سنڌ گورنمينٽ مان اوهان کي پئسا ائين سولا نہ ملندا, پر سِگا جو مخلص ۽ محنتي ورڪر جيڪو ان وقت سِگا سينٽرل باڊي جو ميمبر پڻ هو. ساڳئي وقت هو سنڌ گورنمينٽ ۾ ايڊيشنل چيف سيڪريٽري ڊولپمينٽ پڻ هو. سائين فضل الله قريشي صاحب وڏي محنت ۽ جاکوڙ کان پوءِ پئسن جي ڦهرين

قست يعني 60 لک روپيہ جاري ڪرائي ڏنا. هينئر جيڪو توهان مانداڻ مثل ڏسو ٿا انهي جي شروعات ائين ٿي.

انهي ۾ ڪو بہ شڪ ڪونهي تہ ملڪي حالتن جو اثر اوس هر شئي تي پوڻو آهي. ايتريقدر جو انسان جي نجي زندگي پڻ انهن اثرن کان خارجي توڙي داخلي طرح متاثر ٿئي ٿي. وري جڏهن ساڳئي اداري ۾ اهي ماڻهو ڪم ڪندڙ هجن جيڪي سرڪار ۾ بہ ڪنهن نہ ڪنهن طرح واڳيل هجن تہ ان جو اثر نجي ادارن تي ضرور پوندو آهي, ماضي جو هي شاندار ادارو هينئر مصلحتن جو شڪار ٿي ويو آهي. موجوده وقت ۾ جيڪي 20 سالن کان سِگا اسلام آباد برانچ جا واڳ ڌڻي رهندا پيا اچن, جن جو خيال آهي تہ انهن کان سواءِ سِگا اسلام آباد نہ هلي سگهندي ۽ انهن جو ڪڏهن بہ ڪنهن مخلص ۽ ڪم واري ميمبر تي اعتبار نہ رهيو آهي. جڏهن سمجهندا آهن تہ اهي انهن جي لابي جا نہ آهن تڏهن پڳڙو پچي بہ قارون ٿي پوندو آهي. حيلي بهاني انهن جي ڪوشش هوندي آهي تہ مخلص ۽ ڪم وارا ماڻهو سِگا اسلام آباد کان دور رهن. مون ڪٿي پڙهيو هو تہ "جيڪڏهن توهان کان ڪو نفرت ڪري ٿو تہ ان ۾ ڏوهہ اوهان جو آهي" مطلب تہ هو سِگا کان نفرت ڇو ٿو ڪري. سِگا اسلام آباد ۾ سنا سنا ڪم ڪرڻ وارا دوست هئا, جيڪي هن وقت سِگا اسلام آباد کان ٿورو پريرو ڏسڻ ۾ اچن ٿا. انهي جو مُکي سبب اهو آهي تہ سِگا اسلام آباد ۾ پڻ اڪثريت اهڙن ماڻهن جي آهي جيڪي ڪنهن نہ ڪنهن طرح گورنمينٽ جو حصو رهيا آهن يا رهندا آيا آهن. سرڪار ۾ مٿين عهدن تي هڪ ٻئي جو ٽنگون ڇڪڻ عام ڳالهہ آهي. ان کان پوءِ پنهنجي لابي ناهڻ انهي ۾ صرف ڪمزور ماڻهو رکٽا آهن, جيئن ڪو سامهون ڳالهائي نہ سگهي. جي حضورين جي جتي ڪٿي چاندي هوندي آهي. اهي اختلاف راءِ تہ ڇڏيو پر مختلف راءِ بہ پسند نہ ٿا ڪن. انهي ۾ ڇا ٿيندو آهي تہ جيڪي ڪم وارا ماڻهو هوندا آهن اهي خود بخود ڪنڌ پاسو وٺي ويهي رهندا آهن, جڏهن تہ نِڪر بہ انهن ماڻهن جي مٿي تي پچندو آهي. اسان جي سِگا اسلام آباد جو پڻ ساڳيو حال آهي. گذريل 20 سالن جو رڪارڊ جو منصفانہ جائزو وٺبو تہ 95 سيڪڙو ساڳيا ماڻهو ڪڏهن بادي ۾ تہ ڪڏهن بين عهدن تي, جيڪڏهن ڪنهن اڻوٽندڙ ماڻهو ڪنهن عهدي لاءِ فارم ڀريو تہ اليڪشن کي ابتا سبتا ونجهہ وجهي ڏکي سڪي ووٽرن تائين ڪٽي وڃبو. ٻئي حالت ۾ هٽ مٿي, تون هي تون جي تنوار لڳي پئي هوندي آهي, جيڪا اتي جي وڏيرا ٽائپ سماجي ورڪرن کي ڏاڍي پسند آهي. افسوس تہ ماضي جي ساک وارن پروفيشنل بيورو ڪريٽن تي ٿئي ٿو جيڪي سچو حال ڏسي مصلحتن جي ماٺ ۾ پنهنجي پاڻ

ڪي گم ڪريو ڇڏين. ائين سِگا اسلام آباد فيس بڪ تي صرف پراڻين تصويرن ۾ ڪهاڻين سان زندھ آهي.

اڇو تہ سِگا جي خول (out of box) مان ٻاهر نڪري ڏسون تہ سنڌ جا اديب ۽ محقق سِگا بابت ڪهڙو رايو رکن ٿا. محترم سائين عبدالواحد آريسر پنهنجي ڪتاب "ويراڳي جي وِٿا ها" ۾ مسڪين جهان خان کوسي جي زندگي بابت پنهنجا ويچار ونڊيندي لکي ٿو تہ " جيترو عرصو مسڪين ايل ايم سي ۾ زندھ رهيو، سنڌ جي ڪنهن بہ سماجي اداري مسڪين جي ڪا بہ خبر چار نہ لڌي. انهن ادارن ۾ سِگا بہ شامل آهي. پر جيئن تہ مسڪين گريجوئيٽ نہ هو ۽ سِگا صرف گريجوئيٽن ۽ انهن جي بيگمن کي اسلام آباد ۾ لنبي ڪوتل گهمائڻ جو سماجي ڪم ڪندي آهي. " ساڳئي مضون ۾ آريسر صاحب لکي ٿو تہ " هڪ شام آئون ڊرپ هٽايو ستو پيو هوس. سِگا جو اڳواڻ محترم خان محمد پنهور آيو بيٺي بيٺي پڇيائين تہ "ڇا حال اٿئي. " "ٺيڪ آهيان ". "ڪيئن آيا آهيو"؟. مون پڇيو. چيائين "هتي طارق جي سسٽر ايڊمٽ آهي، ان کي ڏسڻ آيو آهيان. " مون پر واري ڪمري ڏانهن اشارو ڪندي چيو هو تہ "پر واري ڪمري ۾ مسڪين جهان خان آهي، ڪيس اوهان جي پر گهور جي سخت ضرورت آهي. " جواب مليو تہ " اُن جو علاج گورنمينٽ جي خرچ تي ٿي رهيو آهي" انهي جواب تي مون کي ڏاڍي ڪاوڙ آئي ۽ ڇيم " ها ! مسڪين هتي موت ۽ زندگي جي بہ واٽي تي ٽِڪيو پيو آهي ۽ سِگا بيگم سعيد الدين قاضيءَ کي اجرڪ جو تحفو پيش ڪري رهي آهي".

سائين عبدالواحد آريسر صاحب ساڳئي ڪتاب ۾ پير حسام الدين راشدي تي لکندي چوي ٿو تہ "هڪ پيري ڪائنس انٽرويو وٺندي پڇيو ويو تہ " جيڪڏهن توهان ڪنهن ڪاليج يا يونيورسٽي ۾ پڙهو ها تہ؟ جواب ڏنائين تہ سِگا جو ميمبر ٿيان ها. اهو جواب سِگا تي طنز ۽ ٽوڪ سان ڀريل هو. اُن ڪري جو پير صاحب جا خيال سِگا جي باري ۾ ڪڏهن بہ چڱائي يا تعريف وارا نہ رهيا. سِگا جيئن تہ گهڻو ڪري سنڌي ڪامورن جي جماعت هئي (آهي) ۽ پير صاحب جو خيال هو تہ سنڌي سماج کي پٺتي پيل رکڻ ۽ سنڌ کي تباھ ڪرڻ وارا عنصر وڏيري، پير ۽ سنڌي ڪاموري تي مشتمل آهن. جنهن ۾ سنڌي ڪاموري، سنڌي عوام کي ڏيڍ سئو سال تائين ڏارين جو دلال بڻجي ڇٽيو ڇيپاٽيو ماريو ۽ ڦريو آهي، سواچ وقتي ڦيٽي ڦرڻ سان گڏ ساندي وانگر رنگ مٽائي، قوم جي خادم جي روپ ۾ ڦُرڻ، لٽڻ ۾ مصروف آهي. سنڌي ڪاموري جنهن ماحول ۾، جنهن پسمنظر ۾ تربيت ورتي آهي. سو ماحول ۽

پس منظر ئي قوم دشمني ۽ عوام بيزاري وارو هو. ان ۾ ڪنهن بہ اهڙي تبديليءَ جي گنجائش ئي نہ آهي، جيڪا تبديليءَ قومي مفاد وٽان هجي. ”

اهي هئا ٻن وڏن مفڪرن جا سِگا بابت رايا جيڪي مون هتي هو بهو نقل ڪيا آهن. اهو سڀ ڪجهہ مون ڪي هتي نہ لکڻ ڪپندو هو ڇو جو 30سالن کان آئون سِگا اسلام آباد شاخ جو نہ رڳو سرگرم ميمبر رهيو آهيان پر ٻن سالن لاءِ عهديدار بہ رهيو آهيان. انهي سان گڏ سنڌي ڪامورن واري لسٽ ۾ پڻ مون کي شامل ڪري سگجي ٿو. پر ڇا سچ کي رلين ۾ لڪائي سگهجي ٿو. ؟ جيڪڏهن ڏينهن جو 12 وڳي ڪو ڪليل ميدان ۾ ٽارچ ڪٽي ڪا شئي ڳوليندو تہ انهي کي اکين جو علاج ڪرائڻ گهرجي. راند کٽڻ ۽ هارائڻ جي جيتري خبر رانديگر کي هوندي اوتري ڏسندڙن کي نہ هوندي آهي. هينئر بہ سِگا اسلام آباد جي هي حالت آهي جو نئين ميمبر شپ ڇندي ڇاٽي، پڪ ڪري تہ آيا ”اهو اُٺ ڪهڙي پاسي ليٽندو“. پوءِ ڪئي ويندي آهي.

## فضل الله قُريشي

سائين فضل الله قُريشي سان منهنجي پهرين ملاقات غالبن سِگا جي ڪنهن ميٽينگ ۾ ٿي هوندي، جيڪا مون کي ياد ڪونهي. مون جڏهن بدين کان واپس اچي پلاننگ ڊويزن جوائن ڪئي هئي تہ پاڻ ان وقت انهي ڊويزن جا سيڪريٽري هئا. ظاهر آهي تہ قريشي صاحب ان وقت 22 گريڊ ۾ هئا ۽ آئون ان وقت 18 گريڊ ۾ هوندو هوس. تنهنڪري منهنجو ساڻس ڊائريڪٽ ملڻ آفيشل ڊيڪورم جي خلاف هو. پاڻ هميشہ پروفيشنل سيڪريٽري طور شين کي ڏسندا هئا. جيئن تہ آئون ان وقت سوشل ايڪشين پروگرام ۾ ڪم ڪندو هوس. فائيلون قريشي صاحب وٽ اينديون وينديون هيون. مون ڪڏهن بہ ڪيس هيٺين آفيسرن تي دباءُ وجهندي نہ ڏٺو. هڪ دفعي چا ٿيو جو پلاننگ ڊويزن وٽ پيٽرول جا پئسا ختم ٿي ويا.گاڏيون بيهي رهيون. سيڪريٽري پلاننگ ميٽينگ گهرائي، جنهن ۾ فيصلو ٿيو تہ 125000 روپيا SAP کان وٺو. SAP وٽ پروجيڪٽ ۾ کوڙ سارا پئسا پيا هئا. ٻئي ڏينهن پلاننگ ڊويزن جو همراهہ منٿس آف دي ميٽينگ کڻي پئسن جي چيڪ لاءِ SAP آفيس ۾ پهچي ويو ۽ اچي چيائين تہ سيڪريٽري فيصلو ڪيو آهي SAP کان گاڏين کي هلائڻ جي لاءِ پئسا ورتا وڃن. جڏهن تہ مالياتي قاعدا قانون اهو ٿا ٻڌائين تہ ڊولپمينٽ بجيٽ جا پئسا نان ڊولپمينٽ بجيٽ ۾ ٽرانسفر ڪرڻ کان پهريائين فنانس ڊويزن کان منظوري ورتي وڃي. ان وقت SAP جو چيف هوندو هو مسعود حسين قزلباش، جنهن جو هر ٿوري ٿوري ڳالهہ تي بلڊ پريشر چڙهي ويندو هو. پوءِ اردو ڇڏي انگريزي ۾ شروع ٿي ويندو هو پر ڪڏهن بہ بي اصولي ڳالهہ نہ ڪيائين. حقيقت ۾ گورنمينٽ ۾ ايماندار ڪيئن ٽڪجي، اهي گُر اسان انهي کان سکياسين. جيئن ئي فائيل اهڙن رمارڪسن سان قزلباش صاحب وٽان ٿيندي سيڪريٽري ڏانهن وئي تہ مون کي تعجب تڏهن ٿيو جڏهن فائيل جيئن جو تيئن واپس موٽي آئي. مطلب تہ قريشي صاحب ڪنهن بہ پنهنجي هيٺين آفيسر تي دباءُ نہ وجهندو هو.

سنڌ جي حقن لاءِ قريشي صاحب هر فورم تي جهيڙيندو ئي رهيو. ڪالا باغ ڊيم هجي يا سپر هاءِ وي جو فيڊرل گورنمينٽ جي حوالي ٿيڻ . NFC ايوارڊ هجي يا آدم شماري جو معاملو. قريشي صاحب توهان کي سنڌ لاءِ جاکوڙيندي ئي نظر ايندو. سنڌ جي مسئلن تي فضل الله قريشي صاحب کي قدرت واري وڏو عبور ڏنو آهي. جڏهن بہ ڪنهن سنڌ جي مسئلي تي ڳالهائيندا

آهن ته باقائدي انگن اکرن جي مدد سان پنهنجي ڳالهه دليلن سان ڪندا آهن. جيئن ته منهنجا هو سينئر رهيا آهن، تنهنڪري مان ڪوشش ڪندو آهيان ته اهو ادب ۽ احترام واري حد برقرار رهي. منهنجي 19 گريڊ مان 20 گريڊ جي ترقي جي لاءِ قريشي صاحب ئي سڀ ڪجهه ڪيو. پروموشن بورڊ ۾ جڏهن منهنجو ڪيس ويو ته ان وقت بورڊ جو چيئرمين راڻا ڀڳوان داس جن هئا. بورڊ جو طريقڪار اهو هوندو آهي ته جنهن جي پروموشن ڪرڻي هوندي آهي ان جو پورو تفصيل فوٽو سميت ملٽي ميڊيا تي اچي ويندو آهي. پوءِ انهن ميمبرن مان ڪو هڪ چوي ته "آئون انهي آفيسر کي سڃاڻان ٿو" يا ڪو ميمبر ان جي مخالفت ڪري وجهي يا ڪنهن ACR ۾ غلط رمارڪس هجن، اهڙي حالت ۾ چيئرمين کي فيصلو ڪرڻو هوندو آهي. مون جائزو ورتو ته ان وقت جيڪي ميمبر هئا انهن مان مون کي ڪو به نه سڃاڻندو هو. اهڙي حالت ۾ پروموشن ۾ مسئلو ٿي پئي سگهيو. قريشي صاحب اڳ ئي راڻا صاحب کي مون بابت بريف ڪري ڇڏيو هو. جيئن منهنجو وارو آيو ته منهنجي سيڪريٽري اسٽيبلشمينٽ ڊويزن منهنجي حق ۾ ڳالهايو ته سامهون راڻا صاحب بغير ڪنهن وڏيڪ بحث مباحثي جي OK جو اشارو ڏنو، ائين منهنجو ٻن منٽن ۾ پروموشن ٿي ويو. انهي سڄي صورتحال جو قريشي صاحب گهر ويهي جائزو وٺندو رهيو هو. يڪدم فضل الله قريشي صاحب جو مون کي فون اچي ويو، چيائين ته "توهان جو ڪيس هلي ويو آهي ان جو پتو پيو؟" مون کي خبر نه هجي ته پتا پيو، ڏهن منٽن کان پوءِ ڪنهن سيڪشن آفيسر مون کي اندران ميٽينگ مان SMS ڪري ٻڌايو ته توهان جو پروموشن ٿي ويو آهي. اها خبر مون جڏهن کين فون ڪري ٻڌائي ته خوش به ٿيو ۽ مطمئن به ٿيو. قريشي صاحب هر وقت اها معلومات رکندو رهي ٿو ته فيڊرل سيڪريٽرين ۾ ڪيترا سنڌي آهن ۽ ڪيترا سنڌي پروموشن لائن ۾ آهن. مون ڪٿي لکيو هو ته فضل الله قريشي جڏهن مختلف عهدن تي گورنمينٽ ۾ هوندو هو ته فائيلن ۾ سنڌ کي ئي ڳوليندو رهندو هو.

## زندگي جو ڪجهه ٿورو حال احوال

سو ائين وقت جو ڦيٿو ڦرندو رهيو. هڪڙيون حڪومتون اينديون رهيون ته ٻيون وينديو رهيون. حڪومتن جي ڦيرين گهيرين جي ڪري بيوروڪريسي ۾ به ردوبدل ٿيندي رهي. انهي وچ ۾ منهنجو نالو ٽن مهينن جي لاءِ IMF جي ڪنهن ٽريننگ ڪورس لاءِ جيڪو واشنگٽن ڊي سي ۾ منعقد ٿيڻو هو منظوري لاءِ ويو پر بدقسمتي سان اهو منظور نه ٿي سگهيو. ڇو جو آئون پڙهائي جي معاملي ۾ نالائق رهيو آهيان، ڪافي هنڌن تي لکي آيو آهيان ته منهنجا مئٽرڪ توڙي انٽر ميڊيئٽ ٻئي ٿرڊ ڪلاس ۾ رهيا آهن. ان زماني ۾ اهو خيال هوندو هو ته امتحان مڙئي پاس ڪرڻو آهي، انهي جي نفعي ۽ نقصان جي خبر وڃي تڏهن پئي جڏهن وقت گذري ويو. اهو سچ آهي ته "ڏڌل ڪير ٽٽين نه پوندو آهي". ماضي نه تبديل ڪري سگهجي ٿو نه وري واپس موٽائي سگهجي ٿو. جڏهن ته ماضي جو دارو مدار حال تي هوندو آهي، حال کي سنواري سڌاري ٺاهبو ته اهو ئي ماضي ٿيندو. جيئن ئي منياٽي مان ٽريننگ ڪري واپس وريس ته سٺن دوستن جي هڪڙي سٺي ڪمپني ملي وئي. جيتوڻيڪ آئون انهن سڀني ۾ ننڍو هوندو هوس ۽ پڙهيل لکيل قوم پرستن جي دوستي منهنجي زندگي ۾ چار چنڊ لڳائي ڇڏيا. آئون پرائمري ماسٽر مان ڊائريڪٽر جنرل ٿي ويس، اها ٻي ڳالهه ته مون پاڻ کي ڪتابن سان جوڙي رکيو. سچائي ۽ ايمانداري جو سبق ته راشد مورائي ياد ڪرايو هو. هڪ دفعو دوستي رکي وري ان کي نه ٽوڙڻ جو وعدو ته شيرل لغاري ورتو هو. اونداهي ۾ هٿوراڙيون هڻي، ماڻڪ موتي ڳولڻ جو فن مشڪور ڦلڪاري کان سکيس. اها ٻي ڳالهه آهي ته مٿي ذڪر ٿيل سڀني دوستن کان آئون اڳيرو نڪري ويس، پر ڪنهن نه ڪنهن طرح انهن دوستن جو مون کي ناهڻ ۾ ڪردار ضرور رهيو آهي.

سو ڳالهه پئي هلي بيوروڪريسي ۾ تبديلي جي، اسان جو به هڪڙو ايڪنامڪ ايڊوائزر هليو ويو ته ٻيو آيو. جيئن مٿي ذڪر ڪري آيو آهيان ته فنانس ڊويزن جو ڦيمتن وارو سيڪشن ڏاڍو حساس قسم جو سيڪشن رهندو آيو آهي، سو هن نئين باس باقاعدي مون کي نپوڙڻ شروع ڪيو نه هو منهنجي ڳالهه سمجهي نه آئون هن جي ڳالهه سمجهي سگهان. هاڻ منهنجون راتيون ۽ ڏينهن آفيس ۾ گذرڻ لڳا، آچر يا ڪنهن ٻئي عام موڪل جو تصور ئي ختم ٿي ويو. آئون سڙي سُڪي ڪنڊا ٿي ويس. ان زماني ۾ اسان هتي اسلام آباد ۾ ڇڙا ڇانڊا رهندا هئاسين، سو هر ٻئي ٽئين مهيني ڳوٺ به وڃڻو پوندو هو. مون فنانس ڊويزن کي لکي موڪليو ته مون کي هتان بدلي ڪريو پر منهنجو باس

مون کي ٻئي پاسي چڙهڻ لاءِ تيار ڪو نـ هو. وڏين منٿن ميڙن ڪرڻ کان پوءِ ڇهن مهينن کان پوءِ هڪ هفتو ڳوٺ وڃڻ لاءِ موڪل ملي. ڊام ڏوم سان ڳوٺ وڃڻ جي تياري ٿي. ريلوي اسٽيشن تي ڪاغذ اچي مليو تـ موڪل ڪينسل آهي، واپس اچ. اهڙي حالت ۾ پنهنجي پاڻ کي ريل جي اڳيان اڇلائي خودڪشي ڪجي يا ڪجهه ٻيو ڪجي. اهو بـ دوستن کي ٻڌائيندو هلان تـ سرڪار ۾ لفظ "نـ" ٿيندو ڪونهي. اوهان جو باس اوهان جي واتان لفظ " نـ" ٻڌڻ لاءِ تيار نـ هوندو. تنهنڪري ٽڪيٽ جا پئسا ضايع ڪري واپس نوڪري تي اچڻو پئجي ويو. ڪم تـ ڪو ايڏو وڏو ڪو نـ هو ۽ نـ وري منهنجي لاءِ ڪو ڏکيو پر ناسمجهي ماري وڌو. اهڙي ٽينشن جي ماحول ۾ منهنجي صحت بـ آهستي آهستي ڪرڻ لڳي. اها 1994 جي ڳالهہ آهي. پي پي پي جي حڪومت اچي چڪي هئي. اسان جو رئيس عبدالستار خان سريوال MNA ٿي چڪو هو. سو هڪ ڏينهن وٽس لنگهي ويس ۽ وڃي عرض ڪيو مانس تـ "هتان منهنجي جان ڇڏائي". هن مون کي چيو تـ "اسان جي حڪومت هر ضلعي ۾ ڊسٽرڪٽ سوشل ايڪشن بورڊ ٺاهيا آهن. آئون بدين ضلعي جو چيئرمين آهيان مون کي ان لاءِ آفيسر کپي تون بدين هل". "انڌو گهري هڪ اک مون کي ٻئي اکيون ملي ويون". هڪ فنانس ڊويزن مان جان ڇٽڻ جي خوشي ٻيو پنهنجي ئي ضلعي ۾ آفيسر ٿيڻ جي خوشي. مون اهو ڏٺو آهي تـ جيڪڏهن گهر ۾ روز جو رسامو ۽ پرچاڻو آهي تـ رڳو گهر دوزخ پر جيڪڏهن آفيس ۾ باس جي چال چلت نيڪ نـ آهي تـ سڄي زندگي برباد. هتي فيڊرل گورنمينٽ ۾ پروموشن وقت اينيوئل ڪانفيڊينشل رپورٽ (ACR) کي وڏي اهميت ڏني ويندي آهي، ڪنهن بـ هڪ رپورٽ ۾ ٿورا رڳو گهٽ وڌ ريمارڪس اچي ويا تـ پروموشن نـ ٿيندي. ٻئي حالت ۾ زندگي بردباد ٿي وئي. تنهنڪري باس سان هر حالت ۾ ٺاهي رکڻو پوندو آهي ۽ وري جيڪڏهن آفيسر تيزي قسم جو ملي وڃي تـ "گهر ئي طاهري"سو نوڪري مهل هر ڳالهہ جو خيال رکڻو پوي ٿو.

رئيس عبدالستار خان سريوال جي چوڻ تي منهنجا پروجيڪٽ ڊائريڪٽر بدين جي لاءِ آرڊر ٿي ويا. پر هي منهنجو باس مون کي پبلڪ انٽريسٽ ۾ ڇڏڻ لاءِ تيار ڪو نـ هو. ائين پيا محسوس ڪرائين تـ فنانس ڊويزن هلي ئي منهنجي ڪري ٿي. هنن مون کي تنگ ڪرڻ جي لاءِ ڏهن کان پندرنهن ڏينهن تائين روڪي ڇڏيو جيستائين وزير اعظم سيڪريٽريٽ مان هنن کي فون نـ آئي. ائين فنانس ڊويزن مان منهنجي جان ڇٽي. انهي وچ ۾ اسان جي اسلام آباد ۾ گهرو زندگي ڪيئن گذري اها بـ ٻڌندا هلو.

## علي مراد چاچڙ

سنڌ ۾ انيڪ اهڙا ڪردار پيا آهن جن جو جيڪڏهن مختصر ذڪر ڪجي تہ ڪئين ڪتاب لکي سگهجن ٿا. جن سنڌ ۽ سنڌين جي هڙان وڙان ڏيئي خدمت ڪئي آهي. پر بدقسمتي سان انهن املهہ ماڻڪ ڪردارن جي جڳ پذيرائي ٿي نہ سگهي آهي. آئون هتي صرف پنهنجن دوستن جو ذڪر ڪندس ڇو جو مون تي اهو اخلاقي فرض ٿئي ٿو تہ آئون پنهنجن دوستن جي خوبين ۽ انهن جي خدمتن جو ذڪر ڪريان تہ منهنجن دوستن جون سنڌ ۽ سنڌين لاءِ ڪهڙيون قربانيو رهيون آهن. مون انهن دوستن کي ڪيئن ڏٺو آهي. انسان اشرف المخلوقات آهي ان ڪان هر وقت هر جڳهہ ڪيئي غلطيون سرزد ٿين ٿيون. اهڙن دوستن ۾ منهنجو هڪ دوست علي مراد چاچڙ صاحب آهي. جنهن مون ڪان اڳ ئي اسلام آباد ۾ پلاننگ ڪميشن ۾ 18 گريڊ ۾ ڪم ڪيو پئي. منهنجي هن سان ڏيٺ ويٺ محمد ابراهيم نظاماڻي جي پنيان ٿي، جيڪا اڳتي هلي دوستي ۾ بدلجي وئي. سنڌي آفيسرن ۾ علي مراد چاچڙ صاحب برجستو آفيسر هو. هو صاحب ڪجهہ وقت لاءِ Islamabad Capital Territory (ICT) ۾ ڊيپوٽيشن تي ڊپٽي ڊائريڪٽر رهيو. ائين ڪٽي سمجهو تہ DC آفيس ۾ ڊپٽي ڊائريڪٽر هئا. اهو ضياءُ الحق جو زمانو هو. مارشل لا حڪومت وڏن وڏن واپارين ۽ سيٺين کي ورسائڻ پي چاهيو تہ جيئن پيپلز پارٽي جي پاپولرٽي جو گراف گهٽ ڪري سگهجي. تقريبن ڊي نيشنلائزيشن شروع ٿي چڪي هئي. پٽي صاحب جيڪي ڪارخانا قومي ملڪيت ۾ ورتا هئا، اهي واپس مالڪن کي ملڻ شروع ٿي ويا هئا. فيڊرل گورنمينٽ جو خيال هو تہ اسلام آباد ۾ هڪ انڊسٽريل اسٽيٽ قائم ڪجي، جيئن اسلام آباد جي صنعت ڪارن کي وڏا وڏا پلاٽ بہ ڏنا وڃن تہ انهن جون همدرديون وقت جي گورنمينٽ ڏانهن ٿين. انهي مقصد لاءِ I_9 وارو علائقو تجويز ڪيو ويو. جيڪو تقريبن شهر جي وچ ۾ هو. جڏهن ڊي سي اسلام آباد جي آفيس ۾ اهڙو پروپوزل انهن جي راين ۽ تجويزن لاءِ آيو تہ چاچڙ صاحب انهي جي مخالفت ۾ لکيو. ڇو تہ چاچڙ صاحب جو موقف درست هو تہ انهن ئي ڪارخانن جي ڪري هن وقت I_8 ۽ I_9 جا رهواسي مختلف بيمارين ۾ ورتجي چڪا آهن. اها ڳالهہ مٿي حُڪمرانن تائين وڃي پهتي تہ هڪ سنڌي آفيسر آهي جو ان رٿا جي مخالفت ٿو ڪري. مٿان آرڊر آيو تہ انهي آفيسر کي هٽايو وڃي. هاڻي چاچڙ صاحب کي ڪيڏانهن ڪن، اتي جي پوري تہ هو ڪو

نہ جو ڪٽي پري اڇلينس ها. چاچڙ صاحب کي ٻاهر ڪيڻ جي لاءِ اسپيشل فارين ٽريننگ جو بندوبست ڪيو ويو. هن کي 6 مهينن لاءِ جاپان موڪلي، پويان پراجيڪٽ پاس ڪري ڇڏيائون. واپسيءَ تي ڊي سي آفيس وارن چاچڙ صاحب کي چيو تہ توهان پلاننگ ڊويزن وڃي رپورٽ ڪيو. ائين چاچڙ صاحب پنهنجي اصل ڊپارٽمينٽ اچي پهتو پر اصولن تي سودي بازي نہ ڪيائين.

مون کي ساٺس ڪجهہ وقت جي لاءِ سندس گهر ۾ گڏ رهڻ جو موقعو مليو. چاچڙ صاحب دلبر ماڻهو آهي. ڪڻڪ رنگو قد بت ۾ پورو پنو نہ اجايو ڊگهو نہ وري ڇوٽو. اکيون سنهيون ۽ ڪاريون. پيٽ جو دارو مدار ڪاڌي تي ڪڏهن لذيذ ڪاڌو مليو وڃي تہ ٻہ انچ اڳتي نہ تہ پوئتي، سگريٽ مٽ تي، سڄو ڏينهن پيو ڪلندو. ڪاوڙ ڪوهين ڏور. هر خرچ پڪي ۾ آمريڪن سسٽم جو قائل. جيڪڏهن پيو ڪو دوست گڏ هوندو تہ خرچ ڪرڻ ۾ انجو هٿ نہ روڪبو. گهر ۾ ڪجهہ اصول جنهن تي پابندي سان عمل ڪبو.

علي مراد چاچڙ صاحب جي گهر ۾ اسان ڏهہ ڪان ٻارنهن ماڻهو گڏ رهندا هئاسين. شرط اهو هوندو هو تہ گهر ۾ رهائبا سڀ سنڌي، ڌاريو ماڻهو مسواڙ تي ناهي رکڻو. پوءِ ڪٽي ڪيتري گهٽي مسواڙ ڇو نہ ملي. ان کان سواءِ مهمان واڌو ۾ هوندا هئا. مسواڙين جون ٻہ ٽي ڪيٽيگريز هونديون هيون. هڪڙا اهڙا ڇوڪرا هوندا هئا جيڪي مختلف منسٽرين ۾ نوڪري ڪندا هئا، مسواڙ تي چاچڙ صاحب جي گهر ۾ رهندا هئا. هڪڙو ڇوڪرن جو گروپ اهڙو هوندو هو جن کي چاچڙ صاحب ڳوٺان وٺي آيو ۽ هتي اسلام اباد ۾ ڪين نوڪريون وٺي ڏنيون هئائين. انهن تي مسواڙ معاف هوندي هئي. اهي چاچڙ صاحب جي خدمت چاڪري ڪندا هئا. باقي ڪاڌي پيتي جو خرچو هڪ جيترو ڏيندا هئا. آخر ۾ رهيس آئون. مون کان ڪرايو نہ وٺندو هو پر گهر ۾ ڪاڌي پيتي جو خرچو ڏيڻو پوندو هو. جڏهن تہ اهو اصول جي عين مطابق ٻہ هو.

علي مراد چاچڙ صاحب دلبر ماڻهو آهي ۽ اڃا تائين پنهنجي خاندان سان گڏ پنو عاقل ۾ رٽائر زندگي ڏاڍي خوشي سان گذاري رهيو آهي. هي ان وقت جي ڳالهہ آهي جڏهن اسين پرائي گهر ۾ سڀ ڇڙا رهندا هئاسين. پر مجال آهي ڪنهن پاڙي واري تي جو اسان تي اعتراض ڪري. اسان سان گڏ سکر جو هڪڙو نينگر رهندو هو. جنهن جو نالو هوندو هو شاهد ذات جو مهر هو. انهي کي منسٽري آف پيٽروليم ۽ قدرتي وسيلا ۾ ميرٽ تي نوڪري ملي. چاچڙ صاحب جو رکرايل تہ ڪو نہ هو جو هن جون خدمتون ڪندو وتي، اڃا ڪو تازو ئي مئٽرڪ ڪري آيو هو. جيڪو ڇوڪرو هر روز ڪلين شيو ٿئي،

جينز ۾ جوگر بہ پائي سو اسان کي ڪيئن لفٽ ڪرائي. هي ڇوڪرو چڱو خاصو اسان جي لاءِ مٿي جو سور ٿي پيو. هن ۾ ڪجھ خوبيون بہ هونديون هيون، هڪ تہ چڱي خاصي مسواڙ ڏيندو هو جيڪا چاچڙ صاحب وٽائڻ نہ ٿي چاهي ۽ ٻيو تہ هو سکر شهر جو هو. ڪمال درجي جو اخلاق هوندو هوس، پر شرارت هن جي رڳ رڳ ۾ شامل هوندي هئي. چاچڙ صاحب جڏهن ڪاوڙ ۾ اچي شاهد مهر کي گهر مان ڪڍڻ جو پڪو ارادو ڪندو هو تہ آئون شاهد جي وڪالت ڪندو هوس، وري جڏهن آئون هن تي ڪاوڙبو هوس ۽ چاچڙ صاحب کان مطالبو ڪندو هوس تہ هن کي گهر مان ڪڍ تہ چاچڙ صاحب کي مسواڙ جا پئسا ياد اچي ويندا هئا. ائين هو اسان جي عتاب کان بچندو رهيو. حقيقت ۾ چاچڙ صاحب جي اها وڏي خدمت هئي، هن ڏهن سنڌين کي مسواڙ تي ڪو نہ رهايو هو پر ڏهن سنڌي خاندانن کي روزگار سان لڳائي رکيو هو. انهي وقت اهي ڇوڪرا ننڍين نوڪرين ۾ هئا پر هينئر اهي سڀ سٺين نوڪرين ۾ آهن. اڪثر ڪري چاچڙ صاحب ڇوڪرن کي سبق پيو پڙهائيندو هو پر شاهد مهر جي شرارت جي ڪري ڪڏهن ڪنهن ڇوڪري جو سبق ڪچو ٿي پوندو هو. هڪ ڏينهن پاڙي مان ڪنهن هڪ همراھ جي شڪايت اچي وئي. پاڙي وارن جو نياپو آيو تہ اڄ شام جو اسان توهان جي گهر ايندا سين. واھ واھ انهي ڏينهن مون چاچڙ جا جلوا ڏٺا. صفا هو بھو اترادي وڏيرو ٿي پيو. بوسڪي جي قميص، هيٺ ٿوال جي اترادي گوڏ. مٿي تي سنڌي ٽوپي، گهر ۾ پراڻي بندوق پيل هئي، جنهن سان ڪڏهن اسان فائر ئي نہ ڪيو هو انهي کي صاف ڪرڻ ۾ لڳي ويو. پاڙي وارا جيئن اسان جي گهر ۾ گهڙيا تہ هن جون اکيون ڳاڙهيون لال ٿي ويون ۽ هن جي هٿ ۾ بندوق ڏسي هنن جون هينيون هيٺ مٿيون مٿي. اسين هنن کي ويهارڻ ۾ پورا ۽ هو پوئتي هٽڻ ۾ پورا. ائين اسان مان جان ڇڏايائون جو وري اسان جي گهر جي پاسي مان ڪو نہ گذرندا هئا. مون کي حڪم ٿيو تہ اهو ڇوڪرو سياڻي گهر ۾ نہ هجي. ٻئي ڏينهن مون وچي صاحب کي چيو تہ هي همراھ هيتري مسواڙ ڏئي ٿو تڏهن چيائين تہ "نہ نہ پوءِ نہ ڪڍينس" ائين چاچڙ صاحب جو فيصلو هڪ منٽ ۾ بدلجي ويو.

گهر ۾ هڪڙو سخت اصول اهو هوندو هو تہ خرچ گهٽ ڪرڻو آهي، جنهن مهيني ۾ خرچ گهڻو ٿي ويندو هو تہ منهنجي شامت اچي ويندي هئي. مون کي جيڪو ليڪچر ٻڌڻو پوندو هو انهي جو لب لباب هي هوندو هو تہ هي ڇورا سڀ چڙي جا چڙا آهن، تنهنجي (نظام لغاري) هڪڙي شادي، منهنجون(چاچڙ) آهن بہ گهرواريون، خرچا ڪيئن پورا ٿيندا. آئون سڀ سور پي ڇوڪرن کي منٽ ميڙ ڪندو هوس تہ خرچ گهٽ ڪريو. منهنجي پٽي

بيعزتي ٿيندي هئي، ڇوڪرا ويئا ڪلندا هئا. چاچڙ صاحب جيئن آفيس مان ايندو هو تہ گهر جو دروازو زور سان بند ڪندو هو جيئن آڙي پاڙي وارن کي خبر پوي تہ چاچڙ صاحب گهر اچي ويو آهي. مٿان ٿي ٺهڪو ڪري اچي بيڊ تي ڪري پوندو هو. ڇوڪرا ڊوڙي اچي کي زور ڏيندا هئا تہ ڪي پاڻي پيارييندا هئا، جيئن ماربل ڪڪڙ کي ڦوهارو ڏبو آهي تيئن پندرهن منٽن ۾ چاچڙ صاحب تيار ٿي ويندو هو. سگريٽ جي طلب ٿيندي تہ شير محمد عرف شيرو چاچڙ اڳئي اڌڙ سگريٽ جو تيار ڪريو بيٺو هوندو هو.

منهنجي خيال ۾ تہ چاچڙ صاحب پوري نوڪري دوران سگريٽ ڪڏهن ڪڏهن عيد برات يا جمع چنداٽي ورتا هوندا، مڙئي پن پرڙي اڌڙ سڌڙ تي پيو ڪم هلندو هو. جيڪڏهن سنڌ ۾ ڪنجوس پائي جي ترتيبوار ڪا تاريخ لکي وڃي تہ ميمڻ جو نمبر ڪافي هيٺ ايندو. ان زماني ۾ اسان جي گهر ۾ هفتي ۾ ٻہ دفعا دال لاءِ ديڳڙي ڪڙڪندي هئي. باقي سڄو هفتو CDA جو پاڻي مفت پري پري پيا وجهندا هئاسين. شاهد مهر اسان تي هڪڙي چوٽي ٺاهي هئي " تون بہ ڪنجوس مان بہ ڪنجوس اچ تہ پيئون وانگڻ جو جوس. " حقيقت ۾ ڏسجي تہ علي مراد چاچڙ صاحب پنهنجي جاءِ تي بلڪل صحيح هو. ان زماني ۾ منهنجي 17 گريڊ جي پگهار ٽوٽل 2100 روپيا ٿي هئي. آئون جڏهن هر ٻئي مهيني ڳوٺ ويندو هوس تہ واپسي جو ڀاڙو ڪرايو منهنجو دوست پريم عرف K_2 ڏيندو هو تہ ڏهن آئون واپس آسلام آباد پهچندو هوس. اهڙي حالت ۾ چاچڙ صاحب جي حڪمت عملي ڪارگر ثابت ٿي. اسان ڪڏهن ڪڏهن حد جي MNA جي دعوت بہ ڪندا هئاسين، پر تاريخ اها مقرر ٿيندي هئي جنهن ڏينهن پاڙي مان مفت جو مال ملڻ جو آسرو هجي.

علي مراد چاچڙ صاحب سوشل بہ ڪافي هوندو هو. سندس گهر ۾ ڪڏهن ڪڏهن ڪا ادبي گڏجاڻي يا سِگا جي ميٽينگ بہ ٿي ويندي هئي. هڪ دفعي سنڌي ادبي سنگت جي ميٽينگ ۾ ڪنهن سنڌي پوليس آفيسر ڪهاڻي پڙهي. انهي ڪهاڻي جو مرڪزي خيال هو تہ سنڌي ڏاڙيل آهن. انهي نڪتي تي مون ۽ ڊاڪٽر علي رند جيڪو ان وقت اسلام آباد جي ڪنهن ڪاليج ۾ پڙهندو هو انهي تي سخت تنقيد ڪئي. جيئن تہ ڪهاڻيڪار پوليس آفيسر هو انهي کي اسان واري تنقيد نا گوار لڳي ۽ همراهہ ڪاوڙجي پيو چئي "هي ڪلهوڪا وات ڳاڙها ڇورا ٿا اسان تي تنقيدون ڪن " ائين اها سنڌي ادبي سنگت جي ميٽنگ بد مزگي جو شڪار ٿي وئي. آخر ۾ هڪڙي مهمان نوازي جو ذڪر ڪري ڳالهہ کي ختم ٿا ڪريون. لاهور مان ٽن دوستن مون کي فون ڪيو تہ اسان جو اسلام آباد ۾ ڪم آهي، اسان رات تو وٽ

رهنداسين. انهن ۾ جمال مصطفيٰ سيد جيڪو هن وقت سنڌ ۾ سيڪريٽري آهي، غلام نبي ميمڻ، جنهن جي هينئر لنڊن ۾ پوسٽنگ آهي ۽ جاويد عمراڻي فارين افيئر گروپ وارو شامل هئا. جاويد هينئر ڪٿي سفير هوندو. هي دوست اڃا ان زماني ۾ والٽن اڪيڊمي ۾ پڙهندا هئا. مون وٽ پنهنجو گهر ڪو نہ هوندو هو. آئون چاچڙ صاحب جي گهر ۾ ان سان گڏ رهندو هوس. گهر جو اصول سخت تہ خرچو وڏائڻو ڪونهي. رات جو اسان هنن لاءِ ماني تيار ڪرائي مهمان ڪافي دير سان آيا ۽ ماني ڪٿان ٻاهران کائي آيا. صبح جو ناشتي تي اها ئي ماني گرم ڪري اسان هنن کي کارائي ڇڏي. منجهند جو چاچڙ صاحب آرڊر ڪيو تہ مهمانن لاءِ چانور ناهيو. شيرو چاچڙ چانور ڏاڍا سٺا ناهيندو هو. چانور تہ نهي ويا هاڻي چانورن سان گڏ پيو ڇا هئڻ گهرجي، مون چيو تہ ڏهي ٿا گهرايون پئسا آئون ٿو ڏيان ڇو جو مهمان منهنجا هئا. چاچڙ صاحب چئي ڪجهہ بہ گهرائڻو نہ آهي، اها ڳالهہ مهمانن بہ محسوس ڪئي پر ڪُڇي ڪو نہ سگهيا. اسان مهمانن کي رڪويٽ کارائي ڇڏيو. ماشاالله چاچڙ صاحب مون کان گهڻو وقت اڳ رٽائر ڪيو آهي ۽ باقي زندگي جا ڏينهن پنهي عاقل ۾ گذاري پيو. هي رڳو هجت ۾ گستاخي ڪري آئون سندس شان ۾ ڪجهہ اکر لکي ويٺو آهيان. بهر حال چاچڙ صاحب جهڙا عظيم ماڻهو مون ڪٿي بہ ڪو نہ ڏٺا. آخر ۾ جڏهن ڪراچي بدلي پئي ٿيو تہ اهو ساڳيو گهر مون کي ڏيئي ويو. هر ماڻهو ڪجهہ نہ ڪجهہ ڏوڪڙ وٺي پوءِ سرڪاري گهر ڇڏيندو آهي، پر چاچڙ صاحب مون کان ٽڪو بہ ڪو نہ ورتو. آئون سندس احسان لاهي تہ نہ ٿو سگهان پر ڳائيندس ضرور پيو.

## بدين جا ڏينهن ۽ راتيون

اهي 1994ع جي مينهوڳي جا ڏينهن هئا، بهر حال بوندن وسڻ شروع ڪيو هو تہ بس ئي نہ ڪن. اڻ پورو نڪاس آب مڇرن ڪي وڌڻ ۽ ويجهڻ ۾ مدد ڪندو رهيو. انهن برساتن لاڙ سنڌ ڪي، خاص ڪري ساحلي علائقن واري پٽي ڪي وڏي پيماني تي تباهہ ۽ برباد ڪري ڇڏيو هو. جيڏانهن ڪر نگاهہ تيڏانهن پاڻي ئي پاڻي. سنڌ جا ٻہ ضلعا ٺٽو ۽ بدين وڏي پيماني تي متاثر ٿيا هئا. مون ڊسٽرڪٽ سوشل ايڪشن بورڊ جي سيڪريٽري ۽ پيپلز پروگرام جي پروجيڪٽ ڊائريڪٽر طور آگسٽ 1994 جي پهرين هفتي ۾ اچي بدين ۾ چارج ورتي هئي. اسان وٽ فيڊرل گورنمينٽ ۾ چارج وٺڻ يا چارج ڇڏڻ ۾ ڪا وڏي ڪاروائي نہ ٿيندي آهي. اڳيئي گورنمينٽ جي هڪ نموني جو پنو ٺهيو پيو آهي، ان تي نالو لکبو تاريخ لڳائبي ۽ صحيح ڪبي آهي، اها ٿي چارج ڏيڻ ۽ وٺڻ جي ڪاروائي. انهي ڪم ۾ مشڪل سان هڪ يا ٻہ منٽ مس ٿا لڳن. ائين مون بہ بدين ۾ چارج وٺي ڇڏي. DSAB جو خيال (Concept) ڏاڍو سٺو هو يعني هيٺين ليول کان پلاننگ دنيا جي سڌريل ملڪن ۾ ائين ئي پلاننگ ڪئي ويندي آهي. هن کان اڳ پلاننگ وارا اسلام آباد ۽ ڪراچي جي ايئرڪنڊيشنڊ ڪمرن ۾ وِيهي ملڪ جي بنيادي ڍانچي جي پلاننگ ڪندا هئا. پاڪستان سيڪريٽريٽ جي "P " بلاڪ ۽ سنڌ سيڪريٽريٽ جي " تغلق هائوس" ۾ ويهڻ وارن کي ڪهڙي خبر تہ بدين، لاڙڪاڻي، سبي، ڪوهاٽ يا رحيم يار خان جا ڪهڙا مسئلا آهن. ؟ پوءِ ائين ٿيو جو جتي ڳوٺ آهي اتي اسڪول ڪونهي، جتي اسڪول آهي اتي ڳوٺ ڪونهي. ان لاءِ منهنجي پنهنجي ڳوٺ جو مثال ئي ڪافي آهي. گلاب لغاري تعلقي ماتلي جو ٽيون نمبر وڏو ڳوٺ ٿيندو. ڳوٺ ۾ بجلي ۽ ڪمرشل بينڪ برانچ ستر واري ڏهاڪي ۾ ئي قائم ٿي ويا پر اسڪول جي لاءِ ڪا بہ بلڊنگ ڪا نہ هئي. ٻہ ڪچا ڪمرا هئا جن ۾ منهنجو بابا بہ پڙهيو، آئون بہ پڙهيس. منهنجو اولاد بہ انهن ئي ڪچن ڪمرن ۾ پڙهيو. هاڻي وري ٿورو توهان کي پوئتي وٺي ٿو هلان، اها 80 واري ڏهاڪي جي ڳالهہ آهي اسان جي قومپرستي زورن تي هئي، ادب سان ڳانڍاپو ٿي چڪو هو. اديبن ۽ ڪامريڊن جا اچڻ وڃڻ پيا ٿيندا هئا. آخري ڏينهن ۾ آئون ماڙڪ لغاري اسڪول مان بدلي ٿي گلاب لغاري اچي چڪو هوس. اسڪول ۽ منهنجي گهر ۾ فاصلو ٻن منٽن جو هوندو هو سو اسڪول کان پوءِ منهنجي اوطاق ۾ ڪچهري لڳي پئي هوندي هئي. اسٽيڊي

سرڪل لاءِ نون دوستن کي ڪتاب پڙهائبا هئا ۽ جيڪڏهن ڪو ڳوٺ جو ٻار يا مٿين ڪلاسن جو ڪو شاگرد ڪو سبق ونڻ يا ڪو تعليمي مسئلو پڇڻ ايندو هو تہ انهن جي بہ مدد ڪبي هئي. پر پئسن تي ٽيوشن نہ پڙهائبي هئي. تعليم مفت ۾ ڏبي هئي. ها البت مطالعي جو شوق پيدا ڪرڻ جي لاءِ ڪتابن پڙهڻ لاءِ نوجوانن کي همٿائبو هو. ان زماني ۾ چاچو محمد خان مجيدي مون وٽ ڳوٺ آيو. اسڪول ڏسي چيائين تہ "هي اسڪول آهي يا مال جو وٿاڻ ؟" اسڪول ڏسي تعجب ۾ اچي ويو تہ هيڏو وڏو ڳوٺ. تمام پراڻو اسڪول پر اسڪول جي حالت هي آهي جو بہ ڪچا ڪمرا جنهن ۾ اضافي بينچ رکڻ جي گنجائش ڪا نہ هوندي هئي. سو ڳالهہ پئي ٽي پلاننگ جي, انهي ساڳي پلاننگ کي PPP سرڪار مٿان ڪان هيٺ ڪٽي آئي, جيڪو دنيا جي سڌريل ملڪن ۾ طريقو رائج آهي. DSAB جا بہ پاسا هوندا هئا. هڪ انجنيئرنگ سائيڊ ۽ ٻيو ايڊمنسٽريشن. تعميراتي ڪم Pak P W D کي مليل هوندو هو اهي بہ PD جي صلاح مشوري سان ئي ڪم ڪندا هئا. بورڊ جا ميمبر MPAs ۽ MNAs هوندا هئا. انهن مان ڪو هڪ چيئرمين هوندو هو. رئيس عبدالستار خان سريوال چيئرمين هوندو هو. جيڪو مون کي بدين وٺي آيو هو. بورڊ جا ميمبر اسڪيمون ڏيندا هئا ۽ اسان اهو ڏسندا هئاسين تہ اسڪيم قابل عمل آهي يا نہ! ائين ڪٽي سمجهجي تہ اسان هڪڙو ننڍڙو PC_1 ٺاهيندا هئاسين. مون تجويز ڪيل ڪافي اسڪيمن ۾ ردو بدل جون سفارشون بہ ڪيون . صرف انهي ڪري جو اتي انهن جي ضرورت نہ هئي. سواءِ ذوالفقار مرزا جي ڪنهن بہ ميمبر مون تي ڪنهن بہ قسم جو اعتراض يا بي اعتمادي ظاهر نہ ڪئي ۽ نہ ئي وري ڪو غلط قسم جو دٻاءُ وڌو. آئون اڍائي سال بدين ۾ رهيس پر مون آزادي سان ڪم ڪيو. منهنجي چيئرمين ڪڏهن بہ مون کان ڪو قانون کان مٿانهون ڪم نہ ڪرايو. حالانڪ مون P P P جي ڪن سرگرم ڪارڪنن جا ڪم روڪرايا يا اسڪول سان گڏ اٽيچ باٿ روم نہ ٺاهڻ ڏنم. انهن ماٺهن منهنجون شڪايتون بہ ڪيون پر هن صاحب منهنجي خلاف ڪنهن جي بہ شڪايت تي مون تي ڪنهن بہ قسم جي بي اعتمادي يا دٻاءُ نہ وڌو ۽ مون آزادي سان ڪم ڪيو.

هاڻي مون کي بدين آفيس ۾ نئين سوزڪي جيپ بہ ملي, منهنجي واه واه ٿي وئي. آفيس جا ڊرائيور اچي مون مان ڦاٿا, ڇو جو مون کي ڊرائيونگ اچي ڪا نہ . نيٺ هنن انهي جو حل اهو ڳوليو تہ مون کي ڊرائيونگ سيکاريائون. ائين ٻن مهينن ۾ آئون ڊرائيونگ بہ سکي ويس, هاڻي مون کي ڪنهن ڊرائيور جي ضرورت ڪا نہ هئي. بدين ۾ منهنجي زندگي جا بہ پاسا هئا. هڪڙو آفيشل

۽ ٻيو سوشل. مون آفيشل ذميوارين سان گڏ سوشل لائيف کي وڏيڪ انجواءِ ڪيو. هئڻ ته ائين ڪپندو هو ته آئون سگهه اسلام آباد جو ميمبر هئس ته بدين سگهه سان سلهاڙجي وڃان ها يا منهنجو تعلق ادبي دنيا سان هو ته منهنجي دوستي وري اديبن سان هئڻ گهربي هئي. جيڪڏهن ٿورو پوئتي وڃبو ته اسان جڏهن منياٽي ۾ ٽيچرس ٽريننگ ڪاليج ۾ پڙهندا هئاسين ته ان ۾ وڏو تعداد بدين ۽ ان جي پسگردائي ۾ رهندڙ استادن جو هو. منهنجو ملڻ جلڻ ته انهن ماڻهن سان هئڻ گهربو. هو پر بدين ۾ ائين ڪو نه ٿيو. منهنجو ڳوٺ ته برابر ضلعي بدين ۾ آهي پر ڊسرڪٽ هيڊڪواٽر کان 100 ڪلو ميٽر پري آهي،تنهنڪري هر روز اچڻ وڃڻ منهنجي لاءِ ممڪن ڪو نه هو. هاڻي منهنجي دوستي پڙهيل ڳڙهيلن سان ضرور هئي، پر انهن جو اهڙي طبقي سان تعلق هو جن جو اٿڻ ويهڻ عجيب هو. يعني سڀ نوجوان ڊاڪٽر سڀ جا سڀ تازو MBBS ڪري آيا هئا. انهي جي مقابلي ۾ منهنجي ماسٽرس ايڪنامڪس ۾ جنهن جو تعلق سڌو سنئون دولت سان پر مون صرف اهو ڪتابن ۾ پڙهيو هو. ظاهري طرح دولت سان واسطو نه پيو. آخر ۾ فيڊرل گورنمينٽ ۾ چڱي خاصي مٿئين پوزيشن تي پهچي ويس پر رهيس ڪنگلي جو ڪنگلو. مون اهو علم پڙهيو هو جنهن ۾ ڏسيل هو ته شين کي ڪيئن تورجي ۽ تڪجي ۽ انهن جو ملهه ڪيئن مقرر ڪجي. ؟ ان کان پهرين منهنجي دوستي سنڌ جي ميمڻن ۽ واڻين سان، هنن جو تعلق وڻج ۽ واپار سان. هتي مون واري ريل اصلي پٽڙي تان لهي ڪنهن ٻئي راهه ڏانهن رواني ٿي وئي. هي سڀ جا سڀ ماڻهو کي چيرڻ ڦاڙڻ وارا مسيحا، ائين پئي لڳو ته اسين هڪ ٻئي جو ضد هئاسين. پر جيڪا اسان ۾ هڪجهڙائي هئي، اها هئي هڪ ٻئي کي برداشت ڪرڻ. هنن جون ڪلينڪون رات جو ميخانن جو ڏيک ڏيڻ لڳيون. اهي ميخانا جتي رات جو ڪنهن انگوري شربت جو ڪو تصور نه هجي. بوتل نچي پر ڪنهن طرح مد مست ٿي نه. خالي بوتل ائين مست ٿئي جيئن قلندر جي ڌمال تي مستانا نچندا آهن.

لاڙ سنڌ ۽ اتر سنڌ ۾ هڪ اهڙو واضح فرق آهي ته لاڙ جا ماڻهو هر ڪنهن ۾ پرين پسڻ وارا ۽ سباجهڙا، تعليم ۾ پڻ پوئتي، منجهن غربت به ڪجهه سرس. طبيعتن نرم، در گذر ڪرڻ ته ڪو هنن کان سکي. ان جي مقابلي ۾ اتر سنڌ جا ماڻهو وڏيڪ پڙهيل، نوڪرين ۾ پڻ انهن جي سرسي، طبيعتن ۾ پڻ سختي ۽ پنهنجي ناڙڻ وارا.

منهنجي آفيس ۾ ٽيڪنيڪل سائيڊ کان Pak PWD طرفان هڪ SDO به هوندو هو. سندس نالو هو محمد اشرف. اسان جي ٿي پاسي جو

پنجابي هو. پر هي همراهه انهن پنجابين مان هو جيڪي 1901 ۾ سنڌ ۾ هجرت ڪري آيا. تنهنڪري وقت سان گڏ سنڌي ٿي چڪو هو. ورهاڱي کان اڳ پنجاب جو هڪ شاعر هو ان جو نالو هو امام الدين. هن جي سڄي شاعري گارين تي مشتمل هوندي هئي، اشرف صاحب کي ان جي اڌ جيتري شاعري ياد هوندي هئي. سو اسان واندڪائي جي وقت ويهي اها شاعري ٻڌندا ۽ کلندا هئاسين. جيئن علامه اقبال "بانگ درا" لکيو هو ته امام الدين وري ان جي مقابلي ۾ "بانگ دهل" لکيو هو. اهو ڪتاب پوءِ مون اچي راولپنڊي مان ورتو پر اهو پاڪستاني ڇاپو هو. پاڪستان ٺهڻ کان پهرين اهو ڪتاب مختلف شهرن جي مارڪيٽن ۾ عام جام وڪري لاءِ موجود موجود هو پر ورهاڱي کان پوءِ مذهب اسان تي غالب ٿي ويو ۽ ڪتاب بداخلاقي جي دائري ۾ آڻي ضبط ڪيو ويو. اڳتي هلي انهي ڪتاب کي ٻيهر لکي شاعري مان اصليت ختم ڪري ڇڏيائون. اڄ به جيڪڏهن توهان کي ڪو پراڻو پنجابي ملي وڃي ته انهي کي شايد اها شاعري ياد هجي. ٿي سگهي ٿو ته پنجاب جي ڪنهن لئبريري ۾ اهو ڪتاب موجود هجي.

سو ڳالهه پئي ٿي بدين جي ڊاڪٽرن جي، انهن جي مون سان واقفيت ڪيئن ٿي. اهو هڪ الڳ ۽ ڊگهو داستان آهي. اهو سڄو سهرو ڊاڪٽر عبدالله سومري جي مٿي تي سونهي. اسان انن ڏينهن ۾ اهڙا گهرا گهاٽا ٿي وياسين جهڙا اسان ڄايا نپنا ئي گڏ هئاسين. ڊاڪٽر فضيلت وارو سلڇڻو ماڻهو آهي، عزت ۽ مان ڏيڻ ته ڪير هن کان سکي. جڏهن ته ڊاڪٽر جو وڏو ڀاءُ غلام علي سومرو مون سان گڏ منياٽي ۾ پڙهندو به رهيو آهي. مون زندگي ۾ ڪڏهن به پيار جي چسڪي کان سواءِ ڪو زهر نه چکيو آهي، پر اهڙا ماڻهو مون کي وٽندا ڏاڍا آهن. انهن ماڻهن ۾ اها خوبي هوندي آهي ته دل جا صاف، ڪدورت ۽ ڪيني کان پري، خلوص سان ٽمٽار، لڪ لٽائڻ وارا، ذاتيات کان ڪوهين ڏور. سو ڊاڪٽر عبدالله ۾ به اهي ئي خوبيون هيون. جنهن منهنجي من کي موهي وڌو. دل ته ڪشادي پر دسترخوان دل کان به وڌيڪ ڪشادو. آئون ته هر روز جو مهمان هيس ئي هيس پر اها رات خالي نه هوندي هئي جو ڊاڪٽر وٽ مون کان سواءِ ٻه چار ٻيا مهمان نه هجن. ڊاڪٽر جي گهر ۾ مڇي ناهڻ جو ڪو خاص فن موجود آهي، مڇي هميشه اعليٰ قسم جي نهي ايندي هئي. مون زندگي ۾ ڪڏهن به اهڙي مڇي نه کاڌي جهڙي ڊاڪٽر جي گهران نهي ايندي هئي. اڄ به جڏهن آئون اسلام آباد مان سنڌ ويندو آهيان ته منهنجي لاءِ ڊاڪٽر وٽ مڇي جو خاص انتظام ٿيندو آهي.

هي اهو زمانو هو جڏهن ضياءُ الحق، الله کي پيارو ٿي چڪو هو. جنهن هن اسان جي پاڪستاني معاشري کي تهس ۽ نحس ڪري ڇڏيو هو. اسلام جي نالي ۾ هن افغانستان ۾ جنگ جوٽي، مذهب ۽ پاڪستان کي هڪ اهڙي ٻه واٽي تي آڻي بيهاريو جو هڪ پاسي باهه ته ٻئي پاسي پاڻي. ترقي پسند سوچ رکندڙ ماڻهو ڪافي پريشاني جو شڪار ٿيا. اسان جي ملڪ ۾ گهڻو وقت آمرانا حڪومتون رهيون آهن. جن هميشه پنهنجن جڳاڙي نظرين ۽ ٿيورين سان حڪومتون پئي هلايون آهن. ڪڏهن بنيادي جمهوريت ته ڪڏهن اسلام ته ڪڏهن وري Devolution. هن ملڪ ۾ جيڪي به ريفرينڊم ٿيا آهن سي سڀ جا سڀ فوجي حڪمرانن پنهنجي حڪومتن کي بچائڻ خاطر پئي ڪرايا آهن. مطلب ته هر ڪنهن فوجيءَ پنهنجو پنهنجو نئون فلسفو پئي ڏنو آهي. انهن سيني کان وڌيڪ دقيانوسي ۽ پراڻا خيال رکندڙ عوامي سياستدان ذوالفقار علي ڀٽو هو. جنهن شراب ۽ حسن جون بازارون بند ڪري پاڪستان کي هڪ اهڙي اونداهي کڏ ۾ ڌڪي ڇڏيو جنهن مان نڪرڻ هاڻي مشڪل آهي. توهان 1977ع جون اخبارون ڪڍي ڏسو، ڀُٽي صاحب مولوين جي دٻاءُ ۾ اچي، آچر جي بجاءِ جمعي جي موڪل ڪئي. شراب ۽ ڪواب تي بندش وڌي ته جماعت اسلامي جي ڪنهن سرڪرده ليڊر چيو هو ته "ڀٽو هاڻي اسان جي ايجنڊا تي آيو آهي." اسان جا پي پي پي جا دوست چوندا آهن ته ذوالفقار علي ڀُٽي سنڌي ماڻهن کي سجاڳ ڪيو. اها دعويٰ به ڪنهن حد تائين غلط ثابت ٿي چڪي آهي. بهرحال هي هڪ اهڙو موضوع آهي جنهن تي ريسرچ ڪرڻ جي ضرورت آهي. جڏهن ته سياست منهنجي هن ڪتاب جي دائري ۾ نه ٿي اچي، انهي ڪري آئون صرف هڪ ئي جملو لکي انهي بحث کي اتي ئي بند ٿو ڪريان ته منهنجي خيال ۾ سنڌي ماڻهو کي اڳئي سنڌي پرائمري ٽيچر، جنهن کي اسان سنڌي ماستر چئون ٿا، سجاڳ ڪري چڪو هو. جن سڄو سارو ون يونٽ جو مانڊاڻ ڊاهي پٽ ڪري ڇڏيو هو. ان وقت ته ڀٽو صاحب ون يونٽ جي حڪومت ۾ پرڏيهي وزير هو. تڏهن به سنڌي ماڻهن ان وقت جي حڪومت کي مجبور ڪيو ته ون يونٽ ٽٽي پيو. حقيقت ۾ وقت ۽ واقعن جون جيڪڏهن ڪڙيون ملائجن ته پاڪستان کي بيماري ان وقت کان لڳي چڪي هئي، جيڪا هاڻي لا علاج ٿي چڪي آهي. جنهن جي ڪري ڀڳڙو ڀڃي ٻه ڦارون ٿي پيو هو. نتيجي طور پاڪستان ٻه اڌ ٿي پيو هو. انهن غلط پاليسين جي ڪري پاڪستان جي معشيت کي ڪاپاري ڌڪ لڳو. درآمدي ۽ برآمدي ٽيڪس گهٽجي ويا، ٻاهرين ملڪن جي سياحن جو اچڻ وڃڻ بلڪل ختم ٿي ويو. سئينيما انڊسٽري ذري گهٽ بند ٿي وئي، لاهور جو لالي ووڊ ۽ ڪراچي

جا فلم ٺاهيندڙ ادارا بيمار صنعتن ۾ شامل ٿي ويا. سئنيمائون تي جيڪو تفريحي ٽيڪس هو اهو زيرو ٿي ويو. سڌي يا اڻ سڌي طرح هڪ سئينيما تي 100 ماڻهن جو روزگار هوندو هو اهي بيروزگار ٿي ويا. ماڻهن جا تفريح جا ذريعا تقريبن بند ڪيا ويا. ماڻهن جا سڀ دروازا بند ڪري صرف مسجدن ۽ مدرسن جا دروازا کليل رکيا ويا. ٻئي طرف تعليم کي مهانگو ڪري مدرسن کي مفت ڪيو ويو. انهن سڀني ڳالهين گڏجي انساني ترقياتي وسيلن تي ناڪاري اثر ڇڏيا.

پاڪستان جي مقابلي ۾ دبئي 1960 ع ۾ ڪجهه به ڪو نه هو. اسان وٽ ان زماني ۾ هڪ وڏو بنيادي ڍانچو موجود هو. توهان رام بخشاڻي جو ڪتاب پڙهي ڏسو معلوم ٿي ويندو ته دبئي ڪيئن نه کليل ايڪنامڪ پاليسي (Open Economic Policy) جي ڪري ترقي ڪندو ويو۽ اسان پاليسين جو بنياد مذهب تي رکيو ته وياسين پوئتي پوندا, تان جو دنيا جي پنتي پيل ملڪن جي رفتار ۾ اسان جو نمبر اچي آخر ۾ بيٺو. آئين (Constitution) ۾ اهڙيون ته شقون متعارف ڪرايون ويون جو ماڻهن جو جيئڻ جنجال ٿي ويو. خاص ڪري اقليتن جو گهيرو تنگ ڪيو ويو. منهنجي نظر ۾ ڪنهن به ملڪ يا اسٽيٽ جو مذهب نه هئڻ گهرجي, ها البت اسٽيٽ ۾ رهندڙ ماڻهن جو مذهب ٿيندو آهي. جيئن 1947 ع کان پهرين ڪراچي کي هندن جو شهر چوندا هئا, ان وقت ڪراچي ۾ انساني رت ائين ڪو نه وهندو هو جيئن 1947 ع ۾ ڪراچي کي مسلمان ڪرڻ کان پوءِ انساني رت ريلا ڪري وهڻ لڳو آهي جيڪو اڄا تائين بند نه ٿيو آهي. ڪراچي مسلمانن جي اڪثريت جو شهر آهي, انهي هوندي به اهو ڏينهن خالي ڪونهي جنهن ڏينهن ڪنهن بيگناهه ماڻهو جو رت نه وهيو هجي. هڪ اندازي مطابق پهرين مهاڀاري لڙائي ۾ ايترو انساني رت ضايع نه ٿيو هو جيترو ڪراچي ۾ 1947 ع کان پوءِ انساني رت وڙهو آهي. جڏهن ته اسلام امن جو مذهب آهي, مون ڪڏهن به اهو نه پڙهيو آهي ته ڪنهن اسلامي ملڪ ۾ ناموس رسالت جي ڪري ڪنهن کي قتل ڪيو ويو هجي. هتي اقليت وارا هميشه انهي ڏاڍ ۽ ظلم جو شڪار ٿيندا رهيا آهن,پر حڪومت جا مٿئين ليول جا ماڻهو به محفوظ نه آهن. اڃان به اسان جا عالم سڳورا هر جمع تي مسجد جي ممبر تي ويهي وڏي درد مان نڙي مان آوازڪڍي چون ٿا ته اسلام خطري ۾ آهي. تازو فيس بڪ تي انهي متعلق اردو ۾ ڪنهن ڏاڍو سٺو لکيو هو ته " ڪولر تي پيل گلاس خطري ۾, مسجد ۾ جوتا خطري ۾, وضو جي نلڪي خطري ۾, گاڏي سان گڏ گاڏي جو آئينو خطري ۾, روڊ تي مسلمان خطري ۾, سڀ کان وڏيڪ اسلام خطري ۾. جيڪڏهن 70

سالن ۾ هن ملڪ خداداد پاڪستان ڪنهن کي خطري مان ڪڍيو آهي ته اهو آهي مولوي، جنهن جي نه نوڪري خطري ۾، نه جان خطري ۾ ۽ نه احترام خطري ۾.”

منهنجي خيال ۾ ورهاڱي کان پوءِ اڄ تائين پاڪستان کي ڪو همدرد، هڏ ڏوکي ۽ ايماندار ليڊر مليو ڪونهي سڀ نااهل، عياش جڳاڙي ٿيورين تي ڪم هلائيندا رهيا آهن. ملڪ جو تقريبن 60 سيڪڙو عوام غربت جي لڪير جي هيٺان قسمپرسي واري زندگي گذاري رهيو آهي. اسان وٽ جيڪي غريبن جي لاءِ پروگرام ٺهن ٿا، انهن ۾ پهريون آئٽم ئي Capacity Building جو هوندو آهي. انهي مان هنن جي پنهنجي غربت ته ختم ٿيو وڃي، باقي غريبن جو الله واهي آهي. موجوده سال ۾ بينظير انڪم سپورٽ پروگرام لاءِ 115 بلين روپيا رکيا ويا آهن پر غربت جي لڪير ۾ هلڪڙو گهٽ به نه پيو آهي. آئون جڏهن فنانس ڊويزن ۾ هوندو هوس ته اڪثر دوستن کان اهو سوال ڪندو هوس ته ”اسان جي هٿن مان هر سال اربين روپيه نڪرن ٿا، ڇا انهن جي ڪري اتي جي ڪلو جو اگهه گهٽيو آهي؟ يا گيهه جو پاءُ ڪو سستو ٿيو آهي“؟. يقينن اهڙن سوالن جو جواب اسان وٽ ڪو نه هوندو هو. توهان ڪڏهن فنانس ڊويزن جي بجيٽ جا ڪتاب ڏٺا آهن. جيڪڏهن سيئي هڪ ئي وقت ڪنهن هڪ ماڻهو کان کڻائجن ته اهو نه کڻي سگهندو. انهن ڪتابن ۾ بي ڪا کهاڻي لکيل نه هوندي آهي صرف پئسا ئي لکيل هوندا آهن، جڏهن ته فنانس ڊويزن اهي پئسا هر سال ڏيندي به آهي. سوال آهي ته اهي پئسا ڪنهن تي خرچ ٿين ٿا، ڇو ۽ ڇا لاءِ خرچ ٿين ٿا؟ . جڏهن اسان پاءُ اٽي جو سستو نه ٿا ڪري سگهون ته انهن پئسن جو ڪهڙو ڪارج هوندو. افسوس اسان مسڪين جهان خان کوسي يا منهنجي ڳوٺ جي همدرد انسان ڪامريڊ محمد عثمان لغاري جهڙن ماڻهن جو قدر نه ڪيو. هتي ته رڳو موقعي پرست حڪمران، چاپلوسي ڪندڙ بيوروڪريسي هر وقت حاضر رهندي آئي آهي. هي بيورو ڪريٽ وزير اعظم جي اڳيان ڪجهه به نه ڳالهائي سگهندا آهن، ڪڏهن ائين ٿيندو هو جو ايڪنامڪ ڪوآرڊينيشن ڪميٽي جي ميٽنگ ۾ فيصلو ڪرڻو هڪڙو هوندو آهي ته ٿي ڪجهه ٻيو ويندو هو. اهو صرف انهي جي ڪري جو وزير اعظم جي اڳيان ڪو بيورو ڪريٽ ڳالهائي نه سگهندو آهي. ياد رهي ته پيپلز پارٽي جي زماني ۾ محترمه بينظير ڀٽو صاحبه ECC جي ميٽنگ پاڻ ونندي هئي. جيڪڏهن اسان وٽ فضل الله قريشي جهڙا ٻه چار آفيسر هجن ته ائين سرڪار جا اونڌا فيصلا ڪو نه ٿين. آئون ذاتي طور ڪن آفيسرن کي سڃاڻان جيڪي هن وقت سنڌ ۾ نوڪري ڪري رهيا

آهن. اهي آفيسر سڀ آفيسرن ۾ شامل ٿين ٿا، جيڪي هينئر پاسي وارين پوسٽن تي ڪم ڪري رهيا آهن. آئون هڪ ڀيرو ڪنهن پنجاب جي آفيسر سان گڏ مال روڊ لاهور تان گذري رهيو هوس تہ هن صاحب وڏين وڏين پلازن ڏانهن اشارو ڪندي چيو هو تہ " هي پلازا سڀ انهن آفيسرن جا آهن جيڪي سنڌ ۾ نوڪري ڪري آيا آهن". انهي مان ظاهر ٿيو تہ پنجاب مان آفيسر سنڌ ۾ نوڪريون چو ٿا ڪرڻ اچن. فيڊرل گورنمينٽ جي اها پاليسي آهي تہ هر CSS پاس آفيسر پهريان ٽي سال پنهنجي صوبي کان ٻاهر نوڪري ڪندو.

اچو تہ FPSC جي تازي CSS جي ورتل امتحان جو سرسري جائزو وٺون تہ انهي ۾ سنڌ ڪٿي بيٺي آهي. فيڊرل پبلڪ سروس ڪميشن جي مطابق سال 2015 جي CSS ۾ ٽوٽل پاس اميدوارن جو انگ 202 آهي، جنهن ۾ پنجاب جا 56، سنڌ ٻهراڙي 13، سنڌ شهري 16، ڪي پي ڪي 18، بلوچستان 4، ڪشمير 4، گلگت 1، ميرٽ 32 نوجوان پاس ٿيا آهن.

انهي حساب سان في سيڪڙو ڪجهہ هن طرح اچي ٿو. پنجاب 56 سيڪڙو، سنڌ ٻهراڙي 6 سيڪڙو، سنڌ شهري 8 سيڪڙو، ڪي پي ڪي 9 سيڪڙو، بلوچستان 2 سيڪڙو، ڪشمير 2 سيڪڙو، گلگت 0.5 سيڪڙو ۽ ميرٽ 16 سيڪڙو. ڪميشن جي پڌرائي مطابق 90 سيڪڙو اميدوار انگريزي ۾ فيل ٿيا آهن. ڪميشن اهو بہ نوٽ ڪيو آهي تہ وڏي تعداد ۾ اميدوارن کي هڪ سادو سودو انگريزي ۾ 1500 لفظن جو مضمون بہ لکڻ نہ ٿو اچي. اها آهي اسان جي تعليم جي حالت ۽ معيار. مٿيان انگ اکر ٻڌائين ٿا تہ تمام ٿورا نوجوان سنڌ مان پاس ٿيا آهن جڏهن تہ پنجاب جي نوجوانن جو وڏو تعدداد پاس ٿيو آهي. ٽريننگ کان پوءِ انهن سڀني جون مقرريون سنڌ ۾ ٿينديون. PPP سرڪار سنڌ ۾ تعليم جي اهڙي حالت ڪري ڇڏي آهي جو اسان جو نوجوان 500 لفظن جو انگريزي ۾ ڪو مضمون نہ ٿو لکي سگهي. ٻئي طرف اسان جو نصاب اسان جي نئين نسل کي بنياد پرست، جهادي، خودڪش بمبار ٺاهي رهيو آهي. دنيا جي ڪنهن بہ ڪنڊ ۾ ڪو دهشتگردي جو واقعو پيش اچي ٿو تہ ان جا پير ۽ کُرا اچو اسان جي ملڪ ۾ پون. آئون وري بہ دبئي جو مثال ڏيندس تہ اتي سڀ شيءِ حلال آهي ڪا بہ شيءَ حرام نہ آهي، شراب تي ڪا بہ بندش ڪونهي (سواءِ شارجيا جي) . دبئي جي وڏين مارڪيٽن تي سنڌي هندن جو قبضو آهي، جن کي اتي جي حڪومت جي پوري پوري حفاظت مليل آهي. مسجد سان گڏ مندر بہ آهي پر اسلام کي ڪو بہ خطرو ڪونهي. 2008 ۾ دنيا ۾ وڏي اقتصادي لاٿ آئي، يورپ جون مارڪيٽون متاثر ٿيون پر دبئي جي ايڪانامي تي ڪو بہ اثر نہ پيو. جنهن ملڪ جي سياحت جي انڊسٽري مضبوط آهي، انهي

تي اقتصادي لاهن چاڙهن جو اثر گهٽ ئي ٿيندو آهي. ويجهي ماضي جي ميڊيائي خبرن مان پتو پوي ٿو تہ پاڪستان جون پرڏيهي توڙي اقتصادي پاليسيون شاهراه دستور تي نہ پر ڪنهن ٻئي جاءِ تي ٺهنديون آهن. ڪنهن بہ پاڙيسري ملڪ سان اسان پاڙيسري هئڻ وارو ناتوئي نہ رکيو آهي. اهڙين غير يقيني حالتن ۾ ترقي جو هئڻ ممڪن نہ تہ بہ ڏکيو ضرور آهي.

معاف ڪجو ڳالهہ پئي هلي بدين جي وچي نڪتاسين سياست کان، ڇو جو قلم تي ڪنهن جو وس ڪو نہ ٿو هلي. جيڪڏهن قلم ڪنهن جو زير دست هجي ها تہ هيڏا هاچا هن ينپور ۾ نہ ٿين ها. ائين ڪٿي سمجهو تہ قلم جو نب ڪنهن پلي گهوڙي وانگر آهي، هو جڏهن رَلي ۾ مُن ۾ هوندو آهي تہ سوار کي بہ طاقت ڪونهي جو ان کي قابو ڪري سگهي. بدين شهر سان منهنجو تعلق تمام پراڻو رهيو آهي. آئون جڏهن رپ شريف ۾ پڙهندو هوس تہ 10th & 9th جو امتحاني سينٽر بدين هو. مئٽرڪ جي امتحان دوران ٻين ڇوڪرن تي رعب ۽ دٻدٻو ويهارڻ جي لاءِ فلٽر جي سگريٽن وارو پئڪٽ وٺي هڪ هٿ ۾ تي تي سگريٽ وجهي پيئندا هئاسين. پر مون کي نڪ مان دونهون ڪڍڻ ڪو نہ ايندو هو اها ڳالهہ الٽو منهنجي ڳلي ۾ پئجي وئي، اسان جو روم ميٽ هوندو هو نور محمد چانگ، گڙنگ موالي، هميشہ پن جي ٻيڙي پئندو هو. هُن همراهہ کي وجهہ مليو ۽ مون کي چڱو خاصو خوار ڪيائين. چئي "لغاري ڇوري کي سگريٽ پيئڻ اچي ڪو نہ هرويرو لئي ڪندو وتي." پاڻ بہ بس ڪئي سڄي زندگي ۾ اهو هڪڙو ئي سگريٽن جو پاڪيٽ ورتوسين، اهي ڏينهن اهي شينهن وري نہ سگريٽن کي هٿ لاتوسين. اهو 1972 جو زمانو هو مئٽرڪ جو امتحان ڏئي سڌو ڳوٺ آيو هوس، انهي کان وڌيڪ مون کي بدين جي ڪا بہ خبر چار ڪا نہ هئي. ان زماني ۾ بدين شهر جي جاگرافي ايتري وڏيل ڪو نہ هئي. ڇو جو اجا ضلعي واري حيثيت ڪو نہ ملي هئس، حيدر آباد ضلعي جو هڪڙو تعلقو هوندو هو. بدين کي ضلعي جي حيثيت 1974 ۾ ملي. ان کان پهريائين منهنجو وڏو ڀاءُ روشن الدين لغاري بہ اڍائي سال پهرين 16 گريڊ ۾ ۽ پوءِ 17 گريڊ ۾ بدين رهيو. ادا مرحوم بدين کي هميشہ "ڪوفو" سڏيندو هو. مطلب تہ هُن جي بدين سان دل نہ لڳي. مون آگسٽ 1994 ۾ پروجيڪٽ ڊائريڪٽر پيپلز پروگرام جي چارج ورتي. يعني مئٽرڪ ڪرڻ کان پوءِ ٺيڪ 22 سالن کان پوءِ آئون سڌو سنئون اسلام آباد مان بدلي ٿي بدين ۾ 18 گريڊ ۾ آفيسر ٿي آيس. شروع وارن ڏينهن ۾ ڪافي بيزار ٿيس، ڇو جو اسلام آباد جتي ان زماني ۾ بجلي جي لوڊ شيڊنگ جو تصور ئي ڪو نہ هو، صاف سٿرا رستا، صفائي جو بهترين انتظام، ان جي مقابلي ۾ بدين 1994 ع ۾ برساتون

گهٽيون پيون هيون سو ٽي ٽي ڏينهن بجلي غائب، پاڻي جو بہ ڪو سنئو انتظام ڪو نہ هوندو هو. بس بہ شيون جن جي ڪري بدين سان دل لڳڻ شروع ٿي، هڪ امام الدين واري پنجابي گارين واري شاعري جيڪا اشرف پيو ٻڌائيندو هو. ٻيو سوزڪي جيپ جنهن تي آئون سڄو ڏينهن فيلڊ ۾ پيو گهمندو هوس، چوڻ آڪڻ وارو ڪير بہ ڪو نہ هوندو هو. ان زماني ۾ عبدالسبحان ميمڻ ضلعي جو ڊپٽي ڪمشنر هو ۽ اي ڊي خواجہ ضلعي جي پوليس جو سربراه هوندو هو. اصولن مون کي ڊپٽي ڪمشنر سان اچڻ شرط ملاقات ڪرڻ کپندي هئي. ڇو جو هو صاحب ضلعي جو سربراه هو. پر مون ائين نہ ڪيو. مون سمجهو ٿي تہ آئون فيڊرل گورنمينٽ جو ملازم آهيان ۽ هي باقي سڀ سنڌ گورنمينٽ جا ماڻهو آهن. تنهنڪري منهنجو ملڻ انهن سان ضروري ڪونهي. جيڪو بعد ۾ مون محسوس ڪيو تہ اها منهنجي غلطي هئي. ڇو جو ڊپٽي ڪمشنر جي ضلعي ۾ وزير اعليٰ واري حيثيت هوندي آهي. خير نوڪري دوران اسان اهڙيون غلطيون ڪوڙ دفعا ڪيون هونديون.

جيئن مون مٿي لکيو آهي تہ شروع ۾ آئون بدين ۾ ويڳاڻو رهڻ لڳس. منهنجي خيال ۾ اهو انهي ڪري ٿيو جو اسلام آباد جهڙي شهر مان سڌو بدين جهڙي گهٽ ترقي ڪيل شهر ۾ آيس تہ اهو منهنجو پنهنجي پاڻ کي اتي سمائڻ وارو عرصو هو. ٻي حالت ۾ بدين جي ميمڻ برادري سان منهنجو پراڻو لڳ لڳاپو هو. اهو ڏيٺ ويٺ جي حد تائين نہ هو. بلڪ دوستي واري حد تائين هوندو هو. بدين جي غلام قاسم ميمڻ سان منهنجي پراڻي دوستي هوندي هئي. هي انهن ڏينهن جي ڳالهہ آهي جڏهن اسين ٻئي بيروزگار، سچا ۽ پڙپانگ هوندا هئاسين. ڇو جو اسان ٻئي ڇٽي ڪان ڇورا هئاسين، اسان ٻنهي جا والدين هن دنيا مان اسان جي جوان ٿيڻ کان اڳئي ڪوچ ڪري چڪا هئا. بدين اچڻ کان پهريائين قاسم سان منهنجي واقفيت ماتلي ۾ ٿي جيڪا اڳتي وڌي دوستي جي حد تائين پهتي. اهو بہ لکندو هلان تہ اها دوستي سندس ننڍي ڀاءُ غلام قادر ميمڻ جي پويان ٿي. ڪڏهن ڪڏهن ائين ٿيندو هو تہ ماتلي ۾ ڪنهن هوٽل تي چانهہ پيئڻ لاءِ ويهندا هئاسين تہ اسان ٻنهي وٽ پئسا ڪو نہ هوندا هئا، پوءِ ڪو ٽيون دوست اچي اسان جي جان ڇڏائيندو هو. اڳتي هلي قاسم ميمڻ ماتلي ۾ هڪڙي ٻناڻ ڊاڪٽر وٽ ڪمپائونڊر طور نوڪري شروع ڪيائين. هاڻي اسان جي چانهہ پاڻي جو بندو بست ٿي ويو. جيئن هن کي نوڪري ملي تہ مون هن سان ملڻ گهٽ ڪري ڇڏيو. صرف دوست جي نوڪري جي ڪري تہ جيئن واندا اتي گهٽ گڏ ٿيون. متان هن جي نوڪري تي ڪو اثر نہ پوي. پڙهيل لکيل ميمڻن جو تيز ٻار هو سو هي ٿورن ڏينهن ۾

ڊاڪٽر ٿي ويو. پوءِ جڏهن بہ ڊاڪٽر شهر کان ٻاهر هوندو هو تہ هي ڊاڪٽر واري ڪرسي تي ويهي مريض ڏسندو هو. آئون اجا واندو هوندو هوس. بس ائين آواره گردي پيو ڪندو هوس. قاسم ميمڻ ڪي ڊاڪٽر هڪ جڏي موٽر سائيڪل وٺي ڏني هئي، اسپتال جي ڪم ڪار جي لاءِ. جتي چار ماڻهو ڏسندي هئي اتي بند ٿي ويندي هئي. هڪ ڏينهن ماتلي جي اڌ شهر ۾ موٽر سائيڪل بند ٿي ويئي. جڏهن تہ اها موٽر سائيڪل اسٽارٽ ٿيندي هئي سڪي سان. قاسم ميمڻ هميشہ موٽر سائڪل جي لاءِ سڪا ڪيسي ۾ رکندو هو پر اتفاق سان انهي ڏينهن هن ڪي سڪو ڪڍڻ وسري ويو. مون ڪي چيائين تہ "سڪو ڏي تہ موٽر سائيڪل اسٽارٽ ڪريان" جيئن تہ مون وٽ سڪو ڪو نہ هو سو پاسي مان هڪڙو چڱو خاصو اڌڙوٽ عمر وارو همراهہ گذري رهيو هو مون ان ڪي چيو " چا چا چار آنا تہ ڏجان" خبر نہ آهي تہ هو همراهہ ڪهڙي خيالن هو سو هن سمجهيو تہ هي ڇورا پنن ٿا. پوءِ جيڪا هن اسان سان ڪئي جهڙي ٻرڙي ڪئي ٻارن سان. واهہ جون اسان ڪي ست سريون ٻڌايائين. جيڪي هتي لکڻ جي قابل نہ آهن. مون پڪ سمجهيو تہ آهي تہ ڪو ٻروچ جو اسان سان ايترو بد فضيلتو ڳالهايو اٿس. پوءِ پتو لڳو تہ سندس وڏا چانڊڪا پرڳڻي مان سوين سال اڳ هجرت ڪري اتي ڪٿي آسي پاسي ۾ اچي ويٺا هئا.

سو ڳالهہ پئي هلي بدين ۾ بوريت جي، قاسم ميمڻ بہ شادي ڪري پنهنجي ٻارن سانگي اچي بدين ۾ ميڊيڪل اسٽور کوليو هو. سو شام جو منهنجو وقت اتي پيو گذرندو هو. هوڏانهن اشرف صاحب جي ڪري ڊاڪٽر عبدالله سومري سان بہ چڱي خاصي ڏيٺ ويٺ ٿي چڪي هئي. ڊاڪٽر عبدالله سومري وٽ جڏهن بہ وڃبو هو تہ هو ماني کان سواءِ ڪو نہ ڇڏيندو هو. هن مون کي هڪ ڏينهن سٺيي صلاح ڪيائين تہ " توهان آفيسر ماڻهو آهيو ڪٿي پيا هوٽلن تي ڌڪا جهليندا، تنهنڪري توهان جي رات جي ماني منهنجي گهر تيار هوندي. " مون کي لڳو تہ اهي لفظ ڊاڪٽر جي دل مان اڌما ڏيئي نڪتا آهن، انهن لفظن ۾ جيڪو خلوص ۽ پيار هو جنهن جو ذڪر ڪرڻ منهنجي قلم جي وس ۾ نہ آهي. جيڪڏهن ڊاڪٽر جي چيل ٻن لفظن جي خارجي ۽ اندروني احساسن ۽ جذباتن تي لکجي تہ ڪئين ڪاغذ ڪارا ٿي ويندا. هاڻي منهنجي Routine بدلجي وئي. شام جو قاسم ميمڻ جو چانهہ جو چڪو پي رات جي ماني وجي ڊاڪٽر سومري وٽ کائيندو هوس. اڳتي هلي اسان جو قرب ۽ پيار عاشق ۽ معشوق وارو ٿي پيو. آئون 18 گريڊ جو آفيسر ۽ هو ڊاڪٽر. هاڻي ڪير عاشق ٿئي ۽ ڪير معشوق. اهو فيصلو اسان اڄ ڏينهن تائين نہ ڪري

سگهيا آهيون. انهي جو اندازو انهي مان لڳائي سگهجي ٿو تہ جڏهن ڊاڪٽر جي ڪار جو حادثو ٿيو هو ۽ مون کي اسلام آباد ۾ ان جو اطلاع ڏنو پئي ويو تہ منهنجي هٿ مان ٽيليفون جو رسيور ڪري پيو هو. اهو ڇا هو اهو صرف خلوص ۽ پيار هو. جيڪو هن ماڻهو مون کي بدين ۾ ڏنو هو.

هاڻي بدين ۾ ڊاڪٽر عبدالله سومري جي ڪري سندس ٻين ڊاڪٽر دوستن سان پڻ ميل ميلاپ وڌي ويو. مون مٿي ڪٿي اڳئي لکيو آهي تہ منهنجي لاءِ بدين جا ڏينهن بور ۽ بدين جون راتيون رنگين هيون. انهي مان ڪو اهڙو غلط مطلب نہ ورتو گهرجي تہ ڪو رات جو شباب ۽ ڪواب جون محفلون رچنديون هيون. نہ نہ ائين نہ هو جنهن محفل ۾ خالي بوتل رقص ڪندي هجي ۽ دوستن جا وڏا وڏا ٽهڪ هجن تہ اها محفل مدهوش ٿيل انسان ڪان هزار ڀيرا وڌيڪ آهي. آئون تہ اهڙو صوفي لاڪوفي ماڻهو رهيو آهيان. جنهن وٽ پوري زندگي غير مُحرم جو ڪو تصور ئي نہ هجي. سڀني منهنجن دوستن يارن کي خبر آهي تہ آئون ڪهڙي قسم جو ماڻهو آهيان. تڏهن تہ ڊاڪٽر علي محمد کٽي (جنهن جو ذڪر اڳتي ايندو) سچ چوندو آهي تہ " جيڪڏهن آئون حج تي ويس تہ پنهنجو سڀ ڪجهہ نظام لغاري جي حوالي ڪري ويندس. " ۽ هو انهي ڳالهہ کي دليلن سان ثابت بہ ڪندو آهي تہ نظام لغاري صوفي ماڻهو آهي. آئون هتي واضح ڪندو هلان تہ وڏو عرصو اسلام آباد جهڙي شهر ۾ رهڻ جي باوجود مون ڪنهن بہ اهڙي شيءَ کي هٿ نہ لاتو آهي، جنهن جي منهنجي ضمير مون کي اجازت نہ ڏني هجي. باقي انساني آزادي جو وڏو حامي رهيو آهيان. منهنجي نظر ۾ شباب ۽ ڪباب ڪو غلط ڪونهي. هي اسان جا ديني عالم سڳورا چون ٿا تہ شراب حرام آهي، زنا حرام آهي ۽ اهي ٻئي طرف ڳالهہ ڪن ٿا تہ بهشت ۾ ٻئي شيون توهان لاءِ حلال آهن ۽ توهان وٽ هونديون، ڪيڏو نہ ٻٽو معيار آهي. اجا اڳتي اخلاق جا سڀ ليڪا لتاڙي غلمان پڻ بهشت ۾ ڏيئي ڇڏيا اٿن. مولانا غلام محمد گرامي پنهنجي مقالي " مشرقي شاعري جا فني قد ۽ رجحانات" ۾ لکي ٿو" قرآن جو انداز بيان بہ اجمال تي مشتمل آهي. قرآن جي پيش ڪيل بهشت ۽ ان جي نعمتن کي رمز ۽ ڪنايي جو حسين ترين انداز بيان سڏي سگهجي ٿو. اتي نہ حورن ۽ غلمانن جو ڪو شهوت انگيز تصور آهي ۽ نہ ڪو جنسياتي رد عمل". منهنجي استبدي ٻڌائي ٿي تہ هنن جي خودڪش حملي آور تيار ڪرڻ ۾ انهن ئي ڇئن شين جهڙوڪ بهشت، شراب، حورن ۽ غلمانن جو واضح ۽ انهن جي پُر اثر پيش ڪش ئي نوجوان ڇوڪرن کي آمادہ ڪري ٿي، جيڪي پنهنجي پاڻ کي

مارڻ جي لاءِ تيار ٿي وڃن ٿا. اڪثر خودڪش حملي آور سڀ نابالغ ڇوڪرا هوندا آهن ۽ انهن هڪ ڪتاب کان سواءِ ٻيو ڪجهه پڙهيو ٻه نه هوندو آهي.

مون مٿي لکيو آهي ته بدين جي راتين ۾ ڏينهن جا ايترا احوال آهن جو انهي تي الڳ ڪتاب لکي سگهجي ٿو. هتي آئون پنهنجي اڍائي سال جي دور کي چند صفحن ۾ سمائڻ جي ڪوشش ڪندس. جيڪڏهن آئون رڳو هڪڙي ڪچهري جو سربستو احوال لکان ته هن ڪتاب تي، فحاشي، لادينيت، اخلاق کان ڪريل ۽ خبر نه آهي ته ٻيا ڪيترا الزام لڳندا. ڊاڪٽر عبدالله سومري جي ڪري جن ٻين دوستن سان ملاقات کان پوءِ دوستي وارو رستو قائم ٿيو انهن ۾ هئا، ڊاڪٽر علي محمد ڪٽي، جنهن جو تعلق ڪڍڻ شهر سان آهي، ڊاڪٽر علي نواز پوٽ جيڪو ڪلوئي ٿر جو رهندڙ آهي. سيئي ڊاڪٽر سيئي پڙهيل لکيل ۽ سلجهيل سمجهيل. آئون خوني رشتن جو ايترو قائل نه آهيان جيترو روحاني رشتن جو. ڇو جو منهنجي نظر ۾ روحاني رشتن ۾ برداشت جو مادو وڏيڪ هوندو آهي، بمقابل خوني رشتن جي. آئون جيڪڏهن هن ڪتاب ۾ ڪنهن دوست جي خلاف ڪا ڳالهه لکي ڇڏيان ته يقينن هو مون کي ڪجهه ٻه نه چوندو. پر جيڪڏهن ڪنهن مائٽ جي طبيعت جي برعڪس ڪجهه لکجي ويو ته منهنجي باقي زندگي حرام ٿي ويندي. اسان جو هڪڙو مائٽ هوندو هو هاڻي اهو الله کي پيارو ٿي ويو آهي، اهو هميشه مائٽن جي شادي ۾ ڪاوڙيو وينو هوندو هو پوءِ پلاند پٽڪا ٿيندا، آخر ۾ نياڻيون ميڙ ٿينديون ان کان پوءِ وڃي همراهه پٽ ڪائڻ تي راضي ٿيندو. ڳالهه ۾ وري ڪجهه ٻه ڪو نه هوندو هو. فلاڻي مائٽ مون کي ڇانهه جي صلاح ڪا نه ڪئي، تنهنڪري ان کي پٽ مان ڪيو. هاڻي اسان ٻروچ ڪجهه پڙهي لکي پيا آهيون، پر اڄ کان 50 سال اڳ ڪو حال ڪو نه هوندو هو. سڪر بيراج جي وهڻ کان پوءِ سنڌي سماج جي نئين سر جوڙجڪ ٿي ته اسين لاڙ وارا ٻروچ سڌري ويا سين. اسان جي پاسي شيخ پرڪيي جي ميلي تي ڪي اسان جا مائٽ ميلو گهمڻ ويا. سو عطر وارو وڏا هوڪا ڏئي عطر جي وڏي تعريف ڪري رهيو هو. سو همراهه عطر وٺي ڪنهن ڪنڊ ۾ ان کي ڪائڻ ويهي رهيو. مٿان وري ٻيو اسان جو مائٽ عقل جو اڪابر جنهن هن کي ڏٺو ته عطر ائين رکو وينو ڪائي، سو هن کي چيائين ته” ڇريا عطر رکو ٿورئي ڪائبو آهي، هي ماني سان ڪائبو آهي”. ياد رهي ته هي مون پنهنجي مائٽن جو قصو لکيو آهي، سنڌ ۾ ٻروچ گهڻا آهن مٿان ڪو پنهنجي پاڻ ڏانهن سمجهي.

سنڌ ۾ يوڳ ڇرچي ۽ مسخري جو ٻه هڪ الڳ ڪلچر موجود آهي. ڪجهه وقت اڳ شادين مرادين تي ڇرچاين کي خاص گهرايو ويندو هو. اسان

جي لاڙ پٽ ۾ ويجهي ماضي ۾ قادر بخش عرف قادو شيدي، ميرو گشڪوري، ملڻ اونو ۽ نٿو ڪهيري خاص وڏين وڏين شادين تي گهرايا ويندا هئا. هونئن ٻه پاڻ ڏڪارو رهي ٻئي ڪي ڪلائڻ ڏاڍو ڏکيو آهي. افسوس جو انهي فن جو قدر نه هئڻ سبب اڄ اسان جي اڪثر سنڌي ماڻهن کي خبر ڪونهي ته اهي ٻه ڪردار هئا. جيڪي ڪجهه گهڙين لاءِ صحيح پر درد وندن جا درد ختم ڪري انهن جي منهن تي خوشيون ئي خوشيون پکيڙي ڇڏيندا هئا. انهن چرچن سان گڏ ڪيڏي ڪيڏي مهل هلڪي ڦلڪي گار گند به ٿي ويندي هئي. يوڳ چرچو ۽ گار گند سنڌي ادب جي هڪ الڳ صنف هئڻ گهرجي، پر اسان جو پڙهيل لکيل طبقو جنهن جو ادب سان تعلق آهي. اهو هن صنف ۾ ڪم ڪرڻ لاءِ تيار ڪونهي. تنهنڪري ادب جي اها شاخ ايتري ترقي نه ڪري سگهي آهي جيترو ادب جي ٻين شين ۾ واڌارو ٿيو آهي. تعجب جي ڳالهه اها آهي جو مون سنڌ ۾ هڪ ٻن پبلشرن کان معلوم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ته "سنڌي ۾ ڪو گارين تي ڪتاب ڇپيل آهي؟" افسوس جو ڪٿان به مون کي هاڪاري جواب ڪو نه مليو. سوال اهو آهي ته مواد به ملي ويندو ۽ ڪتاب به لکي سگهجي ٿو پر ان کي پڙهندو ڪير. منهنجي خيال ۾ اهڙي قسم جي ڪتاب جي وڏي ريڊرشپ ٿيندي . پر وقت جي سرڪار جيڪا مذهب جي رنگ ۾ رنگيل آهي اها انهي کي برداشت نه ڪري سگهندي؟. مون جيڪي ٻه چار ڪتاب انهي موضوع تي پڙهيا آهن انهن ۾ پير علي محمد راشدي جو ڪتاب " اهي ڏينهن اهي شينهن " ۽ سندس ننڍي ڀاءُ پير حسام الدين راشدي جو ڪتاب " اهي ڏوٿي اهي ڏينهن" جن ۾ انهي عنوان تي ٿورو گهڻو مواد ملي ٿو.

سنڌ جو مهان ڏاهو علي احمد بروهي پنهنجي ڪتاب " چام، چاموٽ، چامڙا" ۾ لکي ٿو ته " دراصل گار ڏيڻ هڪ وڏو فن آهي ۽ ان فن جا ماهر مون گهڻا ڏٺا، مري ويندا پر ڪچي ڦڪي، ٻاڙي يا اگهاڙي گار مور نه ڏيندا. گار ڏيندا ته سُرائتي ۽ سُريلي، جنهن ۾ ٻڌندڙ کي سرور پيو ايندو. " هو صاحب سنڌ جي ٻن وڏن ليڊرن جنهن ۾ مرحوم غلام محمد ۽ مرحوم دين محمد ٻئي سنڌ جا گورنر هئا. پهرين کي عظيم ۽ ٻئي کي غليظ گاريل سڏي ٿو. فضل الله قريشي جو ڪتاب" ڪجهه ڳالهيون ڪجهه يادون" پڙهڻ مان معلوم ٿيندو ته سنڌ جو هڪ وزير اعليٰ پڻ ان فن جو ماهر هو.

مون ڪٿي اڳ ۾ اهو لکيو به آهي ته اسان جي لاڙ پٽ ۾ گار ڏيڻ، گار ٻڌڻ ۽ ان کي برداشت ڪرڻ جو وڏو ڪلچر رهيو آهي. ڪجهه وقت اڳ جڏهن شادي هال جو ڪلچر اڃا ڪو نه پيو هو شاديون ڳوٺن ۾ شاميانا هڻي پورۍ ڪيون ويندو هيون. تڏهن اسان جي لاڙ پٽ ۾ تقريبن هر شادي ۾ راڳ

رنگ جي محفل ضرور هوندي هئي. راڳ ختم ٿيڻ کان پوءِ لائوڊ اسپيڪر وغيره بند ٿي ويندا هئا. پوءِ موجود ماڻهن کي ٻن حصن ۾ تقسيم ڪيو ويندو هو ۽ گارين جو مقابلو شروع ٿي ويندو هو. انهي ۾ خاص گاريال گهرايا ويندا هئا، هو گاريون ڏيندا هئا ۽ تماشبين کلڻ ۾ پورا. پوءِ جنهن جي گار سنڌائتي،سُريلي ۽ سٺي هوندي هئي ان کي انعام ملندو هو. اهي گاريون سريليون هونديون هيون، ٻي سريون گاريون ته زميندار هارين کي ٿا ڏين، ٽاٽي وارا چورَ ۽ پاڳئي ٻنهي کي ٿا ڏين. اهو گارين جو سلسلو رڳو انهن گارين ڏيڻ وارن تائين محدود ڪو نه هوندو هو پر ٿورو اڳتي هلي، مينهن جو رخ ڦري ٻڌڻ وارن ۽ کلڻ وارن تي وسڻ شروع ٿي ويندو هو. مطلب ته انهي راند مان سڀئي پيا فيضياب ٿيندا هئا. شادي جو مالڪ جيڪڏهن ڪنهن ٻاهر جي آيل مهمان جي خاص پارت ڪندو هو ته انهن کي گاريون ناهن ڏيٽيون، بس گارين ۾ خاص مهمان کليو نه آهي ته گارين جو وسڪارو اوڏنهن شروع ٿي ويندو. پر هر ڳالهه ۾ سهپ ۽ برداشت هئي. جنهن کي ڳالهه نه وڻندي هئي اهو اٿيو هليو ويندو هو.

چا ڪجي قلم آهي اگهاڙو. دنيا جي ڪنهن به ڪنڊ ۾ قلم کي ڪپڙا پهريل نه ٻڌو نه ڏٺو. بس اهي ڳالهيون اتي ڇتيون وري اچون ٿا بدين تي. اهو ته آئون اڳئي ذڪر ڪري آيو آهيان ته جيئن ئي اسلام آباد مان بدلي ٿي بدين آيس تي هنن ڊاڪٽر جي هٿين چڙهي ويس. هي لياقت ميڊيڪل ڪاليج مان هڪ نه پر ٻه ڊگريون وٺي آيا هئا. هڪ ته هئي MBBS واري ڊگري، جڏهن ته ٻئي هُئي گارين ٻڌڻ ۽ ڏيڻ ۾ پڻ ڪافي پڙ تي آيا هئا. مون کي لڳي ٿو ته انهي ۾ هنن پوسٽ گريجوئيٽس ڪئي هوندي. ڏينهن جو ته هي سڀ جا سڀ ڊاڪٽر هئا ها البت رات جو هڪ مخصوص هلڪو ماڻهن جو هوندو هو انهي ۾ هي هڪ ٻئي کي ست سريون ٻڌايندا به هئا ته ڳائيندا به هئا. ڊاڪٽر عبدالله سومرو جنهن سان منهنجي دوستي گهري گهاٽي ٿي وئي هئي. هو نه پيو چاهي ته ڪو آئون انهي گنگا ۾ وهنجان، پر "جيڪا درياهه ڪناري ڪُڏي سا اڄ نه پُڏي سيان پُڏي". هڪ ڏينهن مون عبدالله کي چيو ته اڄ هل ته هلون ڪيڻ ڊاڪٽر علي محمد ڪٽي کان ڪجهه ٻڌون ۽ ڪجهه ڪيس ٻڌايون. ڊاڪٽر مون کي ڪافي سمجهايو پر "ڳوهه کي ڪٽي ڪٽي ڇُهڙي جو گهر ڳولي" آئون هن جي ڪا ڳالهه ٻڌڻ لاءِ تيار ئي ڪو نه هوس. مون سرڪاري گاڏي ۾ جلال چانڊيو جي ڪيسٽ لڳائي ۽ اسين وڃي ڪيڻ پهتاسين. مون ٿوري گهٽي هلڪي ڦلڪي موسيقي وڄائي پر ان ۾ ڪو اثر ڪو نه هو. چو جو مون وارو راڳ لڳو ئي ڪو نه. ڊاڪٽر علي اسان کي سندس اسپتال تي وهڻ ئي ڪو نه ڏنو چو

جو سندس اتي مريض وينا هئا، انهن ئي پيرن اسان وري جيپ ۾ چڙهياسين. جيئن اسان ڪيڻ شهر مان ٻاهر نڪتاسين هن اسٽيئو ڪنڊ مان ڪيڊي ان کي يڪتارو ٺاهيائين ۽ ونئي ڪٺي قوالي شروع ڪيائين. جيئن پير علي محمد راشدي پنهنجي ڪتاب ۾ ڄاڻايو آهي تہ مارواڙي مايو هٿن جي اشارن سان ۽ ناچ ڳائي سان مخصوص قسم جا سهرا ڳائينديون هيون. تيئن ڊاڪٽر علي قوالي سان گڏ ڊانس بہ شروع ڪري ڏني. اهي اهڙيون تہ سُرائتيون، سنڌائتيون ۽ لئي ۾ بيهي ويون. انهي سان گڏ ڊاڪٽر علي ڪٿي سُرن جا نالا پڻ ٻڌائيندو هلي تہ هي مالڪوس اٿئي، هي پيروي اٿئي. آخر ۾ جڏهن راڻو چيائين تہ مون کان ڊرائيونگ ڇڏائجي وئي، هاڻي اسان ڪلون يا آئون گاڏي هلايان. ڪلندي ڪلندي باقاعدي مون کي التيون شروع ٿي ويون. مون زندگي ۾ اهڙيون ست سريون ڪڏهن ٻڌيون ئي ڪو نہ هيون. سو طبيعت خراب ٿي پئي، ٿي چار ڏينهن آئون بيمار هوس. اهي ڏينهن اهي شينهن مون غليظ گار ڏيڻ کان پاڻ پاسو ڪيو. گار جو هڪ اصول آهي تہ جيڪڏهن گار تي ڪو بہ ڪليو نہ تہ اها گار وائي فائي ٿي وئي، انهي جو اثر ختم. اڳتي هلي اسان طريقہ واردات تبديل ڪئي هئي. ڊاڪٽر علي کي ڪٿي ڪنهن ٻئي دوست وٽ مهمان ڪري وٺي ويندا هئاسين، ان علائقي جي سٺي گاريال کي پئسن تي هائر ڪندا هئاسين، هن واري ڳالهہ تي اسان ڪلندا ئي ڪو نہ هئاسين. ڊاڪٽر علي سان هڪڙو مسئلو اهو هوندو هو تہ هن کي جيڪڏهن ڪا سنڌائتي پئجي ويندي هئي تہ ٽرڙي ڪڪڙ وانگر ڪنڌ ڇڏي ڏيندو هو. صفا محفل ڇڏي اتي يجندو هو. هاڻي 40 ڪلو ميٽر اسان شهر کان پري وينا هجون، رات جو آڌي جو ٽائيم، پوءِ هن کي زوري جيپ ۾ وجهي شهر ڪٺي ايندا هئاسين، ڪٿ تي ڪو نہ سمهندو هو. مريضن واري اسٽريچر تي پيو هوندو هو صبح جو ناشتي ڪرڻ کان سواءِ بس تي چڙهي پجي ويندو هو. اهو ڪاوڙ ۽ ناراضگي جو پيرڊ اٺ ڏينهن هلندو هو. انهي وچ ۾ هر قسم جو رابطو ختم. پوءِ اسان جو ناه ازخود ٿي ويندو هو يا هو بدين ايندو هو يا آئون سرڪاري جيپ ۾ بدين ڪٺي ايندو هو مانس. اهڙو ملاڪڙو اسان جو سال ۾ ٽي يا چار دفعا ٿيندو هو. ڊاڪٽر علي جي هڪڙي سٺي عادت اها بہ هئي تہ هن ماٺهو کي مون ڪڏهن بہ پريشان نہ ڏٺو سدائين ڪلندو ۽ ڪلائنيدو رهندو هو. هڪ دفعي منهنجي ڳوٺ گلاب لغاري ۾ اسان ڪچهري رکي. منهنجو ڳوٺ ڊسٽرڪٽ هيڊڪوائٽر کان 100 ڪلو ميٽر پري آهي، اتي منهجو دوست آهي K_2 (پريم چند) جنهن جو مٿي ڪافي ذڪر ٿي چڪو آهي، اهو بہ مڙئي هلي ڦلڪي موسيقي ڪندو آهي. انهي کي مون تيار ڪري ڇڏيو تہ اڄ ڊاڪٽر علي جي هلڪي ڦلڪي توڪي

ڪرڻي آهي. اصل ۾ گار تي جيڪڏهن ڪو ڪليو نہ تہ انهي جو ڪو اثر نہ ٿيندو. علي جي عادت هوندي هئي تہ هروڀرو هٿ چراند ڪندو هو. علي جيڪا ڳالهہ ڪري ان تي اسان ڪلون ئي نہ. جڏهن تہ K_2 ائين ڪا ڳالهہ ڪري جنهن ۾ ڪنهن بہ قسم جي گار گند نہ هجي پر هرو پرو اچيو ڪلون ۽ اسان سڀ جا سڀ وڏا وڏا ٺهڪ ڏيون. ائين اسان هن کي ٻاري مان ٻاهر ڪڍي ڇڏيو. انهي دفعي بہ اسان هن کي اهڙو چٽو ڪيو جو پوءِ ڪنهن مريض جي ڪيسي ۾ K_2 سگريٽن جو پئڪٽ پيل ڏسندو هو تہ ان کي ڏسندو ئي ڪو نہ هو. ان کي چوندو هو تہ تنهنجي مون وٽ دوا درمل ڪا نہ آهي. منهنجي خيال ۾ ڊاڪٽر علي محمد ڪٽي هن دور جو عظيم انسان آهي. جيڪو پاڻ پهاڙ ڏکن ۽ غمن جا بار مٿي تي کڻي ٻين کي کلائيندو آهي. اندازو ڪريو سندس 22 سالن جو نوجوان پٽ هن دنيا مان هليو ويو. هڪ پيءُ جي مٿان ڇا گذريو هوندو. تازو هي جڏهن اسلام آباد آيو تہ مون کي چيائين تہ "آئون اندر ۾ پڄي پري پيو آهيان پر اوهين دوست مون سان کلي ڳالهايو ٿا تنهنڪري آئون زندهہ آهيان"

اسان جي لاڙ پٽ جي معاشي ۽ سماجي حالت جي سڌرڻ ۽ نہ سڌرڻ جا ڪيترائي سبب بہ آهن تہ انهي جي تاريخ بہ ڊگهي آهي . آئون 1972 ۾ جڏهن بدين ۾ مئٽرڪ جو امتحان ڏيڻ آيو هوس. ان زماني ۾ بدين، حيدرآباد ضلعي جو هڪ تعلقو هو. ان ڪان پوءِ جلدي پيپلز پارٽي جي حڪومت ان کي ضلعي جو درجو ڏنو. هاڻي جڏنهن آئون 22 سالن ڪان پوءِ بدين ۾ نوڪري ڪرڻ آيس، مون کي ڪا بہ شيءَ بدليل نظر ڪا نہ آئي، سواءِ ڪجهہ سرڪاري آفيسن جي بلڊنگن جي. اهو ئي هاءِ اسڪول جنهن ۾ اسان امتحان ڏنو جيڪو هاڻي ٻارن جي ويهڻ جي قابل نہ رهيو هو. اڄ 2017 ع ۾ جيڪڏهن بدين جو انگن اکرن سان جائزو وٺجي تہ غربت ۾ بدين آخري نمبرن تي، پڙهائي جو ريشو بدين آخري نمبرن ۾، انساني وسيلن جي ترقي ۾ بدين صفا پوئتي، روڊ رستن جي اها حالت جيڪا 50 سال اڳ هئي، مالي وسيلن ۾ بدين تيل ۽ گيس ۾ شاهوڪار. هڪ اندازي مطابق هن وقت بدين ۾ 58 غير سرڪاري تنظيمون ڪم ڪري رهيون آهن. سماجي توڙي معاشي طرح بدين کي جيڪا ترقي ڪرڻ کپندي هئي اها نہ ڪري سگهيو آهي. پاپوليشن جي بم گولي جي ڪري ڳوٺ وڏي، شهر ٿي ويا پر بدين پنهنجي پيل شهر ئي رهيو. جتي وڌندڙ آبادي جا نقصان آهن اُتي ان جا ڪجهہ فائدا بہ آهن. شرط اهو آهي تہ ان ملڪ جون اقتصادي توڙي سياسي پاليسيون اهڙيون هئڻ گهرجن جو تيزي سان وڌندڙ آبادي مان هاڪاري فائدا وٺي سگهجن. دنيا ۾ بہ اهڙا ملڪ

آهن جن پنهنجي پاپوليشن مان ڀرپور فائدو ورتو آهي. هڪ چين ٻيو سنگاپور. سنگاپور جي ٽوٽل ايراضي آهي فقط 725 سئو چورس ڪلوميٽر. ان جي مقابلي ۾ صرف اسلام آباد جي ٽوٽل پڪيڄ 900 سئو چورس ڪلو ميٽر آهي. ان وٽ ڪا معدنيات ڪونهي، ڪا زراعت ڪانهي، پيئڻ لاءِ پاڻي ڪونهي، وڏن وڏن ڪارخانن لڳائڻ لاءِ زمين ڪونهي. ڪمائي جو ذريعو صرف بندر گاهہ آهي. هاڻي ڀيٽ ڪريو پاڪستان وٽ پرڏيهي ناڻي جا ذخيرا آهن 21 اٽڪل بلين ڊالر، جڏهن تہ سنگاپور وٽ اندازن 300 بلين ڊالرن جي لڳ ڀڳ آهن. سنگاپور جو تفصيلي ذڪر هن ڪتاب ۾ اڳيان ايندو. ڇو جو اتي بہ منهنجو هڪ دل گهريو دوست رهندو آهي ۽ آئون هڪ دفعو اتان ٿي بہ آيو آهيان.

جتي بدين جو ذڪر اچي، اتي ڊاڪٽر عبدالله سومري ۽ ڊاڪٽر علي محمد ڪتي کان سواءِ ڊاڪٽر عبدالعليم پنهور ۽ ڊاڪٽر علي نواز پوٽ جو ذڪر نہ اچي تہ ڳالهہ ٻُسي ٻُسي پئي لڳندي. آئون اڳئي اهو ذڪر ڪري آيو آهيان تہ مون سان ڊاڪٽر علي هڪڙو ملاڪڙو ڪيو تہ مون بس ڪئي. اهڙيون محفلون اسان ڊاڪٽر عبدالله جي بدين واري اوطاق تي ڪو نہ ڪندا هئاسين، ڇو جو هو صاحب هڪ تہ بدين جي معززين ۾ ڳڻيو وڃي ٿو. ٻيو بدين ۾ سومرن جي وڏي برادري رهندي آهي. اسان سڀ پڙهيل لکيل، ڇڙا ڇنبا، نامي گرامي، سو اهي بار پوندا هئا يا ڊاڪٽر عليم پنهور تي ڪورواهہ ۾، يا ڊاڪٽر نواز پوٽ وٽ ٽنڊي ۾. آئون ڊاڪٽر نواز جي ڳوٺ ڪي وڌيڪ پسند ڪندو هوس. سيئي دوست منهنجي مرضي کي مان ڏيندا هئا. ڊاڪٽر نواز آهي تہ انهن جي ڀاري جو ماڻهو پر انهن کان ٿورو مختلف آهي. سنڌي ادب بہ سنو پڙهيل اٿس، ادبي ذوق شوق پڻ رکندو آهي، پٽائي، شيخ اياز ۽ امر جليل کي سنو پڙهيو اٿس. جڏهن بہ ٽنڊي وڃبو هو تہ خاص ڪچهري ڪان پوءِ اسان جي پاڻ ۾ ادب تي سٺي خيالن جي ڏي وٺ ٿيندي هئي. ڊاڪٽر علي ڪتي بي ادب ماڻهو جنهن کي سنڌي ادب پاسو ڏيئي بہ ڪو نہ گذريو هو. سو ٻيو بور ٿيندو هو. نيٺ وچ ۾ پئي رنگ ۾ ڀنگ وجهي ڇڏيندو هو اسان جي ادبي ڪچهري اچي پٽ تي پوندي هئي. خاص ڪري مون کي ڪاوڙ ڏاڍي ايندي هئي پر علي کي سڀ گناهہ معاف. اتي وري ڊاڪٽر علي جي مهماني جي ڪري خاص ڊاڪٽر نواز ٽنڊي جي بس جو ڪو ڪنڊيڪٽر هن لاءِ مسواڙ تي وٺي ايندو هو. جيڪو مارواڙي ٻولي ۾ علي ڪتي کي راسوڙن ۾ اهڙيون ست سريون ٻڌائيندو هو جو کلي کلي ڪيرا ٿي پوندا هئاسين. اتفاق سان ڊاڪٽر کي ڪا ڏکي پئجي ويندي هئي تہ ٽرڙي ڪڪڙ وانگر ڪنڌ ڇڏي ڏيندو هو پوءِ اها سرڪاري جيپ ۽ اسان ڪٽي اچي

بدين ڦٽو ڪندا هئاسين. اٿ ڏينهن ڊاڪٽر علي عدت ۾ ويٺو هوندو هو. وري ساڳي ماني ساڳ سان. ان ڪان سواءِ هڪ اڌ ڪچهري غلام الله جروار جي ڳوٺ ۾ پڻ منعقد ٿي هئي، جروار صاحب بہ زبان جو چوٽ آهي، پر علي ڪٿي ڪجهہ سرس آهي. پر وري جڏهن ڊاڪٽر نواز پوٽ ۽ ڊاڪٽر عبدالله سومرو ڦيرو ڪائي ويندا هئا تہ ڊاڪٽر علي ڪٿي سان زيادتي ٿي پوندي هئي، وري بہ انهي ڪي ڪٽڻو مون ڪي ئي پوندو هو.

## محمد علي نوناري

هي انهن ڏينهن جي ڳالهه آهي جڏهن لاڙ سنڌ ۾ گرمين جا چاليها پنهنجن پوين پساهن ۾ هئا. ڏينهن ڪجهه گرم ته رات محبوب جي گلابي چپن وانگر ٿڌڙي ۽ منڙي ٿي لڳي. انب به ڪٿي ڪٿي مارڪيٽ ۾ ايڪڙ ٻيڪڙ نظر ٿي آيا. ميڙن ڪڏهن تڪيون ۽ منيون لوليون ٿي ٻڌايون. منهنجي خيال ۾ اهي سال 1995 ع جا پڇاڙڪا مهينا هئا. آئون هنن ڊاڪٽر دوستن جي چنبي ۾ چڱي طرح قابو ٿي چڪو هوس. جنهن جو ذڪر اڳ اچي چڪو آهي. منهنجو روز جو معمول هوندو هو ته شام جو آفيس ختم ڪري ڊاڪٽر عبدالله سومري وٽ هليو ويندو هوس. جنهن جو گهر ۽ ڪلينڪ ڪوسڪي روڊ تي اجا تائين آهي. هاڻي سرڪاري گاڏي آئون پاڻ هلائيندو هوس. شهر مان رش کان بچڻ خاطر آئون هميشه حيدر آباد تندو باگو باءِ پاس روڊ استعمال ڪندو هوس. جڏهن ته بدين چانوٽي پڻ انهي روڊ تي پوندي آهي. مون کي خبر نه هئي ته اتي آرمي وارن جو ڪو ڪاليج به آهي. سو جيئن آئون شهر طرف ايندو هوس ته ڪاليج وٽ ڪافي ڇوڪرا لفٽ وٺڻ جي ڪوشش ڪندا هئا. ياد رهي ته اسلام آباد ۾ لفٽ ڏيڻ ۽ وٺڻ جو وڏو رواج آهي. آئون به ته اسلام آباد مان بدين ويل هوس سو مون به ماڻهن کي لفٽون ڏيڻ شروع ڪيون. پر انهي دوران مون سان هڪ واقعو پيش اچي چڪو هو. ٿيو ائين جو ڳوٺان آيس پي ته سعيد پور ڪاليج جي ڇوڪرن تلهار اچڻ جي لاءِ مون کان لفٽ ورتي. هنن ڇورن ڇا ڪيو جو جيپ ۾ پويان پيل پاڻي جو ڪولر پاڻ ۾ مشڪريون ڪري هاري ڇڏيائون. مون به پهه ڪيو ته اڳتي لاءِ ڪنهن شاگرد کي لفٽ ڪا نه ڏبي. جڏهن ته منهنجو به هر روز انهي ساڳئي ڪوسڪي روڊ اتان لنگهڻ ٿيندو هو. آرمي ڪاليج جي هاسٽل جا شاگرد به هر روز لفٽ وٺڻ لاءِ موجود هوندا هئا. آئون اڪثر ڪري جيپ کي بغير ڪنهن بريڪ هڻڻ جي اُتان نڪتو هليو ويندو هوس. پر ڪڏهن ڪڏهن هڪ به شاگرد ڏسي آئون انهن کي گاڏي ۾ ڪڻندو به هوس. هڪ ڏينهن اهڙو آيو جو مون هڪ يا ٻن شاگردن کي لفٽ ڏني هئي. جيتريقدر مون کي ياد پوي ٿو ته انهن مان هڪ انهن جو دوست بيمار هو. هنن مون کان ڪنهن ڊاڪٽر جو پڇيو هو. آئون هنن کي سڌو ڊاڪٽر عبدالله جي ڪلينڪ تي وٺي آيس ۽ ڊاڪٽر منهنجي ڪري هن شاگرد کان ڪنهن به قسم جي دوا درمل جا پئسا ڪو نه ورتا هئا. تعارف ڪرائڻ تي معلوم ٿيو ته هڪ جو تعلق بدين ضلعي جي ڪنهن پاڙيسري

ضلعي سان آهي، جڏهن تہ محمد علي نوناري جو واسطو لاڙڪاڻي سان هو. تنهنڪري هن کي پرديسي ۾ پري واري ضلعي لاڙڪاڻي جو رهائشي هئڻ جي ڪري هن ڏانهن منهنجون همدرديون وڌي ويون. آئون هنن کي واپس ڊاڪٽر جي اسپتال کان هاسٽل تي ڇڏي آيس ۾ هن مون کان منهنجو وزيٽنگ ڪارڊ وٺي ڇڏيو. ائين هڪ ٻن ڏينهن کان پوءِ هي مون وٽ آفيس پهچي ويو. جيئن تہ آئون اتي جو لوڪل هوس ۽ هن جو تعلق لاڙڪاڻي سان هو سو منهنجو فرض ٿي ٿيو تہ محمد علي سان سٺي نموني پيش اچان. جڏهن اسان جي باقائدگي سان منهنجي آفيس ۾ پهرين ملاقات ٿي تہ مون هڪ قسم جو هن تي ناراضپو ڏيکاريو هو ۽ ڪائنس پڇيو هوم تہ " لاڙڪاڻو ڇڏي توهان بدين ڇو پڙهڻ آيا آهيو ؟" منهنجو مطلب هو تہ هن کي بدين نہ اچڻ گهربو هو. پر هن وٽ مون کي ڏيڻ جي لاءِ ڪو بہ جواب ڪو نہ هو. جڏهن اسان جي دوستي هڪ اهڙي ليول تي پهتي جتي هن جو مون تي اعتماد وڌي ويو تہ پوءِ مون هن جي پڙهائي ۾ دلچسپي وٺڻ شروع ڪئي هئي. هن سان جڏهن بہ ملاقات ٿيندي هئي تہ آئون هر سبجيڪٽ تي هن کان الڳ الڳ پڇاڻو ڪندو هوس تہ هن هفتي هن ڇا پڙهيو آهي. هڪ دفعي آئون هن سان اهڙو سخت ٿي ويو هوس جو آفيس ۾ ايئر ڪنڊيشنڊ هليو پئي پر هن کي لاڙڪاڻي واري گرمي ياد اچي ويئي هئي. انهي ڏينهن مون کي احساس ٿيو هو تہ مون هن سان زيادتي ڪئي آهي. اهو پهريون ڏينهن هو جڏهن اسان گڏجي وڃي ماني کاڌي هئي. ياد رهي تہ اسان جي عمرين ۾ وڏو فرق هو. ان زماني ۾ هي فرسٽ ايئر جو شاگرد ۽ آئون 18 گريڊ جو ضلعي جو آفيسر هوس. پر هن جي اخلاق ۽ سندس ڳالهائڻ ٻولهائڻ جي انداز مون کي ڪافي متاثر ڪيو. خير سندس صورت تي آئون ڪو تبصرو ڪو نہ ٿو ڪريان، جنهن کي ڏسڻو هجي تہ هينئر ڏسي سگهي ٿو. پر سيرت هن جي ڪمال جي هئي، هن ڪڏهن بہ مون سان ائين حُجائتي انداز ۾ نہ ڳالهايو. هن جي ڳالهائڻ جو انداز هميشہ سنجيدگي وارو هوندو هو. ائين اسان ٿورن ڏينهن ۾ گهرا گهاٽا ٿي وياسين. اسان جو گهڻو ويجهو اچڻ جو هڪ ٻيو واقعو بہ هو. هڪ ڏينهن آئون هن جي هاسٽل تي ويس، پتو لڳو تہ محمد علي نوناري صاحب ٽن ڏينهن جي چلي تي تبليغي جماعت سان گڏ ڪنهن مسجد ۾ ويل آهي. مون کي اهو ٻڌي سخت ڪاوڙ بہ آئي ۽ مايوسي بہ ٿي، ڇو جو آئون انهي جنس جي سخت خلاف آهيان. مون کي اتي ئي ڪنهن شاگرد انهي مسجد جو پتو ڏيئي ڇڏيو هو. جيڪو انهي مسجد مان اڳئي تبليغين کان پڇي آيو هو. انهي جي ڏس ڏيڻ تي ائين آئون انهي مسجد تي پهچي ويو هوس، جتي محمد علي تبليغين سان رهيل هو. محمد علي نوناري ۾ هڪ سٺي عادت اها

آهي جو هو منهنجي اڳيان ڪنهن بہ قسم جو بحث مباحثو يا مزاحمت وغيرہ نہ ڪندو هو، نہ ئي وري اڄ بہ ڪندو آهي. مون هن کي چيو تہ ”هل تہ هاسٽل تي هلون“ هي بغير ڪنهن چوڻ آکڻ جي ۽ ڪنهن اڻ ڏٺي دوزخ جي ڊپ کان تبليغين کي ڇڏي مسجد مان نڪتو مون سان گڏ هاسٽل تي هليو آيو هو.

هاڻي هن جي واقفيت منهنجن ڊاڪٽر دوستن سان بہ ٿيڻ لڳي. انهن جي باري ۾ آئون گهڻو ڪجهہ مٿي لکي آيو آهيان، هتي وري لکڻ ورجاءُ ٿيندو. اسان جون اڪثر ڪچهريون جيڪي ڊاڪٽر نواز جي ڳوٺ ڪلوئي ۾ ٿينديون هنيون انهن مان هڪ ٻن ۾ محمد علي بہ شامل ٿيو هو. انهي جو ذڪر هتي لکڻ طوالت ٿيندي، اهي تفصيل آئون محمد علي نوناري تي ڇڏيان ٿو، هو جڏهن بہ پنهنجي درد ڪٿا لکندو تہ انهي ۾ تفصيل لکي ڇڏيندو. محمد علي کي بدين ڇڏڻ کان پهريائين مون هن کي پڙهائي متعلق هڪ گائيڊ لائين ڏاهي ڏني هئي ۽ هي پڙهائي جي آخري سال تائين انهي لائين تي هلندو رهيو. اڳتي هلي هي ٿورو پنڌي تان لهي ويو، پوءِ مون جيڪي هن لاءِ خواب ڏٺا هئا انهن جي تعبير نہ ٿي سگهي. آخر ۾ جڏهن پيپلز پروگرام ختم ٿيڻ تي ۽ هن جي تعليم پوري ٿيڻ تي بدين جي دوستن اسان ٻنهي جي گڏيل الوداعي پارٽي ڪئي تہ انهي ۾ هنن چڱو خاصو رنگ رچايو هو. ائين اسان ٻنهي 1996 ع جي آخري مهيني ۾ بدين کي الوداع ڪيو هو.

آئون جيئن ئي بدين مان بدلي ٿي اسلام آباد واپس پهتس تہ محمد علي جي خطن جو سلسلو شروع ٿي ويو. هن دوست جا مون وٽ ڪيترائي خط آيا، ڪهڙا پهريان آيا ۽ ڪهڙا پوءِ، انهن کي الڳ الڳ ڪرڻ بہ منهنجي لاءِ ڪافي ڏکيو ڪم آهي. ها البت هتي نموني خاطر بہ خط پيش ڪجن ٿا.

محترم سهڻا سائين سدا خوش هجو.

بعد گهڻن سلامن، ادبن ۽ ڏوراپن جي عرض تہ هت سڀ خير آهي. اميد تہ رب پاڪ جي رحم و ڪرم سان توهان پيارن دوستن ڏانهن بہ خيريت هوندي، آمين.

مطلب احوال هن ريت آهي تہ گهڻي وقت کان وني توهان جي پرواني جو انتظار آهي. ان جا بہ سبب ٿي سگهن ٿا، هڪ مصروفيت ۽ ٻيو ڪاوڙ. اگر توهان انهن ٻنهي سببن مان ڪنهن هڪ بہ سبب جي ڪري دير ڪري رهيا آهيو تہ مهرباني ڪري اهو بہ لکي موڪليندا تہ جيئن هڪ ٻئي جي احوالن جي خبر پوندي رهي.

اسان جي جيستائين داخلا ٿئي تيستائين منهنجو نڪاڻو باڌهہ ۾ ئي رهندو. ٻيو احوال تہ اسان جي اڃان تائين Admission list نہ لڳي آهي ۽

هاڻي ماستري جي لاءِ سيٽون بہ اچي رهيون آهن. اسان درخواستون جمع ڪرايون آهن. مهرباني ڪري انهي ڪم لاءِ بہ ٿوري رهبري ڪندا. ادا سائين جيئن تہ توهان ڏانهن اڳيئن خط ۾ لکيو هوم تہ مان اسلام آباد اچڻ چاهيان ٿو. ان جو بہ ڪو جواب ڪو نہ مليو آهي. اگر توهان ڪي مصروفيات گهڻي آهي تہ آئون توهان کي Distrub ڪو نہ ڪندس. ليڪن گهٽ ۾ گهٽ خط تہ لکندا ڪريو. مهرباني.
In the regard of my schedule مان روزانو At least چار ڪلاڪ Study ڪندو آهيان. Dawn کي بہ ڪجهہ وقت لاءِ Refer ڪندو آهيان. اڪثر ڪري اسلامي ڪتاب پڙهندو آهيان. طبيعت جي لحاظ کان تمام Serious رهندو آهيان. (سائين ڪجهہ وقت لاءِ Serious رهندو آهيان). مان پنهنجا تقريبن Short ۾ احوال پورا ڪري چڪو آهيان, وڌيڪ توهان پنهنجي احوال کان آگاهہ ڪندا. ٿورو لکيو گهڻو سمجهندا. سلام گهڻي کان گهڻا قبول ڪندا ۽ دوستن کي چوندا.

صرف توهان جو ننڍڙو ياءُ
Mohammad Ali Noonari
Dated 16_6_ 1997

جيئن مون مٿي لکيو آهي تہ هن منهنجي دوست جا ڪيترن سالن تائين خط ايندا رهيا. اهو منهنجي فطرت ۾ شامل آهي تہ آئون ڪنهن دوست جي تڪليف برداشت نہ ڪري سگهندو آهيان. ڪڏهن بہ ڪنهن دوست کي امير يا غريب جي نظر سان نہ ڏسڻ گهرجي. اها بہ ڪوشش ڪندو آهيان تہ ڪنهن بہ دوست ۾ ڪا وڏي اميد نہ رکان. ڪوشش ڪري ڪنهن دوست کي ڪم نہ چوندو آهيان. جيڪڏهن ڪو دوست مون کي ڪم چوندو آهي تہ خوشي ٿيندي آهي. بشرط ڪم جائز ۽ منهنجي وس ۾ هجي. پر ڪنهن وقت ڪو ماڻهو اهڙو تہ مجبور ٿي ويندو آهي جو پنهنجو احوال صرف ڪنهن دوست سان ئي ونڊي سگهي ٿو. ڪنهن چڱي مقصد لاءِ ڪنهن جي مالي مدد ڪئي وڃي تہ انهي ۾ بنهي ڌرين کي خوشي هئڻ گهرجي. محمد علي نوناري جو سال 2000ع ۾ مون کي هڪ اهڙو خط مليو. جنهن مون کي پوري ذرا ذرا ڪري ڇڏيو. مون تيستائين ننڊ نہ ڪئي جيستائين سندس پريشاني ڪجهہ گهٽ نہ ٿي" آئون چوبيچين ٿي ويس، انهي جو سادو ۽ سولو جواب هي آهي تہ منهنجو دوست پريشاني ۽ تڪليف ۾ مبتلا هو. هو هڪ اهڙي بند گلي ۾ بيٺل

هوجتي صرف ان کي آئون ئي نظر تي آيس. اهڙي حالت ۾ منهجو پريشان ٿيڻ
بہ لازمي هو. جيڪو هن خط مان صاف ظاهر آهي.

Sindh University
Jamshoro
Blocks Hostel, Rooom No. 27_D
Dated: 28_10_2000

(ڪنهن شاهہ جي بيت جي انگريزي ترانسليشن)

پيارا ادا سائين، سدا خوش هجو. اسلام عليڪم

بعد گهڻن ادبن ۽ سلامن جي لکجي ٿو تہ مان بلڪل نيڪ آهيان ۽ اميد تہ رب پاڪ جي رحم ڪرم سان توهان پائرن ڏانهن بہ خيريت هوندي آمين. پيار ادا سائين توهان کي تہ خبر آهي تہ شاگرد جي زندگيءَ ۾ ٻن ڳالهين جو ڏيان يعني هڪ امتحان جو سوچڻ ۽ ٻيو پيسن جو استعمال تي خاص توجهہ ڏني ويندي آهي. خدا شاهد آهي تہ مان هميشہ ٻنهي معاملن تي ڪافي Careful رهيو آهيان، پر جڏهن بہ ڪو ڏکيو وقت آيو آهي تہ صرف توهان پائرن سان ونڊيندو آهيان.

توهان يقين ڪريو تہ هاڻي Final ڪري رهيا آهيون پر سادگي اجا تائين First Year واري بسر پئي ٿئي. مان توهان کي ائين ڪو نہ چوندس تہ ڪتابن لاءِ خرچ ڪتي ويو آهي، نہ ئي وري ڪنهن دوست جي شادي لاءِ ويڙهو آهي. پر هن سال ۾ اسان کي روزانہ ڪلاس دوران Presentations ڏيڻيون پونديون آهن ۽ ڪافي دفعا ٻين شهرن ڏانهن Debate ڪرڻ لاءِ بہ ويندا آهيون. ان لاءِ ڪپڙن ڪري ڪڏهن ڪڏهن ٿورو پريشان ٿيندو آهيان. خاص ڪري هن سيميسٽر ۾ پئسا ڪافي خرچ ڪري چڪو آهيان. 400 روپيا صرف Admission Fee ۽ 2500 سئو روپيا هاسٽل Allotment ۽ ڪتابن جو خرچ وغيرهہ هاڻي گهر وارن ۾ بہ آسرو گهٽ ٿو ڏسان. ان ڪري جيڪڏهن توهان وٽ ڪجهہ Leniency هجي تہ 500 يا 600 روپيا موڪليندا تہ مهرباني ٿيندي.

پيارا سائين منهنجي لاءِ گهر وارن کان بعد ۾ صرف توهان ئي آهيو. جيڪڏهن توهان کي نہ ٻڌائيندس تہ ٻيو ڪنهن کي چوان. خدارا پنهنجي ننڍي ڀاءُ کي غلط نہ سمجهندا. مون کي خبر آهي تہ اڄ جي دور ۾ هر هڪ ماڻهو پنهنجي حال آهر هلي رهيو آهي. پر توهان تہ پوءِ بہ اسان کان هر لحاظ کان وڏيڪ تجربيڪار آهيو. توهان پنهنجن جون مجبوريون سمجهي سگهو ٿا.

ٻيو احوال تہ اڄڪلهہ انگريزي وارن "ڏنڊو" ڏنو آهي. سڄو ڏينهن پڙهائي هلي ٿي، پر تنهن هوندي بہ "ڪورس ڪور" ڪو نہ ٿيو ٿئي. مٿئين

مهيني کان اسان جي يونيورسٽي ۾ CSS جا ڪلاس بہ هلي رهيا آهن، جنهن ۾ Admission فارم ڀريو آهي. بس توهان دعا ڪريو انشا الله پنهنجن مقصدن ۾ الله تعاليٰ ڪامياب فرمائيندو. وڌيڪ احوالن کان توهان واقف ڪندا . سلام سائين نظاماڻي صاحب کي چوندا ۽ گهڻي کان گهڻا پاڻ قبول ڪندا.

صرف توهان جو نئيڊو ڀاءُ
Muhammad Ali Noonari

محمد علي نوناري منهنجو واحد اهو دوست آهي، جيڪو ڪيترائي دفعا مون وٽ اسلام آباد آيو. هي اهو زمانو هو جڏهن موبائل فون اجا ايترو عام جام ڪو نہ ٿيو هو. هي همراهہ بہ بغير ڪنهن ٻڌائڻ جي ائين ريل ۾ چڙهي پوندو هو. پاڪستان جون ريلون سدائين ليٽ، تان جو آڌين جو اچي راولپنڊي لهندو هو. رات جو ڏهين وڳي کان پوءِ اسلام آباد سمهيو رهي. هي هاڻي رات جو ڪيڏانهن وڃي، ڪڏهن ڪنهن مسجد ۾ تہ ڪڏهن ڪنهن مسجد ۾، پر هي مون وٽ پيرو پڄندو ئي رهندو هو.

هينئر هي منهنجو دوست سنڌ سرڪار جي تعليم کاتي ۾ ڪنهن سٺي پوسٽ تي آهي. هاڻي جڏهن هن سان تازو حيدر آباد ۾ ملاقات ٿي تہ محمد علي نوناري مون کي اهو ئي نظر آيو. جهڙو هو فرسٽ ايئر بدين ۾ هوندو هو. اسان جڏهن نثار کوکر جي سڏ تي باغين جي شام ۾ سيوهڻ وياهئاسين تہ واٽ تي گاڏي ۾ اسان پنهنجي دوستي واري عرصي کي وري Review ڪيو هو. مون کي خبر ئي نہ پئي تہ ٻن ڪلاڪن جو سفر پنجن منٽن ۾ ڪيئن پورو ٿي ويو.

## محمد ابراهيم نظاماڻي

انسان هڪ اهڙو سماجي جانور آهي، جيڪو سگهه ۽ شعور رکڻ جي باوجود اڪيلو رهڻ پسند نه ٿو ڪري. افلاطون کي پڙهڻ مان معلوم ٿئي ٿو ته انسان جي ڪا به ذاتي حيثيت ڪونهي پر پنهنجن صلاحيتن کي پروڙڻ، پرکڻ ان کي اوج تي پهچائڻ لاءِ بئي انسان يا ڪجهه ماڻهن جي ضرورت پوي ٿي. انسان جا هميشه انسان سان ڪئي لڳ لاڳاپا ٿين ٿا. مون ڪٿي پڙهيو هو ته انسان جون پنهنجون عادتون يا جبلتون هونديون آهن جيڪي ان کي خوشي ۽ غمن جي وادين ۾ وٺي وڃن ٿيون. جنهن به ماڻهو جي طبعيت ۾ خوشي ۽ سڪون هوندو، انهي جي زندگي جا ڏينهن سنا ۽ سڪون سان گذرندا. سو آئون جيئن سنڌ مان جلا وطن ٿي اسلام آباد پهتس ته هڪ اهڙي پيار ۽ محبت جي شديد ضرورت محسوس ڪيم، جيڪا منهنجي وڇڙيل ۽ ويڳاڻي من کي ڪا راحت ڏئي سگهي. جڏهن مون پلاننگ ڊويزن ۾ پهرين ڏينهن اچي رپورٽ ڪئي هئي ته ايڊمن وارن مون کي سڏو سيد عبدالحق شاهه صاحب جي ڪمري ۾ وٺي اچي ان سان ملايو هو. اها مارچ 1986 ع جي ڳالهه آهي، منهنجي شاهه صاحب سان پهرين ڪا به ملاقات ڪا نه هئي. ائين شاهه صاحب جي پنيان محمد ابراهيم نظاماڻي ۽ عطا محمد جمالي سان ملاقات ٿي هئي. جڏهن ته ابراهيم صاحب ۽ منهنجو ڳوٺ ويجها هئا پر اڳ ڪڏهن اهڙي ملاقات ڪا نه ٿي هئي. ڊگري ته ساڳي يونيورسٽي جي هٿ ۾ هئي پر هي همراهه سپ ريگيولر ۽ آئون پرائيويٽ، سو اسان جي اڳ ڪا به ڏيٺ ويٺ ڪا نه هئي. ائين اسان جون ملاقاتون وڏي دوستي واري حد تائين پهتيون. شروع وارا به چار سال آئون هنن کان الڳ اسلام آباد ۾ ڏڪا جهليندو رهيس. سن 1990 ع ۾ ابراهيم مون کي وٺي اچي علي مراد چاچڙ سان رهائي ڇڏيو. اتان جلدي چاچڙ صاحب جي بدلي ڪراچي ٿي ته اهو سرڪاري گهر مون کي مليو هو. پوءِ وري منهنجي بدين بدلي ٿيڻ تي اهو گهر اسان ڇڏي ڏنو. چاچڙ صاحب جو ذڪر آئون اڳ ڪري چڪو آهيان. وري جڏهن بدين مان موٽ ٿي ته مون سڏو سيد عبدالحق شاهه جي گهر اچي لينڊ ڪيو. ابراهيم ۽ عطا محمد جمالي اڳئي بي گهر هئا، اهي به اتي ئي رهيل هئا. هاڻي اسان چار ماڻهو هڪ ئي گهر ۾ رهڻ لڳا سين، پاڙي واري ڪنهن کي به خبر ڪا نه هئي ته اهو گهر ڪنهن جو آهي، سيئي هڪ ئي گريڊ ۾ سيئي دوست. هاڻي نواز شريف جي حڪومت اچي وئي. انهي گولڊن هينڊ شيڪ جي اسڪيم آندي. محمد ابراهيم نظاماڻي جنهن جي اڳي ئي

وچان وچان لڳي پئي هئي، انهي درخواست ڏني ته مون کي رٽائر ڪيو. مون جو هن جا احوال ٻڌا، مون چيو ته آئون به رٽائر ٿو ٿيان. جڏهن ته منهنجي اڃا 18 سال نوڪري باقي پئي هئي، مون به گولڊن هينڊ شيڪ جي اسڪيم تحت درخواست ڏئي ڇڏي. مون کي ڏسي عبدالحق شاهه پڻ گولڊن هينڊ شيڪ لاءِ درخواست ڏني ۽ پوءِ ماڻهن جي سمجهائڻ تي واپس به وٺي ڇڏي. اسان ۾ عقل جو اڪابر ۽ سياڻو نڪتو عطا محمد جمالي، جنهن چيو ڪجهه به ٿي وڃي نوڪري ڪو نه ڇڏيندس. اسان ڪلڪيوليشن ۾ لڳي وياسين ته رٽائرمينٽ تي ڪيترا پئسا ملندا. لڳ ڀڳ اسان سڀني کي الڳ الڳ ڏهه لک کن مليا ٿي. ان وقت منهنجي ماهوار پينشن ٿهي ٿي 2100 سو روپيا. اڳاٽا اسان وٽ کھڙا هئا. ابراهيم وٽ 50 ايڪڙ زرعي زمين، عبدالحق شاهه وٽ پنج ڇهه ايڪڙ زرعي زمين، آئون بلڪل سڃو. آئون جهليو نه جهلجان، زمين وٺندس، پوءِ ڪمند پوکيندس، شگر مِلن وارا منهنجي پٺيان هوندا، اهي سڀ خيالي پلاءُ هئا. انهي وقت منهنجي عقل کي لوڙهو اچي ويو هو. منهنجو ننڍو ڀاءُ هوندو هو قمر الدين جيڪو مرحوم 2010 ۾ فوت ٿي ويو اهو روڪڻ وارو. امان مون کي روڪڻ واري، پر آئون "انڌي گهوڙي ڪل ۾ " ڪنهن جي مڃان ئي ڪو نه . آخر ۾ درخواست فائيل سميت منظوري لاءِ پلاننگ جي سيڪريٽري وٽ پهتي. انهي زماني ۾ سيڪريٽري پلاننگ ڊويزن فضل الله قريشي صاحب هوندو هو. هُن صاحب مون کي گهرائي چيو ته "تون سنڌ ڇا وڃي ڪندين. " مون جواب ڏنو ته "آئون زميندار ٿيندس. " وري چيائين ته " سنڌ جي حالت ڏٺي اٿئي، فيڊرل سيڪريٽري عالم بلوچ کي حيدر آباد ۾ قتل ڪري ڇڏيو اٿن ۽ هينئر تون آفيس اچين ٿو ته پوليس وارا توکي سلام ٿا ڪن، پوءِ اهي آفيس ۾ اندر ڪو نه اچڻ ڏيندئي. " قريشي صاحب منهنجو رڳو سيڪريٽري ڪو نه هو پر ساڳي قوم هئڻ جي حيثيت ۾ منهنجا هن سان هزارين ناتا آهن. نيڪ آهي هو صاحب ان وقت سينئر ليول تي هو ۽ آئون هُن کان ڪافي جونيئر، پر پلاننگ ڊويزن ۾ اسان جو ڇپر ۽ ڇانوَ هوندو هو ايئن ايرو غيرو اسان تي هٿ ڪو نه کڻندو هو انهي جي به مون ڳالهه ڪا نه مڃي. سيڪريٽري ڪاوڙ مان فائيل صحيح ڪري ٻاهر ڪڍي ڇڏي، نوٽيفڪيشن ٿي ويو. جيئن آفيس جو ٽائيم ختم ٿيو ته جيڪي پوليس وارا ايندي ويندي مون کي سِلوٽ ڪندا هئا، انهن مون کي روڪي ورتو. ان وقت مون وٽ صرف سرڪار جو آفيس ڪارڊ هو اهو به ڦري ورتائون. انهي تي مون کي شديد جهٽڪو لڳو قريشي صاحب جا چيل لفظ منهنجي دماغ ۾ هٿوڙن وانگر مون کي سٽيندا رهيا ۽ منهنجن اکين مان لڙڪ ڪري پيا هئا. هاڻي پڇتاءُ جي

ٻوڙهن مان ڪجهه به ورٽو سرٽو ڪو نه هو. فيڊرل گورنمينٽ ۾ جيڪڏهن هڪ دفعو ڪو نوٽيفيڪيشن ٿي وڃي ته انهي جو واپس ٿيڻ ناممڪن نه ته به ڏکيو ضرور هوندو آهي.

مون کي ياد آهي ته اها سڄي رات مون ڪنڊن تي گذاري هئي. جڏهن انسان پنهنجن سوالن جا جواب پاڻ ڳوليندو آهي ته انهي جو نتيجو ڪو ورلي هاڪاري هوندو آهي. مون کي ڪجهه به سمجهه ۾ نه ٿي آيو ته هاڻي ڇا ٿيندو؟ سنڌي ۾ چوندا آهن ته "ڏنو ٻنو آهي" شايد منهنجي صاف گوئي، هر ڪنهن سان ٻلائي ڪرڻ مطلب ته خدا مون کي وڏيڪ پريشانين کان بچائي ورتو. يقينن امان جون دعائون به ان ۾ شامل هيون. جڏهن ته مون امان جي ڳالهه ڪا نه مڃي هئي. آئون جيئن ئي ٻي ڏينهن سامان ڪٽڻ لاءِ آفيس پهتس ته اتي خبر پئي ته گورنمينٽ ٻئي حڪم تائين انهي پروگرام کي روڪي ڇڏيو آهي. تنهنڪري نوجوان دوستن کي عرض آهي ته جذبات ۾ اچي تڪڙ ۾ فيصلو نه ڪرڻ گهرجي، ڪڏهن به آيل روزي کي لت نه هڻڻ کپي. سرڪار جي نوڪري کهڙي به حالت ۾ اڌ ۾ ڇڏڻ نه گهرجي، پلي ڪيترو وڏو فائدو ڇو نه ملندو هجي. رٽائرمينٽ هميشه وقت تي وٺڻ گهرجي.

سو ڳالهه پئي ڪئي سين ابراهيم صاحب جي ۽ وڃي نڪتاسين گولڊن هيڊ شيڪ کان. نظاماڻي صاحب فهميدو ۽ صوبر قسم جو ماڻهو هوندو هو. مهمانن جا وٽس ڪٽڪ لٿا پيا هوندا هئا. اسان وٽ سنڌ ۾ هميشه هر ماڻهو جا ٻه ٻه نالا هوندا آهن، سو هن کي ڳوٺ ۾ گلزار سڏيندا هئا. جيڪو ڳوٺان ڪاوڙيو هو سو سڏو اسلام آباد گلزار وٽ. هن وٽ به سرڪاري گهر هوندو هو سو هر وقت مهمانن سان ڀريو پيو هوندو هو. مهمان وڏي ويندا هئا ته وري ٻين گهرن ڏانهن ونڊ ورڇ ڪبي هئي. ابراهيم صاحب ترقي پسند ذهن رکندو هو مُلن، مولوين سان اسان جي گهٽ ئي لڳندي هئي. يونيورسٽي واري زماني ۾ ڊاڪٽر ارباب کهاوڙ سان سياسي طور سلهاريل رهيو. اڳتي هلي انهي کان به پاسيرو ٿي ويو. سڄو ڏينهن پيو ڪلندو هو. شروع ۾ اسان هڪڙي آفيس ۾ هوندا هئاسين. جيئن 18 گريڊ ۾ اسان جون پروموشنون ٿيون، آفيسون الڳ ٿي ويون. هر سال انب ۽ ٻير ابراهيم صاحب جا سنڌ مان ايندا هئا. حصي پتي سارو اسان کي به ملندا هئا. سرڪار جو اسان سنڌين سان ڏاڍو قرب ۽ پيار هوندو هو. تنهنڪري اسان لاءِ سرڪاري گهر خالي ڪو نه هوندا هئا. جيڪڏهن ڪنهن سنڌي کي مجبورن گهر ڏيٽو پوندو هو ته آخري منزل تي، جيڪو گرمين ۾ گرم ۽ سردين ۾ سرد. آئون جڏهن چاچڙ صاحب سان گڏ رهندو هوس ته اهو گهر به آخري منزل تي، بلڪل سامهون روڊ جي هُن پار

ابراهيم صاحب جو گهر، اهو بہ مٿي پڇاڙي واري منزل تي. آئون ۽ چاچڙ صاحب هوندا هئاسين ڪنجوس، سو شام واري چانهہ هوندي هئي ابراهيم جي گهر. ان وقت موبائل فون تہ ڪو نہ هوندا هئا، هي زمين وارا فون بہ گهٽ هوندا هئا. جيئن ئي شام جي چانهہ تيار ٿيندي هئي تہ هو هتان بالڪوني مان بيهي سڏ ڪندا هئا "اچو چانهہ تيار آهي". بس هوڪرا تي ويندا هئا، آڙي پاڙي وارن جي شام واري ننڊ اسان ڦٽائي ڇڏيندا هئاسين. اسلام آباد ۾ روڊن رستن، بلڊنگن کان جيڪا بچيل زمين آهي، انهي تي خير سان پنگ سڳوري ٿيندي آهي. فيبروري ۾ جيئن سردي گهٽبي آهي تہ پنگ ڦٽڻ شروع ٿي ويندي آهي. جون کان سيپٽمبر تائين هن سڳوري ٻوٽي جو جوڀن هوندو آهي. اسان جي پاڙي ۾ جيڪا پنگ ٿيندي هئي اها سڄي اسلام آباد کان پلي هوندي هئي. قد بت ۾ قنڌار، 6 فوٽ وارو مڙس نظر ڪو نہ ايندو هو. اسان وٽ هٽيار پنهوار گهر ۾ پيل هوندا هئا، پر هرو پرو شيل شغل ڪو نہ ڪندا هئاسين. ها باقي سنڌ مان ڪو شوقين مهمان اچي ويو تہ انهي جي اهڙي مشروبات سان خاطر تواضع ضرور ڪبي هئي، جيئن مون مٿي ذڪر ڪيو آهي تہ ابراهيم صاحب جا ڪوڙ سارا مهمان ايندا هئا. هڪ دفعي ڪي شوقين مهمان اچي ويا، انهن اهڙو پلو فصل اڳ ڪڏهن ڏٺو ڪو نہ هو، سو ڇا ڪيائون جو اسان وياسين آفيس انهن ڪي گهر ۾ جيڪا شئي هٿ آئي سا ڪٽي ڪاهي پيا فصل ۾ پريون ٻڌي ڪٽي آيا. ڊرائنگ روم جو سامان ڪڍي انهي ۾ پنگ پکيڙي ڇڏيائون. ڪمرن ۾ بيڊن هيٺان، مطلب تہ گهر جو جيڪو خالي حصو هو انهي ۾ پنگ ئي پنگ. هي اهو زمانو هوندو هو جڏهن I_8 سيڪٽر ايتري ترقي ڪا نہ ڪئي هئي. صبح جو هڪ بس سيڪٽر جي سيني ملازمن کي آفيس کٽي ويندي هئي ۽ شام جو اها ساڳي بس واپس گهر کٽي ايندي هئي. صبح شام اسان ساڳيا ماڻهو بس ۾ آفيس ۾ بہ ساڳيا ماڻهو جيڪي هر روز گڏ ڪم ڪندا هئاسون، سو ڪڏهن ڪڏهن ساڳيا ساڳيا چهرا ڏسي بور ٿي پوندو هوس. بس مان لهي سيڪو پنهنجي پنهنجي گهر هليو ويندو هو. ڪلاڪ ڏيڍ آرام ڪري وهنجي سهنجي تيار ٿي، پوءِ ابراهيم جي گهر وڃبو هو چانهہ چڪي جي لاءِ. انهي ڏينهن جيئن اسان مٿي پنهنجي گهر چڙهياسين. تہ اوچتو ابراهيم جو آواز ڪنن تي پيو. چاچڙ مون کي چيو خير تہ آهي، ڏس نظاماڻي صاحب ڇو ٿو سڏ ڪري. آئون جيئن گيلري مان ٻاهر نڪتس تہ ابراهيم صاحب چيو تہ توهان ٻئي جلدي هيڏانهن اچو. اسان ڊوڙندا ڊوڙندا سندس گهر پهتاسين تہ اندر ڇا ڏسون رڳو پنگ ئي پنگ جيڏانهن ڏس تيڏانهن ساوڪ ئي ساوڪ. ڪلاڪ ڪن پئي ڪلياسين، نيٺ مهمانن کان پڇيو ويو تہ هي ڇا ڪيو اٿئو ؟ جواب مليو

تہ اسان هفتو کن رهنداسين، هي سُڪندي تہ پوءِ هر روز پيئنداسين. گهر ٿيو مهمانن جي حوالي، ابراهيم کي اسان پنهنجي گهر وٺي آياسين. اها بہ خبر نہ آهي تہ همراه جنهن ڪم لاءِ آيا اهو ڪم بہ ٿيو يا نہ رڳو پنگ پي سمهڻ مان مزو وٺندا رهيا. هُونئن بہ ابراهيم جهڙو مَنو ماڻهو مون دنيا ۾ ڪو نہ ڏٺو ڪڏهن بہ مهمان ڏسي منهن ڪو نہ گهنجا يائين. دوستن جا دوست انهن جا بہ دوست، ڏسن پنڌن تي ابراهيم وٽ پيا مهمان ٿي ايندا هئا. مون کي ڪڏهن بہ ڪا ننڍي وڏي تڪليف ٿئي، ابراهيم هڪيو تڪيو حاضر، منهنجي تڪليف هو برداشت نہ ڪري سگهندو هو. مون کي سرڪاري گهر مليو تہ آئون اڪيلو رهندو هوس. دوستن کي چيائين تہ نظام کي اڪيلو نہ ڇڏيو هي شگر جو مريض آهي رات جو مري وڃي تہ پوءِ. ائين سامان کڻي منهنجي گهر هليو آيو. ياد رهي تہ سواءِ عبدالحق شاهہ جي باقي اسان ٽنهي جي هڪ هڪ دفعو سنڌ ۾ پوسٽنگ ٿيندي رهي. ابراهيم نظاماڻي جي ڪراچي، منهنجي بدين ۽ عطا محمد جمالي جي نواب شاهہ پوسٽنگ رهي آهي. اتان واپسي تي صرف مون کي سرڪاري گهر مليو باقي ڪنهن کي بہ گهر ڪو نہ مليو. واپسي تي پهرين سپ شاهہ صاحب جي گهر ۾ اچي رهياسين پوءِ مون کي گهر مليو. باقي جمالي ۽ ابراهيم کي سرڪاري گهر ڪو نہ مليو.

هاڻي پڙهندڙن کي پوئتي وٺي ٿو هلان، هي ان زماني جي ڳالهہ آهي جڏهن ضياءُالحق اجا صدر هوندو هو. سنڌ ۾ جڙتو ۽ ناٽڪي رنگ رچائي ڌاڙيلن جي خلاف آپريشن شروع ڪيو ويو هو. اوچتو ابراهيم صاحب وٽ مهمانن جي بس پرجي آئي. انهي بس ۾ تقريبن ڪي 52 ڪن ماڻهو هئا، اهي سپ جا سپ هن جي گهر اچي لٿا. ويهڻ تہ پري جي ڳالهہ پر بيهڻ جي جڳهہ نہ هجي. مهمانن جي گهڻيِ آوت جاوت جي ڪري هي اها ڳالهہ سڪي ويو هو تہ " هي گهر اوهان جي حوالي آئون هلان ٿو. " سو هي گهر مهمانن جي حوالي ڪري هي سڌو منهنجي گهر هليو آيو هو. ٻئي ڏينهن جڏهن پاڙي پتي مان واءُ سواءُ ورتوسين تہ اتي اها ڳالهہ مشهور ٿي وئي تہ سنڌ ۾ ڌاڙيلن جي خلاف آپريشن هلي ٿو هي سپ ڌاڙيل آهن تنهنڪري اتان ڀڄي آيا آهن. محمد ابراهيم نظاماڻي صاحب مون سان گڏ سِگا سلام آباد جو ميمبر ٿيو هو. اڳتي هلي سِگا اسلام آباد جو صدر بہ ٿيو. پر اسلام باد سِگا شاخ جي انا پرست وڏيرا شاهي سماجي ڪارڪنن جي اڳيان ٻانهون نہ ٻڌڻ جي ڪري ڪيس ٻن سالن جو مقرر وقت پورو ڪرڻ نہ ڏنائون، ڪيس ڏکي ٻاري مان ٻاهر ڪدي ڇڏيائونس.

ابراهيم نظاماڻي جي کهڙي ڳالهہ ڪجي، هي همراه ڳوڻان FX سوزڪي ڪار وٺيِ آيو. مون کي چيائين تہ تون بہ گاڏي وٺ، مون گاڏي ورتي تہ

زندگي آسان ٿي وئي. مون کان 6 مهينا اڳ رٽائر ڪيائين. وچڙ جي اهڙي چڪ ٿيس جو پينشن جا پئسا ٻ ڪو نه ورتائين. بس ائين ئي جلدي الله واهي ڪري ٻئي جهان ڏانهن راهي ٿي ويو جتان اڄ ڏينهن تائين ڪو ٻ واپس نه ٿيو آهي.

## سيد عبدالحق شاهه

سيد عبدالحق شاهه دلبر ماڻهو هوندو هو. همٿ ڀريو، سنڌس ڪڻڪ رنگي چهري تي چانپوئين ڏاڙهي ڪيس ڏاڍي ٺهندي هئي. قد بت ۾ ڀريل، يارن جو يار. ڪاوڙبو هو ته ڪنهن کي ڪو نه بخشيندو هو. ابراهيم مرحوم پوڳن پوڳن ۾ سائين کي چڙائي وجهندو هو. ڪاوڙ جو مدو به ٿيا تي منٽ هلندو. پوءِ وري ٻالهه آئي وئي ٿي وئي. جهڙو دل جو ڪليل هوندو هو تهڙو هوندو هوس دسترخوان ڪشادو. جڏهن به سائين جي گهر وڃبو هو ته کائڻ پيئڻ جي هر شيءَ فرج مان ڪڍي اچي اڳيان رکندو هو. منهنجو گهر چوٿين نمبر بلاڪ ۾ سائين جو گهر ٽئين نمبر بلاڪ ۾ پر جيڪڏهن اتفاق سان ڪڏهن ڪچهري سانگي سائين جي گهر لنگهي وڃبو هو ته ماني کان سواءِ نه ڇڏيندو هو. آفيس ۾ مون ڪڏهن به هن کي واندو ڪو نه ڏٺو. جڏهن به هن وٽ وڃڻ ٿيندو هو ته سدائين فائيل اڳيان ڪليا پيا هوندا هئس. قدرت واري موقعو ڏنس جو ماسٽرس جي ڊگري آمريڪا مان وٺي آيو. پاڻ نيويارڪ ۾ هجي يا واشنگٽن ۾ پر مون کي نه وساريائين، اُتان به اسان جو خطن جو سلسلو جاري ۽ ساري رهيو. منهنجي خيال ۾ سائين عبدالحق شاهه دوستن ۾ سڀ کان وڌيڪ مون کي ئي خط لکيا هوندا. اسان جي خطن ۾ طنز مزاح جو عنصر به شامل هوندو هو. مون کي سائين 27 آڪٽوبر 1992 ع تي نيويارڪ مان جيڪو خط لکيو، اهو هتي حاضر آهي.

نيويارڪ، USA

27-10-1992

برادرم نظام الدين

توهان جو دير سان لکيل خط سوير پهتو. هڪ هفتي بعد يعني 15-10-92 جو 22-10-92 تي مليو پڙهي تازه ترين احوال معلوم ٿيو. خوشي به ٿي ته توهان پنهنجي ڊيوٽي ڏاڍي پابندي ۽ خوش اصلوبي سان ڪري رهيا آهيو. مون کي اوهان مان اهائي اميد هئي، اميد آهي ۽ رهندي. مونکي جمالي (عطا محمد) خط ۾ لکيو هو ته نظاماڻي( ابراهيم) ڪوشش پيو ڪري ڪنهن پارٽي لاءِ پر پاڻ ڪيس جواب ڏنو اٿس. مون ڪيس موٽ ۾ خط لکيو آهي. پر اڃا جواب ڪو نه مليو اٿم. اميد ته آئون توکي خط ڪو نه لکندس گهر جي باري ۾.

فاروق (لاڙڪ) کي چوندا ته ڪئميرائون هت کوڙ ساريون آهن. پر سنڌن اگهه وٺڻ کان ٻاهر آهن جو هتي ماچيس تي به ٽيڪس آهي. جيڪا

ڪئميرا توهان کي پاڻ وٽ 1600 سو روپيہ کن ۾ ملندي اها هت 2600 سو روپيين ۾ پلئہ پوندي، وري بہ راز جو راڻو آهي حڪم ڪندو تہ هڪ هزار ڊالر واري ڪئميرا بہ وٺي ايندس. مال گهڻو ڪري سنگاپور، هانگ ڪانگ چين جو آهي، جيڪو پاڻ وٽ بازارن ۾ عام جام ملي ويندو آهي.

تو کي حاجي ( حوالو ياد نہ ٿو پوي) جي حيدرآباد وڃڻ کان پوءِ رڳو رات ڏينهن شايد (محبوب) ياد ٿو پوي جو خط ۾ اهڙو ذڪر ڪيو اٿئي. مون کي اهڙي توقع ڪا نہ هئي تہ ڪو تون "پٽ جي پاٽاري"آهين ۽ طالب الموليٰ وارو " اڱڻ ٻهاريان واٽون نهاريان" ڳائڻ وارو آهين". ٻيلي اها راهہ ڇڏ، وڏو ٿي ويو آهين، ڳائڻ سٺي ڳالهہ نہ آهي.

منهنجي سوٽ ولي الله شاهہ جي شادي ٿي رهي آهي 23 تاريخ هن مهيني جي. پاڻ ٿي سگهي ٿو تہ ٻن ٽن ڏينهن جي لاءِ اسلام آباد جو رخ ڪري. سندس فون نمبر توهان کي لکي رهيو آهيان XXXXX حيدرآباد شهر کيس فون ڪري منهنجي طرفان چوندا تہ جي اسلام آباد اچڻ چاهي تہ گهر حاضر آهي. هن وقت اسلام آباد جي موسم بہ نارمل هوندي. تنهنجي چواٽي فارق ۽ تون لوڏيندا (ٻانهون) وتو. جمالي اچي تہ کيس منهجي طرفان گهڻا سلام چوندا. منهنجو هڪڙو سيميسٽر پورو ٿي ويو آهي ۽ ٻيو بہ ڊسمبر 22 تاريخ تي پورو ٿي ويندو. رزلٽ بہ اچي ويندي. گذريل سيميسٽر ۾ ميٿس کان سواءِ ٻيا سڀ B گريڊ ۾ ڪڍي ورتم. گذريل سيميسٽر ۾ 6 پرچا هئا ۽ هن سيميسٽر ۾ بہ 6 سبجيڪٽ آهن. مڊ ٽرم اڄ هڪڙو ڏيئي آيو آهيان، ٻيو سڀاڻي آهي ۽ ٽيون وري 27 تاريخ تي صبح ۽ چوٿون شام آهي. باقي رهيل سبجيڪٽن جو ڊسمبر ۾ امتحان ڏبو. دعاگو رهندا ڪم تمام ڏکيو آهي. ها ٻي خبر تہ هن پروگرام جا فارم وري پاڪستان پهتل آهن ۽ جنوري ۾ آخري تاريخ آهي. ڪوشش ڪري نامينيشن ڪرائي وٺ ( ڪوشش جي باوجود هتي جي يارن منهنجي نامينيشن نہ ڪئي). پر ٻئي ڳالهہ آهي تہ ساڳئي پروگرام ۾ پاءُ روشن (منهنجو وڏو ڀاءُ) کي بہ ورلڊ بينڪ وارن فارم موڪليو آهي، سندس ڪم گهڻو ڪري ٿي ويندو (هن جي سنڌ گورنمينٽ وٽان نامينيشن نہ ٿي سگهي هئي). پر جيڪڏهن تنهنجي بہ نامينيشن گورنمينٽ طور ٿي وڃي تہ چڱو اٿئي. ٻي خبر تہ تون شگر کان ڀڄندڙ ڪريءَ وارو ماڻهو آهين، مون وانگر هت اچي ڦاسي ويندين. خاص ڪري اسان مسلمانن لاءِ هت کاڌو مسئلو آهي، الاءِ ڇا ٿا کائون ڪو پتو نہ آهي. ايترو آهي جو مرغي ڪٽيل ٿهيل وٺي اچي گهر ٺاهيندو آهيان. پر حلال حرام ڪو پتو نہ آهي. گذريل هفتي زڪام ۽ ڏاٿ جي سور جو حملو هو. روشن کي چوندا تہ کيس ڏاٿ يا ڏند جو مسئلو هجي تہ اتان نهرائي

اچي، اڳواٽ متان هتي پهچي پوءِ ڪوشش ڪري. سوشل سيڪيورٽي ڪيس فقط 75 ڊالر ڏيندا، جڏهن تہ هڪڙي ڏاٽ جي پرائي 700 ڊالر ڪن خرچ اچي ٿو وڃي. خير آئون شاگرد آهيان تنهن هوندي بہ 300 ڊالر خرچ اچي ويو آهي. مون کي اڳ ۾ ئي الڪوهوپر ايڏانهن وقت بلڪل ڪو نہ مليو وار بہ ڪراچي پهچي فلائٽ واري رات ئي ٺهرايم. جيئن تہ ڪم ڏکيو آهي وقت ٿورو آهي، جو صبح وري امتحان اٿم ۽ ڪتاب جا 9 چيپٽر پاڙ واري ايڪنامڪ سروي ڪان وڏيڪ پڙهڻا ۽ اٿلائڻا آهن. دعاگو رهندا تہ رب ڪامياب ڪري.

مدد ۽ نگراني لاءِ لک ٿورا. ننڍڙو ڪمپيوٽر خريد ڪيو اٿم. واپسي تي ڊسڪٽ وٺيو ايندس ۽ توکي ڪمپيوٽر تي پلي ڪري ڏيکاريندس. رڪجان راز ۾ متان فاروق کي ٻڌائين. سلام سڄي سنگت کي. جوڪيو هٽ پروموشن تي آيو آهي يا واپسي تي اٿس. تفصيل لکندا. دعاگو.

سيد عبدالحق شاهہ نيوبارڪ
USA

ائين سائين عبدالحق شاهہ پنهنجي M. Sc ڪولمبيا يونيورسٽي نيوبارڪ مان ڪري ٻن سالن کان پوءِ واپس اسلام آباد پهچي ويو. هتي اچڻ سان شاهہ صاحب وري ڪم ۾ محو ٿي ويو. انهي وچ ۾ منهنجون بہ پروموشنس ٿي ويون ۽ آئون 20 گريڊ ۾ پهچي DG بہ ٿي ويس. هي منهنجا دوست سڀ اڃا 18 گريڊ ۾ ويٺا هئا. مون کان پوءِ جلدي محمد ابراهيم نظاماڻي جي پڻ 19 گريڊ ۾ پروموشن ٿي ويئي. شاه صاحب جي پروموشن جو بہ عجيب قصو ٿيو هو. ٿيو ائين جو جنهن ڏينهن ايڪانامسٽ گروپ ۾ پروموشن پئي ٿيا تہ شاهہ صاحب جو ڪيس ان ۾ شامل هو. پلاننگ ڊويزن جي ڪنهن ماڻهو شرارت ڪري عبدالحق شاهہ صاحب جون هڪ بہ ACRs ڪڍي لڪائي ڇڏيون. ظاهر آهي تہ ACR پوريون نہ هونديون تہ پروموشن نہ ٿي سگهندي. جيڪڏهن 22 سال هڪ ئي گريڊ ۾ ويهڻ کان پوءِ بہ پروموشن نہ ٿئي تہ انسان کي جهٽڪو تہ اچي ٿو. خير هن ڪوشش ڪري مهيني جي اندر اندر ٻيو پروموشن بورڊ ڪرايو. جنهن ۾ هن جي پروموشن ٿي ويئي. پلاننگ ڊويزن ۾ 19 گريڊ جون پوسٽون هئڻ جي باوجود شاهہ صاحب جي پوسٽنگ هنن ٻاهر ڪري ڇڏي. هن کان يڪدم ڪمروڪري ورتائون. هوڏانهن جتي شاهہ صاحب جي پوسٽنگ ڪيائون اهي هن کي وٺڻ جي لاءِ تيار نہ هجن. انهي ڇڪتاڻ ۾ شاهہ صاحب ڪافي مايوس ٿي ويو. ڪيس دل جو دورو پيو ۽ هڪ منٽ ۾ وڃي حقيقي مالڪ وٽ پهتو. وڃڻ کان هڪ هفتو پهريائين هي مون وٽ آفيس آيو هو ۽ منجهند جي ماني منهنجي آفيس ۾ اسان گڏجي کاڌي هئي. اهي سڀ

خبرون مون کي پاڻ اچي ٻڌايون هئائين. شاه صاحب جي وچڻ جي اجا ويل کا نہ هئي، اجا تہ هن جي 13 سال نوڪري پئي هئي. اجا هن پنهنجي ڪنهن ٻہ پٽ جا ميندي رتا هٿ ئي ڪو نہ ڏٺا هئا.

هن سڄي وارتا مان پڙهندڙن کي معلوم ٿي ويو هوندو تہ مون هميشہ پنهنجي پاڻ تي ڀاڙيو آهي. ٽريننگ يا نوڪري جي سلسلي ۾ سفارش کان پاسو ڪندو رهيو آهيان. ان مان مون کي وڏو نقصان بہ برداشت ڪرڻو پيو آهي. تقريبن مون واري بينچ جا سڀ آفيسر ٻاهرين ملڪن مان ڊگريون وٺي آيا، پر مون کي ڪنهن بہ آفيسر ٻاهر جي ڊگري ڪورس يا ٽريننگ لاءِ نامزد نہ ڪيو پر هتي عهدن ۾ آئون گهٽن کان مٿي چڙهندو ويس. هتي فيڊرل گورنمينٽ ۾ پئسو وغيرهہ تہ ڪو نہ ٿو هلي. ها البت رکي راهي، هٿ جوڙ دعوتون سعوتون مڙئي ڪم اچيو وڃن. انهن شين کي جاري ۽ ساري رکڻ لاءِ پئسن جي ضرورت پوي ٿي. اسان جا پگهار پورا سورا تہ دعوتن جي لاءِ پئسا ڪٿان اچن. منهنجي وري اها عادت آهي تہ آئون ڪنهن ماڻهو مان وڏيون اميدون نہ رکندو آهيان. نہ ئي وري ڪنهن کي ڪو ڪم چوندو آهيان ۽ هميشہ پنهنجي پاڻ کي حالتن تي ڇڏي ڏيندو آهيان. پاڻي جي لهرن جي سامهون وڏن وڏن پٿرن جيان پڻ پنهنجو پاڻ کي ڇڏي ڏنو آهي. تنهڪري آئون پنهنجي پاڻ کي قدرت جي قانون تي راضي رهي ان جي حوالي ڪندو رهيس. جتي ناڻي جو علم پڙهيو هوم اُتي ناڻي واري وزارت ۾ وڏو عرصو نوڪري بہ ڪندو رهيس، پر ناڻي سان نينهن ڪڏهن بہ نہ لڳو. منهنجي نظر ۾ مادي چيزن تي اعتبار ڪرڻ پنهنجي پاڻ کي دوکو ڏيڻ جي برابر آهي.

## سنگاپور روانگي

اهي، سال 2006ع جا ڏينهن هئا. شايد فيبروري يا مارچ جو مهينو هو حسب دستور IMF وارن پنهنجن ننڍن ننڍن ڪورسن جي لاءِ نامزدگيون گهرايون هيون. انهي ڪورس ۾ خاص ڪري اسٽيٽ بينڪ ۽ ناڻي واري وزارت جي ماڻهن کي ترجيح ڏني ويندي آهي. اڪثر ڪري اهڙن ننڍن ڪورسن ۾ ويهين گريڊ کان مٿي جا آفيسر پنهنجي پاڻ کي سليڪٽ ڪرائيندا آهن. ڇو جو ننڍن ڪورسن ۾ نه پڙهڻو پوي ٿو ۽ نه ئي وري ڪو امتحان ڏيڻو پوي ٿو. ٻاهرين ملڪن جو چڪر به لڳيو وڃي ته پنهنجن سينيئرن لاءِ تحفا وغيره ۽ بيگمات لاءِ ٻاهرين ملڪن مان ڪپڙن جا سوٽ به ٿيو وڃن. ان کان پوءِ به پئسا بچيو پون. پر هن دفعي ائين نه ٿيو. اسان جي ايڪنامڪ ايڊوائزرز ونگ مان سيئي آفيسر اهو ساڳيو ڪورس هڪ کان وڌيڪ دفعا ڪري چڪا هئا. اسان جو هڪ ساٿي هو ظفرالحسن جنهن جو تعلق ڏگهڙي جي قائم خاني خاندان سان آهي، قائد اعظم يونيورسٽي مان ماسٽر جي ڊگري هئڻ ڪري، سيني آفيسرن ۾ هوشيار ۽ ڪم وارو سمجهيو ويندو هو. ظفر گهڻو پڙهڻ وارو محنتي ۽ اقتصاديات جي هر داءُ پيچ کان واقف آفيسر آهي. هينئر به اڪثر IMF, World Bank يا ڪن ٻين ڪيترين ئي ڊونر ايجنسين سان Biliteral Talks ۾ گورنمينٽ آف پاڪستان جي وفد ۾ شامل هوندو آهي. اسان ۾ گهڻيون ڳالهيون مشترڪ هونديون هيون. هڪ ته سنڌ سان اسان جو تعلق، ٻيو ساڳئي اسڪيل ۽ ساڳي ونگ ۾ اٿڻ ويهڻ به گڏ. مذهبي طور به اسان دقيانوسي خيالن جا ڪو نه هوندا هئاسين. مطلب ته اسان هڪ ٻئي جو خيال تمام گهڻو رکندا هئاسين. اڄ به جيڪڏهن مون کي ايڪنامڪس جا ڪي انگ اکر يا ڪا ٻئي معلومات گهربل هوندي آهي ته ظفر ئي مدد ڪندو آهي. ظفر کي ايڪنامڪ ايڊوائيزر گهرائي چيو ته "هن دفعي سنگاپور ڪنهن کي موڪليون" ظفر يڪدم منهنجو نالو ڪنيو هو. IMF جو هڪڙو اهو به شرط هو ته ماڻهو اهو موڪليو جنهن جي اڳ اها ٽريننگ نه ڪيل هجي، پر اسان وٽ پاڪستان ۾ قصو ئي ابتو هوندو آهي. حج جي فارم ۾ لکيل هوندو آهي ته " هي فارم اهو ڀري جنهن جو اڳ حج ٿيل نه هجي" پوءِ ڇا ٿيندو آهي، اڪثريت انهن ماڻهن جي هوندي آهي جن جا اڳي ئي هڪ کان وڌيڪ حج ڪيل هوندا آهن. جڏهن ته فارم ۾ لکندا آهن ته اسان جو اهو پهريون حج آهي. سو سائين به نمبري حج تان نٽا مڙن، سو سنگاپور جي

ٽريننگ ڪير ڇڏيندو. خير ظفر ذاتي ڪوشش وٺي ونگ مان منهنجي نامينيشن ڪرائي ڇڏي، وري جڏهن مين فنانس ڊويزن ۾ نامينيشن ڪميٽي جي سامهون ڪيس منظوري لاءِ آيا تہ ڪو بہ ميمبر منهنجي حق ۾ ڪو نہ هو. ڇو جو باقي ٻين جن جي نامينيشن فنانس ڊويزن جي ٻين ونگن ڪئي هئي، اهي تہ اڳي ئي آفيسرن کي تحفن سان نوازيندا رهندا هئا. بس منهنجي قسمت چڱي هئي جو عبدالطيف لغاري، ڊپٽي سيڪريٽري ايڊمن جي حيثيت سان انهي ڪاميٽي جو ميمبر هو، جنهن وٽ سڄو رڪارڊ موجود هو. انهي صاحب ڊونر ايجنسي جو اهو شرط پڪڙي ورتو، جنهن ۾ لکيل هو تہ ترجيح ان کي ڏيو جنهن جي اڳ اها ٽريننگ ٿيل نہ هجي. سواءِ منهنجي باقي سڀني جي 5 کان وڌيڪ دفعا اها ٽريننگ ٿيل هئي. ائين فنانس ڊويزن مان لغاري صاحب منهنجو ڪيس منظور ڪرائي ڇڏيو. مون هن ئي ڪتاب ۾ ڪٿي لکيو آهي تہ عبدالطيف لغاري صاحب منهنجي پروموشن ۾ وڏي مدد ڪئي هئي.

عبدالطيف لغاري سان منهنجو سنڌ يونيورسٽي کان تعلق ڳنڍيو اچي. منهنجي وڏي ڀاءُ ادا روشن الدين لغاري جو گهرو دوست رهيو آهي. پاڻ جيالاجسٽ آهي پر رول 10 تحت سيڪريٽريٽ گروپ ۾ Induct ٿي سيڪشن آفيسر کان نوڪري جي شروعات ڪري ايڊيشنل سيڪريٽري داخلا جي پوسٽ تي پهچي رٽائر ڪيائين. گهڻو وقت ايڊمنسٽريشن ۾ ڪم ڪرڻ ڪري پاڻ سروس رول تي اٿارٽي سمجها ويندا هئا. پاڻ جڏهن فنانس ڊويزن ۾ ايڊمن جا جوائنٽ سيڪريٽري هئا تہ هيٺين گريڊن ۾ نوڪرين جون ڀرتيون ٿيون تہ انهن ۾ صوبائي ڪوٽا تي سختي سان عمل ڪرايائين. ايتريقدر جو ڊرائيور بہ ڪوٽا تي ڀرتي ٿي آيا. پاڻ محنتي، ايماندار ۽ هوشيار آفيسرن ۾ شمار ٿيڻ وارن ۾ شامل آهن.

اسان 06_2005 سال وارو ايڪنامڪ سروي جو ڪتاب جاري ڪري ڇڏيو هو ۽ بجيٽ اڃا قومي اسيمبلي ۾ بحث هيٺ هئي تہ مون کي سنگاپور مان اطلاع اچي ويو هو تہ توهان جو 10 جولاءِ کان ڪورس شروع آهي ۽ هنن منهنجي ويزا لاءَ سنگاپور ڪائونسليٽ کي بہ لکي ڇڏيو هو.

الطاف شيخ جي ڪتابن پڙهڻ مان اڳي ئي اهو معلوم ٿي چڪو هو تہ سنگاپور ۾ وڏي تعداد ۾ سنڌي رهن ٿا. اهو هڪ اٽل اصول آهي تہ جنهن جي دل ۾ ڪنهن ماڻهو، ڪنهن شيءَ يا ڪنهن جي لاءِ ٿوري کي گهڻي محبت موجود آهي تہ هو هر جڳهہ تي انهي شيءَ کي ڳوليندو رهي ٿو. سنڌ ۽ سنڌين سان محبت هن دل ۾ اڳي ئي نسري نروار ٿي چڪي هئي. هڪ دفعو وري دل چڪ ڪاڏي تہ سنگاپور جي ڪنهن سنڌي سان ملاقات ٿئي تہ ڏاڍو چڱو ٿيندو.

ان زماني ۾ اجا فيس بڪ ميدان ۾ ڪو نہ لٿو هو. تنهنڪري نئين ماڻهو سان ميل جول ڏکيو نہ تہ بہ مشڪل ضرور هوندو هو. تيز ترين ڪميونيڪيشن جو ذريعو اي ميل هوندي هئي. اها بہ ايڊريس ۽ واقفيت جي محتاج هوندي هئي. هاڻ سنگاپور اي ميل ڪجي تہ ڪنهن کي ڪجي، ڪا واقفيت ڪا نہ هئي، ڪو ئي يار دوست ڪو نہ هو. مون کي اتي ڪنهن جي هئڻ ۽ ڪنهن جي نہ هئڻ جي ڪا بہ ضرورت ڪا نہ هئي. منهنجي لاءِ ٽريننگ انسٽيٽيوٽ وارن هر شيءِ جو اڳي ئي بندوبست ڪري ڇڏيو هو. جهڙوڪ هوٽل يا ٽرانسپورٽ وغيره . پوءِ بہ دل ۾ هڪڙي خواهش هئي تہ اتي جي ڪنهن سنڌي سان ڪا واقفيت ڪجي ۽ اتي جي سنڌي ماڻهن سان حال احوال اورجن. اهو قدرتي اصول آهي تہ دنيا جي ڪنهن ڪنڊ ۾ جيڪڏهن توهان کي ڪو پنهنجو ملي وڃي ٿو تہ ڏاڍي خوشي ٿيندي آهي، ان وقت هي مذهب جا ٻنڌڻ ٽٽيو ذرا ذرا ٿيو وڃن. سنڌي چاهي سنڌ جو هجي يا هند جو پر سنڌي تہ آهي. مون کي ذهن ۾ آيو تہ گوگل کان اهو ڪم وٺجي. مون کي چٽي طرح ياد آهي تہ مون گوگل جي سرچ بار ۾ وڃي پهريان هي لفظ لکيا هئا. Sindhi in Singapore تہ گوگل مون کي ڪافي ويب سائيٽس ڪڍي آڏي ڏنيو هيون. جنهن ۾ اهڙي قسم جا لفظ هئا. پوءِ مون " سنڌي ايسوسيئشن آف سنگاپور " جي ويب سائٽ کولي تہ ان ۾ انهن جي عهديدارن جون اي ميل ايڊريسون لکيل هيون. ائين مون بغير ڪنهن واقفيت جي "جاڙا خان ڪتو جهلجان" پنهنجو تعارف ۽ پورو تفصيل لکي ٻن ماڻهن کي اي ميل ڪري ڇڏيو هو. انهي مان هڪ ماڻهو جنهن جو نالو ڪڪو مل هو جنهن مون کي اي ميل ذريعي جواب ڏنو هو تہ هو انهن ڏينهن ۾ پنهنجي ڪاروبار سانگي سنگاپور کان ٻاهر هوندو. باقي توهان سان چترو مل واسواڻي صاحب رابطي ۾ ايندو. ائين هڪ ٻن ڏينهن کان پوءِ مون صبح جو آفيس وڃڻ جي تياري پئي ڪئي تہ گهر فون جي گهنٽي وڳي، جيئن مون فون کنئي تہ اڳيان آواز آيو تہ " هيلو آئون سنگاپور مان چترو واسواڻي ٿو ڳالهايان" لفظ تہ هن اهي بہ چيا هئا پر انهن ۾ جيڪو خلوص ۽ پنهنجائپ هئي تنهن منهنجي من کي اڻ پيتي جي نشا ڏئي مست ڪري ڇڏيو هو. منهنجي سنگاپور روانگي ۾ ڪي ٿورا ڏينهن وڃي بچيا هئا، اهي ڏينهن مون اڱرين تي ڳڻي گذاريا هئا. هڪ ڊگهي سفر ڪرڻ جو شوق، ٻيو سنگاپور ڏسڻ جو شوق، اتي جي سنڌين سان ملڻ جو شوق، انهي کان وڌيڪ اڻ ڏٺل دوست سان ملڻ جو تجسُس ڪجهہ اهڙيون ڪيفيتون هيون جن مون کي بيچين ڪري وڌو هو. چترو واسواڻي صاحب هميشہ اي ميل کان وڌيڪ ٽيليفون کي ترجيح ڏيندو آهي، تنهنڪري منهنجي سنگاپور جي سفر تي اُسهڻ کان پهريائين اسان جا

ٽيليفون رستي رابطا بحال ٿي ويا هئا. منهنجي زندگي جو تجربو اهو ٻڌائي ٿو تہ جيڪڏهن پيار ۽ خلوص سان ڪنهن نيڪ مقصد ڪي ماڻڻ جي تمنا آهي تہ پالڻهار اهڙا سبب پيدا ڪري ڏي ٿو جو اهو مقصد پورو ٿيو وڃي. منهنجي خيال ۾ آئون دنيا جي خوشقسمت ماڻهن مان هڪ آهيان, جنهن کي سنا دوست مليا آهن. انهي جي مقابلي ۾ منهنجو رويو دوستن سان ڪيئن آهي, اهو تہ دوست ئي ٻڌائي سگهندا. چاهي اهي فيس بڪ تي هجن يا جيون جا ڪجهہ ڏهاڙا انهن سان گذريا هجن. ها البت فيس بڪ تي بنا تار ڪنهن سان ڳنڍجڻ کان پهريائين ان جو تفصيل ضرور ڏسندو آهيان. پنهنجي پاڻ کان سوال بہ ڪندو آهيان تہ ڇا آئون هن دوست سان هيترن سارن دوستن جي هئڻ جي باوجود دوستي جي پاڪ ۽ پوتر رشتي کي نيائي سگهندس. ؟ تنهنڪري فيس بڪ تي لامحدود دوستي کان پاسو ڪندو آهيان. قلم بہ خبر نہ آهي تہ ڪيئن آهي ڳالهہ پئي هلي سنگاپور جي ۽ قلم وڃي نڪتو فيس بڪ تان. بس ائين اسلام آباد مان ٿائيلينڊ جي جهاز ۾ چڙهي پهرين بينڪاڪ ۽ پوءِ سنگاپور ايئرپورٽ تي وڃي لٿو هوس. اتي سنگاپور جي پرڏيهي وزارت جي مائي مون کي وٺڻ آئي هئي. انهي مائي سڄوري جو مون کي نالو وسري ويو آهي ۽ وري تڏهن نظر آئي جڏهن واپسي ۾ اسان کي ڏڪي ڪٽي جهاز ۾ چاڙهيائين. اسان انهي ڪورس ۾ تقريبن سيئي ڏکڻ ايشيائي ملڪن جا ماڻهو هئاسين, جن جن ملڪن کي IMF قرض بہ سَهائي سَهائي پوءِ ڏيندو آهي. ائين ڪٽي سمجهو تہ اڪثريت انهن ملڪن جي ماڻهن جي هئي, جيڪي سندن قرض تي پلجندا آهن. شام جو ڪلاس ختم ٿيڻ کان پوءِ انهن جو ڪو نہ ڪو پروگرام هوندو ئي هوندو هو. منهنجي دلي خواهش هئي تہ آئون پنهنجي اڻ ڏٺل دوست چترو واسواڻي سان ملاقات ڪريان, هيڏانهن هنن جو هر روز نئون پروگرام. جڏهن تہ واسواڻي صاحب کي مون ٻئي ڏينهن جو هوٽل تي ملڻ جو پروگرام ڏئي ڇڏيو هو. بس ائين ملاقاتون بہ ٿينديون رهيون ۽ سرڪار جا پروگرام ٿيندا رهيا. هاڻي سيني کي اها ڄاڻ پئجي وئي هوندي تہ آئون اقتصاديات جي علم جو شاگرد آهيان. انهي ٽريننگ ۾ پڻ اِيڪنامڪس شامل هئي. مهل ۽ مناسبت جي موقعي سان اڇو تہ پاڪستان ۽ سنگاپور جي معيشتن جو مختصر تقابلي جائزو وٺون.

سنگاپور پنهنجي آزادي جو ڏينهن هر سال 9 آگسٽ تي ملهائيندو آهي. اها آزادي هُن 1965 ع ۾ ملائيشا کان ورتي هئي. انگريزن جڏهن ڏکڻ ايشيا مان ٽپڙ گول ڪيا هئا تہ هر جا ۽ تي هُنن ڪي متنازع علائقا ڇڏيا هئا. سنگاپور کي ملائيشا سان گڏي ڇڏيو هئائون. اڳتي هلي ملائيشا هن ٻيٽ تي

رهندڙ ماڻهن کي ڪنگلا، موالي، ڏوهاري، ڪم چور سمجهي 1965 ع ۾ انهن مان جان ڇڏائي هئي. جيئن اسان 1971ع ۾ بنگالين کان. سنگاپور جي حڪمرانن صرف ملڪ جي لڪيل قانون تي سختي سان عمل ڪرائي اڄ 2017ع ۾ دنيا جي امير ترين معيشتن ۾ پنهنجي ملڪ کي شامل ڪري ڇڏيو آهي. هن ملڪ جي ٽوٽل پکيڙ 725 اسڪائر ڪلو ميٽر آهي. ڪل آبادي 5.5 ملين ماڻهن تي مشتمل آهي. جڏهن تہ وڌندڙ آبادي جي شرح مشڪل سان هڪ سيڪڙو آهي. تڏهن تہ سنگاپور جي وزيراعظم هڪ دفعي چيو هو تہ Singapor needs more babies، پر سندس اپيل جو ڪو خاطر خواهہ اثر نہ ٿيو هو. انهن ۾ 76.4 سيڪڙو چائنيس، 14.9سيڪڙو ملائيشن، 6.4 سيڪڙو انڊين پاپوليشن ۽ 2.3 سيڪڙو ٻين ننڍين قوميتين جا ماڻهو شامل آهن. جڏهن تہ سرڪاري ٻولي انگريزي آهي، ان سان گڏ چيني،تامل ۽ ملائي ٻوليون پڻ وڏي انگ ۾ ڳالهايون ۽ سمجهيون وڃن ٿيون. انهن سڀني ٻولين کي قومي ٻولي جو درجو حاصل آهي. سنگاپور جي ماڻهن جون عمريون وڏيون ٿين ٿيون، انهي جو اندازو انهي مان لڳائي سگهجي ٿو تہ سندن عمريون سراسري طور 83 سال رڪارڊ ڪيون ويون آهن. ان جي مقابلي ۾ پاڪستان ۾ عمر جي حد سراسري طور 63 سال آهي. اهو بہ فالتي اِن فَارميشَن ٽيڪنالاجي جو ڪمال آهي، ٻئي حالت ۾ اهو انگ 60 سال کان مٿي ڪونهي ڪو. سنگاپور کي باغن جو ملڪ بہ چيو وڃي ٿو. ننڍڙو ملڪ هئڻ جي ڪري اتي جي حڪمرانن هِن ملڪ کي ساون وڻن سان جنجهي رکيو آهي . سنگاپور ۾ مذهب جي لحاظ کان ٻڌازم، اسلام، عسائيت ۽ هندو ازم شامل آهن. هن ملڪ ۾ پڙهيل لکيل ماڻهن جو تعداد 95 سيڪڙو آهي. ڪو بہ ملان هندو توڙي مسلمان ٻئي جي مذهب ۾ دست اندازي نہ ٿو ڪري سگهي. لباس جي آزادي آهي. انساني حقن جي آزادي تي هي ماڻهو ڪڏهن بہ سوديبازي نہ ٿا ڪن.

مٿيان سماجي توڙي اقتصادي انگ اکر اهو ٻڌائين ٿا تہ هن ننڍڙي ملڪ ٿوري عرصي ۾ ڪيتري ترقي ڪئي آهي. آئون 15 ڏينهن سنگاپور ۾ رهيس پر مون کي ڪٿي بہ پوليس وارو نظر ڪو نہ آيو. ڪا بہ گاڏي روڊ تي پارڪ ٿيل مون نہ ڏٺي. سندن زير زمين ميٽرو سسٽم جو علائقي جي ملڪن ۾ مثال ڪو نہ ٿو ملي. سنگاپور مهانگو ملڪ هئڻ جي باوجود سياحن جو هڪ وڏو انگ اتي گهمڻ وڃي ٿو. هڪ اندازي مطابق هر سال 10 کان 12 ملين ماڻهو سنگاپور گهمڻ وڃن ٿا. ان جي مقابلي ۾ پاڪستان ۾ ڪنهن ٻاهرين ملڪ جي ڪرڪيٽ ٽيم جا 12 رانديگر اچڻ لاءِ تيار ڪو نہ آهن. سوال آهي تہ اسان جي ملڪ ۾ سياح ڇو اچن؟. انهن کي ڏيڻ جي لاءِ اسان وٽ

ڪجهه به باقي نه بچيو آهي، امن امان پوين پساهن ۾ آهي، اسان جون عبادت گاهون محفوظ ڪو نه آهن، ڪنهن روڊ تي پاڻي پيئڻ لاءِ لڳايل سبيل تي پيل چِل اجا تائين سنگهرن سان قابو ٻڌي پئي آهي. تفريح گاهن ۾ ماڻهو محفوظ ڪو نه آهن، ته ٻاهريون ماڻهو اسان وٽ ڇو اچي. اقتصادي ترقي آزادي گهري ٿي، اقتصادي ترقي امن امان گهري ٿي. اهڙين حالتن جي غير موجودگي ۾ اقتصادي ترقي جو رڳو خواب ئي ڏسي سگهجي ٿو. ان جو ساپيان ٿيڻ ممڪن ڪونهي. اسان جنهن بنياد پرستي جي دور مان گذري رهيا آهيون، اهو ڏاڍو اڙانگو ۽ خطرناڪ رستو آهي. اڄ اسان مان سهپ ۽ رواداري ختم ٿي وئي آهي. جيڪڏهن هن ملڪ کي اقتصادي ترقي ڪرڻي آهي ته سهپ، رواداري ۽ بُردباري جي وجود کي تسليم ڪرڻو پوندو ۽ مذهبي ڪٽرپڻي کان پلئه آزاد ڪرائڻو پوندو.

سنگاپور جي سنڌين جي تاريخ تمام پراڻي آهي، سنگاپور سنڌي ايسوسيئشن جو بنياد 1921 ۾ رکيو ويو هو. ان وقت ان جي ميمبرن جو تعداد صرف 10 هو جڏهن ته هن وقت SSA جي ميمبرن جو تعداد 500 ماڻهن کان مٿي تي مشتمل آهي. SSA وٽ پنهنجي هڪ سٺي بلڊنگ آهي، جنهن جو پلاٽ 1952 ۾ خريد ڪري تعميراتي ڪم شروع ڪيو هو. ان وقت انهي جو نالو سنڌو هائوس رکيو ويو هو جيڪو اڄان تائين هلندو ٿو اچي. هن اسان جي ذڪر ايشيا جي خطي ۾ صرف ٻه اهڙيون جايون آهن، جن تي سنڌي ڏڪئي وقت مٿو لڪائي سگهن ٿا. ان ۾ شامل آهن سنڌو هائوس سنگاپور ۽ شاهه عبدالطيف ڪميونيٽي سينٽر اسلام آباد. ٿي سگهي ٿو ته انڊيا ۾ پڻ اهڙا آشرم ٺهيل هجن پر انهن جي مون وٽ معلومات ڪونهي جو هتي ڏئي سگهجي. سنگاپور جي سنڌين وٽ هڪ 25 ملڪن جي لسٽ آهي، جنهن ۾ ڊيڪاريل آهي ته ڪيترا سنڌي ڪهڙن ڪهڙن ملڪ ۾ رهن ٿا. اهڙا انگ اکر اسان جي سنڌ سرڪار وٽ به نه هوندا.

انهي وچ ۾ چترو واسواڻي صاحب سان روبرو ۽ ٽيليفون تي ملاقاتون ٿينديون رهيون. هن صاحب مون کي اڳي ئي هوشيار ڪري ڇڏيو هو ته آچر جي ڏينهن تي توهان کي سنڌو هائوس تي هلڻو پوندو. مون وٽ سنگاپور ۾ 15 ڏينهن ۾ صرف هڪڙو ئي آچر هو. سو اهو آچر به ٿيو سنڌو هائوس جي حوالي، جتي ٻين سان گڏ SSA صدر مسٽر ديپڪ گرناڻي منهنجو آڌر ڀاءُ ڪيو ۽ سڄو سنڌو هائوس گهمايائون. اتي ڪافي ٻيا سنڌي به گڏ ٿي ويا ته انهن سان ملاقات ٿي. اتي هڪ همراهه هو جنهن جو هاڻي نالو وسري ويو اٿم، جنهن جو

تعلق سن ضلعي دادو سان هو. هُن صاحب پڪوڙا تہ اهڙا بهترين ٺاهيا هئا، جيڪي اڄ ڏينهن تائين نہ وساري سگهيو آهيان.

چترو واسواڻي صاحب حيدر آباد سنڌ سان تعلق رکي ٿو. ورهاڱي وقت سنڌ ڇڏي اچي سنگاپور وسايائين. اڄ ڪلھ سنگاپور جو شهري آهي. سنڌي ادب سان گهرو لاڳاپو رکي ٿو. وٽس هند ۽ سنڌ جي اديبن جا ڪافي ڪتاب موجود آهن. سنگاپور ۾ ٿيندڙ سنڌي ڊرامن ۾ حصو بہ وٺي ٿو تہ انهن جو اسڪرپٽ رائٽر پڻ آهي. ائين ڪٿي سمجهو تہ واسواڻي صاحب سنگا پور ۾ سنڌين جو سفير آهي. جيڪو بہ سنڌي سنڌ مان سنگاپور ويندو آهي اهو هن صاحب سان ضرور ملندو آهي. جيڪڏهن علاج سانگي ڪو سنڌي سنگاپور وڃي نڪري تہ ان جي ٻولي جي ٽرانسليشن ۽ ٻيون ميڊيڪل جو ضرورتون پڻ چترو واسواڻي صاحب پوريون ڪندو آهي. مون سان هو ٽيليفون جي ذريعي ڳنڍيل رهي ٿو، ڪيڏي ڪيڏي مهل ٽن چئن سٽن جو ڪو خط پٽ بہ لکي وجهندو آهي. هڪ دفعي لکيو هئائين تہ " اسان جي ڪن نوجوانن همٿ ڪري هي Bi_monthly news letter ڪڍيو آهي. شروعاتي پرچي ۾ ڪجھ غلطيون ڪيون اٿن. اميد تہ اڳيان هلي هي پرچو سيني سنڌين جو هڪ آواز ٿيندو. گهٽ ۾ گهٽ سينگاپور ۾. " ان سان گڏ پاڻ سنو شاعر پڻ آهي. سندس شاعري مان هڪ غزل پڙهندڙن جي دلچسپي لاءِ هت پيش ڪجي ٿو. غزل جو عنوان آهي "واھ ڪمال ڪيو تو سنڌي"

خالي هٿين تون آئين سنڌي
اڄ مڪان جو مالڪ تون سنڌي
محنت عقل سان مٿي آئين تون سنڌي
واھ ڪمال ڪيو تو سنڌي

تون سنڌي يارن جو يار
غريبن جو همراز تون سنڌي
هر ملڪ ۾ نالو تو وڃايو سنڌي
واھ ڪمال ڪيو تو سنڌي

هُنر ڪارخانا تو کوليا سنڌي
اسڪول ڪاليج برپا ڪيا تو سنڌي
مندر اسپتالون تو ٺهرايا سنڌي
واھ ڪمال ڪيو تو سنڌي.

سنڌي گيت لاڏا تون ڳائين سنڌي

شعر ليک لکين تون سنڌي
سنڌين جو ڪيو تو نالو روشن سنڌي
واهه ڪمال ڪيو تو سنڌي

سهڻو ناهو ڪو تون يار سنڌي
لوڏ مان تون پڌرو سنڌي
منڙو محبتي آهين تون سنڌي
واه ڪمال ڪيو تو سنڌي

ان کان سواءِ هڪ شام مون وسواڻي صاحب سان گڏ سندن گهر گذاري. سندس ڪٽنب جي ميمبرن سان ملي ڪافي خوشي محسوس ٿي. سنگاپور جي سنڌين ۾ مون جيڪا هڪ ڳالهه محسوس ڪئي ته جيڪو سنڌي ڄائو نپنو سنڌ کان ٻاهر آهي، هُن سنڌ ڪڏهن اکين سان نه ڏٺي آهي، پر سنڌي سڏائڻ ۾ فخر محسوس ٿو ڪري. ان جي مقابلي ۾ اسان سنڌي پنهنجن ئي شهرن ۾ رهي، انٽر نيٽ ۽ ڪمپيوٽر تي به اردو ۾ لکون ۽ گهرن ۾ به اڪثر اردو ۾ ڳالهايون. امر جليل جي انهي جملي کي هاڻي شايد بدلائڻو پوندو، جنهن ۾ هُن چيو هو ته "سنڌي گدڙان اسلام آباد" هاڻي انهي جملي کي هيئن هئڻ گهرجي "**سنڌي گدڙان سنڌ**". سنگاپور ۾ سنڌين جو ڏنل مان ۽ قرب اڄ ڏينهن تائين وساري نه سگهيو آهيان. خير چترو واسواڻي سان نينهن جا ناتا ته اهڙا جڙيا آهن جو انهن جو ڇجڻ شايد ئي ممڪن هجي. سندن طرفان سنگاپور مان ڪتابن سان گڏ ڪجهه ٻيا تحفا وغيره ايندا ئي رهن ٿا. دل چوندي آهي ته پکي ٿي پوان ۽ اڏامي پرين جي پار هليو وڃان، پر منهنجا کنڀ ته ڪڏهوڪا مارِيءَ پٽي پري اڇلي ڇڏيا آهن. جيڪڏهن ائين هجي ها ته هر دور جا انسان پنهنجن مرندڙن محبتن جي جنازن تي ائين سڏڪا نه پرين ها جيئن ڪا پيار پري دل پنهنجي محبوب جي مرڻ تي پري ٻيهي حسرتن جا سڏڪا ڀريندي آهي.

ائين 15 ڏينهن سنگاپور مان گهمي ڦري بينڪاڪ جي رستي واپس اسلام آبا د پهچي ويس. ٿائيليند جي ايڪانامي جي خبر ته انگن اکرن مان پئجي وڃي ٿي، پر بينڪاڪ ايئر پورٽ انهي باري ۾ گهڻو ڪجهه ٻڌائي ٿو. پاڪستان جو ڪو به ايئرپورٽ ڪونهي جو بينڪاڪ ايئر پورٽ سان مقابلو ڪري سگهي ٿائليند جي ايڪنامي جو سڄو دارو مدار سياحت تي آهي. سياحت ۾ جيڪا شيءَ (Commodity) جنهن جي وڏي کپت آهي انهي جو وڏو حصو انساني وسيلن تي مدار رکي ٿو. مون وٽ انهي سچ کي ثابت ڪرڻ

جي لاءِ صرف ٻہ مثال ئي ڪافي آهن. جڏهن PIA جي ٻيڙي ۾ 42 جهاز هئا تہ Thai Airways وٽ 82 جهاز هئا. ٿائليڊ جي بجلي جي ڪپت 26000 ميگا واٽ آهي جڏهن تہ انهن وٽ 28000 هزار ميگا واٽ بجلي موجود آهي. جڏهن تہ پاڪستان جي بجلي جي ڪپت 22000 هزار ميگا واٽ آهي تہ سندس پيداوار مشڪل سان 14000 هزار ميگا واٽ آهي. اسان چوندا آهيون تہ ٿائيلينڊ جي ايڪانامي جو وڏو شيئر غلاظت سان ڀريل سرگرمين تي مشتمل آهي، جڏهن تہ اسان جي ڪوٽ واري ايڪانامي پاڪ پوتي، ڪير ڏوتي آهي.

## نصير ميمڻ

حقيقت ۾ ڏٺو وڃي ته پاڪستان جو جياپو هينئر به واٽي تي بيٺل آهي. خاص ڪري مذهبي دهشت گردي، پاڙيسري ملڪن سان اعتماد جو فُقدان، ڪرپشن، ميرٽ جي لتاڙ ملڪي ايڪانامي جو هيٺو حال. ڪجهه اهڙا مسئلا آهن جنهن تي منهنجو دوست نصير ميمڻ مسلسل لکندو رهي ٿو. انهي ڪان سواءِ جتي منهنجن دوستن جو وڏو تعداد نوڪري پيشه ماڻهن تي مشتمل آهي ته اُتي ڪجهه دوست ذاتي ڪاروبار ۽ پرائيويٽ ادارن ۾ پڻ پنهنجون خدمتون سر انجام ڏئي رهيا آهن. انهن ۾ ڪجهه عالم ۽ اڪابر آهن ته ڪجهه علم جي ڊوڙ ۾ اڳيرا به آهن. پر ڪي دوست اهڙا آهن جن جي شخصيت، ذات پات، مذهب ۽ ڪنهن فرقي کان گهڻو هماليه جي چوٽين وانگر مٿانهين بيٺل آهي. جيڪڏهن انهن دوستن جو ذڪر منهنجي جيون ڪٿا ۾ نه هجي ته هي ڪهاڻي ته ڇا پر زندگي جي ڪهاڻي اڌوري سمجهندس. ڪي ڪي مُهان ماڻهو زندگي جي ويران راهن تي هلڻ سان تازي هوا جو جهوٽو محسوس ٿيندا آهن، ته ڪي ڪرا ۽ سچا ماڻهو دل جي دنيا ۾ اڻ مٽ نشان ڇڏيندا آهن. مون هن ئي ڪتاب ۾ ڪٿي افلاطون جي انسان بابت خيالن جو ذڪر ڪيو آهي. پر هاڻي افلاطون جيئرو جاڳندو چرندي پُرندي حالت ۾ منهنجي سامهون بيٺو آهي. مون قبل مسيح جي مفڪر جا ڪيئي روپ ڏٺا آهن، جتي هو انسانيت تي بحث ٿو ڪري ته اتي هو عدل ۽ انصاف جو به وڏو ۽ ڏگهو مقدمو لڙي ٿو. آئون جڏهن نصير ميمڻ جو ڪو اخباري آرٽيڪل يا ڪو ڪتاب ڪٿي ويهي پڙهندو آهيان جنهن ۾ ڪنهن ڪمزور يا هيٺي ماڻهو تي انياءُ جو ذڪر هوندو آهي ته مون کي قبل مسيح جي مفڪر جا چيل اهي لفظ ياد ايندا آهن، جنهن ۾ هن چيو هو ته "عدل مان مراد اها آهي ته نه رڳو سگهاري ڌر کي فائدو پهچي پر، ڪڏهن ڪڏهن ان جي بر خلاف به ٿي سگهي ٿو." اجان اڳتي انهي ڳالهه کي چٽو ۽ واضح ڪندي چوي ٿو ته "عدل سگهاري ڌُر جي مفادن جو بيو نالو آهي" اهي ته هئا، قبل مسيح جي مفڪر جا مختلف موضوعن تي خيال جيڪي، مون هتي هو بهو نقل ڪيا آهن. جيڪڏهن اڄ اسان جي ملڪ جي اندروني حالتن کي مٿين قولن سان پيٽ ڪئي وڃي ته نصير ميمڻ کي پڙهڻو ۽ سمجهڻو پوندو. مون وٽ اهڙا نرم ملائم ۽ ڪنوارا لفظ نه آهن جو هن منهنجي سچي، کري ۽ اڻ موٽ دوست کي پيٽا طور پيش ڪري سگهان. نصير ميمڻ کي آئون تڏهن کان ڄاڻان سڃاڻان جڏهن هو نصير ميمڻ نه پر نصير سارنگ جي نالي سان ڪتابن جي دنيا ۾ ڄاتو سڃاتو ويندو هو. سنڌ

ڏرتي جي ناتي هن دوست سان ڪجهه اهڙا لڳ لڳاپا جُڙجي چڪا آهن، جو انهن جو ڇڄڻ ناممڪن آهي. هن سان منهنجو روبرو مُڪا ميلو هتي اسلام آباد ۾ ٿي ٿيو. پاڻ ڊيولپمينٽ سيڪٽر جو وڏو نالو آهن، پر ان کان وڌيڪ سڄاڻپ سنڌ دوست جي حيثيت سان ڪرائجي ته مبالغو نه ٿيندو. نصير ميمڻ اخبارن ۾ ضرور لکي ٿو پر آئون کيس صحافي مڃڻ لاءِ تيار ڪو نه آهيان. نصير جا انگريزي توڙي سنڌي ۾ آرٽيڪل پڙهي تعجب ٿيندو آهي ته اخبار جي ڪرتن ڏرتن کان سندس اهي باغيانا خيال ڪيئن هضم ٿيا هوندا. نصير صاحب هيل تائين ڪيترن ئي ڪتابن جا مصنف رهيا آهن،پر نصير جي هر ڪتاب ۾ توهان کي سنڌ چوڏهين جي چنڊ وانگر چمڪندي ۽ جرڪندي نظر ايندي، جيئن ته نصير سان منهنجو لڳ لڳاپو تقريبن ٻين دوستن کان پوءِ ٿيو پر سيني دوستن جي صف اول ۾ منهنجو هي دوست بيٺل آهي. شعوري يا لاشعوري طور اڄ محبتن جو ڏينهن آهي. (14 فيبروري)، آئون هن پنهنجي دوست تي لکڻ وينو آهيان. جنهن محبت ڪئي آهي ڏرتي سان، جنهن کي محبت آهي ڏرتي وارن سان، جنهن کي محبت آهي ڏرتي جي هيٺن ۽ ابوجهه انسانن سان، نصير پيار ڪري ٿو ته ڏرا ڏنل اکين سان، نصير پيار ڪري ٿو ته بکايل پيٽ سان. زندگي جا هزارين روپ آهن، وقت جا اڻ ڳڻيا ڪردار آهن. پر منهنجي هن دوست وٽ زندگي ۽ وقت جو هڪ ئي روپ ۽ ڪردار آهي. اهو سنڌ سان محبت جو روپ آهي، جنهن ڪري هو سدائين سنڌ جو ڪيس وڙهندو رهي ٿو. نصير جون لکڻيون هڪ قسم جا سنڌ تي نوحا ۽ ڪيڏارا آهن. جيڪڏهن آئون انهي ۾ غلط نه آهيان ته مفڪر سنڌ سائين جي ايم سيد، ۽ سندس سڄاڻ شارح عبدالواحد آريسر کان پوءِ جيڪڏهن انهن جي ئي نقش قدم تي هلي سنڌ جو ڪيس وڙهي ٿو ته نصير ميمڻ ئي وڙهي ٿو. يقينن انهي ڳالهه تي گهڻا ماڻهو مون سان اختلاف راءِ رکندا هوندا،جيڪو انهن جو حق به آهي. پر مون جيئن نصير ميمڻ کي ڏٺو آهي تيئن لکيو آهي. نصير تي لکڻ لاءِ ڪوڙ سارو مواد مون وٽ موجود آهي پر هتي وقت ۽ حالتون اجازت نه ٿيون ڏين جو هن منهنجي سنڌ دوست تي گوڏو ڪوڙي ويهي ڪا وڏي ڪتا لکجي. نصير ميمڻ جي لکڻين ۾ هڪ نئون جذبو ۽ اتساه هوندو آهي. نصير ميمڻ جي لکڻين ۾ مڊل ڪلاس جي طاقت ۽ سگهه تي وڌيڪ زور ڏنل هوندو آهي. ورهاڱي جي ڪري انهي ڪلاس کان سنڌ محروم ٿي وئي هئي. انهي بابت فيس بڪ تي سندس تازي تحرير ڪجهه هن طرح اتساهي ٿي، انهي متعلق چوي ٿو ته " نئون نسل سنڌ جو اهو مڊل ڪلاس ٿي اڀري رهيو آهي جيڪو رڳو احساس محرومي جي نالي تي پٽڪو ڪرڻ بجاءِ مختلف ميدانن ۾ چٽا پيٽي ڪري پنهنجي جاءِ ناهي رهيو آهي. جيئن ته هي نسل هڪ مختلف ماحول

مان نڪتو آهي، تنهنڪري ان جو منهن مهاندو خيال ۽ انهن جي ادائگي، رويا ۽ سوچون روائتي سنڌي نوجوانن کان مختلف آهن ۽ اهو شهرن جي احساس برتري رکندڙ غير سنڌين سان مقابلو ڪرڻ لڳو آهي، جيڪي اڳي سنڌين کي ڀهراڙي جو ڄٽ ۽ وڏيرن جو غلام قرار ڏئي مٿن چٿرون ڪندا هئا. ائين سنڌ کي هڪ Fight Back ڪندڙ نسل ملي رهيو آهي، جيڪو ايندڙ ڏهاڪن ۾ سنڌي سماج جي شڪل تبديل ڪرڻ جي مڪمل صلاحيت رکي ٿو” نصير جهڙو دل ۽ دماغ جو ڪليل اهڙو سندس دسترخوان بہ وسيع. آئون هتي صرف خلوص سان ڀرپور ڪجھ دعوتن جو مختصر ذڪر ڪندس، جيڪي سندس ئي گهر تي ٿينديون رهن ٿيون. هر ننڍي وڏي دعوت ۾ مون کي ضرور ياد ڪيو ويندو آهي. اهو مون سان سندس محبت ۽ پيار جو اڻ توريو ۽ اڻ ميو جذبو آهي. آئون صوفي لاڪوفي ماڻهو جنهن مان نہ دُشمن کي پوءِ تہ نہ وري دوست کي فائدو پر نصير جي هر سڏ ۾ آئون شامل هوندو آهيان. جتي آئون ۽ سائين فضل الله قريشي صاحب نصير صاحب جي لذيذ کاڌن مان لطف انداز ٿيندا آهيون تہ اتي مڏ جا شوقين سنڌي صحافي پاڻي جون ٽڏيون بوتلون ڏسي مايوس بہ ٿيندا آهن. حڪمران توڙي مخالف ڌر، قوم پرست توڙي وطن دوست ساٿين سان ٿيندڙ روح رچنديون رهاڻيون هڪ ڊگهي عرصي تائين ياد رهنديون. انهن ۾ سڏايا ويندا هئا جلال محمود شاه کان وٺي قادر مگسي تائين، ڊاڪٽر عبدالمالڪ کان وٺي ڊاڪٽر عارف علوي تائين، اقليتي ميمبر لال مالهي پڻ انهي ذاتي ڪچهرين ۾ نصير ميمڻ جي دعوت تي شامل رهيا. ان کان سواءِ علم دوست ۽ اديبن سان ڪوڙ ساريون دعوتون ۽ ڪچهريون نصير ميمڻ جي گهر تي پڻ ٿينديون رهيون آهن. هر مڪتبِ فڪر جي مهمانن سان ڪچهري جو هڪ ئي محور ۽ نڪتو هوندو آهي، اها آهي سنڌ. جنهن سان نصير لکين سال اڳ پيار ڪيو هو ۽ ايندڙ سوين سالن تائين ڪو روپ بدلائي پيار ڪندو رهندو. مون کي پورو يقين ۽ وشواس آهي تہ سنڌ جي آزادي تائين نصير ڪنهن نہ ڪنهن روپ ۾ ديسي دلالن ۽ ولائتي دهشتگردن سان پنهنجي قلم سان مهاڏو اٽڪائيندو ايندو. مون اڄ ڏينهن تائين نصير جي لکڻين ۾ سنڌ جا ڪيئي روپ ڏٺا آهن، هر روپ ۾ هن سدائين سنڌ کي مٿانهون رکيو آهي. هن منهنجي دوست جي لکڻين ۾ هميشہ اڳتي وڌڻ ۽ ڪجھ ڪرڻ جي آس ئي هوندي آهي. آئون جڏهن بہ مايوس ٿيندو آهيان تہ نصير جي ڪا تحرير ڪٿي ويهي پڙهندو آهيان تہ مايوسين جا گهاتا ۽ ڪارا ڪڪر پرزا پرزا ٿي ويندا آهن. آئون اها ڳالھ ڪا هوائي توائي نہ ٿو ڪريان، سندس فيس بڪ جي وال تي ڪجھ هي سٽون بہ پڙهي ڏسو.

“پليجي صاحب جو مارچ، اياز لطيف جي آل پارٽيز ڪانفرنس، ايس يو پي جي شاندار ريلي، سنڌ ترقي پسند جو مادر وطن ڏهاڙو ادبي ميلا، ڪريڪٽيڪل اسٽڊيز فورم پاران فڪري ويهڪ، سول سوسائٽي پاران سيوهڻ واقعي خلاف رد عمل، آدم ٻُٽپ بابت گڏجاڻيون ۽ ٻيون ڪيترين ئي اهڙيون سر گرميون سنڌي سماج ۾ زندگي جي علامت آهن. انهن سڀني سرگرمين جي ڪن پاسن تي اختلاف پلي رکجن پر مجموعي طوران تحرڪ ڪي واڪاڻجي. اهي شاهديون آهن تہ سنڌي سماج ۾ اميد مُئي نہ آهي، اجا سنڌ ۾ اجتماعي توانائي موجود آهي. دهشتگردي، ڪرپشن، بداخلاقي ۽ سماجي قدرن جي زوال اڳيان اهي سماج دوست حلقن جي مزاحمت جا رنگ آهن. اهي سڀ ڪاوشون رنگ لائيندیون، ساٿ هلندو رهي لاٽ ٻرندي رهي”. آئون نصير صاحب جي انهي اتساهيندڙ لکڻي بابت ڪجهہ بہ ڪو نہ ٿو چوان، صرف اياز جي هڪ سٽ ورجايان ٿو. “ ٿا تنهنجا ياري برج لڏن، تون هيٺو آن هٿيارن سان. ”

## محمد عثمان غني

مون نوڪري جي شروعات جڏهن فنانس ڊويزن کان ڪئي تہ اتي جيڪو پهريون منهنجو دوست ٿيو هو محمد ابراهيم نظاماڻي صاحب، جنهن جو ذڪر هنن پنن ۾ مون ڪيو آهي. ان سان گڏ جنهن ٻئي ماڻهو سان ڏيٺ ويٺ ٿي، جيڪا اڳتي هلي گهريءَ گهاٽي ٿي ويئي، اهو هو اسان جو دلبر دوست محمد عثمان غني، جيڪو تازوئي CSS پاس ڪري سول سروس ايڪيڊمي لاهور اڏ ۾ چڙي اسان جي ايڪنامڪس ۽ پلينرز گروپ ۾ 18 گريڊ ۾ اچي اسان سان شامل ٿيو هو. چونڊا آهن تہ چنڊ چنڊي کي سئو ڪوهہ تي ڳولي لهي. اسان سان بہ ڪجهہ ائين ٿيو بس هن جي اچڻ جي دير هئي. دوستي جو ناتو رشتو ڪجهہ اهڙو جڙيو جنهن ۾ ڪنهن بہ قسم جو سنڌو محسوس نہ ٿيو، ها البت رساڻان ۽ پرچاڻا بہ ٿيندا رهيا. هي صاحب فيڊرل گورنمينٽ ۾ نوڪري ڪرڻ کان پهريائين سنڌ سرڪار جي پلاننگ ۽ ڊولپمينٽ ڊپارٽمينٽ ڪراچي ۾ پنج يا ڇهہ سال نوڪري ڪري چڪو هو. اتي بہ هن جا سنڌي دوست هئا، هتي بہ آئون ۽ محمد ابراهيم نظاماڻي هن کي سنڌي ملي وياسين، ائين اسان دوست ٿي ويا سين. اصل ۾ عثمان غني صاحب مشرقي پاڪستان جو پاڪستاني آهي. 1971ع جي جنگ ۾ ڀڄڙو ٿيڄي جڏهن بہ ڦارون ٿي پيو تہ هي همراهہ پنهنجو اصل آزاد وطن ڇڏي، اولهہ پاڪستان هليو آيو. ڪراچي يونيورسٽي مان ايڪنامڪس ۾ ماسٽرس جي ڊگري وٺي، سنڌ سرڪار ۾ ايڪنامڪ انويسٽيگيٽر جي نوڪري لاءِ 16 گريڊ ۾ انٽرويو ڏنائين. انهي انٽرويو ڪميٽي جو چيئرمين سائين فضل الله قريشي صاحب جن هئا. تنهن هن کي سنڌ شهري جي ڪوٽا تي نوڪري ڏيئي ڇڏي. انهي ڏينهن کان پوءِ هي هميشہ دوستي جي لاءِ سنڌين کي ڳوليندو رهيو. جيئن تہ سياسي طور هن جو تعلق جماعت اسلامي سان رهندو آيو آهي، پر ياري دوستي ۾ هو مذهب کي هميشہ پري رکندو آهي. اسين ڪٽر قوم پرست، هي ملان پر مذهب کي اسان وچ ۾ ڪو نہ آندو. جڏهن تہ ابراهيم نظاماڻي مرحوم هن کي هميشہ "ملان لٽر" سڏيندو هو. ها ڪڏهن ڪڏهن اسان جي پاڙ ۾ حورن ۽ غِلمانن تي جهڙپ ٿي پوندي هئي. هي اسان جو يار ملان هميشہ حورن جو شوقين رهيو آهي، چاهي اُهي فاني دنيا ۾ هجن يا دارُالبقاءُ ۾ انهي تي سندس ايمان پڪو هوندو هو. بنگالي هئڻ جي ڪري مڇي ۽ چانور کائڻ جي ڪري نندي لاڪون ذهن ڏاڍو تيز هوندو هوس، جيڪو اجا رٽائرمينٽ تائين ساٿ ڏيندو اچيس.

مون هن کي هميشه نوڪرين دوران ٻئي جي مدد ڪندي ئي ڏٺو. ها البت ڪو خاص قسم جو ماڻهو اچي ويندو هو ته پنهنجو ڪم ڇڏي پهرين ان جو ڪم ڪبو باقي پنهنجن ڪمن سان گڏ يارن دوستن جا ڪم ڪار Pending ۾. مشرقي پاڪستان ۾ هوندو هو ته اتي جون به ڏاڍيون دلچسپ خبرون پيو ٻڌائيندو هو. چوندو هو ته "پرائمري جا ڪلاس مون ڪڏهن به صحيح نموني سان اسڪول ۾ ويهي ڪو نه پڙهيا. بابو اسڪول ڇڏي ايندو هو ۽ آئون پويان کسڪي ويندو هوس مڇيون پڪڙڻ. آئون سڄو سال مڇيون پڪڙيندو رهندو هوس پر آخر ۾ امتحان ۾ هميشه پهريون نمبر ايندو هوس". آخر ڪار پرائمري پاس ڪرڻ بعد هن کي ڍاڪا ۾ انگريزي پڙهڻ لاءِ ڇڏيو ويو. پر اتي به هن جا ساڳيا پرڪار. ائين جيئن تيئن ڪري انٽر ڪيائين ته 1971 ع واري جنگ لڳي پئي. هن جي پير ۾ اصل کان چڪر سو پنهنجو گهر ڇڏي اچي ڪراچي کان نڪتو. اهڙن گهرن کان نڪتلن کي پاڪستان ۾ ورسائڻ جي لاءِ جماعت اسلامي هنن جي وڏي مدد ڪئي هئي. شروع وارن ڏهاڙن ۾ هي همراه ڪلين شيو ۽ سوٽيڊ بوٽيڊ هوندو هو. اڳتي هلي باريش به ٿي ويو ۽ سلوار به گوڏن تي اچي بيٺي. هوڏانهن ڪم جي لحاظ کان انتهائي هوشيار هوندو هو. جڏهن ته انگريزي به تمام سٺي هوندي هئس. چو جو CSS پاس ڪري چڪو هو. اسان مان ڪو به انگريزي ۾ ڦاسندو هو ته ان جو حل هن وٽ ئي هوندو هو. اردو ۽ انگريزي سان گڏ ڪيڏي مهل بنگالي ٻولي جا لفظ به هٽي ويندو هو ته ڳالهه سمجهه کان ٻاهر نڪري ويندي هئي. پر ڪڏهن ڪڏهن ڪنهن انگريزي جي نثري ٽڪري جو اردو ترجمو ڪرڻو هوندو هو ته منهنجي ۽ عثمان جي پريشاني وڏي ويندي هئي، پوءِ ظفر اچي اسان جي جان ڇڏائيندو هو.

مون جڏهن بدين کان واپسي تي ٻئي دفعي فنانس ڊويزن Join ڪئي ته اسان جي ڪمپني ۾ ٻه ٻيا دوست به شامل ٿي ويا. هڪ هو ظفر، جنهن جو ذڪر هن ڪتاب ۾ موجود آهي. ٻيو ممتاز شاه، جنهن جو تعلق پاڪستان جي اترين علائقن سان هو. شاه صاحب جڏهن ڳوٺان ايندو هو ته اڪروٽ ڪنيو ايندو هو. تنهنڪري اسان هن جو نالي رکيو هو "اڪروٽ شاه" ڳالهه پئي هلي عثمان غني جي، اهو به ذڪر ٿي چڪو آهي ته هي مُلو به ٿي ويو. پر هي ٻين مُلن کان مختلف هوندو هو. هِن ملان ۾ رنگ ۽ پينگ ٻئي شامل هئا. مطلب ته رنگين مُلو هو. هر روز اسان جي آفيس ۾ ٻي شادي جو ذڪر ٿيندو رهندو هو. مُلو چوندو هو ته "منهنجي ٻي شادي ڪرايو". هڪ ڏينهن مون هن کان پڇيو "تون اهي خبرون گهر ۾ به ڪندو آهين؟" ته هن ڇاتي تي هٿ هڻي وڏي واڪ چيائين ته "آئون ته اهي ڳالهيون گهر ۾ ڪندو رهندو آهيان." تنهن تي اڪروٽ

شاهه چيس تہ توکي گهر واريءَ ڪجهہ ڪا نہ ٿي چوي،" انهي تي ظفر کلي چيو تہ " اها تہ هُن کي بہ خبر آهي تہ مُلان صرف ڳالهين جو ڳنڍيير آهي " ڪِلنَ جا ڪوڪريا ٿي ويا. مُلو کلي خوش ٿي ويهي رهيو. اسان جي جڏهن بہ ڪچهري ٿيندي هئي اسان واري رنگين مُلن جو موضوع حِڪمت هوندو هو. حِڪمت جون اهڙيون اهڙيون وصفون ٻڌائيندو هو جيڪي اسان ڪڏهن ٻڌيون ئي ڪو نہ هيون. ظفر چوندو هو تہ هن وٽ بنگالي ٻولي ۾ ڪتاب آهن، انهي مان پڙهي ٿو اچي. حڪمت کي گهمائي ڦيرائي ڪنهن حڪمت عملي تحت ساهہ وارن جي مخصوص بيمارين ڏانهن ڪٺي ويندو هو.

پرويز مشرف جي حڪومت جو زمانو هجي، ڏاڍي جي لٺ کي ڏهہ مٺا، وڏن آفيسرن جي لَئي لڳي پئي هجي، اهڙين مطلق العناني حڪومتن جي ڏينهن ۾ Bureaucracy چاهي اها سول هجي يا مليٽري اهي ئي اڇي ڪاري جا مالڪ ٿي ويندا آهن. سرڪاري ادارن ۾ مقررين ۽ بدليون ٻڌي جي حساب سان ٿينديون آهن. قاعدن قانونن جي ڪتابن کي گليف ۾ ويڙهي ڪنهن ڪنڊ ۾ رکي ڇڏبو آهي. هڪ ڏينهن چا ٿيو جو ڪنهن يونيورسٽي مان تازو ڊگري ورتل ڪجهہ نئديون نيٽيون نينگريون وٺي انهن کي 35000 هزار پگهار ڏيئي، اسان جي گروپ جي خالي پيل پوسٽن تي انهن کي مقرر ڪري ڇڏيائون. انهي زماني ۾ اسان مان ڪنهن جو بہ 15000 هزارن کان مٿي پگهار ڪو نہ هوندو هو. اسان ڪافي اعتراض واريو تہ هي نيون گريجوئيٽس اسان جي پوسٽن تي ۽ اسان کان وڌيڪ ماهانہ پگهار تي ڪيئن رکيون ويون آهن. هونئن بہ اسلام آباد ۾ مٿي پوسٽ تي پهچڻ تائين هر ماڻهو گنجو ٿيو وڃي. گنجو تہ آئون بہ آهيان پر سهڻو گنجو آهيان، ائين سڄو مٿو "رن وي" ڪونهي ٿيل. اسان سڀ ملان عثمان غني وٽ گڏ ٿياسين تہ هاڻي چا ڪرڻ گهرجي. غني صاحب اهڙو خوش هجي جو چوي تہ " پاڻ سڀ پهريائين گنجا آهيون، هاڻي گهٽ ۾ گهٽ وارن واريون تہ آهن. جيڪي اسان جون آفيس ۾ Colleagues هونديون، تنهنڪري ماٺ ڪري وڃي ويهي رهو هي فوجي حڪومت آهي. "

پاڪستان سيڪريٽريٽ ۾ آفيسرن سان گڏ جيڪا ٻي شيءِ مشهور آهي تہ اها آهي "ڇُوها" سيڪريٽريٽ جو هڪ هڪ ڇُوهو ٻن ڪلو کان وڌيڪ وزن وارو هوندو آهي. جن کي اسان پڙهيل ڳڙهيل ڇُوها يا ڪوئا چوندا هئاسين. ايڪنامڪ سروي ۽ بجيٽ جي سيزن هجي، آفيس ۾ رات جو 10 وڳي تائين ويهڻو پوندو هجي. مئي ۽ جون جا وڏا ڏينهن ۽ ننڍيون راتيون، ننڊ پوري ٿئي ڪا نہ، سو مُلو عثمان چا ڪندو هو جو منجهند جو نماز پڙهي آفيس

۾ مُصلو وڇائي سمهي پوندو هو. ٻاهر نائب قاصد کي سختي سان هدايت ڪندو هو ته اندر ڪنهن کي به نه ڇڏجان. ڇو جوآئون سروي جي ڪم ۾ مصروف آهيان. هڪڙي ڏينهن اڪروٽ شاهه زوري در کولي اندر هليو ويو. ڏسي ته مُلو اگهور ننڊ ۾ ستو پيو آهي، پاسي ۾ وڏو ڪارو نانگ ڦڻ ڪڍيو ويٺو آهي. شاهه جيئن ئي ڊوڙي ڪمري مان ٻاهر نڪتو ته سڏو منهنجي ڪمري ۾ هليو آيو "لٺ ڏي پنهنجي يار کي نانگ ٿو کائي." جيئن نانگ نانگ ٿي ته سڄي آفيس ۾ ٽرٽلو مچي ويو. جنهن کي جيڪا شيءِ هٿ آئي اها کڻيو ڊوڙندو آيو. تيستائين پوليس وارا به بندوقون کڻي پهچي ويا. انهي گوڙ شور ۾ نانگ اسان کان ڀڄي ويو. پوءِ انهي سڄي سروي جي سيزن ۾ نانگ بحث هيٺ رهيو. پوءِ جيترا وات اوتريون ڳالهيون، ڪي چون ته نانگ ايئرڪنڊيشنڊ مان آيو. ڪن جا ڪهڙا خيال ته ڪن جا ڪهڙا خيال، نيٺ ظفر ڳجهارت ڀڃي وڌي ته اهو نانگ ڪتان آيو. هن جو چوڻ هو ته نانگ ڪنهن ڪوئيءَ (مونث) تي آيو آهي. ڇو جو سيڪريٽريٽ بلڊنگ ۾ اها شيءِ جججهي مقدار ۾ آهي.

مون جڏهن فنانس ڊويزن ڇڏي 19 گريڊ ۾ اسٽيبلشمينٽ ڊويزن اچي Join ڪئي هئي ته هڪ سال جي وقفي کان پوءِ محمد عثمان غني صاحب به 20 گريڊ ۾ مون واري ساڳئي ڊويزن ۾ ڊائريڪٽر جنرل تي آيو. انهي وچ ۾ آئون به DG تي ويس. اسان جي وري موج مستي شروع ٿي وئي، پر هاڻي اسان ڪافي سينئر ليول تي هئاسين، تنهنڪري اسٽيٽس جو خيال رکڻو ئي پوندو هو.

محمد عثمان غني مون کان به سال اڳ رٽائر ڪيو آهي. مون وانگر اسلام آباد جي ڪنهن ڪنڊ ۾ رهائش پذير آهي. مون تي اجا به هن جا احسان آهن. جڏهن به ڪو لذت ڀريو مزيدار SMS هٿ ايندو اٿس ته مون کي فارورڊ ضرور ڪندو آهي. ٻيو جڏهن به عثمان غني جي گهر ڀَتَ سان گڏ مڇي (بنگالي ٻولي ۾ ڀت ٿي چوندا) تيار ٿيندي آهي ته مون کي ضرور فون ڪندو آهي. انهي ڀت جي لذت جي خبر اهي ئي ٻڌائي سگهن ٿا جن ڪڏهن ڪنهن بنگالي جي گهر ڀَتَ ۽ مڇي کاڌي هوندي، باقي ٻين کي ڪهڙي خبر ته بنگالي جي هٿ جا ٺهيل مڇي ۽ ڀت ايترا ڇو لذيذ ٿيندا آهن

## امر جليل سان مٺاچريون ملاقاتون

دل پئي چاهيو تہ پنهنجي ڪتاب ۾ ڪنهن اهڙي ڪردار جو بہ ذڪر هئڻ گهرجي، جنهن جي قلم ڪڏهن بہ ساهي پٽڻ جي خواهش ظاهر نہ ڪئي هجي. جڏهن تہ سندس تعلق خالص علم ۽ ادب سان هجي. قلم سان جوتيل جهيڙي هزارين مون جهڙن سندس پڙهندڙن کي بہ انهي سرد جنگ ۾ ڪُڏي ڪنڌ ڪپائڻ جي لاءِ آمادہ ڪيو هجي. اها جنگ جنهن کي هرڪو پنهنجي جنگ سمجهي ٿو. اهڙا ڪردار تہ سنڌ ۾ هزارين آهن. پر انهي ڪيتر ۾ منهنجو پهريون عشق امر جليل جون ڪهاڻيون هيو ۽ اجا آهي. منهنجي خيال ۾ هر شيءِ وسري سگهي ٿي پر پهرين چمي ۽ پهريون عشق نہ ٿو وسري سگهي. اهو ياد نہ اٿم تہ پهرين چمي مون ڪنهن کي ڏني هئي يا مون کي ڪنهن ڏني هئي، ها البت اهو ياد اٿم تہ پهريون عشق مون امرجليل جي لکڻين سان ڪيو هو. هونئن بہ جيڪڏهن ڪنهن مون جهڙي عاشق کي چئجي تہ پنهنجي محبوب تي ڪجهہ ڳالهائي يا بہ چار جملا لکي تہ اهو "ٻہرن ڪان ٻير گهرڻ" برابر ٿيندو. لکڻ ۾ هٿ رڪندا، ڳالهائڻ ۾ زبان هٻڪندي، اڳواٽ ياد ڪيل جملا ۽ فقرا پنهنجو وجود وڃائي ويهندا. منهنجي خيال ۾ محبوب جي شان ۾ لکڻ انتهائي ڏکيو ۽ سخت ڪم آهي. ذهن ۾ اهڙيو صفتون نڪري نروار ئي نہ ٿيون ٿين جو انهن کي استعمال ڪري محبوب جي ساراهہ جون سُرڪيون ڀري سگهجن. سو مون جهڙو گهٽ پڙهيل، موڳو مٺر، ڏنو ڏڙ ٽول، سنڌو جي ساڃاهہ جون سُرڪيون ڀرڻ ڪان پوءِ ڪيئن هوش ۾ رهي سگهندو، اهو ممڪن ڪونهي. اهو بہ ياد نہ اٿم تہ مون امر جليل کي ڪڏهن ۽ ڪهڙين حالتن ۾ پڙهڻ شروع ڪيو هو ۽ سندس ڪهڙي ڪهاڻي مون پهرين پڙهي هئي، پر ايترو ضرور ياد اٿم تہ اهي 70 جي ڏهاڪي جا وچ وارا سال هئا. اهي ڏينهن اڇوڪا ڏينهن، ڪهاڻي جي ڪيتر ۾ مون امر کي ئي وڌيڪ پڙهيو آهي. ڪو وقت هوندو هو تہ سندس ڪهاڻين جا ڊائلاگ بر زبان ياد هوندا هئا، پر هاڻي وقت جي دز ملڪ ۾ وڌندڙ مذهبي انتهاپسندي، ذهن جون ڪليل ڳڙڪيون بند ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيون آهن. مون کي لڳي ٿو تہ امرجليل جي ڪهاڻي "سردلاش جو سفر" جي اجا پڄاڻي نہ ٿي آهي. "بارنس اسٽريٽ جو غنڊو" چئن چڱن جي هُشي تي اجا وڌيڪ دهشتگردي ڪرڻ ۾ مشغول آهي. "ڪپيل ٻانهن جو وارث" اجا پيدا ئي نہ ٿيو آهي. مون کي سندس انيڪ اهڙين ڪهاڻين پڙهڻ جو موقعو مليو. جنهن ادب ۽ مذهب تي اجا وڌيڪ واضح ۽ چٽو ڪري ڇڏيو. جيتوٽيڪ انهي

دور ۾ امر جليل کان سواءِ نسيم کرل ۽ آغا سليم سنڌي ڪهاڻي ۾ پنهنجو پاڻ مڃائي چڪا هئا. پر جيڪو رس ۽ چس امر جي ڪهاڻين مان ايندو هو اهو ٻين جي ڪهاڻين ۾ ڪٿي. گهڻو وقت ته مون امر جليل کان سواءِ ٻين ڪهاڻيڪارن کي پڙهڻ ئي ڇڏي ڏنو هو.

امر جليل پنهنجن لکڻين ۾ ساڻس ٿيل وارتائن جو ذڪر ڪندو رهيو آهي ۽ اهو به ذڪر ڪندو رهيو آهي ته هو ڪهڙي طرح اسلام آباد آيو. تنهنڪري مون کي هتي انهي بابت لکڻ جي ضرورت ڪونهي. ها البت آئون اسلام آباد 1986ع ۾ آيس، انهي کان اڳ مون امر جليل کي گهڻو ڪجهه پڙهيو هو جيئن ته امر مون کان اڳي ئي اسلام آباد ۾ موجود هو. آئون هميشه ڪوشش ڪندو آهيان ته جنهن سان پيار ٿي وڃي، ان کان پري رهجي. تنهنڪري مون کي امر جليل جي ڪردارن سان هڪ اڻ ڏٺو پيار ٿي ويو هو ۽ مون اهو مناسب نه سمجهو ته اهڙن لازوال ڪردارن جي سرجڻهار سان ملڻ گهرجي. جيئن انهي محبت ۽ احترام ۾ ڪا ڪمي پيشي نه ٿي وڃي. اسلام آباد ۾ آئون 8_I سيڪٽر ۾ رهندو هوس جڏهن ته جليل صاحب به ساڳئي سيڪٽر ۾ رهندو هو. اسان جي گهرن جي وچ ۾ مشڪل سان ڪو 200 والن جو فاصلو هو. پر آئون احترامن دل جهلي نه سگهيس جو پنهنجي محبوب ليکڪ سان ملي سگهان. جڏهن ته آئون 25 سالن کان وٺي کيس باقاعدي پڙهندو پئي آيس. هڪ دفعي جي ڳالهه آهي محترم غلام حسين رنگريز اسلام آباد آيل هو. جنهن مون کي زور پريو ته "هل ته امر جليل سان ملي اچون." ان وقت جليل صاحب پرائيويٽ بلاڪن جي ڪنهن گرائونڊ فلور جي فليٽ ۾ رهندو هو. انهي ملاقات ۾ مون هڪ لفظ به ڪو نه ڳالهايو هو، صرف جليل صاحب کي ٻڌندو ۽ ڏسندو رهيس. ادب تي ۽ ڪتابن جي پرنٽنگ تي امر جليل صاحب جو موقف واضح ۽ چٽو هو. جيڪو مون کي اڄ تائين جيئن جو تيئن نظر اچي ٿو. ان کان پوءِ ٻي ملاقات "ڪتاب ميلي" ۾ ٿي، جيڪو هر سال پاڪ چائنا سينٽر ۾ منعقد ٿيندو آهي. پاڻ ڪو ڪتاب پئي ڏٺائين، مون جهڪي وڃي سلام ڪيو ۽ ڪانئس شڪايت ڪيم ته "توهان جون ڪهاڻيون پڙهڻ لاءِ گهڻ ملي رهيون آهن". پاڻ جواب ڏنائين ته "اخباري ڪالمن جي ڪري ڪهاڻين واري سائيڊ زرا جهڪي ٿي ويئي آهي." منهجي خيال ۾ اسان 15 سال کان وٺي هڪ ئي شهر ۾ رهندا آياسين. پر امر جليل صاحب سان منهنجون صرف اهي به ملاقاتون ٿيون. هو رٽائرمينٽ وٺي ڪراچي هليو ويو ۽ مون هميشه جي لاءِ اسلام آباد کي پنهنجو ڪري ڇڏيو.

## زندگي جو ورهاڱو

منهنجي خيال ۾ منهنجي زندگيءَ کي ٽن حصن ۾ ورهائي پوءِ ان جو تجزيو ڪجي ته بهتر رهندو. پهرين اسڪولي زندگي جنهن تي آئون گهڻو ڪجهه اڳ لکي چڪو آهيان. ٻيو پرائمري ماستري ۽ ٽيون هتي اسلام آباد ۾ نوڪري. انهي ۾ ڪجهه سياسي ۽ سماجي ڳالهيون پڻ اچي سگهن ٿيون.

اسڪولي زندگي هڪ قسم جي لااُبالي زندگي هوندي آهي. ان زماني ۾ جيئن ته سائنس ايتري ترقي نه ڪئي هئي، نه ئي ان زماني جو ٻار به ايترو چست ۽ چالاڪ هوندو هو. بجلي، روڊ رستن جي سهوليت به ايتري ڪو نه هوندي هئي. بابا سائين جو بي وقتائتي موت جي ڪري امان اڪيلي صرف اسان ٻارن سان گهر ۾ رهندي هئي. اهو ضرور آهي ته ماما، چاچا هڪ مقرر امائونٽ ۽ ان داڻا ڏيندا رهيا. پر پيءُ جي شفقت اسان ڪا نه ڏٺي. بابا کي هي جهان ڇڏي هاڻي 50 سال ٿي ويا آهن. سندس ڌنڌلو عڪس منهنجي نظرن مان گذرندو آهي ته بي اختيار دل مان هڪ قسم جي دعا نڪرندي آهي ته الله ڪنهن کي اهڙي حالت مان نه گذاري جنهن مان اسان گذريا آهيون. اڄ اسان وٽ خدا جو ڏنو سڀ ڪجهه آهي، گاڏيون، بنگلا، وڏا وڏا عهدا. اسان جو اولاد پڙهي لکي ويو آهي، پر اسان جي بابا ته ڪجهه به نه ڏٺو. اهو احساس اندر کي کائيندو ٿو وڃي. مون تقريبن 11 سال پرائمري ماستري ڪئي. انهي وچ ۾ به سال نندي ڄمار جي هئڻ جي ڪري ڪنهن به سرڪاري نوڪري جي لائَق نه هوس، ته ڇٽن ۽ ڇولن جو ٿالهه امان ٺاهي ڏيندي هئي اهو مٿي تي رکي بسن ۽ دڪانن تي کپائي ايندو هوس. جيئن 18 سال پورا ٿيا ته نوڪري ملي وئي. هاڻي گهر جو گاڏو به نيڪ هلڻ لڳو ته اسان به ڪنهن سان ڳالهائڻ ٻولهائڻ جهڙا ٿياسين. اها ئي ته وقت جي خوبي آهي جو هو هڪ هنڌ نه ٿو بيهي. هي پرائمري ماستري جا 11 سال مون پنهنجي پاڻ کي ڪتابن جي دنيا ۾ گم ڪري ڇڏيو. ائين به ڪو نه هو جو آئون دنيا کي ترياق ڪري گوتم ٻڌ ٿي ويو هوس. بس زماني سان گڏ به هلندو رهيس ته پڙهندو به رهيس، انهي وچ ۾ اقتصاديات ۾ ماسٽرس به ڪري ورتم.

هاڻي آئون 17 گريڊ جي ڪنهن نوڪري لاءِ اهل ٿي چڪو هوس. سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جا امتحان ڏيندو رهيس ۽ فيل ٿيندو رهيس. مون هڪ ڪتاب پڙهيو هو محمد بخش “واصف” جو انهي جو عنوان هو “ تعمير زندگي. ” انهي ڪتاب جو لب لباب هي هو ته “انسان جي اڳيان ڪا به

شيءِ ناممڪن ڪونهي”. آئون جڏهن بہ ڪنهن نوڪري لاءِ ڏنل انٽرويو يا امتحان ۾ فيل ٿيندو هوس تہ اهو ڪتاب ڪٽي ويهي پڙهندو هوس. ايٽريقدر جو انهي ڪتاب جا صفحن جا صفحا مون کي ياد ٿي ويا. هوڏانهن ٻئي طرف منهنجا يار, دوست, مٽ مائٽ, اوڙي پاڙي وارا, ايٽريقدر جو گهر ۾ پائر پينرون مون کي دل شڪستہ ,(Discourage) ڪندا رهيا ۽ منهنجو مذاق اڏائيندا رهيا. پر منهنجي دماغ ۾ هڪ قسم جو ڀوت سوار هو تہ مون کي 17 گريڊ ۾ ڪنهن نہ ڪنهن محڪمي ۾ آفيسر ٿيڻو آهي. ائين جيئن ڪو ماڻهو ڪنهن جي عشق ۾ انڌو ٿي وڃي. مون تي هڪ قسم جي اهڙي ڪيفيت طاري ٿي وئي هئي, . تان جو 1986 ع ۾ فيڊرل پبلڪ سروس ڪميشن جو امتحان پاس ڪري 17 اسڪيل ۾ ريسرچ آفيسر ٿي وڃي فنانس ڊويزن Join ڪيم. انهي دوران ڳوٺ ۾ وري هي خبرون شروع ٿي ويون تہ هي همراهہ اسلام آباد مان پڇي ايندو, ڇو جو ان کان اڳ آئون رڳ هاءِ اسڪول مان نائين ڪلاس مان پڇي ايو هوس. پر تاريخ پنهنجي پاڻ کي ڪو نہ ورجايو ۽ آئون اسلام آباد ۾ هميشہ جي لاءِ اتي جو ٿي ويس. پرائمري ماستري دوران هڪ سال جيڪو ٽريننگ لاءِ منياٽي ويڃڻو پيو. انهي منهنجي زندگي جا طور طريقا ئي بدلائي ڇڏيا. ڇونڊا آهن تہ سٺن ماڻهن جي دوستي زندگي جي هر موڙ تي رهبر جو ڪم ڏيندي آهي. آئون جڏهن منياٽي پڙهڻ ويو هوس تہ ڪچڙو جوان هوس, سيني ٽريني استادن ۾ ننڍي ۾ ننڍي عمر منهنجي هئي. ان وقت جيڪڏهن فيس بڪ هجي ها تہ مون کي وڏي تعداد ۾ ماڻهو “لائڪ” ڪن ها. جنهن هڪ ماڻهو مون کي لائڪ ڪري, منهنجي ذهني ۽ اخلاقي تربيت ڪئي, اهو هو راشد مورائي . جيڪو تمام پري ويهي خطن ۽ ٽيليفون ذريعي منهنجي رهنمائي بہ ڪندو رهيو ۽ مون کي همٿائيندو (Encourage) بہ رهيو ۽ آئون زندگي ۾ ڪاميابيون ماڻيندو ويس.

## ڊائريڪٽر ۽ ڊائريڪٽر جنرل طور مقرري

اهو مون مٿي اڳي ئي ڪٿي لکيو آهي ته منهنجي 20 گريڊ جي پروموشن لاءِ سائين فضل الله قريشي صاحب منهنجي مدد ڪئي. ان کان سواءِ جيڪو ٻيو انسان هو جنهن منهنجي دل کولي مدد ڪئي، اهو هو عبدالطيف لغاري صاحب. اهو ان زماني ۾ انهي اداري جو ڊائريڪٽر جنرل هو جنهن ۾ آئون ڊائريڪٽر هوس. يعني هو 20 گريڊ ۾ ۽ آئون 19 گريڊ ۾. اڪثر ماڻهن کي پل ٽي ويندي هئي، آئون هن جا فون پيو اٽينڊ ڪندو هوس ته هو وري منهنجا فون پيو ٻڌندو هو. ائين اسان ٻنهي انهي اداري مان لازمي ٽريننگس به ڪري ورتيون. جيئن ته عبدالطيف لغاري صاحب سيڪريٽريٽ گروپ جو ميمبر هو ۽ آئون Technocrat هوس، يعني منهنجي صرف انهي اداري ۾ پروموشن ٿي سگهي ٿي، جنهن ۾ مون ڪم پئي ڪيو ۽ ڪنهن ٻي منسٽري ۾ وڃي به نه ٿي سگهيس. جڏهن ته لغاري صاحب آفيس مينيجمينٽ گروپ جو ماڻهو هو ڪنهن به منسٽري ۾ وڃي پئي سگهيو. اتفاق سان اسان ٻنهي ٽرينگ تان واپسي تي هڪ ئي ڏينهن آفيس Join ڪئي هئي. هن صاحب مون کي پهرين ڏينهن ئي چيو ته "هي سيٽ توهان جي آهي، مون کي هاڻي ڪٿي ٻئي پاسي وڃڻ گهرجي. " مون کيس عرض ڪيو ته " تيستائين انهي سيٽ تي رهو جيستائين منهنجي پروموشن ٿئي، ٻي حالت ۾ هتي ڪو ٻيو اچي ويو ته منهنجي پروموشن ليٽ ٿي ويندي". ائين هو صاحب 6 مهينا منهنجي خاطر انهي سيٽ تي رڪيو رهيو. اصولن پروموشن انهي سيٽ تي ٿيندي آهي، جيڪا سيٽ صفا خالي هجي. هن سيٽ تي ته لغاري صاحب وينو هو پر لغاري صاحب لکي ڏنو هو ته "جيئن ئي نظام لغاري جي پروموشن ٿيندي آئون سيٽ خالي ڪري ڇڏيندس. " آئون جڏهن اهڙو سرٽيفڪيٽ ڪٽي واسطيدار سيڪشن آفيسر وٽ ويس ته هو صاحب اهو پڙهي تعجب ۾ پئجي ويو. مون کي چيائين ته " ڇا اهڙا الله جا ٻانها اسان جي ملڪ ۾ اڃا موجود آهن. " وڌيڪ چيائين ته "مون پنهنجي نوڪري دوران اهڙو آفيسر نه ڏٺو آهي جيڪو ائين لکي ڏي، جيئن لغاري صاحب توکي لکي ڏنو آهي. " سچ پڇو جيڪڏهن عبدالطيف لغاري صاحب نه هجي ها ته مون کي پروموشن لاءِ گهڻو ڪجهه ڀوڳڻو پوي ها. ٻي حالت ۾ مون کي ڪورٽن ۾ وڪيلن جا در ڪڙڪائڻا پون ها، جن تي مون کي ايمان ڪو نه هو ته ڪو مون کي اتان انصاف ملندو. خير قريشي صاحب ۽ لغاري صاحب جي هئڻ جي ڪري اهڙي نوبت ڪو نه آئي.

ائين اپريل 2011 ۾ آئون ”پاڪستان پبلڪ ايڊمنسٽريشن ريسرچ سينٽر“ جو 20 گريڊ ۾ ڊائريڪٽر جنرل ٿي ويس ۽ تقريبن چئن سالن کان ڪجھ مهينا مٿي انهي اداري جو DG رهيس. ان وقت انهي اداري ۾ 130 جي قريب ماڻهو ڪم ڪندا هئا, جنهن مان 30 جي قريب آفيسر, باقي اسٽاف جا ماڻهو هئا. منهنجو اهو ايڊمنسٽريشن جو پهريون تجربو هو. صرف چند ماڻهو هئا جيڪي منهنجي خلاف شرارتون ڪندا هئا, باقي ٻين مان مون کي ڪا ٻه شڪايت ڪا نه هئي. انهي هوندي ٻه مون ڪنهن ٻه ماڻهو جي سالياني ڪاڪردگي واري رپورٽ خراب نه ڪئي. جيڪڏهن انهي رپورٽ ۾ ڪنهن جي خلاف ڪي اڻ وڻندڙ ريمارڪس لکي ڇڏيان ها ته ان جي پوري زندگي پروموشن ختم ٿي وڃي ها. جڏهن ته آئون اهو سڀ ڪجھ لکي پئي سگهيس, پر مون ائين نه ڪيو. جن مون کي ڏکويو مون انهن لاءِ ٻه ڀلو سوچيو. ايريقدر جو ڪن ماڻهن جي مرضي تي نه هلڻ جي ڪري منهنجي سرڪاري گاڏي جا اسٽرينگ ويل جا نٽ بلٽ ڍرا ڪيا ويا ته جيئن گاڏي جو ايڪسيڊينٽ ٿئي ۽ DG جو جاني نقصان ٿئي. پر مون هر شيءِ کي نظر انداز ڪيو. آئون ڪنهن جي دٻاءُ اچڻ کان سواءِ ميرٽ تي ڪم ڪندو رهيس. اهو سڀ ڪجھ مون کي عبداالطيف لغاري صاحب سيکاريو ته ”ڪيڏو ٻه دشمن هجي پر ان جي خلاف آخري حد تائين ناهي وڃڻو.“ جڏهن آئون پنهنجن وڏن ۽ سينئرن جي ڏسيل واٽ تي هلندو رهيس ته مون کي ڪنهن ٻه قسم جي ڪا پريشاني ڪا نه ٿي. ها وقتي طور تڪليفون ضرور آيون, جن جا حل ٻه انهن ئي سينئر دوستن ٻڌايا. ايمانداري جي واٽ تي مون کي مسعود قزلباش هلڻ سيکاريو. جنهن CSS پاس ڪري ASP جي نوڪري رڳو انهي ڪري ڇڏي ڏني جو پنهنجن مٿين آفيسرن جي چوڻ تي رشوت نه ورتائين. آفيس ۾ ٽائيم جي پابندي منهنجي پرائمري ٽيچري جي هيڊ ماستر سائين عبدالڪريم لغاري سيکاري, ريسرچ جا گُر, فائيلن ۾ منجهيل مسئلن ۾ پنهنجي محنت سان سکيس. منهنجي عادت رهي آهي ته جنهن ٻه منسٽري ۾ رهيو آهيان, محنت سان ڪم ڪيو اٿم. تنهنڪري ڪا ٻه منسٽري مون کي ٻئي پاسي ڇڏڻ لاءِ تيار نه هوندي هئي. مون پنهنجي نوڪري دوران اهو محسوس ڪيو آهي ته Bureaucrats اسان Tecnhnocrats کان سٺا ايڊمنسٽريٽر ثابت ٿيا آهن, ڇو جو هنن جو چوڻ آهي ته مٿي خدا هيٺ اسان. تڏهن ته هو هر جاءِ تي ڪامياب آهن. منهنجي خيال ۾ جيڪڏهن اسان جي اسپتالن ۽ اهڙن عوامي ادارن ۾ Bureaucats مقرر ڪيا وڃن ته انهن جي حالت ڪجھ سڌري سگهي ٿي. تڏهن ته نوجوان دوستن تي زور ڏيندو آهيان ته CSS ڪريو. اوهين ٻه خوش ان

ڪان پوءِ توهان جا ايندڙ نسل بہ خوش. مون بہ چار اهڙا سٺا نوجوان تيار ڪيا هئا، جيڪي اهو امتحان پاس ڪري پيا سگهن، پر شاديون ڪري ماين جا مڇو ٿي ٻيون نوڪريون وٺي ويهي رهيا. آئون اڃا بہ سنڌ جي ذهانت مان نا اُميد نہ ٿيو آهيان. مون کي سنڌن ذهانت تي پورو يقين آهي تہ هو اهو امتحان پاس ڪري سگهن ٿا. صرف اها دعا ڪندس تہ سنڌن فيس بڪ جو بخار لهي وڃي تہ هي نوجوان گهڻو ڪجهہ ڪري سگهن ٿا.

سو ڳالهہ پئي ڪيئي سين Pakistan Public Adminstration Research Center (PPARC) جي. جنهن جو آئون DG هوس. هي هڪ ريسرچ جو ادارو آهي،پرريسرچ هن اداري کان وڃائجي ويئي آهي. منهنجي خيال ۾ اسان جي ملڪ ۾ ڪو ريسرچ جو ادارو اهڙو ڪو نہ آهي، جيڪو حقيقي ريسرچ ڪندو هجي. منهنجي سڄي نوڪري ريسرچ ۾ گذري آهي، مون اهو ڏٺو آهي تہ مختلف منسٽرين ۽ ادارن کان انفرميشن وٺي ڪتاب ڇپيو ڇڏين، اها ٿي ريسرچ. آئون جڏهن فنانس ڊويزن ۾ هوندو هوس تڏهن بہ ائين ئي ڪندا هئاسين ۽ هاڻي جڏهن PPARC ۾ هوس تڏهن بہ اهو ئي ڪجهہ ڪندا هئاسين. خير اسان جون يونيورسٽيون بہ ريسرچ جا ادارا آهن پر اُتي ڪيتري ريسرچ ٿئي ٿي اها بہ سڀ ڪنهن کي خبر آهي. مون سان ٽي ڊائريڪٽر گڏ ڪم ڪندا هئا، 1. ڊائريڪٽر اسٽيٽسٽڪس،2. ڊائريڪٽر مينئيل ۽ 3. ڊائريڪٽر ريسرچ. ٽنهي ڊائريڪٽرن جو الڳ الڳ ڪم هوندو هو. ڊائريڪٽر اسٽيٽسٽڪس جيترين بہ فيڊرل گورنمينٽ ۾ ملازمتون هونديون هيون ان جو حساب ڪتاب رکندو هو. آئون جڏهن ڊائريڪٽر اسٽيٽسٽڪس ٿيس تہ ملازمتن جي ڊيٽا واري ڪتاب ۾ صوبي وار تفصيل تہ ڏنل هئا پر سنڌ جي ڊيٽا گڏيل هئي. مون ان کي شهري ۽ ٻهراڙي جي 1973 ع جي آئين جي روح مطابق الڳ ڪيو. جيئن خبر پوي تہ صوبائي ڪوٽا تي ڪيتري قدر عمل ٿيو آهي. ان کان پوءِ سنڌي پريس ۾ نوڪرين جا انگ اکر واضح طور اچڻ لڳا.

هن منهنجي ڊيٽا جي ڪتابن مان بلوچستان وارن خوب فائدو ورتو. جن اسيمبلي ۾ ٻاهہ ٻاري ڏني، نيٺ فيڊرل گورنمينٽ کي انهن لاءِ الڳ پيڪيج جو اعلان ڪرڻو پئجي ويو. باقي اسان جي سنڌي ميمبرن اهڙي قسم جو ڪو بہ ٻوٿو ڪو نہ ٻاريو. جڏهن تہ الڳ الڳ انگ اکر موجود هئا. آئون دعويٰ سان چوان ٿو تہ سنڌ جي ڪوٽا منسٽرين ۾ اڄ بہ موجود آهي. بقول نصير ميمڻ جي "ٻارداني لاءِ داڻو ڪپي،" سو هتي اها ڳالهہ لڳي پئي آهي. هيٺ پڙهندڙن جي چارٽ لاءِ بہ چارٽ ڏجن ٿا، جنهن مان پتو پوندو تہ فيڊرل گورنمينٽ ۾ اسان جي

نوڪرين جي ڪيتري ڪوٽا آهي، ڪيترا ماڻهو هينئر ڪم ڪن ٿا ۽ اڃا ڪيترا ماڻهو ان ۾ گهرجن. ٽيبل نمبر 1 ۾ فيڊرل گورنمينٽ جي نوڪرين جو وچور ڏجي ٿو.

چارٽ 1

فيڊرل گونمينٽ ۾ نوڪرين جا وچور

| صوبو يا علائقو | 2012_13 ۾ ڪم ڪندڙ ماڻهن جو تعداد | 2013_14 ۾ ڪم ڪندڙ ماڻهن جو تعداد | في سيڪڙو واڌ يا گهٽتائي | 1973 جي آئين مطابق نوڪرين جي ڪوٽا | 1973 جي ڪوٽا مطابق ڪيترين نوڪريون هئڻ گهرجن | صافي نوڪرين جو گهٽ ۽ وڌ |
|---|---|---|---|---|---|---|
| پنجاب | 205737 | 2 04812 | (0.45) | 50٪ | 222290 | (17478) |
| سنڌ رورل | 29198 | 28492 | (2.42) | 11.4٪ | 50675 | (22183) |
| سنڌ شهري | 29496 | 29590 | 0.32 | 7.6٪ | 33783 | (4193) |
| ڪي پي ڪي | 124795 | 118618 | (4.95) | 11.5٪ | 51119 | 67498 |
| بلوچستان | 18395 | 17875 | (2.83) | 6٪ | 26671 | (8796) |
| اي جي ڪي | 4596 | 4456 | (3.05)4. 16 | 2٪ | 8890 | (4434) |
| جي بي | 27421 | 28561 | 68.81 | 2٪ | 8890 | 19670 |
| فاٽا | 7178 | 12117 | (0.51) | 2٪ | 8890 | 3226 |
| ٽوٽل | 446816 | 444521 | | | | |

چارٽ 2

فيڊرل گورنمينٽ جي ڪنٽرول ۾ ڪم ڪندڙ خودمختيار ادارا ۽ ڪارپوريشنس

| صوبو يا علائقو | 2012_13 ۾ ڪم ڪندڙ ماڻهن جو تعداد | 2013_14 ۾ ڪم ڪندڙ ماڻهن جو تعداد | في سيڪڙو واڌ يا گهٽتائي | 1973 جي آئين مطابق نوڪرين جي ڪوٽا | 1973 جي ڪوٽا مطابق ڪيترين نوڪريون هئڻ گهرجن | صافي نوڪرين جو گهٽ ۽ وڌ |
|---|---|---|---|---|---|---|
| پنجاب | 206131 | 207601 | 71 .0 | 50٪ | 192969 | 14631 |
| سنڌ رورل | 38816 | 39854 | 67 .2 | 11.4٪ | 43997 | (4143) |
| سنڌ شهري | 49433 | 51373 | 92 .3 | 7.6٪ | 29331 | 22041 |
| ڪي پي ڪي | 54521 | 54785 | 48 .0 | 11.5٪ | 44382 | 10402 |
| بلوچستان | 16951 | 17698 | 23 .3 | 6٪ | 23156 | (5658) |
| اي جي ڪي | 5238 | 5379 | 69 .2 | 2٪ | 7718 | (2339) |
| جي بي | 2379 | 2638 | 89 .10 | 2٪ | 7718 | (5080) |
| فاٽا | 3931 | 3918 | (0.33) | 2٪ | 7718 | (3800) |
| ٽوٽل | 377400 | 383046 | 5.16 | | | |

| | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|
| بغير ڊوميسائل | 2751 | 2893 | | | | |
| ٽوٽل | 380151 | 385939 | 1.52 | | | |

جيڪڏهن مٿئين چارٽن کي چڱي طرح جاچي ڏسبو تہ فيڊرل گورنمينٽ ۾ سنڌ ٻهراڙي جي ڪوٽا مطابق نوڪرين ۾ اسان جا 22183 ماڻهو گهٽ آهن. جڏهن 1973 ع جي آئين مطابق سنڌ شهري جي مقرر ڪوٽا سنڌ ٻهراڙي جي ڪوٽا کان گهٽ آهي. ان جي ابتڙ سنڌ شهري جون نوڪريون سنڌ ٻهراڙي کان 1098 وڌيڪ آهن. جڏهن تہ ڪارپوريشنس ۽ نجي خودمختيار ادارن ۾ سنڌ ٻهراڙي جا 4143 ماڻهو مقرر ڪوٽا کان گهٽ آهن ۽ سنڌ شهري جا مقرر ڪوٽا کان 22041 ماڻهو وڌيڪ ڀرتي ٿيل آهن. تنهنڪري سنڌ شهري جي رهواسين جو اهو چوڻ تہ سنڌ ٻهراڙي کان اسان کي نوڪريون گهٽ ٿيون ملن، اهو چوڻ نيڪ ڪونهي. مٿئين چارٽن جا انگ اکر فيڊرل گورنمينٽ جي ڪتابن تان ورتا ويا آهن.

ٻيو ڊائريڪٽر مينئيل، جنهن جو ڪم هوندو هو سول سروس بابت وقتن فوقتن مختلف قسم جا آرڊر جاري ٿيندا هئا انهن کي گڏ ڪري ڪتابي شڪل ڏيڻ. جنهن ۾ مختلف ڪتاب شامل هوندا هئاجهڙوڪ، ايسٽا ڪوڊ، لِيوَ رول، پينشن رول ۽ جي پي فنڊ رول وغيره وغيره ائين PPARC، 28 مختلف قسمن جا ڪتاب ڇاپيندي هئي. ٽيون سيڪشن هو ريسرچ جو انهي ۾ PPP سرڪار ڪجھ سياسي ڀرتيون ڪيون هيون، ڪجھ دين جي تبليغ ڪرڻ وارا آفيسر، هڪ اڌ آفيسر اهڙو هو جيڪو پنهنجي پاڻ کي ڪُل ڪائنات سمجهندو هو. انهي سيڪشن مان ڪو بہ DG خوش ڪو نہ هوندو هو، سو مون بہ گاڏي رڙهڻ ڏني. جيئن تہ هو واندا هوندا هئا انهن کي ٻيو ڪو ڪم ڪار ڪو نہ هوندو هو، سو مصروفيات خاطر نامعلوم ماڻهن جي نالي تي DG جي خلاف درخواست ناهي سيڪريٽري کي موڪلي ڏيندا هئا تہ DG غلط پروموشن ٿو ڪري، پر مون کان ڪنهن بہ آفيسر اهو نہ پڇيو تہ هي تون ڇا ٿو ڪرين. اهڙين ڪوڙين درخواستن کي نيڪال ڪرڻ لاءِ هڪ رول آهي، جيڪو هڪ ڪتاب The Establishment Manual جي صفحي نمبر 454 تي لکيو پيو آهي. آئون بہ اهو رول ريفر ڪري اهڙين درخواستن کي فائيل داخل ڪرائي ڇڏيندو هوس. ائين هو پنهنجو ڪم ڪندا رهيا ۽ آئون پنهنجو ڪم ڪندو رهيس. بهرحال هن سيڪشن هڪ اسٽيڊي ڪئي هئي، جنهن ۾ مختلف قسم جون تجويزون هيون. جنهن ۾ هڪڙي تجويز اها بہ هئي تہ هر ملازم کي سندس رٽائرمينٽ تي 6 مهينن جي پگهار جي بجاءِ 12 مهينن جي پگهار ڏني وڃي. اها تجويز بہ سالن کان التوا (Pending) جو شڪار هئي، سو

مون انهي کي چندي ڦوڪي هڪ خط تاهي فنانس ڊويزن کي ڏياري موڪليو. مون کي خبر هئي تہ انهي منهنجي خط جو ڪو بہ اثر ڪو نہ ٿيندو چوجو مون کي انهي ڊويزن جو وڏو تجربو اڳئي هو. ڪو جواب ڪو نہ آيو 15 ڏينهن کان پوءِ وري بيو يادگيري جو خط لکيم. انهي وچ ۾ اسان جي ماهوار DGs ميٽنگ ٿي، جنهن تي اسان جي هڪ دوست شاعري ڪئي هئي، جنهن جو اعنوان هو "چئن چڳن جي ميٽنگ" جنهن ۾ هن ڏيکاريو هو تہ ڪيئن واندا ويهي سرڪاري چانهہ بسڪوٽ تي ڪچهري ڪن ٿا. انهي ميٽنگ جي صدارت راجا حسن عباس، جيڪو اسان جو ايڊيشنل سيڪريٽري ڪري رهيو هو. جڏهن ميٽنگ ختم ٿي تہ مون اهو سُر ڪنيو. گهڻي بحث مباحثي کان پوءِ آئون ان کي قائل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويس تہ اسان کي سيڪريٽريز ڪاميٽي ۾ ڪيس ڪٽي وجڻ گهرجي. جيڪا 15 ڏينهن جي اندر اندر منعقد ٿيڻي هئي. ائين مون ذاتي ڪوشش وٺي اهو ڪيس منظور ڪرائي ڇڏيو. هاڻي هر سرڪاري ملازم کي Encashment جي مد ۾ 6 جي بجاءِ 12 پگهارون ملڻ لڳيون آهن. بس ائين ڪري 15 جون 2015 تي مون DG جي پوسٽ تان رٽائر ڪيو.

مون اسلام آباد ۾ جتي محبتون ڏنيون، اتي نفرتون بہ مون کي پلئہ پيون. خاص ڪري فيڊرل گورنمينٽ ۾ هڪ ٻئي جو ٽنگون ڇڪڻ تہ عام آهي. انهي سان گڏ محنتي ماڻهو جي عزت بہ آهي. فيڊرل گورنمينٽ ۾ مون جيڪي خاص ڳالهہ ڏٺي اها روزگار جي سلامتي (Job Security ) آهي. جيڪڏهن هڪ دفعو نوڪري ملي وڃي ٿي تہ پوءِ هرو پرو اڳتي خطرو نہ ٿو رهي. جيئن سنڌ ۾ پيپلز پارٽي طرفان ڏنل هر نوڪري 6 مهينن کان پوءِ ڪوڙي ٿيو پوي. ائين فيڊرل گورنمينٽ ۾ ڪو نہ ٿو ٿئي. انهي وچ ۾ جيڪڏهن ڪا پنهنجي غلطي آهي تہ پوءِ مسئلا ٿين ٿا. پر مون اڄ ڏينهن تائين ڪنهن بہ ماڻهو کي فيڊرل گورنمينٽ جي نوڪري مان خارج ٿيندي ناهي ڏٺو. تقريبن آفيسرس گريڊ جون سڀئي پوسٽون فيڊرل پبلڪ سروس ڪميشن جي ذريعي پريون ويندون آهن. جيڪڏهن ڪا ايڊهاڪ تي پرتي ڪئي ويندي آهي تہ ان جي بہ منظوري ڪميشن کان ورتي ويندي آهي. ٿورن لفظن ۾ ائين ڪٽي سمجهو تہ 16 اسڪيل کان 22 اسڪيل تائين فيڊرل گورنمينٽ جون پوسٽون FPSC جون آهن. انهي ۾ گورنمينٽ جو ڪو بہ عمل دخل ڪونهي. جڏهن تہ FPSC ۾ 99.9 سيڪڙو ميرٽ تي عمل ڪيو وڃي ٿو. اتفاق سان ڪا انساني غلطي ٿي سگهي ٿي، باقي شعوري طور هن اداري ۾ غلطي جي ڪا بہ گنجائش نہ هوندي آهي. ها مڃان ٿو پاڪستاني معاشرو آهي، ڪي ماڻهو بي ايماني کان ڪم

وٺندا هوندا، پر اهي گهڻو وقت جٽاءُ نہ ٿا ڪري سگهن. اصل ۾ ڪميشن جي چيئرمين ۽ ميمبرن جو مدو 5 سال هوندو آهي، پر هڪ اهڙو چيئرمين بہ آيو جنهن وقت جي حڪمرانن جي فرمائش پوري نہ ڪئي تہ پاڪستان جي قومي اسيمبلي FPSC جي قانون ۾ ترميم ڪري اهو مدو گهٽائي ٽن سالن لاءِ ڪري ڇڏيو. تہ جيئن ان وقت جي چيئرمين کي جلدي عهدي تان هٽائي سگهجي. جڏهن تہ FPSC جي سفارش ٿيل اميدوار کي ٻن مهينن جي اندر آفر ليٽر ڏيئي نوڪري تي رکڻو هوندو آهي. ہي حالت ۾ دير جا بهانا بنائيندڙ آفيسر جي خلاف PFSC جي باقائدي رپوٽ ناهي صدر کي موڪلي وڃي ٿي. مون پنهنجي نوڪري دوران ڪنهن بہ FPSC جي سفارشي کي رلندو نہ ڏٺو آهي. انهي سان گڏ اهو بہ ٻڌائيندو هلان تہ ڪميشن صوبائي ڪوٽا تي سختي سان عمل ڪرائيندي آهي. جيستائين FPSC کي پڪ نہ ٿي وڃي تہ صوبائي ڪوٽا ٺيڪ نڪتل نہ آهي، تيستائين انهي پوسٽ جو اشتهار ڪميشن جي طرفان نہ ڏنو ويندو آهي.

فيڊرل گورنمينٽ ۾ آفيسرن جي ڀرتي جي لاءِ ڪميشن وٽ امتحان وٺڻ جا مختلف طريقا رائج آهن. پر هر طريقي ۾ ڪميشن انٽرويو ضرور وٺندي آهي. ڪميشن وٽ جيڪي پوسٽون آهن انهن ۾ هڪڙيون ڪيڊر جو پوسٽون آهن تہ ٻيو وري نان ڪيڊر جو پوسٽون آهن. نان ڪيڊر جي پوسٽن کي ڀرڻ جو ڪميشن وٽ هيٺيون طريقو رائج آهي.

| اسڪيل | طريقو يا نمونو |
|---|---|
| اسڪيل 16 ۽ 17 | سبجيڪٽو ٽائپ (MCQs) ۽ انٽرويو |
| اسڪيل 18 ۽ 19 | سبجيڪٽو ٽائپ (MCQs) لکت ۾ ٽيسٽ ( انگلش ۽ پروفيشنل پيپر) ۽ انٽرويو |
| اسڪيل 20 ۽ 21 | انگريزي مضمون يا ڪيس اسٽڊي ۽ انٽرويو. |

جن پوسٽن جو ڪردار اهم ۽ فيصلائتو هوندو آهي انهن کي ڪيڊر جون پوسٽون چيو ويندو آهي. ٻيون جيڪي غير اهم ۽ جن جي هٿ ۾ ڪي فيصلا نہ هوندا آهن، انهن کي نان ڪيڊر جون پوسٽون چيو ويندو آهي. جيڪي ڪيڊر جو پوسٽون آهن انهن ۾ 13 ڪيڊر شامل آهن. انهن جو هر سال خاص امتحان ٿيندو آهي. انهي امتحان کي ٻين لفظن ۾ (Central Superior Service) امتحان پڻ چئبو آهي. انهي ۾ هيٺيان گروپ شامل هوندا آهن.

| S No | Name of Group |
|---|---|
| 1 | Commerce & Trade Group (CTG) |

| | |
|---|---|
| 2 | Foreign Service Of Pakistan (FSP) |
| 3 | Information Group (IG) |
| 4 | Inland Revenue Service ( I RS) |
| 5 | Military Lands & Cantoments Group( MLCG) |
| 6 | Office Management Group (OMG) |
| 7 | Pakistan Administrative Service (PAS) Ex_ DMG |
| 8 | Pakistan Audit and Accounts Service (PAAS) |
| 9 | Pakistan Customs Service (PCS) |
| 10 | Police Service of Pakistan (PSP) |
| 11 | Postal Group (PG) |
| 12 | Railways ( Commercial & Trade Group (RCTG) |
| 13 | Any other Servive or Group which may be notified by the Government |

هن امتحان جا چار حصا هوندا آهن. لکت ۾ امتحان، ميڊيڪل فٽنس، نفسياتي امتحان ۽ آخر ۾ انٽرويو. فيڊرل پبلڪ سروس ڪميشن جي هڪ تازي پڌرائي مطابق سال 2016 جي CSS جي امتحان ۾ صرف 2 سيڪڙو اميدوار پاس ٿي سگهيا آهن. انهن ٽوٽل پاس اميدوارن جو تعداد 202 آهي. پهريون ٽئي پوزيشنون پنجاب سان تعلق رکندڙ فيميل اميدوارن ڪنيون آهن. FPSC جي پڌرائي مطابق گذريل 3 سالن کان وٺي CSS جي رزلٽ جمود جو شڪار آهي. ڪميشن جي خيال مطابق خراب رزلٽ جو سبب پرائيويٽ تعليمي ادارن جو تيزي سان وڌڻ آهي. باوجود ملڪ جو تعليمي نظام خراب هئڻ جي FPSC امتحان جي معيار تي ڪنهن به قسم جي نرمي ڪرڻ جي لاءِ تيار ناهي. ڪميشن جي هڪ پڌرائي مطابق سال 2016ع جي چٽاپيٽي واري امتحان ۾ 20,717 اميدوارن ويهڻ جي خواهش ظاهر ڪئي. جنهن مان 9,643 اميدوار انهي امتحان لاءِ اهل قرار ڏنا ويا. انهن مان صرف 202 اميدوار پاس ٿيا. انهن ۾ 116 مرد ۽ 86 عورتن اهو امتحان پاس ڪيو. اهو امتحان پاڪستان جي 19 شهرن ۾ ورتو ويو ,جنهن مان وڌ ۾ وڌ لاهور سينٽر تان اميدوارن امتحان ڏنو. ٽوٽل پاس اميدوارن جو 34 سيڪڙو لاهور سينٽر سان تعلق رکي ٿو. جڏهن ڪوئٽا ۽ مظفرآباد سينٽرن تان صرف هڪ سيڪڙو اميدوار پاس ٿيا آهن. ان کان سواءِ گلگت، ڊيره غازي خان ۽

لاڙڪاڻي سينٽرن مان ڪو بہ اميدوار پاس ٿي نہ سگهيو آهي. ڪميشن جي هڪ پڌرائي مطابق 92 سيڪڙو اميدوار انگريزي لازمي ۾ پرسي لکڻ ۾ فيل ٿيا آهن. جڏهن تہ انگريزي مضمون جي سبجيڪٽ ۾ 81 سيڪڙو اميدوار فيل ٿيا آهن. ڪميشن اهو بہ نوٽ ڪيو آهي تہ وڏي تعداد ۾ اميدوارن کي هڪ سادو سودو انگريزي ۾ 1500 لفظن جو مضمون بہ لکڻ نہ ٿو اچي. ڪميشن جي جائزي مطابق جن اميدوارن جي خراب ڪارڪردگي رهي انهن ملڪ جي نالي وارين وڏين يونيورسٽين ۾ تعليم ورتي هئي. جن ۾ سنڌ جون 3 يونيورسٽيون شامل آهن. اهي آهن ڪراچي يونيورسٽي، سنڌ يونيورسٽي ۽ شاهہ عبداللطيف يونيورسٽي، انهي کان سواءِ ملڪ جو ٻيون يونيورسٽيون پڻ انهي لسٽ ۾ شامل آهن

ڪميشن هر سال جائزه رپورٽ صدر مملڪت کي پيش ڪندي رهندي آهي. جنهن ۾ خاص ڪري ملڪ جي تعليم جي معيار تي پنهنجا رايا ڏيندي رهندي آهي. تازي رپورٽ مطابق ڪميشن، پاڪستان جي خاص ڪري سنڌ جي تعليمي معيار تي عدم اعتماد جو اظهار ڪيو آهي. ڪميشن جي راءِ مطابق سنڌ جي اميدوار جي انگريزي ڪمزوري رهي آهي. سنڌ جو اميدوار هڪ سادو سودو 1000 لفظن جو سادي انگريزي ۾ مضمون نہ ٿو لکي سگهي. اهي ڳالهيون ظاهر ڪن ٿيون تہ سنڌ ۾ تعليم تي ٿيندڙ انويسٽمينٽ جو ڪو خاطر خواہ لاڀ ملي نہ سگهيو آهي. تازو منهنجي مشاهدي ۾ ڳالهہ آئي آهي تہ سنڌ جا پرائيويٽ تعليمي ادارا پنهنجن شاگردن ۾ اهو اعتماد پيدا نہ ڪري سگهيا آهن جو هو امتحانن ۾ پاس ٿيڻ جي لاءِ ناجائز طريقا ڳولڻ تي مجبور آهن ۽ جڏهن تہ اسلام آباد جو شاگرد اهڙن نقلي امتحان ڏيڻ جي طور طريقن کان واقف ئي ڪونهي. نيٺ ڇا ڪجي ؟ انهي سوال جو جواب تہ ليئو ٽالسٽاءِ جي ڪتاب ۾ ئي ڳولي سگهجي ٿو. ٿي سگهي ٿو تہ اسان جي ملڪ جي ڪنهن تعليمي اداري ۾ ڪنهن اسڪالر اهڙي ريسرچ ڪئي بہ هجي. آئون صرف ايترو چوندس تہ اڄ ڪلهہ سرٽيفڪيٽ جي ڪا بہ اهميت ڪونهي. اڳ ائين ٿيندو هو تہ ڪنهن پوسٽ جي اشتهار اچڻ کان پوءِ ڪاغذ پٽ ڏيڻا پوندا هئا. هاڻي ائين نہ ٿو ٿئي- اشتهار ڏيندڙ اداري کي صرف آن لائن نالو شناختي ڪارڊ نمبر ۽ تعليمي قابليت کپي. لکت ۾ ٽيسٽ ڪندا ڪو پاس ٿيو تہ ان کان پوءِ ان جا ڪاغذ وغيرهہ وٺي چيڪ ڪيا ويندا. مطلب تہ ڊگري جي اهميت ثانوي ٿي وئي. پهرين ٽيسٽ پاس ڪريو پوءِ ڳالهہ اڳتي هلندي، تنهنڪري پنهنجي سبجيڪٽ ۾ قابليت جو شرط هئڻ ضروري آهي. قابليت تڏهن ايندي جڏهن ڪو امتحان جي ناجائز طور طريقن کان پاڪ

هوندو. سنڌ ۾ تہ سرڪاري تہ ڇڏيو پرائيويٽ تعليمي ادارا انهن ناجائز طور طريقن تي پاڙي پنهنجن اسڪولن جون رزلٽون مٿي ڏيکارين ٿا تہ جيئن مارڪيٽ ۾ سندن اداري جي پذيرائي ٿئي. ائين ماڻهن کي بيوقوف بنائي پنهنجو ڏنڌو چمڪائيندا آهن. اهڙن ٻارن جو مستقبل هميشہ اونداهو ٿي ٿو وڃي. منهنجو نوجوان دوستن کي عرض آهي تہ ڊاڪٽر ٿيو يا انجنيئر ٿيو. اها اوهان جي مرضي آهي. پر انهن کان سواءِ دنيا ۾ گهڻو ٻيو ڪجهہ بہ آهي. خاص ڪري ميٿاميٽڪس وارن لاءِ موقعا تمام گهڻا آهن. جيڪڏهن انٽر ميڊيئٽ کان پوءِ ڪنهن کي قائد اعظم يونيورسٽي اسلام آباد ۾ ايڪنامڪس سبجيڪٽ ۾ داخلا ملي ٿي وڃي تہ انهي شاگرد جا چارئي طبق روشن ٿي ويندا، ڇو جو هي يونيورسٽي پاڪستان جي ٻين يونيورسٽين کان پهرين نمبر تي آهي. مون پنهنجي وڏي عرصي جي فيڊرل گورنمينٽ جي نوڪري دوران اهو ڏٺو آهي تہ تقريبن سڀني منسٽرين يا ڊويزنن ۾ ايڪنامڪس جون پوسٽون وڏيڪ هونديون آهن. ٻاهر جي دنيا ۾ جيتري ايڪنامڪس جي طلب ۽ اهميت آهي اوتري ڪنهن بہ سبجيڪٽ جي ڪانهي. FPSC جو هر مهيني تي ايندڙ نوڪرين وارو اشتهار ڪڍي ڏسو اڌ کان وڏيڪ ايڪنامڪس جون پوسٽون نطر اينديون. مٿان وري قائد اعظم يونيورسٽي جي ڊگري هجي، آئون نٿو ڀانيان تہ ڪا طاقت ان کي نوڪري کان روڪي سگهي ٿي، پر ان کان پهريائين يونيورسٽي ۾ داخلا ملڻ ڏاڍي ڏکي آهي، جنهن لاءِ ٽيسٽ پاس ڪري، ميرٽ تي اچڻ لاءِ گهڻي محنت جي ضرورت آهي.

## سوشل ميڊيا

هي سوشل ميڊيا جو دور آهي، وقت جي تيز رفتار ۾ ٽيڪنالاجي جي ترقي جي ڪري هن زندگي جي شعبي پڻ ترقي جون ڪيترين ئي منزلون طئہ ڪيو آهن. ڪڏهن مارڪوني ريڊيو ناهيو تہ ڪڏهن وري گراهم بيل ٽيليفون ايجاد ڪيو. ٽپال جي ذريعي خط و ڪتابت جو علم حضرت انسان گهڻو وقت اڳ سکي ۽ سمجهي ورتو هو. اخبار تہ ڪئي صديون اڳ انسان جي روزاني زندگي جو اڻٽوٽ انگ رهندي آئي آهي. تقريبن اهي مٿيان سيئي ميڊيائي ذريعا يڪ طرفي معلومات پهچائڻ جو وسيلو رهندا آيا آهن. وقت ۽ حالتن جڏهن ڦيرو کاڌو تہ ڪمپيوٽر جي ايجاد سامهون آئي تہ جڻ دنيا ۾ هڪ قسم جو نئون ولولو پيدا ٿيو ۽ هزارن اُميدن ڪر ڪنيو. انهي ۾ چوٿين اپريل 1975 تي جڏهن بل گيٽ ۽ سندس ساٿين مائيڪرو سافٽ سان ڪمپيوٽر مشين ۾ جهٽڪ نئون روح ڦوڪي ڇڏيو تہ دنيا سهاڳ رات جي نئين نويلي ڪنوار وانگر آرس موڙي وري سجاڳ ٿي. لکڻ پڙهڻ جا نوان طور طريقا ايجاد ٿيا. "قلم" جي جاءِ وجي "ڪرسر" ورتي. انهي سڀي ايجادات ۾ انٽرنيٽ جو اچڻ هڪ نئين جوش ۽ ولولي کي دعوت ڏيڻ جي برابر هو. جنهن جي ذريعي پيغام رسائي جو تيز ترين طريقو مليو. اڳ ٽپال ذريعي جتي هڪ پيغام پهچڻ کي وڏو عرصو لڳندو هو اتي هاڻي سيڪنڊن ۾ وڌيڪ واضح ۽ سنا پيغام اچڻ وڃڻ لڳا. هن سڀي ٽيڪنالاجي جي ترقي ۾ اڃا بہ وڏو حصو يڪطرفي معلومات ڏيڻ جو هو. هاڻي خلق خدا جي کي وڌيڪ وقت گونگو ۽ ٻوڙو رکي سگهڻ ممڪن ڪو نہ هو. هڪ خدا جي ٻانهي Mark Zuckerber چوٿين فيبروري 2004ع تي هارڊ ورڊ يونيورسٽي جي شاگردن جي لاءِ ڪئمپس جي اندر پاڻ ۾ رابطي لاءِ هڪ پروگرام لکيو تہ جيئن انهن ۾ پڙهائي دوران رابطو قائم رهي سگهي، جنهن جو نالو هن ڏنو "فيس بڪ". اهو پروگرام اڃا تائين صرف تعليمي ادارن ۾ رابطي طور ڪم ايندو رهيو. تان جو سيپٽمبر 2006ع ۾ هن پروگرام کي سڄي دنيا جي لاءِ پيش ڪيو ويو. هڪ مهيني جي اندر اندر هن پروگرام جي استعمال جا 30 ملين ماڻهو دنيا ۾ موجود هئا. اڃا اڳتي سمارٽ فون جي اچڻ ڪري اڄ هن وقت 16 فيبروري 2017ع تائين فيس بڪ جي سڄي دنيا جي ملڪن جي مداحن جو انگ وڌي 4 ارب 80 ڪروڙ تي ويو آهي. هن فيس بڪ جي دنيا جا ڪيئي رخ آهن. هي دنيا سرحدن، موسمن ۽ جنس جي محتاج نہ آهي. جتي ڊولپمينٽ جي ڪري انوارمينٽ تي

ناڪاري ۽ هاڪاري اثر پون ٿا. اتي فيس بڪ جي ڪري سماج تي چٽا ۽ واضح اثر پيا آهن. هن پروگرام کي هلائڻ جي لاءِ ڪنهن وڏي علم جي ب ضرورت نہ ٿي پوي، مڙئي لبو ٿبو سنڌ جو پڙهيل پڻ هن ٽيڪنالاجي مان لطف اندوز ٿي سگهي ٿو. هڪ لائن ۾ پنهنجا دلي جذبات محبوب جي من ۾ پهچائي ڪنهن ڪڙيل تاري وانگر هميشہ لاءِ گم ٿي وڃي ٿو. فيس بڪ جي ذريعي جتي وڏا وڏا فلاسافيڪل مضمون اچن ٿا تہ اتي تمام ٿورين سٽن ۾ ڪوزي ۾ درياھ پڻ بند ڪيو وڃي ٿو. مون جيتريقدر فيس بڪ تي جاچ پڙتال ڪئي آهي تہ فيس بڪ جي ڪري هر مڪتب فڪر ۽ هر ايج گروپ وارو ماڻهو لاڀائتو ب ٿيو آهي تہ متاثر ب ٿيو آهي. جيڪڏهن ايج گروپ جي حوالي سان هن جي استعمال ڪندڙن جي ڪلاسيفائيڊ انگ اکر گڏ ڪيا وڃن تہ 12 کان 23 سالن جي نوجوانن جو هڪ وڏو انگ آهي، جيڪو فيس بڪ استعمال ڪري ٿو. ڇو جو الهڙ، مست، ڳاڙهي رت رتول جواني آهي جنهن کي عشق ۽ مُشق جي خبر نہ ٿي، پوي. نفعي ۽ نقصان جو ڪو پتو ڪو نہ ٿو پوي، پوءِ فيس بڪ تي انگرين هلنديون رهن ٿيون. ڪيڏيون نہ مقدس ۽ عظيم آهن اهي ننڍڙيون ۽ پتڪڙيون آڱريون جي موبائل جي ڪي بورڊ تي هلن ٿيون پر ڪنهن ڏماڪيدار مشين جي ٽريگر تي ڪو نہ ٿيون هلن. جنهن جي ڪري هزارين معصوم ٻار يتيم ٿي وڃن ٿا. هزارين ونين جا ور وقت کان اڳ انهن جي نرم ۽ گرم احساسن کي درد جي دنيا ۾ ڇڏي ٿا وڃن. تازن انگن اکرن جي مطابق سال 2002 ع کان سال 2017 ع تائين 480 جي لڳ ڀڳ خود ڪش حملا ٿيا جنهن ۾ 14000 معصوم ماڻهن جون قيمتي جانيون ضايع ٿيون آهن. جنهن ۾ حملي آورن جو وڏو تعداد 12 کان 20 سالن جي نوجوانن جو هو. منهنجن نوجوان دوستن کي هتي صلاح ڏيندو هلان تہ فيس بڪ ضرور استعمال ڪيو. پر پنهنجي آئيندي جو ب ڪجھ اونو ڪريو. هاڻي توهان ئي تہ سنڌ جو آسرو ۽ اميد آهيو. اڄ سنڌ کي مذهبي دهشتگردي جي باھ ساڙي پسم ڪري رهي آهي. اڃا اڄهو تازو ئي تہ سيوهڻ شريف ۾ ٿيل دهشتگردي ۾ 90 کان وڌيڪ سنڌي ماڻهو شهيد ڪيا ويا آهن. تنهنڪري توهان ئي آهيو جيڪي اڄ تہ جين ۽ جوگر پائي، قيمتي سمارٽ موبائل فون هٿ ۾ کڻي ڪنهن رنل محبوب کي پرچائڻ ۾ مصروف آهيو پر سياڻي انهي ابوجھ ۽ بي سهارا سنڌي قوم جو پر جهلو ب اوهان کي ئي ٿيڻو آهي.

مون جتي دنيا جي وڏن علم جي اڪابرن جون آتم ڪٿائون پڙهيون آهن، تہ اتي صرف هڪ ئي پنهنجي جيون ڪٿا جو ڪتاب لکندڙ کي ب پڙهيو آهي. جنهن ۾ صرف هو پنهنجي محبوب جو ئي ذڪر ڪري ٿو. سڄي دنيا

جي ڪلاسيڪل توڙي نيم ڪلاسيڪل شاعرن ته محبوب جو ڪو به لِنگ سجو ڇڏيو ئي نه آهي، هٽي ويچاري محبوب جا لاهه ڪڍي ڇڏيا اٿن. اڻين ڪيترن ئي ليڊي ڊائنا جهڙن محبوبن ڪُپڙن عاشقن کان بچڻ جي لاءِ پنهنجون زندگيون ترياق ڪري ڇڏيون.

مون سوچيو ته هن منهنجي جيون ڪٿا ۾ ڪجهه اهڙن دوستن جو ذڪر ڪجي جنهن سان صرف فيس بڪ تي ئي ملاقات آهي، انهن سان ڪڏهن به روبرو مُکا ميلو نه ٿيو آهي. منهنجي لاءِ فيس بڪ جا دوست به ايترا ئي عزت ماب ۽ پيارا آهن جيترا مون سان گڏ پڙهندڙ يا گڏ نوڪري ڪندڙ دوست. آئون قطعي انهي ڳالهه کي مڃڻ لاءِ تيار نه آهيان جنهن ۾ اڪثر چيو ويندو آهي ته فيس بڪ جي دوستي مڙئي ائين ڪچي ڌاڳي وانگر آهي. لڳ لاڳاپا جڙڻ ۽ ٽٽڻ جا به ڪي سبب ٿين ٿا. جيڪو دوست سالن کان وٽي چاڙھ سچاڻ ۽ لڳ لاڳاپي ۾ هوندو آهي، انهي کي هر ڪچائي ڦڪائي جو علم هوندو آهي. پوءِ اهو هُن جي مهارت تي ۽ توهان جي شرافت تي منحصر آهي ته هو توهان کي ڪيئن ٿو استعمال ڪري. ان جي مقابلي ۾ فيس بڪ جا دوست اهڙين ڪچاين ڦڪاين کان واقف نه هوندا آهن ۽ نه ئي وري ڪا اجائي حجت ڪندا آهن، اهي ته بس صرف موبائل جي اسڪرين تائين محدود هوندا آهن. مون وٽ هر روز اڻ ڳڻيون فيس بڪ دوستي جي لاءِ رڪيسٽس ايندڀون رهن ٿيون، پر ائين اڪيون بند ڪري ڪنهن کي شامل نه ڪندو آهيان. تنهنڪري منهنجي فيس بڪ جي دوستي جو دائرو لامحدود نه آهي. جيڪڏهن دوستي جي رشتي کي مقدس ئي سمجهڻو ۽ رکڻو آهي ته پوءِ ان کي محدود ئي رکڻو پوندو. جيئن ته آئون لبرل ۽ صوفي خيالن جو ماڻهو آهيان، تنهنڪري فيس بڪ تي منهنجي دوستي جو دائرو صوفي ازم کان ٻاهر نڪري نه سگهيو آهي. بس اسين هر شيءِ ۾ پرين پسڻ وارا ماڻهو آهيون. ڪير صحيح ڪير غلط اهو ته سرجڻهار ئي ڄاڻي ٿو جنهن هن ڪل ڪائنات کي گهڙي ناهي انسانن جي رهڻ جي لائق بڻايو آهي. مون کي اها به خبر نه آهي ته هي جيڪي دوستن جون آئيڊيز آهن، اهي صحيح به آهن يا غلط. پر مون کي 100 سيڪڙو وشواس آهي ته جن دوستن جو آئون هتي ذڪر ڪري رهيو آهيان انهن جون سچاڻپ واريون راهون سنئين ۽ سڌي پٽ تي بلڪل ٺيڪ آهن.

فيس بڪ به عجيب شيءَ آهي، انڌن کي اکيون ۽ گونگن ٻوڙن کي ڪن ۽ زبان ڏئي ڇڏيا اٿس. انهي ڪري ته فيس بڪ جي ميڊيائي دنيا باقي ميڊيا جي طور طريقن کي ماتحت ڪري ڇڏيو آهي، ڇو جو هن ميڊيا جي حصي تي ڪنهن جو به ڪنٽرول ڪونهي، جيڪو جتان ٿو اچي" لايو ڏيس

لطيف چوي. ”. بس فيس بڪ تي پنهنجو پاڻ ميان منو ٿيڻ ڏاڍو آسان ٿي ويو آهي، ڪي وري پاڻ کي ڏاها ۽ مفڪر ٿا لکن تہ ڪي وري پاڻ کي ڪنهن جو تسلسل ٿا چون. ڪنهن بہ زبان جون ڪي صفتون باقي نہ رهيون آهن. جيڪي فيس بڪ جي شوقينن پنهنجي اڳيان پنيان نہ لڳايون هجن. جهڙوڪ، لَوَلي، بادشاهہ قتيل، آزاد، غلام، زخمي، سڙيل، گهايل، ستايل، اجايل، بڪايل، منڊو، گنجو پرنس، تنها ۽ نواب وغيره . اهي اهڙا تہ لقب آهن جيڪي منهنجي نظر مان گذريا آهن. اهڙيون صفتون اجا لاتعداد هونديون. جيڪڏهن ويهي انهن تي ريسرچ ڪجي تہ پي ايچ ڊي جي ڊگري ملي سگهي ٿي. هاڻي اچون ٿا منهنجن ڪجھ فيس بڪ جي دوستن ڏانهن جن کي مون فيس بڪ تي ڪيئن ڏٺو. مون هتي صرف چند فيس بڪ جي دوستن جو نموني خاطر ذڪر ڪيو آهي. دوستن جو هڪ وڏو حلقو آهي سڀني جو ذڪر ڪرڻ منهنجي لاءِ ممڪن ڪونهي . جن جو ذڪر نہ آيو آهي انهن کان هٿ ادب جا ٻڌي معافي ٿو وٺان.

## چانڊيو انور عزيز

انور چانڊيو صاحب پڻ فيس بڪ جي دنيا جو متحرڪ ڪردار آهي. اسان جي دوستي فيس بڪ تان ٿيندي ٽيليفون تائين وڃي پهتي آهي. پاڻ سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن لاهور شاخ جي باني ميمبرن مان پڻ آهن. انهي حوالي سان بہ ساڻس ناتا ۽ رشتا ڳنڍجڻ شروع ٿيا آهن پاڻ قمبر لڳ ڳوٺ ينيو خان چانڊيي ۾ جنم ورتائين ننڍپڻ جا ڏينهن لاڙڪاڻي جي گهٽين ۾ ڪن نشيلن نيڻن کي ڳوليندو رهيو. الهڙپڻي جا ڏينهن حيدرآباد ۽ ڄامشوري جي تيز هوائن ۾ مڌ مست اکين جي خمار ۾ گذاريائين . روزگار سانگي سنڌ ڇڏي لاهور اچي وسايائين. پاڻ سنڌ پرست، هر ماڻهو جي مدد ڪرڻ ۾ خوشي محسوس ڪندو آهي. سندس فيس بڪ جي فوٽو ۽ شخصيت مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ هي نوجوان دوست سنڌ جو هر ڏکئي وقت ۾ سهارو بڻجندو رهندو. سرڪاري نوڪري جي باوجود هي منهنجو دوست سنڌ سان ٿيندڙ زيادتي ۽ بہ اڪيائي تي چُلڪي ٿو پوي. سندس فيس بڪ جي تحريرن ۾ سنڌ سان ٿيندڙ انياءُ تي سراپا احتجاج نظر ايندو آهي. پاڻ سيوهڻ ڏماڪي تي فيس بڪ تي جيڪي خوبصورت سٽون لکيون هيون، انهن ۾ چيو هئائين تہ "ڏماڪا ڪڏهن بہ ڏمال جو مقابلو نہ ٿا ڪري سگهن". سندس فيس بڪ جي اڪائونٽ ۾ جڏهن اندر جي گهرائي تائين ليئو پاتم تہ اڻ ڳڻيا اهڙا ڪردار مليا، جيڪي چانڊيي صاحب جي دوستي جي ڌاڳي ۾ پوئيل مليا، جن کي ٿورن لفظن ۾ موتين مالها پارائي املهہ ماڻڪ ڪري ڇڏيو اٿس. جيئن ڪنهن دوست لاءِ چوي ٿو تہ " ماڻهو خواب ڏسندا آهن ۽ تعبيرن جي ڳولا ڪندا آهن، پر سرور(سندس دوست سرور مگسي) تعبيرون ماڻي هاڻي خوابن جي ڳولا ۾ نڪري پيو آهي. " ڪيڏا نہ خوبصورت جملا آهن، جيڪي هن پنهنجي دوست لاءِ چيا آهن. هن دوست سان منهنجي روبرو ملاقات تہ ڪونهي پر هن جي نيڻن مان نظر اچي ٿو تہ پاڻ گوتم ٻڌ بنجي روشني جي تلاش ۾ نڪتا آهن. جيئن سچ جي روشني ڪنهن مذهب جي محتاج نہ آهي، تيئن هن منهنجي فيس بڪ جي دوست جون سوچون مذهب جي بندڻن کان گهڻو اڳ آزاد ٿي چڪيون آهن. پاڻ جتي سرور مگسي جي لاءِ چند جملا چوي ٿو تہ اتي ڊاڪٽر جگديش ڪمار مانڌاڻ کي سندس جمڻ ڏينهن تي وڏي قرب ۽ عقيدت سان چوي ٿو تہ " هو پيار ڏيندو آهي تہ سيني کي وڻندو آهي، پر جي رُسي وڃي تہ اجا وڌيڪ وڻندو آهي" چانڊيو صاحب اتر سنڌ جي ديوانن لاءِ

چوي ٿو تہ “ آئون ڪين ٻروچ ديوان سڏيندو آهيان. ” ڪيڏي نہ مماثلت آهي سنڌ جي هندو ڪميونٽي ۾. آئون هتي اسان جي لاڙ جي ديوانن کي ڪجھ اِنهن ئي لفظن سان ياد ڪندو آهيان. ڇو جو سنڌ جو هندو هزارن سالن کان وٺي سنڌ جي ٻروچن سان گڏ رهندو ٿو اچي. ٽالپرن جي دور ۾ تہ هي سنڌ جي اڇي ڪاري جا مالڪ سمجهيا ويندا هئا

## فرازعلي شيخ

ٿامس جيفرسن جون چيل هي سٽون " هڪ طرف ظالماڻي روش جي جبلت آهي ته ٻئي طرف خراب خوار ڪندڙ نهنائي. انسان کي پنهنجون خصلتون ۽ لڳ لاڳاپا انهن جذبن کان صاف ۽ پاڪ رکڻ گهرجن" جيڪي هن پنهنجي ڪتاب Freedom and the State ۾ ڪنهن هنڌ لکيون آهن. اهي تڏهن مون کي ياد آيون، جڏهن هن منهنجي نوجوان دوست سان فيس بڪ تي تڪائي منائي ٿي پئي هئي. مون هن جي ڪنهن فيس بڪ جي اسٽيٽس تي سنڌي ۾ ڪجهه لکيو هو. جواب ۾ هن نوجوان مون کي ڏاڍي احترام واري لهجي ۾ چيو هو ته " انهي توهان جي ڪمينٽس کي انگريزي يا اردو ۾ ترجمو ڪريو. جيئن آئون سمجهي سگهان. " مون جذبات ۾ اچي هن سان ٿيل ڳالهه ٻولهه مٽائي (Delete) ڇڏي هئي ۽ جواب ۾ مون هن کي سنڌي ٿي پنهنجي مادري ٻولي نه اچڻ جو مهڻو ڏنو هو. مون فيصلو ڪيو هو ته هن نوجوان سان لڳ لاڳاپا نه رکبا. ائين هڪ ٻه ڏينهن گذري ويا، انهي وچ ۾ مون مٿيون ڪتاب پڙهيو پئي ته انهن سٽن تي نظر پئي، جيڪي مون مٿي حوالي طور ڏنيون آهن. انهن سٽن منهنجي ذهن ۾ هڪ قسم جو پڇتاءُ ۽ ملامتن جو طوفان برپا ڪري ڇڏيو هو. ضمير مون کان سوال ڪيو ته "ڇا سنڌي ٻولي انهي هڪڙي نوجوان تي اچي بيٺي آهي؟" مون سوچيو هو ته منهنجي هن غلط ۽ منجهيل روش تي هن مون کي ضرور Unfriend ڪري ڇڏيو هوندو پر ائين نه ٿيو هو. مون کي لڳو ته مٿيون ڪتاب هن مون کان اڳ ئي پڙهي ۽ هنئين سان هنڊايو آهي. باوجود منهنجن طعنن ۽ مهڻن جي هي منهنجو نوجوان دوست مون کي لائڪ ٻه ڪندو رهيو آهي ته ڪمينٽس ٻه ڏيندو رهيو. انهي کان وڏيڪ سندس ڪردار ۽ اخلاق کي ماپڻ جو مون وٽ ڪو ٻه ماڻ ۽ ماپو ڪو نه هو. مون فيصلو ڪيو ته ڪانئس اردو ۾ معافي وٺا. ڳالهه وري ٻه انهي نڪتي تي اچي بيٺي جنهن نڪتي تان اسان جي اختلافن جنم ورتو هو. فرق صرف اهو هو جو هي منهنجو نوجوان دوست جذبات کان پاڪ هو ۽ ان جي مقابلي ۾ آئون جذبات جي وهڪري ۾ وهي رهيو هوس. جڏهن انهي جذباتي وهڪري مون کي ڏڪي ڪنهن ويران رڻ ۾ اچي ڦٽو ڪيو ته منهنجي اندر جي انسان مون کي جهنجهوڙي ڇڏيو هو ۽ مون اردو ۾ ڪجهه هي سٽون لکڻ شروع ڪيون هيون. "پيارا ڀاءُ فراز الله اوهان کي خوش رکي، آئون معافي ٿو چاهيان جنهن ڏينهن اسان سنڌي ۽ اردو جي وچ ۾ اٽڪي پيا هئاسين. توهان جا فيس بڪ تي "لائڪ" ڏسي آئون شرمندو

ٿيو آهيان. وڏي هئڻ جي حيثيت سان مان معافي ٿو وٺان. توهان جي سنڌي ۽ منهنجي اردو جو ڪو حال ڪونهي. ” ائين هي با اخلاق ۽ با ڪردار نوجوان مون سان وري ٻيهر فيس بڪ تي جُڙجي ويو هو. منهنجي هن سان اڳ ڪنهن به قسم جي ڪا به ملاقات ڪو نه هئي، نه ئي وري ڪا اهڙي خواهش به آهي. اُن ڏينهن کان وٺي اڄ ڏينهن تائين فراز علي شيخ مون سان هميشه سنڌي رومن ۾ مخاطب ٿيندو آهي. جيئن ئي آئون سندس سنڌي رومن تي چڱي طرح غور ڪندو آهيان ته مون کي مرحوم حليم بروهي ياد اچي ويندو آهي، جنهن وڏي پيماني تي مهم هلائي هئي ته سنڌي لکڻ واري ٻولي کي عربي لِپي مان تبديل ڪري رومن لِپي ۾ لکيو وڃي. هاڻي جڏهن فراز علي شيخ جي سنڌي، رومن لِپي ۾ پڙهندو آهيان ته مرحوم بروهي صاحب جي چيل ڳالهه تي يقين ٿيڻ لڳندو آهي. ڇو جو فراز علي شيخ 98 سيڪڙو سنڌي ٻولي رومن لِپي ۾ صحيح لکندو آهي.

مون جڏهن فراز علي شيخ جي ماضي ۾ ليئو پاتو ته اسان جي دردن هڪ ٻئي کي سڃاڻي ورتو هو. جڏهن هن ٻڌايو ته “آئون (فراز) ٽن سالن جو هوس ته بابا هي جهان ڇڏي ويو هو. ” هي اهي لفظ هئا جيڪي آئون ڪنهن جي واتان ٻڌڻ لاءِ تيار ڪو نه هوندو هوس. آئون (نظام) جڏهن ستين ڪلاس ۾ هوس، بابا عدم جي راهه ورتي هئي. اڄ مون زندگي جون سڀ آسائشون ماڻيون آهن،پر مون کي اها خبر نه آهي ته بابا جو پيار ڇا ٿيندو آهي. هر ڪاميابي کان پوءِ اندر ۾ هڪ احساس جنم وٺندو آهي ته “ ڪاش اڄ بابا هجي ها،” انهن اندروني احساسن جي تپش جو قدر صرف انهي کي هوندو آهي، جنهن جي مٿان اهڙي قسم جي باهه جا ڀنيٽ پڙڪيا هوندا. اهو سچ آهي ته “ جتي باهه ٻري اها جاءِ جلي”

مون کي لڳي ٿو ته فراز علي شيخ عملي دنيا ۾ هلي ريسرچ جو ماڻهو ٿيندو. هن جو ذهن ڪجهه اهو ٻڌائي ٿو. هن کي هر وقت منهنجي اندر ۾ ليئو پائڻ جي جستجو رهندي آئي آهي. عملي طور آئون به ريسرچ جو ماڻهو رهيو آهيان. ريسرچ ۾ مزو تڏهن اچي ٿو جڏهن توهان ڪنهن شيءَ کي ڳوليو اها نه ملي. جيئن ڀٽائي گهوٽ چيو آهي ته

ڳوليان ڳوليان شال م ملان هوت

من اندر جا لوچ مچڻ ملڻ سان ماٺي ٿئي

ڪنهن ماڻهو مان انفارميشن حاصل ڪرڻ جو فن پڻ فراز علي شيخ وٽ آهي. هن مون بابت ڪجهه تفصيل ڄاڻڻ تي چاهيو. انهي جي مقابلي ۾ مون اهو تفصيل روڪڻ تي چاهيو ته جيئن ڪجهه اهڙيون ڳالهيون ڪتاب ۾

اچن جيئن پڙهندڙن جي لاءِ ڪجهہ تجسس باقي رهي. هن مون کان منهنجو ڳوٺ پڇڻ ٿي چاهيو. تہ مون گول جواب ڏنو تہ آئون اسلام آباد جو سنڌي آهيان. انهي ۾ 100 سيڪٽروسچ آهي تہ منهنجو گهر اسلام آباد ۾ آهي، پر هي دوست انهي منهنجي جواب تي مطمئن نہ ٿيو. يڪدم جواب ڏنائين تہ منهنجو ڳوٺ "منياٽي" آهي. "توهان ڪٿي جا آهيو. " منياٽي جو لفظ ڏسي ۽ ٻڌي آئون ڇرڪي ويو هوس. ڇو جو پورو هڪ سال آئون ماستري جي ٽريننگ منياٽي ۾ ڪندو رهيو آهيان. تقريبن انهي وقت آئون الهڙ جوان هوندو هوس ۽ انهي گلابي جواني ۾ مون کي منياٽي ۾ جيڪو پيار ۽ خلوص مليو. انهي جو آئون اج ڏينهن تائين ڪو ملهہ ڳٽي نہ سگهيو آهيان. نہ ئي ڪو اهو قرض چُڪائي سگهندس. انهي جو تفصيلي ذڪر آئون اڳين صفحن ۾ ڪري چڪو آهيان. هتي ورجاءُ ٿيندو. پر فراز علي شيخ جون مون سان ميسينجر تي ٿيل تکيون. منيون ۽ با اخلاق ڳالهيون ۽ سندس فيس بڪ تي لکيل ڪمينٽس مون کي مجبور ڪيو تہ هن نوجوان کي پنهنجي ڪتاب ۾ شامل ڪريان. انشا الله تعليٰ فراز علي شيخ مستقبل جو ڪامياب انسان ثابت ٿيندو.

مون وٽ تہ منهنجي هن نوجوان دوست جي اخلاق ۽ ڪردار تي لکڻ لاءِ ڪوڙ ساريون ڳالهيون موجود آهن پر مون وٽ اهڙا لفظ ئي نہ آهن جو انهن لفظن کي سنواري سجائي هن بابت ڪجهہ لکي سگهان. انهي لاءِ مون کي وري بيهر اُٺ ڪتابن جا پڙهڻا پوندا. جنهن لاءِ مون وٽ وقت باقي نہ بچيو آهي. مون کي لڳي ٿو تہ فراز علي شيخ تان فيس بڪ جو بخار آهستي آهستي لهڻ لڳو آهي. جيڪڏهن انٽر ميڊيئٽ تائين هن خوب محنت ڪئي ۽ ڪتابن سان پنهنجي پاڻ کي سلهاڙي رکيو تہ هن جو مستقبل روشن ٿي سگهي ٿو. جنهن جي مون کي قوي اميد آهي.

## محمد سليمان وساڻ

محمد سليمان وساڻ ڪنهن بہ تعارف جو محتاج ڪونهي. هن دوست سان روبرو مُڪا ميلو تہ ڪونهي پر فيس بڪ تي اچڻ ڪا پوءِ هن سان ڪيترائي ناتا جڙي چڪا آهن. انٽرنيٽ جي دنيا ۾ وڏي پيماني تي سنڌي ادب کي متعارف ڪرائڻ وارو هي دوست، ادبي توڙي سماجي ڪمن ۾ گهڻو اڳڀرو آهي. جتي آئون سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن اسلام آباد جو ميمبر آهيان، اتي محمد سليمان وساڻ سِگا سچل ڳوٺ ڪراچي شاخ جو متحرڪ ميمبر آهي. سندس چوڻ آهي تہ سِگا اسلام آباد جي پروگرامن لاءِ پينافليڪس ڊزائن ڪري موڪليندو آهي، پر افسوس جو سِگا اسلام آباد شاخ ڪڏهن بہ سندس اهڙو ٿورو وڏي واڪ نہ مڃيو آهي. اسان کي اهو ماڻهن کي ٻڌائڻ ڪپندو هو تہ هي پينافليڪس ڪنهن ۽ ڪٿان ڊزائن ڪري موڪليو آهي . پاڻ انٽرنيٽ تي سنڌ سلامت ويب سائيٽ ٺاهي سنڌي ادب جي هر صنف جا سون جي تعداد ۾ ڪتاب پڙهڻ، ڊائون لوڊ ڪرڻ لاءِ مهيا ڪري ڏنا اٿس. مون کي جيڪڏهن موبائل فون تي يا ڪمپيوٽر تي سنڌي ٻولي لکڻ ۾ ڪا دشواري پيش ايندي آهي تہ هي منهنجو دوست هر وقت منهنجي مدد لاءِ تيار هوندو آهي. شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جو "گنج " پڻ هن دوست مون کي موبائل ۾ محفوظ ڪرڻ لاءِ ڏنو. هر روز شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جو هڪ نئون بيت "اديون عبداللطيف چئي " جي عنوان سان فيس بڪ تي سنواري سينگاري پوسٽ ڪندو آهي. ان ڪان سواءِ شيخ اياز ۽ استاد بخاري جي شاعري جو پڻ شوقين آهي. هر نوجوان شاعر ۽ اديب کي جنم ڏينهن جو واڌايون ۽ وڇڙي ويل اديبن ۽ شاعرن جي ورسين جا ڏينهن پڻ فيس بڪ تي هي دوست ياد ڏياريندو آهي.

## آزاد انور مهر

فيس بڪ جي سندس اڪائونٽ مان پتو پوي ٿو تہ هن دوست جو تعلق شهر چڪ ضلع شڪارپور سان آهي. منهنجون فيس بڪ تي لکيل ڪچيون ڦڪيون سِٽون سڀ کان پهريائين هي دوست لائڪ ۽ انهن تي ڪمينٽس ڪندو آهي. اهو لکڻ تہ اجايو ٿيندو تہ منهنجي ساڻس فيس بڪ تي ڪيئن ڄاڻ سڃاڻ ٿي. پر مون هن جي اڪائونٽ کي بار بار اٿلائي پٿلائي ضرور ڏٺو هوندو. جيڪڏهن سنڌ تي ڪا ڏکي گهڙي آئي تہ هن همراهہ جي برداشت کان ٻاهر ٿيو وڃي. انهي متعلق سندس قلم مان تبديل ٿيل ڪرسر تِير ۽ ڪمان ٿيو دشمن جي ناپاڪ ارادن کي فيس بڪ جي دنيا ۾ تيزڙي پڪيڙي ڇڏي ٿو. سندس فيس بڪ جي لکڻين ۾ همت ۽ جرئت جو واضح پيغام هوندو آهي. سندس سنڌ تي ۽ مذهب تي لکيل ويچار مون کي ڪافي متاثر ڪندڙ هوندا آهن. سندس فيس بڪ جي تحريرن مان پتو لڳي ٿو تہ پاڻ گهڻو پڙهندڙ شخصيت جا مالڪ آهن, پر ڪيڏي ڪيڏي مهل نوجواني جي نينهن ۽ نشي ۾ اچي جذبات جي وهڪري ۾ سڀ ليڪا لتاڙي ٿو وڃي. پر مون محسوس ڪيو آهي تہ هي منهنجو دوست ڪيترو بہ جذباتي ٿي وڃي پر اخلاق جي گول دائري کان ٻاهر نہ ٿو نڪري. انهي ڳالهہ مون کي مجبور ڪيو آهي تہڏهن اڄ آئون آزاد انور مهر تي چند سٽون لکي رهيو آهيان. سندس سماجي, سياسي توڙي مذهبي نظريا واضح ۽ چٽا آهن. هن دوست وٽ منجهيل ۽ ڪنفيوز نظرين پالڻ لاءِ ڪا بہ جڳهہ ڪانهي. صفا سڌي راند سونٽي جي. تازو سيوهڻ ۾ ٿيل دهشتگردي جي واقعي ۾ 90 کان وڌيڪ سنڌي ماڻهو شهيد ٿيا, جتي سڄي سنڌي قوم ڏک ۽ غم ۾ ورتل هئي تہ اتي هي منهنجو نوجوان دوست پنهنجن جذبن کي روڪي نہ سگهيو ۽ ڪڙو سچ چئي وينو. انهي تي مون کيس پنهنجي پاڻ کي قابو ۾ رکڻ جي صلاح ڏني. جواب ۾ مون کي سخت لهجي ۾ چيائين تہ " اسان پنهنجو رستو سڃاڻي کنيو آ, انهي ڪرت ۾ جي ڪسي وياسين تہ ماڻيندا منزل ڊول ڊاتي. " مون سمجهيو تہ مون کي چئي رهيو آهي تہ " لٺ ڦيري تہ ڏس نانگ نوڙي اٿئي". يقينن هن دوست جا بہ ڪي دلي جذبا هوندا ڪا خواهش هوندي پر آئون ڏسان پيو هن پنهنجو اڻ ميو پيار سنڌ ڌرتي ۽ ڌرتي وارن سان جوڙي رکيو آهي. هن ڌرتي ماءُ سان هميشہ ڇڙواڳ محبت ڪئي آهي.

مون هنن ئي پنن ۾ ڪٿي لکيو آهي تہ انقلابي سونهن پرست ٿيندا آهن. ائين ڪٿي چئجي تہ حُسن اسان ترقي پسند سوچ رکندڙ ذهنن جي لاءِ تمام ضروري خوراڪ آهي. جيئن خوراڪ کان سواءِ ڪنهن بہ جاندار جو وڌڻ ويجهڻ ممڪن نہ هوندو آهي، تيئن انقلابي جو ذهن سونهن کان سواءِ ائين آهي، جيئن ڪنوار سهاڳ رات گهوٽ کان سواءِ. هڪ انقلابي پنهنجي ڌرتي جي هر شيءِ سان پيار ڪري ٿو انهي معاملي ۾ هو انتها پسند ٿئي ٿو ڇو جو هو مذهب جو پادري نہ هوندو آهي، هو تہ پيار جو پادري هوندو آهي. هُن جي دل ۾ هر ماڻهو جي لاءِ ڪليسا آهي. هُن جي عبادت جو روح تہ صرف محبوب جي پسڻ وقت ئي محسوس ڪري سگهجي ٿو. آزاد انور مهر بہ اهڙوئي محبوب ماڻهو آهي جنهن پيار جي پُل تي بيهي محبتن جي وهندڙ پاڻي کي نمسڪار چيو آهي. اها محبت جيڪا انسانيت جو پيغام ڏئي ٿي، اها محبت جيڪا ڏرا ڏنل اکين سان ڪئي ويندي آهي. هن منهنجي دوست هڪ اهڙي ابدي شيءِ سان نينهن جو ناتو جوڙيو آهي . جنهن جو تصور جڏهن هُن جي اڳيان اچي تو تہ هِن کي پنهنجي محبوبا ياد اچي وڃي ٿي، جيڪا هلي ٿي تہ مورن ۾ ڊيلن کي پريشاني، قدم کڻي تہ هر چرندڙ پرندڙ شيءَ ساڪن ٿيو وڃي. مندر کان لنگهي تہ بت بہ پيا سُس پُس ڪن، آتشڪدي کان لنگهي تہ ان جي باهہ بہ برف ٿيو وڃي، ڳالهائڻ ۾ اهڙي فصاحت ۽ بلاغت جو علم جا اڪابر دنگ رهجيو وڃن. اها آهي اسان جي سنڌ، جنهن سان آزاد پيار ڪيو آهي. سندس چواڻي اهو پيار ڪيس ورثي ۾ مليو آهي. سوال ڪرڻ ۽ پيار ڪرڻ جي سگهہ ڪيس سندس چاچي غلام قادر مهر کان ملي، جنهن هن ننڍڙي آزاد کي وڏن وڏن جُنگن سان منهن مقابل ٿيڻ جي همت ۽ جرئت جا انگ اکر سيکاريا.

## علي قريشي

هن دوست کي جيڪڏهن فيس بڪ جي دنيا جو هيرو ڪوٺجي تہ وڌاءُ نہ ٿيندو. علي قريشي صاحب ڄامشورو جي ڪنهن مادر علمي ۾ زير تعليم آهي. جواني جي پهرين ڏاڪي تي ڏاڍو مضبوطي سان پير رکيا اٿس. ڪڏهن ڪڏهن نہ تعبير ٿيندڙ خواب سندس نيڻن ۾ ائين اٽڪي پوندا آهن، جيئن ماڪ ڦڙا صبح جي وقت نئين نڪور گُلن جي گلين ۾ اٽڪيل نظر ايندا آهن. پر هن جا اڻ پورا خواب هن جي ڪجلين اکين ۾ بي وس چنڊ وانگر نظر اچن ٿا. جيڪو ڪنهن سانوڻ جي مُند ۾ گهاٽن ۽ گهرن ڪڪرن مان جان ڇڏائڻ جي ناڪام ڪوشش ڪري پنهنجي محبوب جي هڪ جهلڪ ڏسڻ لاءِ آتو هوندو آهي. جواني ديواني هوندي بہ فيس بڪ منهنجي هن دوست جي ڪمزوري ڪانهي. ٻين فيس بڪ جي شوقينن وانگي علي جا مختلف پوز ايندا ئي رهن ٿا. اتفاق اهو ٿيو آهي جو آئون منهنجي هن فيس بڪ جي دوست جي پوزن تي هلڪي ڦلڪي تنقيد ڪندو رهيو آهيان. ڪڏهن سندس چشمو تہ ڪڏهن سندس ڪلهي تي سجايل ڪو گيڙو رتو ڪپڙو منهنجي نشاني تي رهيا آهن. دل جو اهڙو ڪليل ۽ ڪشادو ماڻهو جو هن ڪڏهن بہ منهنجي ڳالهہ کي ائين هرو ڀرو سنجيدگي سان نہ ورتو آهي. انهي سلسلي ۾ هن فيس بڪ تي ڪيڏا نہ خوبصورت ويچار ونڊيا آهن چوي ٿو تہ " زندگي آسان نہ هوندي آهي، ان کي آسان بڻائڻو پوندو آهي. ڪجھ صبر، ڪجھ برداشت ڪري ۽ گهڻو ڪجھ نظر انداز ڪري". هن جا هر وقت نوان نوان پوز ڏسي هڪ دفعي کيس صلاح ڏني هوم تہ " توهان پڙهائي ڇڏي وڃي لاهور لالي ووڊ جي فلم انڊسٽري ۾ اداڪاري وارو ڪم ڪريو. " ائين بہ نہ آهي تہ هي دوست رڳو پوز هڻندو وتي. سنڌ جي سماجي مسئلن تي علي جو قلم ڪڏهن بہ چپ ڪري نہ وِيٺو آهي. سندس لاتعداد مضمون جيڪي سنڌ جي ڏُکن ۽ دردن متعلق لکيل آهن ۽ مختلف اخبارن ۾ ڇپيا آهن. تقريبن اهي سڀ جا سڀ منهنجي نظر مان گذريا آهن. جن تي ڊبيل لفظن ۾ آئون فيس بڪ تي ٽيڪا ٽپڻي بہ ڪندو رهيو آهيان، صرف انهي نظرئي تحت تہ مستقبل ۾ هن جا اجا وڌيڪ سٺا مضمون اچن. هونئن بہ علي جي تحريرن ۾ مون کي ڪا بہ ڪمي نظر نہ ايندي آهي. علي قريشي جو ڪنهن اخبار ۾ هڪڙو مضمون ڇپيو هو جنهن ۾ هن نريندر مودي تي تنقيد ڪئي هئي تہ هندستان جو وزير اعظم مذهبي انتهاپسند آهي. انهي جي جواب ۾ مون کيس لکيو هو تہ " اسان وارا همراهہ تہ

چار قدم انهي کان اڳتي آهن. ” مون محسوس ڪيو هو تہ ان وقت مون وارا چيل اهي لفظ هن کي ڪجهہ ناگوار لڳا هئا، پر اڄ سيوهڻ ڏماڪن کان پوءِ مون وارا چيل اهي لفظ هن کي ضرور ياد آيا هوندا تہ ڪنهن اڻين بہ چيو هو. مون محسوس ڪيو آهي تہ فيس بڪ جي فوٽو مان ڪنهن جو اميج ناهڻ ڏاڍو ڏکيو آهي. مون هن کي سمجهڻ ۽ ان جي اندر ۾ جهاتي پائڻ تي چاهي. تنهنڪري مون هن کي صلاح ڏني هئي تہ پوز تي ڪجهہ لکندو بہ ڪر. خير اڄ ڪلهہ سندس فوٽو تي “عشق ۾ فنا ” تي وچڻ جهڙا جملا نظر اچن ٿا. مون کي لڳي ٿو تہ علي قريشي هاڻي مجازي عشق جي منزلن کان اڳيرو نڪري ويو آهي. هاڻي هن جو عشق محبوب جي ماڻن مان نڪري ڌرتي جي دردن تائين وڃي پهتو آهي. سنڌ جي مان مٿاهين ڪرڻ جي لاءِ هي منهنجو نوجوان دوست پنهنجن جذبن جي اڳيان مجبور نظر ايندو آهي. ڪيس استاد بخاري جي لفظن ۾ صلاح ڏيندو آهيان تہ “ ايڏو نہ تي جذباتي اکڙيون نہ پونيءَ اُتلي ڇاتي نہ پويءَ ڦاتي. ” ڪڏهن ڪڏهن هي دوست فيس بڪ تان اڻين گم تي ويندو آهي جيئن لاڙ سنڌ مان ڏکڻ جون هوائون گم تي وينديون آهن تہ محبوبن جا پريا پڪنا پاڪر گهٽ ۽ ٻوسٽ ۾ تبديل تي ويندا آهن. تئين آئون هن کي فيس بڪ تي گهڻو وقت نہ ڏسي گهٽ ۽ ٻوسٽ محسوس ڪندو آهيان.

## گل فراز عرف ابَل ميمڻ

اهي سرءُ جي موسم، سال 2016 جا ڏينهن هئا. آئون سرڪاري گهر خالي ڪري، پنهنجي نئين تهرايل گهر ۾ لڏو ڪٽي آيو هوس. اهو ته مون کي ذهن ۾ هو ته سرڪاري نوڪري تان رٽائرمينٽ کان پوءِ، مون کي ڪجهه لکڻ پڙهڻ جو ڪم ڪرڻو آهي، ڇو جو مون کي منهنجي محسن سائين راشد مورائيءَ اج کان 40 سال اڳ هدايت ڪئي هئي ته " ڪتابن کان ڪڏهن به ناتو نه ٽوڙجان." سو مون فيصلو ڪيو ته، ڇو نه پنهنجي آتم ڪٿا لکجي. پر هتي وري ڪنهن ٻيءَ ڏيڻ ۾ قاسي پيس. اهو هو فيس بڪ جنهن جي اڻ پيتي جي نشي جا خمار منهنجي دل ۽ دماغ کي پوانتيون ڏيڻ لڳا، جنهن ۾ آئون سڄو وقت گم رهندو هوس. جتي فيس بڪ جا هيڏا سارا نقصان آهن، اتي ان جا ڪجهه فائدا به آهن. ڇو جو مون کي هاڻي ڪنهن به امتحان جي تياري ڪرڻي ڪا نه هئي. تنهنڪري پنهنجي پاڻ کي مصروف رکڻ جي لاءِ فيس بڪ منهنجي لاءِ بهترين مشغولو هو. انهي مان مون کي نوان دوست مليا، نوان خيال مليا، ڪيترين اهڙيون شيون هيون، جن جي مون کي اڳ خبر نه هئي، انهن جي فيس بڪ جي ذريعي ڄاڻ ملي. انهن دوستن ۾ ڪجهه هم خيال مليا ته ڪجهه رڳو نلهي واهه واهه ڪرڻ وارا به مليا. انهن ۾ نوجوان به هئا ته مون جهڙا پوڙها پڪا به هئا. پٺائي جي هڪ بيت جي سِٽ ته " ڪنهن ڪنهن ماڻهو منجهه اچي بوءِ بهار جي " انهن دوستن ۾ هڪ دوست اهڙو به هو جنهن مون کان هي ڪتاب لکرائي ڇڏيو. اهو هو ابَل ميمڻ. منهنجي پڇڻ تي هن پنهنجو سرڪاري نالو گُل فراز ميمڻ ٻڌايو. جيڪڏهن ميمڻ نه ٻڌائي ها ته آئون کيس پنهنڻ سمجهان ها. سندس تعلق انهي علائقي سان آهي جنهن جي لاءِ لڇمڻ ڪومل سڄي ڄمار سرحد جي هُن پار لُڇندو پُڇندو رهيو. هن جي فيس بڪ جي پرو فائيل مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته سندس هٿن تي اڃان ميندي نه لڳي آهي. سندس موڙ ٻڌڻ جا ڏينهن اڃا ڪجهه فاصلي تي آهن. مون اڄ ڏينهن تائين فيس بڪ تي هن جي تصوير نه ڏٺي آهي. هن جي فيس بڪ تي هميشه انڊر ورلڊ جي ڪنهن اداڪار جي تصوير لڳل هوندي آهي. انهي مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته هي منهنجو نوجوان دوست پنهنجي نود نمائش ڪرڻ ۾ ڪيترو محتاط رهي ٿو. جو هن ڪڏهن به پنهنجي صحيح تصوير فيس بڪ تي نه لڳائي آهي. اهي تصويرون ئي ٻڌائين ٿيون ته هن ۾ ذوق جمال جي ڊگري تمام گهڻي آهي. جيئن ڪنهن جو IQ چيڪ ڪجي ته 10 مان

ڪيترو آهي تہ ائين هن جو ذوق جمال 10 مان 8 ضرور ٿيندو. هن جي سچائي تي مون کي ڪو بہ شڪ ڪونهي. تنهنڪري ايترو يقين اٿم تہ هن جو فيس بڪ اڪائونٽ ميڊ اِن چائنا ڪونهي. سندس چواڻي تہ هو ڪنهن هاءِ اسڪول ۾ پڙهندو آهي . پر ڇا ٿو پڙهي، اها خبر نہ اٿم. خبر نہ آهي تہ اها کهڙي گهڙي هئي، جو مون هن سان ڪتاب جو ذڪر ڪيو هو. پوءِ هن جي مون سان جڏهن بہ فيس بڪ تي ملاقات ٿيندي هئي،تہ هن جو پهريون سوال ئي ڪتاب جي باري ۾ هوندو هو تہ "ڪتاب ڪٿي پهتو" ۽ آئون وري هن کان سندس پڙهائي جي باري ۾ پڇندو هوس. تنهنڪري اسان ٻنهي جي اها ڪوشش هوندي هئي تہ اسان جي پاڻ ۾ ملاقات نہ ٿئي. بهر حال اهو هن جو مون تي احسان آهي تہ هن جي "پڇ پڇان" جي ڪري، آئون پنهنجو ڪتاب مڪمل ڪري ويس، ٻي حالت ۾ هي ڪتاب شايد ئي پنهنجي پڄاڻي تي پهچي سگهي ها. هاڻي تہ هو فيس بڪ تي گهٽ ئي نظر ايندو آهي، ها البت منهنجن فيس بڪ جي ميسيجن کي ڏسي گهربل جواب ضرور ڏيندو آهي. پر گهڻي ڊيگهہ کان هميشهہ پرهيز ڪندو آهي. لڳي ٿو تہ هن پنهنجي ڪتابن جي دنيا وچي آباد ڪئي آهي. سندس اخلاق جو اندازو انهي مان لڳائي سگهجي ٿو تہ آئون جڏهن اک جي آپريشن ڪرائي گهر پهتو هوس تہ خير آفيت جو پهريون ميسيج مون کي هن منهنجي ننڍڙي ڀاءُ جو مليو هو . منهنجي عرض ڪرڻ تي هن مون تي بہ چار لائنون پڻ لکيون آهن. تنهنڪري آئون هي بہ چار سٽون صرف انهي ڪري لکي رهيو آهيان، جتي منهنجي ٻين فيس بڪ جي دوستن جو ذڪر آيو آهي، اُتي هِن جو بہ ذڪر اچڻ گهرجي. ورنہ منهنجو ضمير مون کي هر وقت ملامت ڪندو رهندو تہ "جنهن سخنور انسان هي ڪتاب لکرايو انهي جو تہ ذڪر ئي ڪونهي . " آخر ۾ منهنجي دعا آهي تہ الله هن کي علم جي دولت سان مالا مال ڪري ۽ زندگي ۾ ڪڏهن بہ ڏک نہ ڏسي. شايد ڪنهن شاعر منهنجي هن فيس بڪ جي دوست لاءِ چيو آهي تہ " ڪوڪو ماڻهو موتي داڻو ڪا ڪا دل هيرن جي کاڻ"

## دوستن مون کي ڪيئن ڏٺو

هي "نظام" خراب آ
ظالم هي "نظام" آ
هن "نظام" تي لعنت
دوستو اچو تہ سڀ گڏجي هن ظالم" نظام" جي پاڙ پٽيون!

هي 1994 جا پڇاڙڪا ڏينهن هئا. جڏهن اسان جو محبوب يار ڊاڪٽر علي محمد ڪتي قلندرانہ موج ۾ اچي اهي نعرا هڻندو هو تہ آئون پريشان ٿي ويندو هوس تہ هي چوي ڇا ٿو؟ پوءِ ڊاڪٽر عبدالله سومري وضاحت ڪئي تہ پنهنجي ڪمپني ۾ هڪ نئون دوست نظام الدين لغاري شامل ٿيو آهي ۽ ڊاڪٽر علي انهي لاءِ پيو نعرا هڻي. پوءِ ڊاڪٽر عبدالله سومري نظام صاحب لاءِ تعريفن جا پهاڙ ڪڙا ڪري ڇڏيا. تہ مون کي بہ هُن سان ملڻ جو شوق جاڳيو. اهو 25 فيبروري 1995ع شب قدر جو پيارو ڏينهن هو. جڏهن ڊاڪٽر عبدالله جي گهر بدين ۾ نظام لغاري صاحب سان منهنجي پهرين ملاقات ٿي. سائين جن ان وقت پيپلز پروگرام ضلع بدين جا Project Director هئا.

ڪارا ڀنيا گهنڊيدار وار، وڏيون اکيون ۽ پريل ڳِٽا، خوش گُفتار سندس سني پرسنلٽي تي ٺهڪي پئي آيا. ضلعي جو وڏو آفيسر، نئين پونهار سرڪاري جيپ، اسان بيروزگار ۽ پيادل ڊاڪٽرن کي متاثر ڪرڻ لاءِ ڪافي هئا. ان ڏينهن اسان نظام صاحب سان سندس جيپ ۾ ڊاڪٽر محمد شريف چانديو جي افطار ڊنر ۾ غلام شاهہ موري ويا هئاسين ۽ رات جو 11 وڳي واپس بدين پهچڻ تائين" سائين" مان "توهان" توهان مان "تون" ۽ "تون" مان " تون هي تون ٿي وئي. " تہ چڻ تہ جُڳن جُڳن جو واسطو هو. پوءِ تہ هر ويڪ اينڊ بدين ۾ گڏ گذرندو رهيو.

ڊاڪٽر علي ڪتي جو قول آهي تہ "گار يار جي سار (يادگيري) آهي ۽ گارين کان سواءِ کهڙي دوستي. " سو هاڻي نظام لغاري صاحب بہ سڌو سنئون ان جي لپيٽ ۾ اچي چڪو هو. پوءِ تہ ڊاڪٽر علي ڪتي جا برسٽ ۽ نظام صاحب جا اُپ ڏاريندڙ مشهور ٿهڪ، محفل کي چار چنڊ لڳائي ڇڏيندا هئا. آئون (ڊاڪٽر نواز پوٽ)، ڊاڪٽر عبدالله سومرو، حاجي ولي محمد عمراڻي يا ٻيا دوست نظام صاحب کي اخلاقن ادب ۽ احترام جي نگاهہ سان ڏسندا هئاسين، پر ڊاڪٽر علي سيني جي ڪوٽا پوري ڪري ڇڏيندو هو. پر مجال

آهي جو نظام لغاري صاحب جي چهري ۾ ڪو گهنج پيو هجي يا ڪو جوابي حملو ڪيو هجي. ها البت جڏهن ٻُل ملندو هوس ته ڊاڪٽر علي جي جوڙ جا سالم ٻاڪڙ يا k_2 لوهاٽو جهڙا همراهه هٿ ڪري ڊاڪٽر علي جي ٺيڪ ٺاڪ چنچري لهرائيندو هو.

نظام لغاري صاحب پنهنجي نيچر ۾ با اخلاق، ايماندار، سنجيده ۽ پڙهيل لکيل ۽ اهل علم انسان آهي. معاشيات ۾ ته منهنجو استاد آهي. هن کي پنهنجي ڳالهه سامهون واري کي سٺي انداز ۾ سمجهائڻ ۾ وڏو ڏانءُ هڪ ماهر استاد وانگر آهي. طبيعتن نظام صاحب هڪ سادو ۽ سٻاجهڙو انسان آهي. هُن ۾ روائتي ٽاپ ڪلاس جي ڪامورن وارو غرور ۽ تڪبر ڪونهي. فرينڪ نيس (هردل عزيز) لاءِ سنڌي ۾ خبر ناهي ته ڪهڙو لفظ آهي پر لغاري صاحب جي فرينڪ نيس جي حد اها آهي جو اسان دوست سندس دعوت تي گلاب لغاري وياسين ته چيائين ته دعوت منهنجي آهي پر اوهان جي “خدمت چاڪري” منهنجا دوست محمد ايوب لغاري ۽ k_2 لوهاٽو ڪندا.

بدين ۾ نوڪري دوران نظام صاحب سان اسان جون يادگار ڪچهريون رهيون ۽ ڏاڍو پيلو وقت گذريو. پوءِ اهي منهنجي (ڊاڪٽر نواز پوٽ) ڳوٺ ڪلوئي ۾ هجن، کورواهه ۾ ڊاڪٽر عليم پنهور وٽ هجن، مني ۽ ڏيپلي ۾ هجن، حاجي ولي محمد عمراڻي جي اوطاق تي هجن يا ڊاڪٽر عبدالله سومري جي گهر بدين ۾ هجن. جيڪو اسان جو هيڊ ڪوارٽر ڊڪليئر ٿيل هوندو هو.

اسان جي ڪمپني رولاڪ هوندي هئي، هر هفتي ڪٿي نه ڪٿي وڃي نڪاءُ ڪندا هئاسين. مرٽو پرٽون هجي، ميلو ملاکڙو هجي يا ٽوئر هجي، نظام صاحب آفيس ٽائيم کان پوءِ پنهنجي سرڪاري جيپ سميت اسان پيارن جي حوالي هوندو هو. انهي شرط تي ته سرڪاري پيٽرول جو ڦڙو به استعمال ڪرڻ نه ڏيندو هو. چوندو هو ته الله ۽ سرڪار مون کي معاف ڪري جو سرڪاري گاڏي مون ڊرائيور سميت اوهان دوستن جي حوالي آهي، باقي پيٽرول ته پاڻ پرايو نياڳا.

نظام صاحب جو ٻيو شرط اهو هوندو هو ته گاڏي جي اندر سگريٽ نه ڇڪيو جو مون کي انهي مان الرجي ٿيندي آهي. اسان انهي جو به ناجائز فائدو ائين وٺندا هئاسين جو سفر ۾ جتي به ڪا واهه يا واٽر ڪورس جي موري ڏسندا هئاسين ته گاڏي روڪرائي لهي موري يا پُل تي ويهي مزي سان سگريٽ ڇڪيندا هئاسين. پوءِ يڪو ڪلاڪ اُتي چٽو. بدين ضلع جي روڊن جي شايد ئي ڪا موري يا پُل هجي جتي اسان ڪلاڪن جا ڪلاڪ

ويهي وڏا وڏا ٺهڪ نہ ڏنا هجن. هر ڪچهري جو مور ڊاڪٽر علي ڪٽي هوندو هو. انهن ڪچهرين جو حال احوال گهٽ ۾ گهٽ آئون لکڻ کان قاصر آهيان البتہ ڊاڪٽر علي اها همت ڪري سگهي ٿو. (ڊاڪٽر علي گاريون ڏيندو آهي ۽ 12 بور واري انگريزي ڳالهائيندو آهي، ها البت دوائن جا نالا انگريزي ۾ لکيو وجي. باقي هو لکڻ پڙهڻ کان قاصر آهي. مصنف) منهنجو (نواز پوٽ) شهر ڪلوئي نظام صاحب کي ڏاڍو وڻندو آهي. جيڪو عمر ڪوٽ شهر وانگر پٽن جي هنج ۾ آهي. جڏهن بہ ايندا هئا تہ رات جو ڪلاڪن جا ڪلاڪ ٿڌي واري تي ويهي ڪچهري ڪندا هئاسين.

نظام الدين لغاري صاحب جهڙو ايماندار (Honest) محنتي ۽ پنهنجي ڊيوٽي سان سچو(Committed) آفيسر شايد ئي ڪو هجي. پيپلز پروگرام جي بجيٽ ڪروڙن جي هوندي هئي. نظام صاحب ان جو Project Director هوندو هو. ضلع جي آفيسرن، انجنيئرن ۽ ٺيڪيدارن کي اهڙو تہ اچي سوڙهو ڪيائين جو هو اسان وٽ اچي دانهون ڪندا هئا تہ هي ڪهڙو آفيسر آهي جو "دنياداري" نٿو ڪري؟ مون کي ياد آهي تہ هڪ ڀيري ڊاڪٽر عبدالله سومري جي گهر بدين ۾ ضلعي جا بہ وڏا ٺيڪيدار پئسن جو ٿيلهيون ڀري کڻي آيا تہ صاحب کي راضي ڪري ڏيو. مون ۽ ڊاڪٽر عبدالله، نظام صاحب کي پورو اڌ ڪلاڪ ڪمري ۾ بند ڪري وڏا ليڪچر ڏيئي راضي ڪري ٺيڪيدارن کي اندر موڪليو پر اڌ ڪلاڪ کان پوءِ همراهہ ٿيلهيون ۽ منهن لٽڪائي ٻاهر آيا ۽ اچي چيائون تہ يار هي بروچ تہ الائي ڪهڙي مٽي مان ٺهيل آهي جو اصل نہ ٿو مڃي.

پهرين جنوري 1997ع تي جڏهن نظام صاحب بدين مان اسان کي ڏکارو ڪري واپس اسلام آباد هليو ويو تہ اسان جي ڪمپني ۾ وڏو خال پيدا ٿي ويو. پر خوشي انهي ڳالهہ جي ٿي تہ اسلام آباد ۾ اسان جو هڪ گهر ٺهي ويو. گذريل 20 سالن دوران الله پاڪ هن کي ڪافي ترقي ڏني آهي ۽ 20 گريڊ جي چند هوشيار ۽ محنتي سنڌي آفيسرن ۾ شمار ٿئي ٿو. پر ان جي باوجود سنڌس روين ۾ دوستن لاءِ ڪڏهن بہ تبديلي نہ آئي آهي. اسان لاءِ هو اڄ بہ 1995ع وارو نظام لغاري آهي. سنگت جو اسلام آباد ۾ ڪو بہ ڪم ڦاسي ٿو رڳو نظام صاحب کي فون ڪريو. پوءِ اهو ڪم نظام جو چڻ ذاتي ڪم ٿي پوندو آهي.

منهنجو سرڪاري ڪم ڪار سان اڪثر اسلام آباد وڃڻ ٿيندو آهي. نظام صاحب کي بس فون ڪرڻ جي دير هوندي آهي. ايئر پورٽ تان کڻڻ کان ڇڏڻ تائين، نظام صاحب گڏ هوندو آهي. ائين چوڻ مناسب رهندو تہ نظام

صاحب اسلام آبادي هئڻ جي باوجود اڄ بہ مڪمل ڳوٺائي آهي. آخر ۾ صرف ايترو چوندس تہ ڊاڪٽر علي جي ملڪ جو نظام ڪٿي ڪيترو بہ خراب هجي، پر اسان جو "نظام" ڏاڍو ڀلو آهي. الله پاڪ ڪيس سٺي صحت ۽ عمر دراز عطا فرمائي.

## ڊاڪٽر علي نواز ڀوت، ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر 1 بدين

ڪي محبتون ملاقات جون محتاج ناهن هونديون بلڪل ائين ڪي ماڻهو بغير ملڻ جي ويجهائي هوندا آهن ٽيڪنالاجي جي هن دور ۾ جديد سهولتن ذريعي ماڻهو سڄي دنيا سان رابطي ۾ رهي ٿو . سوشل ميڊيا معرفت مونکي تمام بهترين ۽ رهنمائي ڪندڙ مخلص دوست مليا، انهن ۾ محبوبا جي آنچل جهڙو فقير منش انسان مانوارو قابل احترام منهنجو سائين نظام الدين لغاري بہ هڪ آهي. هن جو مزاج سانوڻ جي وسڪاري جهڙو آهي، هن ۾ بناوت ۽ ڪوڙي سجاوٽ جهڙا لاڙا ناهن، هو ڪُوڙي واه واه ڪرڻ وارن مان نہ آهي، هو جيڪو مينهن جي مند جهڙو آهي، هو تہ محنت ۽ محبت جو اهڙو قدردان آهي، جنهن جي ڪشادي دل ۾ مون جهڙي بيڪار بي ترتيب نوجوان لاء محبتون آهن.

جنهن سان ڳالهائيندي اهو احساس ناهي ٿيندو تہ اسان هڪٻئي کان سوين ڪلوميٽر پري آهيون ۽ اسان جي پاڻ ۾ ملاقات صرف فيس بڪ جي ننڍڙي اسڪرين تي آهي. هو پنهنجي سياء ۾ ائين آهي جيئن سنڌو جو پاڪ پاڻي. توڙي جو هن وقت قابل احترام مانواري سائين نظام لغاري تي لکندي مان لفظن جي اجائي جادوگريءَ واري موڊ ۾ ناهيان. پر اهو سچ آهي تہ سندس عمر ۽ منهنجي وهيءَ ۾ وڏو فرق آهي، اهو چوندي ڪابہ هٻڪ نہ پئي ٿئي تہ زندگيءَ جي ڏکويل گهڙين ۾ حوصلو ڏيندڙ منهنجون اڻوٽندڙ ڳالهيون ٻڌندڙ مون ۾ موجود انيڪ غلطين جي نشاندهي ڪندڙ وڏي ڀاءُ جيان پيار ڪندڙ محبتي ۽ اهڙو فراخ دل انسان جيڪو هر بهتر قدم جي دل کولي آجيان ڪرڻ سان گڏو گڏ اسان جهڙن سيڪڙاٽن جي انيڪ غلطين جي وڏي ڀاءُ ۽ بهترين استاد وانگر تعميري تنقيد ڪري، اسان کي ڪجهہ بهتر ڪرڻ جي لاءِ هر وقت همٿائيندو رهي ٿو.

آئون سندس دل جي اٿاهہ گهراين سان عزت ڪريان ٿو. هن سان منهنجو رشتو محبت ۽ عقيدت وارو آهي، هو مون جهڙي نالائق سان بہ پيار

ڪري ٿو. ان محبت جو نهايت ٿورائتو آهيان. آخر ۾ اهائي دعا آهي تہ محبت، عقيدت ۽ اصلاح وارو اهو رشتو هميشہ قائم رهي،دعاگو.

## آزاد انور مهر، چڪ. ضلع شڪارپور.

هونئن تہ هر ماڻهو ۾ مهڪي پئي مٽيا
پر جي سنڌ ڇٽيا تن جو مٽ ڪينڪي.

زندگي ڏاڍي پياري هوندي آهي. پر اها پياري پيارن ماڻهن سان ٿيندي آهي. اسان جي زندگي ننهڻ اُس ٻڇي پوي ها جيڪر اهي نم جي ٿڌي ڇانو جهڙا ماڻهو نہ هجن ها. هن ڌرتي جي گولي تي ڪيئي املهہ انسان پيدا ٿيا آهن. انهن موتي داڻن ۾ هڪ موتي منهنجو ماما سائين نظام الدين لغاري بہ آهي. منهنجي ماما جو جنم لاڙ جي ڪلراٺي پون اگهم ڪوٽ جي پڪ پرسان ڳوٺ گلاب لغاري ۾ ٿيو. منهنجي ماما جو ننڍ پڻ غربت ۽ مفلسي ۾ گذريو. ڇو تہ منهنجو ماما ننڍ پڻ ۾ ئي يتيم بنجي چڪو هو. انهي ڪري هن پنهنجو ٻالڪپڻ مختلف پورهيا ۽ محنت ڪندي گذاريو. عملي زندگي جي شروعات استاد جي شعبي کان ڪئي. پوءِ محنت ڪندي وڃي 20 گريڊ تائين پهتو. ماما پنهنجي زندگي جا خوبصورت لمحا اسلام آباد جي مارگلا جي پهاڙين تي پنڌ ڪندي گذاريا. جيتوڻيڪ ماما ادبي ميدان ۾ ايڏو وڏو ليکڪ تہ ناهي پر ادبي محفلن ۾ ان جو اٿڻ ويهڻ ضرور رهيو آهي. ماما جا ڪالم وقت بوقت انگريزي توڙي سنڌي پريس ۾ ڇپجندا رهيا آهن، جيڪي گهڻو ڪري ملڪ جي اقتصاديات تي لکيل هوندا آهن. جيئن تہ منهنجي ماما جو ادبي دنيا سان لڳ لاڳاپو آهي، انهي ڪري اڄ جڏهن مان پنهنجي گهر جي چوطرف نظر ڊوڙائيندي آهيان تہ مون کي خوبصورت ڪتاب ئي ڪتاب نظر ايندا آهن. اسان ٻارن ۾ جيڪي ڪتابن پڙهڻ جو اتساهہ جاڳيو انهي ۾ هن جو اهم ڪردار رهيو. ماما هميشہ ڪو نہ ڪو ڪتاب پڙهڻ لاءِ ڏيندو رهندو آهي، پوءِ ان تي اسان ڪلاڪن جا ڪلاڪ بحث ڪندا هئاسين. اسان ماما جي ڇهري تي ڪڏهن بہ ڪاوڙ جا آثار نہ ڏٺا. هميشہ سنڌو جي گجگوڙ جهڙا ٽهڪ ٻڌبا آهن. آخر ۾ هنن لفظن سان پنهنجي پياري ماما سائين کي ڀي ڀيٽا ڏيندس.

ماڻهو سڀ نہ سهڻا، پکي سڀ نہ هنج
ڪنهن ڪنهن ماڻهو منجهہ، اچي بوءِ بهار جي.

## شازيا لغاري، اسلام آباد

ڪنهن به شخصيت جو ظاهري ڏيک ايترو اهم نه آهي، جيترو سندس باطن ۽ روح جي بلنديءَ يا پستي اهميت رکي ٿي. زندگيءَ ۾ سوين ماڻهو سالن تائين ساڻ رهندي به دلين ۽ خيالن ۾ ايتري جڳهه ناهي ناهن سگهندا. جيتري جاءِ ڪنهن ٿوري وقت لاءِ مليل فرد پنهنجي بهتر سوچ ۽ ڪردار سبب ٺاهي سگهندا آهن.

نظام الدين لغاري صاحب جي اصليت سندس روحاني رشتا آهن. سنڌ، سنڌيت، ٻولي، سماج، ادب، تاريخ، موسيقي،سفر، سنگت ۽ ملڪ جي مٽي سان سندس خاص نينهن جو ناتو آهي. سندس اندر تعليم جو واڌارو ۽ ترقي سندس خواهش ۽ خواب آهي. سڄي ملڪ جي صوفين ۽ سنتن سان سندس محبت ان ڳالهه جو ثبوت آهي ته لغاري صاحب جن سخت مزاج هجڻ بدران ڪليل دل ۽ دماغ رکڻ وارا ۽ لبرل سوچ رکندڙ فرد آهن، هجڻ به گهرجي. ماڻهو جڏهن علم ۽ سوچ جي ڪنهن اوچائي تي پهچندو آهي ته هو دل جو صوفي ۽ وضع قطع ۾ فقير منش بنجي ويندو آهي. جيڪڏهن لغاري صاحب ان رتبي تي پهچي ويو ته اها ڳالهه شادماني جي آهي. دعا آهي ته سائين نظام الدين لغاري صاحب جن سدا شاد ۽ آباد هجن.

## انور عزيز چانڊيو
## ڊپٽي ڊائريڪٽر (پبلڪ رليشنس)
## واپڊا هائوس، لاهور

اڳ ڄاڻ سڃاڻ، دوستي ياري، پيار محبت جا ڪي خاص مخصوص ذريعا يا سبب هوندا هئا. ڪنهن بس جي سيٽ تي، ڪنهن اسڪول جي بينچ تي گڏ ويهڻ وغيره وغيره. ڪجهه اهڙيون حقيقتون هونديون هيون، جيڪي دوستي ڪان ٿينديون پائيپ تائين وڃي پهچنديون هيون. ان جي مقابلي ۾ اڄ اِنفَارميشن ٽيڪنالاجي جي جديد دور ۾ انهن رواجي طور طريقن جي ماهيت ۽ اهميت ڪي قدر گهٽجي ويئي آهي. ڇو جو حضرت انسان هڪ اهڙي دور ۾ رهي ٿو جتي دنيا سُڪڙجي هڪ ڳوٺ بنجي ويئي آهي. هن وقت هڪ اندازي مطابق دنيا ۾ ساڍا 4 ارب انسان فيس بڪ جو استعمال ڪن ٿا، ٻين لفظن ۾ ائين ڪٿي چئجي ته اهي هڪ ئي ڳوٺ ۾ رهن ٿا. تنهنڪري هڪ ئي ڳوٺ ۾ رهندي منهنجي ملاقات سائين نظام الدين لغاري سان ٿي، جيڪا

اڳتي هلي دوستي ڪان ٿيندي ياڻپي تائين پهتي آهي. اهو صحيح آهي تہ اسان جو پاڻ ۾ مُڪا ميلو نہ ٿيو آهي. پر سائين سان جڏهن بہ فيس بڪ يا فون تي ملاقات ٿيندي آهي تہ سندس پهريون سوال ئي منهنجي مستقبل بابت هوندو آهي. سندس ٻوليءَ جي لاڙي لهجي مان هميشہ پنهنجائپ جي خوشبو ايندي آهي، جو ان وقت اهو احساس نہ ٿيندو آهي تہ ڪنهن اجنبي انسان سان ڳالهہ پئي ٿئي. اڪثر مون سان ڳالهائڻ وقت سندس موضوع پڙهائي ۽ اخلاقيات ئي هوندو آهي. سندس فيس بڪ جي لکڻين مان معلوم ٿئي ٿو تہ پاڻ صوفي طبيعت ۽ لبرل قسم جا خيالات رکن ٿا. زندگي هڪ هنڌ ويهڻ جو نالو نہ آهي، انهي ۾ ڪڏهن سرديون تہ ڪڏهن گرميون اينديون ئي رهن ٿيون. مطلب تہ زندگي مسلسل جدوجهد جو ٻيو نالو آهي. منهنجو محسن ياءُ نظام الدين لغاري مون کي هميشہ اهڙي رستي تي هلڻ جي هدايت ڪندو رهي ٿو. منهنجو ڪنڌ سندن اڳيان احترامن جهڪيو ئي رهي ٿو. دعا آهي تہ اهو عزت ۽ احترام جو روحاني رشتو سدائين دائم ۽ قائم رهي.

## فراز علي شيخ، حيدر آباد

مون سائين نظام الدين لغاري کي فيس بڪ تي هڪ سٺي دوست، هڪ مهربان استاد ۽ وڏي ڀاءُ وانگر ڏٺو آهي. نظام صاحب زندگي جي هر ڏکئي موڙ تي فيس بڪ جي ذريعي منهنجي رهنمائي ڪندو رهي ٿو. مون جڏهن بہ فيس بڪ تي مايوسي جون ڳالهيون ڪيون تہ لغاري صاحب منهنجو حوصلو وڌائيندو ئي رهيو آهي. هڪ مهربان دوست جي حيثيت ۾ سائين سدائين نصيحتون ئي ڪندو رهي ٿو جنهن ۾ خلوص ۽ نيڪ نيتي شامل هوندي آهي. انهي سان مون پنهنجي شخصيت ۾ واضح سڌارا محسوس ڪيا آهن. سائين لغاري صاحب جي تعميري تنقيد پڻ منهنجي لاءِ مستقبل ۾ روشن راهون کولي سگهي ٿي. دعا آهي سائين لغاري صاحب سدائين خوش ۽ آباد هجي ۽ سنڌي ادب جي خدمت ڪندو رهي.

## علي قريشي، ٻوبڪ

ڪن پڙهيو گيتا ڪن پڙهيو قرآن
پوءِ بہ اهي اڻ ڄاڻ انسانيت جي "الف" کان.

سائين نظام الدين لغاري صاحب!. توهان جو حڪم ٿيو تہ مان توهان تي ڪجھ لکان. مون کي سمجھ ۾ نہ ٿو اچي تہ اوهان صاحبن تي ڇا لکان، هڪ قلم هڪ ننڍڙو K_2 ڇا لکي ڇا لکان. توهان جهڙي عظيم ۽ انسانيت جي پيغمبر تي لکڻ لاءِ مون وٽ ڪجھ بہ ڪونهي. اوهان جهڙن ماڻهن تي لکڻ لاءِ الله سائين هڪ صدي ڄمار ڏي تہ بہ لکي پورو نہ پوان. اهڙي ڪل جڳ ۾ نفسا نفسي جي دور ۾ جتي پيءُ پٽ جو ناهي ۽ پٽ پيءُ جو ناهي صرف زندگي گذارڻي آهي، ان ۾ اوهان جهڙا عظيم انسان انسانيت جي لاءِ سوچين ٿا. انهن جي دوستي جي ڏاڍي ۾ پوئجي پنهنجي پاڻ کي ڀاڳوند ڀانيان ٿو.

مون کي فخر آهي توهان جهڙي دوست تي، جيڪو منهنجي لاءِ ۽ منهنجي خاندان جي لاءِ سوچي ٿو. اوهان منهنجي امڙ تي ڪالم لکي اهو ثابت ڪيو تہ دنيا ۾ اسان جي لاءِ بہ ڪو سوچي ٿو. توهان واقعي بہ سنڌو درياهہ وانگر وڏي دل رکندڙ انسان آهيو. اهو بہ پوري هند، سنڌ، پنجاب، ڪابل جو پاڻي پيٽ ۾ سمائي سڄي ڌرتي کي بغير ڪنهن نسل ۽ مذهبي فرق جي سرسبز ڪندو اچي ٿو. انهي وانگر اوهان بہ مذهبن جي ڀيد ڀاءَ کان پري رهي انسانيت جو پيغام ڏيو ٿا. آئون خدا جوقسم کڻي چوان ٿو تہ جيڪو سچ هن ڌرتي تي اُپري لهي ٿو توهان جهڙن عظيم انسانن جي ڪري، جيڪا ڪاري ٻڪري اڇو ڪير ڏي ٿي اهو بہ اوهان جهڙن انسانن جي ڪري ئي ممڪن آهي. مون وٽ اهڙا لفظ ڪو نہ آهن جو توهان جي شان ۾ لکي سگهان. سنڌي منهنجي ڪچي آهي جيڪڏهن سمجھ ۾ نہ اچي تہ ننڍو ڀاءُ سمجهي معاف ڪندا.

## پريم چند عرف K_2 لوهاڻو گلاب لغاري ۽ راجستان

مون کي خبر نہ ٿي پوي تہ هن پنهنجي وڏي ڀاءُ، محسن دوست، همدرد انسان، سائين نظام الدين لغاري تي ڇا لکان. جنهن جو پهريون سوال ئي هوندو آهي تہ "توهان جي پڙهائي جو ڇا ٿيو". اهي لفظ ٻڌي مان پهرين گهبرائجي ويو هوس، تہ هي ڪير ماڻهو آهي، جيڪو مون کان ذاتي سوال ٿو ڪري. مون جڏهن فيس بڪ جي دوستن تي هڪ سرسري نگاهہ (Bird view) وڌي تہ، ڪو بہ اهڙو دوست ڪو نہ هو جنهن مون کان ڪڏهن اهڙو سوال ڪيو هجي. پوءِ دل ئي دل ۾ خوشي ٿيندي آهي، تہ ڪو اهڙو ڏاڍل انسان آهي، جو ڪٿي پري ويهي، منهنجي مستقبل بابت سوچي ٿو. سندس چيل هڪ جملو شايد ئي مان وساري سگهان،جنهن ۾ هن چيو هو تہ "آئون توهان کان وڏيڪ توهان جي

مستقبل ۾ دلچسپي رکان ٿو. ”دعا آهي تہ منهنجو محسن سدائين، روشن اميدن جي پرورش ڪندو رهي ۽ نوجوانن ۾ زندگي جو اتساھ پريندو رهي، آمين.

## گُل فراز عرف ابَل ميمڻ، نوشهروفيروز

ڪي ڪي ماڻهو اهڙا هوندا آهن، جن جو ملڻ جلڻ، ڳالهائڻ ٻولهائڻ ۽ سياءُ انسان کي سدائين لاءِ سندس مداح بنائي ڇڏيندو آهي. جڏهن اهڙا ناتا ۽ رشتا هڪ دفعو جڙندا آهن تہ انهن جو ٽٽڻ ناممڪن ٿي هوندو آهي. آئون فطري طور خاموش طبعيت ماڻهو رهيو آهيان. هر وپرو نڪو ڪنهن سان گهرو گهاتو ٿيڻ ۽ نہ وري ئي دوستي جي دائري وڌائڻ جو ڪو شوق رهيو اٿم. عملي زندگي ۾ اهڙا ماڻهو بہ صفا ٿورا آيا آهن، جن سان دل لڳي هجي ۽ وري وسري سگهيا هجن. گلاب لغاري ۽ ان جي پرپاسي جن ماڻهن سان نينهن جا ناتا جڙيا انهن ۾ شامل هئا شيرل لغاري، جيڪو جواني ۾ ئي جدائي جا داغ ڏيئي وڇڙي ويو. پر سندس ياد اڄ بہ اکين مان نيرن جا نار وهائي ڇڏيندي آهي. ٻيو نظام الدين لغاري ۽ نواز لغاري جن مان نظام الدين لغاري سان نيازمندي وارو رشتو. قومي سوچ ۽ ادب دوستي کان شروع ٿي ذاتي ۽ گهرو دوستي ۾ تبديل ٿي ويو. منهنجي وڏي نياڻي تهمينہ لغاري پنهنجي مڊل اسڪول جا ٽئي سال سائين نظام لغاري جي گهر ۾ رهي پڙهي. سائين منهنجي نياڻي کي بہ پنهنجن ٻچن وانگر پائيندو هو. انهي مان سائين جي علم دوستي ۽ پنهنجن دوستن سان خلوص جو پتو پوي ٿو. آئون اهو واضح ڪندو هلان تہ منهنجي سائين نظام سان ڪنهن بہ قسم جي مٽي مائٽي ڪانهي، پر منهنجي وڏي نياڻي تهمينہ شادي ٿيڻ تائين سائين جي گهر جو حصو رهي آهي. انهي وچ ۾ 1986ع ۾ سائين روزگار سانگي اسلام آباد هليو ويو. پر اسان جي پيار ۽ محبت ۾ ڪنهن بہ قسم جي ڪمي پيشي نہ آئي. سائين جن جو جڏهن بہ اسلام آباد مان ڳوٺ اچڻ ٿيندو هو تہ قومي ۽ ادبي ڪچهري جا دفتر کلي ويندا هئا. اڳتي هلي سائين جن جي زور پرڻ تي مون جڏهن روزانہ عوامي آواز ۽ تعمير سنڌ ۾ سنڌ جي ٻرندڙ مسئلن تي قلم کنيو جن ۾ ڪرپشن، تعليم ۾ ڪاپي جو ناسور، ڪارو ڪاري، سنڌ ۾ پاڻي جي اٽاٽ ۽ پوليس جي زيادتين جي خلاف آواز اٿارڻ شامل هئا سڀ کان پهريائين سائين ڪريم بخش مرحوم، شيرل مرحوم ۽ سائين نظام لغاري صاحب همٿائڻ ۾ سيني کا اڳرا هئا. آئون انهي ۾ فخر محسوس ڪري رهيو آهيان تہ جيڪو ڪتاب هينئر توهان جي هٿن ۾ آهي، سائين مون کي انهي جو اهل سمجهي پهرين مون کي ڏنو تہ جيئن انهي جا

پھريان پروف پڙھي سگھان. اميد ٿو ڪريان تہ اھو احترام جو رشتو ساھہ جي سڳي جي سلامتي تائين جاري ۽ ساري رھندو.

## محمد اشرف لغاري، ڳوٺ شير محمد لغاري، لڳ گلاب لغاري

## ڪنھن ڪنھن ماڻھوءَ منجھہ مٺيا

اھا 5 مارچ 2017 جي سُرمئي شام ھئي، شفق جي لالاڻ اجا ايتري جھڪي نہ ٿي ھئي، اسان راشد مورائي ادبي ڪانفرنس ۾ مھمانن جي آجيان ڪرڻ ۾ رڌل ھئاسين تہ فون جي گھنٽي وڳي. اڳيان ڪنھن ڄاتل سڃاتل آواز جو پڙلاءُ ڪنن تي پيو. جيڪو ڪانفرنس متعلق ئي ڏس پتو پڇي رھيو ھو. جيڪو موري باءِ پاس جي ڪنھن ڪنڌ پاسي تي بيٺل ھو.

مان(لطيف راشد) ۽ نجم سرھيو جنھن سان سائين نظام الدين لغاري صاحب جي ھڪ دفعو اسلام آباد ۾ ملاقات ٿي چڪي ھئي. اسان جڏھن مھمان کي وٺڻ لاء نڪتاسين، تہ نجم سوال ڪيو "تون مھمان کي ڏسندي تہ سڃاڻي ويندين؟ ڇو جو منھنجي نظر ۽ حافظو گھٽ آھي". نجم جي اھڙي بيوقتائتي سوال مون کي ڪنھن اڻ ڄاتل شڪ ۽ پريشاني ۾ مبتلاءَ ڪري ڇڏيو. پر اسان جيئن ئي ٻڌايل ڏس تي پھتاسين تہ سامھون ئي سائين تي نظر پئجي ويئي. نجم سرھيو کي سائينءَ ڏانھن اشارو ڪندي گاڏي روڪڻ لاء چيم، سائين نظام الدين لغاري سامھون پنھنجي نوجوان دوست زبير احمد لغاري سان گڏ پنھنجي گاڏي وٽ اسان جي انتظار ۾ بيٺا ھئا . منھنجي جيئن ئي سائينءَ تي نظر پئي تہ اسان جي نظرن ھڪ ٻئي کي سڃاڻي ورتو. ائين اسلام آباد کان پوءِ ھي اسان جي ٻي ملاقات ھئي تہ اسان ھڪ ٻئي کي ڀاڪرن ۾ ڀري ڇڏيو.

راشد مورائي ادبي ڪانفرنس دوران سائينءِ سان موري جي ڪافي شاعرن ۽ اديبن جي ملاقات بہ ٿيندي رھي. جيڪي سڀ تقريبن سائين جي نالي کان واقف ھئا. ڇو جو منھنجو بابا سائين (راشد مورائي) سان جڏھن ڪنھن موري جي ادبي لڏي جي ڪچھريءَ ۾ وجھڻ ٿيندو ھو تہ بابا سائين راشد، نظام الدين لغاري کي ھر ڪچھري ۾ ياد ڪندو ئي رھندو ھو تنھنڪري موري جو ادبي لڏو ڪيس اڻسڌي طور سڃاڻندو ئي ھو.

منھنجي سائين لغاري صاحب سان ھيءَ ٻي ملاقات ھئي، اسان جي پھرين ملاقات "لنڪن ڪارنر لاڙڪاڻي" طرفان اسلام آباد ٽريننگ جي

دوران ٿي هئي. ان وقت ٻـ اسان سائين جي اسلام آباد واري گهر تي وڏي ۾ ڏگهي ڪچهري ڪئي هئي. جڏهن تـ سائين جي گفتگو جو محور منهنجو بابا سائين هو. ان کان سواءِ سائين سان ڪچهري دوران مون هُن جي دل ۾ سنڌي ادب، سنڌي ٻوليءَ ۽ پنهنجي قوم لاءِ عشق ڇوليون هڻندي محسوس ڪيو. جيڏو سائين پاڻ محبتي ماڻهو آهي اوترو ئي سندس اولاد ٻـ سلڇڻو اٿس. گهر کان سِگا اسلام آباد هاسٽل تائين ايندي هر رستي ۾ عمارت بابت ٻڌايندا رهيا. هاسٽل انچارج سان ڪچهريءِ دوران سائين جو اسلام آباد ۾ رهندي سگا جي پليٽ فارم تان سنڌي موسيقيءَ، سنڌي ادب، سنڌي ماڻهن لاءِ ٿيل ڪم جو تفصيلي احوال مليو. ٿڪاوٽ هجڻ ڪري جلدي آرام اچي ويو.

صبح جو تيار ٿيس ئي پئي تـ سائين پهچي ويو. مونکي ان هوٽل تي پهچايائين جتي اسان جي ٽريننگ رکيل هئي. هفتوا تي ئي رهياسين پر تمام گهٽي ٽريننگ جي مصروفيات ڪري سائينءَ سان وري ملاقات نـ ٿي سگهي. باوجود ان جي پاڻ صبح شام فون ڪري حال حوال وٺندا رهيا. واپسيءَ تي جڏهن موري پهتس تـ سائينءَ راشد جو پهريون سوال اهو هو تـ نظام الدين جا ڪهڙا حال آهن. ڇو جو سائين راشد جي ويجهن ساٿين مان سائين نظام الدين ٻـ هڪ آهي. آئون ٿورن لفظن ۾ ائين چوندس تـ "جهڙو پرين پاڻ تهڙي سنائَ سا ٿ جي"

سائين نظام الدين لغاري ٻـ جس لهڻن، جو بابا سائين جي وفات کان پوءِ ٻـ پنهنجي حال سارو "راشد مورائي يادگار ڪميٽي مورو" جي سار لهندا ٿا اچن. سائين جون بابا سائين سان ۽ اسان سان اهي محبتون ئي آهن جو اسان جي نماڻي سڏ تي "راشد مورائي ادبي ڪانفرنس" ۾ شامل ٿيڻ جي لاءِ اسلام آباد کان موري ڪهي آيا. منهنجون نيڪ تمنائون ۽ دعائون آهن تـ رب پاڪ سائين جن کي سٺي صحت سان گڏ خضري عمر عطا ڪري آمين. عمر دراز تيڏي الله نگهبان هووئي

## لطيف راشد، مورو سنڌ

"سڄڻ سڀاجهو گهڻو"

جي تون پارسي سکيو تـ گولو تون غلام
اُجيو تان آب گهري بکيو تان طعام
عامن سندو عام، خاصن منجهان نـ ٿئي. "شاهہ"

دنيا ۾ ٻوليون اُهي ليکيون ويندڻ آهن، جيڪي گهڻو ڳالهايون، لکيون ۽ پڙهيون وڃن. هونئن ٻ قوم فرد سان نہ پر فردن سان، انهن جي ٻوليءَ، ڪلچر ۽ جاگرافيائي اُهڃاڻن سان سُڃاتي ويندي آهي. ڪنهن ٻ قوم جو فرد پنهنجي عمل ۽ ڪردار سان پنهنجي ٻوليءَ، ڪلچر ۽ جاگرافيائي حدن جو محافظ هوندو آهي نہ رڳو اُهو پر جيڪو ٻ جنهن ٻ ڌرتيءَ تي جنم وٺي ٿو اُن تي اهُو قرض ۽ فرض ٿئي ٿو تہ هُو اُنهي لاءِ ڪجھ نہ ڪجھ ضرور ڪري، جيڪو هر صورت ۾ ڪنهن نہ ڪنهن حوالي سان اُن ڌرتيءَ ۽ قوم لئہ ڪارآمد ثابت ٿئي.

انسان خود کي ذاتين، پاڙن، رنگ، نسلن ۽ مذهبي مونجهارن ۾ منجهائي ڇڏيو آهي. اڄ جي دور ۾ سچ چوڻ، سچ ٻڌڻ، سچ لکڻ، سچ پڙهڻ ڪا نندي ڳالھ ڪانهي پر...... پر...... اهو سچ آخر آهي ڇا؟ سچ اصلاح آهي، سچ تخليقي سگهاري قوت جو نانءُ آهي، سچ نئين سوچ، نون لاڙن، نون رجحانن کي جنمي ٿو. جنهن سان اُن قوم جو تعميري ادب سرججي ٿو. پلي ڪٽي ڪنهن جون ٻ ساروڻيون، آتم ڪٿائون يا سوانح حيات لکيل هجن، اُهي ان وقت جي تاريخ جا ورق ليکيا ويندا آهن. ان ۾ بيان ڪيل واقعا توڙي جو ذاتي نوعيت جا ڇو نہ هجن پر اُهي ان دور جي سياسي، سماجي حالتن، شخصيتن، ادبي لاڙن، ريتن رسمن ۽ تبديلين جو مظهر هوندا آهن. اهڙوئي سچ جو سندرو ٻڌي قلم هٿ ۾ کڻي اسان جي ادبي دوست محترم نظام الدين لغاري صاحب ٻ پنهنجي ساروڻين سميت سنڌي ادب ۾ پير پاتو آهي. پاڻ انتهائي شفيق ۽ پيار ڪندڙ انسان آهن، جيءَ ۾ جايون ڏيندڙ ادب سان چاھ رکندڙ سائين راشد مورائيءَ ۽ سائين عبدالحڪيم ارشد صاحب جا ديوانا آهن. سائين راشد مورائيءَ تہ پنهنجا ڪتاب ڪيس وقت بوقت ڏياري موڪليندا هئا، پر هڪ دفعي لغاري صاحب فون ڪري سائين ارشد صاحب جو ڪتاب " ڏيئا ذات جا " ڏياري موڪلڻ جو چيو. ڪجھ ڏينهن گذرڻ کان پوءِ لغاري صاحب کي فون ڪري چيم تہ ارشد صاحب جو ڪتاب نہ ٿو ملي، البتہ سائين راشد جي لائبرري ۾ هڪ ڪاپي ضرور آهي. اگر حڪم ڪيو تہ فوٽو ڪاپي ڪرائي موڪليان. پاڻ چيائين تہ ضرور، اُهي قرب ٿيندا. بعد ۾ ڪاپي ڪرائي اسلام آباد موڪليم ڳالھ جو مقصد تہ ادب سان سائين جن جو پراڻو عشق آهي.

سائين نظام الدين لغاري سان منهنجي ڏيٺ ويٺ ٻ سائين راشد مورائيءَ جي پويان ٿي. هڪ دفعي سائين راشد کي چيم تہ قبلا اوهان لغاري صاحب کي فون ڪري چئو تہ اسان NCHD ملازمن جو فائيل سنڌن ٽيبل تي

آهي، ان ۾ ڪا مدد ڪن. سائين راشد بہ دير ئي ڪا نہ ڪئي چيائين تہ هاڻي ئي نمبر ملائي تہ ڳالهايون ٿا. ڳالهہ ٿي، لغاري صاحب چيو تہ برابر فائيل ڪجهہ ڏينهن کان منهنجي ٽيبل تي پيو آهي، پر مون کي خبر ڪانهي تہ نجم صاحب بہ ان اداري ۾ ڪم ڪري پيو. خير ڪم ٿي ويو سائين جن بهتر Comments ڏيئي فائيل منسٽريءَ ڏانهن ڏياري موڪليو نہ رڳو ايترو پر مختلف وقتن تي فنانس منسٽري ۾ پڻ مدد ڪئي ۽ ان سان گڏ اسان جي ٽيم جي دوستن کي پڻ مان ۽ بهتر مشورا ڏنا ۽ رهنمائي ڪئي. الله پاڪ کين اَجُر ڏيندو دعا آهي تہ پاڻ سني صحت سان گڏ وڏي ڄمار ماڻين. باقي ڪتاب پڙهندڙ پنهنجي راءِ پاڻ قائم ڪندا، اُهو پڙهندڙن ۽ وقت تي ڇڏجي ٿو تہ سائين جن جي محنت سنڌي ادب ۾ ڪيتري جاءِ والاري ٿي. بحرحال آئون سائين جن کي مبارڪ باد پيش ڪريان ٿو جو پنهنجي حياتيءَ ۾ اهڙو ڏکيو ڪم سرانجام ڏنو اٿائون.

محبت پائي من ۾ رنڊا روڙيا جن<br>
تن جو صرافن اڻ توريو اگهائيو. "شاهہ"

**نجم سرهيو مورو سنڌ.**

نظام الدين لغاري سان منهنجو هميشہ نيازمندي وارو رشتو رهيو آهي. جڏهن تہ فنانس ڊويزن ۾ اسان هڪ ئي ونگ ۾ گڏجي ڪم ڪيو آهي. اسان جا رشتا ناتا هڪ ساٿي عملدارن کان گهٽو گهٽو اڳتي نڪري ويا هئا. مون هميشہ هن کي اڳتي وڌڻ جي جستجو ۾ ڏٺو . ڪتابن جو شوق سندس ڪمزوري رهي آهي. هڪ Colleague جي حيثيت ۾ اسان هميشہ عالمانہ گفتگو ڪندا رهيا آهيون. اڪثر اسان جي گفتگو جو محور پاڪستان جي ايڪانامي رهي آهي. مذهبي رواداري ۾ اسان جا خيال هڪ جهڙا ئي رهيا آهن، ها البت اسان جو ٽيون ساٿي هوندو هو محمد عثمان غني، جيڪو هميشهہ بهشت ۽ دوزخ جي چڪر ۾ رهندو هو. پرجڏهن جيئريون جاڳنديون حورون سامهون ڏسندو هو تہ ابدي دنيا واريون حورون هن کي وسري ويندريون هيون. مذهب تي شروع ٿيل بحث ختم ٿيندو هو جهڙپ تي، آخر ۾ مون کي ۽ لغاري صاحب کي ملندا هئا ملحد ۽ دهرئيي جا لقب. اهو اسان جو رُسامي جو عرصو هلندو هو 8 ڏينهن. پوءِ وري ڳالهہ آئي ويئي ٿي ويندي هئي. لکيم پئي لغاري صاحب تي لکجي ويو محمد عثمان غني تي، ڇو جو هي بہ تہ اسان جي ٽي مورتي جي هڪ مورتي هئي. مطلب تہ اسان جو فنانس ڊويزن ۾ وقت ڏاڍو پلو گذريو.

اسان ٻنهي جو لاڙ سنڌ جي ڀرپاسي واري پوئتي پيل علائقي سان تعلق آهي، تنهن هوندي بہ اسان سخت محنت ڪئي . اڄ اسان جنهن مقام تي پهتا آهيون اهو اسان جي محنتن جو نتيجو آهي. اسان جو اڪثر بحث سنڌ جا اقتصادي ۽ معاشرتي مسئلا هوندا هئا. نظام الدين لغاري صاحب هميشہ سنڌ جي ڪرنڌڙ تعليمي معيار ۽ اقتصادي اڻبرابري جهڙن مسئلن تي ڪافي ڳنڀير ٿي ويندو هو. مون هن کي هميشہ سنڌ جي مفادن تي جهڄندو ۽ جُهرندو ڏٺو. دعا آهي تہ الله کيس وڏي ڄمار ڏي ۽ سنڌ جي خدمت ڪندو رهي.

**ظفرالحسن الماس**
**چيف پلاننگ ڊويزن، اسلام آباد**

نظام لغاري سان دوستي جو رشتو اڄ جو ڪونهي، انهي کي پورا 48 سال ٿي ويا آهن. جڏهن آئون انين ڪلاس ۾ پڙهندو هوس. تڏهن کان وٺي اسان جو پيار جو ناتو جڙيو آهي.

رپ هاءِ اسڪول جيڪو منهنجو ڳوٺ آهي. ان جا استاد، شاگرد ۽ ڳوٺ جا ماڻهو اسڪول ۽ هاسٽل جي وچ واري گرائونڊ ۾ والي بال راند ڪندا هئاسين. اسان ٻنهي کي سڏي گرائونڊ ۾ بيهاريندا هئا. شروعات ۾ تہ اسان بال کي ڌڪ هڻندي ڪري پوندا هئاسين. آئون اڳتي هلي راند ۾ سنوراندي‌گر ٿي ويس پر نظام جو راند ۾ حال ڪو نہ هوندو هو. ادا گل محمد جمالي مسجد ۾ بہ پيش امام هوندو هو، ان سان گڏ نعتون پڙهندا هئاسين. هڪ نعت هوندي هئي انهي جي هڪ سٽ اڃا ياد آهي، “ منهنجو مصطفيٰ پاڪ پڌرو لکن ۾، جيئن گل گلابي آ سهڻو گلن ۾. ”

نظام مئٽرڪ ڪري وڃي استاد ٿيو. ڪجهہ وقت کان پوءِ منهنجي LMC ۾ سليڪشن ٿي. نظام ڄام شوري مون وٽ ايندو رهندو هو ۽ آئون هن جي ڳوٺ گلاب لغاري ويندو هوس، بس اسان دوستي جي سڳي کي ٽٽڻ ڪو نہ ڏٺو. منهنجو سدائين هن سان انهي ڳالهہ تي تڪرار رهندو هو تہ “توکي تعليم جي ميدان ۾ اڳتي ڪجهہ ڪرڻ گهرجي. ” هن انهي منهنجي صلاح تي سنجيدگي سان سوچڻ شروع ڪيو. مسلسل محنت ۽ جدوجهد ڪري MA Economics ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو. نوڪري لاءِ بہ هن ماڻهو ڪافي اڻ ٿڪ محنت ڪئي، نيٺ FPSC جي سفارش تي 17 اگريڊ ۾ ريسرچ آفيسر ٿي ويو. هي منهنجو دوست سڄي ڄمار هٿوراڙيون هڻندو ئي رهيو آهي. پوءِ

دنيا ڏٺو تہ هي اسان جو دوست سيني کي پوئتي ڇڏي وڃي تان جو 20 گريڊ ۾ ڊائريڪٽر جنرل تي رٽائر ڪيائين.

نظام لغاري تمام گهڻو حساس قسم ماڻهو آهي. سنڌ سان جنڊ جُڙيل اٿس. سڏو بہ اهڙو جو ڪا بہ ڳالهہ نہ وڻندس تہ سنگت ۾ سڏو چئي ڇڏيندو. پوءِ ڪنهن کي وڻي ڪنهن کي نہ وڻي. رسندو پرچندو پر پيار کي وڏيڪ پختو ڪندو ويندو. نظام پنهنجي آتم ڪهاڻي لکندي ڪهڙن دوستن کي ڪهڙي جڳهہ ڏئي ٿو. اها تہ ڪتاب پڙهڻ کان پوءِ خبر پوندي. دعا آهي تہ اسلام آباد جي حسين ماحول جون حُسناڪيون سندس آتم ڪهاڻي ۾ موجود هجن ۽ پاڻ ائين ئي محبت ۽ پيار جا گل وکيريندو رهي.

**ڊاڪٽر عبدالعزيز ٽيپو**
**AMS**
**لياقت ميڊيڪل يونيورسٽي اسپتال، حيدر آباد**

## عشق جي راهن جو هڪ ثابت قدم مسافر

موجوده بدين ضلعي جي هڪ ننڍي شهر گلاب لغاري ۾ چاچا مظهر لغاري جو هڪ ننڍو هٽ ( دڪان ) هوندو هو. هي انتهائي محبتي، خوش طبع ۽ فقير قسم جو سادو ماڻهو هو. انهي ڪري سندس دڪان تي اڪثر ٻارن جو ميڙو متل هوندو هو. انهي ڪري سندس گذران چڱو ڀلو ٿيندو هو. هي انتهائي سجاڳ ۽ باشعور ماڻهو هو. هن جي دڪان تي سنڌ جا مشهور سگهڙ مرحوم ڪامل لغاري ۽ دائم لغاري بہ ايندا رهندا هئا. انهي ڪري هن جو دڪان ادبي مرڪز پڻ هو. چاچا مظهر لغاري جو والد پڻ ڪچهري جو ڪوڏيو هو. هن جي اوطاق علم دوستن ۽ ڏاهن ماڻهن جي اچ وڃ جو مرڪز هئي. انهي سموري رس چس کي چاچا مظهر قائم رکندو پئي آيو. جنهن ڳالهہ جي هاڪ ٻڌي مرحوم پروفيسر محبوب علي چنا ۽ ٻيا ڪجهہ علم دوست ماڻهو بہ اچڻ لڳا. جلد ئي گلاب لغاري ۾ هن جو دڪان ۽ اوطاق ادبي ڏاهپ جو مرڪز بڻجي ويا. انهي ڪري سندس خواهش هئي تہ سندس اولاد پڙهيو لکيو هجي. هو پاڻ بہ ڪجهہ لکڻ پڙهڻ جهڙو هو. پر مالڪ هن خاندان کي وڏي آزمائش ۾ انهي وقت وجهي ڇڏيو. جڏهن چاچا مظهر لغاري جي وقت کان اڳي اوچتي وفات ٿي. پر سندس باهمت گهر واريءَ همت کان ڪم ورتندي، پنهنجن سمورين مجبورين کي پاسيرو رکندي پنهنجي ٻچن جي تعليم کي جاري رکيو.

ان زماني ۾ گلاب لغاري ۾ صرف پرائمري اسڪول هو. انهي ڪري پنجين درجي کان اڳتي ٻارن کي پڙهائڻ رک جا ڇڏا ڇپاڙڻ برابر هو. هن پنهنجي وڏي پٽ روشن الدين لغاري کي تہ ٽنڊوغلام علي ۾ پڙهڻ لاءِ موڪليو. سندس ٻئي پٽ نظام الدين لغاري جا وري ڀاڳ ڪليا. جو گلاب لغاري جي پر سان، هڪ ڳوٺ صوفي آباد ۾ سنڌ جي هڪ تعليمي گهڻگهري نواب حاجي محمد علي خان لغاري، هڪ برانچ مڊل اسڪول قائم ڪرايو جتي انهي نواب صاحب جي ذاتي زمين هئي. انهي ڪري نظام الدين لغاري کي پنجون درجو پاس ڪرڻ بعد سندس ماءُ پهرين چمبڙ اسڪول ۾ پڙهڻ لاءِ ڇڏيو جتان ڇهون درجو پاس ڪري ستين درجي ۾ اچي اسانجي اسڪول صوفي آباد ۾ اسان جو هم ڪلاسي ٿيو. آئون بہ جيئن تہ انهي نواب صاحب جي هاري جو پٽ هئس ۽ انهي ساڳئي ڳوٺ ۾ ويٺل هئس، انهي ڪري نظام الدين سان ٿوري ئي وقت ۾ اسان جي ٻاراڻي دوستي ٿي ويئي. اٺون ڪلاس پاس ڪرڻ بعد اسان ٻنهي کي غربت سبب اڳتي پڙهڻ لاءِ ڪي بہ وسيلا نہ هئا. پر اسانجو هڪ استاد سائين محمد بخش لغاري، اسانجي غربت ۽ پڙهڻ جي شوق کان متاثر ٿيو هو بدين جي ويجهو هڪ هاءِ اسڪول رپ شريف ۾ پڙهڻ لاءِ مون کي، نظام الدين لغاري ۽ خان محمد لغاري کي داخل ڪرائي آيو. اتي اسان کي هم ڪلاسي هئڻ سان گڏ هاسٽل جي هڪ ڪمري ۾ رهڻ جو موقعو مليو. ائين اسانجي دوستي ڀائپي جي اڻٽٽ رشتي ۾ تبديل ٿي ويئي.

رپ شريف جو هي هاءِ اسڪول لاڙ جي هڪ سخي مرد وڏيري حاجي محمد اشرف ٽيٻي قائم ڪرايو هو جتي غريب شاگردن لاءِ سڀني سهولتن جو بندوبست وڏيري جي طرفان ڪيل هوندو هو. هن سخي مرد هن هاءِ اسڪول ۾ هڪ هاسٽل ۽ بورڊنگ جو سمورو انتظام بلڪل مفت ۾ ڪيو هو. اسان جي زماني ۾ سنڌ جو اهو سخي مرد وفات ڪري چڪو هو پر وڏيري حاجي محمد اشرف ٽيٻي جو لائق پٽ حاجي محمد رحيم ٽيٻو پنهنجي پيءُ جي نقش قدم تي هلندي، اسڪول ۾ پڙهندڙ شاگردن جي سمورين سهولتن جو خيال رکندو هو. اسڪول ۾ شاگردن جي پڙهائي جو سخت انتظام قائم هو. اسان شاگردن تي اسڪول ۽ هاسٽل کان ٻاهر نڪرڻ ۽ گهمڻ ڦرڻ تي سخت پابندي هئي. اسان شاگردن کي اسڪول جي ڪم يا پابندي سان نماز پڙهڻ کانسواءِ ڪو بہ ڪم نہ هوندو هو. هاسٽل جي بورچي خاني لاءِ ويجهڙائي مان ڪاٺيون ڪرڻ جي ذميواري صرف آچر تي موڪل واري واري ڏينهن رکيل هوندي هئي. اسان لاءِ اهو آچر جو ڏينهن عيد وانگر هوندو هو جو اسان کي ڪاٺين جي بهاني آسپاس جو علائقو گهمڻ جو موقعو ملندو هو. انهي ڏينهن اسين ويجهو ئي

وهندڙ ميرواهه ۾ وهنجندا ۽ ڪندروءَ راند به ڪندا هئاسين. باقي ڏينهن اسڪول جي ويجهو هڪ پاٽي جي ڪاڻ ۾ وهنجڻ ۽ پنهنجا ڪپڙا ڌوئڻ جي اجازت هوندي هئي. ائين رپ ۾ ٻه سال گذاري، بدين سينٽر مان مئٽرڪ جو امتحان ڏيئي ڳوٺ پهتاسين. جلد ئي اسان ٻنهي کي ماستري ملي ويئي.

نظام الدين جيڪو اسڪول ۾ پڙهائي جي دوران ڪو ايڏو هوشيار نه هو پر هن محنتي انسان پنهنجي گهر ۾ موجود پنهنجي ڏاڏي ۽ پيءُ جي گڏ ڪيل لائبرري سان ياري رکي ڇڏي. هر هفتي ڊان اخبار جو سنڊي ايڊيشن به پڙهڻ لڳو، ڊڪشنريون به وٺي آيو. ائين هن انگريزي زبان ۾ وڏيڪ چاڻ حاصل ڪري ورتي. مٿان وري اتفاق اهو ٿيو جو اسان کي پي ٽي سي ڪورس لاءِ ٽيچرس ٽريننگ اسڪول منياٽي به گڏ موڪليو ويو جتي وري هڪ سال گڏ هڪ ئي روم ۾ رهڻ جو ٻيهر موقعو مليو. منياٽي ۾ ڪورس دوران اسانجي مورو شهر ۾ سائين راشد مورائي سان دوستي ٿي ويئي. سائين راشد جي دوستي اسان جي زندگي ۾ وڏي تبديلي آندي، اسان نه صرف قومي نظرئي سان هٿياربند ٿياسين، پر سائين جي ايم سيد سان به گڏجي ڀيرين ملاقات ڪري، قومي تحريڪ ۾ شامل ٿياسين. پي ٽي سي ڪورس مڪمل ڪري واپس ڳوٺ اچي، جيئي سنڌ محاذ ۾ جلد ئي شموليت ڪري بدين ضلعي ۾ قومي سجاڳي جي مهم ۾ شامل ٿياسين. هاڻي ته نظام لغاري جي اوطاق قومي جاگرتا جو مرڪز بڻجي ويئي. آئون پڻ روزانو اتي ويجڻ لڳس، هتي نوجوانن ۾ ادبي چاهه پيدا ڪرڻ لاءِ ۽ قومي سجاڳي لاءِ پڻ جڻ هڪ آشرم جڙي ويو هو. سنڌ جا قومي اڳواڻ به اچڻ لڳا، جن ۾ عبد الواحد آريسر، راشد مورائي، سرور سهتو دودو مهيري، محمد راهمون، تاج جويو اڪثر ايندا رهندا هئا.

نظام الدين لغاري کي قومي جاڳرتا سان گڏ اڳتي وڌڻ جو به جڻ جنون هو. سندس پياءُ روشن الدين لغاري جي شماريات کاتي ۾ آفيسر ٿيڻ بعد هن کي به اڳتي وڌي آفيسر ٿيڻ جو شوق پيدا ٿيو. نظام الدين جي بي چين روح کي سک نه آيو هو. هو ڊان اخبار ۾ ايندڙ هر ايڊورٽائيز کي پڙهي درخواستون ڏيندو رهيو. مختلف جاين تي نئين نوڪري لاءِ ڀاڳ آزمائي ڪندو رهيو. آخرڪار اسلام آباد ۾ ڪيس نوڪري ملي ويئي ۽ هو سنڌ کي الوداع ڪري وڃي اسلام آباد ٿانيڪو ٿيو. هن محنتي انسان اتي جي سوشل سماج ۾ به پنهنجي جاءِ جوڙي ورتي. اسلام آباد ۾ هن جو گهر سنڌ جي عاشقن جي لاءِ هڪ آشرم رهيو. هن محنتي ۽ اڻ ورچ انسان 17 گريڊ ۾ نوڪري شروع ڪري 20 گريڊ ۾ ڊائريڪٽر جنرل جي عهدي تي پهچي، نوڪري تان رٽائر ڪيائين. ان بعد هن اسلام آباد ۾ پنهنجو گهر جوڙائي اتي مستقل رهائش

اختيار ڪئي آهي. اسلام آباد هڪ اهڙو شهر آهي، جتي ملڪ جي سياست جون سموريون ڳالهيون ظاهر ظهور پنهنجي اصلي روپ ۾ نظر اينديون آهن. هي سنڌ دوست انسان اتي رهي حالتن تي گهري نظر رکي سياسي ۽ اقتصادي تجزيا ڪندو ۽ لکندو رهندو آهي. انگريزي زبان ۾ سندس ملڪ جي معيشيت جي باري ۾ اقتصادي تجزيا پڙهندڙن جي وڏي رهنمائي ڪندا رهندا آهن. هن جي دل ۾ قومي خدمتن وارو جذبو اجا تائين سلامت آهي. هو سگا جي پليٽ فارم تان اجا بہ پنهنجي منزل عشق تي روان دوان آهي. شال سندس عشق سلامت رهي ۽ هي جيئڻ سان گڏ جاڳندو رهي.

## مشڪور قلڪارو ٽنڊو محمد خان

تاريخ ۽ انسان جو پاڻ ۾ گهاٽو سُٻند رهيو آهي. جڏهن کان حضرت انسان جو وجود ڌرتي محسوس ڪيو تہ تاريخ ان جا پيرا کڻڻ شروع ڪيا. اهو تاريخ ۽ انسان جو نہ ڇڄندڙ ناتو ازل کان ابد تائين قائم ۽ دائم رهڻو آهي. اهو مڃيل اصول آهي تہ موت ۽ ملاقات هميشہ اوچتو ٿيندي آهي. منهنجي سائين نظام الدين لغاري سان بہ هڪ اهڙي ملاقات 1998ع ۾ هڪ سنڌي شام ۾ ٿي، جيڪا شاهہ عبدالطيف ڀٽائي ڪميونيٽي سينٽر ۾ منعقد ٿي هئي. سائين سان سندس دوست مرحوم محمد ابراهيم نظاماڻي پڻ گڏ هو. تعارف ٿيڻ تي معلوم ٿيو تہ سائين جن پلاننگ ڊويزن ۾ ڪم ڪن ٿا. سائين سان وري ٻيهر ملاقات 2001ع ۾ ٿي. جڏهن عالمي بئنڪ سوشل ايڪشن پرگرام تحت اسان جي ٽريننگ جو بندوبست ڪيو هو. ٽريننگ جي آخري ڏينهن سرٽيفڪيٽ ڏيڻ جي تقريب منعقد ٿي هئي تہ سائين نظام الدين لغاري صاحب SAP سيڪريٽريٽ طرفان ان تقريب جي خاص مهمان جي حيثيت ۾ اسان کي سرٽيفڪيٽ ڏنا هئا. ان کان پوءِ اسان جون ملاقاتون ٿينديون رهيون ۽ اسان دوست بنجي وياسين.

گهڻي ويجهڙائپ تڏهن ٿي جڏهن اسان پاڪستان پبلڪ ايڊمنسٽريشن ريسرچ سينٽر (PPARC) اسٽيبلشمينٽ ڊويزن ۾ گڏ ڪم ڪرڻ شروع ڪيو. جيئن تہ نظام الدين لغاري صاحب ڊائريڪٽر جنرل جي حيثيت ۾ منهنجو سينئر بہ هو تہ سڄي آفيس جو انچارج بہ هوندو هو. جڏهن تہ DG جي پوسٽ ڪافي رعب تاب ۽ دٻدٻي واري هئي پر ان دوران هن ڪڏهن بہ خود کي بالا آفيسر محسوس ٿيڻ نہ ڏنو. باقي سرڪاري ڪم ڪار جي معاملي ۾ ڪنهن بہ قسم جي رعايت ڏيڻ جي لاءِ تيار نہ هوندو هو.

سرڪاري قانون ۽ ضابطن تي سختي سان عمل ڪرائڻ تہ آئون هن ڪان سڪيس. هِن جي اچڻ سان ماڻهن جون سالن کان روڪيل مختلف گريڊن ۾ ترقيون ٿيڻ جو سلسلو شروع ٿي ويو. منهنجي خيال ۾ لغاري صاحب پنهنجي دور ۾ ماڻهن جون جيتريون ترقيون ڪيون اوتريون PPARC جي تاريخ ۾ ڪڏهن بہ ڪو نہ ٿيون هيون. پر تين ۽ پروموشنس ۾ لغاري صاحب ڪڏهن بہ پنهنجائپ کي اهميت ڪو نہ ڏني. ميرٽ ڪان هڪ انچ بہ هيٺ مٿي ٿيڻ لاءِ تيار نہ هوندو هو. مالي معاملن ۾ مون کي لڳو تہ سائين سنڌ جي ميمڻن ۽ شيخن جو سيڪاريل آهي. شايد خزاني واري وزارت ۾ گهڻي نوڪري ڪرڻ ڪري سائين تي ان جو ڪافي اثر بہ ٿي سگهيو ٿي. مطلب تہ مالي معاملن ۾ سائين ڪڏهن بہ دنياداري واري اصطلاح ڪان ڪم ڪو نہ ورتو. ماڻهو سرڪاري پئسي تي درياهہ دل ٿيندا آهن، هي منهنجو دوست اڌ بہ ٽپي ڪو نہ سگهندو هو.

نظام الدين لغاري شخصي زندگي ۾ پنهنجو پاڻ نيايو آهي. هن زندگي جو مرتبو سنوارڻ ۾ ايترو تہ پنڌ ڪيو آهي. جو اسان لاءِ هڪ ڪامياب زندگي گذاريندڙ شخص طور مثال آهي. هن گلاب لغاري سنڌ ۾ پنهنجي ملازمت جي شروعات استاد جي مقدس پيشي ڪان ڪئي ۽ وفاقي حڪومت جي اعليٰ عهدي ڊائريڪٽر جنرل تان ريٽائر ڪيائين. جيڪو اسان جي لاءِ ڪاميابي جو هڪ وڏو رهنما اصول آهي. نظام صاحب عام رواجي زندگي ۾ نهايت سادو سودو، سچ ڳالهائيندڙ، رب جي ذات ڪان ڊڄندڙ، پنج وقت نمازي، پر مُلن وانگر پهراڻ ۽ مُرين تائين سٿڻ نہ پائيندڙ ۽ نہ ئي وري نراڙ گسائڻ جو عادي، صفا سچو ۽ کرو ماڻهو. هو سنڌ جي مسئلن تي نوڪري وڃائڻ جي پرواهہ نہ ڪندي سچ لکندو رهيو. جيڪا هڪ بيباڪ ۽ سچي انسان جي نشاني آهي.

رٽائرمينٽ ڪان پوءِ هن وقت هو اسلام آباد جي ٿڌين هوائن ۾ رهي ٿو. منهنجو ذاتي ڪمن سان گڏ سرڪاري ڪمن جي سلسلي ۾ ساڻس رابطو رهي ٿو. منهنجي خيال ۾ هن وٽ ڄاڻ جو وڏو خزانو آهي، جنهن ڪان گهٽ ۾ گهٽ آئون لاڀ حاصل ڪندو رهندو آهيان. ڏٽي در دعا آهي تہ سائين لغاري صاحب کي خدا وڏي ڄمار ڏي. هو سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن ۽ انهن جي اهنجن جي نشاندهي لاءِ سدائين لکندو رهي. (آمين)

**عبدالمجيد نائچ،**
**ڊائريڪٽر،PPARC اسلام آباد**

سائين نظام الدين لغاري صاحب، منهنجا ماما ۽ آئون سندس ننڍي ۽ اڪيلي ڀيڻ جو اڪيلو پٽ آهيان، جنهن کي خاندان ۾ سندس دوست هجڻ جو شرف حاصل آهي. آئون سندس گهڻو ويجهو رهيو آهيان. مون سندس زندگي کي هميشه رنگين ئي ڏٺو آهي. (رنگين کي ڪير غلط پاسي نه وٺي وڃي). پاڻ لکڻ پڙهڻ، گهمڻ ڦرڻ ۽ ماڳ مڪان ڏسڻ جا شوقين، ادبي ۽ موسيقي جون محفلون اٽينڊ ڪرڻ سندس ڪمزوري رهندي آئي آهي. ايستائين جو اسان جي خاندان جي شادين ۾ وڏو يت يا دعوت هجي نه هجي، پر راڳ رنگ جي محفل ضرور رچائيندي آهي. اسان ننڍن جي ذاتي ۽ عملي زندگي ۾ سندس ڪردار سدائين اهم رهيو آهي. پاڻ پنهنجي راءِ ڪڏهن به مڙهيندا نه آهن. ها البت پنهنجي ڳالهه جي حق ۾ ننڍا وڏا هزار ڪن دليل ڏيندا ويندا آهن. ڳالهه جي هر پاسي کي نوٽ ڪرائيندا پر وري به پنهنجو فيصلو مڙهيندا نه آهن. منهنجي ذاتي توڙي عملي زندگي جي هر مسئلي لاءِ سندس تجويزون ۽ تجربو منهنجي هر مشڪل راهه آسان ڪندو وڃي. انتهائي پر خلوص، سچا، کرا ۽ سڌا ماڻهو هر ڪنهن جو ڀلو چاهيندڙ پر ڪنهن کي به ترئيءَ تي بهشت رکي ڪو نه ڏيندا. ها رستو سڌو ٻڌائي ڇڏيندا، راهه لائيندا. باقي شارٽ ڪٽ جا هميشه مخالف رهيا آهن. مون وٽس سٺي انسان جي يا پڙهڻ لکڻ واري نوجوان جي تمام گهڻي عزت ڏٺي آهي. ايتريقدر جو ساڻس گڏ اٿڻ ويهڻ کان به نه ڪيٻائيندا، وڏ ننڍائي جون سڀ وڇوٽيون ۽ حدون ختم. سيني سان هڪ جهڙو. اسان ڏٺي در دعاگو آهيون ته هي جيڪو پنهنجي قد بت کان وڌا ٿهڪ ڏيندڙ ماڻهو آهي سو هميشه خوش رهي ۽ سندس شفقت ڀريو هٿ سدائين اسان مٿان رهي، ته جيئن آئون ذاتي طور ساڻس گڏ سنڌ ۽ دنيا گهمندو ۽ ڏسندو رهان. آمين.

## زبير احمد لغاري، گلاب لغاري
## پلاننگ آفيسر، هيلٿ ڊپارٽمينٽ، حيدرآباد

سنڌ جا ڪيترائي ڳوٺ ۽ انهن ڳوٺن ۾ رهندڙ ڪيترين ئي شخصيتون ۽ ڪردار جن ۾ زندگي گذارڻ جا پنهنجا طور طريقا ڪنهن پڙهيل ڳڙهيل عالم فاضل کان ڪنهن به طرح گهٽ نه هئا. جيڪڏهن انهن انمول شخصيتن ۽ ڪردارن کي ڪير قلم بند ڪرڻ وارو نه ملي ته هوند اهي ڳوٺن کي رونق بخشيندڙ اڻلڀ هستيون تاريخ جي صفحي تان هميشه جي لاءِ ميسار جي وڃن ٿيون. بقول پير حسام الدين راشدي جي ته ”سنڌي ادب جي سرجڻ

۾ جيڪو ڪردار سنڌ جي ڳوٺن ۾ ڀهراڙين جو رهيو آهي اهو شهرن جو ناهي رهيو. ”

چاچا نظام الدين لغاري پاران لکيل هي ڪتاب نہ صرف سنڌي ادب ۾ اضافو آهي پر پاڻ انهي دور جي وقت ۾ حالتن کي ڪمال ڪاريگري سان قلم جي نوڪ وسيلي ڪاغذ تي نقش بہ ڪري ڇڏيائين. پاڻ سائين راشد مورائيءَ جي انهي قول تي بہ پورو لهن ٿا تہ “سنڌ جي هر پڙهيل ڳڙهيل سنڌي کي گهٽ ۾ گهٽ پنهنجي علائقي متعلق يا پنهنجي پاڻ بابت ضرور لکڻ گهرجي. ” جيئن ان علائقي جي وسريل ۽ وڪريل ورقن بابت ڪا ڄاڻ حاصل ٿي سگهي. چاچا سائين جيڪي اسان جي لاءِ والد جي حيثت رکن ٿا، اسان کي ڳوٺ مان آڻي اسلام آباد جهڙي شهر ۾ تعليم ڏياري . ڪڏهن ڪڏهن سوچيان ٿو تہ جيڪڏهن اهو خيال چاچا کي نہ اچي ها تہ هوند اسان جي ڪشتي سِير جي سَٽن مان نڪري ڪڏهن بہ ڪناري ڪونہ لڳي ها.

## انجنيئر وقاص احمد لغاري. گلاب لغاري

### منهنجو بابا سائين

منهنجي زندگي کي سنوارڻ ۾ ان کي سنئين راهہ تي آڻڻ بابا سائين جي ئي ڪاوشن ۾ محنتن جو نتيجو آهي. اڄ ڪلين شيو ٿي جين ۾ جوگر پائي هلڻ جو فن پڻ ڪانئس سکيس. آئون جڏهن ست درجا سنڌ مان پاس ڪري اسلام آباد پڙهڻ آيس تہ سنڌي لکڻ پڙهڻ کان سواءِ مون کي ڪجهہ بہ ڪو نہ ايندو هو. ايتريقدر جو داخلا ٽيسٽ ۾ آئون صرف حسابن جي پيپر ۾ پاس ٿيو هوس. بابا سائين جي ڪوشش سان داخلا تہ ملي ويئي، پر منهنجي لاءِ اهو هڪ چيلينج هو جو هڪ سنڌي ميڊيم جو پڙهيل ٻار هتي انگريزي ميڊيم ۾ ڪيئن هلي سگهي. بابا سائين جي همٿائڻ سان مون محنت ڪرڻ شروع ڪئي ۽ اٺين ڪلاس ۾ پوري ڪلاس ۾ ٽئين پوزيشن ڪنيم. جيئن اهو پڙهائي جو سلسلو شروع ٿيو تہ قائد اعظم يونيورسٽي جي ڪيميسٽري ڊپارٽمينٽ مان فرسٽ ڪلاس ماسٽرس ڪرڻ تي اچي ختم ٿيو

منهنجي بابا سائين سان گهڻي ويجهڙائپ رهي آهي ۽ هڪ دوست وارو ناتو رهيو آهي. اهو تہ آئون مٿي لکي آيو آهيان تہ تعليم جا پهريان ست درجا آئون ڳوٺ پڙهيس. انهي دوران بابا جڏهن بہ اسلام آباد مان ڳوٺ ايندو هو تہ آئون انهي ڏينهن اسڪول ڪو نہ ويندو هوس ۽ بي صبري مان ڳوٺ جي بس اسٽينڊ تي بابا جو انتظار ويٺو ڪندو هوس. ايتريقدر جو اهو سڄو ڏينهن

گهر ماني کائڻ ڪو نہ ويندو هوس. اها مشهور چوٽي آهي تہ " اولاد هميشہ پنهنجي پيءُ کان سکي ٿو جيڪو ان جي سوچ ۾ شامل هوندو آهي اهو ئي ان جي اولاد ۾ منتقل ٿيندو آهي. ”جيئن تہ منهنجو بابا ڪتابن سان تمام گهڻو پيار ڪري ٿو. گهر ۾ ڪتابن جو چڱو خاصو ذخيرو موجود آهي, تنهنڪري ڪتابن پڙهڻ جو شوق منهنجي جينز ۾ شامل ٿي ويو آهي. بابا سائين جي ادبي ۽ سوشل لڳ لاڳاپن سان چاهہ جي ڪري آئون پڻ انهي رستي تي هلڻ جهڙو ٿي پيو آهيان.

بابا ٻڌائيندو آهي تہ سنڌ ۾ هُن جا ميمڻ دوست رهيا آهن, تنهنڪري سرڪاري شين تي اهڙي ڪنجوس پائي ڪندو هو. “ جهڙو نانگ ناٽي تي وينو هجي. ” جيتوڻيڪ بابا سرڪاري طور وڏي عهدي تي رهيو پر اسان ڪڏهن بہ سرڪاري گاڏي استعمال نہ ڪئي. ايتريقدر جو هڪ پنو فوٽو اسٽيٽ بہ اسان بازار مان پئسن سان ڪرائيندا هئاسين. منهنجي دعا آهي تہ مون تي بابا سائين جو شفقت جو هٿ هميشہ دائم ۽ قائم رهي.

**افراز نظام لغاري WAPDA اسلام آباد**

**پورو ٿيو.**

## ضميمو نمبر 2

## ڪوٽا سسٽم: سنڌ ۽ پاڪستان

هن ضميمي ۾ گذريل 40 سالن ( 1973 ع کان سن 2013ع )اندر وقت بوقت ٿيندڙ مرڪزي ملازمن جي “هر ٿي سال ڳٽپ بابت ٿيندڙ تبديلين جو ذڪر آهي. پاڪستان جي آئين 1973ع جي مطابق نافذ ٿيل ڪوٽا سسٽم پهرين 20 سالن لاءِ بعد ۾ ٻه دفعا 5 سال ۽ 15 سالن تائين وڌايو ويو. جنهن جو هاڻي 2013 ع ۾ مدو ختم ٿي ويو آهي. پر جيئن ته انتظامي حڪم نافذ آهن ۽ ٻيا آرڊر نه ٿيا آهن، ان ڪري 1973ع وارو ڪوٽا سسٽم تا حال نافذ عمل آهي . غالبن مرڪزي وزارت سال ٻه اڳ ان کي جاري رکڻ جي منظوري ڏيئي چڪي آهي پر آئيني ترميم اجا نه ٿي سگهي آهي. اهو پيپلز پارٽي جو زمانو هو جڏهن ڪوٽا سسٽم جي معياد ختم ٿي هئي، پر بدقسمتي سان هن پارٽي ان سلسلي ۾ ڪو تحرڪ ڪو نه ورتو.

مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو ته ڪوٽا سسٽم جي نفاذ وقت سنڌ جي حصي مان سنڌ جي ٻهراڙي سان تعلق رکندڙ آفيسرن جو تعداد صرف 12 سيڪڙو هو جڏهن ته 88 سيڪڙو آفيسرن جو تعلق سنڌ جي شهري علائقن سان هو. جڏهن ته اهو ترتيبوار 60 ۽ 40 سيڪڙو هئڻ گهربو هو. اُن وقت پاڪستان جي مرڪزي سرڪار ۾ ڪل ملازمن جو تعداد 87000 هو انهن ۾ 28000 هزار يعني 32 سيڪڙو سنڌ سان تعلق رکندڙ ملازم هئا . جڏهن ته 1973 جي آئين جي مطابق اهو 19 سيڪڙو ڪوٽا هئڻ گهربو هو. انهن 28000 هزار ملازمن ۾ 24000 هزار ملازمن جو تعلق سنڌ جي شهري علائقن سان هو جڏهن ته سنڌ ٻهراڙي سان تعلق رکندڙ ملازمن جو تعداد صرف 4000 هزار هوندو هو. ان جو مکيو سبب اهو هو ته 1970 ع تائين مرڪزي سرڪار جي ادارن جو وڏو تعداد ڪراچي ۾ واقع هو.تنهنڪري انهن ماڻهن جي انهن ادارن ۾ هڪ هٽي قائم رهي. جڏهن دارالحڪومت اسلام آباد ۽ راولپنڊي ۾ منتقل ٿيو ته ان ۾ واضح تبديليون ڏسڻ ۾ آيون. تڏهن به سنڌ ٻهراڙي پنهنجو حصو وٺڻ ۾ ناڪام رهي. جڏهن ته سنڌ شهري علائقن جا ماڻهو پنهنجي ڪوٽا کان وڌيڪ نوڪريون وٺندا رهيا.

فيڊرل گورنمينٽ جي ملازمن جي 15 آدمشماري (12_2009 ع ) مطابق ( سنڌ جي 100 سيڪڙو ورڇ مان ) گزيٽيڊ عملدارن ۾ سنڌ رورل بجاءِ 60 سيڪڙو ڪوٽا جي 54 سيڪڙو تي پهتي. ان جي مقابلي ۾ شهري سنڌ جي ماڻهن جو ريشو 46 سيڪڙو رهيو. ٻين لفظن ۾ ائين چئي سگهجي ٿو ته

سنڌ شهري ماڻهن جو تعداد سنڌ ڀهراڙي جي ماڻهن کان وڌيڪ رهيو. ان کان سواءِ ننڍين نوڪرين ۾ پڻ ساڳيو حال رهيو. البت پاڪستان ليول تي وڏو ڏڪ لڳو ۽ جملي 4 لک 11 هزار نوڪرين مان سنڌ کي صرف 49 هزار نوڪريون مليون. في سيڪڙي جي حساب سان اهو ٿيو 12 سيڪڙو. جڏهن مقرر نوڪرين جي ڪوٽا مطابق انهي جو حصو 19 سيڪڙو هئڻ ڪپندو هو. حاصل مطلب تہ مرڪزي سرڪار ۾ سنڌين جي نمائندگي جي ڪوٽ اجا تائين برقرار آهي، جيڪا 1947ع کان وٺي هلندي اچي ٿي.

خود مختيار ۽ نيم خود مختيار مرڪزي ادارن ۾ تقريبن 30 سالن جا انگ اکر ٻڌائين ٿا تہ انهن ادارن ۾ پڻ سنڌ شهري ۽ سنڌ ڀهراڙي جو تناسب جيڪو 88 ۽ 12 سيڪڙو سو ڪوٽا سسٽم لاڳو ٿيڻ بعد 30 سالن ۾ سڌري 58 ۽ 42 سيڪڙو تي اچي پهتو آهي. پر اجا بہ 1973ع جي آئين جي مطابق 40 ۽ 60 کان گهٽ گهٽ آهي. سنڌ جي شهري علائقن جي ماڻهن کي 1947 ع کان وٺي اڄ تائين برتري حاصل آهي.

پاڪستان سطح تي 1983ع ۾ سنڌ جو جملي حصو 28 سيڪڙو رهيو جيڪو مقرر ڪوٽا کان 19 سيڪڙو کان ڏيڍوڻون رهيو. پر اها برتري صرف اربن سنڌ جي ڪري آئي هئي. جنهن جو حصو 7.4 سيڪڙو مان وڌي 21.8 سيڪڙو رڪارڊ ڪيو ويو. ٻئي پاسي سنڌ رورل 11.4 سيڪڙو مان گهٽجي صرف 6.6 سيڪڙو تي اچي بيٺي. سن 2012 ع ۾ صورتحال ۾ ڪجهہ بهتري نظر آئي. جڏهن سنڌ رورل جو حصو 10.2 سيڪڙو رهيو ۽ سنڌ اربن جو حصو گهٽجي 13 سيڪڙو تي اچي بيٺو. انهي هوندي بہ سنڌ ڀهراڙي جو حصو مقرر ڪوٽا کان گهٽ ۽ سنڌ شهري جي ڪوٽا اڃان بہ وڌيڪ آهي.

هي سڄو معاملو وڌيڪ چٽو چارٽ ۽ ريسرچ گهري ٿو. ان لاءِ نظام کي گذارش ڪندس تہ آئندهہ انهي سڄي مانداڻ جي گذريل 45 سالن ۾ 1973 کان 2017ع تائين جيڪي ڪجهہ ٿيو واپريو انهي تي الڳ ڪتاب لکي. جيئن عام ماڻهن کي خبر پوي تہ نوڪرين ۾ اسان سان ڪٿي ڪٿي زيادتي ٿئي ٿي.

# سنڌ سلامت

## www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊيجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو ڪيو آهي ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ مشاهدن کي ڪي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن جن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي پر اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو ڀورو ساٿ نڀائيندا.

### سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book